ہتھیں ہتھکڑول

طارق اشرف

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورھ· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

هٿين هٿ ڪڙول

(جيل جي ڊائري)

طارق اشرف

ناري پبلڪيشنس
حيدرآباد سنڌ
۱۹۸۵ع

(حق ۾ واسطا ليکڪ جا)

ڇاپو: پهريون
ڇپجڻ جو سال: (مارچ) ١٩٨٥ع
ڳاڻيٽو: ٢ هزار
ڇپائيندڙ: نذير ناز، پاران ناري پبليڪيشنس
حيدرآباد سنڌ
ڇپيندڙ: مهٽي پرنٽرز، الهند و ڪڇو،
حيدرآباد سنڌ
لکپڙهه جي ائڊريس:
پوسٽ باڪس نمبر ١٥
حيدرآباد، سنڌ
قيمت: ٤٠ــــ٠٠

Hathen Hath Karol (Prisoner's Diary)
By: Tariq Ashraf
Publishers: Nazir Naz

ٻرڪ ليکڪ

محمد ابراهيم جويو

۽ پنهنجي پياري پاڻهي

اورنگزيب مغل

جي نالي .

Soorih Mirani

ڇپائيندڙ ڀاران ٻه اکر

هي ٻه اکر لکندي ڀؤ ٿو ٿئي تہ متان ڀُل چُڪ ۾ ليکڪ جو نالو نہ لکي ويهان. ڇو جو ليکڪ جو چوڻ آ تہ: توهان پنهنجي ’ناري پبليڪيشن‘ جي باري ۾ جيڪو وڻي سو لکو، پر منهنجي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ لکو.

سبب پڇيو مانس:

چيائين: مان پسند نہ ڪندو آهيان تہ ڪو منهنجي ڪتاب ۾، منهنجي تعريف ڪري. تنهنڪري منهنجو نالو بہ لکجو.

هاڻي ڪير ليکڪ کان پڇي تہ: توهان کي اِها خوش فهمي ڇو آهي، تہ مان توهان جي تعريف ڪندس. موکي ڪهڙي ڪُتي ڪئي آ، جو مان تنهنجو نالو وٺي پيو تعريف ڪيان.

حقيقت ۾ تعريف ڪرڻ يا خوشامند جي معاملي ۾ مان پاڻ بہ ڪنجوس آهيان. الائي ڇو؟ ڪنهن جي ٻہ ساراہ نہ ڪري سگهندي آهيان، خاص ڪري اهڙي ليکڪ جي، جنهن جي اڌ حياتي جيل ۾، ۽ اڌ حياتي جيل تي ڊائري لکندي گذري هجي.

ڀلا انهيءَ لاءِ مان ڇا لکان؟ جنهن کي سڀ ڪو ڄاڻي سڃاڻي، ۽ حقيقت ۾ ’ناري پبليڪيشن‘ بہ انهيءَ حوالي سان سڃاتي ويندي آ. هاڻي جنهن کي سڀ ڪو سڃاڻي، جنهن جا دوست گهٽ دشمن گهڻا هجن. تنهن جي تعريف ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي. ها، باقي ايترو لکڻ بنا نٿي رهي سگهان، تہ انهيءَ

ليکڪ جون ڪهاڻيون، جيل جون ڊائريون، خط، سهڻي ۽ سهڻي پبليڪيشنس جا ڪتاب پڙهي، مونکي هوش سان گڏ جوش به آيو ۽ مان سنڌي ادبي دنيا ۾ آيس، ۽ 'ناري پبليڪيشن' جو بنياد پيو.

منهنجو حوصلو ڏسو ۽ مونکي داد ڏيو، ته مون 'ناريءَ' ايڏو ٿلهو متارو ڪتاب ڇپرايو آهي. 'ناري پبليڪيشن' جو هي ٻارهون ڪتاب آهي. ۽ اهو ڪتاب پڙهي، توهان کي احساس ٿيندو ته 'ناري' طرفان اسان کي بهترين ڪتاب مليو آهي. هيءُ ڪتاب ڇا آهي. هڪ تاريخ آهي.

'ناري پبليڪيشن' جو ٻارهون ڪتاب 'جهرڪا' هوندو. جو 'ناري' جو سالگره نمبر پڻ هوندو.

جيئن ته مان اڳئي عرض ڪري چڪي آهيان، ته 'ناري پبليڪيشن' هڪ اشاعتي ادارو آهي، هن اداري جو ڪم آهي وقت ۾ وقت سنڌي ادب کي معياري ڪتاب ڏيڻ.

انهيءَ سلسلي ۾ مان ڪيتري ڪامياب ٿي آهيان، انهيءَ لاءِ توهان جي راءِ جو انتظار رهندو.

— نذير ناز

پنھنجي طرفان...

مان ھڪ ليکڪ آھيان، سنڌي ليکڪ، جنھن کي ڇھه دفعا گرفتار ڪيو ويو آھي.

آخر ڇو؟

ڇا مون ڪا چوري ڪئي آھي، يا ڪو ٻيو اخلاقي جرم؟ يا مان ڪو غنڊو آھيان جو ايترا دفعا گرفتار ڪيو ويو آھيان، ۽ جيل موڪليو ويو آھيان.

نه، مون ڪوبه اخلاقي جرم نه ڪيو آھي، منھنجو ڏوھه فقط اھو آھي ته ڪيترن ٻين ليکڪن وانگر مون به سچ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آھي، يا سچ چيو آھي. اسان وٽ ڪيترين ئي حڪومتن آيون ۽ ويون، ڪيترا وڏا وڏا وعدا ڪيا ويا، پر لکڻ جي آزادي ڪنھن به ڪالھ ڏني.

اڪثر حاڪم چوندا آھن ته: اسين جائز تنقيد پسند ڪريون ٿا پر جائز ڪھڙي تنقيد آھي، ڪھڙي ڳالھه آھي؟ انھيءَ جو فيصلو ڪير ڪري؟ ظاھر آھي، حاڪم جائز فقط انھيءَ کي سمجھندا، جنڪا سندن مفاد وٽان ھوندي، حاڪم جي ۽ ليکڪ جي سوچ ساڳي ته نه ھوندي. ليکڪ پڙھيل عوام جي ڳالھه ڪندو، جيڪا به غلط ڳالھه ڏسندو ۽ محسوس ڪندو، اھا لکندو. ليکڪ جي ذھن تي پابندي نه نئي وجھي سگھجي.

دنيا جي ھر ليکڪ جو اھو بنيادي حق آھي ته ھو جيڪو ڪجھه ڏسي ۽ محسوس ڪري، اھو لکي. مون به ليکڪن جي انھيءَ حق کي سدائين استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. ڳالھه اھا ڪانھي ته ليکڪن کي سندس لکڻين جي ڪري جيل ۾ ئو آماڻجي. ظاھر آھي، ليکڪ پنھنجو ڪم ڪندو، حاڪم ۽ حڪومتون پنھنجو. اعتراض انھيءَ تي آھي ته، اھو

ڇو ٿو ڇنجي ته: اسين وڏي دل سان تنقيد ٻڌون ٿا، ۽ پسند ڪريون ٿا. ڇو ته ليکڪ جڏهن انهيءَ ڳالهه تي پنهنجي حق جي ڳالهه لکن ٿا ته: انهن کي جيل اماڻجي ٿو. ڏسڻ اهو گهرجي ته ليکڪن کي سندن لکڻين تي گرفتار ڪري، جيل اماڻڻ سان ڇا ملڪ جا مسئلا حل ٿي وڃن ٿا؟ حقيقت اِها آهي ته، نه ٿيا آهن، نه ٿيندا. ڇاڪاڻ ته ليکڪ جن برائين ڏانهن، جن حق تلفين خلاف لکن ٿا، آهي ته پنهنجي جاءِ تي موجود هونديون آهن، فقط ليکڪن کي ئي جيل موڪلجي ٿو. ليکڪ جڏهن به جيل مان ٻاهر ايندو، پنهنجي ڌرتيءَ تي، پنهنجي معاشري ۾ پنهنجي ارد گرد آهي برايون موجود ڏسندو ته هو وري به انهن جي خلاف قلم کڻندو، ڇاڪاڻ ته اِهو هنجي فرض ۾ شامل آهي.

ليکڪ جيڪو ڏسي ۽ محسوس ڪري ٿو، سندس پڙهندڙ به، سندس لکڻين ذريعي آها ڳالهه محسوس ڪن ٿا. پر جڏهن انهن مسئلن کي حل ڪرڻ، ۽ همدرديءَ سان غور ڪرڻ جي بدران، فقط ليکڪ کي ئي جيل ۾ بند ڪجي ٿو، تڏهن انهيءَ زيادتيءَ تي پڙهندڙ ڇا سوچيندا هوندا؟ ـــ ڪڏهن ڪنهن انهيءَ ڳالهه تي به سوچيو آهي؟

ليکڪ، جن جي هٿن ۾ قلم هوندا آهن، انهن هٿن ۾ جڏهن هٿڪڙيون هڻبيون ته پوءِ انهن قلمن مان ڇا نڪرندو؟

مان مڃان ٿو ته اهڙا ليکڪ به هوندا آهن، جيڪي هميشه 'هر حڪومت' جو ساٿ ڏيندا آهن. آهي پئسن، انعامن،عهدن ۽ وقتي شهرت کي ئي ادب جو معراج سمجهندا آهن. ۽ آهي پڙهندڙن جي آڏو اچڻ بدران، حاڪمن جون حاضريون ڀريندا آهن. پر هنن جون به ڪي مجبوريون، هنن کان اهڙا ڪم ڪرائينديون هونديون. پر هر دؤر ۾ اهڙن ليکڪن جي ڪوٽ به نه آهي، جن سچ کي نه ڇڏيو، پنهنجي اصولن کي نه ڇڏيو. جنکي وقتي شهرت

۽ ٻين کان وڌيڪ پنهنجا ماڻهو، پنهنجي ٻولي، پنهنجا اصول ۽ سچ وڻندو رهيو آهي.

هر ليکڪ هٿڪڙين ۽ جيلن کان ڊڄي، قلم ته نه ڦٽو ڪندو، نه ئي قلم وڪڻندو. ڇو ته اهڙو به وقت ايندو، جڏهن نه هن لاءِ جيل هوندا، نه حڪومتون، نه ئي انعام اڪرام ۽ عهدا - ڇو ته هڪ ڏينهن دنيا ۾ هو نه، فقط هن جي قلم مان نڪتل لکڻيون رهنديون. گهڻن کي رڳو پنهنجي اڄ مان ئي پيار آهي، هنن جي لاءِ سڀ ڪجهه 'اڄ' ئي آهي، پر ڪي ليکڪ ڪي پنهنجي اڄ کان وڌيڪ سچائي سان پيار آهي. ۽ سان به چاهيان ٿو ته منهنجو شمار ٻوڻين ۾ ٿئي. ڇو ته سچائي کي دائمي حيثيت حاصل آهي.

هن ڪتاب ۾ 'شمس' به ٻاڪي پانيوار آهي، ڇاڪاڻ ته سندس خط به ڪتاب ۾ شامل آهن. حقيقت ۾ هنجا ڪيترا خط، منهنجي خطن کان وڌيڪ طويل هئا، پر مون آهي حصا الڳ ڪري ڇڏيا. (پنهنجي خطن مان پڻ)، جن ۾ فقط گهرو ڳالهيون يا نج ذاتي ڳالهيون هيون.

— طارق اشرف

٢٧-١١-١٩٨٣ع

ڊيئر شمس

اسلام عليڪم.

اميد ته ٺيڪ هوندين ۽ . هن وقت رات جا ڏهه ڪن ٿيا آهن. هينئر هينئر دانيال شاهه سربيڪيس تي ۽ بسڪٽ ڏيئي ويو آهي. ننڍ جون ڳوريون به آنديون هئائين، پر آهي مون واپس موڪليون، ڇاڪاڻ ته مقصود اڳ ۾ ڏئي وڃي ڏيئي ويو آهي. شام جو عمر قاضي ۽ ولي رام ولڀ آيا هئا، ڪجهه دير ڳالهيون ڪري موڪلائي ويا. ڪافي دير اڳ ادا ظهير، ۽ سندس هڪ دوست به آيو هو. هنن جي وچ ڪانپوءِ مقصود ۽ شوڪت به آيا هئا. ادا ٽيپو سلطان به آيو هو. لاڪ آپ جي جمعدار ڪي پارت ڪري ويو هو ته: هيءُ منهنجو مائٽ آهي، سندس خيال رکجانءِ. منهنجي اچڻ ڪري جمعدار جي چڱي ڪمائي ٿئي پئي، جيڪو ٿي آيو، هن کان ڏهه روپيا ٿي وڙتائين ته اهو اسانجو حق آهي.

لاڪ آپ جي هن ڪوليءَ ۾ بلب ڪونهي، مان در جي ڀرسان ويٺو لکان، اوندهه ۾ ڪجهه ڏسڻ ۾ ته اچي ڪونه ٿو، بس لکندو پيو وڃان، اهو به ڊپ اٿم ته ڪٿي اکرن جي مٿان ٻئي اکر نه لکندو وڃان.

سموري حقيقت ٿو لکان ته جيئن توکي خبر پئي ته ٿيو ڇا.

انهيءَ مان ٻہ فائدہ آهن، هڪ تہ توکي ذري پرزاي جي خبر پئجي ويندي تہ ڇا ڇا ۽ ڪيئن ڪيئن ٿيو. بس ائين ڪٿي سمجهہ تہ تون مون سان گڏو گڏ آهين. ۽ ٻيو تون بہ مونکي گهر جي هڪ هڪ ڳالهہ، ذرو پرزو لکي موڪلجانءِ. اهڙيءَ طرح مان بہ ٻاڪي تو سان ٿي ٻاٿيندس.

مان ٻهريون ڀيرو ١٩٧٤ع ۾ گرفتار ٿيو هوس. ساڳي سنڌي ٿاڻي وارن گرفتار ڪيو، جن هن دفعي گرفتار ڪيو آهي. تڏهن هڪ مهينو ارڙهن ڏينهن گرفتار هوس ۽ مونکي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ رکيو هئائون. پوءِ ضمانت تي آزاد ٿيس. پر منهنجي جيل جي ڊائريءَ جون اڃا ڪجهہ ٿي قسطون ماهوار سهڻيءَ ۾ ڇپيون هيون، جو مئي ١٩٧٥ع ۾ سهڻيءَ تي پابندي پئجي ويئي، پريس اگ ۾ سيل ۽ پوءِ ضبط ٿي ويئي.

ساڳي سال مونکي ڪراچيءَ مان گرفتار ڪيو ويو. حيدرآباد جي سنڌي ٿاڻي جو انسپيڪٽر شفيع محمد سومرو مونکي ڪراچيءَ مان حيدرآباد سنڌي ٿاڻي تي وٺي آيو ۽ پوءِ حيدرآباد سينٽرل جيل اماڻيو ويو. مونکي تڏهين جي هوم سيڪريٽري محمد خان جوڻيجي اهو چورايو هو تہ: توکي گهٽ ۾ گهٽ ويهہ سال جيل ۾ وهاربو. مون سوچيو هو تہ: ويهہ سال نہ تہ بہ ڇهہ ست سال تہ جيل ۾ رهڻو پوندو، تنهنڪري مون لکڻ جي رفتار تيز ري رکي، ڇو تہ وقت گهڻو پيو هو، ۽ مونکي تڪڙ ڪانہ هئي.

پر مونکي فقط پاويهن مهينن کانپوءِ ئي آزادي ملي ويئي. انهن پاويهن مهينن ۾ مون جيڪو ڪجهه لکيو، اهو پنجن ڪتابن جي صورت ۾ ڇپيو. هر ڪتاب ٻن کن سؤ صفحن جو هو، يعني هڪ هزار صفحا. پنج ڪتاب يا هزار صفحا عام حالتن ۾ ته گهٽ ڪونهن، پر جيل، جتي واند ڪائي ئي واندڪائي هئي، مونکي انهيءَ کان گهٽو وڌيڪ لکڻ گهربو هو. تنهنڪري هن دفعي سوچيو اٿم ته تمام تيزيءَ سان، گهٽي ۾ گهٽو لکندس. مٿان ٻاهر نڪري پوءِ افسوس ٿيم ته: اندر لکڻ جو موقعو وڃايم. جڏهن ته ٻاهر ڇهن سالن ۾ فقط ڇتيهه صفحا (آتم ڪهاڻيءَ جا) لکيا اٿم.

هاڻ پورو قصو ٻڌ (پڙهه):

۲۶- نومبر ۱۹۸۳ع تي ٻنپهرن جو پاڻ واري الطاف (جيڪو پاڻڪي، بلوچ، سيد، لنگهو ۽ خاصخيلي چوندو آهي) اچي مونکي ٻڌايو ته: ”ستي ٽاڻي جي غلام مصطفيٰ رند سب انسپيڪٽر، اوهانجي پڇا پئي ڪئي، پر اوهان پريس تي ڪونه هئا.“ چيومانس: ”نه، مان ته پريس تي ئي هوس.“ پر پوءِ ياد پيم ته مان پنهنجي پاڻتي اورنگزيب سان ملڻ، سندس گهر ويو هوس. شايد انهيءَ وچ ۾ سب انسپيڪٽر پڇا ڪري ويو هو.

حيران ٿيس ته وري ڇو سب انسپيڪٽر پڇا ڪرڻ آيو. نارسنائي واري ڪيس ۾ (۱) ته مان ضامن تي آهيان. اڃا صبح

(۱) ۹ آگسٽ ۸۳ع تي انهيءَ ڪيس ۾ گرفتار ٿيو هوس، ۱۱ آگسٽ تي ضامن تي آزاد ٿيس.

جو نه پريس جو مشين مين اقبال سڻي تائي تي وڏي منشيءَ وٽان ٽي آيو هو (رجسٽر ڇپرايون، ۽ پورا پئسا به نه ڏنائون)، جيڪڏهن ڪا به ڳالهه هجي ها نه پوليس سائس ٺي ڳڏيو اچي ها.
انهيءَ وقت پريس ۾ مون وٽ زيب سنڌيءَ ادل سومرو به ويٺل هئا، هنن پڇيو:
”سائين، خير نه آهي؟“
”ڇئي نٿو سگهان،“ چيم، ”نه ڄاڻ وري ڪهڙي مصيبت آهي.“

مان پريشان بنهه ڪونه ٿيس، شام تائين پريس تي ويٺو رهيس، ۽ روز جا ڪم باقاعدگيءَ سان ڪندو رهيس، شام جو ڊاڪٽر مبارڪ ۽ فريد صاحب آيا. ٻئي ڄڻا مون تي مهربان آهن، ۽ اڪثر ايندا رهندا آهن. ڳالهين ٺي ڳالهين ۾ ڪلي ڇيومان،
”اڄ وري پوليس منهنجي ٻچا ڪرڻ آئي هئي.“
”اڙي! وري ڇو؟“ ٻنهي حيرت ۽ همدرديءَ وچان پڇيو.
”ٿي سگهي ٿو وري ضرورت پئي هجين.“
”پر ڪجهه مهينائي نه ٿيا آهن اوهانکي آزاد ٿئي. وري ڇا ٿيو؟“ هنن پڇيو.
”خبر نه، ڪلي ورائي ڏنم. في الحال نه ڪجهه ڇئي نٿو سگهان. سپاڻي جمعو آهي، پرهينءَ پتو لڳائيندس. ڇو ٻيا پڇا ڪن.“
ڪافي دير هنن سان ڳالهيون ٻولهيون ٿيندي پون رهيون، ۽

پوءِ هو موڪلائي ويا. هنن جي اٺن ڪلاڪن مان مغل جي گهر ويس. اورنگزيب جا ڪچا امتحان هلي رهيا آهن، تنهنڪري پڙهائيءَ ۾ مشغول هو، مون وٽ به اچڪلهه گهٽ ايندو آهي. پر انهيءَ ڏينهن چيائين ته: چاچا، مونکي هلي بيلٽ وٺي ڏيو. مان کيس ڪافي دڪانن تي وٺي ويس، پر کيس ڪو بيلٽ ئي نه وڻيو، نيٺ بندوق والا سپر اسٽور تي هڪڙو بيلٽ وٺيس، پر اهو بيلٽ وڏو هوس، تنهنڪري ٻيهي دفعي گهولهڻ جو سوچي اسٽور مان نڪري آياسين، صدر ۾ هئاسين تنهنڪري اورنگزيب چيو ته: ”وڊيو گيم تي وٺي هلو.“

مان کيس سندس وڻندڙ وڊيو گيم جي دوڪان 'سنڌ وڊيو' تي وٺي ويس، ۽ پوءِ جڏهن وڊيو گيم تان موٽياسين ته اورنگزيب کي گهر ڇڏيم ۽ مان پريس تان چڪر لڳائي گهر موٽي آيس.

جڏهن گهر پهتس ته منهنجي ذهن مان سب انسپيڪٽر جي اچڻ واري ڳالهه نڪري چڪي هئي، رات جو ٽي. وي‌ءَ تي انگريزي فلم Island of terror ڏٺم، ۽ سڪون سان سمهي رهيس.

ٻيو ڏينهن جمعي جو هو. ادل سومرو، ذوالفقار سيال ۽ زيب سنڌيءَ کي مون وٽ اچڻو هو. ٺيڪ ٻارنهين وڳي زيب ۽ ادل آيا. ساڍي ٻارنهين وڳي سيال پهتو. پوءِ اسان فلم ڏٺي ۽ هنن جي وڃڻ کانپوءِ باقي سڄو ڏينهن مان گهر

۽ ٿي رهيس ۽ ڏينهن سمهڻ، پڙهڻ ۽ دوسان ڳالهائڻ ۾ گذريو. رات ڪجهه دير دانيال ۽ ادي وارن سان لڊيو راند ڪيم. منهنجو راند ڪرڻ ته توکي وڻي ڪونه. اڳ ۾ دانيال سان چيس ڪندو هوس ته تو آها ماڳهين لڪائي ڇڏي.
ٻئي ڏينهن ناز واري ڪيس ۾ A.C.M سٺيءَ جي ڪورٽ ۾ شنوائي هئي، اڳ ۾ ٻريس تي ويس. ۽ پوءِ اوچتو ياد پيم ته ڪلهه سب انسپيڪٽر منهنجي پڇا ڪرڻ آيو هو. تنهنڪري مدد علي سنڌيءَ وٽ سنڌ نيوز جي آفيس ويس (انهن ڏينهن ۾ تازو مدد ايڊيٽر مان ترقي ڪري 'جوائنٽ ايڊيٽر' ٿيو هو!) مدد کي ٻڌايم ته ”خميس جي ڏينهن پوليس منهنجي پڇا ڪرڻ ٻريس تي آئي هئي، تون سٺي ٿاڻي تان پڇا ڪر ته آهي ڇا.“ مدد چيو: ”منهنجو ڪرائم رپورٽر اچي، ته هنکي چوان ٿو ته پڇا ڪري.“
آئندي چيومانس: ”مدد، مُستي نه ڪجان. مان ڪورٽ وڃي رهيو آهيان، موٽي اچان ته ٻريس تي مسيج ضرور موڪجان.“
هن هائوڪار ڪئي. مان آئيس ته ايٽري ۾ ولي رام صاحب جو ڪلارڪ عنايت به آيو ۽ آرسيءَ جو نئون شمارو ڏنائين. مان آرسي کڻي ڪورٽ پهتس. تاج (سرشتيدار) هميشه وانگر عزت سان مليو ۽ ويهڻ لاءِ ڪرسي ڏنائين. مون کيس سب انسپيڪٽر جي اچڻ جي ڳالهه ٻڌائي ۽ چيومانس ته: ”ٿاڻي تان فون ڪري پڇا ڪري ته ڳالهه ڇا آهي.“
تاج فون ڪري وڏي منشي ستار کان پڇيو، هن ٻڌايو ته:

”طارق جو ناز سنائي وارو ڪيس سي - آء - اي ۾ ويل آهي، انهيءَ جي ڪاغذ ڇڏا ڪري آهي. طارق کي ٿاڻي تي موڪل.“

تاج موڪلي چيو، ”اوهان پلي ٿاڻي تان ٿي اچو.“

چيو مانس، ”ٺيڪ آهي، مان وڃان ٿو. پر ائين نه ٿئي ته پڌ ن.“

ڪجهه سوچي تاج چيو، ”پوليس تي ڀروسو ڪونهي. ٺيڪ آهي اوهين في الحال نه وڃو، مان اڄ پڇا ڪري اوهانکي فون ڪندس. پوءِ اوهين وڃجو.“

مان پريس تي موٽي آيس ۽ پوءِ ادا ٽيپوءَ کي فون ڪيم. پر فون نه لڳي. اورنگزيب اچي ويو هو، ڪجهه دير سائنس ڪچهري ڪيم، ۽ پوءِ والي زام وٺ ويس. آتي ظفر حسن به ويٺو هو. مون پنهي کي آرسيءَ جي نئين پرچي نڪرڻ جي مبارڪ ڏني. آتان ٿي ادا ٽيپوءَ کي فون ڪيم. پر ادا ٽيپو آفيس مان نڪري چڪو هو.

مون ظفر حسن کي سموري ڳالهه ٻڌائي. هن چيو، ”سي - آء - اي جو انسپيڪٽر مونکي ڏاڍي عزت ڏيندو آهي. مان سائنس ملندس.“

چيومان، ”سائين، سستي نه ڪجو. ائين نه ٿئي ته اوهانکي ڳالهه ياد نه رهي ۽ مان پڌ جي وڃان.“

ظفر کلي چيو، ”نه سائين، دلجاءِ رکو، اوهانکي پڌ جهڙ نه ڏينداسين.“

مان هتان مونکلائي پريس تي، ويس ۽ رات ڏاڍين پريس

تي ڏي ڪم ڪندو رهيس. رات جو جڏهن گهر آيس ته تو ڪان ڀريون سوال اهو ڏي ڪيو هوم ته: ”منهنجي لاءِ فون ته ڪانه آئي هئي.“ سونکي تاج جي فون جو انتظار هو. پر تو ٻڌايو ته: ”اڄ ته سڄي ڏينهن ۾ ڪنهنجي به ڪال نه آئي آهي.“

انهيءَ وقت گڏو (محمد حنيف) به گهر ويٺو هو، کيس چيم ته: ”ادا ٽيپوءَ کي ٻڌائي ته پوليس وري ٻئي منهنجي پڇا ڪري، سياڻي ٽائي تان خبر لهي ته آهي ڇا.“

ٻئي ڏينهن يعني ٢٧ نومبر تي مان پريس تي پهتس ته، ٿوريئي دير ڪانپوءِ ادا ٽيپو آيو. اچي ٻڌايائين ته: مان سٽي ٽائي تان ٿيو پيو اچان. وڏي منشي ستار ٻڌايو اهي ته: ڪاٻه ڳالهه ڪانهي. نه ٿي طارق اشرف تي ڪو نئون ڪيس ٿيو آهي. اسان جيڪي رجسٽر سنڌس پريس مان ڇپرايا هئا، انهن لاءِ پي طارق جي پڇا ڪئيسين.

ادا ٽيپوءَ جي ويٺي ٿي به ماڻهو، هڪ سانورو ڊگهو ۽ هڪڙو بندرو آيا، مان ڏسندي ئي سمجهي ويس ته پوليس وارا آهن. پوليس وارن جو رويو اهڙو هوندو آهي يا سندن شڪل اهڙي هوندي آهي جو يڪدم سڃاڻڻ ۾ اچيو وڃن، ادا ٽيپوءَ جا به آهي سڃاڻو هئا.

خبر پئي ته غلام مصطفيٰ رند اهو ئي آهي، جيڪو منهنجي پڇا ڪرڻ اڳ به آيو هو. ادا ٽيپو پڇيو، ”خير ته آهي. مان هيڊ ڪوارٽر سٽي ٽائي، تان پڇي آيو آهيان. طارق، تي ڪو

ڪيس ته ڪونهي."

غلام مصطفيٰ رند چيو، "نه سائين، ڪيس به ڪونهي. طارق صاحب جي پريس ۾ رسول بخش پليجي جو ڪتاب 'صبوح ٿيندو' ڇپيو آهي. انهيءَ جي پڇا ڪرڻي آهي. سڀني ٿاڻي جو انسپيڪٽر غلام محمد ڀٽو صاحب، (١) طارق صاحب جو دوست آهي، سو تنهن چيو آهي ته: طارق صاحب کي وٺي آ ته پڇا ڪريون."

مون چيومانس، "مون ته اهڙو ڪتاب ويجهڙائيءَ ۾ ڇپيو ڪونهي."

رند چيو، "پيپر ٿاڻي تي پيا آهن. اوهين هلي ڀٽي صاحب سان ملي وٺو، هو اوهانجو انتظار ڪري رهيو آهي."

مون ادا ٽيپوءَ کي چيو، "ادا، اوهين ڀلي هلو. مان ٿاڻي تان ٿي تو اچان، ڀٽو صاحب دوست آهي، فڪر جي ڳالهه ڪانهي."

ادا ٽيپو ويندي وقت چيو ته: "ٿاڻي تان موٽي اچو ته مونکي فون تي ٻڌائجو. منهنجي بدلي سانگهڙ ٿي آهي. مان سڀاڻي هليو ويندس."

ادا ٽيپو ويو ته مان هنن ٻنهين سان (ٻئي سادن ڪپڙن ۾ هئا)

---

(١) غلام محمد ڀٽي سان ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي هڪ دوست يوسف خلجي ملايو هو، جيڪو سنڌس دوست به آهي ۽ جيڪب آباد کان منهنجي لاءِ آيو هو. هن ڀٽي کي منهنجي پارت ڪئي هئي. ڀٽي منهنجي لاءِ ڪيس تسلي ڏني هئي ۽ اسانجي دعوت پڻ ڪئي هئي.

پنڌ سٺي ٿاڦي ويس، رند مونکي انسپيڪٽر جي آفيس ۾ آڻي ويهاريو. انسپيڪٽر پاڻ ڪونه هو. رند مونکي ڪتاب ڏيکاريو. مان حيران ٿي ويس. اهو ڪتاب فيبروري ١٩٧٤ع ۾ منهنجي پريس ۾ ڇپيو هو. تڏهن نه هيءَ موجوده حڪومت هئي، نه مارشل لا هو، نه سينسر هو ۽ نه ئي ڪو هن ڪتاب تي انهيءَ وقت ڪيس ٿيو هو.

جڏهن مون اها ڳالهه مصطفيٰ رند کي ٻڌائي ته هو به حيران ٿيو (ظاهر ته هن اهو ئي ڪيو). ڇاڪاڻ ته بقول سندس، ڪيس به انهيءَ ڳالهه جو پتو ڪونه هو ته ڪو هيءُ ڪتاب ١٩٧٤ع ۾ ڇپيو هو. مان سمجهان ٿو ته در اصل مون تي ڪيس ڪرڻ وقت هنن به پتو آٿلائي امپرنٽ نه ڏٺي هئي ته ڪتاب ڇپيو ڪڏهن آهي.

مصطفيٰ رند مونکان بيان ورتو. مون ٻڌايو مانس ته: هيءُ ڪتاب برابر منهنجي پريس ۾ ڇپيو آهي، پر تڏهن نه هيءَ حڪومت هئي، نه مارشل لا، نه ئي هن ڪتاب تي انهيءَ وقت ۾ ڪو ڪيس داخل ٿيو هو.

ٿوري دير کانپوءِ غلام محمد پتو صاحب به آيو، ڏاڍي ڏِرت سان مليو، پر ڪجهه ڦڪو ڦڪو به ٿيو پئي، جو ڪجهه ڏينهن اڳ يوسف خلجيءَ کي چيو هئائين ته: طارق منهنجو دوست آهي. اوهان هن جو فڪر ئي نه ڪريو. (۽ انهن ئي ڏينهن ۾ مون تي انڪوائري به ڪيائين پئي.) هن چيو: "شاهه صاحب مونکي ڏاڍو افسوس آهي، مون اوهانکي ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ڪيترا ماڻهو ملايم، پر بند ئي رهيو.

انهيءَ ڏينهن اوهان سان مليو هوس ته ڏاڍو ڦڪو پي ٽيس. پر مان به لاچار آهيان. ڇا ڪريان. ڪيمپ مارشل لا جو آهي. ۽ مونکان گهڙيءَ گهڙيءَ پي پڇا ڪيائون ته: ”اڃا طارق اشرف کي گرفتار ڇو نه ڪيو اٿوَ.“

سونکي گرفتاريءَ تي افسوس نه ٿيندو آهي. افسوس ٿيندو اٿم، پوليس وارن جي ڪوڙ تي. جڏهن به گرفتار ڪرڻ آيا، ڪڏهن به سچ نه ڳالهايون. ڪجهه مهينا اڳ ساجد علي شاهه سب انسپيڪٽر (ناز سنائي واري ڪيس ۾) آيو ۽ اچي چيائين، اوهانکي ڊي-ايس-پي سٽي ٿاڻي تي سڏايو آهي. مون چيومانس: ”سچ ڳالهه ڪٿي ڪريو ته گرفتار ڪرڻ آيا آهيون. مان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪونه ڪندس.“ چيائين، ”نه نه، گرفتار ڪرڻ آيائي ڪونه آهيون، فقط ڊي-ايس-پي سان ملي هليا وڃو.“

پر آيو گرفتار ڪرڻ ٿي هو. هن دفعي مصطفيٰ رند به اهوئي چيو ته: اوهانجي دوست غلام محمدئي سڏيو آهي. انهيءَ کان اڳ ٧٤ع ۾ جيڪو شاهه صاحب سب انسپيڪٽر گرفتار ڪرڻ آيو هو، هن به اهوئي چيو هو ته: گرفتار ڪونه ٻيا ڪريون. فقط ڪم سان ٿاڻي تي سڏيو اٿن.

رند مونکان بيان وٺي، ڪيس رجسٽر ڪري ڇڏيو. هاڻ مان گرفتار هوس، مون پهرين مغل جي گهر فون ڪئي، ٻاپي ٻڌايو ته مغل ميٽنگ ۾ ويو آهي. مان هينئر ماڻهو موڪلي کيس مئسيج موڪليان ٿي. مون سوچيو پي ته في الحال توکي خبر نه پوي، ڇو ته چاهيم ٿي ته تون

ڪيتري بهادر آهين. پر مان هاڻ مجبور هوس، ڪنهن نه ڪنهن کي ته اطلاع ڏيڻو هو. نيٺ گهر فون ڪيم، دل ۾ دعا پي گهريم ته خدا ڪري مقصود يا پيو ڪو فون کڻي، تون نه کڻين. پر جڏهن فون ڪيم ته خبر پئي فون تو ئي کنيو آهي. هميشه وانگر تنهنجي هيلو جي موٽ ۾ ”ها“ چيم. تو پڇيو، ”ڪئان، ادا مغل جي گهران فون پيو ڪرين.“ پاڻ تي پورو ڪنٽرول ڪري ڪوڙ ڳالهايم:

”ها.“

”خير؟“ تو پڇيو.

”ها سڀ خير آهي. ادا ظهير آهي؟“

”ها آهي، پر خير ته آهي.“ تون حيران هئين ته مان اڄ ظهير جي پڇا ڇو پيو ڪريان.

”ها، ڪم اٿم.“

”پر هو ته هاڻ ستو آهي. رات ڪنهن دوست جي شاديءَ تي ويل هو، سڄي رات جاڳيو آهي.“

”اٿارينس.“ مون جواب ڏنو.

شايد ادا ظهير جي فون تي اچڻ ۾ ڪي منٽ لڳا هوندا، پر مونکي اهو وقت ورهين جي برابر لڳو. جڏهن پئي پاسي ادا ظهير فون تي ڳالهايو ته سمجهي ويس ته هو اجا به پوريءَ طرح سجاڳ نه ٿيو آهي، مون کيس چيو، ”سان طارق پيو ڳالهايان. اوهان سجاڳ ته آهيو نه؟“

چيائين، ”ها ادا، اوهان حڪم ڪريو.“

چيم، ”جيڪا ڳالهه چوان ٿو اها ورجائجو نه. ۽ نه ئي

في الحال شمسه کي نه ٻڌائجو، هوءَ ڪمزور دل جي آهي،
پوءِ ته ياڻهي ٻڌو پئجي ويندو. مان گرفتار ٿي ويو آهيان،
۽ هن وقت سٽي ٿاڻي تي آهيان. اوهين يڪدم اچو."
"ها ادا، مان هينئر ئي ٿو پهچان."

ڪجهه ئي دير ۾، اڳ ادا ظهير ۽ پوءِ مغل پهتا، مغل، پٺي
سان ڳالهايو ۽ مون وارو فائيل ڏٺائين. جڏهن فائيل پڙهائين
ته حيران ٿي ويو. پٺي کي چيائين: "اوهان طارق کي هرويرو
ٻڌو آهي. هي ليٽر ڏسو، جيڪو هوم ڊپارٽمينٽ سنڌ وٽان
اوهانکي آيو آهي. هن ۾ لکيل آهي ته: ٨٧ع ۾ سردار
پريس ۾ 'صبوح ٿيندو' ڪتاب ڇپيو آهي، اوهان انهيءَ تي
ائڪشن ڪٿو. اوهان کين جواب ڏنو ته: اسان کي اوهان
ڪتاب نه موڪليو آهي، آهو موڪليو. هنن اوهانکي لکيو
آهي ته: ڪتاب اسان اوهانکي موڪليو آهي، جيڪڏهن
اوهانکي نه پهتو آهي ته اوهان پاڻ هٿ ڪريو. ۽ پوءِ شايد
اوهانکي ٨٧ع جي بدران ٨٧ واري ڇاپو هٿ آيو آهي،
جيڪو هن جي پريس ۾ ڇپيو هو، ۽ اوهان ڪٿي هن همراهه
کي ٻڌي ورتو."
غلام محمد پٺي پاڻ به ڪاغذ پڙهيا ۽ چيائين، "في الحال
ته ڪيس مارشل جو آهي، تنهنڪري اسين ڪجهه نٿا
ڪري سگهون، پلي ڪورٽ ۾ هلي، پوءِ ڏسبو."
ڪجهه دير ڪانپوءِ مغل موڪلائي اٿيو ۽ چيائين، "مان
ڏسان ٿو، اوهان لاءِ جيڪو پڄي سگهيو، ڪندس."

مغل جي وچڻ ڪانپوءِ حبيب مشين مين ۽ دانيال شاهه آيا.
حبيب کي پريس جو سورو ڪم سمجهايم ۽ دانيال شاهه کي
گهرج جون شيون آڻڻ لاءِ چيم. ايتري ۾ ادا ٽيپو به اچي
ويو. هو حيران هو ته ڪائنس به منهنجي ڪيس جو لڪايو
ويو هو. حالانڪ هو پاڻ به سب انسپيڪٽر پوليس هو. پٽي
صاحب به ٽي دفعا چانهن لاءِ چيو، پر مان چانهن تمام گهٽ
پيان ۽ هفتي کن کان طبيعت خراب هئي، ڏنهنڪري انڪار
ڪيم، دراصل اڄ ته مون پريس وچڻ به نه پي چاهيو، پر
زيب سنڌيءَ جي ڪتاب جي ڪري وچڻو پيو هوم، جو
چاهيم ٿي ته ڏنل وقت اندر سنڌس ڪتاب پورو ٿي وڃي،
تاڻي ۾ ويٺو هوس ته ڏاڍا پي چڪر آيا. هڪ آلسر جي
تڪليف، پيو ڪرنگهي ۾ سور. اصل ائين ٿي لڳو ته اجهو
ٿو ڪرسيءَ تان ڪران. پر ڪنهن کي ڪجهه نه ٻڌايم ته،
متان سمجهن ته گرفتاريءَ کان ڊنو آهي. گردن ۾ خرابيءَ
ڪري پيشاب به ڏاڍو لڳو هو، پر انهيءَ لاءِ به نٿي چيم ته
متان انسپيڪٽر اهو سوچي ته: پڇي نه وڃي.
پر جڏهن پيشاب روڪڻ وس ۾ نه رهيو ته چيومانس: ”ڪو
پوليس وارو ساڻ ڏيو ته پيشاب ڪري اچان.“ انسپيڪٽر
پٽي پوليس وارو ساڻ ڏنو، هن نالي ڏيکاريندي چيو ته:
”هتي ڪري وٺو.“
مان نماز پڙهان يا نه، پر بنا پاڻيءَ جي پيشاب ڪونه ڪريان.
جيتوڻيڪ ڊاڪٽر جي تاڪيد ڪيل آهي ته پيشاب اصل
نه روڪجو، پر ڪٿي پاڻي نه هوندو ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ

پيشاب روڪيو ويٺو هوندو آهيان. ھتي ڪلاڪن کان، پيشاب روڪيو ويٺو هوس، هاڻ ته نرا اصل ڦاٽا ٿي، ۽ وري قيدي هوس، تنهنڪري مجبوري جي تحت بنا پاڻيءَ جي ٿي پيشاب ڪرڻو پيو.

ڪلاڪن کانپوءِ وري پيشاب لڳو، ڪجهه دير ته روڪيم، پر جڏهن ڏٺم ته هاڻ روڪڻ وس ۾ ڪونهي ته انسپيڪٽر کي چيم. هن چيو: "پوليس واري جي هلڻ جي ضرورت ڪانهي، اوهين وڃي پيشاب ڪري اچو." مان سندس آفيس کان ٻاهر نڪتس، آها ناليءَ، جتي پيشاب ڪرڻو هو، سا انسپيڪٽر جي آفيس ٻاهران آوير طرف، پاسي ۾ ٿي هئي. مان ناليءَ ڏانهن ويس ته ڏٺم ساڳيو پوليس وارو به ٻرپاڻ اچي بيٺو هو. سمجهي ورتم ته اهو منهنجي سار لاءِ موڪليو ويو آهي.

مان وري اچي انسپيڪٽر جي آفيس ۾ ويٺس. هڪ سب انسپيڪٽر اچي انسپيڪٽر کي ٻڌايو ته: سب انسپيڪٽر يعقوب چرس ۽ آفيم پڪڙي آهي. ڪجهه دير کانپوءِ هڪڙو سب انسپيڪٽر ٻه ٿيلهيون کڻي آيو، ۽ اچي ٻڌائين ته هڪ ۾ چرس آهي ۽ ٻئيءَ ۾ آفيم. انسپيڪٽر هڪ ٿيلهيءَ مان ٻه ٽي پڙيون ڪڍي پنهنجي ميز جي خاني ۾ وڌيون ۽ سب انسپيڪٽر کي چيائين: "باقي کڻي وڃ."

سب انسپيڪٽر "يس سر" چئي ٿيلهيون کڻي آفيس مان نڪري ويو.

جڏهن منهنجي طبيعت وڌيڪ خراب ٿيڻ لڳي ته مون ڊا!

ٽيپوءَ کي چيو، ”ادا، منهنجي طبيعت ٺيڪ ڪانهي. مان وڏيڪ دير ڪرسيءَ تي ويهي نٿو سگهان، هنن کي چئو ته مونکي لاڪ اپ ۾ موڪلين.“

ادا ٽيپو چيو، ”هيءَ ته اوهانجي سهوليت خاطر اوهانکي هتي ويهاري ويٺا آهن.“

چيم، ”هنن جي مهرباني، پر مان ويهي نه ٿيو سگهان. ڀلي لاڪ اپ تي وٺي هلو. گهٽ ۾ گهٽ مان آتي ليٽي ته سگهندس.“

ادا ٽيپو سب انسپيڪٽر مصطفيٰ رند کي چيو ته: ”طارق صاحب کي اوهان پاڻ سان گڏ لاڪ اپ تي وٺي وڃو ۽ لاڪ اپ جي جمعدار کي پارت ڪري ڇڏيو ته هنکي سٺي ڪوليءَ ۾ رکن ۽ ڪا تڪليف نه ڏين.“ پاڻ رات جو انين وڳي اڇڻ جو چئي موڪلائي ويو.

مصطفيٰ رند مونکي چيو: ”سائين هلو.“ مان انسپيڪٽر ٻئي سان هٿ ملائي، سنڌس آفيس مان نڪتس، ننڍي ڪارپڊار مان تي ورانڊي ۾ آيس، ۽ پوءِ در ڪان نڪري لاڪ اپ ڏانهن هلڻ لڳس. ٻاهر وڻ جي هيٺان ظهير، سنڌس هڪ دوست ۽ دانيال شاهه ويٺا هئا. موٽر سائيڪل تي منهنجو هٿ رکيو هو، ۽ دانيال منهنجي بيگ کنيو بيٺو هو. مونکي ڏسي وڌي آيا. ظهير منهنجو هٿ کنيو ۽ دانيال بيگ کڻي ساڻ هليا. ٿاڻي جو ڪمپائونڊ لتاڙي لاڪ اپ ڏانهن وڃڻ لڳاسين. ساڳيو ڇا تل سڄاڻل رستو هو. اڇا ڪجهه مهينا اڳ ۹. آگسٽ تي گرفتار ٿي انهيءَ رستي تان لنگهيو

ھوس، فرق فقط اھو ھو تہ تڏھن گرفتار ساجد علي شاھ سب انسپيڪٽر ڪيو ھو، ھن کي بہ ادا ٽيپوءَ پارٽ ڪئي ھئي. تہ: لاڪ آپ جمعدار کي چئو تہ طارق جو خيال رکي. ۽ ھو مون سان گڏ ھليو ھو. ۽ اج رند گڏ ھو تڏھن مقصود گڏ ھو ۽ اج سندس وڏو ڀاءُ ظھير گڏ ھو.
ٽاڻي ڪان لاڪ آپ ڏانھن ويندي چوڪي گھٽيءَ جو ٿورو حصو بہ نظر ايندو آھي. گھران روز اتائين لنگھي پريس ويندو آھيان. اتي جيڪي بہ دڪاندار آھن، انھن مان مون کي ڪوبہ ڪونہ سڃاڻي، پر مونکي ائين لڳو تہ اھي سيئي مونکي سڃاڻين ٿا ۽ ھڪ ٻئي کي چئي رھيا آھن تہ: ڏسو اھو طارق اشرف، جيڪو روز ھتان لنگھندو آھي، اج ڪيس پوليس گرفتار ڪري وٺيو پئي وڃي. نہ ڄاڻ ڇو مون جلديءَ سان منھن ٻئي پاسي ڪري ورتو، ائين، ڄڻ ڪو مونکي سڃاڻي نہ وٺي.
گھٽيءَ جو موڙ پورو ٿيو تہ سامھون لاڪ آپ جي ڪولين جي قطار ھئي. پراڻيون گندريون ۽ اونداھيون ڪوليون. انھيءَ لاڪ آپ جي ھڪ ڪوليءَ ۾ ٩- آگسٽ ۽ ڏھين آگسٽ تي رھي چڪو آھيان. ١٩٧٤ع ۾ جڏھن ٻھريون دفعو گرفتار ٿيو ھوس، تڏھن بہ انھيءَ لاڪ آپ جي ھڪ ڪوليءَ ۾ رکيو ھئائون. ١٩٧٦ع ۾ جڏھن سکر سينٽرل جيل تان، حيدرآباد ھڪ ڪيس لاءِ پولس آندو ھو، تڏھن بہ اتي ئي، ھڪ ڪوليءَ ۾ بند ڪيو ھئائون.
مونکي جيل ڪان ايتري گھبراھٽ نہ ٿيندي آھي، جھڙي

هن لاڪ آپ جي ڪولين ڪان، لاڪ آپ جي انهن ڪولين جي تصور ڪان ئي وجود ڏڪيو ٿي ويو، پر ڇا ڪجي، في الحال رهڻو ته اتي ئي هو.
رند، لاڪ آپ جي جمعدار کي جيڪو سنڌي هو، چيو: "شاهه صاحب جي پارٽي اٿئي، عزت دار ماڻهو آهي، عادي ڏوهاري ڪونهي. مڙيئي سياست ۾ جهلجي آيو آهي. ڪنهن خالي ڪوليءَ ۾ رکينس."
جمعدار ٻڌايو ته، "خالي ڪولي ته ڪابه ڪانهي. البت هڪ ڪوليءَ ۾ ٻه قيدي آهن، انهن سان رکانس ٿو." رند موٽي ويو.
۹- آگسٽ تي مونکي جنهن ڪوليءَ ۾ رکيو هئائون، انهيءَ ۾ سانگهڙ جا ٻه نوجوان بند هئا. هنن سان به ڏينهن رهيو هوس. هنن منهنجي ڏاڍي عزت ڪئي ۽ ڏاڍو خيال رکيو هئائون. اهي ٻئي نوجوان اجان پوريل هئا. مونکي ڏنائون ته وني رڙيون ڪيائون. مان وچي سائن مليس. مون کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، ڇاڪاڻ ته هڪ ڇاڪل سڄاتل چهرو ڏٺو هئائون. انهن سان گڏ شفيع چند ريگر به رهيل هو، جيڪو سٺي ڪاليج ۾، بي- اي فائينل ۾ منهنجو ڪلاس فيلو رهي چڪو هو. جيتوڻيڪ مون سان دعا سلام گهٽ هئس، پر منهنجي تمام گهڻن دوستن جو دوست هو. مون تي ماڻهو اهڙا ڏٺا آهن، جن جا تمام گهڻا دوست آهن. مون کي جيڪڏهن ڪو چوندو آهي ته: منهنجو هڪ ميمڻ دوست آهي ته مان يڪدم ڪائنس پڇندو آهيان: 'نذير ميمڻ ته ڪونهي.' هو حيران ٿي چوندو آهي 'ها اهو ئي آهي.'

جيڪڏهن ڪو مونکي چوندو آهي: 'حيدرآباد ميونسپل ۾ منهنجو هڪ سڄاڻو آهي.' ته مان چوندو آهيان: 'اهو دوست محمد هوندو.' ۽ جواب 'ها' ۾ ملندو آهي، تهڙيءَ ئي طرح شفيع به سڄي جهان جو دوست آهي.

سانگهڙ وارن همراهن زور رکيو ته: "اسان سان رهو." پر جمعدار چيو، "نه رند صاحب چٺي ڏيو آهي ته مختيارڪار سان گڏ رکوس."

دراصل مون پاڻ به هنن سان رهڻ نه پئي گهريو. ڪڏهن دفعي هنن منهنجي ڏاڍي عزت ڪئي، پر هنن سان رهي آرام سان ماٺهو سمهي نٿي سگهيو. ڇو ته هو رات جا دير تائين پيا جاڳندا ۽ ڳالهائيندا هئا، زور زور سان ٽيپ رڪارڊ وڄائيندا هئا.

مونکي انهيءَ ڪوليءَ ۾ وچي بند ڪيائون، جنهن ۾ هڪ اسسٽنٽ مختيارڪار ۽ هڪ 'ڀڳوڙو' فوجي هو. مون هنڌ وڇايو، ۽ بريف ڪيس پاسي ۾ رکي ويهي رهيس، ظهير، سندس دوست ۽ دانيال وري اچڻ جو چئي موڪلائي ويا. اسسٽنٽ مختيارڪار مون کان حال احوال ورتا ۽ پاڻ ٻڌائين ته، پاڻ گولاڙچيءَ مان گرفتار ٿي آيو آهي. زڪوات جا پئسا وقت تي جمع نه ڪرايا هئائين.

پر اخبار ۾ لکيل هو ته: هن ڏهن هزارن جي چيڪ ڏيڻ تي هڪ هزار روپيا رشوت ٿي ورتي.

مان ٿڪل هوس، ۽ طبيعت به ٺيڪ نه هئي، تنهنڪري ليٽي پيس. مختيارڪار صاحب منهنجون آندل اخبارون پڙهڻ

لڳو.
منهنجو اچڻ اسسٽنٽ مختيارڪار لاءِ سڀاڳو ثابت ٿيو. شام تائين هن جو ضامن ٿي ويو. آزاد ٿيڻ جو ٻڌي، هن مون کان ورتل اخبارون منهنجي منهن تي ڦٽيون ڪيون، ۽ ڀڳوڙي فوجي جي مدد سان پنهنجا هٿ تيز ٻڌڻ لڳو ۽ جيئن ئي ليٽر ڀيٽس، اڏ گابرو ملي، ڪوليءَ مان وٺي ڀڳو.
مونکي ننڊ ته آئي ڪونه پئي. مان ڪوليءَ جو جائزو وٺڻ لڳس. ڀتيون انتهائي ميريون ۽ گنديون هيون سڄي ڇت چارن سان ڀريل هئي ۽ سگريٽ جي پنيءَ سان ڏاهيل ڪپ (Cup) چنبڙيا پيا هئا. ننڍڙو ڪاڪوس اندر ڍڪيل هو، جنهن کي ايتري ننڍي پٽ هئي جو وهجي ته ڪلهن تائين ويٺل ڏسجي. ڏپ ايڏي هئي، جو ساهه ٿي نڪتو.
ڪوليءَ ۾ بلب ڪونه هو، سياري جو سچ هو، جهٽ لهي ويو. تنهنڪري ڪوليءَ ۾ جلدي اونداهه ٿي وئي.
دانيال شاهه سڄو ڏينهن ايندو رهيو، ادا ظهير ۽ شوڪت به ڪي ئي چڪر هنيا. شام جو ئي دانيال ماني ڏئي ويو. منهنجي ته ماني کائڻ تي دل نه پئي ٿي، پر هن چيو: ”مون چيو آهي ته: ماني ضرور کارائجان، پنهنجي جو به ڪانه ڪاڏي اٿس.“ تنهنڪري ٻه ٽي گره کاڌم باقي ماني ڀڳوڙي فوجي امتياز نيازيءَ کي ڏنم.
امتياز ٻڌايو ته: ”مان فوج ۾ هوس، ماءُ بيمار هئي، موڪل گهريم، نه ملي ته بنا موڪل جي هليو ويس. مائٽ ڪراچي ۾ اٿم. مائٽن کي ٻڌايو ته موڪل تي آيو آهيان. ڪجهه

وقت آتي رهي فوج ۾ واپس وڃڻ جو چئي حيدرآباد هليو آيس. پر هتي ڪجهه وقت ڪانپور اسٽيشن تي پڌجي پيس. هاڻ پارنهن ڏينهن کان هتي لاڪ اپ ۾ آهيان. ڪنهن به مائٽ کي انهيءَ جي خبر ڪانهي. پوءِ ٻڌايائين ته: اسانجي هڪ بس آهي، جيڪا ڪراچي ۽ حيدرآباد هلندي آهي.
”منهنجو وڏو ڀاءُ هلائيندو آهي.“ پوءِ وري مونکان پڇيائين: ڀلا آهو رستو ڏيکو آهي، جتان ڪراچيءَ مان اينديون ويندڙ بسون هلنديون آهن. ٻڌايو مانس ته: ”رستو ٺٽي جي ٻاهران ٿي ته آهي.“
”هاڻ هتي منهنجي يونٽ کي لکيو آهي، آهي اڃي مونکي آتي وٺي ويندا. ۽ پوءِ آهي جيڪا سزا ڏين.“
مان هنڌ تي ليٽيو پيو هوس. ۽ امتياز پنهنجو قصو ٻڌائي رهيو هو. قصو ٻڌائڻ کانپوءِ امتياز مونکي چيو: ”اوهان ٺڪل هوندا، مان اوهانکي زور ڏيان.“
چيم، ”نه، تنهنجي مهرباني، مونکي زور وٺڻ جي عادت ڪانهي.“
رات جو ڪافي دير سان منصور ۽ شوڪت به آيا. مان کوليءَ ۾ هوس ۽ هو ٻئي سيخن جي ٻئي پاسي ورانڊي ۾ پٽ تي ويهي رهيا ۽ اسين ڳالهيون ٻوليون ڪرڻ لڳاسين. اوچتو امتياز وٺي رڙ ڪئي. پڇيوسين: ”ڇا ٿيو؟“ چيائين: ”هتي سوپيري آهي.“ مون وٺي ٽپ ڏنو. مونکي سوپيريءَ کان ڊپ لڳي. شڪل ئي اهڙي ڀوائتي اٿس. پنهنجي گهر ۾، مٿي باٿ روم ۾ هڪ دفعي سوپيري ڏٺي هئم ته هفتو

ڪن انهيءَ باٿ روم ۾ نه ويندو هوس. اڌيءَ رات جو پيشاب ڪرڻو هوندو هوم ته به اٿي اچي هيٺين باٿ روم ۾ ڪندو هوس. چار سال اڳ ڊرائنگ روم ۾ سوپيري ڏٺي هئم، ماري به مون. پر انهيءَ ڏينهن کان اڄ تائين، ڊرائنگ ۾ جڏهن به وڃي سمهان، چرڪ پون.

تنهنڪري سوپيريءَ جو پڌري آئي بيهي رهيس. ڪوليءَ ۾ بلب ته هو ڪونه جو ڪجهه ڏسي سگهجي. اونداهه ۾ مون کي هر طرف سوپيري پئي نظر آئي. شوڪت کان ماچيس ورتي، تيلي ٻاري انهيءَ جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳاسين. پر پٽ تي منهنجو هنڌ وڇايل هو، نيازي ٽڏيءَ تي ستل هو، ۽ هڪ قاتل رلهي هئس، هاڻ ڪيئن خبر پوي ته سوپيري ويٺي ڪيڏانهن. هڪ دفعي مون تيلي ٻاري ته نيازي وٺي رڙ ڪئي، ”او اما.“ وٺي جتيءَ سان، زور زور سان ڪٽيائين. جڏهن مون ٻي تيلي ٻاري ڏٺو، ته آهو چانهن يا ڪنهن ٻي شيءِ هارجڻ جي ڪري ليڪو پيل هو، جنهنکي هن سوپيري سمجهي پئي ڪٽيو. مقصود ۽ شوڪت سيخن جي پٺي پاسي حيران ۽ پريشان پئي ٿيا، پر ڪري ڪجهه نٿي سگهيا. نيٺ پئي جمعدار وٽ ويا ۽ ڪيس وڃي ٻڌايائون. هو آيو ۽ چيائين:

”تارچ گهرايان ٿو، انهيءَ جي روشنيءَ ۾ ڏسون ٿا.“

مون چيومانس، ”هاڻ سوپيري ملي يا نه ملي، مان ته هتي سمهي ڪونه سگهندس. مونکي ٻي ڪوليءَ ۾ اماڻ.“

جمعدار سوچڻ لڳو، مقصود کيس چيو، ”سوچيو ڇا پيا،

خدانخواستہ ادا کي، يا ٻئي همراه کي ڪجهہ ٿي پيو تہ؟“
جمعدا (اسان ٻنهي کي ڪوليءَ مان ڪڍيو، امتياز نيازيءَ کي ٻيہ واري ڪوليءَ ۾ اماڻيائين، جنهن ۾ اڳ ۾ ٽي چار پنج همراه ٻوريل هئا. مونکي وري ٻي ڪوليءَ ۾ بند ڪيائين. انهيءَ ڪوليءَ ۾ بلب ڏو. ٻہ بلب هڪ تہ مٿي، ٻيو ننڍو ۽ ٽيون مٿس ميٽر جا ٽيهہ چڙهيل هئا. انهيءَ جي جهڪي روشنيءَ ۾ گندي ميري ڪولي ڏاڍي ڀوائتي لڳي رهي هئي. تنهن کان وڌيڪ ڀوائتو هو آهو ڏاڙهيءَ وارو قيدي، جيڪو آن ڪوليءَ ۾ تڏي تي ويٺل هو. هڪ ٻہ قائل رلهيون، ڪجهہ اخبارون ۽ پراڻا اڙدوءَ جا ڊائجيسٽ اتي پيل هئا. پهرين نظر ۾ مونکي هو چريو لڳو. ڪيس ڏسي مان پريشان ٿيس تہ ـ خبر ناهي ڪير آهي. ائين نہ تہ واقعي چريو هجي.
ڪجهہ دير ڪانپوءِ مقصود ۽ شوڪت موڪلائي ويا. مون ميجرن کان بچڻ لاءِ گلوب باريو ۽ ننڊ جي گوري وٺي ليٽي پيس. ڏينهن هاڻ تڏا آهن تنهنڪري ٻڪي جي ضرورت ڪونہ پئي. هو همراه مونکان خبر چار وٺڻ لڳو، ۽ پوءِ پنهنجي متعلق ٻڌائين تہ: ”مان ذات جو پنهور آهيان، مٽيارين جو ويٺل آهيان، ۽ سائين محبوب شاهہ باقيلا پوٽي وارن جي ٻني ڪندو آهيان. پوليس مونکي ناحق ٻڌي آئي آهي.“

خير اِهي ٿيا منهنجا حال، ڏينهن تہ گذري ويو، رات بہ

گذري ويندي وڏيڪ احوال صبح جو ڏبو. تون پنهنجا حال ٻڌاءِ. دانيال ٻي چيو ته: ”ممي ڏاڍي پريشان آهي ته: ماڻ چا ٿيندو.“
ٿيندو وري ڇا. ڦاسي ته ڪونه چاڙهيندا. گهٽ ڏينهن يا وڌيڪ ڏينهن. مڙيئي ڏينهن گذري ويندا. ڪجهه همٿ ڪر خدا سڀ چڱي ڪندو.
ادي، آپا ۽ ڀين سيني کي سلام. فيفيءَ کي پيار.
اڄ تو کي، منهنجي ماني موڪلڻ به وسري ويئي!

تنهنجو
طارق اشرف

٢٨-١١-٨٣

پياري شمس

اسلام عليڪم

رات گذري ويئي، ڪيئن؟ اهو اڳيان لکان ٿو. هينئر صبح ٿيو آهي، پر ٽائيم جي خبر ڪانهيم، ڇو ته واچ ڪونه اٿم. ائين به مان واچ ته رکان ڪونه. صبح جو ۽ رات جو گهر ۾ تو کان پڇندو آهيان، جو تون واچ هڏين. پر پس ۾ هين ھُن کان پيو وقت پڇندو آهيان. مون وٽ ڪلڪيوليٽر ۾ واچ آهي، پر مونکي اُن ۾ ڏسڻ ياد ئي ڪونه رهي.

صبح جو اٿي سان ڪپڙا مٽايا اٿم، منهن به ڌوتم ته مٽان ڪو آئي نه پوي، پين جي سامهون مان ڪپڙا مٽائي ڪونه سگهان.

رات جو ننڊ ته جلدي اچي ويئي، جو ننڊ جي گوري کائي ستو هوس. پر رات جو ڪنهن وقت بيل ڪڙين (ڏاندا پيڙين) ۽ زور زور سان ڳالهائڻ جي آواز تي اک کلي پيم. مون واري کوليءَ ۾ سکر کان به سزا لڳل قيدي آندا هئائون. سکر ۾ سندن شنوائي هئي، حيدرآباد سينٽرل جيل تان سکر وٺي ويا هئا، رات جو جيئن ته سکر مان دير سان موٽيا هئا، ۽ انهيءَ وقت جيل بند هوندو آهي، تنهنڪري هنن کي هتي لاڪ اپ ۾ آڻي رکيو اٿن. اڄ وري کين سينٽرل جيل حيدرآباد وٺي ويندا.

انهي وقت رات جا سوا ٻارنهن لڳا هئا (ڊيوٽيءَ تي موجود پوليس واري ٻڌايو هو). هنن اچڻ سان، مون واري ساٿي پنهور کي ننڊ مان اُٿاريو، ”اڙي بابا اُٿ، اُٿي ڪچهري ڪر.“ پنهور ننڊ جو گهرو هو، هنجي اک نہ پئي کلي پر ننڊ جي گوري وٺڻ جي باوجود بہ مان سجاڳ ٿي ويو هوس، پر پئي پاسي ٻٽ ورائي پيو رهيس. پر هنن همراهن، پنهور کي سمهڻ ڪونہ ڏنو، زوري ننڊ مان اُٿاري ڪڙو ڪيائون، ۽ ڪائنس حال احوال وٺڻ لڳا. پنهور هنن کي ٻڌايو تہ: هو دادوءَ جو آهي.

شايد منهنجو چڱيرڙو هنڌ ۽ بريف ڪيس وغيره ڏسي مون کي ڪونہ اُٿاريائون. پنهور کان پڇيائون، ”هيءُ شياشي (سياسي) آهي؟“ هن ”ها“ ۾ ورندي ڏني.

اُهي پاڻ ۾ ڪافي دير تہ ڪچهري ڪندا رهيا ۽ پوءِ ڊيوٽيءَ تي موجود پوليس واري جي چوڻ تي هڪ ڳائڻ لڳو. هڪڙو نظم، جيڪو شايد سنڌس ٿي ناهيل (لکيل يا چيل) هو، ڳاتين، جيڪو جيل ۾ هڪ سي ڪلاس جي قيديءَ تي ٿيل ويڌن تي چيل هو، وزن بحر ۾ ڪونہ هو، پر جيل جي عڪاسي سٺي ڪيل هئي.

ٻين اداڻين تائين هو ڳائيندو رهيو، ۽ ٻيا ڪيس داد ڏيندا رهيا. جڏهن هو ستا، تنهن ڪانپوءِ مونکي بہ ننڊ آئي.

چون ٿا تہ ننڊ سوريءَ تي بہ اچيو وڃي. سوريءَ تي چڙهڻ جو اتفاق تہ اڃان ڪونہ ٿيو آهي، پر سٺي ٿاٺي، حيدرآباد جي هن لاڪ اپ جي گندي ڪوليءَ ۾ ننڊ نہ، اچيو وڃي،

ايترو پتو اٿم ته مان، جيڪو هر ڳالهه ۾ نخرا ڪريان ۽ نفاست جو خيال رکان. رات جو جڏهن تون وهنتل سهنتل، صفن ڪپڙن ۾ گڏ سمهين، ته به پيو تو کي سونگهيندو آهيان ۽ چوندو آهيان ته: آئي سينٽ هڻ. تون هميشه چوندين آهين ته: اِها ٻلن وانگر سونگهڻ جي عادت ڪٿان پئي اٿئي. [اسان وٽ سدائين ٻلا رهيا آهن، شايد انهن مان عادت پئي اٿم.] اورنگزيب سدائين اچو آجرو ٿي ايندو آهي ته به پيو گهڙي گهڙي چوندو آهيان ته: وڃي هٿ ڌوئي اچو.

پر هتي ايڏي گندگي ۽ ڌپ آهي جو ساهه ڏو ٻوساٽجي، ته به ننڊ ته اچيو وڃي.

پريس ۾، انهيءَ 'مٽ' مان ڪڏهن پاڻي ڪونه پيان، جنهن مان ڪمپازيٽر پاڻي پيئندا آهن، جو ته آهي مٽ ۾ هٿ وجهندا آهن. ۽ گهر ۾ به اسٽيل جي گلاس ۾ پاڻي ڏين ته اعتراض ڪندو آهيان ته شيشي جي گلاس ۾ پاڻي ڏيو. پر هتي پلاسٽڪ جو هڪڙو گندو گلاس آهي. ۽ سيخن جي ٻاهران ورانڊي ۾ جيڪو مٽ رکيل آهي، جنهن مان پيئڻ لاءِ پاڻي ڪڍڻو پوندو آهي، انهيءَ تي ته ايتري سيڻور چميل آهي جو ڏسي اُبڙاڪ ٿا اچن.

ٽيو ڪري ويٺو هوس ته دانيال آيو. ڪانئس اخبارون ۽ چانهن گهرايم. چانهن گڏيل (مڪس) وٺي آيو. لاچاري حالت ۾ پيتم. ڪجهه دير ڪانپوءِ پريس جو ڪمپازيٽر الهه بچايو به ملڻ لاءِ آيو، پر اجا مون سان هڪ گفتو مس ڳالهايو هوندائين ته جمعدار ڪيس مڏيو ۽ سائس اهڙي حالت

ڪيپٽين جو ذري گهٽ روئيندو ويو. الهه بچائي جو ڏوهه فقط اهو هو ته هن خرچيءَ جا ڏهه روپيا ڪو نه ڏنا هئا. غريب ماڻهو آئي به ڪٿان؟ جمعدار سنڌي آهي ۽ سيني مون لاءِ پارت ڪئي اٿس. پر اهڙو بي حيا ۽ بي مروت آهي، جو ڪنهن کي به بنا پئسي ملڻ ڪونه ٿو ڏي.

اڄ سيني سنڌي اخبارن ۽ ڪن اردو اخبارن ۾ منهنجي گرفتاريءَ جي خبر ڇپي آهي. منهنجي ڪوليءَ جا ساٿي به اهي خبرون پڙهي رهيا آهن.

دانيال شاهه تنهنجو هڪ خط آندو آهي. اڳ ۾ آهو پڙهي وٺان، پوءِ توکي وڌيڪ احوال ڏيان.

ت: ٢-١١-٨٣

رات جا يارنهن

عزيز طارق،

هر ڳالهه مونکان لڪايو ٿا، ڇا پوءِ مونکي خبر ڪانه ٿي پوي. اوهانجي فون مونکي اڳ ۾ شڪائي وڌو هو، جڏهن خبر پيم ته ايتري پريشان ٿيس جو اڳ ۾ ڪڏهن به نه ٿي هونديس. انهيءَ پريشانيءَ ۾ هڪ معمولي ڳالهه تان ظهور (ياءَ) سان جهڳڙو ٿي پيو. ٿي سگهي ٿو ڏوهه منهنجو ٿي هجي. پر مونکي پاڻ تي ڪنٽرول ڪونهي. اوهانجو سوچي سوچي پريشان پئي ٿيان، اوهانجي طبيعت اڳ ۾ ٺيڪ ڪونه ٿي رهي.

توهان سمجهندا هوندا ته مونکي ڪا به پريشاني ڪانهي، پريشانيءَ سبب منهنجي مٿي ۾ سور پئجي ويو آهي. ڪجهه

نظر نہ پيو اچيم تہ ڇا پئي لکان، پر صبح جو وقت ڪونہ ملندو، تنهنڪري هينئر ئي پئي خط لکان.
توهانجي گرفتاريءَ جي خبر پڌي ڦڦيءَ ماسات آيون هئيون، آهي وئيون آهن تہ مان مٿي چڙهي آهيان.
ادا يوسف کي جيڪب آباد فون ڪئي هئيسين. ادا يوسف جو حيدرآباد ۾ هڪ سڃاڻو آهي، آهو اوهانجي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪندو. پر آهو همراهہ حيدرآباد ۾ آهي ڪونہ. ادا يوسف چيو آهي، مان وري فون ڪريان ٿو.
ادا مغل جي فون رات آئي هئي، هو بہ اوهانجي ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي. تفصيل سان آءٌ ڪونہ ٿي لکان.
شايد هو منهنجي خط پهچڻ کان اڳ ئي اوهان وٽان ٿي ويو هجي.
ڪن مائٽن جو خيال آهي تہ اوهانجي گرفتاريءَ جو ڪارڻ اوهان سان ڪنهن جي دشمني آهي، نہ تہ ايترو عرصو اڳ نڪتل ڪتاب تي ڪيس ڇو ٿئي ها. خدا ٿو ڄاڻي تہ اهو ڪهڙو دشمن آهي جو وير پيو ٻاري.
توهان لکيو اهي: 'تو کي منهنجي ماني موڪلڻ وسري ويئي.'
طارق، خدا شاهد آهي، تنهنجي مانيءَ لاءِ آءٌ ڏادي پريشان هئيس. گهر ۾ ڪير نہ هو، جو ماني کڻي وڃي. دانيال ماني کڻي پريس تي هليو ويو. ظهير ڊئيريءَ تي، مقصود آفيس مان دير سان آيو. ظهير کان آ پا پڇيو هو تہ: ادا جي ماني ڪير کڻي ويندو. ظهير چيو: ادا مانيءَ جو چيو ڏي ڪونهي.
پوءِ ادا مغل جي گهر فون ڪيم. ادا کي چيم تہ: دانيال کي پريس تان موڪليو. دانيال شام جو آيو آهي، ڏنهن جي

هتان ماني موڪلي اٿم.
مونکي خبر آهي ته اوهانکي آسر آهي، ماني جلدي ملڻ گهرجي. مونکان اها ڳالهه ڪيئن ٿي وسري. اوهان جي صحت ٺيڪ ڪانهي ۽ اهي گرفتاريون. خدا رحم ڪري پنهنجو. ڪڏهن پوي اهڙي پريس، جنهن مان ڪو فائدو ڪونهي، رڳو پريشانيون ڏنيون اٿس. مالي طور تي الڳ ذهني طور تي الڳ.
هاڻ اوهانجي صحت اهڙي ٿو رڻي آهي جو اوهان ايتريون تڪليفون برداشت ڪري سگهو ۽ نه ئي مان پريشانيون برداشت ڪري سگهان ٿي. سچ اچ ته منهنجي حالت ڏاڍي خراب آهي. هلان ٿي ته چڪر پيا اچن. خدا ڪري اوهين جلد گهر اچو ته منهنجي پريشاني ختم ٿئي.
ادا مغل ڪي ته هينئر به پيو مذاق سمجهي، چوي ٿو: محبت ۾ جدائي ضروري آهي. روز مرغي کائبي ته به ماڻهو بيزار ٿي پوندو. اهڙيءَ طرح اوهين ٻئي به هڪ ٻئي جي شڪل ڏسي ڏسي بيزار ٿي پيا هوندا. انهيءَ لاءِ جدائي ضروري آهي.
اوهانکي ماني ڪيتري موڪلجي. اوهان سان گڏ پيو به ڪو آهي يا اوهين اڪيلا آهيو؟
انشاالله اوهين جلد گهر ايندا. خدا ڪندو سڀني جون ڪوششون ڪامياب ٿينديون.
هينئر اجازت وٺان ٿي، باقي احوال سڀائي لکندس.
توهانجي دل جي قريب
شمس

٢٨-١١-٨٢

پياري شمس

اسلام عليڪم

هڪڙو خط هينئر دانيال کي ڏنو اٿم. ٻيو خط لکڻ شروع ڪيو اٿم

اڄ مونکي مارشل لا ڪورٽ ۾ پيش ڪندا ۽ پوءِ شايد نارا جيل وٺي ويندا. تون فڪر نہ ڪجانءِ، اُتي سيد سليم شاهہ ۽ فيض محمد ابڙو بہ آهن، شايد ڪي ٻيا واقفڪار بہ هجن. بهرحال تون پريشان نہ ٿجانءِ، ڇو تہ پريشان ٿيڻ مان ورندو تہ ڪجھہ بہ ڪونہ.

هينئر مونکي وٺي وڃڻ لاءِ پوليس وارو آيو آهي، تنهنڪري خط في الحال بند ٿو ڪريان. ڏسجي اهو ڪڏهن ٿو وڃي مڪمل ٿئي. هنن قيدين ڪان بہ موڪلائي وٺان. چڱو.

تائيم جو پتو ڪونہ اٿم، نہ چانڊ ڪيترا وڳا آهن. البت سانجهيءَ جي ٻانگ اچي پئي. هيءُ خط بہ لاڪاپ مان ئي لکي رهيو آهيان. دانيال شاهہ ٻڌايو آهي تہ ممي ڏاڍي پريشان آهي. ايتري پريشان نہ ٿي. مون ڪان ئي سبق سک. مان قيد ۾ آهيان پر پريشان ناهيان. تون تہ گهر ۾ آهين. مان مڃان ٿو تہ منهنجي تڪليف جي ڪري تون پريشان آهين. پر وري بہ اهوئي چوندس تہ پريشان ٿيڻ مان ڪجھہ نہ ورندو.

تنهنڪري صبر ڪري منهنجي اچڻ جو انتظار ڪر.
هاڻ سڄي ڏينهن جو احوال پڌ (پڙهه):
صبح جو ڏهين وڳي ڊاري مونکي لاڪاپ مان ڪڍي، آئي وڏي منشي سنار جي آفيس ۾ ويهاريائون. وڏي منشي منهنجي لاءِ چانهن گهرائي. مون گهڻو ئي نه نه ڪئي، پر چانهن پيٽي پئي.
٧٤ع ۾ جڏهن گرفتار ٿي، وڏي منشيءَ جي آفيس ۾ آيو هوس، انهيءَ وقت جيڪو وڏو منشي هو، آهو به ويٺو هو. ڏاڍو پلو ماڻهو هو، مون سان سندس رويو ڏاڍو سٺو هو. مونکي ڪورٽ، آءِ. ايس. آءِ بشارت راجا کي وٺي وڃڻو هو. وڏي منشيءَ کيس چيو ته: "شاهه صاحب عزتدار ماڻهو آهي، کيس هٿڪڙي نه هڻجانءِ."
مون سان گڏ شفيع چندريگر به هو، هنکي هڪ هٿ ۾ هٿڪڙي لڳل هئي. بشارت راجا مونکي پوليس جي سوزڪي ۾، سيشن ڪورٽ وٺي هليو، ۽ ڪورٽ ۾ مونکي لاهي هڪ پوليس واري کي چيائين ته: "هنکي سمري ڪورٽ نمبر ٢٠ ۾ وٺي وڃ." ۽ پاڻ شفيع کي وٺي ايس. ايم. ايل. اي جي ڪورٽ، هليو ويو.
پوليس وارو جڏهن مونکي ٢٠ نمبر ڪورٽ ۾ وٺي ويو ته آتي کيس چيو ويو: "اڳ ۾ ايس. ايم. ايل. اي وٽان اجازت لکرائي اچو، پوءِ اسين ريمانڊ ڏينداسين."
ڪورٽ ۾ ظهير ۽ دانيال به پهچي ويا هئا. منهنجو هنڌ ۽ نريف کيس سائين هو ته، جيڪڏهن مونکي جيل اماڻين ته

تہ سامان يڪدم پهچائي سگهجي. پوليس وارو سنڌي هو،
ظهير جو سڃاتو بہ هو، پر هڪ تہ اڏ چريو هو، پيو ڪيس
پنهنجي پوليس واري هٿن تي ڏاڍو فخر هو، تنهنڪري ڏاڍو
اڪڙجي پي هليو. پر هنکي ڪورٽ مان اهو جواب مليو
تہ ڏاڍو پريشان ٿيو. مونکي چيائين: ”سائين واپس ٽائي
ملٽو پوندو.“
مون رڪشا روڪي ۽ پوليس واري سان گڏ ٽائي پهتس.
رڪشا جو ڀاڙو مون ئي ڏنو. ظهير ۽ دانيال بہ ٽائي پهتا.
پوليس واري انسپيڪٽر کي ٻڌايو. هُن چيو: ”بشارت چريو
آهي چا. توهانکي بہ سان وٺي وڃڻ گهربو هو. هاڻ تون
هنکي ايس. ايم. ايل. اي جي ڪورٽ وٺي وڃ. بشارت
بہ آتي هوندو.“ پوليس واري پڇيس: ”هٿڪڙي هڻانس؟“
انسپيڪٽر چيو: ”انهيءَ جي ضرورت ڪانهي.“
پوليس وارو مونکي باهر رستي تي وٺي آيو، هن رڪشا
روڪي ۽ اسين فوجي هيڊ ڪوارٽر ڏانهن وڃڻ لڳاسين. ظهير
۽ دانيال موٽر سائيڪل تي گڏو گڏ هئا.
آتي پتو پيو تہ ڪو منهنجي پڇا ڪرڻ ڪار ۾ آيو هو. مان
سمجهي ويس تہ مغل منهنجي گولها ۾ هوندو. بشارت اندر
فوجين وٽ ويل هو. مان باهر بيهي رهيس. ظهير ۽ دانيال
آتي ئي اچي بيٺا هئا. مونکي آتي بيٺي ڪجهہ ئي دير ٿي
هئي جو پريان ڪار ايندي نظر آئي. ڪار تي نظر پوندي
ئي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي، مونکي جيڪو ڊيل ڊيل
ڪر هو، آهہ لهي ويو. چاڪاڻ تہ ڪار مغل جي هئي.

مغل سان گڏ مقصود به هو. مغل چيو: ”ٽائي ويا هئين ته پتو پيو. سمري ڪورٽ ويا آهيو. اٽي پڇتاسين ته خبر پئي ٽائي موتي ويا آهيو. ٽائي پڇتاسين ته خبر پئي هتي ويا آهيو. مان اڳ ۾ به هتان ٿي ويو آهيان.“

ٿوري دير ڪانپوءِ بشارت به ٻاهر نڪتو. پوليس واري ڪيس پڌايو. هو مونکي اندر وٺي ويو. در تي بيٺل فوجي سپاهي منهنجي تلاشي ورتي ته مون وٽ ڪو هٿيار ته ڪونهي. بشارت ڪيس چيو: ”اسين ڇريا ته ڪونه آهيون جو قيدي ڪي هٿيارن سوڌو وٺي پيا گڏ هلنداسين.“ سپاهي چيو، ”اوهان جي ڳالهه صحيح آهي، پر مونکي پنهنجو فرض پورو ڪرڻو آهي.“

مان بشارت سان اندر ويس. ڪاريڊار ۾ پهرين ڪمري ۾ هڪ فوجي ويٺل هو. (شايد پي. ايس. آءِ هو.) بشارت منهنجا ڪيس پيپر کيس ڏنا. جڏهن هو ڪاغذ ڏسڻ لڳو ته مون کيس چيو: ”هيءُ ڪتاب منهنجي ٻرڊس ۾ ١٩٧٤ع ۾ ڇپيو هو.“

هن ڪاغذ ڏسي واپس ڪري ڇڏيا ۽ بشارت کي چيائين: ”١٩٧٤ع ۾ ڪتاب نڪتو آهي. جڏهن ته مارشل لا به ڪونه هو. ڏسي وائسي ته ڪيس ڪندا ڪريو.“

بشارت چيس: ”صاحب، هن ڪتاب ۾ سنڌو ديش جو پرچار ڪيل آهي، ۽ فوج جي خلاف لکيل آهي.“

فوجي ۽ جي جواب کان اڳ مون چيو، ”اها ڳالهه غلط آهي. هن ۾ نه ته سنڌو ديش جي ڳالهه آهي، نه فوجن جي خلاف ڪتا

ڳالهه آهي. ڪتاب مان جيڪي ٽڪرا هنن چونڊي ڪڍيا آهن، اوهين آهي پڙهي سگهو ٿا.“

هن فوجي بشارت کي چيو، ”ڪٺي سنڌو ديش جي ڳالهه هجي، پر ڪتاب ١٩٧٤ع جو آهي. جڏهن هي ۽ حڪومت هئي ڪانه. وڃي پنهنجي ايس. پي سان ڳالهائي.“

مان ٻاهر نڪتس ته ساڻ آيل پوليس واري چيو، ”سائين مٺائي کارايو. مارشل لا جو ڪيس ختم ٿيو.“ مون چيومانس: ”اڇا ترس.“

مون مغل کي ٻڌايو ته: ”مارشل لا وارن ڪيس نه ورتو.“ سيئي ڏاڍا خوش ٿيا. (٩. آگسٽ تي نازسنائي واري ڪيس ۾ اهوئي ٿيو هو ته مارشل لا وارن ڪيس نه ورتو. ۽ ڪيس سول ڪورٽ ۾ ويو، ۽ ٻن ڏينهن ۾ ضمانت ٿي ويئي.)

مغل چيو، ”هاڻ ڳالهه آسان ٿي پئي. سول ڪورٽ ۾ ڪيس ويو ته ضامن جلدي ٿي ويندو.“ وري مغل ٻڌايو ته: ”يوسف خلجي پنهنجي دوست ملڪ فتح سان ڳالهايو آهي، ملڪ فتح هڪ فوجي آفيسر سان ڳالهايو آهي، ۽ وٺس ويندو. مون کيس چيو ته مونکي ٻه پاڻ سان گڏ وٺي هل ته مان سچو ڪيس سمجهايان. ملڪ فتح مونکي چيو: اوهين سرڪاري آفيسر آهيو، بهتر آهي، اوهين نه هلو. مون کيس چيو: اڇا ته ڪا ڳالهه ڪانهي. منهنجو ڀاءُ آهي. مونکي قانوني حق حاصل آهي ته مان سندس قانوني مدد ڪريان. پر ملڪ فتح چيو آهي ته: مان پاڻ ڳالهائي، ۽ پوءِ اوهانکي ٻڌائيندس.“

مغل وڌيڪ چيو، ”سردار بريس وارن ٻڌايو آهي ته هي ڏ

ڪتاب ١٩٧٨ع ۾ انهن وٽ نه ڇپيو هو، تنهن تي سنڌ پريس کي هوم ڊپارٽمينٽ وارن نوٽس ڏنو ته ڏهه هزار روپيا جمع ڪرائين ته هنن اهو ڪتاب ڇو ڇپيو، پر هنن هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ ڪئي، ۽ ڪورٽ سندن فائدي ۾ فيصلو ڏنو. سردار پريس وارن اهو نه ڇپيو آهي ته هو انهي ڪيس جي ڪاپي ڏيندا.“

منصور، ظهير جي موٽر سائيڪل کڻي انهيءَ وقت سردار پريس، ڪورٽ جو آرڊر وٺي ويو، پر واسطيدار ماڻهو موجود ڪونه هو.

بشارت کي ڪيس نه وٺڻ تي ايڏي ڪاوڙ هئي، جو ته مون ڏوهه سندس ڪيو آهي. هو ڪيتري دير ته ٻڙ ٻڙ ڪندو رهيو. ۽ پوءِ مونکي ايس. پي جي آفيس وٺي هليو. مغل، منصور، ظهير ۽ دانيال به آتي پهتا. شفيع به مون سان گڏ پوليس جي سوزڪيءَ ۾ هو. بشارت اتي پي. ايس. آءِ هدايت سان ڳالهايو، ۽ ڪيس سان ڪري وري ساڳي جاءِ تي آيا. مغل وارا به پٺيان آتي پهتا. بشارت مونکي ٻاهر ترسائي هدايت سان اندر ويو ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ جڏهن موٽيو ته هن دفعي منهن ڪجهه سرهو هوس. هدايت کي ايس. پي آفيس ڇڏي وري ٿاڻي تي هليو. شفيع کي آتي ڇڏيائين ۽ آتان ڪجهه ڪاغذ کڻي وري ايس. پي آفيس هليو. مغل وارا وري ايس. پي آفيس پهتا. بشارت وري هدايت کي سڏي آيو. انسپيڪٽر پڻو به آتي هو. مغل هدايت کان ڪيس جي بابت ۾ پڇيو ۽ پڻي کان به. پڻي ڪيس ڇپيو:

”هاڻ مٿي ڪوشش ڪريو.“ مغل مونکي چيو، ”مان هاڻ هلان ٿو، پٺي هنڌ ڪوشش ڪريان ٿو. ڏسجي ڇا ٿو ٿئي.“ مغل ۽ مقصود موڪلائي ويا. البت ظهير ۽ دانيال گڏ هئا. بشارت هدايت ڪي پاڻ سان گڏ وٺي وري فوجي هيڊڪوارٽر هليو . پر هن دفعي پٺي هنڌ هليو . مون سوچيو هو ته مون کي جنهن به ميجر جي آڏو پيش ڪيائون، مان کيس ٻڌائيندس ته: مون سان زيادتي ٿي رهي آهي. پر بشارت به شايد سمجهي ويو هو، تنهنڪري مونکي ٻاهر سوزڪيءَ ۾ ويهاري هدايت سان اندر ويو. مان سوزڪيءَ ۾ ويٺو هوس . دانيال ، ظهير ۽ پوليس وارا پرمان بيٺا هئا. نيهريءَ جا چار اچي ٿيا هئا. انهيءَ وچ ۾ اسان مان ڪنهن به ماني ته ڪونه کاڌي هئي، پر پاڻي ڍڪ به نصيب نه ٿيو. مونکي ڏاڍي اُڃ لڳي هئي. ڊاڪٽرن مونکي چيو هو ته: اوهين ڪلاڪ جي اندر گهٽ ۾ گهٽ چار گلاس پاڻي ضرور پيو. پر هتي ته ڇهن ڪلاڪن کان هڪ ڍڪ پاڻيءَ جو نه مليو هو. دانيال مون کي چيو: ”ابو مان پاڻي پي اچان.“ مون کيس چيو: ”جلدي اچجان. اهي موٽي آيا ته وٺي ويندا مان هنن کي روڪي نه سگهان.“

دانيال ويو ته ڍڪو غائب ٿي ويو. مونکي اهو فڪر ته بشارت اچي ويو ته مونکي وٺي ويندو. ۽ دانيال نه ڇاڻ ڪيڏانهن ويو. مس مس دانيال موٽيو. مون ادا ظهير کي چيو ته: ”مون کي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي، ڪٿان پاڻي ته آڻيو.“

ظهير پاڻيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو. سنڌس اچڻ کان پهرين

بشارت ۽ هدايت موٽي آيا. بشارت جو منهن خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هو. پتو پيو ته ميجر شڪيل ڪيس جي منظوري ڏني آهي. بشارت اڄ سان سوزڪي اسٽارٽ ڪئي. ظهير اڳيان موٽيو ڪونه هو. دانيال مون ڏانهن بيوسيءَ سان ڏسڻ لڳو. هو آتي ٽي موٽر سائيڪل وٽ بيٺو هو. ۽ سوزڪي هلندي ڳيٽ وٽ پهچي چڪي هئي. ايتري ۾ ظهير جگ ۽ ڪلاس کنيو ايندي نظر آيو. پوليس واري شيشي تي هٿ هڻي وين روڪڻ لاءِ چيو. بشارت مس مس وين روڪي. مون ٻاٽي پيتو ۽ پوليس واري به پيتو.

سوزڪي وري هلڻ لڳي. ظهير جگ موٽائڻ ويو. ۽ سوزڪي ايس - پي آفيس ڏانهن ڊوڙڻ لڳي. دانيال آتي ٽي موٽرسائيڪل وٽ بيٺو مونکي پري تائين ڏسندو رهيو.

بشارت، هدايت کي ايس - پي آفيس لاٿو، سندس شڪريو ادا ڪيو ۽ مونکي ٿاڻي وٺي آيو. ظهير ۽ دانيال پوري رستي ۾ نظر نه آيا. پر منهنجي ٿاڻي تي پهچڻ جي ڪجهه دير ڪانپوءِ هو ٻئي به پهچي ويا. ادا ٽيپو به پهچي ويو هو. ڪيس ٻڌايم ته: "مارشل لا وارن ڪيس جي منظوري ڏني آهي."

مون ادا ٽيپوءَ کي اهو به ٻڌايو ته: "لاڪ آپ جي جمعدار ڏاڍو تنگ ڪيو آهي، هر ماڻهوءَ کان ڏهه روپيا وٺي ٿو. جيڪو نٿو ڏئي ان کي بيعزت ڪري ٿو. اوهان کو سمجهايوس."

ادا ٽيپو بشارت کي وٺي لاڪ آپ تي هليو ۽ جمعدار کي پارت ڪيائين. هن چيو: "سائين فڪر ئي نه ڪريو."

مونکي وري ساڳي لاڪ آپ ۾ رکيو ويو. ظهير هند ڏنو،

مون آهو پٽ تي وڇايو. رات وارا قيدي سينٽرل جيل وڃي چڪا هئا. پنهور اڃا اڪيلو ويٺو هو. ادا ٽيپو ٿوري دير بعد موڪلائي ويو. دانيال ماني کڻي آيو. مون ڪلهه شام کان ڪجهه به نه کاڌو هو، سو پاڻ به کاڌم ۽ پنهور کي به ڏنم.

جڏهن ظهير ۽ دانيال موڪلائي ويا ته مان لېٽي پيس. ٿوري دير ۾ کوليءَ جي ٻاهر هڪڙو ماڻهو اچي بيٺو ۽ پنهور کي چيائين، "اٿي سڌري وڃ. نه ته سڌو ڪري ڇڏيندس." هن جمعدار کي چيو: در کول. جڏهن در کليو ته آيل ماڻهوءَ پنهور کي چيو: نڪر، ٿو کي پوءِ ڏسبو. پنهور ٽپ ڏيئي آٿيو ۽ مون سان هٿ ملائي نڪري ويو. قاتل رلهيون ۽ پراڻا ڊائجيسٽ شايد انهيءَ کوليءَ جي ملڪيت هئا، تنهنڪري آهي اتي ئي ڇڏي ويو.

ڪلهه مونکي جنهن کوليءَ ۾ رکيو هئائون، انهيءَ مان اسسٽنٽ مختيار ڪار ڇٽو. اڄ وري هن کوليءَ مان پنهور ڇٽو. هاڻ مان هن کوليءَ ۾ اڪيلو آهيان.

مونکي ننڊ اچي ويئي هئي، پر پنهنجي نالي پڌڻ تي اک کلي پئي. چار شاگرد ملڻ آيا هئا، جيئني نالا پڌايا هئا، پر هاڻ ياد ڪونه اٿم. هڪڙو ڇوڪرو جوٽيجو هو، منهنجي دوست شاهنواز خان جو پاٽئيو هو، حسن جوٽيجي جو پٽ. هنن ٻڌايو ته جمعدار ڏاڍو بيزار ڪيو، بنا پئسن جي ملڻ نٿو ڏي. آهي ڪجهه دير ڪچهري ڪندا رهيا ۽ پوءِ موڪلائي ويا. هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ ظهير آيو. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ مقصود

آيو هو. سردار بريس وارن ڪان هاءِ ڪورٽ جي جججمينٽ جي ڪاپي به وٺي آيو هو. مقصود ٻڌايو ته: مغل ڏاڍي ڀوڙ ڀڪ ڪئي آهي.
موٽڪي مغل تي سچ پچ حيرت ٿيندي آهي. مغل جي دوستي منهنجي لاءِ وڏي نعمت آهي. منهنجي لاءِ جيتري ڀوڙڀڪ هو ڪري ٿو، ايتري ته ڪو سڳو ڀاءُ به نٿو ڪري سگهي. جڏهن ته مان مغل کي سڃاڻان، سخت سُست ماڻهو آهي. پر منهنجي لاءِ نه. مان بيمار هجان يا گرفتار، نه ڄاڻ ستدس سُستي ڪيڏانهن غائب ٿيو وڃي.
مغل،بهرام طارق کي فون ڪئي هئي. بهرام طارق ميرپور مان آيو آهي، مغل سان گڏ حيدرآباد جي ايس. پي وٽ ويو آهي. مغل ۽ مقصود ادا يوسف جي دوست ملڪ فتح وٽ به ويا هئا. بهرحال جيڪو الله کي منظور هوندو آهو ئي ٿيندو.
صبح جو وري مارشل لا ڪورٽ ۾ پيش ڪندا، ۽ پوءِ نارا جيل وٺي ويندا. اڄ خبر پئي اتر ته ناري جيل ۾ منهنجو دوست ۽ جيل جو ساٿي شاهنواز جوڻيجو به آهي. تنهنڪري هاڻ آتي مون کي ڪا به تڪليف نه ٿيندي. سليم شاهه ۽ فيض محمد ابڙو ته اڳ ۾ ئي آتي آهن.
جيڪڏهن مونکي سپائي نارا جيل وٺي وڃن ته تون ماني لاءِ پريشان نه ٿجان. آتي دوست ويٺا آهن. سيڌو سامان گهرائڻو پوندو، سو گهرائي وٺبو. . . . . . .
دانيال ٻڌايو ته: ”سندءِ خراب صحت جو ٻڌي ڏاڍي پريشان

ٿي آهي. اوهان اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا لکو جو ممي پريشان ٿئي.

مان ته توکي هر حال ڪان باخبر رکڻ پيو چاهيان. تون ايترو پريشان نه ٿي. هيءَ لاڪ آپ آهي. لاڪ آپ ۾ جيل ۾ جڏهن پهچبو آهي ته خبر نه ڪهڙ ين ڪهڙين ڳالهين کي منهن ڏيڻو پوي. ۽ خبر نه ڇا ڇا برداشت ڪرڻو ٿو پوي. ۽ مان اهو سڀ برداشت ڪندو آهيان. پڻ جي حد تائين توکي به برداشت ڪرڻو پوندو. تون فڪر نه ڪر. مان ته وري به ڏاڍي آرام ۾ آهيان. سيني عزت ڪن پيا، ضرورت جي هر شيءِ ملي رهي. ايستائين ته پوليس وارا زوري چانهن پيا ڏين، جڏهن ته مان تمام گهٽ چانهن پيئندڙ آهيان.

ڪجهه ڪتاب ته موڪلي ڏي، مون وٽ ڪوبه ڪتاب ڪونهي. ولي رام صاحب آرسيءَ جو نئون پرچو ڏنو هو، اهو موڪلي ڏي. وقت جو پتو ڪونه اٿم، البت سومهاڻيءَ جي ٻانگ آئي ڪافي وقت ٿي ويو آهي. سويل مقصود آيو هو، ڪافي دير ويٺو رهيو. سچ پچ مون سيني کي ڏاڍو بيزار ڪيو آهي. هر ڪنهن کي گهڙي گهڙي اچڻو ٿو پوي. منهنجي جيل وڃڻ مان هڪڙو فائدو اهو ضرور ٿيندو ته پيا ته تڪليف کان ڇٽي ويندا. هاڻ ته سيني کي پريشان ڪري رکيو اٿم، تون مونکي پوسٽ جا ڪجهه لفافا موڪلي ڏي. هاڻ ته جيل مان خط پوسٽ جي ذريعي ئي موڪلي سگهبو. اڃا تائين هن ڪوٺيءَ ۾ اڪيلو آهيان. خدا ڪري ڪو بيو اچي به نه ته جيئن سڪون سان سمهي ته سگهجي.

دانيال نوري ڏير اڳ ويو آھي. تنھنجو ھڪ خط ڏيئي ويو آھي. ھاڻ ڏسان تہ تنھنجا ڪھڙا حال آھن. باقي احوال پوءِ. سڀني کي سلام، فيفيءَ کي پيار.

تنھنجو

طارق

٢٨-١١-٨٣

عزيز طارق

توھانجو خط مليو، احوال جو پتو پيو. پورو ڏينھن پريشاني ۾ گھر جي ڪم ۾ گذريو آھي. ھن وقت شام جا ڇھہ ٿيا آھن، ھاڻ ويٺي آھيان اوھانکي خط لکڻ.

توھان کي ماني ڏاڍي دير سان پھتي، مان تہ ڏاڍي پريشان ٿي آھيان. توھان نيرن بہ ڪانہ کاڌي. خبر نہ سڄو ڏينھن بک ۾ ڪيئن گذريو ھوندو. وري رات جي مانيءَ لاءِ بہ اوھان جھلوئي چڏيو آھي.

اوھين يقين ڪندا، مون پوري رات ننڊ نہ ڪئي آھي. پنھنجي ڪمري ۾ سمھي ھئيس، پر سڄي رات چرڪ پوندا رھيا. خدا ڪري اوھان جلد گھر اچو. اھڙي رات تہ خدا ڪنھن دشمن تي بہ نہ آڻي.

توھانجي پنھنجي

٢٦-١١-٨٣

پیاري شمس،

رات دانيال جي وچڙ ڪانپوءِ، ليٽو پيو هوس تہ ادا نثار آيو، ٻڌائين تہ مونکان بہ جمعدار پئسا گهريا هئا، پر مون انسپيڪٽر جو دڙڪو ڏنو تہ مونکي ملڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيائين. ادا نثار ڪافي دير تائين ويٺو رهيو. ويندي وقت چاچو صالو ۽ گهر جي ٻين ڀاتين جا سلام ڏيندو ويو.

صبح جو سوير اک کلي، اڄ ڪوليءَ ۾ ٻيو ڪير ڪونہ هو، تنهنڪري بيٺو پيو ٿي ڪپڙا مٽايم. تو ڪي خط لکي رهيو هوس تہ دانيال بہ نيرن کڻي آيو. ايتري ۾ جمعدار پوليس واري کي موڪليو تہ: شاهہ صاحب کي ٻاهر وٺي اچ. مان ٻاهر نڪتس تہ جمعدار مونکي ميدان ۾ پيل کٽ تي ويهڻ لاءِ چيو. شفيع کي بہ ٻاهر ڪڍيو هئائون. مان سانگهڙ وارن نوجوان سان مليو اچي کٽ تي ويٺس. اديبات وارو سليم قريشي شفيع جو دوست آهي، هن سان ملڻ آيو هو، مون سان بہ مليو. مون دانيال کي موڪلي اخبارون گهرايون. اڄ فقط سنڌ نيوز ۾ منهنجي گرفتاريءَ جي خبر هئي. ڪلهہ خبر غلط ڇپي هئائون، اڄ صحيح ڇپي اٿن.
نيرن ڪاڌي اٿم، شفيع کي بہ صلاح ڪيم، پر هن فقط هڪ بہ گرهہ کنيا. البت پوليس وارن سات ڏنو. اتي ٻليون بہ

آهن ٻلي دانيال جي سدائين ڪمزوري رهي آهي. سو هو ٻليءَ کي به نيرن ڪارائي.
ظهير هينئر آيو آهي. ساڻس سندس دوست حاجن شورو به آهي. عادت موجب ظهير سيني لاءِ چانهن گهرائي آهي. مغل سامهون اچي رهيو آهي، تنهنڪري خط اتي ئي بند ٿو ڪريان. دانيال تنهنجو خط به ڏنو آهي. مغل، ظهير سان ڳالهائي رهيو آهي، تيستائين مان تنهنجو خط پڙهي ٿو وٺان.

٢٨-١١-٩٣

عزيز طارق

هن وقت رات جا ڏهه ٿيا آهن. هڪڙو خط ڪلهه رات موڪليو هوم. ٿوري دير اڳ مٿي چڙهي آهيان. دانيال شام جو مٿي توهان ڏانهن ويو آهي، اجا گهر ڪونه پهتو آهي جو توهان جو ڪو تازو احوال ملي. خبر نه آهي دير ڇو ڪئي اٿس. اوهانجي سابق دوست فيروز ميمڻ جي فون آئي هئي، اوهانجي خبر چار ورتي هئين. مون مدد سنڌيءَ کي فون ڪري چيو ته: اوهان ڪلهه اخبار ۾ طارق جي باري ۾ غلط خبر ڇپي هئي، مهرباني ڪري درستي ڪري ڇڏيو. هن درستي ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي.
اڄوڪو ڏينهن گذري ويو، وري سياڻي جو فڪر. خبر نه ڇا ٿيندو. توهان ماني بلڪل ڪونه کاڌي آهي. سڄو ڏينهن بک ۾ گذاريو اٿو. وري ماني به ايتري گهٽ کاڌو. پوءِ ته ڏاڍا ڪمزور ٿي ويندا. مهرباني ڪري ڪجهه ماني زوري کائو. توهان کي اڳ ئي السر آهي، مرچو ڪو نقصان نه

ٿي ٻوي. پورو ڏينهن وياڪل گذريو آهي. توهان سونسان سچو ڏينهن گڏ ڪونه هوندا آهيو. پر تسلي ته هوندي آهي ته ڪيڏيءَ مهل به گهر ته ايندا. هاڻ ته اهو تصور دم ٿو ڪڍي ته توهان لاڪ اپ ۾ آهيو. آئي توهان کي سڪون ڪونه هوندو، آتي ايڏي گندگي آهي پاڻيءَ جي ٿڌي بوتل دانيال کي ڏنم ته ڪٺي وڃ، پر ڪونه ڪٺي ويو ، گهٽ ۾ گهٽ صاف پاڻي ته پيو ها.

انهيءَ لاءِ طارق سدائين مان اوهانکي چوندي آهيان ته ٻليءَ وانگر نه سونگهيو، خبر نه انسان تي ڪهڙو ٿو وقت اچي. خدا اهڙين گهڙين کان پناه ۾ رکي.

هاڻ دانيال آيو آهي. مان ته متي آهيان .... (پيڻ) ڪانئس پڇي پٺي .

هيءَ پيڻ سٺي ڪانهي . اگر اهڙا پيا لکجن جو مان پڙهي به نه پٺي سگهان . تون ته ايڏا سنها اگر ٿو لکين جو مون کان ته پڙهيا ڪونه ٿا ٿين.

اڄ مان پاڻ واري ڪمري ۾ ڪونه ٿي سمهان. ڪلهه پوري رات سمهي ڪونه سگهيس.

دانيال هيٺئر متي چڙهيو آهي. تنهنجو خط ڏنو اٿس. دير جو سبب پڇيم ته، چيائين: دوست وٽ ويو هوس، آتان ابو وٽ ويو هوس. انهي ڪري دير ٿي ويئي.

توهان لکيو آهي ته: منهنجي ڪري سيني کي تڪليف ٿي رهي آهي. اهڙي ته ڳالهه ڪانهي . اوهين روز ته ڪونه ٿا ڪنهنکي پريشان ڪريو. اوهين پاڻ به ته مجبور آهيو. پوءِ

ظاهر آهي ادا مغل ۽ منهنجا مائٽ ڪم نہ ايندا تہ پوءِ توهان جو ڪهڙو مائٽ آهي؟

ٻين صفا نہ ٻي لکي. اوهين بہ هن وقت ننڍ جي گوري ڪائي، سمهڻ جي تيارين ۾ هوندا. مان بہ توهانکي خط لکي هاڻ سمهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندس. سياڻي لفافا گهرائي توهانکي موڪليندس. خدا ڪندو اوهين آزاد ٿي ويندا ۽ انهن جي ضرورت نہ پوندي.

توهان ڪمبل جو واپس موڪلي ڇڏيو، اڄ تہ سيءُ آهي. ڪيئن مان سيءُ پوندو.

چڱو، هاڻ اجازت ٿي وٺان. سڀني جا سلام قبول ڪندا.

دل‌سان دعائون، پر خلوص سلام ۽ پ .... منهنجو قبول ڪندا.

توهانجي پنهنجي

شمس

٣٠-١١-٨٣

پياري شمس،

اسلام عليڪم

اُميد ته ٺيڪ هوندين ۽ (خوش هوندين ۽ ڪونه ٿو لکان، ڇاڪاڻ ته ڇاڻان ٿو ته خوش نه هوندين ۽).

ڪلهه سينٽرل جيل آماڻيو اٿن. سي ڪلاس جي ڪرمنل قيدين سان گڏ رکيو اٿن. سي ڪلاس جي ماني آهي، جيڪا مان کائي ڪونه سگهان، سو چوويهن ڪلاڪن ۾ رکيو ڇهه ست بسڪٽ کاڌا اٿم. مغل کي چئو ته بي ڪلاس لاءِ ڪوشش ڪري، ۽ جيستائين بي ڪلاس ملي، نورالاهي ۽ سان ملي، نورالاهي هن وقت جيلن جو آءِ-جي آهي، ۽ ساڻس منهنجو سٺو رستو آهي. گهٽ ۾ گهٽ سي ڪلاس ۾ ٿي، ڪنهن چڱي هنڌ ته رهائين. ڪمبل واپس موڪلي ڇڏيو هوم، هتي ته سيءَ به ڏاڍو آهي. تون ڪمبل به موڪل ۽ سوئيٽر به. ظهير کي چئو ته ملاقات تي اچي، بسڪٽ، گيهه، کنڊ، صابڻ (ڪپڙا ڌوئڻ جو به) موڪلجان.

تون حيران هوندين ۽ ته ناري جيل جي بدران سينٽرل جيل ڪيئن پهچي ويس. سموري ڳالهه تفصيل سان لکان ٿو: ڪلهه جڏهن لاڪ اپ کان ٻاهر ويٺو هوس ته مغل آيو هو. مون ٻڌايو هو ته انسپيڪٽر ٻئي هنڌ مان بدلي ٿي آيو آهي. ڪين 'صبح نيمڪو' جي آءِ ڪتابي مٽي ٿيڻي آهي، جيڪا ٨ ڪ ع

۾ سردار پريس ۾ ڇپي هئي. انسپيڪٽر چيو آهي ته: هاڻ نئون ڪيس ٺاهي ڪورٽ موڪليندا، ۽ تيستائين اوهانکي لاڪ اپ ۾ رکندا. وري چيائين، ”مان اوهانجي ڪم سانگي ۽ پنهنجي آفيشل ميٽنگ ۾ وڃان ٿو. شام جو ايندس.“ مون کيس چيو، ”شام جو اچين ته اورنگزيب کي ضرور وٺي اچجان.“ چيائين، ”ها، ضرور وٺي ايندس. ڪلهه شام به اچڻ لاءِ ضد ڪيو هئائين.“

مغل موڪلائي اچا ٿورو ئي اڳيان وڌيو هو ته پوليس واري اچي ٻڌايو ته ’مونکي ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻو آهي.‘ اهو ٻڌي مغل ترسي پيو.

اڄ گڏ سب انسپيڪٽر مصطفيٰ رند هو ۽ ڪلهه وارو ساڳيو اڌ چريو پوليس وارو. سيشن ڪورٽ ۾، سمري ملٽري ڪورٽ نمبر ۱۸ تائين مغل به گڏ هليو ۽ پوءِ موڪلائي ميٽنگ ۾ هليو ويو. ظهير، حاجن شورو ۽ دانيال شاهه به ڪورٽ پهچي ويا هئا.

سمري ڪورٽ نمبر ۱۸ جو ميجر ڪونه هو، تنهنڪري ريمانڊ تي صحيح نه پئي ٿي سگهي. آتي ويٺل سب انسپيڪٽر گدا شاهه، جيڪو پي - ايس - آءِ هو،هن مون کان پڇيو، ”اوهان ڪتاب حڪومت جي خلاف ڇو ڇپيو آهي؟“ ٻڌايومانس، ”ڪتاب هينئر ڪونه ڇپيو آهي، بلڪ ۱۹۷۴ع ۾ منهنجي پريس ۾ ڇپيو هو. جڏهن اها حڪومت ڪانه هئي.“

ريمانڊ تي صحيح وٺڻ لاءِ ۲۰ نمبر ڪورٽ ۾ ميجر صلاح الدين وٽ ڪاغذ موڪليا ويا، ڪورٽ جي ڪلارڪ عباسيءَ مون

خان پڇيو ته ”کهڙي جيل وڃڻ ٿا گهرو، سينٽرل جيل يا ناري؟“

چوهانس، ”ناري.“

چيائين، ”سينٽرل جيل وڃو ها ته چڱو ٿئي ها، اتي صفائي به گهڻي آهي ۽ اسٽاف به چڱو آهي.“

چيومانس، ”صحيح ٿا چئو، پر ناري جيل تي منهنجو دوست، شاهنواز خان جوڻيجو آهي، ۽ گذريل دفعي سپرنٽينڊنٽ به ڏاڍي سٺي نموني مليو هو، تنهنڪري، ناري تي وڃڻ گهران ٿو.“

هن چيو، ”اوهان جي مرضي.“

ميجر صلاح الدين به اچا ڪونه آيو هو، سو ڏاڍو انتظار ڪرڻو پيو. پوليس وارن وٽ پنهنجي گاڏي به ڪانه هئي، سو دانيال پاڻيءَ کي فون ڪري گاڏي گهرائي ورتي. خميسو (ڊرائيور) ڪيتري دير کان ٻاهر انتظار ڪري رهيو هو. مونکي اهو فڪر هو ته ٻارن کي موڪل ملڻ واري آهي، ۽ گاڏي هتي ڦاٿي پئي آهي.

ادا خالد شاهه جي آفيس مٿي هئي، هنکي خبر پئي ته هو آيو، الطاف (سيد، بلوچ، خاصخيلي) به آيو. عباسي ادا خالدشاهه کي سڃاڻيندو هو، تنهن ادا کان پڇيو، ”سائين اوهان هتي ڪيئن؟“ ادا مون ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”عزيز اٿم.“ ريمانڊ تي اچا صحيح ٿي نه آئي هئي. مونکي ٻارن جو فڪر هو. عباسيءَ کي مون چيو، ”جلدي ڪريو.“ هن ٠٢ نمبر ڪورٽ تي فون ڪئي ۽ هتي جي ڪلارڪ چيو، ”سيڙ صحيح

ڪرائي پائيھي موڪلي ڏيندا سين.“
ٻيهر انتظار شروع ٿي ويو. مونکي آزاد ٿيڻ کان وڌيڪ جيل وڃڻ جو انتظار هو. وقت آهستي آهستي گذرندو پئي ويو، ۽ وقت سان گڏوگڏ منهنجي بيچيني به وڌندي پئي وئي. مونکي اهو فڪر هو ته گاڏي وقت تي نه پهتي ته پار پريشان ٿيندا. پار وڏا هجن ها ته به خير هو، هي ته ننڍڙا هئا. منهنجي پريشاني ڏسي ادا خالد چيو، ”مان ٿو آرڊر ڪٿي اچان.“ هو ويو ۽ جهٽ ۾ ڪٿي آيو. ڪلارڪ کي آرڊر ڏيندي، کلندي چيائين، ”اسان ته گهريو ٿي ته سائين اڄ ڪجهه دير ويهي، پر سائين کي جيل وڃڻ جي ايتري تڪڙ آهي ته ماشاالله.“
ڪورٽ کان ٻاهر نڪتاسين ته رسول بخش انڙ وڪيل ۽ زوار نقوي مليا، جن سان ڳالهه ٻولهه ڪري اسين سيئي اچي گاڏيءَ ۾ ويٺاسين. هن دفعي حاجن شورو ۽ دانيال شاهه به گڏ هئا. ظهير سان گڏ سندس دوست شبير موٽر سائيڪل تي ويٺو، ۽ گاڏي جاتلي سڃاتل رستن تان ٿيندي ناري جيل ڏانهن وڃڻ لڳي. مون رند کي چيو، ”ڊرائيور کي ناري جيل جو رستو ٻڌائجو، هنکي خبر ڪانهي.“ پوليس واري چيو، ”سائين، ڊرائيور آهي، هنکي سڀني رستن جي خبر هوندي.“ مون چيو، ”هي پوليس جو ڊرائيور ڪونهي جو هنکي جيل جي رستن جي ڄاڻ هجي. هي ته گهر جي ۽ اسڪولن جي رستن کان واقف آهي.“ سڀئي کلڻ لڳا. پوءِ گاڏي ڪالوني جي تان ٿيندي، ناري جيل لاءِ ٿي

جي پٺن تي ڪراس ڪري اچي جيل جي ڦاٽڪ وٽ بيٺي.
اهو ساڳيو جيل آهي، جنهن ۾ مهينا کن اڳ مونکي آندو
ويو هو. پر تڏهن ڪورٽ مان ٿاري جيل وٺي آيا هئا آزاد ڪرڻ
لاءِ. (١) ۽ ٻاهر مغل ۽ ظهير منهنجي آزاديءَ جو انتظار
ڪري رهيا هئا. ۽ جڏهن ماڙيءَ ۾ پابندي پيل جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس
فيڊريشن جي صدر گل محمد جکراڻي مونکي ڪچهري ڪرڻ لاءِ
ڪچهري لاءِ روڪي ورتو هو ته ٻاهر مغل ۽ ظهير پريشان
ٿي ويا ته: نه ڄاڻ ڇو روڪي ورتائون.
۽ اڄ جيل اماڻڻ لاءِ ظهير، دانيال، حاجن شورو، شبير ۽ خميسو
موجود هئا. دانيال هٿن ۾ بيگ کنيون. خميسو ۽ ظهير حسرت
سان مونکي ويندو ڏسي رهيا هئا. ڦاٽڪ جي اندر ويٺل پوليس
واري اسانکي ڏسي پڇيو، "جوابدار آهي؟" ۽ جڏهن رند
چيو، "ها." ته دروازو کوليائين. مون دانيال کان سامان
وٺي اندر ڪيو، ۽ دروازو بند ٿي ويو. انهيءَ دروازي جي
اڳيان هڪ ٻيو دروازو هو، جيڪو به کليو ۽ مون سامان
کڻي ماڙيءَ ۾ رکيو. ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ شجاع مرزا جي نظر
مون تي پئي ته وڌي اچي هٿ ڏنائين ۽ منهنجو ريمانڊ جو
ليٽر رند کان وٺي سپرنٽنڊنٽ وٽ کڻي ويو. اتي ويٺل
صوبيدار يا شايد جمعدار، جنهن گذريل دفعي مونکي ڏٺو
هو، آهو به سڌي نموني اچي مليو. ٿوري دير ۾ شجاع مرزا،
سپرنٽنڊنٽ جي ڪمري مان ٻاهر نڪتو ۽ آتان ٿي رندکي
ٻاڻ وٽ سڏي ڪجھ، چيائين ۽ مون وارو ليٽر ڪيس واپس

(١) ٿاڙ سفاڻي واري ڪيس ۾.

سڪندي پاڻ هليو ويو.
رند مونکي ٻاهر وٺي آيو، ۽ ٻڌايائين ته: ”توهان کي ڪورٽ واپس سڏايو آهي. اسين وري اچي گاڏيءَ ۾ ويٺاسين. مون رند کي ڪٺي چيو، ”اڄ ۾ مارشل لا وارن مون کي نه پي ورتو ۽ هاڻ ناري جيل وارن واپس موڪليو آهي. مهرباني ڪري هاڻ مونکي هلي گهر ڇڏيو.“
ٻئي کلڻ لڳا. گاڏي وري واپس موٽي. خميسو گهڙيءَ گهڙيءَ واچ ۾ ٽائيم ڏسڻ لڳو، ڪيس ٻارن جو فڪر هو. جنهنکي هاڻ موڪل ملڻ واري هئي.
وري ساڳي ڪورٽ ۾ ويهاريائون. مون رند کي چيو، ”پونا ٻه لڳي ويا آهن، ٻارن کي موڪل ملي ويئي هوندي. ڪجهه دير گاڏيءَ کي ڇڏڻو پوندو.“ رند چيو، ”سائين فقط ٻه سنٽ ترسو.“
آئي پتو پيو ته جيل وارن اهو چئي واپس ڪيو آهي ته: ’اسان وٽ جاءِ ڪانهي.‘ پر ڪجهه وقت کانپوءِ شاهنواز خان گڏيو ته هن ٻڌايو: ’سچي بدمعاشي ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ شجاع جي هئي سپرنٽنڊنٽ لوهي (شايد اهوئي نالو اٿس) ته تمام سٺو ماڻهو آهي. اهو پيٺاڻ ترڙو آهي.‘ اها به خبر پئي هئي ته فيض محمد ابڙي ۽ سليم شاهه کي منهنجي پهچڻ جو پتو پيو ته آهي ماڙيءَ تي پهتا هئا، پر تيستائين مان وڃي چڪو هوس.
رند اندران ريماند ليٽر تي ناري جو نالو ڪٽرائي سينٽرل جيل لکرائي آيو. مون کيس چيو، ”ڏسي وڏو ڪٽيل جاءِ

ٿي انيشنل ٿيل آھي يا نہ. ائين نہ ٿئي تہ سينٽرل جيل وارا بہ واپس ڪن.” رند ليٽر ڪڍي ڏنو انيشنل ٿيل ھئي.
مون رند کي چيو، ”سائين، رستي مان ٻارن کي بہ کڻندا ھلو، ننڍا ٻار آھن، آھي پريشان ٿيندا ھوندا.“
رند ڪجھہ گھڙين تائين سوچيو، پوءِ چيائين، ”ماشا الله ڀلي ھلو.“
خميسي گاڏي ڦيرائي ۽ ڪورٽ جي پوئين در ڪان ڪڍي پريم پارڪ (ھاڻ تہ نہ رھيو آھي پريم نڪوپارڪ.)وٽان ٿيندو، ٺنڊي سڙڪ تي آيو. ٺنڊي سڙڪ وارن بنگلن وٽان گاڏي لنگھي تہ عادت موجب مان سيڪنڊ لاسٽ بنگلي کي ڏسڻ لڳس، ۽ تيستائين ڏسندو رھيس، جيستائين گاڏي انھيءَ بنگليءَ کي پوئتي نہ ڇڏي ڏنو.
اھو بنگلو مون کي ڏاڍو وڻندو آھي. ڏاڍو خوبصورت ۽ ڏاڍو شاندار آھي، دل ۾ ھميشہ اِھا خواھش ٿيندي آھي تہ: ڪاش اِھو بنگلو منھنجو ھجي. عمر قاضيءَ سان جڏھن بہ اتان لنگھندو ھوس تہ عمر چوندو ھو: ’سائين، اڇي ويو اوھان جو بنگلو.‘ پوءِ ڪڏھن چوندو ھو، ’ھلي ڪافي تہ پيئاريو.‘ ۽ ڪڏھن چوندو: ’مون وٽ ڪڏھن ايترا پئسا ٿيا تہ مان اوھانکي اھو بنگلو ڊونيٽ ڪندس. مان کيس جواب ڏيندو ھوس: توھان ڇا ڊونيٽ ڪندا. ڏسجو ھڪ ڏينھن مان اھو بنگلو خريد ڪندس.‘ (پر خبر اٿم، اھا خواھش ڪڏھن بہ پوري ڪانہ ٿيندي.)
گاڏي ون يونٽ بلڊنگ وٽان لنگھي، واڌو واھ جي ڪپ

ٽي چڙهي. مونکي ياد آيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ساڳي گاڏي هئي، ساڳيو خميسو مون سان گڏ هو، تڏهن اسين انڊس گيس جي آفيس ڪم سان ويا هئاسين. ۽ انهيءَ جي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ساڳي گاڏي هئي، مان ۽ خميسو هو، هن دفعي ذلتي ۽ حسنين کي اسڪول داخل ڪرائڻ هليا هئاسين.

ذلتي ۽ حسنين ـ ڪين ڏسڻ جي دل ۾ ايڏي خواهش جاڳي، ڇو ته پڙهين ٿان ڪين نه ڏنو هجيم.

گاڏي اڳ ۾ آغا تاج محمد اڪيڊمي جي ڪتاب ز گارڊن وٽ هارن ڏنو. ذلقي هميشه جيان ڪلندو، ڪتاب ڪٺي گاڏيءَ ۾ چڙهيو، بيگ پويان اُڇلايائين ۽ پاڻ مون سان گڏ اچي ويٺو. ذلقيءَ کي انهيءَ ڳالهه جو احساس ئي نه هو ته سندس چاچو هاڻ آزاد نه، گرفتار ٿيل آهي. پوءِ وري گاڏي ساڳي اسڪول جي وڏن ڪلاسن وٽ اچي بيٺي. خميسي هارن ڏنو، ۽ حسنين بيگ کڻي ڊوڙندو آيو. خميسي چيس، ”پٺيان هلي ويهه.“ پر هن به بيگ پٺيان اُڇلائي، ۽ پاڻ اچي مون وٽ گهڙيو. سوڙهه هئڻ ڪري ذلتي منهنجي ڪڇ ۾ چڙهي ويٺو دل ۾ شديد خواهش جاڳي ته: ’ڪاش اورنگزيب سان به ملي سگهان!‘

پر گاڏي ٻاهرين رستي کان سينٽرل جيل ڏانهن پئي ويئي. ۽ اورنگزيب پگٽ اسڪول (تلڪ چاڙهي) ۾ هو. هو حيران هوندو ته: اڄ خميسي دير ڇو ڪئي آهي. پر ڪيس ڪهڙي خبر ته سندس وڏڙو چاچي کي، خميسو پوليس جي ٻهري ۾ جيل وٺيو بيو وڃي.

ستن سالن کانپوءِ هڪ دفعو وري قيديءَ جي حيثيت سان سينٽرل جيل جي ڪمپائونڊ ۾ داخل ٿيس. چاتل سڃاتل رستا ۽ جايون هيون. سوچيم پئي: رڳو قيدي ساٿي ۽ جيل اسٽاف پيو هوندو. گذريل دفعي سپرنٽينڊنٽ نورالاهي شيخ هو. ڊپٽي محبوب چريو هو. ۽ قمر شاهه، حئي قريشي، رشيد ۽ راجا جيلر هئا. هن دفعي اها ته خبر هئي ته سپرنٽينڊنٽ اوقاش شيخ آهي ۽ حئي قريشي جيلر به هتي آهي. باقي نه ڄاڻ ڪهڙو اسٽاف آهي.

گاڏي ماڙيءَ جي ڦاٽڪ جي سامهون اچي بيٺي: ظهير وارن کي ڪورٽ مان سڌو جيل تي پهچڻو هو، پر آهي اڃا پهتا ڪونه هئا. دانيال سامان ڪنيو. ذلفي ۽ حسنين حيرت سان مونکي ويندو ڏسي رهيا هئا. هنن کي خبر ئي نه هئي ته اها ڪهڙي جاءِ آهي ۽ چاچا ڪيڏانهن پيو وڃي. خيمسو جيڪر منهنجي ڏاڍي عزت ڪندو آهي، مونکي حسرت سان ڏسي رهيو هو. رند، مان ۽ دانيال اچي ڦاٽڪ وٽ بيٺاسين. ماڙيءَ جي در وٽ ڪافي ماڻهو بيٺا هئا، ڪي مڙئي مونکي ڏسڻ لڳا، ۽ ڪي هڪٻئي کان پڇڻ لڳا ته: هيءُ ڪير آهي؟

ڦاٽڪ جي اندرين پاسي سپاهي سب انسپيڪٽر کان پڇيو، ”قيدي آهي ڇا؟“ رند ”ها“ چيو. پوليس واري رند کان پڇيو، ”پوليس وارو ساڻ ڪونه آئو ڇا؟“ رند چيو، ”آهي.“ هن چيو، ”ٻاهر قيديءَ وٽ هنکي بيهاري اوهان پاڻ اندر اچو. اگهه پر ڊپٽي صاحب کان پڇيو، ”جاءِ هوندي ته قيديءَ کي وڙنداسين.“

رند پوليس واري کي سڏ ڪيو، جيڪو آرام سان گاڏي ۾ ويٺو هو. هنکي سڏ ڪيائين ته هو وا ٽڙو اچي مونکي هٿڪڙي هڻڻ لڳو. مون چيومانس، ”هٿڪڙي هڻڻ لاءِ ڪونه سڏيو اٿس. مون وٽ ٻيهه مٺان مان پڇي وجان. رند اندر ٿو وڃي.“ هو ڏند ڪڍي ويهي رهيو، ۽ جڏهن رند اندر ويو ته مونکي چيائين، ”ڪلهه کان اوهان سان گڏ رلان پيو. اوهان کا خرچي به نه ڪرائي آهي.“

چيومانس، ”سيد سان هٿ اٽڪايو اٿئي، پوءِ رلندين نه ته ٻيو ڇا ڪندين.“ پوءِ کيسي مان ويهه روپيا ڪڍي خرچي ڏنيمانس. هو خوش ٿيندي چيو، باقي پئسا نديڙي کي ڏئي ڇڏيو.“ چيومانس، ”نه، پيا اندر جمع ڪرائيندس.“

۽ پوءِ مونکي اندر اچڻ جو سڏ ٿيو. مون دانيال کان موڪلايو ۽ سامان کڻي وڏي ڦاٽڪ جي ننڍڙي دريءَ مان اندر داخل ٿيس. هاڻ ٻاهرين دنيا سان منهنجو ناتو ٽٽي چڪو هو.

مون سامان هڪ پاسي رکيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس ته من ڪو سڃاڻو جيلر يا سپاهي ڏسڻ ۾ اچي، پر ڪو به سڃاڻو ڪونه هو. هڪ جهونو پوليس وارو هو، پر هن مونکي ڪونه سڃاتو.

سب انسپيڪٽر رند منهنجو نالو لکرايو ۽ پنهنجي موڪلائڻ جي تيزيءَ سان ٻاهر نڪري ويو. شايد شڪر پي ڪيائين ته مون مان جند ڇٽس. مونکي آتي ٻيٺي ٿورڙي ئي دير ٿي هئي جو ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ مونکي سڏايو. مان سندس آفيس ۾ ويس. ڪارو، ٻجڙو، منهن تي ماتا جا نشان، ٺلهو ماٺڙو، ڏاڙهي

ڏاڍي آڪڙ ۽ بد تميزيءَ منجهان مونکان پڇيائين، ”ڪرمنل ڪيس آهي؟“

چيومانس، ”مون تي الزام آهي ته ١٩٤٧ع ۾ مون هڪ پولٽيڪل ڪتاب ڇپيو هو. ڪتاب پولٽيڪل هو ته ڪيس ڪرمنل ڪيئن ٿيو!“

هن پرسان بيٺل هڪ بڇڙي شڪل واري ماڻهوءَ کان پڇيو، جيڪو سي. آءِ. ڊي جو ماڻهو ٿي لڳو. هن چيو، ”ها، ڪرمنل ڪيس آهي.“

پوءِ ڊپٽيءَ ڏاڍي بدتميزيءَ سان مونکي چيو، ”ٺيڪ هي جائو.“

مان ٻاهر اچي ويٺي رهيس هڪ پوڙهي ڏاڙهيءَ واري پوليس واري مونکي چيو، ”اوهين سامان کڻي ڏاکڙ جي هيٺان وڃي ويهو.“ مان سامان کڻي ڏاکڙ جي هيٺان وڃي ويٺس. آها ڏاکڙ مٿي سپرنٽنڊنٽ جي آفيس ڏانهن ويئي ٿي. مان گذريل دفعي، ڪئين پيرا تڏهن جي سپرنٽنڊنٽ نور الاهي شيخ وٽ ويو هوس، پر هاڻ ته اوقاش شيخ سپرنٽنڊنٽ هو، جيڪو ١٩٤٧ع ۾ ڪراچي سينٽرل جيل جو سپرنٽنڊنٽ هو. ۽ مان وڏس ڪراچي سينٽرل جيل ۾ رهي چڪو هوس، آهو به هن ڊپٽيءَ کان گهٽ بدتميزيءَ سان پيش نه ايندو هو. مون سوچيو: ڏسجي هاڻ سندس رويو ڪيئن آهي.

مون کي اتي ويٺي ٿوري دير ٿي هئي ته هڪ ڪلرڪ آيو، هن جي هٿن ۾ مون وارو ريمانڊ ليٽر هو. هن مونکان پڇيو، ”اوهان وٽ ڪيسا آهن؟“ چيومانس، ”ها ڪجهه آهن.“ پوءِ

ڪيسي مان ڪڍي ڪيس ڏنم، ايڪهٺ روپيا پنجويهه پئسا هئا. هن منهنجي ريمانڊ تي پئسا لکيا ۽ پڇيائين، ”واچ اٿئي؟“ چيومانس، ”نه.“ ۽ پوءِ هو هليو ويو.

پوڙهو سپاهي مون وانگر هڪ نئين آيل قيديءَ جي سامان جي تلاشي وٺي رهيو هو. هن مان واندو ٿي پوءِ مون وٽ آيو. منهنجي بريف ڪيس مان سمورو سامان ڪڍي ٻاهر ڪيائين. آهو بد شڪل سي- آءِ- ڊي وارو ٻه اچي پرسان بيٺو. بريف ڪيس ۾ آرسيءَ جو نئون پرچو ٻيل هو. پوڙهي سپاهي آهو سي- آءِ- ڊي واري کي ڏنو. هن ڏسي چيو، ”ناول آهي.“ ۽ پوءِ آرسيءَ کي بريف ڪيس ۾ وجهي ڇڏيائين، مون ٻيو سامان به کڻي بريف ڪيس ۾ رکيو. پوڙهو هنڌ کولي هتوراڙيون ڏيئي تلاشي وٺڻ لڳو. ۽ پوءِ چيائين، ”هنڌ ٻڌي وٺو.“

مون محسوس ڪيو ته هن دفعي جيل گرم ڪونهي. (وڏيڪ سختي ڪانهي.) ڇاڪاڻ ته مان سي ڪلاس جو قيدي هوس، پر مونکي بليڊ، سيفٽي، ماچس ۽ دوائون کڻڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏيائين. جڏهن جيل گرم هوندو آهي ته، سي ڪلاس جي قيدين کي اهي شيون کڻڻ نه ڏيندا آهن. اوقاش ته ڪراچيءَ ۾ بي ڪلاس جي قيدين کي به شيشي جي گلاس کڻڻ جي اجازت نه ڏيندو هو.

مون پنهنجو هنڌ ٻڌي ورتو ته پوڙهي منهنجون ٻانهون مٿي کڻائي، منهنجي تلاشي ورتي ۽ پوءِ چيائين، ”وڃو.“ مان سامان کڻي ڏاڍيءَ ڪان ٻاهر نڪتس. ٿلهو ۽ تمام ڊگهو

صوبيدار بيٺو هو. مونکي ڇيائين، ”هلو.“ مون هڪ هٿ ۾ بريف ڪيس کنيو، ۽ ٻئي ۾ هنڌ کنيو ۽ گهليندو اندرين در جي دري ۽ وٽ اچي بيٺس. دري کلي ۽ صوبيدار جي پٺيان جيل جي اندر ويس. مان هيڏانهن هوڏانهن ڪنهن سڃاڻو ۽ کي ڳولهي رهيو هوس. مونکي خبر هئي ته ابوبڪر زرداري به انهي ۽ جيل ۾ آهي. پر مونکي نه زرداري نظر آيو، نه ڪو ٻيو سڃاڻو.

جيل ۾ هن دفعي ڪجھ تبديلي نظر آئي. ماڙي ۽ جي اندرين پاسي، جتي آفيسون هيون، آتي اڳ ۾ در ڪونه هو. هاڻ آتي به هڪ وڏو لوهي در لڳل هو. اڳ ۾ جيڪو ڪارائين هو، اهو هاڻ بي ڪلاس هو. ڪارتين جي پرسان اڳ ۾ ٽ وبي خانو هو، هاڻ آتي ننڍي ڪورٽ هئي، جتي ولي خان وارن تي ڪيس هلندو هو. پرسان نوان ڪمرا ٺهيل هئا، اهي به ولي خان وارن لاءِ ٺهرايا ويا هئا.

صوبيدار هڪ پوليس واري کي سڏي چيو: ”هنکي ننڍي ڪورٽ وٺي وڃ.“ مان سامان گهليند و هن سان گڏ ويس. جڏهن ننڍي ڪورٽ ۾ گهڙيس ته منهنجو ڇرڪ نڪري ويو. هي ۽ ننڍي ڪورٽ هڪ ريل جي ڪمپارٽمينٽ جيتري هئي، بلڪ ويڪر ۾ انهي ۽ کان ننڍي. اندر پنجاهه کن قيدي وينا هئا، ڪجھ ڪورٽ کان ٻاهر کليل حصي ۾ وينا ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

مون ڪورٽ ۾ سامان رکيو ته هڪ پوڙهي، پوليس واري کي چيو، ”ابا، هتي ڪيتي وٺي آيو آن. هتي اڳ ۾ ئي

ست ڪان مٿي ماڻهو آهن. هي ته امير هٿي ڪيئن رهي سگهندو."
امير هن بريف ڪيس ۾ گرو هنڌ ڏسي چيو هو، چاڪاڻ ته
آهي سيئي حُليي مان نهايت غريب ٿي ڏٺا، شايد ٿي ڪنهن
ڪي سولو ڪپڙو هو. هنا آهي ڪچا قيدي.
پوليس واري ڪو جواب ڪونه ڏنو ۽ هليو ويو. مان حيران
پريشان بريف ڪيس ۾ هنڌ پٽ تي رکي ويٺو هوس. آئي
ويٺلن مان هڪ چيو، "سائين، توهان في الحال ته اسانجي
هنڌ تي ويهو، پوءِ ڏٺو ويندو."
هيٺ پٽ تي جيل جا ڪمبل وڇايل هئا، ڪن ڪمبلن
مان رهائي جو ڪم ورتل هو. پر ٻن قيدين هٿي مونکي
ويهڻ لاءِ جاءِ ڏني، مان پٽ سان اڳل ڪمبلن جي وهاڻن
ڪي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيس. هڪ هڪ ماڻهوءَ آئي مونکي
اچي هٿ ڏنو، ۽ پوءِ حال احوال وٺڻ لڳا.
مون ڪين ٻڌايو ته منهنجي پريس آهي ۽ ۱۹۰۴ع ۾ منهنجي
پريس ۾، عوامي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري رسول بخش
پليجي جو ڪتاب ڇپيو هو، تنهن جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو
اٿن.
پر هنن ۾ شايد ڪي ڪو پڙهيل هو. ڪين منهنجي ڳالهه سمجهه
۾ نه پئي آئي. نه ٿي هنن کي پريس جي ڄاڻ هئي ته آهه
آهي کهڙي شيءِ. البت هڪ ٻن ماڻهن ڪجهه ڪجهه
ڳالهه سمجهي، تن چيو، "پريس آها، جت اڪبارون (اخبارون)
ٺيون ڇپجن." ڪن چيو، "اڇا، اڪبار ڇپي هيو."
مونکي اها ڳالهه ور ور ڪري ٻڌائڻي ۽ سمجهائڻي پئي ته

مون ڏوهه ڪهڙو ڪيو آهي. ٻاهران جيڪو به ماڻهو آيو ٿي، مون سان هٿ ملايائين ٿي، ۽ مان ساڻس آٿي ٿي مايس، انهن مان ڪن ٻڌايو ته: ”اڙي همراهه ته اچا ٻاهر آهن. ڪي ٻاهر ويٺا آهن، ڪي ڪپڙا پيا ڌوئين. سڀئي جڏهن ايندا ته ليٽڻ جي جاءِ به نه رهندي.“

مون چوطرف ڏٺو، حالت واقعي اهڙي ٿي هئي. مونکي ائين لڳو ته ڄڻ اسان جي ٻاڙي واري اقبال هوٽل جي فراءِ پان ۾ ڪباب پيا ٿرجن.

مون سوچيو پي ته، مان پنهنجو هنڌ ڪٿي وڇايان، هتي ته واقعي جاءِ ڪانهي. ۽ گندگي به ڏاڍي هئي، هنن جا هنڌ ٿپڙ به ڏاڍا گندا هئا. اوچتو هڪڙي همراهه وٺي رڙ ڪئي، ” ابا منهنجي ڪپڙن تي به جوئون پيون هلن.“

رڙ و رڙ ٻئجي ويئي: ڪنهن ۾ جوئون آهن. ڪٿان آيون. تنهنجي ڪپڙن ۾ هئيون. اڙي تو ۾ هئيون. هن ۾ هئيون. پانيان ٿو هنجي گوڏ مان چڙهيون آهن. چريو آن ڇا. هيئر صابڻ سان به دفعا گوڏ ڌوئي آيو آن. جوئون چنبڙي پئيون هئيون ڇا. چتو ٿيو آن.

ڪنهن به جوئن هجڻ جي ڳالهه ڪانه قبولي مس مس جوئن جي ڳالهه مان جند ڇٽي.

آتي ۾ مهاجر به هئا، هڪڙو پٺاڻ هو. پٺاڻ جو پتو ڪونه پيو، باقي مهاجرن مان هڪڙو چرس ۾ ٻڌجي آيو هو، ۽ پيو شايد بشني هو.

۽ ٻوءِ انهن مهاجرن مان، جيڪي پاڻ ۾ هندي وال هئا

(يعني ڪاٺيندا رهندا ڳنڍ هئا) هڪ سگري آندي. جيڪا ايترو وقت ڪٿي اڪائي رکي هئائون. اها سگري ڊالڊا جو ڪٽيل دٻو هو، جيڪو مٿان به ڪٽيل هو، ۽ وچ مان به ڳنڍڪي نڪتل هئي. هنن انهيءَ ۾ ڪجهه ڪاغذ ۽ دفتري ڦاڙي با هه ٻاري ۽ هڪ دٻي ۾ چانهه لاءِ پاڻي چاڙهيون. هڪڙي ڪاغذ کي گيهه مکي انهيءَ کي به سگري ۾ وڌو (اهڙيءَ طرح ڪاغذ دير تائين ٻريو ٿي)، انهيءَ ڪورٽ (يا بئرڪ) ۾ فقط هڪ ڏو در ۽ هڪڙي دري هئي، تنهنڪري سڄي بئرڪ ۾ دونهون ڦهلجي ويو. منهنجيون اکيون سڙڻ لڳيون. چانهه ٺهڻ ۾ ڪافي دير لڳي ۽ منهنجي اکين مان پاڻي وهڻ لڳو (پاڻي وهڻ لڳو) ويڙن هئي.

اها چانهه دراصل انهيءَ پڪي قيديءَ لاءِ پئي ٺهي، جيڪو انهن مهاجر ڪڇي قيدين جو دوست هو ۽ سا ڻن ملڻ آيو هو (آهو به مهاجر هو). هن مونکان پڇيو، ”اوهين ڪٿي جا آهيو؟“ پڌايو مانس، ”حيدرآباد جو آهيان.“ وري پڇيائين، ”ڪهڙي هنڌ تا رهؤ.“ پڌايومانس، ”الهندي ڪڇي ۾، جماعت خاني جي پرسان.“ چيائين، ”رشيد بيدي واري کي سڃاڻو.“ چيومانس، ”ها، اهو منهنجي پريس جي پرسان ٿي ته رهي ٿو، سندن گدام به آتي آهي.“ چيائين، ”آئي ته مان ڪٿين پيرا آيو آهيان. رشيد سان منهنجي دوستي آهي. مان خود ٻارنهن سالن کان فردوس سئنيما وٽ رهندو آهيان.“ ۽ پوءِ پاڻ ٿي ٻڌايائين، ”رشيد جو والد ڪريم الله به قيد هو، هاڻ ته ڇٽو آهي. رشيد کي به ڇهه مهينا ٽيپ لڳي هئي.“

”ڪريم الله جو پٽو هوم، پر رشيد جي خبر تنهنجي واتان ٿو ٻڌان.“ مون چيومانس.
مون کائنس پڇيو، ”سياسي قيدي ڪٿي تا رهن؟“ چيائين، ”ڪجھ ته بي ڪلاس، اي ڪلاس ۽ اسپيشل وارڊ ۾ آهن، پر گھڻا آچي چڪر ۾ آهن.“
مون پڇيومانس، ”ابوبڪر زرداريءَ کي سڃاڻين؟“ چيائين، ”آهو، ڳاڙهي وارن وارو؟“ چيومانس، ”ها، هنکي ڦاهيءَ ڏيڻو آهي.“ چيائين، ”اکي رکو، مان کيس هينئر ٿي ٿو پهچايان. ٻاڪ کيس موڪليان ٿو.“ چيومانس، ”مون وٽ ته ڪاغذ پين ڪانهي.“ چيائين، ”آها به مان هٿ ڪري ڏيان ٿو. اوهين بي‌فڪر رهو.“
پر مان بي‌فڪر نه ٿيس، ٻاڻ فڪر وڌي ويم. وقت ويو پي گذرندو، مونکي ڊپ هو ته جيل بند نه ٿي وڃي. ۽ جيل بند ٿي ويو ته مونکي هتي ٿي رهڻو پوندو. هتي نه فقط گندگي ۽ بوسٽ آهي، پر ليٽڻ جي جاءِ به ڪانهي.
ٻئرڪ ۾ ٻه پکا لڳل هئا (شايد ولي خان وارن جي ڪري)، ڪنهن هڪڙو پکو هلائي ڇڏيو، ۽ سڄي ٻئرڪ ۾ دونهون قلهجي ويو. انهيءَ تي وري ٻئي رڙ ڪئي، ”مار پوي، پکو ڪنهن هلايو، سڄو دونهون پکڙجي ويو آهي.“ ٽئين چيو، ”پکو نه هجي ته رات جو مڇر کائي رکن.“ ”پر هينئر ته مڇر ڪونهن، بند ڪريو پکي کي.“ ۽ پوءِ هنن پکو بند ڪيو.
مون پاسي ۾ ويٺلن مان هڪ کان پڇيو، ”اوهين ڪهڙي ڏوهه ۾ آيا آهيو؟“ ورندي ڏنائين، ”ناحق ۾.“ ڪن رکي

چيائين، ”پرو چانڊئي ڏاڙيل جو نالو ٻڌو اٿو؟“ چيم، ”ها، هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ ٻڌو اٿم.“ چيائين، ”بس انهي ڏوهہ ۾ آيا آهيون. چاڪاڻ تہ اسين بہ ذات جا چانڊيا آهيون. ۽ دادو ضلعي ۾ رهون ٿا. پرو منهنجو ڀاءُ ماريو آهي. هو جيڪو سامهون ويٺل ڏسين پيو، هن جو بہ پرو ڀاءُ ماريو آهي. پر اسان تي الزام آهي تہ اسين پرو چانڊئي جا مائٽ ۽ ساٿي آهيون. سائين، اسان سان وڏو ناحق ٿيو آهي. پوليس اوچتو گهيرو ڪري اسانجا گهر گهاٽ، اسانجا ڳوٺ ساڙي ڇڏيا آهن. اسان جو الهہ تلهہ سڙي ويو. او هو جيڪو پريان ويٺو اٿئي، هن ويچاري جا ٽيهہ هزار روپيا گهر ۾ پيا هئا، گهر کي جو باهہ ڏنائون تہ اُهي اتي ئي سڙي ويا. هڪڙو پيو همراهہ آهي.“ هيڏانهن هوڏانهن ڏنائين. ”شايد ٻاهر نل تي ڪپڙا ڌوئڻ ويو آهي. انهيءَ جا چاليهہ هزار سڙي ويا. اسين ڀهراڙيءَ جا ماڻهو آهيون چورن چڪارن کان بچڻ لاءِ ڪتا پاليندا آهيون، اُهي ٻڌل هئا، ٻڌل جا ٻڌل سڙي ويا. اسانجون زالون ۽ ٻار ڪٺي پين ضلعن ۾ ڦٽا ڪري آيا. اسانکي ماري ڪٽي اچي هتي بند ڪيو اٿن. هاڻ اسانکي بہ خبر ڪانهي تہ اسانجون زالون ۽ ٻار واپس وريا يا نہ. ورندا تہ بہ رهندا ڪٿي؟ کائيندا ڇا؟ گهرٻار، ٻنيون ٻارا تہ ساڙي ڇڏيائون.“

هو چپ ٿي ويهي رهيو ۽ مونکي ٿي. ويءَ تي ڏيکاريل ڊرامو ’پناهہ‘ ياد اچي ويو.

ٿوري دير ۾ ڪو قيدي آئي صوبيدار وٽ ويو ۽ هن کي ڏيائين تہ: هتي اڳ ۾ ئي قيدي گهڻا آهن، سمجهہ تہ نہيہ،

ويهڻ جي جاءِ به ڪانهي، ۽ اوهان هڪ ٻيو همراهه به موڪلي ڏنو آهي. هتان مهرباني ڪري ڪجهه ماڻهن کي ڪيو.

صوبيدار آيو ۽ پڇيائين، ”هتي ڪيترا قيدي آهن؟“

ذري گهٽ سڀئي قيدي صوبيدار کي مڙي آيا، ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا، ”هتان ماڻهو گهٽائي.“ مان به ويجهو ويس ۽ چيومانس، ”مان پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهيان، ليکڪ آهيان، هڪ پريس جو مالڪ آهيان. مونکي هتان ڪيو، هتي ڏاڍي سوڙهه آهي.“ صوبيدار چيو، ”توکي ڪٿي رکان. هتي پڙهيل ته گهڻائي آهن، پر آهي ايجيٽيرين آهن (ايم- آر- ڊي جي تحريڪ ۾ آيل). مون چيومانس، ”مان اڳ ۾ هن جيل ۾ رهي ويو آهيان. ٻيو نه ته مونکي سياسي قيدين سان اچي چڪر ۾ رکو.“ چيائين، ”اوهان ڪرمنل قيدي آهيو، سياسي قيدين سان گڏ ڪيئن رکان.“ مون چيومانس، ”مون تي الزام آهي ته مون هڪ پولٽيڪل ڪتاب ڇپيو آهي. پوءِ مان ڪرمنل قيدي ڪيئن ٿيس! مان پاڻ ليکڪ آهيان. هن جيل تي ٿي ڪافي ڪتاب لکيا اٿم....“ ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيائين، ”ڪي ڪتاب آندا اٿوَ؟“ چيم، ”هن وقت ته ساڻ ڪونهن.“ چيائين، ”گهرائي ڏيندا؟“ جواب ڏنومانس، ”ها، ڪو ملاقات تي آيو ته گهرائي ڏيندس.“

منهنجو نالو ترڪيءَ تي لکيائين ۽ ويندي وقت چيائين، ”ٺيڪ آهي مان ڏسان ٿو، اوهانکي ڪنهن ٻئي هنڌ رکڻ جي ڪوشش ڪندس.“

صوبيدار ودو هليو، مان اوسٽمڙي ۾ ويهي رهيس. آيل مهمان

لاءِ چانهن تيار ٿي ويئي هئي ، هاڻ هنجي لاءِ بسڪٽ ۽ ميوو ڪٽيو ويو، مونکي به بسڪٽ ڏنائين چانهن لاءِ چيائون ته، ”ڪنٽين جي آهي، بنا ڪير جي.“ پر مون چانهن پيئڻ کان انڪار ڪيو. جيل ۾ سي ڪلاس جي قيدين لاءِ ڪنٽين جي چانهن وڏي ڳالهه آهي، ۽ انهيءَ ۾ ڪير هجي ته انهيءَ کان وڏي ڳالهه.

خبر پئي ته سامهون واري عمارت ۾ ڪورٽ آهي. لواريءَ واري ڪيس ۾ جيڪي همراهه جهليل آهن ، جن تي ستن خونن جو الزام آهي، انهن تي ملٽري ڪورٽ هٿي ڪيس هلائي رهي آهي. ڪيس روز هلندو آهي . اندر ڪيس هلي رهيو هو، ڪجهه دير کانپوءِ اڄوڪو ڪيس پورو ٿيو. اڳ ۾ ٻه فوجي، ۽ پوءِ ڪجهه وڪيل نڪتا. ٻه وڪيل سڃاتم، پر هڪ جو نالو ياد نه آيو، پئي لاءِ سوچيم پئي، ايستائين آهي اڳتي وڌي ويا. پوءِ ياد آيو ته هو عبدالسلام انصاري هو، جنهن جي آفيس منهنجي پريس جي بلڪل سامهون آهي. دل ۾ آيو ته هنکي چوان ته: هو جيل وارن کي چوي ته مونکي ڪنهن چڱي جاءِ تي رکن. پر مون سوچ ۾ گهڻو وقت ورتو ۽ هو هليو ويو. ڪيس چوان ها ته هو اهو ڪم ضرور ڪرائي ها. هاڻي چائي ٿي سگهيو، هاڻ ته سپاهي تائين انتظار ڪرڻو پوندو. پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ته اهڙو سٺو موقعو هٿان وڃائي ڇڏيم.

چانڊين مان ڪنهن چانهن چاڙهي. هنن وٽ ڪاغذ ۽ دفتريون گهٽ هئيون، ٽمهنستري، اسپنج جو ڦاٽل چمبل ٻه ..گريءَ

۾ وجهي ڇڏيائون، تنهن اهڙي ڏپ ۽ ڏونهون ڪيو جو
اندر ويهڻ عذاب ٿي پيو.
جنهن مهاجر ڀيرين چانهن ناهي هئي، هن رڙ ڪندي چيو،
”اڙي هي ڇا پيا ڪريو. ريڙ ڇو ساڙيو اٿو. ڏپ ۽ دونهون
ته الڳ رهيو، ريڙ جي ڪارنهن اهڙي ٿيندي جو جتي به
لڳي، اُتي چنبڙي پوندي، ڇت تي وڃي ڇهڪندي ۽ پوءِ
پين لاءِ مصيبت ٿيندي. ڏسو هي ڪ اسانجي مٿان پيا ذرڙا
ڪرن. ڏسو ڏسو.“ مون ڏٺو ڪارا ڪارا ذرا هر ڪنهن
جي ڪپڙن ۽ منهن تي پئي ڪريا. مان ڏپ ۽ دونهين جي
ڪري ٻاهر نڪري سامهون واري ڪورٽ جي بند دروازي
جي دڪي ۾ تي ويهي رهيس. منهنجي پر سان هڪ همراهه
ويٺو هو، جيڪو ٺٽي جو هو. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايو، ”هتي
اسين نون ڇهن ڏينهن جا آهيون. بس هر ويڙو ٻڌي آٽي اتي ڦٽو
ڪيو اٿن. هاڻ نڪو داد نه فرياد.“
سان جنهن دڪي ۾ تي ويٺو هوس، اُتي ڪن ماٺهن وضو
پي ڪيو. ڪن همراهن گهڙيءَ گهڙيءَ سنگهون، ٿڪون
۽ ڪنگارا اڇي پئي ڦٽا ڪيا، مونکي ڏاڍي ڪراهت پئي ٿي.
پر وڃان ته ڪيڏانهن وڃان. اندر دونهون ۽ ڏپ هئي. لاچار
اُتي ئي ويٺو رهيس. گهٽ ۾ گهٽ کلي هوا ته هئي.
هنن مهاجرن جو دوست پڪو قيدي مهمان وڃڻ لڳو ته
کيس وري ياد ڏياريم ته، ”مهرباني ڪري ابوبڪر زرداريءَ
کي منهنجي اچڻ جو ٻڌائجان.“ هن وعدو ڪيو ۽ هليو ويو.
ايتري ۾ پتو (جيل جي ماڻيءَ کي پتو چئبو آهي.) اچي

وڏو پٽو آئيملڊ همراهه پڇيو، ”ڪوئيون ته آيل ڪونهي؟“ ويٺلن سان ڪنهن چيو، ”ٻه همراهه نوان آيا آهن.“ (هڪڙو قيدي منهنجي اچڻ کانپوءِ ٻه آيو هو.) هنن منهنجو ٻه پٽو ڏٺو، سيئي آدم خورن وانگر پٽي کي جنبي ويا. مونکي ٻه کائڻ لاءِ چيائون، پر مون انڪار ڪيو.

ٿوري دير کانپوءِ ننڍي واري همراهه اچي مونکي ٻڌايو، ”صوبيدار اوهانجي لاءِ چڱي جاءِ ڳولهي رهيو آهي.“ پرسان واري چيو، ”شايد چوڪرا وارڊ ۾ رکندا.“ هڪ اڌوڙٽ، جيڪو آڏي ويٺو هو، هنجي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي، چپن کي چٽيندي چيائين، ”چوڪرا وارڊ! واهه واهه.“

”آئي ته نه رکن،“ مون چيو، ”آئي ته گهڻو ڪري سيئي بشٽي هوندا آهن.“

جيڪڏهن انهيءَ ننڍي ڪورٽ ۾ ايترا قيدي نه هجن ها ته، اها جاءِ خراب نه هئي، ٻه پڪا لڳل هئا. اٽيچڊ باٿ روم هو، بيسن لڳل هو، فلش سسٽم هو. پر بيسن جو نل خراب ٿيل هو ۽ ليٽرين ۾ ايترو گند هو جو مان پيشاب ڪرڻ ويس ته، مس مس ڪپڙا خراب ٿيڻ کان بچايم. پلا ٻه ليٽرين ۽ سنڪ کان مٿي ماٺهو، حالت خراب ڪيئن نه ٿيندي.

ٿوري دير کانپوءِ صوبيدار آيو. ٻاهر ويٺل سيئي اندر پيهاه صوبيدار مونکي (اڙدوءَ ۾) چيو، ”توهان سامان کڻي هلو، مون توهان جو ٻئي هنڌ بندوبست ڪيو آهي.“ مونکي خبر ڪانه هئي ته مونکي ڪيڏانهن ٿو وٺي هلي، پر هن

عذاب مان نڪرڻ جي مونکي خوشي ٿي. مون وڏي واڪ سيني جا ٿورا مڃيا، ۽ پرسان ويٺلن ۽ بيٺلن سان هٿ ملايم ۽ هڪ هٿ ۾ بريف ڪيس ۽ ٻئي هٿ ۾ هٿڪڙي گهليندو صوبيدار جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳس.

ٿورو اڳيان وڌيس ته ڪنهن منهنجو نالو ورتو، مونکي سڏ ڪيو. مڙي ڏٺم ته هڪ ڇوڪرا ۽ ٻيو نوجوان آيا پئي. آهي وڏي اچي مون سان مليا، ننهين کي ڏاڙهيون هيون. مون صوبيدار کي چيو، ”هڪ منٽ ترسو، مان هنن سان ملي وٺان.“ نوجوان پنهنجو تعارف ڪرايو، ”راجا جاويد.“

راجا کي مان سڃاڻان، سدائين جيلن ۾ هوندو آهي. گذريل دفعي جڏهن مان حيدرآباد جيل ۾ هوس ته هي ۽ ڪراچي سينٽرل جيل مان بدلي ٿي حيدرآباد سينٽرل جيل آيو هو. ۽ پوءِ جڏهن مونکي سکر سينٽرل جيل موڪليو ويو ته هيءُ اڳ ۾ ئي آئي هو، ۽ ڏهه مهينا مونکي سکر رکي جڏهن ڪراچي سينٽرل جيل اماڻيايون ته هيءُ به ڪراچي جيل ۾ موجود هو، ۽ جڏهن مونکي ساڍن ٽن مهينن ڪانپوءِ لانڍي بورسٽل جيل موڪليو ويو ته هيءُ اڳ ئي هتي هو. ۽ هاڻ ستن سالن ڪانپوءِ جڏهن مان گرفتار ٿي هتي آيو آهيان ته به هيءُ مونکان اڳ هتي موجود آهي. ڪراچيءَ جي ڪنهن ايس - پيءَ جو پٽ آهي. ٻر خراب سنگت ڪري سدائين جيلن ۾ رهي.

ٻيو هڪ سنڌي شاگرد هو، ناري جيل تي مون سان مليو هو. مان هنن کان موڪلائي اڳيان وڌيس. ماڙيءَ جي پرسان

هڪ مقدم کي صوبيدار چيو، ”هنکي ڪاري ڪوٺڙيءَ ۾ وٺي وڃ.“ مقدم مونکي چيو، ”هلو.“

مون سامان کنيو ۽ سائس هلڻ لڳس. ٻهرين اسپيشل وارڊ آيو. اڳ ۾ اهو بي ڪلاس هو، ۽ سان انهيءَ وارڊ ۾ چار مهينا رهي چڪو هوس. شاهه محمد شاهه ۽ حڪيم ٻيروارا مون سان گڏ هئا. نه ڄاڻ ڇاڻ اتي ڪير رهندا هئا. اڳيان بند وارڊ هو، ۽ انهيءَ ڪان اڳيان ڦاسي گهاٽ جون ڪوليون ۽ سامهون ڦاسي گهاٽ هو، جنهن کي ڳاڙهو رنگ لڳل هو. سوچيم: نه ڄاڻ هتي ڪيترا ڦاهي چڙهيا هوندا، ۽ نه ڄاڻ ڪيترن بي گناهن کي ڦاسي لڳي هوندي.

مقدم هلندي هلندي مونکان حال احوال به وٺندو هليو، پوءِ مونکي هٿ گهليندي ڏسي چيائين، ”هٿ کي ڪلهي تي رک نه ته ڪٽي نه سگهندين.“ مون سندس چوڻ تي عمل ڪيو ۽ هٿ کي ڪلهي تي رکيم. سوتليءَ سان جهلي هلڻ ڪري هٿ ڳاڙها ٿي ويا هئا. اڳيان هڪڙو لوهي سيخن وارو در هو، جتي هڪڙو سپاهي ۽ ٻه چوڪرا ويٺا هئا. مقدم هنن کي چيو، ”هنکي ڪاري ڪيٽري (ڪوٺڙي) ۾ رکڻو آهي.“ هڪ چوڪري، جنهنکي عينڪ پيل هئي، هن ڪاپي کنئي ۽ منهنجو نالو ۽ پيءُ جو نالو پڇي ڪاپيءَ ۾ لکيائين. مقدم مونکي چيو، ”هلو.“ مون وري بريف ڪيس کنيو ۽ هٿ کي گهليڻ لڳس. مقدم مونکي چيو، ”وري هيٺ کنيو اٿؤ، ڀرو هٿ اٿؤ ڪلهي تي ڪٽو.“ مونکان ڪلهي تي هٿ کنيو نه پي ٿيو، ٻر ڪٽڻو پيو.

هاڻ اسين ڇوڪرا وارڊ مان هلي رهيا هئاسين. ڇوڪرا وارڊ ختم ٿيو ته وري سيخن وارو لوهي در آيو، اسين آهو در مٿي ڪاري فئڪٽريءَ ۾ گهڙ ياسين. سامهون وڏو ميدان هو، جتي گاهه، ٻوٽا ۽ ڪيترائي وڻ هئا. هڪڙي بئرڪ اوڀر طرف هئي جيڪا بند ٿيل هئي، ۽ ٻي بئرڪ اتر طرف هئي. انهيءَ بئرڪ ۾ مقدم وٺي هليو. مقدم هيڏانهن هوڏانهن منهنجي لاءِ ڪا جاءِ ڏسڻ لڳو تمام ڊگهي بئرڪ هئي. ڏکڻ واري پاسي رکيو وڏيون دريون آهن جيڪي پٽ کان وٺي بئرڪ جي اڌ تائين آهن، انهن ۾ سيخون لڳل آهن. اتر ڏانهن به دريون آهن، پر آهي زمين کان ڪافي مٿي آهن، انهن ۾ به لوهي سيخون لڳل آهن. بئرڪ جو در وچو وچ آهي، ڪابي پاسي لوهي سيخن سان ڳنڍ، هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين، پٽ تي هنڌ وڇايل آهن، اهڙي طرح اتر طرف به هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين هنڌ وڇايل آهن. در جي سامهون ڪڙڪي (جيل ۾ ڪاڪوس کي ڪڙڪي چون)، آهي، جيڪا شام جو در بند ٿيڻ کانپوءِ استعمال ڪبي آهي. ڪڙڪيءَ جي ٻاهران ننڍي ڀت آهي، جنهن جي پاسي ۾ هڪ وڏو نا د ۽ مٽ رکيل آهن. ڪابي پاسي هڪ ٽي لائين ۾، ڀرسان ڇهه پکا لڳل آهن (آهي پکا مير اعجاز ۽ غلام مرتضيٰ جتوئي وارن هٽايا هئا، آهي به ڪجهه وقت انهيءَ بئرڪ ۾ رهيا هئا).

ٻنهي طرفن جي هنڌن جي وچان هلڻ لاءِ رستو ڇڏيل آهي. آتي ڀرسان پاڻيءَ پيئڻ لاءِ مٽ به رکيل آهن. هنڌن جي

سيراندي وٽ ۽ درين ۾ گهيءَ جا ارڙهن سيرن وارا دٻا قطارن ۾ رکيل آهن، جن ۾ قيدين جو سامان رکيل آهي. اڪثر دٻن کي تالا لڳل آهن.

مقدم الهندي پاسي هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، ويٺل قيدين کي چيو، ”بابا، هيءَ سيد آهي ڪا جاءِ ڏيندا هن کي.“ ڪن جواب ڏنو، ”هتي جاءِ آهي ڪٿي.“ پرسان ٽي چار پنجابي ويٺا هئا، هنن چيو، ”سيد آهي ته اسانجو مرشد آهي.“ وري مونکي چيائون، ”مرشد سائين، هيڏانهن اچو، اوهان لاءِ جاءِ ڪوڙ. في الحال اسان جي هنڌ تي ويهو، پوءِ ڪريون ٿا اوهان جي لاءِ جاءِ.“

مقدم مونکي اتي ڇڏي هليو ويو. ۽ مان هنن جي هنڌ تي ويهي رهيس. آهي سڀئي ڪچا قيدي هئا، ڪپڙن ۽ هنڌ مان صفا غريب پي لڳا. هنن منهنجي ايڏي عزت ڪئي، ڇو ته مان ٽي هنن جو مرشد هجان. پوءِ هنن هڪ ٻئي جا هنڌ سيراپا ۽ سوڙها ڪيا. هڪ همراهه پنهنجي جيل وارن ڪمبلن مان هڪڙو ڪمبل ڪڍي اچي پٽ تي وڇايو (هن بئرڪ جو پٽ ڪچو هو) ۽ پوءِ انهيءَ تي منهنجو هنڌ وڇائي مونکي انهيءَ تي ويهاريو. آسي پاسي جيڪي به قيدي ويٺا هئا آهي اچي مليا. مون پنهنجي ’مريدن‘ کان حال احوال ورتو. هنن ٻڌايو ته: ”اسين بهاولپور (پنجاب) جا آهيون، هتي ڪمائڻ جي خيال کان آيا هئاسين، پوليس آواره گرديءَ جو الزام هڻي، جيل موڪلي ڇڏيو آهي، هاڻ هتي ڏن مهينن کان ٻي درداڪيءَ ۾ آهيون.“

ڪجهہ دير ڪانپور ۾ سيٺي وڳي، جيڪي قيدي ويٺا هئا، سي ويهي رهيا، ۽ هڪ ٻئي کي چيائون: ’جوڙي جوڙي ٿي ويهو‘ هڪ سُڪل جمعدار ۽ عينڪ وارو ڇوڪرو، جيڪو ڪاري فئڪٽري ايندي وقت، ڇوڪرا وارڊ جي در وٽ ڪاٻيءَ ۾ تالو لڳي رهيو هو، اندر آيا ۽ ٻوءِ سيٺي قيدين کي ڳڻڻ لڳا. مان پنهنجي هنڌ تي ويٺو رهيس. هڪ ڇٺو پنهنجي پرسان ويهي رهيو تہ جيئن جوڙي پوري ٿي سگهي. ايتري ۾ ڪاري ڏاڙهيءَ سان نوجوان اوير واري ڪنڊ مان آئي ويٺو ۽ جمعدار کي چيائين، ”جمعدار صاحب، هتي پنجاسي جو ٽوٽل آهي (يعني پنجاسي قيدي آهن) ۽ روز پيا وڌن. ڪڙڪيءَ وٽ ڏايو پاڻي ٿوهارجي، اتي لاهي آهي، پاڻي ڪنهن جي هنڌ تائين پهچي ويو تہ هرويرو جهيڙو ٿيندو. اوهان جيل وارن کي چئي اهو ٽڪر نهرائي ڇڏيو.“

جمعدار شڪل مان سخت بخيل ٿي نظر آيو. ’هان، هون‘ ڪري، ٽوٽل پورو ڪري، ٻئرڪ جو در بند ڪري، تالو لڳائي هليو ويو. ٽوٽل لاءِ جيڪي ويهي رهيا هئا، آهي وري اٿيا ۽ هر ڪو پنهنجي ڪرت کي لڳي ويو. گهڻي ڀاڱي سيٺي دال کي تڙڪو ڏيڻ (داغ ڪرڻ) ۾ لڳي ويا. ننڍي ڪورٽ ۾ ڪنهن بہ دال کي تڙڪو ڪونہ ڏنو، هتي مسڪين وٽ ڪجهہ هوئي ڪونہ، تڙڪو ڪٿان ڏين.

ڪيترن مونکي مانيءَ جي صلاح ڪئي، بلڪ اصرار ڪيائون، پر آلسر هئڻ ڪري، مون آها دال نہ کاڌي تہ ماڳهين وڌيڪ تڪليف نہ ٿي پوي. بسڪٽ مون وٽ هئا، پر مونکي اهو

خراب ٿي لڳو ته مان اڪيلو ويهي ڪان. ۽ جيڪڏهن سيني کي ٿو ڏيان ته پورا نه پوندا. ۽ نه ڄاڻ مونکي ڪيستائين سولي ماني نه ملي، تنهنڪري بسڪٽن کي بچائڻو آهي.

ڪجهه دير ڪانپوءِ آهو ڏاڙهي وارو نوجوان مون وٽ آيو، جنهن جمعدار کي دانهن ڏني هئي. هن ٻڌايو ته، ”لواريءَ وارن مان آهيان.“ پوءِ هو منهنجي پرسان ويهي رهيو ۽ ڪچهري ڪرڻ لڳو. لواريءَ ۾ جيڪي خون ٿيا هئا، انهيءَ ڪيس ۾ هيءُ به آهي. اهي پاڻ ۾ ستاويهه ڄڻا آهن، ٻه ٻي ڪلاس ۾، باقي سيئي سي ڪلاس ۾ هن بئرڪ ۾ آهن. هن ٻڌايو ته: هو پاهر ماستر هو. سندس وڏو ڀاءُ به سائنس جانچ (ڪيس) ۾ آهي. آهو به ماستر هو.

هن نوجوان جنهنجو نالو وسري ويو، ٻڌايو ته: ”لواريءَ وارن لاءِ ڏاڍيون ڪوڙيون ڳالهيون مشهور ڪيل آهن. چيو وڃي ٿو ته آتي حج ٿيندو آهي، حالانڪ آتي ڪو به حج نه ٿيندو آهي، نه ڪڏهن حج ٿيندو هو.“ هن ٻڌايو ته، ”لواريءَ وارن پير لاءِ! هو به مشهور آهي ته هن وٽ مٽين سون ۽ هيرا جواهر آهن، اهو نسورو ڪوڙ آهي، اخبارن ۾ ته اهو به آيو آهي ته: لواري وارن وٽ اڇا ڪڪڙ آهن، جيڪي بانگون ڏيئي خزاني جو پتو ٻڌائين ٿا.“ ڪلي چيائين، ”اهڙا ڪڪڙ هجن ته حڪومت نه ڦري وٺي ها. تيل جي کوليها لاءِ حڪومت ٻاهران ماهر گهرائيندي آهي، باقي اهڙا ڪڪڙ ڇڏي، ڏيندي.“

پوءِ هن ٻڌايو ته، ”پير عبدالرحيم (پير گل حسن جو پٽ) وٽ

رکيو هئا ئي زمين جا ٻه سؤ ايڪڙ انهيءَ جو پئسو به رکيو فلاحي ڪمن ۾ خرچ ٿيندو هو. لواري شريف ۾ ٻه ٽي هزار ماڻهو رهندا آهن، پير بادشاهه جو حڪم هو ته هر ٻار کي پڙهائڻ لازمي آهي. ايستائين جو ايتري ننڍي آبادي واري ڳوٺ ۾ هاءِ اسڪول به آهي. ڇوڪرين لاءِ مڊل اسڪول آهي. جيڪڏهن ڪو پڙهڻ لاءِ ٻاهرين ملڪن ۾ وڃڻ گهرندو هو ته پير بادشاهه پنهنجي خرچ تي کيس ٻاهر موڪليندا هئا.“ پوءِ ڪنهن شخص نقاش جو ذڪر به ڪيائين.

هن ٻڌايو ته: ”پير بادشاهه کي اولاد نرينه ڪونه هو، تنهنڪري هنن پنهنجي جئيري ئي ڪراچيءَ ۾، مئجسٽريٽ جي سامهون وصيت ڪري، پنهنجي گاديءَ جو وارث پير فيض، قاضي احمد واري کي ڪري ڇڏيو هو ۽ انهيءَ لاءِ اڳ ۾ سڀني خليفن ۽ مريدن کان صلاح ورتي پوءِ اهو ڪم ڪيو هئائين.“

ايتري ۾ سامهون واري هنڌ تان هڪڙو نوجوان اٿي اچي پيرين پئي مليو ۽ چيائين، ”سائين معاف ڪجانءِ. مونکي خبر ڪانه هئي ته توهين سيد آهيو، نه ته مرشد اوهانجو بسترو مان پاڻ وٽ ڪريان ها. هاڻ اوهان جو هنڌ هوڏانهن ٿا ڪريون.“ مون چيومانس، ”مڙيئي خير آهي. هتي به ٺيڪ آهيان.“ منهنجي نون مريدن چيو، ”ناجي، هم مرشد کو نهين ڇوڙينگي، جو خدمت هوگي ڪرينگي.“

هو مون وٽ ئي ويهي رهيو. ٿوري دير کانپوءِ مون چيو، ”مونکي ڪڙڪي وڃڻو آهي.“ هو نوجوان جنهن جو نالو هاشم هو ۽ ذات جو خاصخيلي هو، ٻڌي وڙي وجي ڪرو

ڪٿي آيو. مون گهڻو چيومانس ته ڪرو مونکي ڏي، پر نه مڙيو. پاڻ ڪٿي هليو ۽ ڪڙڪيءَ جي در تي مونکي ڏنائين، اندر ڏ بلپوسي ته لڳل هو، پر گپ ڏاڍي هئي، ڪرندي ڪرندي بچيس.

ڪڙڪيءَ مان نڪتس ته هاشم ٻاهر منهنجو انتظار ڪري رهيو هو، منهنجا هٿ ڏوارئين ۽ پوءِ ڪرو ڪٿي هلڻ لڳو. مون گهڻو منع ڪيومانس، پر مڙيو ڪونه. آهو ڏاڙهيءَ وارو نوجوان پرسان ٿي ويٺو هو. مان آتان لنگهيس ته مونکي سڏ ڪيائين، ۽ پوءِ هڪ ماڻهوءَ سان منهنجو تعارف ڪرائين، "سائين هي منهنجو ياءُ آهي." ۽ پوءِ پنهنجي ياءُ ڪيڏائين، "هيءُ طارق اشرف آهي." هن هٿ ملائيندي چيو، "اڇا اوهان آهيو طارق اشرف. مون اوهانجي ميگزن سهڻيءَ جا ذري گهٽ سمورا پرچا پڙهيا آهن."

هنن سان اڌ همراهه مون واري لائين ۾ هئا، ۽ باقي اوپر پاسي ڏا ڪٿي ڪنڊ ۾. هنن مونکي پاڻ وٽ ويهڻ جي صلاح ڪئي ۽ پوءِ سانيءَ لاءِ به اصرار ڪيائون. پر مون سندن ٿورا مڃي انڪار ڪيو، پر هنن بسڪٽ زوري ڪارايا. ۽ چيائون، "چانهن پيو، ڪنڊ ۽ ڪير جي آهي." (سي ڪلاس جي عياشي) پر مون وري به سندن ٿورا مڃي معذرت گهري. هنن مونکي پنهنجي جماعت 'ناجيه' جا ٻه ڪتاب 'انواري جا لال' (پاڳو بيو) ۽ 'پير بادشاهه' پڙهڻ لاءِ ڏنا.

مون پير بادشاهه ڪتاب ڪجهه پڙهيو. ڪتاب ۾ پير گل حسن جي ڊائريءَ جا ڪجهه صفحا هئا ۽ سندن وصيت

هئي .

مان پنهنجي هنڌ تي ليٽيو پيو هوس ته هاشم اچي مونکي چيو، ”اوهان وٽ رکيو ڪيس آهي، انهيءَ مان سيءُ پوندو. مان رلهي ڏيان ٿو.“ مون هرويرو تڪلف ڪندي چيومانس، ”نه مونکي ضرورت ڪانهي.“ هن ويچاري ڏاڍو اصرار ڪيو، پر مان انڪار ئي ڪندو رهيس. ويندي وقت هن چيو، ”يلا رات جو جيڪڏهن سيءُ پوي ته مونکي آثاري ونجو.“

سو پل جڏهن هاشم به مون وٽ ويٺو هو. مون پنهنجي مريدن کان پڇيو، ”توهان کان ڪم وٺن؟“ جواب ڏنائون، ”ها مرشد، سچو ڏينهن ڪم وٺن. اسين آهيون غريب ماڻهو، جيڪي پئسا ڏين، انهن کان ڪم ڪونه وٺن. اسانکي هنڌ ڪڻي ٻاهر ميدان ۾ به رکڻو پوي.“ مون چيو، ”مان ته نه هنڌ ڪڻندس ۽ نه ئي ڪم ڪندس.“ هاشم چيو، ”سائين مجال آهي جو ڪو اسان جي هوندي اوهانکي ڪم ڪرڻ لاءِ چوي. يا هنڌ کڻڻ لاءِ چوي.“

رات جي ٻارنهن جا گهنٽا پرسان واري ٻرجيءَ تان وڳا آهن ۽ مان هڪ ٻئي جي پٺيان مختلف ٻرجين تان گهنٽا وڄن پيا. مون ننڊ جي گوري ورتي آهي. سڄي بئرڪ ۾ شايد ئي ڪو ستو هوندو. البت ڪافي قيدي ليٽيا پيا آهن. ڪي تاش پيا کيڏن گهٽا ڪچهريون پيا ڪن. خدا ڪري ننڊ اچي، هڪ ته گوڙ ڏاڍو آهي، ٻيو بئرڪ ۾ بيٺون به

ڪافي ٻري رهيون آهن. ڪوشش ڪندس ته هي ۽ خط سياڻي ٿو ڪي موڪلي سگهان.
اڏي، معل، اپ، پاپي، ظهير، مقصود، ظهور، ادا نثار ۽ دانيال کي سلام ڏجان.
فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

توهانجو
طارق

۸۳-۱۱-۳۰
پياري شمس
اسلام عليڪم

صبح ٿيو، آسمان تي سج نڪرڻ جي هلڪي هلڪي روشني ڦهلجڻ لڳي. ڪي قيدي نماز پڙهي رهيا هئا ۽ ڪي قرآن شريف جو دؤر ڪري رهيا هئا. آهستي آهستي سج مٿي چڙهڻ لڳو، روشني ڦهلجڻ لڳي. ۽ پوءِ سيٺي وڳي، سيٺي جوڙي تي ويهي رهيا، بئرڪ جو در کليو ۽ راتوڪو جمعدار آيو ۽ سيني کي ڳڻي ويو هليو. بئرڪ جو هڪ جوابدار ٻاهر نڪتو ۽ در کي ٻاهران وري بند ڪري ڇڏيائين. پر ڪن ڪڙ کي در ڪولي پٺي ڏنائين. ۽ ڪافي دير ڪانپوءِ در کولي ڇڏ يائين، ۽ گهٽي ٻا ڳي سڀئي قيدي ڪڙڪي (ڪاڪوس) ڏانهن ڊوڙي ويا. هاشم ڪرو ڪٺي مون وٽ آيو ۽ چيائين، ”سائين هلي منهن ڌوئي وٺو.“

مان ٽوٿ پيسٽ ۽ برش کڻي ٻاهر نڪتس. هاشم ڪرو ڪٺي مون سان هلندو رهيو. مون گهڙو ٿي ڪاٺس ڪرو گهريو، پر هن مونکي نه ڏنو. مان هٿ منهن ڌوئي ٽوال سان اگهي اندر آيس. هاشم گوڏ پڏي نل تي هليو ويو. ويندي وقت هڪ ڪاپي ۽ پين ڏئي ويو، تو کي هيءُ خط انهيءَ جي ڏنل ڪاپيءَ تي لکي رهيو آهيان. ڪلهه پنو ۽ پين لواريءَ وارن همراهن ڏني هئي.

رات جيڪو خط لکيو هوم، آهو اڄ توڏانهن موڪليو اٿم. خدا ڪري توکي ملي.

رات بس گذري ويئي. ننڊ جي گوريءَ جي ڪري ڪنهن وقت جاڳ ۽ ڪنهن وقت ننڊ هئي. هڪ ته بلبن جي روشني ٻيو قيدين جو رات جو تهجد تي اٿڻ، قرآن شريف جو وڏي واڪي پڙهڻ ۽ باقي ڪسر سيءَ پوري ڪري ڏني. رات ويچاري هاشم رلهيءَ لاءِ ڪيترو اصرار ڪيو هو. پر منهنجو نام نهاد تڪلف. سزا ٻه مونکي ئي ملي. هاشم منهنجي لاءِ رلهي ڪيڏي دير تي رکي ڇڏي هئي. رات ڪيترا دفعا دل ۾ آيم ته آٿي رلهي وٺان، پر آهو سوچي نه آٿيس ته: هاشم سُتو پيو آهي، ڪنهن ٻئي ڏنو ته سمجهندو ته رلهي چورائي ٿو. انهيءَ خيال جي ڪري ٿونڊڙو ليٽيو پيو رهيس.

تون مغل کي چئجان ته مونکي هتان ڪڍڻ جي جلدي ڪوشش ڪري، نه ته هتي حالت خراب ٿي پوندي. ابوبڪر زرداريءَ کي اڄ نياپو ته موڪليو اٿم، ڏسجي ڇا ٿو ٿئي.

ڪلاڪ کن ڪانپوءِ وري لکڻ ويٺو آهيان. لواريءَ وارا همراهه شنوائي تي ويا. ڪاري فئڪٽريءَ ۾ پڪا قيدي (سزا لڳل) به رهن ۽ ڪچا قيدي (جن تي ڪيس هلي رهيو آهي.) به رهن. حالانڪ هميشه ڪچن ۽ پڪن قيدين کي الڳ الڳ رکندا آهن. هن بئرڪ ۾ جيڪي غريب ڪچا قيدي آهن، آهي سيئي ڪم تي هليا ويا آهن، انهن کان جيل جي صفائيءَ جو ڪم وٺن. اڪثر پڪا قيدي ٻه مختلف

ڪم ڏني ويا آهن. هاڻ وارڊ ۾ تمام گهٽ قيدي آهن. هڪ آهي ڪچا قيدي آهن، جن جيل وارن کي پئسا ڪارائي ڪم معاف ڪرائي ورتو آهي. ۽ ڪجهه پڪا قيدي آهن، جن کان جيل وارا ڪم ڪونه وٺن. هاشم به پڪو قيدي آهي، پر ڪم ڪونه ڪري. جيل وارن هنکي چيو ته: ”تون بي ڪلاس ۾ وڃي برداشتي ٿي، (بي ڪلاس وارن جو هڪ قسم جو نوڪر)، پر هاشم چيو ”سونکي فئڪٽريءَ ۾ موڪليو، مان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر مان برداشتي نه ٿيندس.“ جيل وارن سزا طور ڪيس بند وارڊ ۾ موڪليو، ڏاڍي مار ڪٽ ڪيائون، پر هن آڻ نه مڃي. نيٺ ٽي مهينا ڪيس بند وارڊ ۾ رکي، ڪولي ڇڏيائون. هاڻ هن کان ڪو به ڪم ڪونه وٺن.

منهنجي هنڌ جي سامهون، ڏکڻ پاسي هڪ مختيارڪار آرائين، سنڌس پٽيوالو ۽ هڪ زميندار جا هنڌ آهن. تنهين کي مارشل لا جي سزا لڳل آهي. ٻڌو اٿم ته مختيارڪار صاحب پئسا وٺي، ٻئي ڪنهن جي زمين جا ڪاتا زميندار جي نالي ڪيا هئا. زميندار جسم جو پريل ڏاڙهيءَ سان آهي. مون سمجهيو هو ته پڪ بروچ آهي، پر پوءِ پتو پيو ته هندو آهي (شايد بروچ واٽيو آهي.) بئريڪ جا ساٿي گهٽي پاڳي سيٺي مون سان مليا آهن. پر زميندار صاحب ۽ مختيارڪار صاحب نه مليا، مختيارڪار صاحب کي ڏاڍي آڪڙ آهي. اتي به پاڻکي صاحب ٿو سمجهي سنڌس پٽيوالو اچا به پاڻکي سنڌس پٽيوالو ٿي سمجهي ٿو ۽ ڏاڍي فرمانبرداريءَ سان سنڌس هر حڪم جي بجا آوري ڪري

ٿو. ٿي سگهي ٿو اُنهيءَ ڪري سيٽيو ويٺو آهي.

خير، سيٽيو ويٺو آهي ته پلي ويٺو هجي. تو کي پنهنجي باري ۾ ٻڌايان. جڏهن وارڊ جا گهڻا قيدي هليا ويا، ۽ سمجهيم ته هاڻ ڪاڪوس خالي هوندا ته مان ويس. وارڊ جي ميدان ۾، ڏکڻ طرف، چوڪرا وارڊ جي پرسان هڪ لائين ۾ ڪاڪوس (ڪڙڪي) ٺهيل آهن، سٺ اٺ آهن. آسي پاسي ۽ پٺيان ٽين جون پٽيون آهن، پر سامهون در ڪونهي. سامهون واري پاسي ٽين جي هڪ ٻيڪي پٽ ڏنل آهي، پريان جو ماڻهو ته ڪاڪوس ۾ ويٺل ڪي ڏسي ڪونه ٿو سگهي. پر ڪاڪوس ۽ پٽ جي وچواري گهٽيءَ مان جيڪو لنگهندو، ٿو آهو آرام سان چلهن تي ويٺل ماڻهوءَ کي ڏسي سگهي ٿو. هاڻ اِها هنجي مرضي آهي ته هو ويٺل ڏسي، يا ڏسڻ ڪانسواءِ لنگهي وڃي. چلهن تي ويٺل هميشه اڪثر ڪڙڪو ٻڌي کنگهڪار ڪندو آهي ته، جيئن ايندڙ هميشه خبردار ٿئي ته فلاڻي ڪاڪوس ۾ ڪو ڪم ۾ رڌل آهي.

مان آتي ويس ته پرسان هوديءَ تي هاشم ڪپڙا ڌوئي رهيو هو، مونکي ڏناڻين ته پڇائين، "سائين وهنجندا ڇا؟" چيومانس، "هوديءَ تي وهنجي ڪونه سگهندس. ڪاڪوس ۾ وڃڻ چاهيان ٿو." هن پرسان پيل ڪراڙي ۾ پاڻي وڌو، مان ڪرو کڻي اندر ويس. خبر هئڻ جي باوجود به مون اهڙو ڪاڪوس گهوليو پي جتي گند نه هجي. سيني ڪاڪوسن کي ڏٺم، بلڪ سمورو گند ڏٺم، هر هنڌ ڍير لڳا پيا هئا. مجبوري حالت ۾، نيٺ هڪ ۾ ويهي رهيس. گهڙي گهڙي اهو ٻيٺ

پي لڳو تہ ڪو اچي نہ وڃي. اوچتو ھڪ ھمراھ ھليو آيو. پر محسوس ڪري ورتائين تہ ڪو ٻيو ھمراھ ويٺو آھي، تنھنڪري ٻنا ڏسڻ جي لنگھي ويو. البت مون پنھنجي ٻاران ٻنھي گوڏن کي پاڻ ۾ ملايو تہ جيئن پنھنجي شڻين کي لڪائي سگھان.

ٻاھر نڪتس تہ ھاشم صابڻ ڏنو. ھٿ ڌوئي، ٻئرڪ جي ورانڊي ۾ اچي ويٺس. سڄي رات سيءُ لڳو ھوم، تنھنڪري انھيءَ وقت آس وٺي پي. آتي ويٺو ھوس تہ خبر پئي تہ رات جو ٻارھين وڳي ست يا نو شاگرد ڪراچيءَ کان آيا آھن، ۽ اسان واري ٻئرڪ جي پر واري اسٽور روم ۾ رھيل آھن. ڪجھ دير ڪانپوءِ انھن مان ٻہ ڇوڪر ٻاھر نڪري ٽھلڻ لڳا. ھڪڙي وٽ ننڍو ٽرانسسٽر ريڊيو ھو، جيڪو وڄي پيو.

مان ورانڊي ۾ ئي ويٺو ھوس تہ ٻہ ڇوڪرا مون وٽ آيا، اِھي آھي ئي ڇوڪرا ھئا، جيڪي ڪلھہ ڇوڪرا وارڊ جي در وٽ ويٺا ھئا. انھن ۾ ھڪ آھو ئي عينڪ وارو ھو، جنھن ڪلھہ منھنجو نالو لکيو ھو ۽ راتجو جمعدار سان ٽوٽل ڪرڻ ٻہ آيو ھو، آھي اچي مون سان مليا، عينڪ وارو ڳالھائڻ ٻولھائڻ ۾ ڪافي مھذب لڳي رھيو ھو. ھن اڙدوءَ ۾ مونکان جيل ۾ اچڻ جو ڪارڻ پڇيو. مون مختصر طور تي ڳالھہ ٻڌائي مانس. چيائين، ”مون اوھانجو نالو ڪٿي ٻڌو آھي.“ ھن ڪجھہ دير سوچيو، پوءِ چيائين، ”اڌ ملاقات ڪتاب اوھانجو ئي لکيل آھي؟“ چيومانس، ”ھا.“ چيائين، ”مون اِھو ڪتاب

پڙهيو آهي.“ حيران ٿيندي پڇيومانس، ”سنڌي پڙهڻ اچئي ٿي؟“ ڪجهہ ڦڪو ٿي چيائين، ”ها.“ سائنس گڏ آيل ڇوڪري چيو، ”آهي ٿي سنڌي.“ ”اڇا!“ مان حيران ٿيس. پر منهنجي ڪجهہ پڇڻ کان اڳ آهي مونکان موڪلائي هليا ويا.

هڪ ٻيو قيدي، جيڪو منهنجي پرسان ٿي بيٺل هو، ٻڌايو، ”اهو ڇوڪرو اصل ۾ سنڌي آهي.“ چيومانس، ”پرهيءَ تہ پوريءَ طرح سنڌي ڳالهائي نٿو سگهي.“ چيائين، ”جو ڪيو ذات جو آهي. مائٽ مهاجر آهي. لطيف آبادمان ڪار ڇوري ڪئي هئائين، انهيءَ ۾ ٻڌجي آيو آهي. انٽر تائين پڙهيل آهي.“

جڏهن آهو ماڻهو بہ ويو هليو تہ مان وراندي ۾، پلر ڪي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيس. هاشم مونکي پٽ تي ويٺل ڏٺو تہ ڪمبل، چادر ۽ وِهاڻو ڪٺي آيو. ڪمبل هيٺ وڇائي انهيءَ تي چادر وڇايائين ۽ پلر وٽ وهاڻو رکيائين. مان آتي ويهي توکي خط لکڻ لڳس تہ ٻون آيل شاگردن مان ٿي جڻا اچي مون سان مليا، هڪ پڇيو، ”سائين، توهان مونکي سڃاتو؟“ غور سان ڪيس ڏسندي چيم، ”نہ، سڃائي نہ سگهيس.“ مرڪي چيائين، ”جوان ٿيو، ائين نہ ڪريو.“ مون بہ مرڪي چيومانس، جوان تہ اوهين آهيو، مان ڪيئن ٿيندس.“ چيائين، ”مان اوهان جي پريس تي عرفان شاهہ سان گڏ ڪئين ڀيرا آيو آهيان، منهنجو نالو حسن علي لغاري آهي.“

پوءِ هنن ٻڌايو ته اسين مهراڻ يونيورسٽيءَ واري واقعي ۾ جهليل آهيون. پهرين ناري جيل ۾ هئاسين، پوءِ ڪراچي سينٽرل جيل موڪليائون، هاڻ امتحانن لاءِ هتي آندو اٿن. هيئر وچون ته ٻه ٽي سپرنٽينڊنٽ سان ڳالهائڻ ته اسانکي ڪنهن چڱيءَ جاءِ تي رکن." مون چيو مان، "مهرباني ڪري منهنجي لاءِ به ڳالهائجو ته مونکي اچي چڪر ۾ سياسي قيدين سان رکن." چيائون، "ٺيڪ آهي، اسين اوهانجي لاءِ به ڳالهائينداسين."
آهي هليا ويا ۽ مان لڪڻ ويهي رهيس. جڏهن آس ساڙيو ته ٽپڙ کڻي لڳس. هاشم ٻٽرڪ مان ڏسي ورتو ۽ آتان ئي رڙ ڪيائين، "سائين ڇڏيو، مان پاڻ کڻندس." مان ٻٽرڪ ۾ هليو آيس، ۽ اچي پنهنجي هنڌ تي ليٽي پيس. هاشم به اچي پرسان ويٺو. پڇيو مانس، "هاشم ڇا ۾ جهليل آهين؟" چيائين، "خون ۾." پڇيومانس، "ڪنهن جي خون ۾؟" ڪن لاءِ مونکي ڏٺائين، پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين، "پيءُ جي." مونکان ڇرڪ نڪري ويو، "اهو وري ڪيئن!؟" "بس، چاچي جي سائس دشمني هئي. وڏو قصو آهي، ڪڏهن ٻڌائيندس."
هاشم کي پنجويهه سال سزا لڳل آهي. اڃا ته تي چار سال مس ڪاٽيا اٿس. خبر نه ڪهڙي اهڙي ڳالهه هئي، جنهنجي ڪري سڳي پيءُ جو خون ڪيائين. بهرحال اتي ئي، سائس رهيل آهيان، پڇندو سانس ته ڇا ٿيو ۽ ڇو ٿيو. هاشم جڏهن مون وٽان اٿيو ته مانيءَ لاءِ پڇيائين. چيومانس، "شايد گهران

اڇي، مان ڪريءَ جي ماني کائيندو آهيان.“
مان ڪيس وجهي سمهي رهيس. پتو آيو هو، مون آهو موٽائي ڇڏيو. هاڻ ڪي منهنجو ڏاڍو فڪر هو. هر ڪنهن کي پيو چيائين، ”هن سيد ڪلهه کان ڪجهه نه کاڌو آهي.“ مون واقعي پنهنجي ڪلاڪن ۾ ٻن ٽن ٻسڪيٽن کان علاوه ڪجهه نه کاڌو هو.
مونکي هڪ ٻاسي مانيءَ جو فڪر هو ته هتي ڪريءَ جي ماني ڪيئن ملندي، ٻئي پاسي اهو ڊپ ته هڙئي گوڙگهمسان ۾ رات جو ننڊ ڪيئن ايندي. ۽ پوءِ شاهه محمد شاهه ياد آيو، جيڪو منهنجي نازڪ مزاجي ۽ ناز نخري کي ڏسي چوندو هو: ’يا رب، ڏيار سائين طارق اشرف کي سزا، ۽ مليس سي ڪلاس، ۽ رهائينس ڪنهن اهڙي بئرڪ ۾، جنهن ۾ اسيءَ جو ٽوٽل هجي. پوءِ خبر پوي طارق اشرف جي.‘ دل ۾ چيم: ’نياڻا، ستن سالن کانپوءِ وچي تنهنجي ٻٽ لڳي آهي. سي ڪلاس به آهي، ۽ اسيءَ جي بدران ٻنجاسيءَ جو ٽوٽل آهي. ۽ رهي سزا ته شايد هن پيري آها به لڳي.‘
مونکي ڪنهن وقت ننڊ اچي ٿي، ڪنهن وقت جاڳيس ٿي، منهنجي مريدن مان ٻه ڪم تان موٽي آيا هئا، ۽ پنهنجا هنڌ (جيڪي فقط ٻه ٻه ڪمبل هئا)، پاهران اندر کڻي آيا، هڪ، جنهنکي ننڍي ڪاري ڏاڙهي هئي، آهو سيني کي ٻڌائڻ لڳو: ”سنڌي اخبار ۾ آيو آهي ته سياڻي يا پرهين مارشل ختم ٿي ويندو.“
آئي وينل کي خوش ٿيا، ڪن وري کائنس اها خبر

ٻچي ٻي. پر مون چاتو ٿي ته اِهي جيل جون خوش فهميون آهن، جن جي سهاري قيدي جيل گهاريندا آهن. اِها ٻي ڳالهه هئي ته منهنجي به اِها خواهش هئي ته مارشل لا ختم ٿئي.

ٿوري دير ڪانپوءِ هاشم بصر ۽ ٻٽاٽا کڻي آيو ۽ پڇياڻين، "سائين هي ۽ ته کائيندا؟ تري ڏيان. مرچ ڪونه وجهندس." مون هاڪار ڪئي ۽ هن وڃي سگري ٻاري.

ڪافي دير ڪانپوءِ آيو. مان منهن تي ڪيس وجهي پيو هوس. هن ڪنهنکي چيو، "سائين ستو پيو آهي، ڪيئن آٽاريانس. کلهه کان ڪجهه به نه کاڌو اٿس." ڪنهن چيو، "کڻي آٽارينس." هن سڏ ڪيو. مون منهن تان ڪيس پري ڪيو. چياڻين، "اچو، ماني کائي وٺو."

مان آٿي سندس هند تي وڃي ويٺس. منهنجي ڪري هاشم ۽ سندس هندي والن به ماني نه کاڌي هئي. هنن دال کاڌي ۽ مون تريل ٻٽاٽا.

هن وقت رات ٿي چڪي آهي. اسانکي بند ٿئي ڪلاڪ کان مٿي ٿي چڪو آهي. هي ۽ خط ڪاري فئڪٽري ۽ جي بدران اچي چڪر ۾ وينو لکان، پر ڳالهه آتان ئي ٿو شروع ڪريان، جتي ڇڏي هئم.

مان ماني کائي وڃي ليٽي پيس. ڪافي دير ڪانپوءِ هڪڙو جوابدار آيو ۽ اچي پڇياڻين، "سيد طارق اشرف ڪير آهي." سيني ٻڌائنس ته هي ۽ اٿئي، مونکي چياڻين، "سپرنٽنڊنٽ

صاحب سڏ ايو اٿوءِ“
مان سائس گڏ ٻاهر نڪتس، چوڪرا وارڊ ۾ جوڪيو چوڪرو مليو، مان سائس مليو جوابدار سان ڪچن جي آفيس ۾ آيس. آتي ڪي شاگرد ويٺا هئا، انهن مونکي سڃاتو ۽ اچي مليا. مون ابوبڪر کي ڳولهيو، پر اهو مونکي نظر نه آيو. آفيس ۾ هڪ رجسٽر ۾ منهنجو نالو لکيائون ۽ پوءِ مونکي چيائون ته: ٽي نشانيون ڏيکاريو. (جسم تي) ٽي نشانيون هجن ٿي نه ته ڏيکاريان ڪٿان ڪلي چيم، ”ڪٿي ناهيو“ (يعني مارڪ ڪري)، سيئي ڪلڪ لڳا. پوءِ آهو ڪلارڪ، جنهن ڪلهه مونکان پئسا ورتا هئا، مونکي ماڙيءَ تي وٺي هليو. مان اڃا ماڙيءَ جي اندرين در تي پهتس ته ايتري ۾ حئي قريشي جيلر ماڙيءَ مان نڪتو، مون تي نظر پئي ته اچي ڀاڪر پائي مون سان مليو ۽ چيائين، ”طارق تون عظيم آهين. مونکي تنهنجي اچڻ جي خبر پئي هئي. سو چيم پي ته وانڊڪائي ملي ته توسان ملڻ اچان. هاڻ سپرنٽينڊنٽ سڏايو اٿي، هن کي چئجان ته توکي ڪاري فئڪٽريءَ مان ڪڍي.“
مان اڃا آتي ئي ويٺو هوس ته، هڪ نوجوان، جنهن جون سچون هيٺ لڙڪيل هيون ۽ ڀرين نظر ۾ بيمار ٿي لڳو، اچي مون سان ڀاڪر پائي مليو ۽ تعارف ڪرايائين، ”سائين، مولا بخش چانڊيو. اوهانجي خبر ڪجهه دير اڳ پئي اٿون. مون ۽ ابوبڪر ڏيتيءَ سان ڳالهايو آهي. گهٽو ڪري اوهانکي اسان سان رکندا. پوءِ به سان ٻاهر ويٺو آهيان. هڪ ته مونکي

اوهانجي لاءِ اڳ ۾ ئي ڏاڍي عزت آهي. پيو اوهان منهنجي پياري دوست ظهير ميمڻ جا پيٽيوا آهيو. اوهان لاءِ جيڪو وس ۾ هوندو، ڪبو، اوهين فڪر نه ڪجو.“

ايتري ۾ مونکي اندران سڏ ٿيو. مونکي ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ وٽ وٺي ويا. سپرنٽنڊنٽ مونکان منهنجو نالو ۽ منهنجو ڏوهه پڇيو. مون ٻڌايو مانس ۽ چيومانس، ”مونکي ڪاري فئڪٽريءَ مان ڪيو مان ڪرمنل ناهيان.“ ڪلهه وانگر بدتميزيءَ سان چيائين، ”ٺيڪ آهي، سپرنٽنڊنٽ وٽ موڪليان ٿو، هو جتي تو کي رکي.“

ڪلرڪ مونکي مٿي وٺي هليو. مون سان گڏ هڪ ٻيو پوڙهو قيدي به هو. ڪلرڪ سپرنٽنڊنٽ جي آفيس جي ٻاهران اسان ٻنهي کي ويهاريو. اڳ ۾ پوڙهي کي سڏيو. در تي بيٺل سپاهي کيس جتي لاهي وڃڻ لاءِ چيو. هو جتي لاهي اندر ويو. هو نڪتو ته مونکي وڃڻ لاءِ چيائون. پر مونکي جتي لاهڻ لاءِ نه چيائون. نه ئي مان لاهيان ها.

مان اندر ويس ته سپرنٽنڊنٽ اوقاش شيخ مونکي ڏسي مُرڪي چيو، ”اچو شاهه صاحب اوهين ورڇ ڪيئن آيا؟“ ٻڌايومانس. چيائين، ”شاهه صاحب، مون اوهانجا آهي ڪتاب پڙهيا آهن، جيڪي اوهان جيل تي لکيا آهن. ’جيل گهاريم جن سان‘ ۾ اوهان مون تي جيڪا تنقيد ڪئي آهي. مون اها پڙهي آهي. مان اوهانکي اپريشيئيٽ (داد) ٿو ڪريان. اوهان منهنجيون جيڪي خاميون ٻڌايون آهن، مون پاڻ مان آهي ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. واقعي اهي لکڻ گهرجن. مونکي خوشي

تي ته اوهان مونکي منهنجيون خاميون ڄاڻايون آهن. هاڻ
اوهان هتي آهيو، ڏسجو مون پاڻکي ڪيترو مٽايو آهي."
چيومانس، "اوهانجي مهرباني، اوهانکي منهنجا ڪتاب وٺيا،
پر هاڻ مهرباني ڪريو، مونکي ڪنهن ٻئي هنڌ رکو. مونکي
ڪاري ڪنڪڙيءَ ۾ رکيو اٿن. ڊپٽيءَ جو چوڻ آهي ته:
تون ڪرمنل قيدي آهين، تنهنڪري توکي ڪرمنل قيدين
سان رهڻو پوندو. جڏهن ته مان ڪرمنل قيدي ناهيان."
سپرنٽنڊنٽ انهيءَ وقت ڊپٽيءَ کي فون ڪيو ۽ ڪائنس
پڇيائين، "طارق اشرف کي ڪٿي رکيو اٿوَ؟" ٻوءِ هن جي
جواب ۾ چيائين، "نه نه، هي ته ٻه سياسي قيدي آهي. ۽
شريف ماڻهو آهي، هنکي اڇي چڪر ۾ رکو."
مان ڪائنس موڪلائي ٻاهر نڪتس. مون محسوس ڪيو
ته هن دفعي اوقاش جي رويي ۾ فرق هو. البت نور الاهي
جڏهن هتي سپرنٽنڊنٽ هو ته سدائين هٿ ملائي پرسان
ويهاريندو هو. هن نه هٿ ملايو نه ئي ويهڻ جي صلاح
ڪيائين.
مان هيٺ لٿس ته وري مونکي ڊپٽيءَ وٽ وٺي ويا. قريشي
به آتي ويٺل هو. ڊپٽي بدتميزيءَ سان پڇيو، "ڪٿي رهندين؟"
چيم، "اڇي چڪر ۾." چيائين، "ٻوءِ وڃي رهه." ۽ ڪلرڪ
کي چيائين، "صوبيدار کي چئو ته هنکي اڇي چڪر ۾
رکو."
مان ماڙيءَ مان ٻاهر نڪتس ته مولا بخش منهنجي انتظار
۾ ويٺو هو، پڇيائين، ڇا ٿيو؟" ٻڌايومانس، "اڇي چڪر ۾

رهڻ جي اجازت ملي.“ چيائين، ”مان پوءِ بورچي خاني وٽ ويٺو آهيان، اوهان سامان ڪڍائي اچو.“

مان صوبيدار جي ڪمري ۾ ويس. صوبيدار هو ڪونه. ٿوري دير ڪانپوءِ آيو، ٻاهر ئي ڪنهن ٻڌايس ته: سپرنٽنڊنٽ چيو آهي ته هن قيديءَ کي اڇي چڪر ۾ رکو. صوبيدار پڇيو: ڪهڙو قيدي. ۽ پوءِ اندر آيو. صوبيدار آهي ته مهاجر پر سنڌي به ڳالهائي ڄاڻي، مون تي نظر پئي ته سنڌيءَ ۾ چيائين، ”اوهين آهيو.پيلي اڇي چڪر وڃو پر پهرين مونکي پنهنجا ڪتاب ته پڙهايو.“ چيومانس، ”ملاقاتي اچي ته ڪتاب گهرائيندس.“

صوبيدار مون کي هڪڙو قيدي سامان ڪڍڻ لاءِ ڏنو. ڪلهه ساڳئي صوبيدار مون کان سامان ڪڍايو هو. پر اڄ سپرنٽنڊنٽ منهنجي لاءِ چيو هو،تنهنڪري سامان ڪڍڻ لاءِ ماڻهو مليو.

مان ڇوڪرا وارڊ مان لنگهيس ته جو ڪيو وري مليو. مون سندس سٺي رويي لاءِ ٿورا مڃيا ۽ ڪاري فئڪٽريءَ جو ڦاٽڪ مٽي اندر ويس. ڏٺم ته هاشم برياڻ ڪنهن قيدي ساٿيءَ سان ڪچهري ڪري رهيو هو. مون ڪيس سڏ ڏيو ته ڊوڙندو آيو، ٻڌايومانس ته مان اڇي چڪر وڃي رهيو آهيان. ڪيس خبر هئي ته مون کي هتي تڪليف هئي، سو خوش ٿيو ته مان پنهنجي دوستن وٽ وڃي رهيو آهيان.

هو مون سان ٻئرڪ ۾ هليو ۽ منهنجو هنڌ ٻڌائين. مون سندس ڪابي ۽ ٻين موٽائي ته وٺي ڏي نه. مون ڪيس چيو مانس، ”مان سياسي قيدين وٽ وڃي رهيو آهيان، آتي ڪاغذ ٻين

جي ڪوٽ نہ هوندي." پر نہ مڃيائين. سندس دل رکڻ لاءِ ڪاپي ورتم، پر پين موٽائي ڏنيمانس. پين رکڻ لاءِ بہ اصرار ڪيائين، پر مون نہ ورتيمانس. لواري وارن جيڪي بہ ڪتاب ڏنا هئا، آهي بہ ڪيس ڏنم تہ موٽائي ڏجان ۽ منهنجي ٻاران سندن ٿورا مڃجانءِ.

ٻئرڪ مان جڏهن وڃڻ لڳس تہ آتي جيڪي موجود هئا انهن سڀني سان مليس. مختيارڪار صاحب سان بہ مليس، جيڪو سڄو وقت سيٺيو ويٺو هو. چيومانس، "مان هتان وڃان پيو، افسوس اٿم اوهان سان تعارف نہ ٿي سگهيو." مختيار صاحب ڏاڍي سيٺ سان، ڇو تہ مان بہ ڪو غلط ڪاتو پنهنجي نالي ڪرائڻ لاءِ وٽس ويو هوس، مليو.

تيڏي منهنجو هنڌڪنيو ۽ مون بريف ڪيس. هاشم ساڻ هلڻ لڳو، رستي ۾ پڇيومانس، "ڇا تون اڃي ڇڪر اڇي سگهين ٿو." چيائين، "مونکي هتان نڪرڻ جي اجازت ڪانهي." چيومانس، "ٺيڪ آهي، مان توکي ٻاڻ وٽ گهرائڻ جي ڪوشش ڪندس."

ڇوڪرا وارڊ جي ڦاٽڪ تائين هاشم گڏ آيو ۽ پوءِ پيرين پئي موڪلائين، جو ڪيو بہ آتي ويٺو هو، مان ساڻس ۽ پيٽل پوليس واري سان هٿ ملائي وارڊ مان ٻاهر نڪري آيس.

صوبيدار جي آفيس ڪان اڳتي وڌيس تہ پريان ابوبڪر ڪي ايندي ڏٺم، عالم شاهہ بہ آيو پئي، مولا بخش چانڊيو اڳ ۾ ئي منهنجي اوسيڙي ۾ ويٺو هو. مون کي چيائين، "سائين، مهراڻي ڪري ٿي الحال اوهين رهجو مون سان گڏ. گنهگار

۾ ڪهڙ ظهير تائين اها خبر پهچڻ گهرجي ته اوهين مون سان گڏ آهيو. پوءِ اوهين جتي چوندا، آءٌ اوهانجو بندوبست ڪيو." ابوبڪر پاڪر پاڻي اچي مليو ۽ چيائين، "اتي به اوهان اسانجي پڇر نه ڇڏي. اتي به پيڇو ڪندي اچي پهتا."
(ٻوين دفعي جڏهن مان جيل ۾ هوس ته ابوبڪر سکر جيل ۾ گڏ هو. پوءِ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ گڏ هو ۽ ٻور هاسٽل جيل لانڍيءَ ۾ به، ۽ جڏهن وري سکر سينٽرل جيل اماڻيائون ته به گڏ هو.)
پوءِ عالم شاهه به اچي مليو. پوءِ جيڪو تي سامهون آيو، سو تي مليو، ڪنهن مونکي سڃاتو تي، ڪنهن پڇيو تي. مون کي خوشي ٿي ته منهنجي نالي مان اڪثر ماڻهو واقف هئا.
پوري اچي چڪر ۾، اچي چڪر جي هر ٻوين ۾ ڪي سياسي قيدي هئا. مان اچي چڪر جي مين گيٽ مان اندر گهڙيس ته رستي تي ڪيترائي سياسي قيدي مليا. ۽ جڏهن ٻوين جي گول ۾ پهتس ته آءٌ به سوين سياسي قيدي بيٺا هئا، مان هٿ ملائيندي ملائيندي ٣ ٻوين ۾ پهتس. ابوبڪر چيو، "طارق صاحب مون سان رهندو." پر مولابخش چيو، "في الحال اسانوٽ ڇڏيو. پوءِ پلي ٽون به پاڻ وٽ وٺي وڃجان."
مولا بخش چانڊيو ۽ عالم شاهه ٥، نمبر بئرڪ ۾ رهندا آهن، ۽ ابوبڪر پرسان ١٤ نمبر بئرڪ ۾.
منهنجو سامان هڪ پاسي رکيائون ۽ مونکي وچيل هند تي ويهڻ لاءِ چيائون، جيڪو شايد مولا بخش جو هو. ڪاري فئڪٽري واري بئرڪ جي پيٽ ۾ اها بئرڪ ڪافي ننڍي

آهي. پر پڪا ٻن ڪمين تي ڇت ۾ لڳل آهن. ستاويهه کن هنڌ اٿرين ۽ ڏاڪڻي پٿين سان وڇايل آهن وچ مان لنگهه آهي.

مان ويٺس ته مولا بخش منائيءَ جو ڏبو کولي سامهون رکيو. ڪي ساٿي بسڪٽ کڻي آيا ۽ پوءِ ملڻ وارن جي قطار لڳي ويئي. الاهي بخش قائمخواني (پي پي حيدرآباد جو صدر) جميل پٺي (شاگرد)، آفتاب (شهباز هوٽل حيدرآباد وارو) ارشاد ساگر (شاعر)، محمد عثمان (سرويچ سجاوليءَ جو پٽ) سيف الدين پنهور (دادوءَ جو وڪيل) عطاالرحمان ميمڻ (پٺي صاحب جو او- ايس- ڊي) ۽ ٻه چار ٻيا ڪيترا آيا. ڪجهه دير ڪانپوءِ چيائون ته: عوامي تحريڪ وارا ملڻ اچن ٿا. ۽ پوءِ ماڻهن جو هڪڙو انبوهه ملڻ لاءِ آيو، مان انهي ٻيهي رهيس ۽ هڪ هڪ سان هٿ ملائڻ لڳس. منير پرڪڙي ۽ عبدالله ملاح ڪانسواءِ ڪنهن جو به نالو ياد نه رهيو اٿم. اهي ڪجهه دير ويٺا ۽ پٺي ڏينهن چانهن پارٽي جي دعوت ڏنائون. هنن کي انهيءَ ڳالهه جو به احساس هو ته مان سندن ليڊر رسول بخش پليجي جي ڪتاب ڪري ڦٽو آهيان.

۽ پوءِ سپاف جو انبوهه ملڻ آيو. هنن وري جمعي جي ڏينهن پارٽيءَ جي دعوت ڏني. ۽ پوءِ هڪڙا ايندا ويا ۽ ٻيا آئندا ويا. مان ماڻهن سان ملي ملي ٿڪجي پيو هوس.

بند ٿيڻ کان ڪجهه دير اڳ مولا بخش چيو، ”اڇو سائين اوهان کي ميلو گهمائي اچان.“ مان آئيس، جميل پٺي به گڏ هو، پر ٽي ٻيا ڇوڪرا به گڏ هئا. مان حيران هوس ته

مولا بخش ڪهڙو نه ميلو گهمائي.

اسين ٣ نمبر ڊويزن مان ٻاهر گول ۾ پهتاسين ته مان واقعي حيران ٿي ويس. اتي پنج ڇهه سئو ماڻهو موجود هئا. ائين پئي لڳو ته واقعي ڪو ميلو آهي. ڪجهه ئي ڏينهن اڳ ڀٽ شاهه جي ميلي تي ويو هوس، لڳو ته هڪ دفعي وري ساڳئي ميلي ۾ پهچي ويو آهيان. رنگا رنگي ڪپڙا، ڪنهن ڪي مٿي تي پٽڪو ٻڌل، گهڻن کي سنڌي ٽوپيون. ڪلهن تي اجرڪ ته گهڻي ياڳي سيني ڪئي. ڪن جي هٿن ۾ ننڍا ٽرانسسٽر ريڊيو جيڪي پوري آواز سان وڄي رهيا هئا. ۽ ڪن ڇوڪرن نعرا پئي هنيا. مون مولا بخش کي چيو، ”واقعي، هيءَ ته ميلو آهي.“ کلي چيائين، ”اڃا ڪٿي. ڪجهه ڏينهن اڳ هتي ارڙهن سئو سياسي قيدي هئا، هاڻ ته ساڍا اٺ سئو بچيا آهن. جڏهن اسين ڪاري فئڪٽريءَ جي بئرڪ ۾ هئاسين ته بئرڪ ۾ هڪ سئو پنجاهه ڄڻا هئا. ميلو ته تڏهن هو. تڏهن ڪيڏيءَ جا مئچ ٿيندا هئا، جنڪي ڏسڻ لاءِ ٻه هزار قيدي ايندا هئا. شاهه جي ورسي اسان شاندار طريقي سان ملهائي. محرم به باقاعده ملهايوسين. تڏهن بند به رات جو ڏهين وڳي ٿيندا هئاسين. سپرنٽنڊنٽ نواز به تمام سٺو ماڻهو هو. هاڻ اوقاش شيخ سپرنٽنڊنٽ آيو آهي، اهو به ٺيڪ آهي. البت ڊپٽي رحيم ڀهرين نمبر جو حرامي آهي. موڇڙا به ڪاڏا اٿس، پر سٺري ڪونه ٿو. ۽ هاڻ ته جيل ۾ آها آزادي به ڪانهي، جيڪا اڳ ۾ هئي، جڏهن کان سياسي قيدين جوجيل وارن سان جهيڙو ٿيو آهي، ڪجهه سختي ٿي آهي.

شروع ۾ ته ڏاڍي سختي هئي، هاڻ ته وري به ڪجهه آزادي آهي. جڏهن سياسي قيدين تي جيل وارن ڳوڙها گيس اڇلائي هئي، انهيءَ ڪانپوءِ ٻارنهن ڏينهن تائين ته ملاقات به بند هئي. هاڻ البت ڪجهه نرمي تي آهي. هتي وڻ وڻ جي ڪا ني آهي. ڪي ته سياسي ماڻهو آهن، پر گهڻا فقط جذبي ۾ هليا آيا آهن. هاڻ جيل جي ڪا ڪائي سلامت نه ڇڏي اٿن. ڪابه ڪاٺ جي دري اوهانکي سلامت نظر نه ايندي در دريون، چوڪ ورانڊي جون ڪاٺ جون ڇتيون پڇي ساڙي چانهون ڪاڙهي ختم ڪيائون. هاڻ جيل وارا در، ۽ چوڪ به لوهه جا پيا ٺهرائين. توهان نه ڏٺي آهي. هتي به سئو ڪن ماڻهو برش ۽ پيسٽ استعمال ڪن، باقي هڙئي نم جا ڏندڻ هڻن. هاڻ روز جو تي چار سو ڏندڻ ٽٽندا، سو نم و ڇاري ڪٽي بچندي. جهڙا منگول، جنهن شيءِ تي پون تا آها منٽ ۾ پوري."

مان ڪلهه لکيس، مولا بخش پاڻ به ڪلهه لکيو. ۽ پوءِ اسين پنهنجي بئرڪ ۾ موٽي آياسين.

مون مولا بخش کي اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ته: مان مرچ کونه کان. تنهنڪري جڏهن ماني کائڻ وينا سين ته مولا بخش منهنجي لاءِ هاف فراءِ بيدو تراڌو (آني هيٺر هو.) ۽ ڊبل روٽي ڏنائين، دال به هئي. بئرڪ جي ڪن سائين منهنجي لاءِ پٽاٽن جي ڀاڄي موڪلي هئي پر مرچن جي ڪري مون آها نه کاڌي. عطاالرحمان جي اڄ ملاقات تي شامي ڪباب آيا هئا. سيني کائين جي ڏاڍي سارا ه ڪئي، هئي، پر مرچن

جي ڊپ کان مون اهي نه ڪاڍا، جيتوڻيڪ دل ڏاڍي پئي ٿي. مانيءَ کانپوءِ ڪي تاش کي لڳي ويا. حيدر شاھ جو پٽ ۽ جميل پٽي لڊو کرڻ لڳا. گھر ۾ اڪثر مان به دانيال، گڊو ۽ ادي جن سان لڊو کندو آهيان، ۽ تون اڪثر ناراض ٿيندي هوندئين ته: سڄو ڏينهن رهين پرديس تي، رات جو اچين ته ويهي رهين ڪڏهن شطرنج تي ڪڏهن لڊو تي. پر هتي ته تون به ڪونه آهين. سو منهنجي دل پٽي ٿئي ته مان به کيان سو سري وڃي هنن جي پرسان ويٺس. هنن مان هڪ اٿي مونکي جاءِ ڏني. مون به رانديون ڪيون ۽ اچي پنهنجي هنڌ تي ويٺس. هنن وٽ ٽرانسسٽر آهي، سو بي-بي سيءَ تان خبرون پڌيم ته لاڙڪاڻي ۾ چار بم ڦاٽا آهن، ۽ ڪجهه بسون سڙيون آهن. جماعت اسلامي جي ڪن آفيسن کي به باهيون ڏنيون ويون آهن.

مان پنهنجي هنڌ تي ويٺو هوس ته مولا بخش چانديو مون وٽ اچي ويٺو ۽ مونکي آهستي آهستي چوڻ لڳو: ”سائين اسان جي دوستن کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته اوهين هتي آيا آهيو. پر اهو به فڪر اٿن ته اوهين جيل جي ڊائري ضرور لکندا ۽ نه ڄاڻ ڇا ڇا لکندا. هتي اسين ڪڏهن ڪيئن ٿا هلون، ڪڏهن ڇا ٿا ڳالهايون. سو مهرباني ڪري ڊائري لکڻ مهل احتياط ڪجو.“ وري اٿڻ وقت چيائين، ”ڪو ڪتاب آندو اٿو.“ مون وٽ رکيو آرسيءَ جو پيو پرچو هو، اهو بريف ڪيس مان ڪڍي ڏنومانس. مولا بخش آرسي کڻي پنهنجي هنڌ تي وڃي ويٺو، ۽ مان توکي خط لکڻ ويٺس

ڪجهه دير ڪانپوءِ مولا بخش مون وٽ وري آيو ۽ چيائين،
”سائين اوهانجي آتم ڪهاڻيءَ جي ٻي قسط پڙهي اٿم.
اوهان پاڻکي ٿي نه بخشيو آهي، سو اسانکي ڪٿي بخشيندا.“
مان کلڻ لڳس، پاڻ به کلندي هليو ويو.
رات جا ڏهه ٿي ويا آهن. مون ننڊ جي گوري ورتي آهي.
۽ اڄوڪو احوال به پورو ٿيو، تنهنڪري وري سڀاڻي خط
جي ذريعي ملبو، خدا حافظ.

۱-۱۲-۸۳
پياري شمس

پنو ۽ بين ڪٽي اڄي تنهنجي آڏو حاضر ٿيو آهيان.
صبح جو اڪ ڪلي ته سڄ ڪافي مٿي چڙهي چڪو هو. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ اچا سنو پيو هو. باقي سيئي ٻٽرڪ ڪان ٻاهر هئا. رات ڏاڍي سڪون جي ننڊ آئي. هيئنر دل کي سڪون آهي ته ايترا پنهنجا گڏ آهن. برش ڪٽي ٻاهر نل تي ويس ۽ وڃي هٿ منهن ڌوتم. رات ڪافي ٿار هو. مولابخش چانڊئي پنهنجو ڪمبل ڏنو هو. مڙ تي آيس ته دوستن چانهن ۽ بسڪٽ ڏنا. جميل پٽي اڄي پر ۾ ويٺو ۽ ٻڌائين ته مون جيل ۾ ڊائري لکي آهي. اهو به ٻڌائين ته ٻين به ڪيترن ڊائري لکي آهي، البت اصلاح جي ضرورت آهي. پاڻ چيائين: ”هاڻ ته اوهان آيا آهيو. گهڻ ۾ گهڻ منهنجي مشڪل ته دور ٿي.“ پوءِ خبر پئي ته ڪمال پٽي ۽ اڪبر پٽيءَ جو ڀاءُ آهي. اهي ٻئي ظهير جا دوست آهن. ڪمال پٽي رسول بخش انڙ وڪيل جو جونيئر آهي. ۽ ناز سنائي واري ڪيس ۾ منهنجو وڪيل ٿيو هو.
اسان ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين ته مولا بخش مون کان پڇيو، ”سائين اوهين وهنجندا؟“ مون چيو، ”پوءِ.“ هو هليو ويو، ايتري ۾ هڪ جوابدار اچي منهنجو پڇيو، ۽ مونکي چيائين، ”اوهانکي ڊاڪٽر سڏايو آهي.“ مان اچي چڪر

مان نڪري اسپتال ويس. ڊاڪٽرن جي ڪمري ۾ ٻه ڊاڪٽر ويٺا هئا. ٻنهي ڏاڍي عزت سان مليا، ۽ پنهنجو تعارف ڪرايائون. هڪڙو ڊاڪٽر عبدالرزاق پاتولي هو. ۽ ٻيو ڊاڪٽر امداد خواجه. ڊاڪٽر پاتولي مونکي چيو، "جيڪڏهن اوهانکي اچي چڪر ۾ تڪليف هجي ته مان اوهانکي اسپتال ۾ داخل ڪريان." مون سندن ٿورا مڃيا ۽ اسپتال ۾ رهڻ کان انڪار ڪيم. هنن منهنجي لاءِ چانهن گهرائي ۽ مون مان ڪچهري ڪيائون. ٻئي مون کي نالي مان سڃاڻيندا هئا. ٿوري دير وٽن ويهي مان پنهنجي بئرڪ ۾ موٽي آيس.

اڃا مون کي ويٺي ٿوري دير ٿي هئي ته هڪ ٻيو جوبدار آيو ۽ اچي ٻڌائين ته: اوهان کي ماڙيءَ تي سڏيو اٿن.

مون ابوبڪر کي چيو ته مون سان گڏ هل. هو مون سان ماڙيءَ تي آيو، پتو پيو ته ملاقات آئي آهي. ابوبڪر ملاقات واري منشيءَ (پڪي قيدي) کي چيو، "بابا، سائين طارق صاحب جي ملاقات آئي آهي، ڪرايوس."

مان پهريون دفعو سي ڪلاس واري انٽرويو روم ۾ پهتس اندر سيخن جون ٻه پٽيون هيون. ٻنهي پٽين جي وچ ۾ چار کن فوٽن جو فاصلو هو، اندر گهڙيس ته ائين لڳو، ڄڻ ڪراچيءَ جي سٿي بازار ۾ پهچي ويو آهيان. ايڏيون رڙيون ۽ واڪا هئا جو ڪن ٿي ڦاٽا.

ملاقاتي جيلر شاهد ڏاڍي سٺي نموني ۾ مليو ۽ ٻڌائين ته، "سپرنٽنڊنٽ صاحب چيو آهي ته اوهان جي ملاقات سٺي

نموني ڪرائي وڃي. ٿوري دير ترسو ته سيني کي ڪڍي اوهان جي ملاقات ڪرايان ٿو."

مان اتي ويهي رهيس. دل ۾ اورا ڪورا هئي ڪير ملڻ آيو آهي. شاهد جيلر گهڙي گهڙي پيو چيو: "اجهو ٿو سيني کي ٻاهر ڪڍان." پر گهٽي ڏيڍ ٿي ويا ۽ ڪي ڪي به سيا سي قيدي، ۽ سي به شاگرد، سو انهن کي ڪڍڻ جيلر جي وس ۾ ڪونه هو. ٿوري دير ۾ ڏٺم ته غلام نبي مغل آيو هو، هن رڙ ڪري ڪجهه چيو. مون نه ٻڌو. وري مون رڙ ڪري ڪيس ڪجهه چيو، جيڪو هن نه ٻڌو. وري ٻنهين رڙيون ڪيون، پر ٻڌو ٻنهي ڪجهه به ڪو نه. نيٺ مون جيلر کي چيو ته فقط هڪڙو پاسو خالي ڪرائي ڏيو. هڪ پاسي ڪو ڪرمنل قيدي هو، جنهن کي جيلر پني پاسي هٽايو. پوءِ مغل رڙ ڪري ٻڌايو ته: "مان آءِ- جي جيل نور الاهيءَ سان ملي آيو آهيان، آهو هيٺير جيل تي ايندو ۽ اوهان سان ملندو. اوهين ڪيس جو فڪر نه ڪريو، جلدي آزاد ٿي ويندا. (قيديءَ کي سندس مائٽ ۽ دوست اهڙيون تسليون ڏيندا آهن) آءِ- جي چيو آهي ته اسپتال ۾ رهي ته مان گهر جي ماني منظور ڪندس. پيو ڇا گهرجي." مون کيس ضرورت جون شيون، ڪمبل ۽ سوئيٽر لاءِ چيو.

مغل چيو، "توهان فڪر نه ڪريو، توهان کي اڄ ٿي سيئي شيون ملي وينديون."

گوڙ ايترو گهڻو هو جو اسانکي جلدي موڪلائڻو پيو.

مان ٻئرڪ موٽي آيس، جيڪو سچائو مليو ٿي، هن پڇيو

ٿي ته: ڪير ملڻ آيو هو.
ٻئي ڪم مونکي آيس ته مولا بخش چانڊئي وري پڇيو، ”هاڻ وهنجندا؟“ چيم، ”في الحال ته نه.“ آئي سيٺي نل تي نهيل هوديءَ تي ٽوال ٻڌيو ٽڏي پاڻيءَ سان وهنجي رهيا هئا. مولا بخش ڪجهه دير ڪانپوءِ وري پڇيو، ”پلا هاڻ وهنجندا؟“
ساڳيو جواب ڏنم، اوچتو چيائين، ”مان سمجهي ويس، اوهين سيٺي جي سامهون گوڏ ٻڌي نل تي وهنجي نه سگهندا.
مون کي ناري جيل ۾ شاهنواز خان جوڻيجي اوهان جي متعلق ٻڌايو هو. هاڻ اچو مون سان وهنجڻ جي هڪ جاءِ اسپتال ۾ آهي.“
مون ٽوال ۽ صابڻ کنيو، ۽ هن سان اسپتال آيس. اسپتال جي سامهون واري پاسي ڊاڪٽرز روم وٽان لنگهي، ٿورڙو سڌو وچي، وري اوپر طرف وچي، وري اتر طرف ڊگهو ورانڊو لتاڙي، اڳيان اولهه طرف مڙي ڪاٺ جي ڏاڪڻ چڙهي، وري ڏکڻ طرف وڏي ورانڊي مان ٿي، هڪ وڏي هال ۾ پهتاسين. آئي ٻه ٽي همراهه ويٺا هئا، مولا بخش هنن سان منهنجو تعارف ڪرايو. هنن مان هڪ ته حيدرآباد جي مشهور شخصيت دائود خان پٺاڻ هو. ڪيس ڏسي مونکي ڏاڍو تعجب ٿيو. سندس متعلق مون جيڪي ڳالهيون ٻڌيون هيون، انهن جي مناسبت سان دائود خان ڏاڍو هيبتناڪ هئڻ گهرجي ها، پر هو ته ڏاڍو سٺو شڪل جو، ۽ ملڻ جو ڏاڍو قرباڻتو هو. ٻيو محب شاهه هو، ٽيون شفقت شاهه. شفقت شاهه جيئن ته منهنجي ٻاڙي جو هو، تنهنڪري ڪيس مان

ڇڳيءَ طرح سڃاڻيندو هوس. پرسان ڀيو ڪمرو ٻه هو، آتي سنڌي شاعر مجرم لغاري ۽ سائين گُذ علي حسن چانڊيو رهيل هئا، سنهنجو پڌي آهي ٻه اچي مليا. مجرم لغاريءَ جو نالو ٻڌل هو، البت علي حسن چانڊيي کان واقف نه هوس.
مولا بخش ڪنهن کي پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ چيو، ۽ مان آتي ويهي رهيس. سيئي مونکان حال احوال وٺڻ لڳا، ۽ چانهن پياريائون. مان گهڻي چانهن ڪونه پيئان، پر انڪار قبول ڪونه پيو، سو لاچار چانهه بيٺي پيتي. چانهن پي باٿ روم ۾ وهنجڻ ويس، جيڪو اسپتال جو پارٽيشن ڏيئي ٺاهيو ويو هو.
وهنجي ٻاهر نڪتس، داڻود خان جي ماني پنهنجي ٽيندي آهي، ڪوفتن جو ٻوڙ هو، سيئي صلاح ڪئي، پر مون معافي گهريمان. آٿيس ته مجرم لغاري مونکي هڪ پاسي وٺي ويو. کيسي مان پنجاهه روپيا ڪڍي مونکي ڏنائين ۽ چيائين،
”سائين هي رکو، وڏيڪ پئسن جي ۽ ڪنهن ٻه شيءِ جي ضرورت هجي ته مونکي ٻڌايو.“
مون سندس ٿورا مڃي پئسا واپس ڪيانماس ۽ چيو مانس،
”جيڪڏهن ڪنهن ٻه شيءِ جي ضرورت هوندي ته اوهان کي ضرور چوندس.“ مجرم لغاري ڏاڍو زور پريو ته، ”اوهان اسان وٽ اچي رهو.“ پر مون ڪاي چيو مانس، ”مون کي ٻين وٽ رهڻ جي ڪابه خواهش ڪانهي.“
۽ پوءِ اسين پنهنجي بئرڪ ۾ موٽي آياسين. اتي ماني تيار هئي، منهنجي لاءِ ڦڪو ٻوڙ تيار ڪيو هئائون، مان ماني

ڪاڻي اخبار پڙهي رهيو هوس ته هڪ مقدم ٻئرڪ ۾ آيو ۽ اچي چيائين، ”سيد طارق اشرف ڪو آهي.“ منهنجي ٻڌائڻ تي چيائين، ”اوهان کي آءِ- جي صاحب ماڙيءَ تي سڏايو آهي.“

مان سائس گڏ ماڙيءَ تي ويس. قريشي جيلر مون کي يڪدم سپرنٽنڊنٽ جي آفيس وٺي ويو. مان اندر ويس ته سپرنٽنڊنٽ جي ڪرسيءَ تي نور لاهي خوش دليءَ سان ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو، ”اچ اشرف ويهه.“ مون سائس ۽ اوقاش سان هٿ ملايو. ٻنهين کي سول ڪپڙا پيا هئا. اوقاش کي ڪمپليٽ سوٽ ۽ نور الاهيءَ کي بشرٽ ۽ پينٽ هئي.

مان پريان ڪرسيءَ تي ويٺس ته نور الاهي چيو، ”منهنجي پاسي ۾ اچي ويهه.“

مان اٿي سندس ڀرسان واري ڪرسيءَ تي ويٺس. نور الاهي کي عادت آهي ڳالهه سدائين وچ مان شروع ڪندو آهي. ۽ جيڪا ڳالهه ڪنهن کي به چوڻي هوندس ته سنئين سڌي ڪونه چوندو. ڪنهن اهڙي نموني سان چوندو جو اڳلو سمجهي وڃي ته هيءَ چوڻ چا ٿو گهري.

سو اڄ به مون کي انهيءَ انداز سان چوڻ لڳو، ”اشرف، هفتو کن اڳ مان گاڏيءَ تي ويو هوس. اٿي سلطان هوٽل وٽ جيڪي بڪ اسٽال آهن نه، انهن کان مون پڇيو، بابا منهنجي دوست طارق اشرف جا ڪي ڪتاب آيا آهن؟ انهن ٻي ڪتاب ڏنا- جيل گهلريم جن سان، درد جا ڏينهن درد جون راتيون ۽ تين جو نالو هن وقت ياد ڪونه اٿم.“

مون چيو، ”افسوس اٿم، گهڻي وقت کان اوهان سان ملاقات نہ ٿي هئي، تنهڪري اوهانکي پنهنجا ڪتاب نہ ڏيئي سگهيس.
کلي چيائين، ”هيو طريقو بہ ٺيڪ آهي. هڪ دفعي مان گهر ڪونہ هوس، پر تون ڪتاب گهر ڇڏي ويو هئين.“
ڦڪو ٿي چيم، ”ها، اها منهنجي غلطي آهي.“
”خير“ نور الاهي چيو، ”مون چيو ابا، هي منهنجي دوست جا ڪتاب آهن، مون کي ڏيو. پوءِ پنجهتاليهہ روپين ۾ اهي ڪتاب خريد ڪيم. چيم: دوست جا آهن، ضرور وٺنا آهن.“
وري پڇيائين، ”خوش تہ آهين؟“
چيم، ”ها خوش آهيان.“
پڇيائين، ”ڪٿي رکيو اٿن؟“
چيم، ”اچي چڪر ۾.“
چيائين، ”ڀلا ڪنهن ٻئي سٺي هنڌ تي رکان؟“
چيم، ”اتي بہ خوش آهيان.“
سپرنٽنڊنٽ کان پڇيائين، ”بي ڪلاس ۾ جاءِ آهي؟“ هن چيو، ”نہ.“
پڇيائين، ”اسپيشل وارڊ ۾؟“ سپرنٽنٽ چيو، ”اتي يوسف ٽالپر وارا رهيل آهن.“
نور الاهي پڇيو، ”ڀلا اسپتال ۾ مٿي؟“
سپرنٽنڊنٽ چيو، ”ها اتي جاءِ آهي.“
نور الاهي مون کي، چيو، ”اسپيشل وارڊ ۾ يوسف ٽالپر ۽

عاشق جتوئي وارا آهن، جيڪڏهن اُتي رهڻ چاهيو ته ڀلي اُتي رهو. جيڪڏهن اسپتال ۾ مٿي رهو ته اُتي به چڱا ماڻهو آهن. دائود خان آهي، مجرم لغاري توهانجو شاعر ماڻهو آهي. توهان گوڙ گهمسان کان پڇو، اُتي ٺيڪ رهندا." وري کن رکي چيائين، "اهي جيڪي آيا آهن، اهي به پيٽسان سياسي ماڻهو آهن. مون اهڙا سياسي ماڻهو سڄي ڄمار ڪونه ڏٺا."

مون کلندي چيومانس، "هنن جي هڪ ساٿيءَ جو چوڻ آهي ته: جهڙا منگول."

کلي چيائين، "آهن ته واقعي جهڙا منگول،" وري مونکان پڇيائين، "ڀلا وري جيل تي ڪتاب لکندين؟" چيم ته "لکندس ته ضرور." پڇيائين، "اها ڳالهه به لکندين؟" چيم ته "ها، اها به ضرور لکندس."

کن رکي چيائين، "جيڪڏهن اوهين مٿي اسپتال ۾ رهو ته اُتي ماڻهو به چڱا آهن، ۽ اوهانکي گهران ماني گهرائڻ جي به مان اجازت ڏيندس. باقي هتي سان رهندا ته پوءِ گهر جي ماني منظور ڪري ڪونه سگهبي، ڇاڪاڻ ته پوءِ اوهانجا اهي ساٿي به ضد ڪندا ته اسان کي به گهران ماني گهرائڻ ڏيو، ڇاڪاڻ ته اهي هر ڳالهه ۾ ضد ٿا ڪن."

مان سوچ ۾ پئجي ويس. مان ڪجهه دير اڳ مجرم لغاريءَ کي ٽوڪ هڻي آيو هوس ته مريضن وٽ رهڻ جي خواهش ڪونه اٿم. هاڻ ڪهڙي منهن سان وڃي اُتي رهان. پر سوچيم ته يوسف ٽالپر جهڙن وڏن ماڻهن جي ڀيٽ ۾ مجرم لغاري شاعر سان رهڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو. ۽ وڏي ڳالهه ته گهر

جي ماڻي ملندي. سو چيم، ”ٺيڪ آهي، پلي اسپتال جي
ٽئين حصي ۾ موڪليو. پر منهنجي گهران سوڙ ايندي، سو
وٺرائي ڏجو.“
نورالاهي چيو، ”سوڙ منظور نه ڪبي، باقي بلانڪيٽ پلي
به گهرائي وٺو.“ خبر نه پئي ته نورالاهي جيل ۾ سوڙ ڏيڻ جي
سخت خلاف آهي، ڳڏريل دفعي به نه ڏنا ٿين. جڏهن ته
اوقاف جهڙي سپرنٽنڊنٽ ڪراچيءَ ۾ سوڙ رکڻ ڏني هئي.
سپرنٽنڊنٽ آءِ-جيءَ کي چيو، ”هيءَ اڃي چڪر نه ويندو رهي.“
نور الاهي زور سان ڪيس چيو، ”نه، هيءَ نه ويندو.“
مان هنن کان موڪلائي هيٺ لهي آيس، صوبيدار مونکان
پڇيو، ”ڇا ڳالهه هئي؟“ ٻڌايو مانس ته چيائين، ”پوءِ پلي
هاڻ ٿي وڃو.“
مان بئرڪ ۾ موٽي آيس. هر ڪنهن پڇيو، ”آءِ-جي ڇو سڏايو هو؟“
مون هنن کي ٻڌايو. ابوبڪر ۽ مولا بخش چيو، ”بهتر آهي
ته اوهين اسپتال جي ٽئين حصي ۾ وڃي رهو. اُتي اوهان
سڪون سان رهي سگهندا.“
مون کي وڻي ڪجهه ٿي دير ٿي هئي ته عوامي تحريڪ
وارا ونڻ آيا ته: اڄ اسان وٽ اوهانجي پارٽي آهي، هلو. مان
هنن سان سندن بئرڪ ۾ ويس. سڀو ڪان مٿي همراه اُتي ويٺل
هئا، منهنجي پهچندي ئي سڀئي اٿي بيٺا. مان پرسان بيٺلن سان
ملندو وڃي انهيءَ هنڌ ويٺس، جيڪو منهنجي لاءِ تيار ڪيو
ويو هو. منير پرڳڙي منهنجي آجيان ڪندي منهنجي مان ۾
ڳالهايو. جيڪي خوبيون مون ۾ نه هيون آهي به منهنجي

حصي ۾ آيون. منهنجي ڏکي تعريف ڪاٿوءِ منير همراهن کي چيو، ڪنهن کي طارق صاحب ڪان سوال پڇڻو هجي، ته پڇي. هڪ همراهه سوال ڪيو، ”اوهين ايترا دفعا جيل آيا آهيو. ٻيا ليکڪ جيل ۾ ڇو نٿا اچن؟“ چيم، ”انهيءَ ڳالهه جو صحيح جواب ته اهي ليکڪ ئي ڏيئي سگهن ٿا، جيڪي جيل نه آيا آهن. پر حقيقت اها آهي ته اڄا اسان وٽ اهڙو سياسي ماحول پيدا نه ٿيو آهي. سنڌ جي ڪا هڪ سياسي پارٽي ناهي، جنهن جي پليٽ فارم تي سڀئي سنڌي ليکڪ گڏجي سگهن. يا اها پارٽي گڏي سگهي. نه ئي ڪنهن سياسي پارٽي ليکڪن ۽ شاعرن کي انهيءَ ڳالهه تي آماده ڪيو آهي ته اهي پنهنجي حقن لاءِ جيلن ۾ وڃن. ٻيو اسان وٽ قومي شعور جي به کوٽ آهي. وقت جي سرڪار جي سنڌ تي ٻوڙڻ، سرڪار وٽ انعام حاصل ڪرڻ يا نوڪري وٺڻ جو رجحان اڄا گهڻو آهي. جيستائين قربانيءَ جو جذبو نه پيدا ٿيندو. جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جو شعور ليکڪن ۾ نه جاڳندو، اهي جيلن ۾ نه ايندا.“

ٻئي سوال ڪيو، ”سنڌ جا ليکڪ رڳو ڪهاڻيون ۽ شعر ٿا لکن. ڇو نٿا انقلابي ادب لکن ۽ ترجمو ڪن؟“

چيم، ”اهڙي ڳالهه ڪانهي. انقلابي ادب اسان وٽ ترجمو ٿئي ٿو ڪنهن حد تائين لکجي به ٿو، تازو زيب سنڌي فلسطيني مجاهده ليليٰ خالد جي انقلابي آتم ڪهاڻي ترجمو ڪري ڇپائي آهي. ويجهڙائيءَ ۾ الهجڙائي مرٿاس ڪوربا جي مجاهدن جون ڪهاڻيون 'سونهون سر گهورڻ' جي نالي

سان ترجمو ڪري پڌرو ڪيو آهي. زيب سنڌيءَ جو هڪڙو ٻيو ترجمو ڪيل انقلابي ڪتاب ”ڌرتي ماءُ“ جيڪو روسي ناول آهي، ڇپجي رهيو آهي. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين ڪي اوهين انقلابي ڪهاڻيون چئي سگهو ٿا. پر سنڌي ڪتابن جو وڪرو ايترو ڪونهي، تنهنڪري ئي اسان وٽ پبلشرز گهٽ آهن. ليکڪن کي معاوضو ڪونه ملي. اهڙي حالت ۾ ليکڪ ترجما گهٽ ٿا ڪن. سياسي پارٽين کي گهرجي ته آهي دنيا جي ٻين ٻولين جي انقلابي ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائين ۽ ڇپرائين.“

منير پرگڙي جيڪو ايتري دير ماٺ هو، هن چيو، ”سنڌي پبلشرز پنهنجا ڪتاب صحيح پڙهندڙن تائين نٿا پهچائين. اسانکي ڏسو، اسان رسول بخش پليجي صاحب جا ڪتاب ٻه ٻه هزار ڇپيندا آهيون، ۽ ڪتاب هٿو هٿ وڪرو ٿيو وڃن.“

مون چيو، ”جيستائين اوهانجي ڪتابن جو تعلق آهي. اها هڪ الڳ ڳالهه آهي. اوهانجي تحريڪ آهي، پنهنجي تنظيم آهي. انهيءَ ڪري تحريڪ سان وابسته ماڻهو اوهانجا ڪتاب هٿو هٿ وٺيو ڇڏين، پر عام پبلشر پنهنجا ڪتاب، هٿوهٿ ڪيئن وڪڻن؟ مان پنهنجو مثال ٿو ڏيان. مان به هڪ پبلشر آهيان. مان پريس به هلائيندو آهيان. اڪيلو ماڻهو آهيان. هاڻ مونکي ٻڌايو ته ڪتاب شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، هٿوهٿ ڪيئن هلايان. ڇا ڪتاب کڻي، پريون ٻڌي، هر هنڌ وڃي سگهان ٿو؟“

ڪن همراهن چيو، ”اهو ته ممڪن ڪونهي.“

مون چيو، ”پوءِ پڌايو مان ڇا ڪريان. مون سنڌيءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جو مجموعو ’آءِ شام‘ ڇپيو، جنهن جو وڏو تعداد مون وٽ بچيو پيو آهي. ڪجهه مهينا اڳ ڪرشنچندر جو جڳ مشهور ناوليٽ ’غدار‘ ڇپيو اٿم، هزار مان اڃا پنج سؤ ڪاپيون پيون آهن. هاڻ مونکي پڌايو ته مان پيا ڪتاب ڪيئن ڇپڻ جي همت ڪيئن ڪريان.“ سيٺي منهنجي ڳالهه سان سهمت ٿيا. مون وري چيو، ”اوهين هڪ تحريڪ سان وابسته آهيو، اوهين جيل مان ٻاهرو نڪرو، اوهين ڪوشش ڪريو ته سنڌي ڪتابن جو وڪرو وڌي. جيڪڏهن هر پڙهيل ڳڙهيل سنڌي پنهنجي شهر، پنهنجي ڳوٺ ۾ پنج سنڌي ڪتاب وڪرو ڪرائي ته به هزارين سنڌي ڪتاب وڪامي سگهن ٿا. ۽ پوءِ سنڌي پبلشرز ڪي به ڪتاب ڇپڻ جي همت ٿيندي.“
ڪهڙن همراهن وعدو ڪيو ته جيل مان نڪري اسين سنڌي ڪتابن جي وڪري لاءِ ڪوشش ڪنداسين. ۽ پوءِ ميوو، بسڪٽ ۽ چانهن آندي ويئي.
ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ اها وٺندڙ ڪچهري پوري ٿي.

مان اڃا پنهنجي بئرڪ ۾ اچي ويٺس ته هڪ جوابدار اچي چيو ته: ”اوهانجو سامان آيو آهي، ماڙيءَ تان اچي کڻي وڃو.“
مان ابوبڪر کي سڏڻ ويس. ابوبڪر بئرڪ جي ٻوين پاسي ورانڊي ۾ چانهن پي رهيو هو، ٻه ٽي پيا شاگرد به ويٺا هئا.

مونکي به پيالڙيءَ ۾ چانهن ڏنائون، پر مون واپس ڪئي. آفتاب چيو، ”سبز ٿي آهي.“ مون مرڪي چيو، ”اها ته مان بنهه ڪونه پيئان.“

اينٽري ۾ بيو جوبدار به سڏڻ آيو. مان ابوبڪر سان ماڙي تي آيس. وڏو ٽفن باڪس، هڪ پلاسٽڪ جي ڳوٿريءَ ۾ ڪپڙا، سوئيٽر ۽ هڪ هڙ ۾ سوڙ هئي. پوليس وارو سامان ڏيڍيءَ وٽ ٽي ڪٽي ويو، پر حمي قريشي جيلر ڪيس دڙڪو ڏيندي چيو، هيءُ سامان طارق صاحب جو آهي. سپرنٽنڊنٽ صاحب چيو آهي ته ڏيو. ڏينس هنکي.“

مون ۽ ابوبڪر سامان ڪٽي ٻاهر رکيو. ابوبڪر هڪ پڪي قيديءَ کي چيو ته: ”ابا، هيءُ سامان کڻي اچي چڪر هل.“ رستي ۾ مون ابوبڪر کي چيو، ”مون کي آءِ. جي اسپتال واري حصي ۾ رهڻ لاءِ چيو آهي، هاڻ؟“ اسين بورچي خاني تائين پهچي ويا هئاسين. ابوبڪر چيو، ”اوهين اڳتي هلو. مان صوبيدار کان پڇي ٿو اچان.“

مان اچي، اچي چڪر جي ٻاهرين ڦاٽڪ وٽ بيٺس. آتي جو جمعدار ياڪر پائي، ڏاڍي قرب سان اچي مليو. پوءِ ياد آيو ته جڏهن مان بور هاسٽل جيل لانڍيءَ ۾ هوس ته هيءُ هتي گيٽ جمعدار هو. آتي به هن جو رويو ڏاڍو سٺو هو. هن ٻڌايو ته هنجي بدلي لانڍيءَ مان دادو ڊسٽرڪٽ جيل تي ٿي هئي. هاڻ جڏهن ايم. آر. ڊي جي تحريڪ دوران دادو جيل قيدين ڀڳو ته ڪيس هتي بدلي ڪيو اٿن.

مان آتي پهتو هوس ته هڪ ڏاڙهيءَ سان نوجوان اچي قرب

سان مليو. پڇيائين، ”اوهان مونکي سڃاتو؟“ پر مون ڪيس ڪونه سڃاتو. چيائين، ”مان هالا جو آهيان. روشن علي شاه نالو اٿم. مسلم ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته اوهان وٽان ناز پٽي سان ايندو هوس. اوهان ڪان ڪاليج جي اليڪشن جا ڪارڊ به ڇپرايا هئم.“

مونکي ڪجهه ياد آيو. هن ٻڌايو، ”اسان سروي جماعت جا ٽي سؤ ڪن سياسي قيدي آهيون. پهرين اسان کي ڪاري فئڪٽريءَ ۾ رکيو هئائون. پر پوءِ اسان جو هڪ همراهه رات جو سخت بيمار ٿي پيو، هن جي ترت علاج نه ٿيڻ ڪري جيل وارن سان ڦڏو ٿي پيو، ۽ پوءِ ٿيئر ڪيس اچلايائون.“ پوءِ هن مختصر طور تي سڄو واقعو ٻڌايو.

اهو واقعو اڄ پين ڊ، ٻڌايو آهي. ڪنهن ٻئي خط ۾ توکي تفصيل سان لکندس.

مون جمعدار کي چيو ته، ”مونکي اسپتال جي متهين حصي ۾ رهڻو آهي. پر اڃا ته ڪجهه خبر ٿي نٿي پوي. بند ٿيڻ جو اڃي وقت ٿيو آهي.“ انهيءَ وقت جيل جو قيدي ڪمپائونڊر جيڪو هڪ مولانا هو، اچي اتان متيو. جمعدار هن ڪان پڇيو، ”مولانا توکي خبر آهي، ڪنهن قيديءَ کي اسپتال ۾ رکڻ لاءِ ڊاڪٽر چيو آهي؟“ هن چيو، ”ڊاڪٽر صاحب اهڙي ڳالهه ڪئي ته هئي. پر مونکي اڃا پرچي ملي ڪانهي.“ جمعدار هڪ پڪي قيديءَ کي چيو، جنهن وٽ ڪاپي هئي. هن پرچيءَ تي منهنجو ۽ منهنجي پيءُ جو نالو مون کان پڇي لکيو ۽ هنکي ڏنائين. جمعدار مولانا کي چيو، ”مولانا

شاهه صاحب کي ماڻهو ڏي ته، هتان سامان ڪڍائي وڃي.“
مولانا مونکي اسپتال وٺي آيو ۽ اسپتال جي جمعدار کي چٺي، هڪڙو پڪو قيدي ساڻ ڪري ڏنائين، مان ڪيس اچي چڪر وٺي آيس. عالم شاهه، ابوبڪر ۽ مولا بخش ڪونه هئا. پڇا تي خبر پئي ته اهي خارجه ڪميٽيءَ جا ميمبر آهن، ۽ پنهنجي هڪ ميٽنگ ۾ ويا آهن. سياسي قيدين پاڻ مان ڪن همراهن کي پنهنجو عيوضي مقرر ڪيو آهي، جيڪي جيل انتظاميه سان سندن ڪم ڪارين لاءِ ڳالهائيندا آهن. انهن ٽن کان علاوه عبدالله ملاح، عطاالرحمان ميمڻ ۽ پير معظم به خارجه ڪميٽيءَ جا ميمبر آهن.
جيڪي انهيءَ وقت ٻئرڪ ۾ ويٺا هئا، انهن کان موڪلايم ۽ سامان ڪڍائي ٻاهر نڪتس. اچي چڪر جي گول ۾ سياسي قيدين جو ميلو لڳل هو. مونکي سامان سوڌو ويندي ڏنائون ته هڪ ٻئي کان پڇيائون، ”ايا ڪير چٽو.“ ڪنهن جواب ڏنو، ”چٽو ڪونهي. اسپتال ٿو وڃي.“
مان اسپتال پهتس، دائود خان واري ڪمري مان ٿي، مجرم لغاري واري ڪمري ۾ آيس. اتي مجرم اڪيلو هو. مجرم مونکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. مون کيس چيو، ”ايڏي چڪ ڪيو، جو چڪي هتي آندو.“ مجرم چيو،”مون ته صبح جو ٿي اوهانکي چيو هو، پر اوهانکي ڳالهه نه وڻي. پر چڱو ٿيو. تمام سٺو ٿيو. هتي اوهان آرام ۽ سڪون سان رهي سگهندا.“ ايتري ۾ علي حسن چانڊيو نه اچي سليو، اهو به مجرم واري ڪمري ۾ رهندو آهي.

پوءِ اسين ٻئي دائود خان واري ڪمري ۾ ويا سين. اتي دائود خان، محب شاهه ۽ شفقت شاهه سان مليس. ٻه پوءِ حال احوال ٿيڻ لڳا. دائود خان جي اسپتال ڪي ڊونيٽ ٿيل ٽي- وي هلي رهي هئي. ٿوري دير ڪانپوءِ ٽي- وي تي سنڌي پروگرام ڇهچٽو آيو. گهر ۾ ته انهيءَ وقت هوندو ڪونه آهيان، جو ڏسي سگهان. اتي ڏٺم. دائود خان هڪ ٽي- وي اسپتال جي هيٺين حصي لاءِ به ڏني هئي. ڪجهه ڏينهن ته اها ٽي- وي هئي، پوءِ اهو بهانو ٻڌائي ته 'سياسي قيدي اتي اچي ٿا مڙن.' جيل وارا اها ٽي- وي کڻائي ويا. هاڻ نه ڄاڻ اها ٽي- وي ڪٿي آهي.

ساڍي ستين وڳي محب شاهه دائود خان جي ننڍڙي ريڊيو تي بي- بي- سي لڳايو جتان هنديءَ ۾ خبرون اچي رهيون هيون. خبرن ۾ ٻڌايو ويو ته آزاد ڪشمير ۾ لانگ مارچ شروع ٿي آهي. ڪافي ماڻهو گرفتار ٿيا آهن، ۽ ڪي زخمي به ٿيا آهن.

ڇهچٽو ختم ٿيڻ ڪانپوءِ دائود خان وارن ٻني راند شروع ڪئي، دائود خان جو ساٿي علي حسن چانڊيو هو. ۽ محب شاهه جو شفقت شاهه. مجرم ۽ مان راند ڏسي رهيا هئاسين. علي حسن چانڊيو هو ته دائود خان جو ساٿي، پر لڳو ٿي ته دائود خان منگسي آهي. اصل چانڊين ۽ منگسين وارو جهيڙو هو. مجرم گهڙيءَ گهڙيءَ پيو چيو، "ڪڏهن پوي اهڙي راند، جو سڄو وقت پيا وڙهو."

۽ پوءِ سڀني گڏجي ماني کاڌي، ۽ پوءِ چانهه [illegible]

۽ علي حسن پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيا سين. ٻئي ڪمرا هڪ جيترا هئا ۽ اهي وڏا هال هئا.

مجرم لغاريءَ سان جيل کان ٻاهر ملاقات ٿيل ڪانهي. شايد سندس ڪجهه شعر 'سهڻي' ۾ ڇپيا هئا. مجرم شاعر کان علاوه صحافي به آهي. ۽ جهڏي (ضلعو ٿرپارڪر) ۾ 'عبرت' اخبار ۽ 'امن' جو نمائندو به آهي (هو). علي حسن چانڊيو ٻاهر ليڪ ڪونه هو، پر جيل ۾ ڪجهه ڪهاڻيون لکيون اٿس. علي حسن منهنجي اچڻ تي خوش هو ته ڪيس پنهنجي ڪهاڻين تي اصلاح وٺڻ ۾ آساني ٿيندي.
علي حسن چانڊيو، ميرواه گورچاڻي ٽائون ڪميٽي (ٿرپارڪر) ۾ سيڪريٽري هو. ١٨-١١-٨٣ تي ٻين دوستن جي تعاون سان جشن لطيف ملهايو هئين. انهيءَ جي صدارت حميد سنڌي ڪئي هئي ۽ مهمان خصوصي استاد بخاري هو. اتي مشاعري ۾ مجرم لغاري هڪڙو نظم پڙهيو، تنهن تي ڪيس داخل ٿيو. علي حسن گرفتار ٿيو. مجرم ڏاڍي تي ڪيس ملڻ ويو ته ڪيس به سوگهو ڪيائون. ۽ پوءِ مارشل لا تحت ڪيس هليو. ٻنهي کي سال، سال ٽيپ ۽ پنج پنج ڦٽڪن جي سزا ملي. بقول مجرم جي ته ڪيس ڇيو ويو ته ٽون ٽنهين سالن جو آهين (عام حالت ۾ ته شايد اهو ٻڌي مجرم خوش ٿئي ها.) پر مجرم چيو ته منهنجي عمر ٽيونجاهه سال آهي. تنهنڪري سندس ڦٽڪا معاف ٿيا. البت علي حسن چانڊيو جوان آهي، تنهنڪري کيس ڦٽڪا لڳندا. مجرم

پڇايو ته: ڪالهه معافي نه ملي ته ٻه جنوري (٨٤) ۾ آزاد
ٿينداسين. رڳو علي حسن کي ڦٽڪا لڳن. علي حسن جيل
وارن کي ڪافي دفعا ڦٽڪا هڻڻ لاءِ به چيو به آهي. پر اڃا
ڦٽڪا ڪونه ٿا هڻن.
مجرم پڇايو ته: مون حميد سنڌي ۽ استاد بخاري کي گهڻو
ئي چيو (استاد کي خطن رستي ۽ حميد کي ماڻهو موڪلي)
ته هو اچي شاهدي ڏين. استاد ته جواب ئي ڪونه ڏنو. پر
حميد مجبوري ڏيکاري.
بوءِ ڪافي دير تائين ڪچهري ٿيندي رهي. سمهڻ کان اڳ
مون مجرن کان بچڻ لاءِ گلوب ٻاريو. سامان ڪولهيو ته
منجهس تنهنجو خط به پيل هو.

٣٠-١-١٩٨٤
پيارا طارق
خدا ڪري خوش هجو شال، آمين.
ڪالهه توهانجو ڪو خط ڪونه پهتو. پر هاڻ توهان پڙهي
پهچي ويا آهيو. ڪلهه کان مان ايتري پريشان آهيان جو
بيان نٿي ڪري سگهان. پورو ڏينهن منهنجو روئيندي گذريو
آهي. مان اهڙيون ڳالهيون برداشت ڪري نٿي سگهان. مون
۾ هاڻ ايتري همت ڪانهي. پاڻي توهان مونکي بزدل چئو.
هلان پئي، پر پير جڏهن پٽ تي ٽڪن، جسم ۾ طاقت ڪانهي.
انهيءَ فڪر منهنجو سارو ڪيڏي ڇڏيو آهي ته توهان جو
ڪهڙو حال هوندو. ڪاڏو مليو يا نه، سگها هوندا يا نه.

ٻڌو اٿم ته جيل تي سختي آهي. سيٺي ُزلي موتي اچن پياه ملڻ لاءِ جيل وارا چون ٿا ته هفتي ڪانپوءِ ملاقات ٿيندي.
طارق، منهنجو ته سڄو ڏينهن اهو سوچيندي ٿو گذري ته خبر نه هاڻي ڇا ٿيندو. توهان پوري حقيقت لکي موڪلجو، طبيعت ڪيئن آهي. ماني ڇا کاڌي، سيءُ وڌي ويو آهي، اوهان لاءِ آپ تان ڪمبل به واپس موڪلي ڇڏيو هو. اوهانجي سڄي رات سيءُ ۾ گذري هوندي. اهڙي خبر هجي ها ته مان توهانکي پريس لاءِ ڪڏهن به نه ڇڏيان ها. ادا مغل پاڻ ڪاوڙ ڪئي ته: مون پهرئن ئي چيو مانس ته حالتون نيڪ نه آهن، ڪجهه خيال رک.
توهان کي ڏينهن رات پريس جي گهٽي لڳي پئي هئي. هاڻ ٻڌايو- پهرين جهڙي اوهانجي صحت ڪانهي. ڪمزور ٿي ويا آهيو. اهڙيون تڪليفون هاڻ ڪيئن برداشت ڪري سگهندا. بس خدا هاڻي ڪو جلد وسيلو ڪري جو اوهين جلدي گهر اچو. نه ته مون ۾ حال ڪونهي. مان ڏاڍي پريشان آهيان. سچ مونکان اوهانجيون تڪليفون برداشت نٿيون ٿين. هن وقت مان روئي به رهي آهيان ۽ اوهانکي خط به لکي رهي آهيان.
ادل مغل اوهانجي ڪم سان لڳو پيو آهي. مون ادا کي چيو آهي ته مون کي هر ڳالهه کان واقف ڪريو. ادا اداڻي وڳي آيو ته مونکي فون ڪيائين. ڪيترن ماڻهن سان مليو آهي، پر وريو ڪجهه به ڪونهي. مان هيئر ادا مغل کي فون ڪري چوان ٿي ته نورالاهي سان ملي. ادا يوسف جي

دوست ملڪ فتح ڪجهه به نه ڪيو.

دانيال نيڪ آهي، اسڪول ويو هو. ٻڌائين ته خرچي روز حبيب (١) ڏيندو آهي. مقصود روز پريس تي ويندو آهي. زيب سنڌيءَ جي ٻئسن مان ٻه هزار وٺي ويو آهي. ڪيس ڏينهن ظهير ۽ سندس دوست غلام حيدر جيل تي ويا هئا، پر هنن کي اوهان سان ملڻ ڪونه ڏنائون.

منهنجا مائٽ سڀئي موڻ وٽ اچڻ ٻيا. اوهانجو ڦقات قنمبر علي شاهه پريس تي مقصود کان اوهانجو پڇڻ آيو هو باقي اوهانجي ماڻهي وارن اوهانجي پڇا ڪونه ڪئي آهي.

آپا، ڀيڻ ڀيڻن ڀائرن ۽ مائٽن اوهان کي سلام چيا آهن.

اوهانجي

شمسه

---

(١) پريس جو ڇوڪرو بن

۲-۱۲-۸۳
پياري شمس،
اسلام عليڪم
اميد تہ ٺيڪ هوندين. تنهنجو خط رات پڙهيو اٿم. گذريل خط ۾ تفصيل سان لکيو اٿم تہ ڇا ڇا ٿيو. ۽ اهو خط تو کي موڪليو اٿم. ڪلهہ تو جيڪو سامان موڪليو انهي ۾ بسڪٽ، ڪنب، ڪير، ڪپڙا، ڌوئڻ جو صابڻ، ماني، سوئيٽر، ٽوال، چادر ۽ تنهنجو خط هو. ٿي سگهي ٿو ڪجهہ ٻيون شيون بہ هجن.
تنهنجي خط مان لڳي ٿو تہ تون ڏاڍي پريشان آهين. تنهنجي پريشاني جو ڪارڻ تہ آهي پر تنهنجي پريشاني مان ورندو ڪجهہ بہ ڪونہ. هڪ تہ تون پريشان هوندين وري تنهنجي طبيعت ۾ بہ تيزي بہ اچي ويندي، طبيعت خراب بہ ٿي ويندي. ۽ تنهنجي پريشاني جو اثر مون تي بہ پوندو. انهي ڪري همت کان ڪم وٺ. مان گرفتار ٿي ويو آهيان، اها حقيقت آهي. انهي حقيقت کي فراخ دلي سان قبول ڪر ۽ پاڻ کي پرسڪون رکڻ جي ڪوشش ڪر.
جيئن اڳيان تفصيل سان لکيو اٿم تہ شروع جا ڇوويهہ ڪلاڪ تڪليف ۾ هوس، سا بہ جسماني نہ، ذهني. هاڻ تہ سٺي هنڌ آهيان. مون کي في الحال ڪابہ تڪليف ڪانهي، تنهنڪري مهرباني ڪري پريشان نہ ٿي، ۽ ڪجهہ همت کان ڪم وٺجانءِ.

هاڻ توکي اچوکو احوال ٿو لکان ته ڏينهن ڪيئن گذريو.
صبح جو سج چڙهي اٿيس. هٿ منهن ڌوئي اچا و ينس ٿي مس ته نواز (برداشتي) بمبئي بيڪري ۾ جي ڪيڪ جو پيس ۽ چانهن کڻي آيو (پئي شيون دائود خان جي طرفان هئيون) نيرن ڪان واندو ٿي دائود خان جي ڪمري ۾ ويس، اتي دائود خان جون اخبارون (جنگ ۽ عبرت) آيل هئيون، اهي پڙهي پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس.
ٿوري دير ڪانپوءِ اڳ ۾ ابوبڪر زرداري ۽ پوءِ مولابخش چانڊيو ملڻ آيا. مختلف موضوعن تي ڳالهيون ٿينديون رهيون. مولا بخش ٻڌايو ته ايم. آر. ڊي جي تحريڪ ۾، ماڻهن ۾ ايترو جذبو هو، خاص طرح دادو ۾ جي ماڻهن ۾، جو تحريڪ جا جلوس ڏنا ڏون ٿي ته ڪم ڪار اتي ڇڏي، جلوس ۾ شامل ٿي، گرفتار ٿيڻ لاءِ پاڻ کي پيش ٿي ڪيائون. پير معظم هڪ مزيدار ڳالهه ٻڌائي ته: هڪ پوڙهو، جيڪو ڪنهن وقت ۾ سندن هاري هو، ۽ هاڻ ته موالي به آهي، سو هار پائي اچي چونڪ تي بيٺو نعرا هڻڻ. وڏي عمر جو، ڪمزور مڙس هو، سو پوليس هن کي گرفتار ٿي نه ڪري، جڏهن نعرا هڻي هڻي ٿڪو ته سروٽا کڻي ٽائي ۾ ڦٽا ڪرڻ لڳو، تيسين ٽائي وارن بيزار ٿي کيس گرفتار ڪيو.

اڄ سوائي وارن منهنجي مانَ ۾ پارٽي لاءِ ڇيو هو. صبح جو عوامي تحريڪ جو عبدالله ملاح ملڻ آيو ته مون کيس چيو ته: همراهن کي ٻڌائي ڇڏيو ته مان اچي ڪونه سگهندس،

ڇاڪاڻ ته سپرنٽينڊنٽ اچي چڪر ۾ وڃڻ کان منع ڪئي آهي. هن چيو ته مان ڇٽي ڇڏيندس. ٻنپهرن جو مان ماني کائي اچي ليٽس ته مولا بخش چانڊيو ۽ ٻي ٽي ٻيا همراهه آيا ۽ اچي چيائون ته ”هلو.“ مون پنهنجي مجبوري ٻڌائي ۽ چيومان ته مون عبدالله ملاح کي ڇٽي ڇڏيو هو ته مان نه ايندس. هنن ٻڌايو ته: عبدالله ملاح ڀلو ماڻهو آهي. پر هن اسان کي ٻڌايو ٿي ڪونهي. مولا بخش وارا موٽي ويا. پر ڪجهه ٿي دير ۾ وري پندرنهن ويهه همراهه مولا بخش سان آيا ۽ چياڻون ته، ”مهرباني ڪري هلو. دوستن هتي وڏيون تياريون ڪيون آهن. نه هلندا ته آهي سخت ناراض ٿيندا.“

مون چيو، ”ماشاالله، هلو.“ مولا بخش چيو، ”اڄ جمعي جو ڏينهن آهي، ڊيوٽي هوندي ڪونه، جيڪو به جيلر ڊيوٽي ۾ تي هوندو، اسين هن کان اجازت وٺي ڇڏينداسين.“ پوءِ ساٿين کي چيائين، ”اوهين طارق صاحب کي اچي چڪر ۾ وٺي هلو، آءٌ جيلر کان اجازت وٺيو ٿو اچان.“

مان هنن ساٿين سان اچي چڪر ۾ ويس. جنهن بئرڪ ۾ ٻار تي هئي، انهي ۾ جي ٻاهران ڪجهه نوجوان ٻيٺا هئا، جيڪي وڌي اچي مليا. مون سمجهيو هو ته ڪلهه وانگر اڄ به سٺو ڪن ساٿي هوندا. پر جڏهن بئرڪ ۾ گهڙيس ته حيران ٿي ويس. آتي ٿي چار سٺو کان به مٿي ماڻهو هجن. بئرڪ جي سمورين پٽين کي اجرڪن سان سينگاريو ويو هو. وچ ۾ ڏاڍي سٺي رلهي، ڪجهه مٿيرو وڇائي، انهي ۾ تي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ وهاڻا رکيا ويا هئا. پوري بئرڪ ماڻهن سان

پريل هئي، پر وچ مان لنگهڻ لاءِ ننڍو رستو ڇڏيل هو. مان آتان لنگهي لگس تہ سڀني تاڙيون وڄايون. مان، جنهن سان ٻاهر ڪڏهن ڪنهن شام نہ ملهائي آهي. ڪڏهن صدارت نہ ڪرائي آهي، ڪڏهن مهمان خصوصي نہ ڪيو اٿن، منهنجي مانَ ۾ ڪڏهن ڪا پارٽي نہ ڏني وئي آهي. مان، جيڪو ڪڏهن جلسن جلوسن ۾ وڃان ڪونہ. ادبي ميڙن کان بہ پري رهان، سو اهڙو استقبال، ايتري عزت، ايترو قرب ڏسي حيران ٿي ويس. ٻاهر تہ گهڻا دوست مون سان ملڻ کان بہ ڇرڪندا آهن تہ مان گهڻا دفعا جيل ويو آهيان، پر هي تہ جيل آهن. هتي جي سلاکين کي انهيءَ ڳالهہ جو قدر آهي تہ مان گهڻا دفعا جيل ڀوڳي چڪو آهيان.

مان پنهنجي مقرر ڪيل جاءِ تي ويٺس. رهيس اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض ارشاد ساگر سنڀاليا. هن ڏاڍي سٺن شعرن سان شروعات ڪئي، ۽ مون کي تمام سهڻي نموني ۾ پيلي ڪار ڇٽي. پوءِ اناؤنس ڪيائين تہ: مولا بخش چانڊيو طارق اشرف کي خطبہ استقباليہ پيش ڪندو. مولا بخش جو خطبہ استقباليہ تمام سٺي ۽ جوشيلي تقرير هئي. منهنجي نہ فقط حد کان زيادہ تعريف ڪيائين، پر آهي خوبيون جيڪي مون ۾ هيون ڪونہ، سي بہ منهنجي کاتي ۾ وڌائين. جڏهن مولابخش اها وڻندڙ تقرير پئي ڪئي تہ مان اندر ئي اندر ڳڻي رهيو هوس تہ مونکي جواب ڏيڻو پوندو، ۽ مونکي تقرير ڪرڻ اچي ئي ڪونہ. پوءِ افسوس ٿيو تہ ڪاش مان ڪجهہ ڪئي اڄاڻ هئا، پر منهنجي اڄاڻ حد تہ ارادو ...

هي ته آهن شاگرد اڳوڻ ۽ هاڻ سياسي ليڊر هنن لاءِ تقرير ڪرڻ وڏي ڳالهه ڪانهي. پر مون ته زندگيءَ ۾ ڪڏهن تقرير ڪئي ڪانهي. پوءِ دل ۾ چيم: ڦاسڻ کان پوءِ ڦٿڪڻ ڪهڙو.

مولا بخش ڪانڀوءَ عالم شاهه کي تقرير لاءِ چيو ويو. جنهن به چڱي تقرير ڪئي. ۽ منهنجي ساراهه ڪيائين ته: طارق اشرف سدائين سچ لکيو آهي. سدائين زيادتين جي خلاف لکيو اٿس، جڏهن ته ٻيا اديب سرڪاري سڏ تي ڊوڙون پائيندا رهيا آهن، ۽ فائدا حاصل ڪندا رهيا آهن.

۽ پوءِ آيا گهڙي آئي، جيڪا انهيءَ کان اڳ زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه آئي هئي. مونکي جواب لاءِ اناؤنسر سڏ ڪيو. مان ڏڪندو ڏڪندو، چبلهه تي هٿ ڏيئي آئي بيٺس، پر جيئن سامهون چار پنج سو ماڻهن کي ويٺل ڏٺم، جيڪي مونکي ماڻ ڏيڻ لاءِ آيا هئا، ته ايڏو جوش ۾ ٻرجي ويس جو ڳالهائڻ جو حوصلو پيدا ٿي پيو. چيم، دوستو ۽ يارو، جيڪڏهن اها خبر هجيم ها ته منهنجو جيل ۾ ههڙو شاندار استقبال ٿيندو ته زماني جي بدران مان سزا وٺيو اچان ها.“ زوردار تاڙيون وڳيون، همت ڪجهه وڌي وئي، ۽ پوءِ مان جوش ۾ نه ڄاڻ ڇا ڇا چوندو ويس. ۽ جڏهن پنهنجي زندگي جي پهرين تقرير ختم ڪري ويٺس ته ڪيتري دير تاڙيون وڄنديون رهيون ۽ پرسان وارا دوستن چيو، ”سائين اوهان ڏاڍي سٺي تقرير ڪئي.“

انهيءَ ڪانڀوءَ راڳ ۽ شاعريءَ جي محفل ڄمي عثمان

سجاوليءَ پنهنجي پيءُ سرو پيچ سجاوليءَ جا شعر پڙهيا، ۽ ٻين همراهن ابراهيم منشي ۽ ٻين شاعرن جا انقلابي شعر پڙهيا. انهيءَ سان گڏو گڏ بسڪٽ، ميوو ۽ چانهن به هلندي رهي.
ٻن ٽن ڪلاڪن کانپوءِ جڏهن (منهنجي لاءِ) اها يادگار تقريب ختم ٿي ته مولا بخش ۽ ٻيا ساٿي اسپتال تائين مون کي ڇڏڻ آيا.
مون سمجهيو هو ته هنن ڊپوٽي جيلر کان منهنجي اچي چڪر لاءِ اجازت ورتي هوندي، پر ڪين جيلر مليو ڪونه هو، سو هنن منهنجي موٽي اچڻ کانپوءِ جيلر کان اجازت گهري. عبدالحئي قريشيءَ جي ڊيوٽي هئي، هو انهيءَ وقت اسپتال آيو ۽ مونکي چيائين، ”ابوبڪر اوهانجي لاءِ اجازت وٺڻ آيو هو. اوهين ٻاهر اچي چڪر ۾ وڃو، اتي اوهانجي مانَ ۾ پارٽيءَ جو انتظام ڪيو اٿن.“ مان منجهي پيس ته هن کي ڪهڙو جواب ڏيان، جڏهن ته مان اڳ ۾ ئي ٿي آيو آهيان. مون کيس چيو، ”ٺيڪ آهي مان ويندس.“
هو ڪافي دير ويٺو رهيو، ۽ پوءِ وڃي دائود خان وٽ ويٺو، گهڙي گهڙيءَ پڇيائين، ”طارق صاحب ويو؟“ هو حيران هو ته اجازت کانپوءِ به هي وڃي ڇو نٿو.
رات جو ماني کائي مان پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. علي حسن ڪونه هو. جنهن وقت علي حسن نه هوندو آهي، تنهن وقت مجرم لغاري سندس ڏاڍي تعريف ڪندو آهي، پر جڏهن هوندو آهي، تڏهن جهڳڙا جاڳندا رهندا.

٣-١٢-٨٣

پهرين تاريخ وارو خط توکي موڪليو اٿم، ڏسجي ڪڏهن ٿو پهچي، ڪلهه وارو خط هن سان گڏ ٿي آهي، چاڪاڻ ته ڪلهه جمعي جي ڪري خط نه موڪلي سگهيس. ٿي سگهي ٿو ته سڀائي موڪليان. اهي ٻه ٽي ڏينهن تنهنجا ڏاڍا پريشانيءَ ۾ گذريا هوندا، چاڪاڻ ته منهنجو ڪوبه خط توکي نه مليو، نه ئي منهنجي حالت ڪان تون واقف ٿي هوندينءَ. مونکي تنهنجي پريشانيءَ جو احساس آهي، پر مان به ته مجبور آهيان. توکي وڏيڪ پريشاني انهيءَ ڪري ٿي هوندي ته هڪ ڏينهن ماني آئي، وري جيل وارن ماني موٽائي ڇڏي. پر هاڻ مانيءَ متعلق پريشان نه ٿي. مان دائود خان پٺاڻ سان هنديءَ وال آهيان. ٻيا به ڪافي ماڻهو گڏ ماني کائين ٿا. مان ڪوشش ڪندس ته دائود خان کي پئسا ڏيان يا ڪجهه سيڌو. جيڪڏهن مان جيل وارن تي زور رکان ها، ته ماني گهران اچي سگهي ٿي، پر انهيءَ سان پنهنجي گهر وارن کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي. مان ته اندر جيل ۾ آرام سان ويٺو آهيان، پر جيڪو جيل تي ماني کڻي ايندو انهيءَ کي ڪيتري تڪليف ٿيندي، ڪيترو وقت بيهڻو پوندو. جيل جي پوليس وارن جو ڏاڍو خراب رويو آهي. مان اهو سڀ ڄاڻان ٿو. دانيال اسڪول وڃي. ظهير ڏاڍي سنڀالي، ظهور ۽ مقصود نوڪريءَ تي، پوءِ ماني ڪير کڻي ايندو. هاڪو ملاقات تي اچي ته گهه، بصر، پٽاٽا، بيدا، شيونگ ڪريم موڪلي ڇڏجانءِ.

تون وڌيڪ پريشان نہ ٿي ۔ مونکي يقين آهي تہ مغل مات ڪري نہ ويهندو۔ پر قسمت ۾ جيترو وقت جيل لاءِ لکيل آهي، اوترو تہ رهڻو ئي پوندو ۔ بهرحال هتي مونکي ڪا بہ تڪليف ڪانهي۔ سڀ هتہ ٿي، سڀ ماڻهن سان رهيو پيو آهيان ۔ تون مون کي سدائين چوندي هئين تہ آرام نٿو ڪرين۔ سو هاڻ هتي آرام ڪري رهيو آهيان۔ البت تو کان پري ضرور آهيان ۔ تون سدائين مونکي چوندي آهين تہ: توکي منهنجي ڪهڙي پرواهہ آهي ۔ پر ائين ڪونهي ۔ تو مونکي اهڙو ڪاري چنڊيو آهي، جو جتي بہ صاف ڪري ڏين، اڪيٺ بہ وجهي ڏين۔ باٿ روم ۾ شئمپو، ڪپڙا ٽوال بہ رکي ڏين ۔ جيتوڻيڪ هتي ڪجهہ ڪم پيا ڪريو پيا ڏين، پر تنهنجي ڳالهہ ئي آهي۔
ادا ظهير ٻاهر منهنجي لاءِ ڏاڍي ڀڄ ڊڪ ڪئي هئي۔ هتي وري سندس دوست مولا بخش ۽ عالم شاهہ منهنجو ڏاڍو خيال رکن ٿا۔
ٻلا پريس ڪيئن پئي هلي۔ پئسن جي ضرورت پوئي تہ حبيب کان گهرائي سگهين ٿي۔ دانيال جو خاص خيال رکج۔ هن کي اهو احساس ٿيڻ نہ ڏج تہ مان جيل ۾ آهيان۔ هن کان پڇندي رهہ تہ کيس ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي۔ ائين ٻار شيءِ کان وڌيڪ محبت جو بکيو هوندو آهي۔
ٻاين وارن کي فون ڪرين تہ اورنگزيب کي ضرور سلام ڏجانءِ، ۽ کيس چئجانءِ تہ تنهنجو چاچو توکي ڏاڍو ياد ڪري ٿو۔ ۽ کيس چئجانءِ تہ محنت ڪري تہ پوءِ نمبر اچن۔

فيفي به ياد تي اچي. اکهاڙين پيرين هنجو مون ڪان لڪڻ، يا بهانا بڻائڻ ڏاڍو وڻندو هو.
ادي، آپا، ظهير، پاپي، مغل، ادا نثار، مقصود، ادا نثار جي گهر وارا، دانيال — سڀني کي سلام. فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار. پلا افراز ڪيئن آهي.
اهو خط اڄ ته وڃي ڪونه سگهيو آهي، تنهنڪري هاڻ وري توکي هتي جو احوال ٿو لکان ته سڀ ڏينهن ڇا وهيو واپريو.

صبح جو هتان منهن ذوئي وڃي معتب شاهه وٽ ويٺس. محب علي شاهه، خيرپور ميرس جي فيض گنج جو آهي. وڪيل آهي ۽ مٿس ڌاڙي جو الزام آهي. مون اڃا ڪيس تفصيل ڪونه پڇيو آهي. اتي ويٺو هوس ته نواز 'سر' ڇٽي بئرڪ بيئرڪي ۽ جو ڪيڪ ۽ چانهن ڏيئي ويو.
دائود خان وٽ ڏينهن جو ڪيترائي سياسي ۽ بي قيدي اينداآهن، خاص ڪري انور عباس نقوي (پي - ڊي - پي جو)، امين خٽڪ (N.D.P جو)، ماڪا سڪر جو وڪيل، جمع خان (ڪرمنل قيدي) ۽ ڪجهه ٻيا همراهه. انهن ۾ ماني ۽ وقت جمگهٽو به اتي هوندو آهي، دائود خان ٻنا ماني کائڻ جي وڃڻ ڪونه ڏيندو آهي.
نقوي ۽ امين ٻڌايو ته: اسان ايم - آر - ڊي جي تحريڪ ۾ آرام باغ مسجد وٽ گرفتاري ڏني هئي. ۽ ڪراچي ۾ واحد اسين ٿي هئاسين، جن جلوس ڪڍيو. جتوئي صاحب به جلوس

نہ ڪيئي سگهيو هو. جڏهن تہ اسانجي گرفتاري واري ڏينهن سخت مينهن پئي پيو. ۽ اسان گوڏي گوڏي پاڻيءَ مان هلي، گرفتاري ڏني.

نقوي ڪافي پڙهيل ڳڙهيل ۽ سلجهيل ماڻهو لڳي ٿو. انڪم ٽيڪس جو سٺو وڪيل آهي، ۽ ڪهاڻيڪار پڻ. سندس ڪهاڻين جو هڪڙو مجموعو ’لهولهان‘ بہ ڇپجي چڪو آهي.

مان پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. روز وانگر ارشاد ساگر آيو. شاعر آهي ۽ من موجي قسم جو ماڻهو. مجرم هن لاءِ چوندو آهي: ”سائين هيرو آهي هيرو. هن ماڻهوءَ جي واتان اسان ڪنهن جي گلا نہ ٻڌي آهي. پر آهي ’جهڙپو.‘“ جهڙپو لفظ تي مان حيران ٿيس تہ چيائين، ”ڪتابن لاءِ سڄو ڏينهن پيو جهڙتيون (تلاشيون) وٺي. شل نہ ڪو ڪتاب ڏسي، ڇهي ويندو.“

ارشاد جي هٿ ۾ سبط حسن جو ڪتاب ’پاڪستان ۾ سياست ڪان ارتقا‘ هو. چيائين، ”ڏيڊ ڏينهن لاءِ مليو اٿم.“ پوءِ اڌ ڏينهن امانوت وٺي/ ليٽي پڙهيائين، پر مٺو ڪتاب پڙهي، بند ڪري چڏيائين تہ: ڪتاب ۾ مزو ڪونهي.

ساگر پنهنجا ڪجهہ شعر ٻڌايا جيڪي سٺا شعر هئا، ٿڙ جي شاعرن ۾ مون بہ خاص ڳالهيون ڏٺيون آهن. سهڻي ٻولي ۽ شاندار ردم. سرويچ سجاولي هجي يا محمد خان مجيدي يا منشي ابراهيم سيني وٽ اها ڳالهہ آهي. ساگر جي شعرن ۾ بہ اهي ئي خوبيون موجود آهن.

ابراهيم منشيءَ جو درجو اسان وٽ هڪ انقلابي شاعر جو آهي. هُو سدائين هو ڏاڍ جي خلاف لکندو رهيو آهي ۽ جيلن ۾ ويو آهي. پر هن دفعي جوش ته ڪونه ڏيکاريائين، بلڪ ميرن پيرن جي پٽيان لڳو وتي. انهيءَ ڳالهه تي جيل وارا دوست سائس ڏاڍا ناراض آهن. ارشاد ڪيس جيل مان، سندس انهيءَ رويي تي هڪڙو خط به لکيو آهي. مونکي اهو خط پڙهي ٻڌائين، ٻوليءَ جي لحاظ کان ڏاڍو سٺو خط هو. مون کيس چيو ته اهو خط مونکي ڏي ته مان جيل جي ڊائريءَ ۾ ڇپيندس. پر اجا ڏنو ڪونه اٿس.

صبح جو ڏهين کان وٺي شام جو پنجين تائين اسانجي توڙي دائود خان جي ڪمري ۾ ماڻهن جو ميڙاڪو هوندو آهي. پنجين کانپوءِ سيئي ٻاهر نڪرن ۽ گهمن ڦرن، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Walk چئجي. ۽ جنهن وقت سانجهيءَ جي ٻانگ اچي، انهيءَ وقت سيئي پنهنجي نڪاٽي ڏانهن موٽيو وڃن.

مان جيترا دفعا به جيل آيو آهيان، پنهنجي وارڊ کان ٻاهر ڪڏهن ڪونه نڪران. ۱۹۷۷ع ۾، جڏهن ڪراچي جيل ۾ تمام گهڻا سياسي قيدي هئا، تڏهن به هڪ دفعي کان علاوه، مان سدائين پنهنجي وارڊ ۾ رهندو هوس، جڏهن ته مون سان رهندڙ اڪثر همراهه سڄو ڏينهن پيا چڪر هڻندا هئا. هڪ ته مونکي شروعءَ کان ئي اهڙي عادت هئي، ۽ ٻيو جڏهن سکر جيل ۾ مير شير محمد سان گڏ رهڻ جو اتفاق ٿيو ته، هن جي چيل ڳالهه دل تي ڏاڍو اثر ڪيو ته: جيل جا به

ڪي اصول هوندا آهن، انهن جي پڪڙي نه ڪجي.
پر هن دفعي ڪنهن وارڊ جي بدران اسپتال جو متيون حصو هو، جنهن ۾ ٿنگون سهائڻ لاءِ، ورانڊي ڪانسواءِ ڪا به جاءِ ڪونه هئي. بي ڪلاس، اها ته تمام گهڻا سياسي قيدي هئڻ ڪري، جيل جا سيئي قاعدا قانون پڄي تني ويا آهن، جنهن ڪري جيڏانهون وٺي، پيو گهمي ڦري. تنهنڪري مجرم جي زور پرڻ تي مان به چڪر ڏيڻ نڪرندو آهيان.
سچي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾، رکو اسپتال جي سامهون ۽ وڏي بورچي خاني جي پٺيان ساوڪ، وڻ، گل ۽ بوٽا آهن. اسپتال جي سامهون هڪڙو ننڍڙو ڦوهارو به آهي. سڄي جيل ۾ اهائي هڪ وڻندڙ جاءِ آهي. جڏهن ته سکر سينٽرل جيل جو نه فقط بي ڪلاس، بلڪ سڄو جيل باغ لڳو پيو آهي.
اسان وٽ دائود خان، محب شاهه ۽ مجرم نماز پڙهندا آهن. مجرم فقط سانجهيءَ جي، محب شاهه ٽڪ به وقت ۽ دائود خان پنج ئي وقت، تهجد به.
اڄ به نماز کانپوءِ روز وانگر دائود خان وارا پٽي راند کي لڳي ويا. مجرم سندس راند ڏسڻ ويٺو ۽ مان محب‌شاهه جي اوڇي پلنگ تي ويهي تو ڪي خط / ڊائري لکڻ لڳس. جڏهن لکي لکي ٿڪس ته آرسيءَ جو نئون/پيو پرچو پڙهڻ لڳس، آرسيءَ ۾ بشير موريائي، موتي لال جوتوائي، حميد سنڌي، علي بابا، آنند ڪمائي، شوڪت حسين شورو ۽ مدد علي سنڌيءَ جون ڪهاڻيون اچا تائين پڙهيون اٿم. انهن ڪهاڻين مان مراد [illegible] جي سنڌالي ٻيرڙ؟ (جيڪا اڳ ۾

ٻه ڪنهن پارٽي مخزن ۾ پڙهي اٿم) کانسواءِ ڪا به ڪهاڻي 'زوردار' نه هئي. بشير موريائي ڪافي وقت کانپوءِ ڪهاڻي لکي آهي، سندس ڪهاڻي 'اڌوري آدم' شروع ۾ ته ڏاڍي سٺي آهي، نواڻ به آهي، ۽ جنهن طبقي تي لکي اٿس، انهيءَ جي ڀرپور عڪاسي به ڪئي اٿس، پر پڇاڙي 'فلمي' ٿي وئي آهي. باقي ڪهاڻيون 'آوين' هئيون. مدد علي ته شايد زوري لکي آهي. انهن ڪهاڻين کان علاوه ٻيون ڪهاڻيون پڙهڻ ته ملو پوي. ها، انهيءَ کان علاوه اخلاق انصاري جي ڪهاڻي 'ڏکي سفر جي آخري منزل' به پڙهيم. اخلاق جي مون هيءَ ٻهرين ڪهاڻي پڙهي آهي. اخلاق جيڪڏهن ٿوري محنت ڪري ها ته ڪهاڻي چڱي ٿئي ها. پر هروڀرو Obscenity جو سهارو ورتو اٿس. هروڀرو بيباڪ ٿيڻ جي ڪوشش ۾ ڪهاڻي وڃائي ڇڏي اٿس. ڪهاڻين جي لحاظ کان (اڃا تائين جيڪي پڙهيون اٿم) آرسيءَ جي ٻهرين پرچي ۾ ڪهاڻيون وڌيڪ چڱيون هيون، خاص ڪري مدد علي سنڌيءَ جي ڪهاڻي (ٿوري جهول هئڻ جي باوجود).

پٽي راند پوري ٿي ته ماڻي کائڻ ويٺاسين. ٽي- وي تي ڊرامو به ڏٺوسين، بي- بي- سيءَ تان اڄ ۾ هنديءَ ۾، پوءِ اردوءَ ۾ خبرون ٻڌيوسين. سڀنين ۾ ڪشمير مان نڪتل لانگ مارچ جي خبر هئي. دائود خان چيو، "سامهون واري رستي کي جيئن ته پوليس روڪيو هوندو، تنهنڪري اهي علائقا غير مان ٿيندا، سرحد وچي، آتان غفارخان کي ڪڍي نڪرندا.

۽ پوءِ ٻڌجو (دائود خان سڀ سنڌي ڳالهائي ٿو، پر ڪي ڪي نج سنڌي لفظ صحيح اُچاري ڪونہ سگهي.) هزارين ماڻهو خان بابا سان نڪري پوندا."

مون دائود خان جي هڪ ڳالهہ نوٽ ڪئي آهي تہ، پاڪستاني سياست جي، ڪٿي جي بہ ڳالهہ ڪجي تہ چوندو مونکان پڇو، مان بہ اُتي هوس. جيل لاءِ بہ چوي (گهڻي ياڱي) ؛ مان هر دؤر، باڪ هر سال جيل آيو آهيان.

پاڻ ٻڌائين تہ: "اسين پٺاڻ آهيون، اصل تہ سرحد جا آهيون. پر ڪجهہ عرصو اسانجا وڏا هندستان وچ رهيا، ۽ ورهاڱي کان گهڻو اڳ، منهنجو پيءُ اچي حيدرآباد جي پرسان هڪ ڳوٺ ۾ رهيو، جنهن کي انهيءَ وقت انڙپور چوندا هئا. پر پوءِ ڪالي سڏڻ لڳا. منهنجو پيءُ اڳ ۾ هڪ ڪارخاني ۾ مستري هو، پوءِ P.W.D ۾ مستري ٿيو. ۽ پنهي هنڌان رٽائر ٿيو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ مان گنجي ٽڪر تي ٻڪريون چاريندو هوس. هنن ڏينهن ۾ ٽنڊي ولي محمد ۾ مسان روڊ تي ٻڪرين جي پڙي لڳندي هئي، اسين اتان ٻڪريون وٺندا ۽ وڪڻندا هئاسين.

ورهاڱي کانپوءِ اسان مينهن پالڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو. مون ڪجهہ پيا بہ ٺاڻا ٺاڻا ڌنڌا شروع ڪيا. جهيڙا جهڳڙا بہ ڪيم، غنڊا گردي بہ ڪيم، غنڊن سان ٻڌجي جيل بہ آيس." وري مُرڪي چيائين، (دائود خان جي مرڪ ڏاڍي پياري ۽ ڏاڍي معصوم آهي) "مان پڙهيل لکيل تہ نہ ناهيان، پر اڄ حيدرآباد جو اي ڪلاس ٺيڪيدار آهيان."

ڪن رکي چيائين، ”پر منهنجي بدقسمتي انهيءَ ڏينهن کان شروع ٿي، جنهن ڏينهن کان سياست ۾ حصو ورتو اٿم. مير رسول بخش ٽالپر منهنجو ننڍي هوندي جو دوست هو. انهيءَ جي ڪري پيپلس پارٽيءَ ۾ شامل ٿيس. ١٩٧٧ع ۾ حيدرآباد ۾ جيڪو فساد ٿيو هو، انهيءَ ڪانپوءِ پيپلس پارٽي ڇڏي، اين. ڊي. پيءَ ۾ شامل ٿيس، ۽ اڃا شامل آهيان. ننڍن يا وڏن ماڻهن جا ڪم پون ته مون وٽ اچن، ۽ جڏهن ڪم ٿيو وڃي ته ڦردو منهنجا دشمن ٿين. منهنجي لاءِ مشهور اهو ڪيل آهي ته مان وڏو سمگلر، ڊاڙيل، ۽ منشيات جو ڪاروبار ڪندڙ غنڊو — ۽ نه ڄاڻ ڇا ڇا آهيان. جيڪي مون سان مليا ڪونهن، آهي ته مونکي وڏو خطرناڪ ۽ هيبتناڪ سمجهندا هوندا.“

مون چيومانس، ”واقعي خان، مان جيستائين اوهان سان نه مليو هوس، مان به سمجهندو هوس ته اوهين ڏاڍا پوائنٽا هوندا.“ وري مرڪي چيم، ”اوهان تي ڪجهه لکندي به ڊپ ٿو لڳيم، متان ڪٿائي ڇڏيو يا مارائي ڇڏيو.“ کلي چيائين، ”نه بابا، مان مسڪين ماڻهو، جيڪو وڻي منهنجي متعلق لکو. مان بلڪل بي زرر ماڻهو آهيان.“

ڪجهه دير ڪانپوءِ مان پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. اڳ تو ٽني لکيو اٿم ته علي حسن کي ڪهاڻين لکڻ جو شوق آهي. پر ادب پڙهيو گهٽ اٿس. هن پنهنجي هڪ ڪهاڻي ’بلا‘ مون کي ٻڌائي. موضوع جي لحاظ کان ڪهاڻيءَ ۾ نواڻ آهي، پر لکڻ ۾ پختگي اڃا ڪانهي، ۽ ڪهاڻيءَ ۾

ڪجهه وڌاءُ به آهي. سنڌس ڪهاڻي مان هڪ نئين ڳالهه جو پتو پيو اٿم ته: جيل ۾ جيڪڏهن ڪو قيدي بلا ماري ٿو ته هن کي پندرنهن ڏينهن معافي ملندي. مجرم معلومات ۾ اچا به اضافو ڪيو ته: رت جي هڪ بوتل ڏيڻ تي به قيديءَ کي پندرنهن ڏينهن معافي ملي ٿي.

اسانجي پارٽي جو شفقت شاهه، جنهن کي سزا لڳل آهي، انهيءَ به رت جي بوتل ڏيئي پندرنهن ڏينهن معافي ورتي آهي. هنجي سزا پوري ٿيڻ ۾ هاڻ باقي ٿورا ڏينهن بچيا آهن. چڱو، هاڻ خط بند ٿو ڪريان. سياڻي پڻي خط توکي موڪلينديس ڏسجي تنهنجو خط ڪڏهن ٿو اچي.

سڀني کي سلام.

تنهنجو

طارق اشرف

۴-۱۲-۸۳

پياري شمس

اسلام عليڪم

اڄ آچر آهي، هن وقت آهوئي وقت آهي، جنهن وقت، گذريل آچر تي گهران نڪتو هوس. اڄ مون کي گرفتار ٿئي اٺ ڏينهن ٿيا آهن، اڄ تو کي ڏٺي به اٺ ڏينهن ٿيا آهن. شاديءَ کانپوءِ اهڙو موقعو پهريون دفعو آيو آهي، نه ته وڌ ۾ وڌ ٽي چار ڏينهن، سو به جڏهن تون جيڪب آباد وئي هئين يا مان ڪراچي ويو هوس. روز چوندي هئين ته: سڄو ڏينهن ٿو پرس ۾ رهين، باقي رات جو چوٿو اچين، آئي ٿي سمهي رهندو ڪر. هاڻ جڏهن رات جو به ٻاهر آهيان ته تون پريشان نه هوندينءَ؟ خير ناراض نه ٿي، اهو چرچو هو. مانيءَ لاءِ هاڻ تون پريشان نه ٿي. هتي مانيءَ جو سٺو انتظام آهي. مون هن کي چيو هو ته دائود خان کي چوي ته مان مانيءَ لاءِ پئسا ڏيان. مجرم چيو: سائين هو ڪونه وٺندو، اسان کان به ڪونه وٺي. پر منهنجي چوڻ تي هن دائودخان کي چيو. هن چيو ته: شاهه صاحب کي چئجان تون منهنجو مهمان آهين. تنهنجي رکو دعا گهرجي.

منهنجو سڄو ڏينهن لکڻ ۽ ليٽڻ ۾ ٿو گذري. رات جو ڪجهه دير تي وي ڏسندو آهيان. ڪلهه رات جو 'نيند ميں چلنے والا لڙڪ' ڊرامو ڏٺو هوم، ڪو خاص نه هو. مجرم لغاري

ڊرامي ۾ جي پڇاڙي ڏسي (جڏهن ڇوڪري مري ٿي ۽ لاڏي جو آواز اچي ٿو.) روئي پيو، ڏاڍو حساس طبيعت جو آهي.

وڌيڪ خط پوءِ ٿو لکان. هميشه هميشه تنهنجو خط ملندو اٿم، اڳ ۾ اهو پڙهي وٺان.

۸۳-۱۲-۱

عزيز طارق، خوش هجين شال.

اڄ منهنجي دل کي ڪجهه تسلي ٿي آهي. هڪ ادا مغل اوهان سان ملاقات ڪري آيو آهي. پيو توهان کي ماني، سوڙ ۽ ڪجهه سامان پهتو. اها خبر ڪانهي ته ڇا ڇا پهتو، ادا چيو هو ته، ماني شام جو موڪلجو پر مامي ۽ پڌايو ته شام جو جيل بند ٿي ويندو آهي، تنهنڪري انهيءَ وقت ظهير ۽ دانيال رڪشا ۾ جيل پهتا. ادا وارن جي گاڏي هٿي ڪونه. اتفاق سان سپرنٽنڊنٽ جيل مان نڪتو پئي، ظهير کيس چيو ته: هي طارق صاحب جو سامان آهي. هن چيو: ٺيڪ آهي ڏيو اندر.

توهانجو نئون خط ته اڃا مليو ڪونه اٿم جو اندر جو حال معلوم ٿئي، باقي ايترو سو پتو پيو اٿم ته او هين اسپتال ۾ رهڻ لاءِ تيار نه آهيو، خبر نه ڇو. ٿي سگهي ٿو آتي اوهان کي سهولت ملي. بهرحال وڌيڪ تو هين سمجهي سگهيو ٿا.

هن وقت طارق، رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. مٿي دير سان چڙهي آهيان. خط ته سياٽي اوهان کي ڪونه ملندو، چاڪاڻ ته جمعو آهي، پر ڪجهه دل جو بار ته هلڪو ڪريان. ادا

يوسف فون ڪندو آهي. اڄ ٻه فون ڪئي هئين. چيائين ته ملڪ فتح ڪم ڪونه ڪيو، پيو ماڻهو هٿ ڪيو اٿم. انهيءَ لاءِ ڇنڇر تي اينڊس ته جيئن ڪجهه ڪم ٿئي. چيومانس ته، ادا اوهين تڪليف چو ٿا ڪريو. اوهين خود ڪم وارا ماڻهو آهيو. پوءِ ادا مغل جو نمبر مون کان ورتائين. وري گڏيو فون ڪئي ۽ ٻڌائين ته سندس ڪو ڊاڪٽر دوست سڃاڻو آهي، انهيءَ سان ادا طارق جي ڳالهه ڪئي مانس. چيائين ته: ڪو ماڻهو اچي مون کي سڄو ڪيس سمجهائي ته مان ڪوشش ڪندس.

مون ادا مغل کي فون ڪئي، هن وٽ ڪي ماڻهو ويٺا هئا، پارن وچي ڪيس ٻڌايو ته آنئيءَ جي ورن آئي آهي. شاباس هجيس، ما ئهن کي چڏي انهيءَ وقت آدو. مون ڳالهه ٻڌائيمانس. چيائين: مان پندرنهن منٽن ۾ ادبيات وٽ اچي ٿو بيهان، اوهان گڏو کي آتي موڪليو. ادا گڏوءَ کي ڏنو ڪونهي، تنهنڪري دانيال به ساڻس ويو. سندن پهچڻ کان اڳ ادا آتي بيٺو هو. ادا، ڊاڪٽر سان ڳالهايو آهي. وري ڇنڇر تي پروگرام رکيو اٿن.

وري رات جو مون ادا کي فون نه ڪئي، چو ته، سڄو ڏينهن منٽ منٽ ۾ ادا کي فون ڪري تنگ ٿي ڪريان. پر هن کي آفرين آهي. هر ڳالهه کان مون کي باخبر ٿو رکي. انهيءَ ڏينهن چيومانس: ادا معاف ڪجو، مان اوهان کي ڏاڍو ٿي پريشان ڪريان. چيائين، ڪهڙيون ٿا ڳالهيون ڪريو، اهو ته منهنجو ڪم آهي، سچ جيڪڏهن ادا توهان

جو ايترو خيال نه رکي ته توهانجو نه چاڻ ڪهڙو حال ٿئي.
اڄ شام جو ٽائم فوٽو واري نورمحمد فون ڪري چيو هو
ته: مون لاءِ ڪو ڪم ڪار هجي ته بنا تڪلف چئجو.
چيومانس، ادا توهانجي مهرباني، ضرورت پئي ته ضرور چئبو.
اُتي عرفان شاهه به ويٺو هو. هن به ڳالهايو ۽ ڪم ڪار لاءِ
پڇيائين. چيومانس ته: ادا، توهانکي ته ضرور چوندس، انهيءَ
لاءِ ته طارق توهانجي ڏاڍي تعريف ڪندو آهي. توهان ته
مائٽن کان به اسان کي وڌيڪ آهيو. عمر قاضيءَ جي ڳالهه
ڪئي مانس ته: ٻه ڏينهن فون ڪئي هئائين. مون چيو
هو ته ادا توهان پاڻ خبرچار وٺي مون کي ٻڌائجو. توهان
وٽ ته موٽر سائيڪل آهي. اوهين ته ڪافي ڪم ڪري
سگهو ٿا. پر پوءِ عمر ڪڏهن به پڇا نه ڪئي.
بهرحال ٻين دوستن به فونون ڪيون هئيون — فيروز، مدد
علي سنڌي، ولي رام ولڀ، اوهان جي ڀيڻ نذير ناز به ٽي
دفعا فون ڪئي آهي. هوءَ ويچاري اوهان لاءِ ڏاڍي پريشان
آهي.

٢-١٢-٨٣

عزيز طارق، توهانجي خدمت ۾ حاضر آهيان.
اڄ ڏاڍو افسوس ٿيو اٿم ته توهان کي ماني نه پهچي سگهي،
ڏاڍو جلدي جلدي تيار ڪري جيل موڪليم، پر جيل وارن
واپس ڪري ڇڏي ته اسان کي اهڙو آرڊر ڪونهي. مٿان
اجازت ملندي ته پوءِ وٺندا سين.
اهو عرض اهڙي طرح ڪيل آهي جو اسان جي وس ۾ ڪجهه هجي.

توهانکي ته ضرور انتظار هوندو. مون ادا کي فون ڪري چيو، هن چيو اڄ جمعي جو ڏينهن آهي اڄ ته آتي ڪو به آفيسر نه ملندو. سڀاڻي ڪوشش ڪبي.

هن وقت طارق، شام جا پنج ٿيا آهن. زاهد فلم وٺي آيو آهي، مون کان سواءِ سڀئي فلم پيا ڏسن. توهانجي طبيعت ڪيئن آهي. رات ڪيئن گذري؟ آءٌ ته شايد ياد ڪانه ايندي هوندس؟ ٿي سگهي ٿو انهن تڪليفن ۾ ڪجهه ڪجهه ياد ايندي هجان. سموري ياد لاءِ ته آءٌ اڪيلي ڪونه آهيان. سچ چيو اٿن ته خط اڌ ملاقات آهي. ايترو ته روز اوهان سان ڳالهائڻ جو موقعو به نه ملندو هو، جيترو خط جي ذريعي ڳالهيون ٿين ٿيون. خط ۾ گهڻو وقت اوهان سان مخاطب ٿيڻ جو موقعو مليو وڃي. نه ته ڏهه پندرنهن منٽ به مشڪل سان ملندا هئا. بهرحال هن حالت کان ته مون کي توهانجا پنج منٽ به قبول آهن، اهڙي پريشاني ته خدا ڪنهن دشمن کي به نه ڏي.

الله ڪري توهانجو ڪم جلدي ٿي وڃي. خير سان جلدي پنهنجي گهر اچو. ڪالهه خبر ناهي توهان کي ماني ڪيتري ملي. اڄ به بک ۾ هوندا. ڏاڍا ڪمزور ٿي ويا هوندا. ادا مغل کان ڪالهه توهانجي باري ۾ پڇيو هوم ته چيائين: مون کان به ٺيڪ ٺاڪ لڳو پيو آهي. چمڪيو پيو. چيومانس: ادا مون کي خوش ڪرڻ لاءِ ٿا چئو. چيائين، يقين ڪريو، مان صحيح پيو چوان.

هاڻ مون کي خبر آهي ته بکن ۾ توهان ڪهڙا ٺيڪ هوندا.

دانيال خوش آهي. ٻيا سڀ ٺيڪ آهن. توهان لاءِ دعائون پيا گهرن. فيميءَ کي شڪايت آهي ته ڇو چا مون کي خط ڪونه ٿو لکي. جنهن ڏينهن توهان گرفتار ٿيا ۽ کيس خبر پئي ته چاچا گهر ڪونه ايندو سو هڪدم بوٽ لاهي پيرين اگهاڙي هلڻ لڳي. ادي چيس، اهو ڇا ٿي ڪرين؟ چيائينس: چاچا طارق ٿوروئي ايندو.

اڄ مون سور جون ٻي ڏانهون ڪيون. هن ويئي مون کي ڦٽي ڏني. چوڻ لڳي: آنٽي توهان جو مڙس هتي ڪونهي، انهيءَ ڪري توهان کي سور آهي. چاچا اچي ته توهان جا سور لهي ويندا. سڀئي کلڻ لڳا.

مان خط لکڻ ۾ ڏاڍيون چڪون ڪندي آهيان. مهرباني ڪري آهي نظرانداز ڪجو. ٻلا اوهان ته آهيو انٽر، ڳالهائيندي آهيان ته به ٻيا سوين چڪون ڪيو.

ملڪ آفنديءَ جي زال فون ڪري اوهانجو پڇيو هو. چڱو ٻلا، هاڻ خط بند ٿي ڪريان. سڀني سلام چيا آهن.

منهنجي طرفان سلام ۽ پيار.

فقط

شميم

۸۳-۱۲-۴

پیاري شمس

اسلام عليڪم

هڪڙو خط توکي اڄ موڪلي چڪو آهيان. هن وقت رات جا نو ٿيا آهن. هئينر هئينر سلور جوبلي پروگرام ڏٺو اٿم. اڄوڪي پروگرام ۾ مينا شوري به هئي. پوڙهي ٿي وئي آهي. پر ڏاڍي پي ٿي. منهن ۾ گريس (Grace) هئس.

مونکي مينا جو اهو زمانو ياد آيو. جڏهن ايڪ تهي لڙکي، ڍولڪ، ايڪٽريس، فلمون هليون هيون. اهو مينا جو عروج جو زمانو هو. هن جون سڀئي فلمون سپرهٽ ٿينديون هيون. خاص ڪري ايڪ تهي لڙکي. انهيءَ ۾ سندس ڳايل گانو- لارا لپا لارا لپا، ڏاڍو مشهور ٿيو هو. ۽ اڄ پنهنجي وقت جي مشهور ۽ سهڻي ايڪٽريس گمنامي ۽ مفلسيءَ ۾ پئي زندگي گهاري.

مغل توکي صحيح چيو آهي. تون فڪر نه ڪر، مان واقعي ڪمزور نه ٿيو آهيان. موٽي ايندس ته ڏسجانءِ وڌيڪ ٿلهو ٿي ويو آهيان. ڪنهن به ڳالهه جي تڪليف ڪونه اٿم، ۽ اها خوشقسمتي گهٽ آهي ته تو جهڙي زال ۽ مغل جهڙو دوست مليو آهي. هتي ڪيترا اهڙا قيدي آهن، جن جي پرگهور لهڻ وارو دنيا ۾ ڪير ڪونهي.

تو لکيو آهي ته تون خطن ۾ چڪون ڪندي آهين، ۽ مان

رائيٽر آهيان. تون اهو چو ٿي وسارين ته مان رائيٽر سان گڏو گڏ محبت ڪندڙ مڙس به آهيان. هڪ دفعي اڳ به لکي چڪو آهيان ته پيار ۽ خلوص سان لکيل خطن مان چڪون نه ڳولهيو ن آهن. تو ته ڏاڍا سٺا خط لکيا آهن. انهيءَ جو ثبوت اهو آهي ته تنهنجو خط اڄ ٻيهر پڙهيو اٿم، ڏاڍو سٺو خط آهي.

تو خط ڪي اڌ ملاقات لکيو آهي. پر تنهنجا خط منهنجي لاءِ مني ملاقات آهن.

تو لکيو آهي ته تون ته مونکي شايد ياد نه ڪندو هوندين. مان سدائين توکي چوندو آهيان ته منهنجي دل جا فيصلا تون چو ٿي ڪرين. ائين به جيل ۾، ٻاهرين يادن ڪانسواءِ هوندو ڇا آهي.

دانيال کي تاڪيد ڪر ته هو دل لڳائي پڙهي، ميٽرڪ جا امتحان اٿس. ۽ فيفيءَ کي چئجان ته مان هتان به ڏسان پيو ته توهان آڳهڙي پيرين هلو پيا. اگهاڙين پيرن خراب ٻار هلندا آهن.

وقت ڪيئن گذريو اهو به ٻڌي/ پڙهي ڇڏ.

روز وانگر اڄ صبح جو نواز 'سر' چئي چانهن ۽ ڪيڪ (داٿود خان وٽ هر وقت بمبئي بيڪريءَ جا اٺ ڏهه ڪيڪ هوندا آهن) آڻي ڏنو. مون ڪانئس پڇيو، "نواز تون ڇا ۾ جهليل آهين؟" چيائين، "ڦڦيءَ جي ٻوتيءَ مان پنج روپيا چوڙيا هئم. انهيءَ ۾." اهو چئي هليو ويو. مو نکي ڏاڍو

تعجب ٿيو ته ايڏي ننڍي جرم تي پندرهن ڦٽڪا ۽ سال جي سزا ملي اٿس. مون مجرم سان اها ڳالهه ڪئي ته هن ٻڌايو، ”سائين، دراصل هيءَ اوهانکان ٻ ڇي ٿو. هن ڪي ٻڌايو ويو آهي ته طارق اشرف جيل جي ڊائري ٿو لکي، هر ڳالهه انهيءَ ڪتاب ۾ ايندي. انهيءَ ڊپ کان اصلي ڳالهه اوهان کان لڪائي اٿس. هيءَ دائود خان جي هوٽل ۾ ڪم ڪندو هو. سال کن اڳ نوڪري ڇڏي هليو ويو هو، پر هن ڪي ٻه دائود خان سان گڏ سزا لڳي آهي. بس هاڻ سزا پوري ٿيڻ واري اٿس.“

سزا دائود خان جي به پوري ٿيڻ واري آهي. سال سزا پنج لک ڏنڊ (شايد). بقول دائود خان جي ته ڪيس سزا انهيءَ ڪري لڳي جو هو حاضريءَ تي ڪونه ويو هو. سزا هاڻ مجرم لغاري ۽ علي حسن جي به پوري ٿيڻ تي آهي.

منهنجا جيل تي لکيل ڪتاب، جيل ۾ چڱا مشهور آهن. ڪي قيدي ته خاص ڪري انهيءَ ڪري اچي پنهنجو قصو ٻڌائيندا آهن ته جيئن اهو ڪتاب ۾ اچي سگهي. ڪي هر ڳالهه لاءِ چوندا آهن ته: مهرباني ڪري اهو نه لکجو. مولا بخش چيو، ”سائين، اسين انهيءَ ڳالهه جي ڪري چڙڪون ٿا جو اوهان سرفراز ميمڻ لاءِ سڀ ڪجهه لکي ڇڏيو هو. سچ پچ مون کي انهيءَ جو ڏاڍو ڏک آهي. اوهانکي اهو سڀ ڪجهه نه لکڻ گهربو هو.“ چيومانس، ”واقعي نه لکڻ گهربو هو. نيٺ ته سندي شاگرد هو. سندس افعالن تي مون کيس ڏاڍو ڇهليو، پر هو مڙندو ڪو نه هو. پر

حقيقت اها آهي ته مون کي نظرانداز ڪرڻ گهربو هو. اهوئي سبب آهي ته مون ڪراچي سينٽرل جيل ۽ لانڍي جيل تي لکيو ئي ڪونه، ڇاڪاڻ ته اسانجي ڪن سائين آتي اهڙيون حرڪتون ڪيون، جو لکان ها ته اسين سنڌي ئي بدنام ٿيون ها.“

صبح جو اخبارون پڙهي اچي پنهنجي ڪمري ۾ ويٺس. مجرم، علي حسن، ارشاد ۽ ٻيا به ڪجهه همراهه ويٺا هئا. دائودخان چڪر هڻندو اچي اسان وٽ نڪتو ڳالهه ڪندي چيائين، ”عجيب مصيبت آهي. ڪاٻه ڳالهه ٿئي، مون کي بي گناهه جهليو اچن. جڏهن پاڪستاني جهاز اغوا ٿيو هو، تڏهن به مون کي جهلي آيا. انهيءَ وقت جيل ۾ مان شاهنواز خان جوڻيجو، غازي صلاح الدين ۽ الاهي بخش قائم خاني هئا.

”پوءِ اسان مان هڪ هڪ کي جيل ڪان ٻاهر پڇا ڳاڇا لاءِ ڪيڍي ويا. پهرين غازي صلاح الدين کي وٺي ويا. ماڙيءَ ۾ چمڙي مان سنڌس اکيون ٻڌيون، نه ڄاڻ ڪيڏانهن وٺي ويس. پوءِ جڏهن هو موٽي آيو ته پوريءَ طرح هوش ۾ نه هو. کيس ڏاڍو ماريو ويو هو. پوءِ الاهي بخش قائم خانيءَ کي سڏ ٿيو. هو پوڙهو ماڻهو، کيس ڏڪڻي وٺي ويئي. اسين کيس ٻڌاريون، هو ڪرندو پوي. ٻڌي ٻيهاريون، وري ڪرندو پوي. ٻهرحال هو به وارو ڀوڳي آيو. (١)

”انهيءَ کانپوءِ منهنجو وارو آيو. ماڙيءَ ۾ منهنجيون به

(١) ڪن ٻڌايو ته چرچي ڊاڪٽر دلنواز خان ڳالهه ۾ وڌاءُ ڪيو آهي.

اکيون ٻڌيون ويئون. ۽ پوءِ لاريءَ ۾ چاڙهي نه چاڻ ڪيڏانهن وٺي ويا. نيٺ لاري هڪ هنڌ بيٺي. مونکي هٿ ڪان وٺي لاٿائون. شايد ڪنهن ڪمري ۾ وٺي ويا. ڪرسين جي ريڙهه مان لڳم ته ڪي ماڻهو ويٺل آهن. پر ڪير آهن، ڪيترا آهن. اها جاءِ ڪهڙي آهي. اهو پتو نه پيم.
”مونکي آٿي هڪ هنڌ بيهاريائون. ۽ پوءِ اوچتو ڏڪا چماٽ لڳم. 'ڪنهن اغوا ڪيو آهي جهاز؟' منهنجي واتان رڙ نڪري وئي. چيم، انڌن کي ٿا ماريو. مون کي ڪهڙي خبر ته جهاز ڪنهن اغوا ڪيو. مان ته ڪڏهن جهاز ۾ چڙهيو به ڪونه آهيان.' پوءِ ڏاڍو ڪٽيائون. پر مون کي خبر هجي ته مان ٻڌايان. نيٺ اڌ مئو ڪري جيل تي واپس ڇڏي ويا ۽ پوءِ شاهنواز خان جو وارو آيو. ساڻس به ساڳي ڪار ڪيائون. (١)

اڄ مجرم وارن سان ملڻ ۾ ٽي پڪا قيدي آيا. جن مان هڪڙو مسلمان ۽ ٻه هندو هئا. مجرم مون سان تعارف ڪرائيندي چيو، ”سائين، هن مسڪين سان وڏو ظلم ٿيو آهي.“ مون پڇيو، ”ڇا ۾ آيل آهي؟“ هو رڙهي اچي منهنجي هنڌ تي ويٺو، ٻڌائين ته: ”سائين، بابو نالو اٿم. ذات جو ٺڪر آهيان. ١٣- ڊي ۾ جهامل آهيان. ١٩٧٠ع ۾، ٿر ۾، ڇاڇري ٻاسي ٻڪريون پئي چاريم. آهو جنگ

(١) شاهنواز خان ٻڌايو ته ٽاٽي تي وٺي ويا هئا. ڏهي ڇا ڪيائون ڏک ڪونه هنيائون.

جو زمانو هو. هڪ ڪوهه ۽ ٿان متيس پي ته پيٽرول ڪندڙ ڏولو اچي ويو. مون کان پڇيائون ته، 'تون ڪير آهين.' ٻڌايم ته، هندو آهيان.' مونکي جهلي ورتائون ته، 'تون ڀارت جو جاسوس آهين. تون هن ڪوهه ۾ زهر ٿو وجهڻ گهرين.' پوءِ مونکي گرفتار ڪري ڪيس هلايائون، ۽ ڏهه سال ٽيپ ڏنائون. ڏهه سال جي سزا پوري ٿئي ٽي سال ٿي ويا آهن، هاڻ ٽي، ٽي مهينا ڏيئي ڇڏيندا اچن. جنهن وقت جهليو هئائون انهيءَ وقت منهنجي عمر تيرهن سال هئي، هاڻ ڇهويهه سالن جو آهيان. جيل ۾ تيرهن سال ٿي ويا آهن."

ڇگو باقي احوال سيائي، هاڻ رات جا ٻارنهن وڄي ويا آهن. مجرم ۽ علي حسن ته ڪڏهن کا سمهي رهيا آهن.
سڀني کي سلام. ٻارن کي پيار.

تنهنجو
طارق اشرف

٥-١٢-٨٣

پياري شمس

اسلام عليڪم

هن وقت صبح جا ڏهه لڳي چڪا آهن. صبح سان تو ڪي هڪڙو خط موڪلي چڪو آهيان. ڏسجي تنهنجو خط ڪڏهن ٿو اچي. مان ته پين ۽ ڪاپي ڪڻي تنهنجي سامهون آهيان. ڪجهه ڏينهن اڳ لاڪ آپ ۾ هوس. آتي ڪورٽن ۾ رلايائون، پنايائون. پوءِ اچي جيل ۾ ڦٽو ڪيائون. اتي ڪڏهن هڪڙي چڪر ۾، ڪڏهن ٻئي ۾، پوءِ اسپتال جي هن حصي ۾. هاڻ جڻ زندگي هڪ هنڌ بيهي رهي آهي، يا هڪ محور تي گهمي رهي آهي. صبح جو هٽ منهن ڌوئي اچا اچي وهان ته نواز 'سر' چئي چانهن ۽ بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ آڻي ڏيندو. (دائود خان زنده باد، جنهن جيل ۾ بمبئي بيڪريءَ جا ايترا ڪيڪ ڪارايا آهن. خاص ڪري ميڪرون ڪيڪ، جنهن لاءِ ٻاهر بمبئي بيڪريءَ جا ڪيترا چڪر ٿا هڻڻا پون، تڏهن ٿو مس مس، ڪڏهن ڪڏهن ميڪرون ڪيڪ ملي. هتي ته ٻنا چڪر جي ملڻو وڃي.) پوءِ جيڪڏهن شيو ڪرڻي آهي ته آها ڪري، دائود خان وٽ اخبار پڙهڻ وڃان. پيا ته صبح سان وهنجن، پر مان (سواءِ مجبوريءَ جي)، هڪ نه ٻئي ڏينهن وهنجان، آهو به ٻنپهرن جو ڇاڪاڻ ته مونکي سيءُ ڏاڍو لڳي، ۽ اسانجي باٿ روم جون دريون کليل آهن،

ڏاڍي تي هوا لڳي. ۽ اڄڪلهه ته سيءُ به گهڻو آهي.

اسانجي ڪمري ۾ صبح سان (دائود خان وٽ به) ماڻهن جو ميڙاڪو لڳو پيو هوندو آهي. خاص ڪري علي حسن وٽ. انهيءَ جو ڪارڻ آهي ـ مخاصي. مخلص ته مجرم به گهڻو آهي. پر علي حسن جو ڪو مقابلو ئي ڪونهي. هر ماڻهو جي اچڻ تي اهڙو خوش ٿيندو آهي، ڄڻ ته اهو سندس جگري دوست آهي. ڪي ته روز ايندا آهن. ڪڏهن ته ائين به ٿيندو آهي ته اسين سڀئي پيا هوندا آهيون ۽ آهي اچي علي حسن ۽ مجرم جون سيفٽيون ڪيدي، شيو ڪري، تيل ۽ ڪريم مکي شيون اتي ڦٽيون ڪري مليا ويندا آهن.

ٻنپهرن جو سيئي اچي دائود خان وٽ گڏ ٿين. ٻنپهرن جي ماني تي ٻنهي ڪمرن جي رهندڙن کان علاوه پيا به ڪافي ماڻهو هوندا آهن، خاص ڪري ـ انور عباسي نقوي، امين خٽڪ، جمع خان، قاضي رشيد، ماڪا.

هتي جا ڏينهن ۽ راتيون هڪ جهڙيون آهن. جهڙو ڪلهوڪو ڏينهن، اهڙو اڄوڪو ڏينهن. البت ڳالهيون مختلف هونديون آهن.

انهيءَ ڏينهن نقويءَ مونکان پڇيو، "ٻڌو اٿم ته موجوده پير پاڳاري جي پيءُ کي به هن جيل ۾ ڦاسي ڏني هئائون. دفن به اتي آهي."

ٻڌايو مانس، "اسپيشل وارڊ ۾ هڪ کولي آهي، جيڪا خاص پير صبغت الله لاءِ ٺهرائي ويئي هئي. جنهن کي چار در آهن. جنهن درن جو مقصد اهو هو ته جنهن به هنڌ پير صاحب هجن،

ڪين ڏسي سگھجي. انگريزڪان ڏاڍو ڊڄندا هئا. ڊپ هئن ته متان اُتان به ڪين حشر ڪڍي وجهن...." پر ڳالهه اڃا ايتري ڪئي هئم ته حسب عادت دائود خان منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي ورتي. "مونکان پڇيو، صحيح ڳالهه جي خبر مونکي آهي. انهن ڏينهن ۾، مان گرفتار ٿي آيو هوس. جيئن اڄڪلهه ڇوڪرا وارڊ آهي، تڏهن غنڊا وارڊ هو. مان به انهيءَ غنڊا وارڊ ۾ هوس. انهن ڏينهن ۾ جنڪي ڦاسي ڏبي هئي، انهن کي پوليس وارا ڪونه ڪڍندا هئا، بلڪ غنڊن کان ڪڍائيندو هو ته جيئن هو ڦاسي ڏسي ڊڄي وڃن. هڪ دفعي، هڪ ڦاسيءَ واري کي مان به وٺي ويس. جتي ڦاسي ڏين ٿا، اتي هڪ ننڍي ڪوٺي آهي. مون اتي پڇيو، 'هن ۾ ڇا آهي؟' ۽ اندر ويس به. اتي چار قبرون هئيون. هڪ رحيم هنگوري ڏاڙيل جي هنجو لاش سندس مائٽن کي ڪونه ڏنو هئائون. ٻن قبرن جي ڪنهن کي خبر ڪانهي. هڪ قبر لاءِ ٻڌايائون ته پير صاحب پاڳاري جي آهي."

مون کڻي چپ ڪئي. جيتوڻيڪ ائين ڪونهي. پير صاحب کي هن جيل ۾ ڦاسي ڏني هئائون، پر دفن ڪٿي ڪيائون، اها ڪنهن کي خبر ڪانهي. جيل جي ڪن پراڻن قيدين گذريل دفعي مونکي ٻڌايو هو ته: پير صاحب کي انهيءَ جيل ۾ ئي دفن ڪيو هئائون، پر نشان ڪونه رکيائون.

ٻن پهرن جي ماني کائي اڃا اچي ويٺو آهيان جو تنهنجو خط مليو اٿم. اڳ ۾ اهو پڙهي وٺان، پوءِ وڌيڪ حال آوربو.

١٣–٢–١–٨٣

عزيز طارق، خوش رهو، آمين.

راتِ توهانجو خط مليو، پڙهي دل کي ڪجهه تسلي ٿي، ڪيترن ڏينهن کانپوءِ سولي ماني کاڌم ۽ ڪجهه سڪون جي ننڊ به آئي. گهر وارن کي به تسلي ٿي، نه ته سيئي پريشان هئا. مقصود مذاق ۾ چيو ته: ”ادا، پريس کان ماڳهين ڀڄي آئي وڃي آرام سان ويهي رهيو آهي. پريس مان فائدو ڪجهه به ڪونهي، سو ياڻنجي ته ڇڏي ڀڄي وڃجي.“ اڄڪلهه روز پريس تي ويندو آهي.

توهانجا خط / ڊائري گهرن وارن کي ڏيندي آهيان پڙهڻ لاءِ، جو ته خبر وٺڻ لاءِ هو به بي چين هوندا آهن. سيئي اوهانجا خط پڙهندا آهن. مونکي چيائون ته تون ادا جو خط پڙهي ٻڌاءِ. مون چيومان: مان ٿي مشڪل سان پڙهي سگهان ٿي. نه مان پنهنجي مڙس کي سمجهي سگهي آهيان نه سندس اکرن کي. ڪيئن ٺيڪ آهي نه؟

ڪلهه خط لکي ڪونه سگهيس، ڪو نه ڪو اچيو وڃي. خط لکڻ مشڪل ٿيو پوي. ڪلهه ڦڦي به ويٺي هئي، هن به اوهانجو خط ٻڌو ۽ چيائين: اداڪي اسانجا سلام لکجان ۽ چئجانس ته: فري ويٺا آهيو نماز شروع ڪريو.

مان هتي پريشان آهيان، ۽ منهنجو مڙس جيل ۾ پارٽيون پيو ڪائي. واه سائين واه. ادا مغل کي ٻڌايم ته: همراهه جيل ۾ ڏاڍو خوش ويٺو آهي ته چوڻ لڳو: ڇا خيال آهي توهان جو. ڇڏي ڏيوس ته ويٺو هجي. مون چيو: ادا آءٌ ته ائين

ڪونہ چاهيندس .

اڄ ادا اِتي آهي . اڄ اوهانجي ڪم سان ٻن ٽن ماڻهن سان ملندو. ادا ويچارو ذري پرزي خبر مونکي ٻڌائيندو آهي. ادا يوسف بہ جيڪب آباد کان روز فون ڪري اوهانجي خبرچار وٺندو آهي.

ڏينهن ڪيئن ٽا گذرندا وڃن. اڄ توهانکي گرفتار ٿئي ٩ ڏينهن ٿي ويا آهن. اڳي توهان ڪڏهن مونکان ايترا ڏينهن پري نہ رهيا آهيو. جي رهو ها تہ شايد اوهانکي بہ پريشاني ٿئي ها. پر هاڻ تہ پري رهڻ جي عادت پئجي ويئي هوندي، انهيءَ لاءِ پريشاني نہ ٿيندي هوندي، دل پڪي ٿي ويئي هوندي. ڪيئن ٺيڪ آهي نہ؟ ڳالهہ ڪجي سچي ، عادت انسان کي پڪو ڪيو ڇڏي.

توهانکي شايد منهنجي خدمت ياد ايندي هوندي، جيڪا هئينر مان مجبوريءَ جي ڪري ڪري نٿي سگهان. وفا شعار زال سدائين پنهنجي مڙس جي خدمت ڪندي خوشي محسوس ڪندي آهي. هنجي تڪليف کي پنهنجي تڪليف سمجهندي آهي. انهيءَ ڪري اوهان جو ڏک ، اوهان جي تڪليف منهنجو ڏک، منهنجي تڪليف آهي. اوهانجي تڪليف ڪري ڏاڍي پريشان آهيان، جو اوهانجي صحت ٺيڪ نٿي رهي . خدا توهان کي خوش رکي اوهانجا ڏک ۽ تڪليفون مون کي ڏي. مهرباني ڪري ڪائڻ پيئڻ جو خيال رکندا ڪريو. جيڪي ماڻهو جيل وڃن ٿا، آهي آتان ٿلها ٿيو اچن . توهان بہ گهٽي ماني ڪائجو، آرام ڪجو ۽ ٿلها ٿي اچجو.

ائين نه ته مرڳو منهن ۾ ڪڏا هجن. پهرين ڪان به حال چٽ هجي.

پين لکي ڪا نه پئي. آپا ڪان به پينون ورتيون اٿم، هڪ ته لکڻ ڪان جواب ڏنو، پئي ۾ مس ختم ٿي ويئي. خدا جو شڪر ته ڪجهه پڙهيل آهيان نه ته خط ڪيئن لکان ها. پوءِ ته اوهان سان رابطو ئي نه رهي ها.

هن وقت شام جا چار ٿيا آهن. خط اڌ ۾ ڇڏيو هوم، وري شروع ڪيو اٿم. روز منهنجي شام اوهان سان (خط ذريعي) گذرندي آهي.

دانيال ٺيڪ آهي، سويل نڪتو هو، هيئنر شام جو ڇين ڪان پوءِ آيو آهي. چيائين ته دوست وٽ ڪم سان ويو هوس. هيئنر چانهن ملي اٿم. اوهانکي به صلاح آهي. پلا چانهن جو ڏهو نه مليو هو ڇا، جو خط ۾ انهيءَ جو ذڪر ئي نه ڪيو اٿو.

اوهان پريس لاءِ پڇيو هو ته ڪيئن پئي هلي. نه پڇو انهيءَ پريس جو، جنهن سکون ئي کسي ورتو آهي. ڏنڊو اهڙو هجي جو ڪجهه فائدو ته ٿئي.

هيئنر هيئنر ادا يوسف ۽ ادي نذير ناز جي فون آئي هئي. ادي نذير کي شمشير الحيدري ٻڌايو ته مارشل لا جو ڪيس ختم ڪري سول ۾ اماڻيو ويو هو، جتان طارق ضمانت تي آزاد ٿيو آهي. (ٿي سگهي ٿو ڪنهن شمشير کي غلط ٻڌايو هجي). سو ادي ڏاڍي خوش هئي. پر ٻڌايو مانس ته ڪيس سول ۾ ڪونه ويو آهي ۽ طارق اڃان جيل ۾ آهي.

ويچاريءَ ڪي ڏاڍو ڏک ٿيو.
ٻيهي ۽ نندي ڀيڻ کي اوهان تي ڪاوڙ آهي جو ڪين سلام نہ لکندا آهيو. چڱو خط بند ڪريان ٿي. ايڏي طويل خط مان بيزار ٿي پوندا. مان بہ خط ۾ اجايون ڳالهيون گهڻيون لکيو وڃان.

سيني سلام چيا آهن.

توهان جي ناچيز پرخلوص سلام عرض ڪري ٿي.

دعائون ڏيندي، توهانجي پنهنجي

شمسہ

تنهنجو خط پڙهي سمهي رهيس. ننڊ نہ آئي ڇو تہ مجرم وارن وٽ ڪونہ ڪو ويٺو ٿي هو. شام جو پير معظم آيو. سندس وڏو ڀاءُ پير مظهر منهنجو دوست آهي. دادوءَ ۾ وڪالت ڪري ٿو، سائس منهنجي آخري ملاقات روهڙي اسٽيشن تي ١٩٧٦ع ۾ ٿي هئي، مونکي سکر سينٽرل جيل مان ڪراچي شنوائيءَ تي وٺيو ٿي ويا. سندس ٻين ڀائرن- پير منور ۽ پير مڪرم سان بہ ٿوري گهڻي دعا سلام آهي.
پير معظم جو علمي خاندان سان تعلق آهي. پاڻ انجنيئر آهي ايم- آر- ڊي جي تحريڪ ۾، دادوءَ ۾ پنهي ڀائرن گرفتاري ڏني هئي. پير مظهر اڄڪلهہ مخدوم رفيق، مير اعجاز ۽ مجتبيٰ جتوئي وارن سان گڏ مڇ جيل ۾ آهي.
پير معظم هڪ بہ دفعا اڳ ۾ مون سان ملڻ آيو آهي، پر

مونکي مسئلو سمجهي موٽي ويو. اڄ به مونکيو ٿي ويو، ٻر مون سندس آواز ٻڌي، سوڙ منهن تان هٽائي ڪيس روڪي ورتم. ڪافي دير ويٺو هو، سائس ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿي.

پير معظم ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ڏاڍو مهذب آهي. ايم. آر. ڊي جي تحريڪ جي ڳالهيون ڪندي ٻڌائين ته: عوامي تحريڪ جو يوسف پيراڻو هتي گرفتار آهي. سندس اسي سالن جي پيءُ به ساڳي تحريڪ ۾ گرفتاري ڏني آهي اهو ڪراچي سينٽرل جيل ۾ آهي. سندس ماءُ، به ڏيون ۽ ٻٽ به ساڳي تحريڪ ۾، ڪراچي سينٽرل جيل ۾ آهن، هاڻ ٻئيان رڳو سندس زال ٻچيل آهي.

جڏهن سڄ لهڻ وارو هو ته وري ملڻ جو چئي پير معظم موڪلائي ويو.

مان ۽ مجرم، روز وانگر اسپتال جي ٻاهران چڪر لڳائڻ لڳاسين. سوين سياسي قيدي به چڪر لڳائي رهيا هئا. ڪي ٻه ٻه، ڪي ٽولين جون ٽوليون. جيڪو ٿي پيو مان لنگهيو تنهن هٿ ٿي ملايو، يا سلام ٿي ڪيائين يا پريان ڪان ٿي هٿ جوڙ.

لڳو ٿي ڪونه ٿي ته جيل ۾ آهيون، مون ته جيل ۾ ايڏي آزادي ڪڏهن نه ڏٺي آهي.

روز هڪڙي ماڻهو ڪي چڪر لڳائيندي ڏسندو آهيان. وڏي عمر جو، ڏاڙهيءَ سان ۽ شڪل ۾ معتبر. مجرم سائس هميشه ڏاڍي عزت ۽ احترام سان ملندو آهي، ۽ سندس ڏاڍي تعريف ڪندو آهي. سندس نالو حڪيم سنجهڙ آهي. مجرم

ٻڌايو ته اهو به مجتبيٰ جتوئيءَ سان گڏ گرفتار ٿي آيو هو. جڏهن ٻئي ماڙي مٿي اندر آيا ته جيل وارن ٻنهين کي ٻه ٻه ڪمبل ڏنا ته اهي پاڻ سان کڻيو وڃو. مجبوريءَ حالت ۾ گهليندا ويا. جيل جا ڪمبل (جنکي ڪمبل ته چئجي ئي نه) ڏاڍا ڪورا آهن. حڪيم ويچارو ته جيئن تيئن ڪري سمهي رهيو. پر مجتبيٰ جتوئي سڄي رات پاسا ورائيندو رهيو. کيس ننڊ ئي نه آئي، وري صبح جو کيس سي ڪلاس جي گڙ واري چانهن ملي ته ڏسي باهه ٿي ويو. چانهن اچلائيندي چيائين، ”وڃي آهه- جيءَ جي .... ۾ وڃهو.“

اڄ ڏاڍو خوش آهيان. تنهنجو خط مليو اٿم. تو لکيو آهي ته، ‘منهنجي ايڏي طويل خط مان بيزار ٿيندين.’ چري تو کي ڪهڙي خبر ته جيل ۾ خط ئي ته خوشيون کڻي ايندا آهن. جنهن قيدي جا خط گهڻا اچن انهيءَ کي خوشقسمت چون.. ڪيترا اهڙا قيدي آهن، جيڪي خطن لاءِ سڪندا آهن. اڳ ۾ به لکي چڪو آهيان ته کاڌي پيتي جو فڪر نه ڪر. صبح جي نيرن لاءِ به اڳ ۾ لکي چڪو آهيان. ٻنپهرن جو ڪڏهن هڪ ڀاڄي، ڪڏهن ٻه ڀاڄيون هوندا آهن. دائود خان روز ٽي چار سير گوشت گهرائيندو آهي. گوشت جي ناغي واري ڏينهن مرغي، پلاو يا مڇي اچي. هڪ به دفعا پاڻ به رڌئين. پر اڪثر شفقت شاهه ۽ محب شاهه رڌيندا آهن. تون فڪر نه ڪر، ڀاڄيءَ ۾ مرچ گهٽ هوندا آهن. ماني جيل جي هوندي آهي. ادي جهڙيون مانيون پچائيندي آهي، اهڙيون ته نه

مان چار پنج ته آسانيءَ سان ٿي ويندس.
منهنجي جيل ۾ هجڻ تي تون ڏاڍي پريشان آهين. پر ٻاهر نڪرڻ لاءِ مان سچ پچ پريشان ناهيان. اهو مطلب ڪونهي ته جيل ۾ رهڻ جي خواهش اٿم. پر جڏهن مغل جهڙو دوست، تو جهڙي زال، مقصود ۽ ظهير جهڙا خيال رکندڙ ويٺا هجن ته پوءِ مان ڇو پريشان ٿيان. اٿين به منهنجي پريشان ٿيڻ سان ورندو ڪجهه به ڪونه. تنهنڪري مست ٿيو پيو گهمان.
تنهنجي ڦڦيءَ ڪي چٺيون ته ٻاهر گهٽي وقت ڪان نماز ڇڏي ڏني اٿم. ٻاهر نڪري نماز پڙهي هتي شروع ڪندس ته ساٿي سمجهندا، جيل ڪان ڊڄي نماز شروع ڪئي اٿس. الله تي ڀروسو اٿم، آهو پاڻهي رحم ڪندو.
مونکان به وڌيڪ تو کي شايد سامان جو فڪر آهي. چانهن جو پئڪيٽ به ملي ويو، ڇمچو به. شايد ڪي ٻيون شيون به، پر ڪير ٿو ويهي شين کي جانچي.

هن وقت رات جا ساڍا نوَ ٿيا آهن. ساحل ڊراما جي اڄ مون ٻهرين قسط ڏٺي آهي، نه ڇاڻ ڪيتريون قسطون هلي چڪيون آهن. ٻاهر ته فرصت ئي ڪانه ملي. پر جيل ۾ ته تي- وي وڏي رحمت آهي.

٦-١٢-٨٣
رات خير سان گذري ويئي. اڄ اي- سي- ايم جي ڪورٽ ۾ (ناز سناڻي واري ڪيس ۾) شنوائي آهي، پر ڪونه

ڪيڍيائون، خير، وقت گذري پيو، گذري ويندو. ڏسندي ڏسندي منھنجي گرفتاريءَ کي اڄ ڏھ ڏينھن ٿي ويا. معنيٰ تہ جيل ۾ جيترا ڏينھن رھندس، انھن مان اھي ڏھ ڏينھن گھٽ ٿيا.

ھن وقت صبح جا ڏھ ٿي چڪا آھن. روز صبح جو آپا ياد ايندي اٿم. سندس ڪاليج جيل جي سامھون ئي آھي. ڪجھہ فرلانگن تي، يا شايد ھڪ ئي فرلانگ جو فرق ھوندو. پر نہ ھوءَ مونکي نہ مان ئي کيس ڏسي سگھان ٿو.

ھر روز صبح جو سوچيندو آھيان تہ ھئينر آپا ڪاليج ھوندي يا اڇڻ وارِي ھوندي. وري ٻنپھرن جو سو چيندو آھيان تہ ھاڻ آپا گھر موٽي ويئي ھوندي.

اڄوڪو ڏينھن بہ اھڙو گذريو جھڙو ڪلھوڪو. فرق فقط اھو ھو تہ اڄ ڪجھہ ٻيا ساٿي ملڻ آيا. اڄ ٻنپھرن جو بشير ٿھيم ملڻ آيو. ھڪ سھڻي ڪاپي ڏيندي چيائين تہ: ”ھن ۾ اوھين پنھنجا تاثر لکي ڏيو.“ ڪاپي اٿلائي ڦٿلائي ڏٺم، بہ ٽي شعر، بہ ٽي آيتا سبتا تاثر لکيل ھئا. مجرم ڪائنس پڇيو، ”ٻين ڪان تاثرات ڪونہ لکرايا اٿو؟“ ھن چيو، ”ورتا تہ گھڻن ڪان ھئم. پر ٻاھر ڪٺي پي ويس تہ جيل وارن مونکان ڦري ورتا. ھاڻ وري گڏ ڪرڻ شروع ڪيا اٿم.“

اڄ اين- ڊي- پي جو لڪانو خا صخيلي بہ ملڻ آيو. سائس ڏاڍي سٺي ڪچھري ٿي، مطالعو سٺو ڪيل اٿس. عبدالله ملاح بہ ملڻ آيو. جڏھن بہ اچي تہ چوي: غدار جون سڀ

ڪاڳِيون ڳهرائي ڏيو ته وڪڻائي ڏيان. ٻه جيل ۾ ايتريون ڪاڳِيون اچن ڪيئن.

ڪلهه سڄو ڏينهن تنهنجي خط جو انتظار ڪيم، جڏهن شام ٿي تڏهن آسرو ڇڏيم. ڪلهه شام کان وري اڄ جو انتظار هو. نيٺ خط اڄ آيو.

هڪ ڳالهه ياد آيم، ته لکيو آهي: مان اجايون ڳالهيون گهڻيون لکندي آهيان، ڪم جي ڳالهه گهٽ. حقيقت اها آهي ته تنهنجي خط ۾ ڪابه اجائي ڳالهه نه هوندي آهي. تنهنجي خطن ۾ گهر جون ۽ ٻاهريون ڳالهيون هونديون آهن. ۽ جيل ۾ هنن ڳالهين جي وڏي اهميت هوندي آهي ته: ٻاهر ڇا پيو وهي واپري. ۽ رهينءَ تون – تون به ياد آهين، تنهنجي محبت به ياد آهي. تنهنجي خدمت به ياد آهي. مان ٻاهر به اعتراف ڪندو هوس، ۽ هتي به ڪريان ٿو، تو ڪي ڏي منهنجي ڳالهين تي اعتبار نه ايندو آهي. مونکي ته شروع کان ڏي ڏيڙي، تنهنجي ڳالهين تي اعتبار آهي.

چڱو، باقي احوال سڀئي، ادي، مغل، آپا، پاپي، ظهير، ظهور، منصور، ادا نثار وارا، بي بي، دانيال ۽ ٻين سڀني کي سلام.

ڦيفيءَ ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق اشرف

٥-١٢-٨٣

پياري شمس

اسلام عليڪم

اڄ تنهنجو خط نہ آيو. سڄو ڏينهن انهيءَ انتظار ۾ گذريو. جيڪو ٿي سگهيو آيو، سمجهيم ٿي تہ تنهنجو خط آندو هوندين. پر ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ آيو، جيڪو تنهنجو خط آڻي، اڄ سڄو ڏينهن مختلف ساٿين سان ملڻ ۾ گذريو. مجرم وارن وٽ اڪثر هڪڙو جيل جو ساٿي ايندو آهي. منهنجي خيال ۾ حيدرآباد جيل ۾ جيڪي بہ سياسي قيدي آهن، هيءُ سڀني کان ننڍو آهي. سندس نالو پنهون آهي، ذات جو عقلي آهي. آهي بہ صفا سنهڙو سيپڪڙو، پر سڀئي کيس ’سنڌ پهلوان‘ چوندا آهن. عينڪ پائيندو آهي. ٿٽي جو آهي. جيئي سنڌ پروگريسو گروپ سان واسطو اٿس. تحريڪ ۾ گرفتار ٿي آيو آهي. هن ٻڌايو تہ هن جيل ۾ سؤ اٺ سؤ سياسي قيدي آهن. ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ جا فقط اٺ شاگرد آهن، پر هنن ۾ جرئت هنن کان بہ وڌيڪ آهي. هنن ٻڌيءَ کي ڏاڍي اهڙو سٺو ڪيو آهي، جو هننکي ڪورٽ وٽ هڪڙو ننڍو ڪمرو ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ اٽيچڊ باٿ روم آهي. نہ فقط اهو بلڪ مصلي جيڪو بند وارڊ جو جوابدار آهي ۽ جنهن قيدين تي ڏاڍا ظلم ڪيا آهن، تنهن کي بہ اهڙي مار ڏني اٿن جو ياد رکندو. اهو ملتان جو آهي، ۽ اهڙو ظالم آهي جو جيل وارا

ڪيس قيديءَ کي پنج ڏنڊا هڻڻ لاءِ چوندا آهن ته هيءُ ڏهه ڏنڊا هڻندو. ڪيترن قيدين جون ڏنگون ڀانهون پڇي ڇڏيون اٿس.

ءِ پوءِ خبر پئي ته جيل وارن مصلي کي جيل بدلي ڪري پنجاب موڪلي ڇڏيو آهي.

اڄ ٻنپهرن جو ماني ڪاڏيسين پي ته خالد راڄپر آيو. خالد راڄپر شڪارپور ۾ ايس. ڊي. ايم رهي چڪو آهي ۽ متس ڌاڙي جو ڪيس هو. مونکي ياد آهي ته مان مغل وٽ ويٺو هوس. مغل اخبار پي پڙهي ۽ پوءِ ڪلندي چيائين، ”مارپيٽسان. هاڻ ايس. ڊي. ايم ڌاڙا هڻندا ته ڌاڙيل ڇا ڪندا.“

انهيءَ وقت مان سوچي به نٿي سگهيس ته ڪو انهيءَ ايس. ڊي. ايم سان، ٻن سالن ڪانپوءِ جيل ۾ ملاقات ٿيندي.

خالد راڄپر جي مون جيل ۾ ڏاڍي تعريف ٻڌي هئي، پر منهنجي ساڻس اڄ پهرين ملاقات ٿي. هن ٻڌايو ته: ”منهنجو ڪيس واپس ورتو ويو آهي. مون سان جانچ ۾ به همراهه سکر جيل ۾ آهن، تنهنڪري آرڊر اُتي پهتو آهي. سپرنٽنڊنٽ اوقاش سکر ويل آهي، آهو اڄ آرڊر ڪنيو پيو اچي. ٿين وڳي ڌائين پهچندو.“

هن ٻڌايو ته، ”مون سان وڏي مسخري ٿي آهي. ڌاڙي ۾ منهنجي آفيشل جيپ استعمال ٿي هئي. مون خود انهيءَ جي رپورٽ ڪرائي، ڊرائيور ۽ ٻين همراهن کي گرفتار ڪرايو. پر ماڳهين مان پاڻ گرفتار ٿي ويس.“

هاڻ خالد راڄپر آزادي ٿي جلدي پيهر نوڪريءَ تي چڙهندو.

سندس پرموشن ڊيو آهي، تنهنڪري شايد ڊي - سي ٿيندو. مون کيس چيو، ”هاڻ اوهين پاڻ به جيل ۾ رهي چڪا آهيو، ڪنهن کي جيل موڪلڻ وقت احتياط کان ڪم وٺجو.“ کلي چيائين، ”اوهين يقين ڪندا، مون تي هڪڙو الزام اهو به لڳايو ويو هو ته: تو گهٽ ماڻهن کي سزائون ڏنيون آهن ۽ سي به ننڍيون سزائون. انهيءَ مان اوهان اندازو لڳائي سگهو ٿا.“

منهنجو ساڻس تعارف ٿيو ته چيائين، ”سائين، اوهانجي ڪتابن ذريعي مان اوهان کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. مون ذري گهٽ اوهانجا سمورا ڪتاب پڙهيا آهن. ائين به ادا امداد (امداد الله انڙ سابق ڊي - سي) به اوهانجو گهڻو ذڪر ڪندو هو.“

خالد راڄپر سان ڪافي ڪچهري ٿي ۽ جڏهن عابد زبيري (اين - ڊي - پي جو سيڪريٽري اطلاعات) آيو ته راڄپر صاحب موڪلايو.

جيئن خالد راڄپر ڏسڻ سان ٽي - پي - سي - ايس آفيسر لڳو ٿي، (نه هجي ها ته دل چاهي ها ”هيءَ“ ٿئي.) تهڙيءَ طرح عابد زبيري ڏسڻ سان ٿي سرمائيدار لڳو ٿي. اڇي ڪپڙن جي سلوار خميس، واسڪوٽ پيل، هٿ ۾ سگريٽ جهليل. ـ ـڏهن سگريٽ پيئڻ، رنگ ڍنگ، چال چلت: مان هو مڪمل، سرمائيدار محسوس ٿيو ٿي.

مون سان تعارف ٿيو ته يڪدم سڃاتائين. چيائين، گذريل ڏهاڪي (١٩٨٠ع) ۾ ته (ڪراچي جيل) ۾ ملاقات ٿي هئي،

ٻ هن دفعي به جيل ۾. (۱) مون چيو، ”ٻاهر مزاري صاحب سان هڪ اڌ دفعي، ملاقات ٿي هئي.“ مرڪي چيائين، ”وڏا ماڻهو وڏن ماڻهن سان ٿي ملندا آهن.“ مون چيو، ”اهڙي ته ڳالهه ڪانهي، مونکي ساڻس ذاتي ڪم هو.“

ٻيو مون ڪانئس پڇيو، ”اوهان جا اين. آر. ڊي جي تحريڪ هلائي، ته اوهان تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڇا سوچيو هو، ڪهڙو پروگرام هو اوهانجو. ۽ اڳيان عملي ڇا ڪرڻ جو خيال هو؟“ ڪجهه دير سوچي چيائين، ”اهو امير حمزه جو داستان آهي، مختصر طور تي ٻڌائي ڪونه سگهبو.“ مون چيو، ”امير حمزه جي داستان ۾ پڻ ڪجهه مختصر داستان آهن.“ چيائين، ”ها، پر هيءُ طلسم هو شربا آهي.“ ڪُنهنُو ٿي زور ڀريم، پر ڪجهه نه ٻڌائين. پڇيومانس، ”ڀلا اها تحريڪ ختم ٿي ويئي آهي، يا اڃا به هلندي؟“ سوچي چيائين، ”هلندي.“ پڇيومانس، ”ڪيئن؟“ پر زبيري صاحب ڪو واضح جواب ڪونه ڏنو. پڇيومانس، ”اوهان جمهوريت جي تحريڪ هلائي، پر مهاجرن هن تحريڪ ۾ پوريءَ طرح حصو نه ورتو. انهيءَ جا ڪارڻ؟“ چيائين، ”ائين ڪونهي. دراصل مهاجرن ۾ ٻه قسم آهن. هڪڙا ترقي پسند، ٻيا جيڪي ترقي پسند ڪونهن. ترقي پسندن جو تعداد تمام ٿورو آهي. پر هنن ساٿ ڏنو. ۽ ڇا اها وڏي ڳالهه ڪانهي ته مهاجرن هن تحريڪ جي مخالفت ڪانه ڪئي. ٻاڻ ڪنهن نه ڪنهن

(۱) پر مونکي ياد نه پيو ته ڪراچي جيل ۾ زبيري صاحب سان ملاقات ٿي هئي.

طريقي اخلاقي مدد ڪيائون. ڇا اها وڏي ڳالهه ڪانهي ته سنڌ جا جيڪي به مهاجر ليڊر آهن، ترقي پسندن کي ڇڏي، هنن به هن تحريڪ جي مخالفت نه ڪئي. مولانا شاهه احمد نوراني (١) ته حمايت ڪئي، پر پروفيسر غفور (٢) به انهيءَ تحريڪ جي مخالف نه ڪئي. ۽ سنڌ ۾، ايم - آر - ڊي ۾ جيڪي به پارٽيون شامل آهن، انهن مان ڪو هڪڙو به پنهنجي موقف کان ڦرئو ڪونهي."

مون پڇيو، "ڇا تحريڪ استقلال اوهانجي تحريڪ جو ساٿ ڏنو؟" چيائين، "نه، بلڪل نه."

پڇيومانس، "ڇا ڀٽي صاحب جي خلاف P.N.P جي تحريڪ هلائي ته اليڪشن ڪرايو، انهيءَ ۾ مهاجرن ڀرپور حصو ورتو. ۽ هيءَ ته، بقول ايم - آر - ڊي جي، جمهوريت جي تحريڪ آهي. پوءِ ڇو مهاجرن ڀرپور حصو نه ورتو؟" زبيري صاحب ڪجهه دير سوچيو، پوءِ سگريٽ مان ڪش هڻي چيائين، "پي - اين - پي جي آها تحريڪ دراصل اليڪشن يا جمهوريت جي تحريڪ نه هئي، آها نظام مصطفيٰ لاءِ هئي. ۽ انهيءَ ۾ گهڻائي مسجدن جي ملن، ۽ هنن جي پوئلڳن جي هئي." مون موضوع بدلائيندي سوال ڪيو، "N.D.P ڪان اڳ نيشنل عوامي پارٽي هئي. هن سرحد ۾ ڪجهه سيٽون کٽيون. بلوچستان ۾ به ڪيس ڪجهه سيٽون مليون. پر سنڌ ۾ ڪا به سيٽ نه کٽي. انهيءَ جو سبب؟" زبيري صاحب ڪجهه دير سوچيو، پوءِ

(١) جمعيت علماء پاڪستان جو صدر (٢) جماعت اسلاميءَ جو نائب امير.

چيائين، ”انهيءَ جو سبب اهو هو ته سرحد ۽ بلوچستان ۾ جيڪي نعپ جا ليڊر هئا، آهي وڏيڪ نيشنلسٽ هئا. ۽ سنڌ ۾ سوشلسٽ وڌيڪ هئا، تنهنڪري هنن اليڪشن ۾ وڌيڪ دلچسپي نه ورتي.“ پڇيو مانس، ”ڀلا هاڻ جيڪڏهن اليڪشن ٿي ته اوهين (اين - ڊي - پي) سنڌ مان ڪي سيٽون کٽندا؟“ زبيري صاحب پوري دعوا سان چيو، ”ها، اٺ نوَ سيٽون ته ضرور کٽنداسين. هڪ ڪشمور مان، هڪ جيڪب آباد مان، هڪ لاڙڪاڻي ٽائون مان، حيدرآباد مان ۽ ڪجهه ٻين هنڌان.“

پڇيو مانس، ”ڇا اوهين پارٽيءَ جو لٽريچر ۽ ترقي پسند لٽريچر ڪي پکيڙڻ ۾ يقين نٿا رکو؟ ڇو ته اوهان سنڌ ۾ ته ڪڏهن به لٽريچر ڦهلائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. سنڌي عوامي تحريڪ جو مثال وٺو. هنن نه فقط پنهنجي پارٽيءَ جو، بلڪ انقلابي لٽريچر به تمام گهڻو ڇپرائي پکيڙيو آهي. بلڪ سندن پارٽي ورڪر ته اهو لٽريچر ڳوٺن ۾ وڃي، پاڻ پڙهي ٻڌائيندا آهن.“ زبيري صاحب چيو، ”لٽريچر ڇپرائڻ ۽ ورهائڻ سٺي ڳالهه آهي. پر اسان وٽ اهڙا وسيلا ڪونه آهن، آهي ته چندا گڏ ڪيو وڃن. اسان ڪان اهو نٿو پڄي.“ مون چيو، ”اوهان سنڌيءَ ۾ هڪڙو رسالو (هلچل) ڪڍيو ته هو، پر هن رسالي نه اوهانجي پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪيو، نه ئي اهو معياري پرچو هو.“ چيائين، ”اسانجي بدقسمتي آهي. اسان ته جنهن جي حوالي ڪم ڪيو هو. ڪيس پريس به وٺي ڏني، پر هو سٺو ماڻهو نه هو، پريس به وڪڻي کائي ويو.

اسانجي پاڪستان انشورنس ڪمپنيءَ جون ملڪ ۾ چاليهه برانچون آهن. پر صحيح برانچون آهن. پي جون ڇهه آفيسون هيون. پر صحيح ماڻهو نه مليا. هاڻ جڏهن به موقعو مليو، اسين انهيءَ ڳالهه ڏانهن توجه ڏينداسين."

تحريڪ جي ناڪاميءَ جو ذڪر ڪندي، پڇاڙيءَ ۾ زبيري صاحب ٻڌايو: "مونکي پينٽنگ جو به شوق آهي. مون هڪ پينٽنگ ٺاهي آهي." امين خٽڪ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "هن به آها پينٽنگ ڏٺي آهي. انهيءَ ۾ ڪاريڊور ڏيکاريو اٿم. انهيءَ ڪاريڊور ۾ هڪ نهايت سهڻي عورت وڃي آهي. جنهن جي چهري تي رڳو اسڪوئر (ياشايد ٽرئنگل) ٺهيل آهي. سامهون نوَ ماڻهو هنجي انتظار ۾ ويٺا آهن. هر دفعي هن عورت کي هڪ ماڻهو ڪمري ۾ وٺيو ٿو وڃي. ۽ عورت سوچي ٿي ته ٻئي دفعي مونکي ڪنهن سان وڃڻو پوندو."

(ايم - آر - ڊي ۾ نوَ سياسي پارٽيون آهن. ۽ هر مهيني انهن پارٽين مان هڪڙو صدر چونڊيو آهي.) زبيري صاحب چيو، "اوهان پاڻ سوچو ته جڏهن حالت اها هوندي، ڪو مستقبل صدر ٿي نه هوندو ته پوءِ ورندو ڇا؟"

مجرم، جيڪو منهنجي پرسان ويٺو هو، هن آهستي سان مونکي چيو، "اڄ ته عجيب ڳالهه ٿي آهي. اوهان زبيريءَ کان ڪلاڪ کن سوال پڇيا آهن، پر پهريون دفعو دائود خان ماٺ ڪيو ويٺو رهيو. نه ته هيءَ ته هر ڪنهنجي ڳالهه ڪٽي پاڻ جواب ڏيندو آهي."

ٿوري دير خاموشي رهي، ۽ پوءِ دائود خان چيو، "منهنجي

خيال ۾ ايم. آر. ڊي جي تحريڪ انهيءَ ڪري ڪامياب نہ وئي، ڇو تہ انهن وٽ اليڪشن جو ڪو واضح پروگرام تہ ھو ڪونہ، جنهن سان عام ماڻهن کي دلچسپي هوندي آهي." زبيري صاحب چيو، "ها، اها ڳالهہ صحيح آهي." ۽ پوءِ زبيري صاحب موڪلايو. اسين ڪيس ڏاڪڻ تائين ڇڏڻ وياسين.

شام جو خبر پئي تہ خالد راڄڙ آزاد ٿي ويو. سڀئي ڏاڍا خوش ٿيا.

ارشاد ساڪر جي ڪجهہ ڏينهن طبيعت ٺيڪ نہ هئي. آيو برابر ٿي، پر منهن وڏو ٿيو پيو هوندو هو. هميشہ مجرم جي حالت ۾ سمهندو آهي. جيڪڏهن مجرم سنل هوندو آهي تہ ڪيس ٿيلا ڏيئي، سندس ڪمبل ڦري، ڪيس تنگ ڪري آٿاري ڇڏيندو آهي، ۽ پاڻ ڊگهو ٿي سمهي رهندو آهي. اڄ سندس طبيعت ٺيڪ آهي، تنهنڪري ساڳيو گوڙ شور شروع ڪيو اٿس. 'آرسي' ۾ شعر ڇپڻ جي اسٽائيل تي اعتراض ڪيائين. چيو مانس، "هيءَ ڇپائي ۽ جو نئون اسٽائيل آهي، ڏاڍو وڻندڙ آهي. آمريڪا ۽ يورپ ۾ تہ زمانا ٿيا آهن انهيءَ اسٽائيل ڪي. جيڪڏهن ڪا نئين ۽ وڻندڙ جدت آهي تہ انهيءَ کي ڇو نہ اختيار ڪجي." پر نہ مڃيائين، چيائين، "هڪڙي شعر جو اڌ هڪ صفحي تي تہ ٻيو اڌ ٻئي صفحي تي، ائين نہ هئڻ گهرجي. شعر هڪڙي صفحي تي ئي پورو ٿيڻ گهرجي." چيومانس، "پلا ڪو پابند نظم وڏو آهي، هڪڙي صفحي

پورو نه ٿئي ته جا ٻئي صفحي تي نئون اچي سگهي." چيائين، "طويل شعر جي ڳالهه ٻي آهي. هتي ته ننڍا ننڍا نظم ٻه اڍ هيڏانهن ته اڍ هوڏانهن. بهرحال مونکي ته اها ڳالهه ڪانه وڻي."

آرسيءَ جي جند ڇڏي جيل تي آيو، ٻڌائين، "هتي جيڪي سياسي ورڪر رهيل آهن. هنن ۾ سخت اختلاف آهن. خاص ڪري پيپلس پارٽي ۽ عوامي تحريڪ وارا ته پاڻ ۾ ٻنهه ڪونه ٿهن." (سندس چوڻ مطابق) "عوامي تحريڪ وارا ننڍي دل ۽ ننڍي سوچ وارا آهن. سواءِ عبدالله ملاح جي، هو ڏاڍو سلجهيل خيالن جو ۽ وڏي دل وارو آهي. عوامي تحريڪ وارن جي اها حالت آهي ته جيئي سنڌ ڇڦبو ته ڪڏهن جواب نه ڏيندا. پاڻ اسٽڊي سرڪل قائم ڪيائون. اسان مان ڪو پلجي وڃي نڪرندو ته آٿاري ڪيندا ته اسانجي ميٽنگ هلي رهي آهي. سنڌ ن هڪ خاص ورڪر منير پرڳڙيءَ ۾ ته صفا ماڻهپو ڪونهي."

ارشاد جي ڳالهين ۾ ڪيتري سچائي آهي، انهيءَ جو ڇنڊ ڇاڻ ته نٿو سگهان. ۽ نه ئي عوامي تحريڪ ۽ پيپلس پارٽي وارن لاءِ ڪا راءِ قائم ڪري سگهان ٿو. اچا جيل ۾ آئي مونکي ٿورو عرصو نه ٿيو آهي ۽ اچي چڪر ۾ ته مان رڳو هڪڙو ڏينهن رهيو آهيان. منهنجي مانَ ۾ ته عوامي تحريڪ ٻه پارٽي ڏني ۽ پيپلس پارٽي وارن ٻه. ۽ ٻنهين پارٽين ۾ ٻنهي جماعتن جا همراه شريڪ ٿيا. مون وٽ اسپتال ۾ ٻنهين پارٽين جا همراه ايندا آهن، ۽ عوامي تحريڪ وارا سڏائين

‘حمٿي سنڌ’ ڇپي ملندا آهن.
ڇڱو هاڻ اجازت ٿو وٺان، رات جا ٻارنهن لڳي چڪا آهن.
خدا ڪري سياڻي تنهنجو خط اچي.
سيني کي سلام. فيني ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

۵-۱۱-۸۳

عزيز طارق، شاد هجين، (آمين)

توهانجا خط رات ائين وڳي جڏهن دانيال آيو، تڏهن مليا اٿم، دير سان اچڻ جو سبب پڇيم، ته ٻڌائين: دوست وٽ ويو هوس. روز ته ٻه ٽي ٽي ڪلاڪ هليو ويندو آهي. اڄ ته چيومانس ته: مان تنهنجي پيءُ کي لکان ٿي ته هيءُ پڙهڻ ڏانهن بلڪل ڌيان نٿو ڏي. انهيءَ ڪري چيم جو ڪيس ڪجهه ڊپ ٿئي ۽ پڙهي.

اڄ ادي ڪنوار آئي هئي. ڪافي دير ويٺي هئي، ويندي وقت اوهان لاءِ سلام ڇڏي ويئي آهي. ائين نه سمجهو ته توهين ٻين کي ياد نه آهيو. سڀني کي ياد آيو. هر ڪنهنکي اوهان جو فڪر آهي. منهنجي ته ڳالهه ٻي آهي.

منهنجا خط سڀ آهن، اوهانکي وٺن ٿا. پر مون ڪا اهڙي ته خاص ڳالهه لکي ڪانهي. عام رواجي خط هوندا آهن، جنهن ۾ پوري گهر ۽ منهنجو حال هوندو آهي. خطن ۾ ڪجهه پريشانيون، ڪجهه اوهان سان وابستگيءَ جو ذڪر هوندو آهي.

اوهان لکندا آهيو ته توهين پريشان نه ٿيو. مان انهيءَ ڪري پريشان ناهيان ته ماڻهو ڇا چوندا ته هنجو مڙس جيل ويو آهي. مان ڄاڻان ٿي ته اوهان عام ڏوهاري ناهيو. اوهان سياسي قيدي آهيو ۽ اوهانکان علاوه هزارين ٻيا به سياسي

قيدي آهن، هڪ ليکڪ لاءِ جيل مهڻو ناهي، بلڪ فخر آهي. پر مان پريشان ٿيان ٿي اوهانجي صحت کان، جيڪا ڪافي وقت کان ٺيڪ ناهي، ايترو ته اوهانکي به احساس هوندو ته جڏهن اوهين گهر ۾ هئا، ۽ ڪڏهن بيمار ٿيندا هئا ته مان ڪيترو پريشان ٿيندي هيس. هاڻ جيل ۾ اوهانکي ڪا تڪليف ٿي پئي ته مان اوهانکي ڏسي به نه سگهندس. خدا اوهانکي هر وقت خوش رکي، صحت مند رکي، جيڪڏهن هاڻ اوهين عارضي طرح جيل ۾ آهيو ته آئي به خدا اوهان کي خوش رکي. جيترا ڏينهن قسمت ۾ جيل آهي، خدا ڪري آهي خير سان گذرن. اوهانکي ڪا تڪليف ٿي ته هاڻ برداشت نه ڪري سگهندس. اوهين هتي هوندا هئا ته مان ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙجي به پوندي هيس. ۽ اها به منهنجي محبت جي انتها ۽ پاڳلپڻو هوندو هو، جو جڏهن به مان اوهانجي پيار ۾ ڪمي محسوس ڪندي هيس، ته پيو ڪو وسيلو نه ڏسي ڪاوڙجي ويندي هيس. پنهنجي حق حاصل ڪرڻ لاءِ مون وٽ ٻيو ڪو ذريعو ڪونهي. توهان جو پيار منهنجي لاءِ سڀ کان وڏي دولت آهي پر ڪڏهن ڪڏهن مان انهيءَ ۾ ڪمي محسوس ڪندي آهيان. شايد پيار به موسم وانگر آهي، ڪڏهن گرم ڪڏهن سرد. خدا عورت کي شاديءَ کانپوءِ جيڪا عظيم هستي نوازي آهي، آهو هنجو مڙس آهي. آهو ئي هنجو محور آهي. هنجي سوچ جو مرڪز به سندس مڙس ئي آهي. ۽ انهيءَ کانپوءِ اولاد آهي، جنهن کان آءٌ اڃا محروم آهيان. ٻار جي نه هئڻ جي

ڪوٺ به اوهانجي پيار ۾ ڳوليهيان ٿي، تنهنڪري انهيءَ ۾ جڏهن ڪمي محسوس ڪريان ٿي، تڏهن دانهن ٿي ڪريان. توهان سوچيندا ته هنڪي ڇا ٿي ويو آهي. ڇا ڪريان، ٻيو ڪو موضوع هو ڪونه، تنهنڪري سوچيم ڪجهه دل جي ڳالهه به ڪريان. دل ۾ نه ڪجهو. اوهانجي آهيان، تنهنڪري دل جو حال اوهان سان ڏي ته ڪري سگهجي ٿو.

زاهد جي شادي ٽيڻ واري آهي. سيئي تيارين ۾ لڳا پيا آهن. منهنجي ته دل ئي نه پئي ٿئي ڪجهه وٺڻ تي. آس لڳائي ويٺي آهيان ته اوهان اچو ته پوءِ تياري شروع ڪريان.

ادا مغل اوهانجي ڪم سان لڳو پيو آهي. اڄ اچا مونکي فون ڪونه ڪئي اٿس. هن خط سان ادل سومري ۽ زيب سنڌي جا خط به موڪلي رهي آهيان. ڪنهن مخزن اوهانجي تصوير گهري آهي، مونکي جيڪا هٿ آئي، سو مون ڪئي مقصود کي ڏني آهي ته مخزن وارن کي ڏي.

اديءَ مونکي خط لکندي ڏٺو ته چوڻ لڳي، ادا ته آهي ليڪ انهيءَ ڪري وڏا وڏا خط ٿو لکي. پر تون ڇو ٿي ايڏا وڏا خط لکين، ته ٿي اکر لکي جند ڇڏائي. افسانه لکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ڪيس ڇا ٻڌايان ته مونکي ته ڳالهائڻ جو موقعو به هاڻ مليو آهي. جڏهن هوندا هئا، تڏهن به مون ڪڏهن ايترو نه ڳالهايو آهي. جنهن وقت مان خط لکڻ ويهندي آهيان، تڏهن وقت جو پتو ئي ڪونه پوندو آهي. ۽ تصور ۾ سمجهندي آهيان ته اوهان سان ويٺي ڳالهيان.

ڪيئن ٺيڪ آهي نه طارق.

پھلیی ہے فضاؤں میں کچھہ اس طرح تیری یادیں
جس سمت نظر اٹھی آواز تیری آئی

اوهانجي خط سان گڏ، جيڪا جيل جي ڊائري هوندي آهي، آها ڪڏهن ته پڙهندي آهيان، پر ڪڏهن ڇڏي ڏيندي آهيان. توهان اکر سنهڙا لکو ٿا مونکي پڙهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي. پوري ڊائري تڏهن پڙهي سگهبي، جڏهن اها ڇپبي. ڇگو هاڻ اجازت وٺان ٿي. سڀني جا سلام قبول ڪندا. الڳ الڳ نالا ڪونه ٿي لکان.
دلي جذبن ۽ لڳاءُ سان، هن ناچيز جا سلام ۽ پيار قبول ڪندا.
توهانجي پنهنجي
شمم

٨-١٢-٨٣

پياري شمس

اسلام عليڪم

شديد انتظار کانپوءِ اڄ تنهنجو خط پهتو، پر ننڍو خط هو، جلدي ختم ٿي ويو.

سوچيو هوم ته پريس متعلق پڇندس ڪونه، ڇو ته پريس منهنجي لاءِ (تنهنجي لاءِ به) مصيبت آهي. پريس اهڙي ڪڏ آهي، جيڪو وجهجي ٿو، اهو غائب ٿيو وڃي. زيب سنڌيءَ کان مون سنڌس ڪتابن جي ڇپائيءَ جا سمورا پئسا ايڊوانس ۾ ورتا هئا. هن ويچاري مونکي ڏنا. پر افسوس جنهن ڪم لاءِ پئسا ورتم، اهو ڪم به نه ٿيو ۽ پئسا به پورا ٿي ويا، خير مولي مالڪ آهي.

توکي اِها غلط فهمي ٿي آهي ته منهنجي محبت ۾ فرق اچي ويو آهي. اها ڳالهه بنهه غلط آهي. مالي پريشاني، قرض، پريس مان نقصان ۽ خاص ڪري پنهنجي جاءِ جو نه هجڻ- انهن ڳالهين ذهني طرح مون کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. مان حدکان وڌيڪ حساس ماڻهو آهيان. انهن ڳالهين دراصل مون کي ڪٿي جو به نه رکيو آهي.

اُئين ڪٿي تون سمجهه ته شديد بک ۽ سخت سور ۾ رڳو به ڳالهيون وڻنديون آهن- ماني ۽ سور لهڻ جي خواهش. مٿين حالتن ۾ محبت ياد نه پوندي. باهر مون تي ڇا پيو

وهي واپري. مان انهن ڳالهين ۽ مسئلي ڪان توکي پري رکندو آهيان. انهيءَ ڪري نه ته توکي پنهنجو نئو سنجهان يا لڪايان ٿو.— نه، فقط انهيءَ ڪري ته مان ته پريشان آهيان، توکي ڇو پريشان ڪريان.

ڏهيو پريس لاءِ آئينده نه پڇجو.

منهنجي جيل وڃڻ تي توکي شرمسار بلڪل نه ٿيڻ گهرجي، مان ڪو اخلاقي ڏوهه ۾ جيل نه ويو آهيان. سياسي قيدي آهيان. سياسي قيدين کي سڄي دنيا عزت جي نگاهه سان ڏسندي آهي. گذريل دفعي (۱۹۷۵ – ۷۷) ۾ جڏهن مان جيل ۾ هوس ته انڊينسٽي انٽرنيشنل مون کي ضمير جو قيدي لکيو هو. منهنجي ماءُ کي ته منهنجي جيل وڃڻ تي فخر هو. دنيا جا ڪيڏا وڏا وڏا ماڻهو جيل ويا آهن، مهاتما گانڌي، مولانا آزاد، جواهر لال نهرو، ذوالفقار علي ڀٽو، غفار خان، جي - ايم - سيد ، ولي خان ، حيدر بخش جتوئي ، ايترا نالا آهن جو ڳڻائڻ ئي مشڪل آهي .

تنهنجو خط پڙهندو پيو وڃان، ۽ هڪ هڪ ڳالهه جو جواب ڏيندو ٿو وڃان.

زاهد جي شاديءَ ۾ تون ضرور شامل ٿجان، ۽ پوريءَ طرح تياري ڪر. تنهنجو مڙس جيل ۾ ويو آهي، جيئرو ته آهي. دانيال کي تاڪيد ڪر ته اسڪول مان سڌو گهر اچي، ۽ پڙهڻ تي ڌيان ڏي. مون کي رلڻ پنڻ ڪونه وڻي.

اڄ گوشت جو ناغو هو، انهيءَ ڪري دائود خان جي پاپليٽ مڇي آئي هئي. محب شاهه ۽ انور عباسي نقوي تري، جيل ۾

بک ڏاڍي ٿي لڳي. مان تمام گهڻي ماني کائڻ لڳو آهيان. تون چرچو نه سمجهه. اها حقيقت آهي، ڏاڍو ٿلهو ٿي ويو آهيان. ٻاهر نڪرندس ته تون ڏسجان.

هن وقت شام جا ساڍا چار ٿيا آهن. ٿوري دير سمهي سگهيس، جاڪاڻ ته هتي سڄو ڏينهن ماڻهن جي اچ وڃ ۽ ڪچهري لڳي پئي آهي، سو ڏينهن جو سمهي نٿو سگهان، سياسي قيدين مان اڪثريت اهڙن جي آهي جو مٿن رحم ٿو اچي، سولو ڪپڙو به ڪونه اٿن.

هاڻ شام جا ڇهه ڪن لڳا آهن. ٽي-وي ۽ ٽي سنڌي پروگرام پيو هلي. دائود خان ۽ ٻيا ساٿي تاش پيا کن ۽ مان توکي ويٺو خط لکان.

تنهنجو خط ٻيهر پڙهيو اٿم. تو لکيو آهي ته: مون اهڙا سٺا خط ته ڪونه لکيا آهن. توکي ڪهڙي خبر ته تنهنجي خطن ۾ ڇا آهي. سڄي گهر جو احوال هتي جيل ۾ ملي ٿو. جڻ ته اکين سان پيو سڀ ڪجهه ڏسان. اها ڳالهه گهٽ آهي ڇا.

٩-١٢-٨٣

صبح ٿي چڪو آهي. ٻيا همراه اڃا ستا پيا آهن. منهنجي اک جلدي کلي ويئي. هتي مڇر ڏاڍا آهن. گلوب ٻاريندو آهيان، پر رات جو جڏهن ٿين وڳي ڏاري گلوب وسامي ٿو ته مڇر چنبڙيو وڃن. مڇرن ۽ علي حسن کي ته پرواهه ئي ڪانهي، پر منهنجا لاهه پنجي ريا آهن.

مغل جيل تي ملڻ آيو هو، انهيءَ ڪي اڄ نوَ ڏينهن ٿيا آهن، نه چاڻ ٻيا اڃا ڇو نه آيا آهن.

ٻنپهرن جي مانيءَ کان اڳ دائود خان وٽ ويٺا هئاسين. مون نقويءَ کي ٻڌايو ته رات ٽي. وي. تي بگهڙ تي فلم آئي هئي. نقوي چيو، ”منهنجي ڪهاڻين جي مجموعي ۾ بگهڙ تي هڪ مزيدار ڪهاڻي آهي. برفاني بگهڙن ۾ هڪ خاص ڳالهه هوندي آهي....“
هن ايتري ڳالهه مس ڪئي ته دائود خان سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو، ”مونکان پڇيو، مونکي وڌيڪ خبر آهي. مان جنگهه ۾ رهيو آهيان. بگهڙ سمهندا ڪونهن. هڪ ٻئي جي انتظار ۾ هوندا آهن، جنهنکي جهوٽو آيو، ٻيا سڀئي هن تي وڃي ٽٽندا.“
(حالانڪ اهي فقط برفاني بگهڙ ڪندا آهن، ڇو ته سخت برف باريءَ ۾ هننکي غذا نه ملندي آهي. تنهنڪري جنهن ڪمزور بگهڙ کي ننڊ آئي موت آيو.)

١٠-١٢-٨٣
صبح تي چڪو آهي. ڏسجي اڄ تنهنجو خط اچي ٿو يا نه، در اصل جنهن ڏينهن تنهنجو خط پهچندو آهي، انهيءَ ڏينهن، بلڪ انهيءَ وقت کان تنهنجي ٻئي خط جو انتظار ڪندو آهيان. ڪلهه ته جمعو هو، تنهنڪري انتظار ڪرڻ ٿي اجايو هو. اهين ته جمعي جي ڏينهن کي پيارو ڏينهن چئبو آهي.

ڀر جيل ۾ جمعو يا ڪوبہ موڪل جو ڏينھن ڏاڍو بور گذرندو آھي. ڇاڪاڻ تہ نہ ملاقات جو آسرو نہ ئي خط جو. ٿي سگھي ٿو انھن پڪن قيدين کي جمعو ۽ موڪل جو ڏينھن وڻندو ھجي، جيڪي جيل جي فئڪٽرين ۾ ڪم ڪندا آھن. بھرحال مونکي تہ موڪل جو ڏينھن (جيل ۾) بنھہ ڪونہ وڻي.

صبح جو توکي خط لکڻ شروع ڪيو ھوم. ھينئر شام ٿي ويئي آھي. ٻنپھرن جو ملاقات آئي ھئي. دانيال، ظھير، مقصود، عرفان شاھہ، طارق عالم ابڙو ۽ زيب سنڌي مِلڻ آيا. ايترن ڏينھن کانپوءِ سڀني دوستن کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. ملاقاتي ڪمري ۾ گوڙ ايترو ھو، جو ڪا ڳالھہ سمجھہ ۾ نٿي آئي، ٻين تہ وري بہ رڙيون واڪا ڪري ڪجھہ نہ ڪجھہ ڳالھائي ورتو. البت دانيال خاموش ھو. خبر نہ سندس طبيعت ٺيڪ نہ ھئي، يا ڪنھن ڳالھہ تي ناراض ھو.

ملاقات تان موٽيس تہ سڀ ڪنھن ٿي پڇيو: ڪير آيا ھئا. ڪيس جو ڇا ٿيو. ھر ڪنھن کي اِنڪ الڳ ٻڌائڻو پيو. ھا، توکي جو اھو وھم ويٺو آھي تہ مان ڪمزور ٿي ويو آھيان، سو تون ظھير ۽ مقصود کان پڇي وٺجان تہ ڇا مان ڪمزور ٿي ويو آھيان. پريشان لڳي رھيو ھوس يا خوش باش ھوس. چڱو اڳ ۾ تنھنجو خط پڙھي وٺان، پوءِ وڌيڪ خط لکندس.

۸-۱۲-۸۳
عزيز طارق، سلامت هجين، شاد هجين.
هن وقت منجهند جا ساڍا ٽي ٿيا آهن. مان هينئر مٿي چڙهي آهيان. اڄڪلهه سان پين سنڀالي اٿم. جو جو منهنجون ملاقاتون به توهان سان هينئر شروع ٿيون آهن. اهڙو موقعو ته آئي به هتان وڃڻ ڪونه ڏيندس. ڪيئن صحيح ڳالهه آهي نه؟ بس دل چاهندي اٿم ته ويٺي خط لکان، ۽ خط ڪڏهن ختم نه ٿئي، دل جو سمورو احوال ته لکي ڪونه سگهندي آهيان جو خط جيل ۾ تو پهچي. پوءِ به ڪوشش ڪندي آهيان ته پنهنجي دل جي ترجماني ڪريان.
اوهانجي ڊائريءَ جا ڪجهه صفحا پڙهي ائين ٿو لڳي ته اوهين آتي ماڻهن سان ملڻ، ڪچهرين ڪرڻ ۽ سياسي بحث ڪرڻ ۾ ايترا مصروف آهيو جو اوهانکي منهنجي خط پڙهڻ جي به فرصت ڪونه هوندي. بقول ادا مغل جي ته: هي ته جو جيل ۾ ايترو خوش ويٺو آهي، ته اسين بيڪار ٻيا ڪيس چڙائڻ جون ڪوششون ڪريون. وري چيائين، آتي ڏاڍي سٺي ماني ملي ٿي (دائود خان جي)، سو گهر موتي اچي ته اوهين به ڪيس اهڙي ماني کارائجو. خير مذاق پئي ڪيائين.
اوهانجي ڪم سان لڳو پيو آهي.
ادا قربان ڪي پٽ ڄائو آهي. اڄ ڇٽي اٿس. ٻر ڪونه ٿي رڄان. پوءِ مبارڪ ڏيڻ وينداس.
دانيال پڙهڻ ڏانهن توجه ڪونه ٿو ڏي. ميٽرڪ جو امتحان سر تي بيٺو اٿس. اوهان اچو ته اچي کو ڪنٽرول ڪريو.

ڪالهہ شام نذرانہ فلم هلي هئي. مون تہ ڪانہ ڏٺي، انهيءَ وقت اوهان سان (خطن ذريعي) گفتگو ۾ گم هيس، انهيءَ ڪري ئي هيٺ ويس ئي ڪونہ.

هينئر هينئر ياد آيو اٿم تہ سياڻي جمعو آهي، خط تہ ويندو ڪونہ. پرهين اوهان سان ملڻ لاءِ وينداء پوءِ ئي خط موڪلي سگهبو. تنهنڪري باقي خط سياڻي لکندس.

٨٣-١٢-٩

هن وقت شام جا پنج پيا ٿين، مٿي تہ ڇٽين وڳي چڙهي هيس، پر پهرين اوهانجي جيل ڊائريءَ پي پڙهيم. خط سان گڏ ئي هوندي آهي. ڪڏهن اوهانجي سٽون اکرن ڪري اڌ ۾ ڇڏيو ڏيان. پر خط ٻہ ٻہ ٽي ٽي دفعا پڙهندي آهيان.

ذوالفقار سيال جي فون آئي هئي، اوهانجو پڇيائين پي. جيل تي ملڻ ايندو. ستار پيرزادي بہ فون ڪئي هئي. هنجي ماءُ جي آپريشن آهي، نہ تہ هو بہ ملڻ اچي ها.

پنهنجي پرديس تي زاهد جي شاديءَ جا ڪارڊ ڇپجڻ آيا آهن. مقصود منجهي پيو آهي تہ گهڻا پئسا وٺبا. چار سؤ ڪارڊ آهن.

توهان لکيو آهي تہ زاهد جي شاديءَ ۾ ضرور وڃجان. خدا ڪري طارق اوهين جلد اچو، نہ تہ منهنجي دل اداس رهندي، ۽ مونکان وڃڻ ڪونہ ٿيندو. خدا ڪري اوهين جلد اچو.

ادا مغل جي ٻن ڏينهن کان فون ڪونہ آئي آهي. اوهين تہ هن وقت ٿي- وي ڏسندا هوندا. چڱو طارق، هاڻ اجازت وٺان ٿي. وري انشاءالله سياڻي خط جي ذريعي اوهان سان

ملندس.
سڀني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي
شمس

تنهنجو خط پڙهيم، اڄ ۾ ڇڏيل خط کي پورو ڪريان ٿو. ۽ تنهنجي خط جو جواب به ڏيندو ٿو وڃان.
تو لکيو آهي ته: منهنجي خط پڙهڻ جي فرصت نه ملندي هوندي. تنهنجو خيال غلط آهي. جيل ۾ خط وڏي اهميت رکي ٿو. هر قيدي، سڀ ڪجهه ڇڏي، اڳ ۾ خط پڙهندو آهي. ٻين جي خبر نه اٿم، پر مان تنهنجي هر خط کي ٻه ٻه دفعا پڙهندو آهيان، رهي ڪچهري ۽ بحث. ته جيل ۾ ٻيو ڪجهه به ڇا؟ منهنجو گهڻو وقت لکڻ ۾ گذرندو آهي. بچيل وقت ۾ ڪچهري ٿيندي آهي. سو به ڪچهريءَ لاءِ دوست ايندا آهن، انهن کي مانُ ڏيڻ لاءِ، انهن سان ڪچهريءَ ته ڪرڻي ٿي پوي، جيڪڏهن انهيءَ وقت ويٺو لکان يا پڙهان ته آهي منهنجي لاءِ ڪهڙو رايو قائم ڪندا.
توُن ۽ مغل چئو ٿا ته: مان جيل ۾ ڏاڍو خوش آهيان. جيل ۾ پلا ڪير ٿو خوش رهي سگهي! مان نٿو سمجهان ته جيل ۾ ڪو به قيدي خوش هوندو. هر انسان آزاد رهڻ ٿو گهري. ٻه ڏين دفعي سکر سينٽرل جيل ۾ ڪاڪو لعلچند گڏ هو. پاڪستان ۾ سنڌس ڪو به مٽ مائٽ نه هو، وڏي عمر جو ضعيف ماڻهو هو، نظر به تمام گهٽ هئس، جيل ۾

ڪيس هر سهوليت هئي، پر پوءِ به هو آزاديءَ لاءِ ماندو هو. سو منهنجي نه تون آهين، دانيال آهي، مغل آهي، اورنگزيب ۽ آپا آهي، پاپي آهي- ڪيترائي آهن جن جي ياد جيل ۾ سک سان ويهڻ نٿي ڏي.

جيل ۾ آهيان، پر پنهنجي مرضيءَ سان نه ويو آهيان. ۽ نه ئي پنهنجي مرضيءَ سان نڪري سگهان ٿو. سچ ۽ ڏينهن غمگين ويٺو هوندس ته رحم ڪائي چڙي ڪونه ڏيندا، تنهنڪري جيترو وقت ماڻهو جيل ۾ آهي، ڪليو ۽ خوش ٿيي، اهي ڏينهن پورا ڪري وٺي، جيل ۾ منهن تي بي فڪري جو هڪڙو نقاب چاڙهيو پوندو آهي، هرڪو چاهيندو آهي ته اڄ، بلڪ هينئر آزاد ٿيان، پر ڏيکاءُ نه ڏيندو آهي.

ٿي ڪي منهنجي ڳالهه تي يقين نه آيو، اها منهنجي بدقسمتي آهي. پر جيڪو لکيو اٿم، اهو سچ آهي. جڏهن پنهنجي شادي ٿي هئي، تڏهن مونکي مغل چيو هو: هاڻ توهين هڪ نئين زندگي شروع ڪري رهيا آهيو، هاڻ اهو جيل ويل وڃڻ بند ڪريو، ۽ سٺي زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪريو. ۽ مون به سوچيو هو ته: ايتري زندگي برباد ويئي اٿم. هاڻ مان پنهنجي زندگي ٺاهيندس ۽ سڪون سان رهندس. پر سوچڻ ته وس ۾ هو، پر ائين ٿي وڃي، اهو وس ۾ نه هو. نه حالتون سڌريون، نه جيل منهنجي پڇر ڇڏي. پريشانيءَ ۾ ذهن به پورو ڪم نه ڪندو آهي. جيتوڻيڪ مان شمشير الحيدري جي هڪ چيل ڳالهه تي پوري طرح عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ته: جڏهن به پريشان هجين، انهيءَ لاءِ سوچ

ته اها پريشاني ڪهڙيءَ ريت دور ڪجي. پريشانيءَ کي وٺي ويهڻ سان پريشاني دور نه ٿيندي.
پر ڇا ڪجي، جيستائين پريشاني دور نٿي ٿئي، آها رهي ته ٿي.
هڪ عجيب ڳالهه آهي ته جڏهن به تڪليف ۾ هوندو آهيان، اميءَ کي خواب ۾ ڏسندو آهيان. جڏهن کان گرفتار ٿيو آهيان، هر رات اميءَ کي خواب ۾ ڏٺو اٿم، شايد موت کان پوءِ به هنجو روح منهنجي لاءِ بيچين آهي.
ٻيا ڪهڙا حال آهن. هتي ته سيءُ ڏاڍو آهي. ٻه ڏينهن ٿي ويا آهن وهنتي، سوچيو هوم ته اڄ وهنجندس، پر سيءَ جي ڪري همت ئي نه ٿي. ڪمرو اهڙو ٿڌو آهي، جهڙو برف. هنڌ پٽ تي وڇايل آهي، تنهنڪري ڏاڍو ٿڌو ٿو ٿئي، مان سڄو ڏينهن سوڙ وجهيو پيو آهيان. هڪ ته مڇرن جو وڏو آزار آهي، ڪلهه الاهي بخش قائم خاني صاحب و يچاري پنهنجي مڇرداني مونکي ڏني آهي، مون ته گهڻو ئي نهنڪر ڪئي، پر هو نه مڙيو ۽ مڇرداني ڏئي ويو، تنهنڪري رات آرام سان گذري. ڪلهه ٽي - وي تي ڊرامو "اپنا آسمان" ڏٺم پر مزو نه هو.
ڪائڻ پيٽڻ جي معاملي ۾ اتي لئي لڳي پئي آهي. صبح اٿڻ سان مجرم آپاريل بيد و ڏي. وري دائود خان و ٽان بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ ۽ چانهن. ڪلهه دائود خان کي چرچي ۾ چيم ته: جيڪڏهن تون جلد آزاد ٿئين ته رڳو انهيءَ ڪري، جو مونکي جيل ۾ بمبئي بيڪريءَ جا ڪيڪ

ڪارايا اٿئي، سو ٻہ ميڪرون ڪيڪ. دائود خان چيو: شاه صاحب اِتي جام ڪيڪ پيا آهن، جنهن وقت وٺي ڪاڻو. پر توکي تہ خبر آهي. مان پنهنجي مرضيءَ سان ڪڏهن ٻہ ڪيڪ يا ٻي ڪا شيءِ نہ کڻندس.

ٻنپهرن جو اڄ پيندين جي ڀاڄي هئي ۽ پلاءُ هو، پلاءُ ٻاهران آيو هو.

انور عباس نقويءَ سان گهڻي دوستي ٿي ويئي آهي. اڪثر مون وٽ اچي ويهندو آهي. اڄ چيائين، "انهيءَ ڏينهن اوهان زبيريءَ صاحب کان پڇيو هو تہ: مهاجر ڇو نہ آئيا، انهيءَ جي متعلق مان اوهانکي ٻڌائيندس. شام جو مان ۽ مجرم جڏهن چڪر ڏيڻ نڪرندا آهيون تہ نقوي بہ اڪثر مون سان گڏ هوندو آهي. ٻهريون دفعو جيل ۾ آيو آهي. چئي ٿو تہ: گرفتاري تہ هاڻ ڪڏهن ڪونہ ڏيندس. باقي گهران ٻڌي وڃڻ تہ ٻي ڳالهہ آهي. ڪيس سندس زال جيل ۾ ڏاڍي ياد ايندي آهي. (ياد تہ تون بہ مونکي ايندي آهين. پر مان ڪنهن سان ذڪر نہ ڪندو آهيان.) ڏينهن ۾ ڪهٽ ۾ گهٽ پنج ڇهہ دفعا اهو ضرور ٻڌائيندو آهي تہ منهنجي زال مونکان اوڻيهہ سال ننڍي آهي. ۽ ڏاڍي سهڻي آهي. خبر نہ اهي پنهنجي زالون جي سونهن جون تعريفون ٻين جي اڳيان ڪيئن ٿا ڪن، اسين سنڌي ماڻهو تہ ڪڏهن بہ اهڙو ذڪر نہ ڪندا آهيون.

چڱو، هاڻ اجازت، باقي خط سڀاڻي لکندس.

۸۳-۱۲-۱۱

جيل ۾ هڪ ٻي رات به پوري ٿي. صبح جو سويل اک کلي. مان ته ننڊ جو ائين به ڪچو آهيان، پر صبح سان مجرم اُٿي ٿين جا دٻاڪولي بيدا ڪيدي اُٻاريندو آهي، تنهنڪري اک جلد کليو پوي. رات جو ڪلاڪ ڪلاڪ تي اک کلندي آهي. اسپتال جي پرسان ٿي جيل جي ٻاهر ٻن پٽ آهي، ۽ اسانجي ڪمري جي بلڪل سامهون ٻرجي آهي، جتي رات جو هر ڪلاڪ ڪانپوءِ جيترا وڳا هوندا آهن، ايترا ٺهڻ وڄن، تنهنڪري منهنجي اک کليو پوي.

نيرن ڪري ڪجهه دير محب شاهه وٽ ڪچهري ڪيم، پوءِ موٽي اچي پنهنجي هنڌ تي ويٺس. سيءُ ايڏو گهڻو آهي جو هنڌ ني به ويهي نٿو سگهان. سوڙ کي چوڏو ڪري، سيراندي ڪان رکي اٿم، انهيءَ جي مٿان چڙهي ويٺو آهيان، ۽ پٽ کي ٺيڪ ڏيو ويٺو خط لکان. پر پير هنڌ تي آهن، تنهنڪري ٺري برف ٿي ويا آهن.

ٿوري دير اڳ مولا بخش لغاري آيو هو. اڪثر ايندو آهي. چيو ته هيٺن ته روز ايندس، پر ٻئي ٽين ڏينهن ايندو آهي. آيو ته بيمار بيمار پي لڳو، پڇيومانس "طبيعت ٺيڪ ڪونه اٿوَ ڇا؟" چيائين، "ٺيڪ آهيان." چيومانس، "ڇو ڏوهه توهانجي مڇن جو آهي، هڪ ته ٻي سريون، ٻيو هر وقت لٽڪيل، انهن، مڇن جي ڪري توهان هروڀرو بيمار ٿا لڳو." کلي، مير رسول بخش ٽالپر وانگر مڇن کي وٽ ٻي مٿي ڪڙيون

ڪيائين، پر آهي مڇون مير صاحب جون هيون، هي مولابخش چانڊئي جون، منٽ ۾ وري هيٺ لڙڪي پيون.

مولا بخش هڪ جيل جي ساٿيءَ جو قصو ٻڌايو، چيائين، ”اسانوٽ شمس پٺاڻي نالي هڪڙو ڏاڍو مزاحيو ماڻهو آهي. مخدوم صاحب جي ڳالهه نڪتي ته ٻڌائين: ”مون مخدوم صاحب کي خط لکيو آهي ته: سائين جيڪڏهن گرفتاري لاءِ ماڻهو موڪلڻا اٿوَ ته پنج ڇهه سؤ هسراهه روز گرفتار ڪرايو. باقي روز ٻه ماڻهو گرفتار ڪرائيندا ته اوهانجا نوَ لک مريد ڪڏهن ڪٽندا. ائين ته اسين ڇهه سال جيل ۾ ويٺا هونداسين جيستائين تحريڪ ۾ اوهانجا هڙئي ماڻهو ٻڌجن.“

مولا بخش سندس هڪ ٻي ڳالهه به ٻڌائي: ”هڪ دفعي شمس سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سندس ڪو دوست آيو. هني سي ڪلاس جي قيدين جي ملاقات پڃري ۾ ٿئي. پڃري جي هن پاسي شمس هو، ٻئي پاسي سندس دوست. دوست شمس کي ڏسي چيو، ’پڃري ۾ بيٺل شينهن ٿو لڳين.‘ شمس ڳار ڏئي چيو، ’مون واري پاسي اچي بيهه ته خبر پوندئي ته ڇا ٿو لڳين.‘“

چڱو، هاڻ اجازت ٿو وٺان، باقي احوال سياڻي.

٨٣-١٢-١٢

خط جي انتظار جو احساس پوريءَ طرح انهيءَ کي هوندو، جيڪو جيل ۾ هوندو. تون ته انهيءَ جو اندازو به نٿي لڳائي

سگهين. هر روز (جمعي کان علاوه) صبح سان انتظار رڳو
خط جو هوندو آهي. گهڙيءَ گهڙيءَ پيو دائودخان کان ٽائم
پڇندو آهيان، (اسان وٽ رڳو هن وٽ واچ آهي). ڪڏهن
ڪڏهن ته ويٺل مون کان پڇندا آهن ته: ڪيڏانهن وڃڻو
اٿو ڇا؟ پر مان هنن کي ڪيئن ٻڌايان ته ڇا ڇو انتظار
اٿم. دل ٽيندي آهي ته صبح سان وڃي خط جي پڇا ڪريان.
اها بيقراري تڏهن پوري ٿيندي اٿم، جڏهن تنهنجو خط
ملندو اٿم. جيئن ڪڏهن ڪڏهن خراب خبر ٻڌڻ کان اڳ
دل اداس ٿيو وڃي، تيئن مان به ٽيون ڏينهن کان ڏاڍو
اداس هوس، پاڻ به حيران هوس ته آخر ڇو؟ جڏهن ته جيل
جا ڏينهن رات ته هڪجهڙا ٿين. ۽ اداسيءَ جي ڪارڻ جو
تڏهن پتو پيو، جڏهن ڪلهه به تنهنجو خط نه آيو.
هاڻ وري تيستائين اها اذيت برداشت ڪرڻي پوندي،
جيستائين تنهنجو خط ملي. نه ڄاڻ تو خط ڇو نه لکيو،
ضرور ڪا مجبوري هوندي، متان تنهنجي طبيعت نه خراب
ٿي هجي.
تو لکيو هو ته آچر جي ڏينهن ادا نثار، چاچا صالو ۽ ادا
يوسف ايندو، مون ڏاڍو انتظار ڪيو، پر ڪير به ڪونه
آيو.
سچ پچ، ايڏي بوريت سوار آهي جو خط به نه ٿيو لکيو ٿئي.
اڄ پاڻ کي جدا ٿئي سورنهن ڏينهن ٿيا آهن.
ٻهي، خوشيءَ جي خبر ته ملي، هيئر هينئر هڪ قيدي اچي
ٻڌايو اٿن ته ٻنهي ... ملاقات آڻي آهي، ڏينهن ... [illegible]

آيو آهي، تنهن ڪري خط اتي بند ڪريان ٿو ته جيئن تو ڪي موڪلي سگهان.

سيني کي سلام، فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

١١-٢-٨٣

عزيز طارق. سدا سلامت هجو، آمين.

پهرين معافي پوء احوال. پلا توهان معافي ڏني يا نہ؟ معافيءَ جو مطلب تہ اوهين سمجهي ويا هوندا. هڪ ٻہ ڏينهن توهانکي خط نہ لکي سگهي آهيان. مونکي پوريءَ طرح احساس آهي تہ اوهانکي خط جو ڪيڏو انتظار رهيو هوندو. در اصل هنپهرن ڪانپوء واندي ٿي مٿي اچي پنهنجي ڪمري ۾ ويهي اوهانکي خط لکندي آهيان. پر زاهد (١) جي شادي ويجهي پوندي پئي وڃي. سچ پچ تہ منهنجي دل ايڏي اداس آهي جو نہ تہ مونکي شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش آهي نہ تياريءَ جو خيال اٿم. پر سڀئي گهر وارا چون ٿا تہ تون تياري ڪري وٺ، انشا الله ادا اچي ويندو. پوء تون تياري ڪيئن ڪندينءَ. تنهنڪري بازار ويس، پرس، وڳي سان مئچنگ جتي، ۽ ڪجهہ پيون شيون ورتم. اوهان جيڪا گرفتار ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ پرس آندي هئي، آها ريشم ڪڍيءَ ۾ پنجانوي روپئي ۾ ملي ٿي، اوهان مهانگي وٺي آيا آهيو.

طارق خدا ڪندو تون زاهد جي شاديءَ کان اڳ آزاد ٿي ويندين. پر خدا نہ ڪري جيڪڏهن آزاد نہ ٿئين تہ پوء مان شاديءَ ۾ شريڪ نہ ٿيندس. مون زاهد وارن کي بہ

---

(١) شمس جو ماسات.

چيو ته: ته هان پاڻ سوچيو، منهنجيون خوشيون منهنجي مڙس سان آهن. اهو جيل ۾ هوندو ته مان ڪنهن خوشيءَ ۾ ڪيئن شامل ٿي سگهان ٿي، يا مونکي شاديءَ ۾ ڪهڙو مزو ايندو. زاهد مڃيو ته اِها ڳالهه صحيح آهي، خدا ڪندو ادا اچي ويندو.

رات درزيءَ جي دڪان تي پاپوشين ملي هئي. چيائين ته: مغل چيو ٿي ته ادا جو ڪم شايد دير سان ٿئي، جو ڪجهه رولو آهي. طارق توڙ يقين ڪندين، جنهن وقت هن اِها ڳالهه ڪئي، بس انهيءَ وقت منهنجي دل جهڙي بيهي رهي. بيبي ڳڻ هئي، ڪيس يڪدم چيم ته: گهر هل. آتي ٿي ٿي ڳوڙها نڪتا، نه چاڻ ڪيئن روڪيم.

گهر آيس ته دل ڏاڍي سست ٿي پيم. سڄي جسم ۾ سور ٿي پيم، ڪا ڳالهه نه پئي وڻيم. ادا مغل به ٽن چئين ڏينهن کان فون نه ڪئي آهي. مان به نه پئي ڪريان جو سوچيان پي ته ڪيس ڏاڍو ڪڪ ڪيو اٿم. پر ڪرڻي ته پوندي، هن ڪانسواءِ پيو آهي به ڪير.

هينئر هينئر ادا مغل پاڻ فون ڪئي هئي، سياڻي سانگهڙ ويندو، چيائين پي ته: سياڻي جيل تي اوهان سان ملندو ويندو.
ادا يوسف فون ڪئي هئي ته اچي رهيو آهي، هتان ٿي پوءِ ڪراچي ويندو. پر ٽرين ۾ اڪ ڪونه ڪليس سو وڃي، ڪراچي پهتو، شايد هاڻ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ اچي.
اج توهانکي گهران وئي اڌ مهينو پورو ٿيو آهي. چئن سالن

۾ هيءَ پهريون موقعو آهي جو پاڻ هڪ ٻئي کان ايترو پري رهيا آهيون. دل کان ته پري ڪونه آهيون. هڪ ٿي دل آهي، ۽ انهيءَ ۾ گذر فقط اوهانجو رکيو اٿم. ٻي ايتري گنجائش ٿي ڪانه رکي اٿم، جو ڪير ياد اچي. هونئن به خدا عورت جي دل خبر ناهي ڪهڙي بڻائي آهي. شاديءَ کانپوءِ سندس تصور ۾ رڳو سندس مڙس ئي هوندو آهي.

ڪلهه رات مون اوهانکي خواب ۾ ڏٺو هو. جڏهن کان ويا آهيو، پنڌرهون دفعو ڏٺو اٿم. جيتوڻيڪ هر وقت ياد آهيو.

طارق، مونکي اجازت ڏي ته مان اچي توسان جيل تي ملان. جيڪڏهن تون اجازت ڏين ته مان روز توسان ملڻ اچان.

تو لکيو آهي ته سيني کان ڪٽي پيٽ ته مان جسم ۾ پرچي ويو آهيان، پر مونکي ته ڪنهن به ائين ڪونه چيو آهي ته تون ڪو جسم ۾ پرچي ويو آهين.

توهان لکيو آهي ته: مان ننڍا ٿي خط لکان. ڪمال آهي، ايتري بڪ ته لکان ٿي. وري به توهانکي ننڍا ٿا لڳن. اوهانجي خطن مان جيڪڏهن جيل جي ڊائري وارو حصو ڪيري ڇڏجي ته خط ننڍڙا ٿي ويندا.

بس طارق، توهان هاڻ آزاد ٿي اچو ته پنهنجي گهر ٺهرائڻ جي ڪجو. طارق، توهان مونکي گهر ڏيو. پوءِ اوهانکي ڪا به تڪليف نه ڏينديس. خدا توهانکي وڏي حياتي ۽ پنهنجي گهر وارو (گهر واري ته اٿوَ) ڪري. خبر ناهي خدا کي ڇا منظور آهي، جڏهن به جاءِ لاءِ سوچجي ٿو ڪانه

ڪا رڪاوٽ اچيو وڃي.

منجهند جو خط لکڻ شروع ڪيو هوم، هاڻ شام ٿي ويئي آهي. ڏسو منجهند کان شام ٿيڻ تائين توهان سان ڳالهائڻ ۾ لڳي پئي آهيان. ٿوري دير پين رکندي آهيان، پوءِ وري لکڻ شروع ڪندي آهيان، نه دين جو خيال اٿم نه دنيا جو. سڄو توجه اوهان ڏانهن اٿم. خط سان گڏو گڏ جيل جي ڊائري به هوندي آهي، اڪثر پوري پڙهندي آهيان، ڏاڍو مزو ڏيندي آهي، جيل جي اندر ڇا پيو وهي واپري، اِها گهر ويٺي ڄاڻ پئجيو وڃي.

دانيال کان پڇيو هوم ته ملاقات تي تو پٺيان سان ڇو ڪونه ڳالهايو. چيائين، آئي گوڙ ڏاڍو هو. تنهنڪري چپ ڪيو ويٺو رهيس. باقي طبيعت ٺيڪ هئس.

جيل ۾ ايترا مڇر ڇو آهن، ڇا جيل ۾ ايتري گندگي آهي. توبهه، اوهانکي ننڊ ڪيئن ايندي هوندي.

ڇگو هاڻ خط بند ٿي ڪيان. ڇگو ڊگهو خط ٿي ويو آهي.

سڀني جا سلام قبول ڪجو.

سلام ۽ پيار هن ناچيز جو قبول هوي.

توهانجي

شمسه

۱۲-۱۲-۸۳
پياري شمس،
اسلام عليڪم
اميد ته نيڪ هوندين ۽، اڄوڪو ڏينهن ڏاڍو سڀاڳو هو. اڄ تنهنجو خط به آيو (جيڪو هر وير ونديو به نه هو) ۽ ملاقات به آئي. خط جي خواهش هئي، پر ملاقات جو ته آسرو ئي نه هو. دانيال تنهنجي خط کان علاوه پاپي ۽ مغل جا خط به کڻي آيو. پاپي ڪيڪ، رومال، سينٽ ۽ ڪوڙ سارئون دعائون به موڪليون آهن. دانيال بسڪٽ به آندا هئا.
تو شاديءَ جي لاءِ تياري شروع ڪئي آهي، سچ پچ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. مڙسن تي ڏکيا سکيا ڏينهن ايندا رهندا آهن. اهڙن مڙسن جون زالون وڏي همٿ ۽ بهادريءَ سان هر مشڪل کي منهن ڏينديون آهن.
مغل مونکي لکيو آهي ته هو منهنجي ڪم سانگي ڪراچي وڃي رهيو آهي. الله سڀ چڱي ڪندو. منهنجو انهيءَ ڳالهه تي يقين آهي ته هر ڪم پنهنجي وقت تي ٿيندو آهي.
تو لکيو آهي ته، مونکي اجازت ڏي ته جيل تي اچي ملان. مون کي تنهنجي محبت جو قدر آهي. پر جيل تي اچڻ جي مان توکي اجازت نٿو ڏئي سگهان. خدا ڪندو ته مان جلد آزاد ٿيندس، پر جيڪڏهن مون کي تمام گهڻو عرصو جيل ۾ رهڻو پيو، ته به مان توکي اهڙي اجازت نه ڏيندس. توکي

همٿ سان ڪم وٺڻ گهرجي. گذريل ڏفعي ٻاويهه مهينا جيل ۾ هوس ۽ امي جيئري هئي، پر مون ڪڏهن سوچيو ئي ڪونه ته امي جيل تي ملڻ اچي. منهنجي هڪ دوست هوم سيڪريٽريءَ ڪان جيل ۾ ماڻهن جي ملڻ جي اجازت ورتي، سو هن پنهنجي طرفان اميءَ جي اجازت به وٺي ڇڏي. جڏهن اميءَ کي خبر پئي ته امي ڏاڍي ناراض ٿي ۽ چيائين: مون ۾ ايترو حوصلو آهي جو مان پٽ جو انتظار ڪري سگهان.

سو توکي به اهڙو حوصلو پيدا ڪرڻ گهرجي، ائين به پاڻ سنڌي ماڻهو آهيون، پاڻ وٽ اهو عيب آهي ته زالون جيل ۾ مڙسن سان ملڻ اچن. ماڻهو ڇا چوندا ته طارق اهڙو ٻاڙيو ٿيو آهي جو جوءِس جيل ۾ ملڻ ويئي آهي. نه نه، اهڙي ڳالهه سوچ به نه.

۱۳-۱۲-۸۳

اڄ صبح جو جلدي اٿيس. ڇو ته منهنجو ڇوڏهن ڏينهن جو ريمانڊ ڪلهه پورو ٿيو. شيو ڪري، ڪپڙا مٽائي تيار ٿي ويٺس. انتظار ۾ هڪ هڪ منٽ سالن جي برابر پئي لڳو، ٿنهنڪري مان ڪڏهن هڪ ڪمري ۾ ٿي ويس، ڪڏهن ٻئي ۾. ڪڏهن ورانڊي مان ٻاهر ڏٺم ٿي ته ڪو سڏڻ اچي ٿو يا نه. ٻوءِ ڪن ٻڌايو ته اڄڪلهه پوليس ڪونه ٿي اچي. جڏهن نوَ لڳي ويا ته مان به آسرو ڇڏي ويٺس، انور عباسي نقويءَ سان هيٺ لهي اسپتال جي سامهون چڪر ڏيڻ لڳس. ڪجهه

دير ڪانپوءِ هڪ پڪي قيدي اچي ٻڌايو ته: پوليس آئي آهي، هلو.
مان نقويءَ کان موڪلائي ڪچي قيدين جي آفيس ۾ آيس. ڪچن جي آفيس ۾ ڪچن جو جيلر ۽ ٻه ٽي منشي (پڪا قيدي) ويٺا هئا. هڪ پڪو قيدي مشتاق عزت سان مليو ۽ ويهڻ لاءِ ڪرسي ڏنائين. هن مونکي ٻڌايو ته: هن منهنجا جيل تي لکيل ڪئي ڪتاب پڙهيا آهن. ٻوءِ خبر پئي ته منهنجي لاءِ پوليس اچا آئي ڪونهي، پر جيئن ته منهنجو ريمانڊ پورو ٿي ويو آهي، ۽ ڪيس مارشلا جو آهي، ڪيندا ضرور. مان سوا نوين وڳي آيو هوس، پر ساڍي ڏهين تائين به پوليس نه آئي. مونکي اهو فڪر هو ته اٿين نه ته مونکي دير ٿي وڃي، ۽ ملٽري وارا ڪورٽ مان مايوس ٿي موٽي وڃن.
مان آئي ويٺو هوس ته صوبيدار آيو ۽ اچي مون سان مليو. ۽ انهيءَ ڪانپوءِ علي شير جمعدار آيو. جڏهن ١٩٧٤ع ۾ مان پهريون ڀيرو گرفتار ٿي هن جيل ۾ آيو هوس ته به علي شير هو. ۽ جڏهن ١٩٧٥ع ۾ ٻيهر پڪڙجي آيس ته به علي شير هو، ڏڏهن پوليس وارو هو، ۽ هن دفعي جمعدار ٿي ويو آهي، ٻاڻ ٻڌائين ته هو جلد رٽائر ٿيڻ وارو آهي. اڪثر قيدي (سياسي ۽ عام قيدي) علي شير جي گلا ڪندا آهن ته ڏنگو آهي. پر علي شير منهنجي هميشه عزت ڪئي آهي. هن دفعي به سندس رويو مون سان ڏاڍو سٺو آهي.
ٻيا سپاهي مون سان ڳالهائي رهيا هئا، پر جمار (ذاتو شڪل

محمد حسن اٿس) مون سان نہ ڳالھايو، شايد ڪيس احساس هو تہ هو جيلر آهي، ۽ مان قيدي.

ٻوٽين يارنهن وڳي خبر پئي تہ پوليس آئي آهي. مون کان علاوه رڳو ٻہ ٻيا قيدي هئا، انهن مان هڪ سول اسپتال تي ويو، ۽ ٻئي کي چربن جي اسپتال تي موڪليائون. مون سوچيو: ٿي سگهي ٿو ته قيدين لاءِ وين نہ اچي، ۽ پوليس پنڌ ئي وٺي وڃي. تنهنڪري رڪشا لاءِ پئسا رکجن. مون وٽ سؤ روپئي جو نوٽ هو، پر اهو بہ خيال هوم تہ متان ماڙيءَ تي تلاشي وٺن. تنهنڪري هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم تہ ڪو سڃاڻو ملي. لائبريريءَ وٽ ارشاد ساگر ۽ عبدالله ملاح بيٺا هئا. مون سؤ جو نوٽ ارشاد کي ڏيندي چيو، ”هي نوٽ اوهان پاڻ وٽ رکو. جيڪڏهن ڏهين جو نوٽ هجي تہ اهو مونکي ڏئي ڇڏيو.“ هن وٽ پنجاهہ جو نوٽ هو. عبدالله ملاح پنهنجي کيسي مان پئسا ڪڍيا، ڪافي نوٽ هئس. (هن دفعي جيل ۾ گهٽي پاڳي سڀني سياسي قيدين وٽ پئسا آهن. ۽ هرڪو کيسي ۾ پئسا وجهيو پيو هلي.) عبدالله سڀئي پئسا منهنجي آڏو ڪيا، پر مون فقط ڏهن جو هڪ نوٽ کنيو.

هاڻ مونکي اصلي فڪر اچي لڳو. مان سي ڪلاس جو قيدي آهيان. ۽ سي ڪلاس جي قيديءَ کي هٿڪڙي لڳندي آهي. مان ايترا دفعا جيل آيو آهيان. مونکي جيل کان ڊپ ڪونہ لڳي. پر هٿڪڙين کان لهرائيندو آهيان، شايد انهيءَ ڪري جو ڏسندڙ کي کهڙي خبر تہ هيءُ سياسي قيدي

آهي يا ڪو چور ڌاڙيل. ۽ مان انهيءَ ڳالهه لاءِ اڃا تائين ياڪي تيار نه ڪري سگهيو آهيان ته پلي هٿڪڙي لڳي. پلي جيڪو ماڻهن کي وڏي ويتا سوچين. آخر غفار خان جهڙي ليڊر کي به ته هٿڪڙيون ۽ بيل ڪڙيون لڳنديون هيون.

بهرحال مون نٿي چاهيو ته مون کي هٿڪڙيون لڳن. بلڪ سچ ڳالهه ته اها آهي ته مونکي هٿڪڙين کان ڊپ ٿو لڳي.

علي شير منهنجي پرسان بيٺو هو. مون کيس چيو ته، "ماڙيءَ ۾ ڏس ته حمي قريشي جيلر آهي يا نه." هو ويچارو به دفعا ڏسي آيو. پر قريشي ڪونه هو. وري چيو مانس ته "ڏس ابوبڪر زرداري هجي ته انهيءَ کي سڏي آ." ابوبڪر نه فقط ٻاهر ليڊر آهي، پر جيل ۾ به ليڊر آهي، ۽ سياسي قيدين جي خارجه ڪميٽيءَ جو ميمبر به آهي.

علي شير ابوبڪر کي سڏي آيو. مون کيس چيو ته، "پوليس مونکي وٺڻ آئي آهي. تون مون سان ماڙيءَ تي هل، ۽ ڪوشش ڪر ته مون کي هٿڪڙيون نه هڻن." هن چيو، "سائين سوال ئي پيدا نٿو ٿئي جو هٿڪڙيون هڻن." ابوبڪر مون سان گڏ ماڙيءَ تي هليو. هڪ جمعدار ۽ پوليس وارو وٺڻ آيو هو. اتفاق سان پوليس وارو ابوبڪر جو سڃاڻو هو. ابوبڪر کيس پارت ڪئي، "بابا، شاهه صاحب سنو، شريف ۽ عزت وارو ماڻهو آهي. ڀڄي ڪونه ويندو. سائين کي مهرباني ڪري هٿڪڙيون نه هڻجو." پوليس واري چيو، "سائين اوهين بي فڪر رهو، ڪابه تڪليف نه ڏبي."

گيٽ تي منهنجو ۽ ٻين قيدين جو نالو لکرايو ويو، مان

ابوبڪر کان موڪلائي ٻاهر نڪتس. گيٽ تي ڪا به تلاشي نه ورتي وئي.

مان چوڏهن ڏينهن ڪانپوره جيل کان ٻاهر آيو هوس. اڄ کان ست سال اڳ مان ساڳي جيل مان ٻاهر نڪتو هوس، تڏهن مون کي ٻين بي ڪلاس جي قيدين سان گڏ سکر جيل ڀي موڪليا ڏون. انهي وقت جڏهن مان ماڙي کان ٻاهر نڪتس ته مغل، فيروز ۽ دانيال منهنجي انتظار ۾ بيٺا هئا.

هن جيل ۾ اڳ ۾ مان ارڙهن ڏينهن ڀهردون پيرو ۽ سا ڍا چار مهينا ٻيو پيرو رهيو هوس. انهي عرصي ۾ مون کي ڪيترائي پيرا شنوائي لاءِ ڪيو هئائون. ۽ هر دفعي منهنجي انتظار ۾ فيروز اڳ ۾ ئي بيٺو هوندو هو. ۽ جڏهن مان پوليس وين ۾ ويهي ڪورٽ ڏانهن وڃڻ لڳندو هوس ته پاڻ مون کان اڳ ڪورٽ پهچي ويندو هو.

مونکي خبر هئي ته اڄ فيروز منهنجي انتظار ۾ بيٺل ڪونه هوندو، ڇو ته ڪي ورهيه اڳ هن سان منهنجي دوستي ختم ٿي وئي. جيڪا دوستي سچا سارا پندرنهن سال هلي. پر پوءِ به نه ڄاڻ ڇو منهنجيون نظرون ڪيس هيڏانهن هوڏانهن ڳولهڻ لڳيون. پر هتي سيئي اڻ ڄاتل چهرا هئا. جن جون نظرون خود پنهنجي عزيزن کي ڳولهي رهيون هيون.

ٻاهر پوليس وين بيٺل هئي. جيل کان ٻاهر سامهون گورنمنٽ گرلز ڪاليج هو، جتي آپا پروفيسر هئي. انهي وقت آپا ڪاليج ۾ هوندي، پر ڪيس ڪهڙي خبر ته سندس ڀاءُ پوليس جي ڀهري ۾، سندس ڪاليج جي پرسان بيٺو آهي.

مان پوليس وين ۾ وچي ريٽس ۽ ٿوري دير ۾ وين جيل جي ڦاٽڪ کان ٻاهر نڪتي. سامهون مدوي ريسٽورانٽ هئي. انهيءَ تي نظر پئي ته مون کي ياد آيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ هتي مان، تون ۽ پمي آيا هئاسين. مون کي ائين محسوس ٿيو ته ڄڻ مان ڏي ٻاهر آهيان. باقي اوهين ٻئي اڃا به ريسٽورانٽ ۾، منهنجي انتظار ۾ ويٺل هونديون. ۽ پوءِ ريسٽورانٽ جي ٻاهران بيٺل رڪشائن تي نظر پئي. مون کي ياد آيو ۽ اسين به ته اتي رڪشا جي انتظار ۾ بيٺل هئاسين. مون کي ائين لڳو ته توهان اڃا رڪشا جي انتظار ۾ بيٺون آهيو ۽ مان ڏي پوليس سان ڪڏ هليو ويو آهيان. ۽ هاڻ نه ڄاڻ اوهان کي ڪيترو وقت منهنجو انتظار ڪرڻو پوي.

وين ماءِ وي تان، صدر ڏانهن وڃڻ لڳي. رستي تي عمر قاضي جو گهر آيو. سوچيم: شايد هن وقت عمر گهر ۾ هجي. يا ٿي سگهي ٿو گهر جي ٻاهران بيٺو هجي. مون جهڪي وين جي در مان، عمر جي گهر ڏانهن ڏٺو. پر اتي ڪير به ڪونه هو. وين منهنجي شهر جي رستن تان لنگهي رهي هئي. ڪوڪان پري ايترو هوس جو ڏهن منٽن ۾ تو وٽ پهچي وڃان. پر ڏهن منٽن جو رستو مان سترهن ڏينهن ۾ پار نه ڪري سگهيو هوس. ڪيترا ته سالن کان نه ڪري سگهيا آهن. انسان ڪڏهن ڪڏهن ڪيترو نه بي وس ٿيو پوي.

وين ڪمبائنڊ ملٽري هاسپيٽل وٽان لنگهي، صدر بازار آئي، ۽ پوءِ پرفيڪٽ پريس وٽان لنگهي. مون پريس ڏانهن ڏٺو ته شايد ظفر شاهه، يا ڪو ٻيو ڄاتل سڃاتل ماڻهو نظر اچي.

پر پريس بند هئي.
وين فاران هوٽل وٽ پهتي. سامهون سپر اسٽور هئا. مون کي ياد آيو. گرفتار ٿيڻ کان اڳ واري رات مان ۽ اورنگزيب انهن اسٽورن ۾ آيا هئاسين. اورنگزيب کي بيلٽ وٺڻو هو پر ڪيس بيلٽ نه مليو. مون کيس چيو هو ته: سڀاڻي اوهان اسڪول مان ايندا ته اوهان کي بازار مان هلي وٺي ڏيندس. پر پوليس مونکي انهيءَ جي مهلت ئي نه ڏني. مون تصور ۾ اورنگزيب کي پاڻ سان گڏ ئي ڏٺو. پوءِ ياد آيم. ڪجهه وقت اڳ تون به آئي هئين انهن اسٽورن تي مون سان گڏ. زين سپر اسٽور ڏانهن اشارو ڪيم، جٿ ته تون اچا به آئي بيٺي هوندينءَ.
۽ پوءِ وين فرخ ليبارٽري (هاڻ ته شايد ٻيو نالو اٿس) وٽ پهتي. ڪڏهن انهيءَ ليبارٽريءَ ۾ ستار پيرزادو ڪم ڪندو هو، ۽ منهنجي هر شنوائيءَ تي ڪورٽ پهچندو هو، پر هاڻ ته هو ڪراچي آهي. ليبارٽريءَ جي سامهون اهوئي رستو آهي، جتان مان دانيال ۽ اورنگزيب کي وڊيو گيم تي وٺي ويندو هوس. وڊيو گيم تي ويندي وقت دانيال ۽ اورنگزيب ڏاڍا خوش هوندا هئا. پر موٽندي اڪثر اورنگزيب رنل هوندو هو. ڇو ته وڊيو گيم تي اڪثر گهڻن ٽوڪن لاءِ ضد ڪندو هو ۽ موٽندي ڪاوڙيو ايندو هو. ۽ دانيال به سدائين اورنگزيب جو ساٿ ڏيندو هو.
۽ پوءِ وين ريڊيو اسٽيشن جي سامهون کان لنگهڻ لڳي. ۷ سال اڳ، جڏهن مان جيل ۾ هوس، تڏهن امر جليل ۽ آغا سليم ...

نوڪري ۾ هئا. هنن سان مليئي ٻه ورهيه گذري ويا. آمرجليل سان ته ڪي سال اڳ تعلقات ختم ٿي ويا، پر آغا سليم سان ملڻ جي ڏاڍي خواهش آهي، نه ڄاڻ هو ڪٿي آهي.
وين ڪورٽ ڏانهن ڊوڙندي پئي وئي. مون سوچيو پئي: ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي. هي منهنجو شهر آهي. هي منهنجي شهر جا رستا آهن. مون انهن رستن تي راند يون ڪيون آهن. انهن رستن تي ڪڏهن دوستن ۽ ڪڏهن عزيزن سان گڏ هليو آهيان. پر اڄ پوليس جي پهري ۾، پوليس وين ۾ وڃي رهيو آهيان. ٿورو ئي پريان منهنجي پريس آهي، مغل جو گهر آهي. پر مان اتي وڃي نٿو سگهان.
نيٺ وين اچي ڪورٽ پهتي، مونکي لاٿو ويو. اتي مونکي خبرپئي ته جيڪا پوليس مونکي وٺي آئي آهي، آها در اصل منهنجي لاءِ ڪونه آئي هئي. جيئن ته منهنجو ريمانڊ پورو ٿي ويو هو، تنهنڪري جيل وارن مارشل لا وارن جي دٻ ڪان پي پوليس سان مونکي موڪلي ڇڏيو هو. جن پوليس وارن مونکي آندو هو، هو ٻين پوليس وارن کي ڳولهڻ لڳا، ته جيئن مونکي هنن جي حوالي ڪري، پاڻ ٻين قيدين سان گڏ وڃن.
آهي پوليس وارا مونکي ڪڏهن هڪ طرف ٿي وٺي ويا، ڪڏهن ٻئي طرف. نيٺ هنن ٻيز پوليس وارن کي ڳولهي هٿ ڪيو، ۽ منهنجي پانهن هنن جي حوالي ڪري، پارت ڪري، ۽ اهو چئي ته جيل پهچائڻ لاءِ اسين ايندا سين، هليا ويا.

هنن پوليس وارن مان هڪ پنجابي هو، ۽ ٻيو سنڌي. مون ڪورٽ ۾ هر طرف ڏٺو، پر نه ڪو مائٽ هو، نه دوست ۽ نه ڄاڻ سڃاڻ وارو. سامهون ٽرزري آفيس هئي، هتي ظهير جو دوست شبير نوڪريءَ ۾ آهي، سوچيم هنکي چوان ته ڪنهن کي گهران سڏائي وٺي. آفيس مان سنڌس پٽو ڪيم ته پڇيائون، ”ڪهڙو شبير.“ چيو ته هتي ۾ شبير هئا. مان منجهي پيس، پر مشڪل آسان ٿي پئي (حقيقت ۾ ٿي ڪانه)، ڄاڪاڻ ته ٻئي شبير موڪل تي هئا. مان ڏاڍو مايوس ٿيس. پر ڪري ڇا ٿي سگهيس. پوليس وارن چيو، ”اڳ ۾ ڪورٽ هلو.“ ڪورٽ ويٺاسين، ڪورٽ ڪلرڪ عباسي ڪونه هو. وڌيڪ مايوسي ٿي، ڄاڪاڻ ته هو ڀلو ماڻهو هو. P.S.I گدا شاهه ويٺو هو، مونکي ڏسي مُرڪي چيائين، ”اچي ويا.“ پوءِ پوليس وارن کي چيائين، ”ويهاريوس.“ پوليس وارا پرسان واري ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويا، جتي لٽ سان لٽيل هڪ بينچ پيل هئي. چيائون، ”هتي ويهو.“ آها ڪوٺي اهڙي هئي، جتان نه مان ڪنهن کي ڏسي ٿي سگهيس، نه ڪو مونکي ڏسي سگهيو ٿي. سوچيم: اتي ويٺس ته ملڻ وارا ٻاهران ئي چڪر ڏئي موٽي ويندا، ڪنهن کي خبر ئي نه پوندي ته مان اندر ويٺو آهيان. پوليس وارن کي چيم، ”مهرباني ڪري ٻاهر ويهاريو ته گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن جي اچڻ جو پتو ته پوي.“ هو ”ترسو“ چئي ٻاهر هليو ويو. مون ڦوڪ ڏيئي، بينچ جي هڪ ڪنڊ تان مٽي هٽائي ۽ پوءِ رومال سان صاف ڪري ويهي رهيس. پر آتي ويٺي مونکي توزي دير ئي

ٿي هئي جو سنڌي پوليس وارو آيو ۽ چيائين، ”هلو، ٻاهر هلي ويهو.“ مان آئي ٻاهر آيس، ۽ ڪورٽ جي، در جي سامهون اچي ويٺس. پوليس وارو دادوءَ جو هو، ۽ سنڌي جذبو رکندڙ. مان ساڻس ڳالهيون ڪري رهيو هوس، پر منهنجون نظرون ڪنهن چاڻل سڄاڻل کي ڳولهي رهيون هيون. مونکي آئي اڌ ڪلاڪ به مس ٿيو هوندو، پر لڳو ائين ٿي، آئي ويٺي ورهيه گذري ويا اٿم. اهو فڪر به ٿي ستايم ته متان ڪوبه نه اچي، ۽ پوليس مونکي واپس جيل وٺي وڃي. ايتري ۾ منهنجي نظر اشرف منشيءَ تي پئي (مرحوم محمد ميمڻ ايڊوڪيٽ جو منشي)، مون کيس سڏ ڪري چيو، ”مهرباني ڪري مٿي وڃي خالد شاهه کي منهنجي لاءِ ٻڌايو.“ هو هائو ڪري ويو. ايتري ۾ منهنجي نظر صديق ڪمپازيٽر تي پئي، جيڪو آتان لنگهيو پي ويو. مون کيس سڏ ڪيو، هو قرب سان اچي مليو. مون کيس پنهنجو ۽ مغل جو فون نمبر ڏنو ته انهن کي فون ڪري ٻڌايو ته مان ڪورٽ اچي ويو آهيان، ۽ پرسان ماڊل اسڪول مان دانيال کي به سڏي اچو. هو اڃا ٿورو پنڌ ئي ويو هوندو ته سامهون مقصود کي ايندو ڏٺم، مون سک جو ساهه کنيو. پريان ادا خالد شاهه به آيو پي، ٻئي اچي مليا. ادا خالد شاهه ٻڌايو ته، ”ماما علي اڪبر شاهه به آيو هو، پر انتظار ڪري موٽي ويو. آءٌ به ڪجهه دير انتظار ڪري موٽي ويو هوس.“

مقصود ٻڌايو ته، ”دانيال صبح سان آيو هو، پر سندس طبيعت خراب ٿي پئي، ايتري ڪري ... اچي نه سگهيو.“ مون ... جهوماڻس،

”ھو اورنگزيب ڪونہ آيو؟“ چيائين، ”اورنگزيب تہ پرديس ۾ ويٺو آھي.“

اسين خبرون چارون ڪرڻ لڳاسين. سنڌي پوليس وارو منھنجي لاءِ ڪرسي کڻي آيو. پر مان ويھي ڪونہ، چاڪاڻ تہ پيا بيٺا ھئا. ٿوري دير ڪانپوءِ اورنگزيب، زيب سنڌيءَ سان گڏ آيو، ولي رام ولڀ بہ انھن سان گڏ ھو. مونکي اورنگزيب سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. ڪٿي ڏينھن ۾ ڏھہ دفعا ھو مون سان ملڻ ايندو ھو، ھو اڄ سترھين ڏينھن ڪانپوءِ مان ڪيس ڏسي سگھيو ھوس. ھو اچڻ سان مونکي چنبڙي بيھي رھيو. مونکي دانيال سان نہ ملڻ جو افسوس ٿي رھيو ھو. پوءِ اسين سڀئي سيمينٽ جي دڪيءَ تي ويھي رھياسين.

زيب سنڌيءَ کان پرديس جي باري ۾، ھو ولي رام صاحب کان آرسيءَ جي متعلق ڳالھيون ٿيڻ لڳيون.

اورنگزيب کان مغل جو پڇيم، ٻڌايائين تہ، ”بابا سانگھڙ ويو آھي. اڄ آڌان ايندو، پوءِ اوھانجي ڪم سان ڪراچي ويندو. اسين سڀئي گھر وارا بہ بابا سان ويندا سين.“

مون اورنگزيب کان پڇيو، ”اوھان وڏيو ڪيم تي ويندا آھيو؟“ چيائين، ”اوھانجي گرفتار ٿيڻ ڪانپوءِ فقط ھڪ دفعي دانيال شاھہ سان گڏ ويو ھوس.“

زيب مونکي چيو، ”سائين، مان معافي ٿو گھران. اوھان مونکي لکي موڪليو ھو تہ توڻ اورنگزيب کي وڏيو ڪيم تي وٺي وڃجانءِ. پر اورنگزيب مونکي مليو ئي ڪونہ. اڄ جيڪڏھن ھيءُ ڪراچي نہ ويو تہ مان کيس وٺي ويندم.“

مون اورنگزيب کان پڇيو، ”پلا او هانکي مان ياد ايندؤ آهيان.“ هن ڪنڌ ڏوڻ ڪري ها ڪئي، ۽ پوءِ اهڙي ڳالهه ڪيائين جو دل پرجي آيم. چيائين، ”چاچا، مان اوهان سان روز شام جو سواءِ ڇهين وڳي ملندو هوس نه. مون اجا تائين پنهنجي واچ جو الارام سواءِ ڇهين تي رکيو آهي. روز انهيءَ وقت واچ الارام وڄائيندي آهي.“

اورنگزيب پنهنجي واچ ۽ منهنجي ڪلڪيوليٽر ۾ سوا ڇهين جو الارام سيٽ ڪيو هو۽ روز الارام ڪي چيڪ ڪندو هو. ۽ روز ٻنپهرن جو ڇٽي ويندو هو ته: شام جو ٽيوشن تان سوا ڇهين اچي ويندس. ۽ اڪثر الارم وڄڻ کان اڳ اچي ويندو هو. هاڻ مان جيل ۾ آهيان، پر هن ٻار اجا تائين ساڳيو الارم رکيو آهي، اهو الارم ڪيس منهنجي ياد ڏيار يندو آهي.

مون اورنگزيب جي جيڪيٽ جي کيسي ۾ هٿ وجهي ڏٺو، هنجي کيسي ۾ هڪڙو ڪئمنو ٻيل هو. (اورنگزيب هميشه منهنجي لاءِ اهڙ ڪئمنا وٺي ايندو هو.) مون اورنگزيب کي چيو، ”بس هڪڙو ڪئمنو.“ چيائين، ”پر هئا، مون پنهنجو ڪاڏو، اوهانجي لاءِ کڻي آيو آهيان.“ مون کانئس ڪئمنو وٺي ڇڏيو، پر ڪاڏو م ڪونه، سندس يادگيريءَ طور رکي ڇڏيم.

پوءِ ظهير ۽ سندس دوست به اچي ويو. هنن ٻڌايو ته: اڳ ۾ ٽي ويا آهيون، پر توهان اجا آيا ڪونه هئا.

مقصود منهنجي لاءِ ٻه ٻي بيڪريءَ جو ڪيڪ وٺي ويو.

جيل ۾ بمبئي بيڪريءَ جي ڪيڪن جي ته ڪوت نه هئي. دائود خان جا هئي ٽين ڏينهن ڊگهه پيا ايندا هئا. پر مون چاهيو ٿي هڪ اڌ منهنجي يارن به هجي. پر بمبئي بيڪري وارن چيو ته، چاڪليٽ ڪيڪ (ڪافي ڪيڪ پڻ) هڪ وڳي ملندو. مون ڪيس نوٽ پيسٽ، ٽوٿ برش ۽ بيڊا آڻڻ لاءِ چيو. بيڊن لاءِ خاص تاڪيد ڪئي مانس، ڇو ته مجرم لغاري وري مونکي تاڪيد ڪئي هئي. اهي سيئي شيون آيون ته هڪلگي ويو. ۽ مقصوداورنگزيب سان گڏ ڪيڪ وٺي ويو. ولي رام موڪلائيندي چيو ته: ”ماڻهو لاهور وڃي رهيو آهي، ڪيس پئسا ڏيڻا آهن، نه ته تيستائين هجان ها، جيستائين توهانکي وٺي نه وڃن ها.“

ولي رام جي وڃڻ کانپوءِ مقصود به ڪيڪ وٺي آيو. جيڪي پوليس وارا مونکي جيل مان وٺي، هنن پوليس وارن جي حوالي ڪري ويا هئا، آهي موٽي ڪونه آيا. انهن پوليس وارن، پوليس هيڊ ڪوارٽر فون ڪري وين گهرائي، ۽ جڏهن وين آئي ته مان سيني کان موڪلائي، وين ۾ چڙهيس. مونکي افسوس ٿي رهيو هو، ته دانيال سان ملاقات نه ٿي سگهي.

سيئي اچي وين جي ڪليل در وٽ بيٺا. هنن کي بيٺل ڏسي، ايندڙ ويندڙ به وين جي اندر جهاتي پائي ڏسندا ٿي ويا، ته اندر ڪير آهي. ٻه قيدي ٻيا به آيا، ۽ پوءِ وين هلي. مون سيني کي سلام ڪيو، ۽ وين ڪورٽ جي پويان ٿيندي، لطيف آباد وٽان لنگهي، نارا جيل ڏانهن ڊوڙڻ لڳي. جيڪي ٻه قيدي ويٺا هئا، سي پاڻ ۾ آهستي آهستي ڳالهيون ڪري

رهيا هئا، ۽ مان ماٺ ڪيو ويٺو هوس. جڏهن ناري جيل جي آڳيان وڃي بيٺي ته هنن قيدين کي لاٿو ويو، ۽ جمعدار کين اندر ڇڏڻ ويو. وين ۾ هاڻ مونکان سواءِ رڳو ٻه پوليس وارا هئا، جن مان ٻه هڪڙو هيٺ لهي بيٺو، ۽ ٻيو در وٽ بندوق کنيو ويٺو رهيو. (شايد انهيءَ خيال کان ته متان قيدي ڀڄي نه وڃي.) بندوق واري پوليس واري مونکان پڇيو ته: ”ڪهڙو ڪيس اٿوَ؟“ مون ڪيس ٻڌايو، هن افسوس جو اظهار ڪيو. اهو پوليس وارو ٻه سنڌي هو، دادوءَ جو هو ۽ سنڌيت جو جذبو منجهس به هو. پوءِ هن ٻڌايو ته: ”جيڪي ٻه قيدي هتي لٿا آهن، هنن مان جيڪو ڏاڙهي وارو هو، هن هڪ ڇهن سالن جي ڇوڪريءَ سان زوري زنا ڪيو هو، جنهنڪري ڇوڪري مري ويئي. ٻيو ماڻهو هن سان انهيءَ ڏوهه ۾ شامل نه هو، پر جنهن جاءِ تي اهو ڪم ٿيو، اها جاءِ هنجي هئي.“ ڪن رڪي هن وري چيو، ”اهڙن جنسي جنونين کي ته سخت کان سخت سزا ڏيڻ گهرجي، جيڪي پنهنجي جنسي آگ وسائڻ لاءِ معصوم ٻارن کي به نٿا بخشين.“

جمعدار موٽي آيو ته وين هلي. پر شهر مان هلڻ جي بدران پوين رستي کان ٿي، لائين چئنل تان ٿيندي، جيل ڏانهن هلي.

ڪرنگهيءَ ۾ سور ڪري، مان ٽيڪ جي سواءِ ويهي ڪونه سگهان. ڪورٽ ۾ بنا ٽيڪ جي ٽي ڪلاڪ ويٺو هوس. وري وين جو ڊگهو سفر، ڪاٺ جون پڳل سيٽون، جهاڪا، انهن

سور ڏاڍو وڌائي ڇڏيو. انهيءَ کان علاوه وين جي ڪليل در مان منٽي ايڏي آڏامي جو سڄو ڏوڙ ۾ لتجي ويس.

مس مس وين جيل پهتي ۽ مان انهيءَ مصيبت مان، جنهنکي قيدي 'کتا گاڙي' چون، نڪتس. ماڙيءَ جي در وٽ سوين ماڻهو پنهنجي عزيزن ۽ دوستن سان ملڻ لاءِ بيٺا هئا. گهڻا غور سان مونکي ڏسي رهيا هئا. سندن نظرون هڪ ٻئي کان پڇي رهيون هيون ته: هيءُ ڪير آهي؟

مان ماڙيءَ ۾ ويس. گيٽ جمعدار مون سان آيل پوليس واري جو نالو پڇيو، هن نالو ٻڌايو ته گيٽ جمعدار رجسٽر ۾ سندس نالو ڳولهڻ لڳو. پوليس واري ٻڌايس ته وٺي پيو ويو هو، ڇڏڻ مان آيو آهيان. پر گيٽ جمعدار سندس نالو ڪو نه لکيو، جيڪو وٺي ويو هو، انهيءَ جو لکيائين ته ڇڏي به اهو ويو آهي. پوءِ مونکان پڇيائين: "اوهان وٽ ته ڪا اهڙي اعتراض جوڳي شيءِ ڪانهي." مون انڪار ڪيو، هن مونکي وڃڻ لاءِ چيو.

مان ماڙيءَ مان نڪري، اسپتال آيس، وات تي جيڪو سپاهي ٿي مليو، تنهن ٿي شنوائيءَ جو احوال پڇيو. ڳڏ رهندڙن مان به هر هڪ مونکان پڇيو.

اسانکي بند ٿئي ڪافي وقت ٿي ويو آهي. اڄ ٽي-وي تي ڏاڍو سٺو ڊرامو آيو هو- 'ميرے بھی کچھ خواب.' تو به ڏٺو هوندو.

دائود خان ڊرامو ڏسي چيو ته ٻاهر نڪري مان به هٿ

درزيءَ جو دڪان کوليندس، انهيءَ ۾ پنجابي، سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ ڪاريگر رکندس. پر عورتن جي ماپ مان وٺندس.

دائود خان جي چوڻ مطابق ڪيس رات جو ننڊ نٿي اچي، سو انهيءَ ڪري ننڊ لاءِ ٽي ٽي انجيڪشن جي ڪاڪٽيل ٺاهي هڻائيندو آهي. ڪڏهن ته محب شاهه انجيڪشن هڻندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن پاڻ هڻندو آهي. اڪثر نس نه ملندي اٿس، تنهنڪري سوئي هڪڙي هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ ٽنبڻي پوندي آهي. مان ته ڏسي نه سگهندو آهيان. انجيڪشن لڳنديئي ننڊ اچيو وڃيس، بلڪ ڪڏهن ته اڃا ته انجيڪشن لڳندي اٿس ته مٿس غشي طاري ٿيو وڃي.

هاڻ منهنجي شنوائي ٢٢ - ڊسمبر تي آهي. انهيءَ ڏينهن زاهد جي شادي هوندي. تون شاديءَ ۾ شريڪ هوندينءَ. مان ان ڏينهن شهر ۾ ايندس، پر هڪ قيديءَ جي حيثيت ۾. ۽ هڪ قيدي ته پنهنجي مرضيءَ سان ڪيڏانهن اچي وڃي به نٿو سگهي. تون منهنجي پاران زاهد کي شاديءَ جون مبارڪون ڏجان.

چڱو هاڻ اجازت ڏيو وٺان. باقي ڳالهيون ٻئي خط ۾. دانيال شاهه ۽ ٻين سڀني کي سلام. فيضي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

١٤-١٢-٨٣

پياري شمس،

اسلام عليڪم.

اڄوڪي ڏينهن جي شروعات سٺي نه ٿي. مون سان جيڪو نوجوان علي حسن چانڊيو رهندو آهي. اڄ صبح سان ڪيس جمعدار پير صاحب سڏڻ آيو ته ڊوڪي سپرنٽينڊنٽ صاحب سڏايو آهي. اسين سمجهي وياسين ته ڪيس ڦٽڪن لاءِ سڏايو ويو آهي. علي حسن جيستائين خانگي ڪپڙا مٽائي جيل جا ڪپڙا پائي، تنهن کان اڳ علي شير جمعدار ۽ پٺيان صوبيدار، علي حسن کي وٺڻ آيا. قاضي رشيد، مون وٽ ويٺو هو. علي حسن ويو ته مجرم روئڻ لڳو. ڏاڍو حساس طبيعت جو آهي. ڪجهه ٿي دير ڪانپوءِ علي حسن ڪلندو موٽي آيو. اڳ ۾ ته اسان سمجهيو ته ڦٽڪا کونه لڳا اٿس. پر سندس پير تي نظر پئي، جيڪو سڄو ٽنچر آيوڊين ۾ ٻُڏل هو ته سمجهي وياسين ته ڦٽڪا لڳا اٿس. ڇوڪري جي همٿ کي شاباس هجي، لڪائي ڪونه ڏنائين، رڳو پي کليو. آهي به دانيال جهڙو سنهڙو ۽ ٻڳهو. ٻڌايائين ته حاڪم داد ڦٽڪا پوري زور سان هنيا آهن. علي حسن ٻڌايو ته مونکي حمئي قريشي جيلر جي آفيس ۾ وٺي ويا. اُتي مونکي چيائون ته اها پائي شلوار لاهي ڇڏ. پوءِ ٽنچر ڏنائون ته اها پنڊيءَ تي هڻي ڇڏ ته جيئن سوڄ نه ٿئي، پوءِ اسپيشل وارڊ جي

سامهون تڪڙتڪيءَ تي پڌي، ڦتڪا هڻياڻون. اسپيشل وارڊ، بي وارڊ ۽ ٻيا سيئي وارڊ بند هئا، البت قيدي جوابدار ۽ جيل جي پوليس ڪافي هئي. جيل وارن کي ڊپ هو ته متان سياسي قيدي هنگامو ڪن.

جڏهن ڦتڪا هڻي ورتائون ته چيائون: اسٽريچر تي ليٽ. پر هن چيو: مان ٺيڪ ٺاڪ آهيان. سو هلندو هتي اچي پهتو.

مجرم اسپتال مان ٿيلهي ڪڻي آيو آهي، ۽ گرم پاڻيءَ جي ٽاڪور پيو ڪريس. ابوبڪر، زبيري، نقوي، يوسف ٽالپر ۽ ٻيا تمام گهڻا سياسي قيدي ۽ عام قيدي ڪيس پڇڻ لاءِ آيا آهن ۽ ٻيا اچن.

اڄ سيءُ ڏاڍو آهي. علي حسن جي هڪ دوست ڪيس چيو، ”ڦتڪا ته هڻيائون، پر سيءُ ڏاڍو آهي، نوڪي ته ڏاڍو سيءُ لڳو هوندو.“ علي حسن کلي چيو، ”پهرين ڦتڪي سان ئي سيءُ ويو غائب ٿي. مون واري ڊبل روٽي گرم ٿي وئي.“

واري واري سان علي حسن کي مختلف همراهه ٽاڪور ڪري رهيا هئا. علي حسن کلي چيو، ”واهه لطيف سائين، تنهنجو جشن ملهايوسين ته اڄ ٻنڊڻ جي پيو ٽاڪور ڪرايان.“

اڳ ۾ لکيو اٿم ته ابوبڪر سان پراڻي دوستي آهي. گذريل دفعي سال کان مٿي جيل ۾ گڏ هو. تڏهن جي ۽ هاڻي جي ابوبڪر ۾ مون ڏاڍو فرق محسوس ڪيو آهي. گذريل

دفعي جنهن سان گڏ رهندو هو، انهيءَ جو اثر وٺيو ڇڏيندو هو، سکر سينٽر جيل ۾ ساڻس گڏ ڪنهيو لال هو. ڪنهيو لال ڏاڍو پڙهيل لکيل ۽ پلو ماڻهو هو، پر ڪڏهن ڪڏهن عجيب حرڪتون ڪندو هو. ڪنهيو، اڪثر فقط گوڏ ۾ ويٺو هوندو هو. ابوبڪر به سندس اثر قبول ڪيو. هن وارن ڪي ميندي هڻين ته ابوبڪر به ائين ڪيو. ۽ جڏهن هڪ دفعي اوندهه ۾ ڪنهيو گوڏ لاهي چڪر ڏيڻ لڳو ته ابوبڪر به سندس نقش قدم تي هليو. البت هڪ ڳالهه سا سٺي پرائين، ڪنهيو پڙهندو تمام گهڻو هو، سو ابوبڪر ۾ به پڙهڻ جي عادت پئي.

۽ جڏهن ڪراچي سينٽرل جيل ۾ رسول بخش پليجي صاحب سان گڏ هو، ته ابوبڪر پليجي صاحب جي اثر ۾ اچي ويو. پر انهيءَ مان فائدو اهو ٿيو ته پليجي جي وسيع سياسي ڄاڻ مان ابوبڪر گهڻو ڪجهه پرايو ۽ سندس انگريزي به ڪجهه سڌري. پر ڪندو اهو ٿي هو، جيئن پليجو صاحب ڪندو يا چوندو هوس.

پر هتي ابوبڪر ۾ تمام گهڻي تبديلي محسوس ڪئي اٿم. هاڻ هو ڏاڍو سنجيدو ٿي ويو آهي. عام ڳالهه ٻولهه يا سياسي بحث ۾ تمام سوچي ۽ احتياط سان ڳالهائي ٿو. سندس ڳالهائڻ مان، سندس سٺي ڄاڻ ۽ سٺي مطالعي جو به پتو پوي ٿو.

اڄ آيو ته (اڪثر ايندو آهي) مون ڪانئس ايم آر ڊي جي تحريڪ جي باري ۾ پڇيو. هن چيو: ”هي ڀيريون رائونڊ

آهي. ضيا صاحب جڏهن حيدرآباد آيو هو ته چيو هئائين سنڌ جا ماڻهو اڃا به ڇهه سال مارشل لا چاهين ٿا. اسان ڀڳائڻ تي گهريو ته ائين ناهي. اسين به ماڻهن کي رستن تي ڪڏهن سگهون ٿا. اسان اهو به ڏسڻ چاهيو ٿي ته ڪيتريون پارٽيون مارشل لا جو ساٿ ڏين ٿيون. ۽ ٻاهريان ملڪ، جيڪي پاڪستان کي مدد ڏين ٿا، انهن جي روين ۾ ڪهڙي تبديلي اچي ٿي، انهيءَ لحاظ کان اسين بلڪل ڪامياب وياسين. اسان دنيا کي ڏيکاري ڇڏيوسين ته: عوام جمهوريت چاهي ٿو. اسين وقت ۽ حالتون ڏسي وري نڪرنداسين.

رات ٿي چڪي آهي. اسين بند ٿي چڪا آهيون. اڄ سڄو ڏينهن علي حسن کي ڀڄڻ لاءِ ماڻهو ايندا رهيا، صبح جڏهن مجرم رنو بي ته مون کيس چيو: ”مجرم، علي حسن پهريون ماڻهو ناهي جنهنکي ڦٽڪا لڳا آهن. ڦٽڪن سان علي حسن، يا جن کي به ڦٽڪا لڳا آهن، اها انهن جي بيعزتي ڪانهي. اها انساندات جي بيعزتي آهي.“

۽ سڄو ڏينهن مجرم منهنجي اها ڳالهه، پنهنجي ڳالهه ڪيو، سيني جي آڏو ورجائيندو رهيو. ڪلهه مونکي خبر پئي ته هڪ سنڌي شاگرد اڳواڻ دودي مهديءَ کي تيهه ڦٽڪا لڳا هئا، جڏهن کيس ٽڪنڪيءَ تان لاٿاءون ته هن جهڪي ڌرتيءَ کي چميو ۽ چيائين: ”تنهنجي عظمت کي سلام، تنهنجي ڪري ڦٽڪا کائيندا رهنداسين.“

اڄ انور عباس نقوي ۽ امين خٽڪ وارن کي سڏايو ويو ۽

سندن نشانيون ڏنيون ويون. خبر گرم آهي ته سڀني ڪراچي وارن کي ڪراچي سينٽرل جيل سڏي، پوءِ آتان آزاد ڪندا. ڏسجي هن خبر ۾ ڪيتري سچائي آهي.
صبح جو نيرن ڪري اڃي اڃا ويٺو ئي هوس ته بابا ڀٽيهه‌خور اچي زوري آتاريو ته هلي اسان سان تاش ڪر. بابا ڀٽيهه‌خور جو نالو جمع خان آهي. تاش راند سندس ڪمزوري آهي، راند اچيس به پوري ساري، پر ڪندو ضرور. بقول دائود خان جي جيستائين هو ٽي ڀٽيهون نه کائيندو (هارائيندو نه) تيستائين ماني هضم نه ٿيندس. تنهنڪري دائود خان سندس نالو ئي بابا ڀٽيهه خور رکيو آهي. صبح جا نوَ مس ٿيندا جو دائود خان کي هندّ تان آتاريندو ته هلي راند ڪر. پاڻ ٿيندو به دائود خان جو ساٿي. ٻئي پاسي خٽڪ ۽ نقوي ويهندا، پوءِ جمع خان سڄي راند ۾ دائود خان جا دڙڪا پيو کائيندو. چو ته دائود خان هر حال ۾ راند کٽڻ چاهيندو آهي، پوءِ ڀل بي ايماني ڪرڻي پويس.
جمع خان آهي ڀلو ماڻهو، شل نه ڪنهنجي تڪليف جو ٻڌي، بي چين ٿي پوندو. مولابخش چانڊيو بيمار ٿي پيو آهي (اڙ ڪيل مڃن جي ڪري نه، واقعي بيمار آهي). هيٺ اسپتال ۾ ڪو پلنگ خالي نه هو، جمع خان يڪدم پنهنجو پلنگ ڏنس، ۽ پاڻ هيٺ پٽ تي ستو. مون جڏهن به جمع خان کان پڇيو، ”بابا، آپ کس کيس ميں ہيں؟“ ته چوندو، ”ڈھائی قتل ميں.“ ڏاڍو تعجب ٿيندو هوم ته اڍائي قتل ڪهڙو قصو آهي.
اڄ ڊاڪٽر پاڻو لي ۽ ڊاڪٽر اِمداد وتان ٿي، مولا بخش

چانڊ ئي ڪي ا. پتال پهچڻ وپس ته بابا ٻتيهه خور (جمع خان) به سندس پلنگ تي ويٺو هو. مان وچي پرسان ويٺس ته مولابخش مونکان پڇيو، "سائين، بابا جو قصو اوهان ٻڌو آهي." چيم "ٻڌائي ڪونه ٿو." مولا بخش، جمع خان کي چيو، "بابا، شاه صاحب کو تم اپنا کهانی بتائو نه." جمع خان چيو، "نه بابا، ہم نے سنا ہے يہ ہر بات کتاب ميں لکھے گا. ہم نہيں بتائے گا." مولا بخش کلي چيس، "نہيں لکھے گا، تم بتائو."

جمع خان مس مس پنهنجو قصو ٻڌائڻ تي راضي ٿيو، ۽ اڙدو سنڌي گاڏڙ لهجي ۾ ٻڌائڻ لڳو: "اسين اصل افغانستان جي شهر غزنيءَ جا آهيون. پر هاڻ بدين جي ڳوٺ سوني گونيءَ ۾ رهون ٿا. مان پنهنجي ڳوٺ مان، بلوچستان جي شهر لورالائي ويو هوس، ۽ هڪ ننڍي هوٽل ۾ چانهن پي رهيو هوس. انهن ڏينهن ۾ افغانستان جو بادشاهه ظاهر شاهه هو. هو نه فقط مسلمان بادشاهه هو، بلڪ اسلام پسند به هو. انهيءَ ڪري مان کيس پسند ڪندو هوس. پرسان واري ٽيبل تي ٻيا به پٺاڻ ويٺل هئا. ڳالهين ڳالهين ۾، هنن مان هڪ پٺاڻ ظاهر شاهه کي فحش گار ڏني. مونکي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ته هڪ مسلمان کي گار ڏني اٿس. مون کيس ڪاوڙ ۾ چيو، 'تو ظاهر شاهه کي گار ڏني آهي؟' چيائين، 'ها، مون هنکي گار ڏني آهي.' مونکي اڃان به ڪاوڙ لڳي، چيم، 'ايڏي همٿ اٿئي ته وري گار ڏيئي ڏيکار.' هن ڏاڍي بي پرواهيءَ ۽ بيحيائيءَ سان نه فقط ظاهر شاهه کي زن دختر

تي گاريون ڏنيون، بلڪ مونکي به اهڙي ئي گار ڏئي ڪڍي.
مان تپي باهه ٿي ويس. مون وٽ جرمن ريوالور هو، مون آهو ڪڍندي شرط، لوندڙي ۾ گولي ٺڪاءِ ڪرائيمانس. هنجو مٿو ڦاٽي پيو، ۽ ميڄالو نڪري آيس.
”اڃا مون پاڻ ڪونه سنڀاليو هو جو سندس سوٽ پويان اچي منهنجي ڪنڌ ۾ ٻانهن ڦيرائي، مونکي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مون هٿ ڦيرائي، سندس سيني ۾ گولي هڻي ڪڍي. جا سندس سينو چيريندي، پٺن مان نڪري، رستي تان ويندڙ هڪ ماڻهوءَ جي ٽنگ ۾ وڃي لڳي. هنجي ٽنگ ڀڄي پيئي. اهڙيءَ طرح اڏائي قتل ٿي ويا.
”جڏهن اِهي اڍائي قتل ٿي ويا، تڏهن مغز جاءِ آيو ته ڇا ٿي ويو آهي. پر انهيءَ کان اڳ جو مان ڪجهه سوچيان يا ڪيان، پوليس اچي ويئي. پوليس وارا مونکي قابو ڪرڻ لڳا ته مون کين چيو: ’خبردار جو مونکي هٿ لاتو اٿو. مان توهان سان گڏ هلان ٿو.‘ هاڻ هو منجهي پيا ته مونکي وٺي ڇا ۾ وڃن. رڪشا ۾، يا ڪنهن ٻي شيءِ ۾. پر مون کين چيو: ’مان ڪنهن به شيءِ ۾ نه هلندس. فقط پنڌ هلندس.‘
”هاڻ اهڙيءَ طرح اسين هلڻ لڳاسين جو وچ ۾ مان، ۽ منهنجي چئني پاسي هڪ هڪ پوليس وارو هو. فرلانگ پنڌ تي ٿاڻو هو، اسين آتي پهتاسين. صوبيدار ميانواليءَ جو هو ۽ ٽري سان پڳ پاتل هئس. منهنجي هٿ ۾ پستول ڏنائين ته هٿي ڪمري ۾ ڀڄي ويو. مون ريوالور ميز تي رکي ڇڏيو،

۽ ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. مون صوبيدار کي سڏ ڪيو، ’اوءِ، ٻاهر نڪر، مارائين ڪو نه ٿو.‘ مس مس، ڏچند و ڏچندو صوبيدار ٻاهر نڪتو. ۽ اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. هڪ سپاهيءَ مونکي چيو، ’اڙي هيٺ لهي ويهه.‘ مون اکيون ڪڍيون، ڪاوڙ ۾ کيس چيو، ’اوءِ زبان بند رک. مان اتي ئي ويٺو رهندس.‘ صوبيدار ريوالور ڪڍي هنکي ڦيرائڻ گهيرائڻ لڳو. مون کيس چيو: ’اوءِ بيوقوف ڪا بچا. ڀهر ين هنکي ان لوڊ ته ڪر.‘ پر هنکي ريوالور ان لوڊ ڪرڻ نه آيو. مون رڙ ڪري چيو، ’اوءِ، ڇا ٿو ڪرين. ريوالور ڀريل آهي. ڀاڪي ٺي نه ماري وجهين.‘ مون ڪانئس ريوالور وٺي، هنجو بٽڻ دٻائي، ميگزين ڪڍي ٻاهر ڪئي. ۽ ريوالور کيس ڏنم.

”لاش اڃا انهيءَ هوٽل ۾ پيا هئا. پوليس مونکي جاءِ واردات تي وٺي هلي. آتي لکا پڙهي تي، ۽ پوءِ مونکي نندي جيل اماڻيو ويو. منهنجو ڪيس پنج مهينا جرگي ۾ هلندو رهيو. رستي ۾ ايندي ويندي مون آهو گهر به ڏٺو، جيڪو فوتي وارن جو هو.

”پنجن مهينن کانپوءِ مونکي اسسٽنٽ ڪمشنر سڏيو، جيڪو آتي جو پولٽيڪل ايجنٽ به هو. هن مونکي ڏسي چيو: ’تو ڇو اهي قتل ڪيا. توکي جرگي ويهه سال سزا ڏني آهي.‘ مون جرگي کي گاريون ڏنيون ۽ چيو: ’اسسٽنٽ، تون مونکي ٻڌائي، جيڪڏهن ڪو توکي زن د ختر تي گاريون ڏي ته تون ڇا ڪندين؟ ظاهر شاهه مسلمان بادشاهه آهي، هنکي

(فوتيءَ کي) ڪهڙو حق ٿو پهچي جو هڪ مسلمان بادشاهه کي گار ڏي. هن مونکي ٻه زن دختر گاريون ڏنيون.' اسسٽنٽ ڪمشنر مونڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، 'سزا ته توکي لڳي چڪي آهي . انهيءَ لاءِ مان ڪجهه نٿو ڪري سگهان . مان فقط ايترو ٿو ڪري سگهان جو تنهنجي سزا کي ڪانڪريٽ ڪري ٿو ڇڏيان، يعني سزا ۾ ڏينهن رات گڏبا ۽ سزا ڏهه سال ٿي وينديِ .'

"مان انهيءَ تي خوش ٿيس ته اڌ سزا ته يڪدم معاف ٿي ويئي. جڏهن مان جيل پهتس ته مونکي جيتوڻيڪ ڏنڊا پيڙي لڳل هئي ، ته به مان خوشيءَ ۾ نچڻ لڳس. قيدي سائين مونکان پڇيو، 'چو پيو نچين آزاد ٿي وئين ڇا؟ مون چيو 'اهو ٿي سمجهو. اڌ سزا معاف ٿي ته ڇڙ ڇٽس.'

"ڪجهه مهينا گذريا هئا ته منهنجي مَنَ ۾ برائي آئي . مون جيل مان ڀڄڻ جو پروگرام ٺاهيو. جنهن بئرڪ ۾ مان رهندو هوس، انهيءَ جي تالي کي ڏٺم، ۽ تالي جو نمبر نوٽ ڪري انهيءَ نمبر جي چاٻي ٻاهران گهرائڻ لاءِ هڪ همراهه کي ويهه روپيا ڏنم . ٻن ٽن ڏينهن ۾ مونکي انهيءَ نمبر جي چاٻي ملي ويئي. ڏينهن جو سڀني کان اک بچائي مون چاٻي تالي ۾ وجهي، تالي کي کولي ڏٺو . تالو کلي ويو . پوءِ تالي کي بند ڪري ڇڏيم .

"شام جو بند ٿيڻ کانپوءِ مان وڃي پنهنجي هنڌ تي ويهي رهيس. ۽ ٿوري دير کانپوءِ ليٽي پيس. آها وڏي بئرڪ هئي، پر سڄي بئرڪ ۾ ڏهه ٻارنهن قيدي مس هئا، ۽ هرڪو پري

ڀري ستو پيو هو. جنهن وقت رات جا ٻارنهن لڳا، مان آهستي آهستي اُٿيس. هيڏانهن هوڏانهن نگاهه وڌم، سيئي ستا پيا هئا. مون ڪاٺ جو دروازو کوليو (١) ٿڌي هوا جا جهوٽا اندر اچڻ لڳا. مون ٻاهر نظر وڌي، ٻاهر سخت اونداهه هئي. در جي سامهون پوليس وارو ٻاهه جو مچ ٻاريو ويٺو هو. ٻر مونڏانهن سندس پٺ هئي. مون آهستي سان هٿ ٻاهر ڪڍي، چاٻي تالي جي سوراخ ۾ وجهي، آهستي آهستي ڦيرائي — تالو کلي پيو. مون بنا آواز جي تالو ڪنڊي مان ڪڍي ٻاهر ڪيو، ۽ دروازو کولي ٻاهر نڪتس. دروازي ۾ تالو هڻي ڇڏيم ۽ ڪاٺ جو در بند ڪري ڇڏيم. مون ٻئرڪ مان چار ڪمبل به ڪڍي ورتا هئا، ۽ مون آها جاءِ اڳ ۾ ئي جانچي ڇڏي هئي، جتان مونکي پٽ ٽپڻي هئي. مونکي ڏنڊا ٻيڙي لڳل هئي، جنهنکي مون مضبوطيءَ سان ٽنگن سان ٻڌي ڇڏيو هو ته جيئن کڙ کڙ نه ڪن. مان آهستي آهستي، پير پير ۾ ڏيندو پوليس واري جي پوٺان ٿي، انهيءَ هنڌ پهتس، جتان مونکي پٽ ٽپڻي هئي. ٻاهر ٻن پٽ جي وچ ۾ هڪ ڪاٺ لڳل هو، مون هڪ هڪ ڪري چارئي ڪمبل ڪاٺ تي ڦٽا ڪيا، ۽ جيئن تيئن ڪري انهيءَ تي چڙهي ويس. ۽ پوءِ ڪمبلن کي پٽ تي رکي، پاڻ به گهلجي گهلجي، مٿي ويس. مٿي پٽ تي چڙهيس ته ٿڌي هوا هئي

(١) انهيءَ پاسي جيئن ته سيءُ گهڻو ٿئي ۽ برف به پوي، تنهنڪري لوهي شيخن واري دروازي کان علاوه ڪاٺ جو دروازو به ٺهندو آهي ته جيئن سيءُ کان ڪجهه بچاءُ ٿئي.

سُڪائي وڌو. مون چارئي ڪمبل ٻاهرين پاسي هڪ هڪ ڪري ڦٽا ڪيا، ۽ پاڻکي انهن ڪمبلن جي مٿان ڪٿي اڇلايم. ڪريس ته ڪمبلن جي مٿان، پر جيئن ته پٽ چڱي مٿي هئي تنهنڪري ڌڪ چڱو لڳو. اکين اڳيان اونداهه ڇانئجي ويئي. پر انهيءَ وقت اٿي ترسڻ خطري وارو هو، تنهنڪري آءٌ جلدي وٺي ڀڳس. جيل کان پريان پهتس ته ڪو وڏو پٿر ڳولهڻ لڳس ته جيئن ڏندا ڀيڙيءَ جي ڪليءَ کي ڌڪ هڻي ڪڍي سگهان. پر سخت سيءَ ڪري پٿر پاڻ ۾ چنبڙي پيا هئا، ۽ مونکي ڪوبه پٿر نه مليو.

مان هلندو نديءَ جي هڪ ڪناري تي پهتس. مون سوچيو ته نديءَ جي ڪناري مونکي پٿر ضرور ملي ويندو. پر سخت ڳولها جي باوجود به مونکي ڪهڙبل پٿر نه مليو. نيٺ مون پٿر جي ڳولها ڇڏي ڏني ۽ اڳيان وڌڻ لڳس. ٽي ميل ڪن اڳتي هڪڙو ڳوٺڙو هو ناڪس. آتي منهنجو هڪ دوست رهندو هو. مان هن جي گهر پهتس ۽ وڃي در کڙڪايم. اڌ رات گذري ويئي هئي. گهر وارا گهري ننڊ ۾ هئا. مس مس در کليو. در منهنجي دوست جي زال کوليو. مون کانئس پڇيو، ’عبدالله آهي؟‘ چيائين، ’ها آهي.‘ چيم، ’هنکي آثار ۽ ٻتي ٻار. مان سندس دوست آهيان.‘ مائي وڃي مڙس کي آثار ڏيو ۽ ٻتي ٻار ٻائين. عبدالله اٿي آيو، مونکي ڏنائين ته حيران ٿي ويو. مون کيس ٻڌايو ته: ’مان جيل مان ڀڄي آيو آهيان.‘ هن مونکان ڪارڻ نه پڇيو، ۽ زال کي چيائين، ’تون جلديءَ سان ماني تيار ڪر.‘ هوءَ ماني

تيار ڪرڻ وئي ۽ مون عبدالله کي چيو، ’تون منهنجي ڏندا ٻيڙي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪر. مان روشني ٽيڻ کان اڳ هتان نڪري وڃڻ ٿو گهران.‘ عبدالله مونکي پاڻ وٽ رهڻ تي اصرار ڪيو، پر مون ڪيس ٻڌايو ته هتي رهڻ ۾ خطرو آهي، ڇو ته جيل هتان ويجهو ئي آهي.

”هن جي زال سيرو ۽ ماني کڻي آئي. مون ۽ عبدالله جيئن تيئن ڪري ڏندا ٻيڙي ٽوڙي. مون ماني ديؤ ڪري کاڌي، هن تي پناڻڪيون مانيون مونکي پچائي ڏنيون. پناڻڪيون مانيون تمام رڌيون ۽ ٿلهيون هونديون آهن. مون مانيون ڪپڙي ۾ ٻڌيون ۽ ڪمبل کڻي هنن کان موڪلائي ٻاهر نڪري آيس. پرسان ئي هڪ جبل هو، مان هن تي چڙهڻ لڳس. جبل آيو هو، چڙهڻ ۾ ڏاڍو ڏکيو هو، پر جيئن تيئن ڪري چڙهي ويس. جڏهن مٿي پهتس ته اتي ڪافي جاءِ هئي. مان ٻه ڪمبل هيٺ وڇائي ۽ ٻه مٿان ڪري سمهي رهيس. مونکي يڪدم ننڊ اچي ويئي. جڏهن اک کلي ته سج چڱو مٿي چڙهي چڪو هو. اندازو لڳايم ته ڏينهن جا ٻارنهن ڪن ته ٿيا هوندا. جبل جي هيٺان نظر ڪيم ته ڪيترا پوليس وارا هيڏانهن هوڏانهن ڦريا پئي. سمجهي ويس ته اهي ڳولها ۾ هئا. پر ڪنهنجو ڌيان انهيءَ پاسي نه ويو ته مان جبل جي چوٽيءَ تي چڙهيو ويٺو آهيان.

”ڪجهه ڪلاڪن کانپوءِ مونکي بک لڳي ته مون پوتڙي ۾ ٻڌل ماني ڪڍي کاڌي ۽ جبل جي پريئين پاسي لهي هڪ چشمي مان پاڻي پي، وري چوٽيءَ تي چڙهي سمهي

رهيس. وري به مونکي ننڊ اچي ويئي. ۽ جڏهن اک کلي ته سج لهي چڪو هو. هاڻ سيءُ وڏي چڪو هو. مان آهستي آهستي ڪري جبل تان لٿس. لو رالائي آتان ٿي ڪن ميل پري هو. مان شهر ڏانهن آيس. جڏهن شهر ۾ پهتس ته رات ٿي چڪي هئي، مان سڌو فوتي وارن جي پاڙي ۾ ويس، آتان مسجد مان هڪ قرآن شريف کڻي فوتي وارن جي گهر پهتس. در جو ڪڙو کڙڪايم. دروازو کليو ته مان اندر گهڙي پيس. اندر بتي بري پئي ۽ گهر جا گهڻي ڀاڱي سمورا افراد (زالون مڙدين) هڪ ئي هنڌ موجود هئا. زالون ته مونکي ڪو نه سڃاڻنديون هيون، باقي مردن مونکي ڪيس هلندي ڏٺو هو. مان وڏي هنن جي سامهون پهتس، قرآن شريف منهنجي هٿن ۾ هو. هو سڀئي مونکي حيرت منجهان ڏسي رهيا هئا. مون کين چيو: 'مون توهانجا ٻه ماڻهو ماريا آهن، مان توهانجو ڏوهي آهيان. جيتوڻيڪ مونکي اوهان سان يا مري ويلن سان ڪابه دشمني نه هئي. هنن ناحق هڪ مسلمان بادشاهه ۽ پوءِ مونکي ٻه گاريون ڏنيون. مون منع به ڪئيمان پر هو نه مڙيا. جيڪڏهن منهنجي جاءِ تي اوهين هجو ها ته اوهين ڇا ڪيو ها. ڇا توهان گار برداشت ڪريو ها؟ هاڻ مان اوهانجي اڳيان آهيان، مون برابر اوهانجا ٻه ماڻهو ماريا آهن. جرڳي مونکي ويهه سال جي سزا ڏني آهي. جيڪڏهن اوهين سمجهو ٿا ته مان ڏوهاري آهيان ته مان اوهانجي اڳيان بيٺو آهيان. مونکي جرڳي جي سزا قبول ڪونهي. آءٌ جيل مان ڀڄي آيو آهيان، اوهان جيڪڏهن

مونکي گولي هڻي ماريندا ته به مونکي قبول آهي. مان غريب ماڻهو آهيان، پر جيڪڏهن ڏنڊ رکندا ته آهو به گوٺ پهچي آهستي آهستي پري ڏيندس.'

"هڪ ماڻهو، جيڪو سندن بزرگ ٿي لڳو، هو آڏي آيو، ۽ مونکان پڇيائين، 'قرآن شريف ڪٿان آندو اٿئي؟' چيومانس، 'او هانجي پاڙي جي مسجد مان کنيو اٿم.' هن منهنجي هٿ مان قرآن شريف وٺي، چمي، مٿي تختي تي رکيو ۽ چيائين، 'اسان توکي خون بخش ڪيا. رواج موجب جيڪڏهن تون پنسا ڏيئي گهرين ته پلي ڏجانءِ. ٻاهر پوليس تنهنجي سخت ڳولها ۾ آهي. تون اسانوٽ آيو آهين، تون هاڻ اسانجي پناهه ۾ آهين. تون ايستائين هتي رهه، جيستائين ڏاپر نه ٿئي. پوءِ پل گهر هليو وڃجانءِ.'

"هن مونکي مانس ڪارائي ۽ منهنجي سمهڻ جو بندوبست ڪيو. هن مون تي وڏو احسان ڪيو. نه فقط خونَ بخش ڪيا، بلڪ پناهه ڏيئي پنهنجي گهر ۾ به رهاياٿون. مان ڇهه ڏينهن هنن جي گهر هوس، پر سڀني جو مون سان اهڙو ورتاءُ هو، جهڙو مان سندن ڪو عزيز هجان. ستين ڏينهن سندن گهر، پاڙي جي هڪ عورت آئي. گهر جا ٻيا سڀئي ٻاتي ٻنين تي ويل هئا. گهر ۾ فقط هڪ نوجوان ڪنواري ڇوڪري هئي. اسين ٻئي اگڻ ۾ ويٺا هئاسين. هن عورت مونکي حيرت سان ڏٺو ۽ هن ڇوڪريءَ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. ۽ پوءِ هن کان پڇيائين، 'هيءُ ڪير آهي.' هن ٻڌايو

تہ: هيءُ اسانجو عزيز آهي. هُنَ ڪانئس پڇيو، 'هيءُ تنهنجو يار آهي ڇا؟' (١) هوءَ ننڍي عمر جي هئي، ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هُنَ، هنڪي ٻڌايو ڇڏيو تہ: 'هيءُ آهو ئي آهي، جنهن اسانجن ٻن ماڻهن کي ماريو هو.'

"هن جي..." لالي هن عورت کي گار ڏيندي چيو (جمع خان هر جملي ۾ ٻہ ٽي گاريون ضرور ڏيندو هو.) "هوءَ حرامزادي جيئن گهر ويئي، وڃي مڙسس کي، سندس زال کي.... (هن وري گار ڏني) ٻڌايائين تہ هو فلاڻن جو قاتل سندن ئي گهر ۾ ويٺو آهي. وڃي پوليس کي خبر ڪر، انعام ملندئي. هن ذليل، سندس رن کي... ، وڃي پوليس ۾ رپورٽ ڪئي. ٿوري دير ۾ پوليس جون ٽرڪون ڀرجي آيون ۽ گهر کي گهيرو ڪري ورتائون. ۽ پوءِ پوليس گهر جي اندر گهڙي آئي، ۽ مونکي گرفتار ڪري وٺي ويئي. هنن جا سمورا مڙد بہ مونکي پناهہ ڏيڻ جي الزام ۾ ٻڌجي ويا. ۽ سيني کي ٽي ٽي مهينا سزا لڳي.

"۽ پوءِ مونکي حيدرآباد سينٽرل جيل اماڻيائون. ڪيترو وقت تہ مان بند وارڊ ۾ هوس. هتي مونکي ڏاڍو ماريائون. پر جيئن مونکي ماريندا هئا، مان تيئن گاريون ڏيندو هوس. ۽ ڪم ڪان بہ آنگوٺو هوندو هو.

"اهڙيءَ طرح ڪافي سال گذري ويا. ۽ پوءِ مان بيمار ٿي

(١) يار دوست کي چون. يار سان پيار ڪري سگهجي ٿو، وڏيڪ ڪجهہ نہ.

پيس، منهنجو هڪڙو آنڊو وڌي ويو هو. پهرين مونکي جيل جي اسپتال ۾ رکيائون، هتي مونکي ۶ نمبر بيڊ مليل هو. ۽ پوءِ سول اسپتال اماڻيائون، اتفاق سان آتي O.P.D نمبر ٥ ۾ وڃڻو پيو. سول اسپتال جي ڊاڪٽر مونکي ڏندا پيڙي لڳل ڏٺي ته يڪدم مونکي واپس جيل موڪليائين ۽ لکي موڪليائين ته: ڏندا پيڙي لاهي پوءِ موڪليو. پوليس مونکي وري جيل وٺي ويئي، آتي منهنجي ڏندا پيڙي لاٿي ويئي ۽ مونکي واپس اسپتال موڪليو ويو. سرجن وٽ پهتس، ڏاڍو سهڻو نوجوان هو. منهنجي پيٽ کي جهلي پڇيائين، 'هتي تڪليف اٿئي؟' مون پشتو ۾ ڪيس ڪجهي گار ڏيندي ڀڻڪيو: اهو ڪندو منهنجو علاج. هن مونڏانهن ڏٺو ۽ مونکي داخل ڪري ڄامشوري اسپتال موڪلي ڇڏيو. اتفاق سان آتي به مونکي پنجون نمبر بيڊ مليو.

"ٻئي ڏينهن ساڳيو ڊاڪٽر پوري اٽالي سان وارڊ ۾ آيو. ٻين مريضن کي سرسري طرح ڏسي، سڌو مون وٽ آيو. مونکي ڏسي مرڪيو ۽ چيائين، 'ڪيئن آهين.' چيومانس، 'ٺيڪ آهيان.' مرڪي پڇيائين، 'ڪلهه جنهن وقت مون تنهنجي پيٽ جو معائنو ڪيو ته تو ڇا پئي چيو.' مونکي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. مون چيو، 'مون ته ڪجهه ڪو نه چيو هو.' چيائين، 'ڪوڙ نه ڳالهاءِ. مان پٺاڻ آهيان. تو جيڪو ڪجهه پشتو ۾ چيو، مون سڀ سمجهيو هو. هاڻ اهو سڀ ڪجهه اردوءَ ۾ چئي ٻڌاءِ. جيڪو ڪلهه چيو هئين.' مون شرم سان ڪنڌ ڪاني جهڪايو، ۽ ماٺ ڪيو ويٺو رهيس.

هن وري چيو، ’اهو سڀ ڪجهه اڙدوءَ ۾ چئي ٻڌاءِ نه ته اهڙي سوئي هٿند وسائين جو سور ۾ ڦٿڪندين ۽ اهڙي حالت ۾ توکي جيل واپس اماڻي ڇڏيندس.‘ لاچار ڪريان ته ڇا ڪريان، مون ساڳيون گاريون اڙدوءَ ۾ چئي ٻڌايون.
هو زنده دل ڊاڪٽر هو، اعجاز نالو هوس. هن وڏو ٽهڪ ڏنو، ٻيا سيئي به کلڻ لڳا. سچ پچ مونکي ڏاڍو شرم آيو ته مون هي ڇا ڪيو.
”منهنجي آپريشن لاءِ جمعي جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو. (انهن ڏينهن ۾ سرڪاري موڪل آچر جي ڏينهن هوندي هئي). جنهن وقت مونکي آپريشن ٿيئٽر وٺي وڃڻ لاءِ آيا ته مون وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيم: ’اڄ جمعي جو پلارو ڏينهن آهي. اڄ عبادت جو ڏينهن آهي. اڄ مان آپريشن ڪونه ڪرائيندس.‘ هنن ڏاڍا زور ڪيا، پر منهنجي يڪي ناڪار هئي.
نيٺ هنن ڊاڪٽر کي فون ڪري ٻڌايو، جيڪو آپريشن ٿيئٽر ۾ هو. ڊاڪٽر چين: ’ٺيڪ آهي، ڪائنس پڇو ته ڪهڙي ڏينهن آپريشن ڪرائيندو.‘ مون کين اڱاري لاءِ چيو.
”اڱاري جي ڏينهن آپريشن ٿيو. منهنجو اندو ڪٽي، اندي ۾ هڪ پيو ٽڪر هنيائون. مونکي خبر نه آهي ته اهو ڪٽي جو هو يا ٻلي جو. پوءِ مونکي وارڊ ۾ کڻي آيا، ڪافي دير کانپوءِ مونکي هوش آيو. جڏهن مونکي هوش آيو ته ڏٺم ته منهنجي سيراندي کان هڪ نرس ويٺي هئي. مون هنکي چيو، ’مونکي اڄ لڳي آهي.‘ هن مونکي پاڻي ڏنو. مون

ٻاٽي پيتو، جڏهن ٻاٽي منهنجي پيٽ ۾ ويو ته مونکي لڳو ته ڇڻ هاڻ مونکي ساهه پيو اٿي. مون تي ٻن پوليس وارن جي ڊيوٽي هئي، جن مان هڪ جو نالو خان آفسر هو.

”ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن مان هلڻ گهمڻ جهڙو ٿيس ته پوليس وارن سان گڏ ٻاهر به چڪر ڏيڻ ويندو هوس. پوليس وارن سان هاڻ چڱي دوستي ٿي ويئي هئي. هڪ دفعي جڏهن رڳو خان آفسر پوليس وارو مون سان هو ته هن مونکي چيو، ’لالا، تون سخت بيمار آهين. ٿي سگهي ٿو تون هتي ئي مري پوين. بهتر آهي ته هتان ڀڄي وڃ، آءٌ تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.‘ چيائين، ’تون انهيءَ ڳالهه تي سوچجانءِ.‘

”هن ٻئي ڏينهن به مونکي اهو ئي چيو، ۽ هاڻ مان به سنجيدگيءَ سان انهي ڳالهه تي سوچڻ لڳس. ۽ نيٺ مان انهيءَ ڳالهه تي تيار ٿي ويس. آپريشن جي ستين ڏينهن مون ڀڄڻ جو پروگرام ٺاهيو. هڪ ڏينهن ٽنپهرن جو ٻيو پوليس وارو ڊيوٽي تي هو. ٽنپهرن جو خان آفسر آيو. ٻئي پوليس واري کي انهيءَ وقت آفسر کي ڏسي حيرت ٿي ۽ هن چيو، ’تون هن وقت ڪيئن آيو آهين. تنهنجي ڊيوٽي ته رات جو آهي.‘ خان افسر ٻڌايو ته ٿورو منجهي پيو، پوءِ چيائين، ’ائين ئي هتي ٿورو ڪم هو. ۽ توسان ملڻ به آيس.‘

”خان افسر سان طي ٿيل هو ته مان کيس چار هزار ست سؤ روپيا ڏيندس. مون کيس اهي پئسا ڏنا. ٻئي پوليس واري هنکي پئسا ڏيندي ڏٺو، پر هن ڪان، ۽ نه مونکان پڇيائين

ته اهي پئسا تو چو ڏنا. هن سمجهيو هوندو ته شايد مون کنهن ڪم ڪار جي لاءِ هنکي ڏنا آهن.

”خان آفسر ويو هليو. مون انهيءَ نرس کي پاسيرو سڏي کيس سؤ روپيا پوتيءَ جا ڏنا، مون هنکي ڏي ڪيو هو. کيس چيم، ’مان اڄ رات هتان ڀڄيو پيو وڃان. پوڙهو ماڻهو آهيان، بيمار به آهيان. اسپتال يا جيل ۾ مران، انهيءَ کان بهتر آهي ته مان ڳوٺ وڃي مران.‘ هن مرڪي چيو، ’تنهنجي مرضي.‘

”شام جو خان آفسر پنهنجي ڊيوٽيءَ تي آيو ۽ روز وانگر مان ٻاهر چڪر تي هن سان گڏ نڪتس. هر روز جنهن پاسي ويندو هوس، انهيءَ پاسي نه وڃي، مين گيٽ تي آياسين. خان آفسر مونکي چيو، ’تون ٽرين ۾ نه وڃجانءِ، تنهنجا ٽانڪا اڃا ڪچا آهن، متان کلي نه پون. تنهنڪري تنهنجي لاءِ بس ۾ وڃڻ ئي مناسب آهي. سامهون سرڪاري بس بيٺي هئي، خان آفسر اچي مون کي انهيءَ بس ۾ ويهاريو. مون خان آفسر کي چيو ته ’مان پنهنجي ڳوٺ بدين ويندس. پر جڏهن بس ڦاٽڪ وٽ پهتي ته مان بس مان لهي پيس، ۽ جبل جو رخ ورتم، ۽ هلندو ويس، جيترو ٿي سگهيو ٿي، مون هتان پري ٿيڻ ٿي گهريو. رستي ۾ ڪوسن ۽ مري قبيلن جا لڏا مليا پي، جيڪي پنهنجون رڍون ۽ ٻڪريون وٺيو، ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي وڃيو ويهندا آهن، مونکي ڪڏهن هنن وٽان ماني ٽڪر مليو ٿي ته واهه، نه ته اڃيو بکيو هلندو رهيس. سڀ ڏهاڙي کان ڇاڇي بڄهي پري رهيس،

ڇو تہ ڪٽرجڻ جو ڊپ هو. مون وٽ اچا بہ ٻہ هزارن کان مٿي پئسا هئا، جيڪي مون آپريشن واري جاءِ تي ڪپڙي سان ڇڪي ٻڌي ڇڏيا هئا، تہ جيئن ٽانڪا نہ کلن.

”نيمٽ ساڍن پنجن ڏينهن کانپوءِ مان سهراب ڳوٺ (ڪراچي پهتس). منهنجو تازو آپريشن ٿيل هو نہ تہ تکو هلي جلدي پهچي وڃان ها.

”هوا بندر (ڪلفٽن) تي، غازي عبدالله بابا جي مزار جي سامهون منهنجي هڪ دوست جو گهر هو. مان سڌو انهيءَ جي گهر ويس. ڪڙو کڙڪايم، منهنجي دوست جي زال در تي آئي. مون کانئس پڇيو، 'فلاڻو گهر آهي.' هن چيو، 'گهر ۾ موجود ڪونهي.' مون کيس ٻڌايو تہ، 'مان سندس دوست آهيان ۽ مونکي اندر اچڻ ڏي.' هن هٽي مونکي اندر اچڻ ڏنو.

”مونکي اسپتال جا ڪپڙا پيا هئا. هن منهنجي ڪپڙن ڏانهن عجب مان ڏسندي چيو، 'هي کهڙا ڪپڙا پيل اٿئي.' مون کيس چيو، 'هي تڪليف جي ڏينهن جا ڪپڙا آهن. تون مونکي پيا ڪپڙا ڏي، تہ مان اهي بدلايان.' هن مونکي پنهنجي مڙس جو وڳو ڏنو. مون آهو پائي، پنهنجو لاهي هنکي ڏنو تہ: هنکي ضائع ڪري ڇڏ. هن جي گهر ۾ تنور هو، جيڪو انهيءَ وقت ٻري رهيو هو. هن آهو وڳو تنور ۾ اڇليو، جيڪو ڪجهہ ئي دير ۾ سڙي ڪامي ويو.

”مان آها رات هنجي گهر رهيس. منهنجو دوست بہ اچي ويو. مون کيس سڄي ڳالهہ پيرائتي ڪري ٻڌائي. پوءِ دوست

جي صلاح سان هڪ ڊاڪٽر وٽ ٽانڪا کولائڻ ويس ۽ هنڪي ڪوڙو قصو ٻڌائڻو پيو ته: ڪوئٽا ۾ آپريشن ڪرايو اٿم، آتي ڊاڪٽر لاپرواهه هو، تنهنڪري ٽانڪا ڪانئس، نه کولايم تنهنجي ساراهه ٻڌي تو وٽ آيو آهيان. پوءِ هن منهنجا ٽانڪا کوليا.

”پئي ڏينهن مان لسٻيلي هليو ويس. ڪجهه ڏينهن جي ڊوڙ ڊڪ ڪانپوءِ مونکي آتي هڪ ننڍي رستي جو ٺيڪو ملي ويو. مون آهو ڪٽي ورتو. ڪجهه پئسا ته مون وٽ هئا، پيا مون گهران گهرائي ورتا. انهيءَ ٺيڪي مان مون ٽيهه پنجٽيهه هزار روپيا ڪمائي ورتا. ٿورن ڏينهن لاءِ گوٺ ويس، پر وري لسٻيلي موٽي آيس.

”اهڙيءَ طرح ڏهه سال گذري ويا. هاڻ ته مونکي به ذري گهٽ اها ڳالهه وسري وئي هئي ته مان ڪو جيل مان ڀڄل آهيان. پوءِ مان حيدرآباد ايندو ويندو رهندو هوس. پر مصيبت اها ٿي پئي جو جڏهن به حيدرآباد ايندو هوس، اتفاق سان خان آفسر منهن پئجي ويندو هو، ۽ هر دفعي مونکي ڪيس پنجاهه سؤ روپيا ڏيڻا پوندا هئا. پر پوءِ مون سوچيو: ڀلا هر دفعي مان ڪيس پئسا ڇو ڏيان. اهڙيءَ طرح ته هيءُ سڄي چمار پيو ڦريندو.

”هڪ ڏينهن حيدرآباد ۾، مارڪيٽ وٽ، نگاهه ڪريمي هوٽل جي پرسان آزاد محمدي هوٽل ۾ ماني کائي رهيو هوس، ته ايتريءَ ۾ خان آفسر ۽ سندس هڪ پوليس وارو دوست به هوٽل ۾ گهڙيا. مون تي نظر پئي ته سڌا مون وٽ اچي

ويٺا. مون خان آفسر ۽ سندس دوست لاءِ فقط چانهن گهرائي ۽ ڌانهن توجہ نہ ڏنم. خان آفسر چانهن پي پنهنجي دوست کي چيو، ’تون ويهہ، مونکي ٿورو ڪم آهي، مان اچان ٿو.‘ هو اٿي ٻاهر ويو، ٿوري دير ۾ ڏٺم تہ هوٽل کي پوليس گهيرو ڪري ويٺي آهي. پر مونکي اهو شڪ ٿي ڪونہ هو تہ خان افسر پوليس کي منهنجو پتو ڏنو هوندو. پوليس وارا مونڏانهن وڌ يا، مون پنهنجي ريوالور کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، پر افسوس، ريوالور ڪمري ۾ رهجي ويو هو. A.S.I سلطان شاهہ وڌي منهنجي ويجهو آيو، ۽ چوڻ لڳو، ’مونکي تو ۾ شڪ آهي، تنهنجي خلاف ڪنهن رپورٽ لکرائي آهي، تون مون سان مارڪيٽ ٿاڻي تي هل.‘ اوچتو منهنجي نظر هوٽل جي در تي پئي، در وٽ خان آفسر بيٺو هو. مان سمجهي ويس تہ هيءَ سڄي حرامپائي هن ماڻهوءَ جي... جي آهي. مان جيستائين کيس پئسا ڏيندو رهيس، هيءُ ٺيڪ هو. جڏهن مون کيس پئسا نہ ڏنا تہ هن وڃي مون تي رپورٽ ڪئي.

”سلطان شاهہ مونکي مارڪيٽ ٿاڻي تي وٺي آيو. منهنجي کيسي ۾ نوَ سؤ روپيا روڪ هئا، هن اهي ڪڍي ورتا، منهنجي واچ بہ لاٿائين ۽ ٻيون بہ جيڪي منڊيون ٻنڊيون هيون، سي بہ لاهي ورتائين. منهنجي واچ جو مونکي اهڙو ڏک ٿيو، ڇو ته ڪنهن منهنجي زال سان ٻرو ڪم ڪيو هجي. مان سلطان شاهہ کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندس. او هين بہ سيد آهيو، هو بہ سيد آهي. مان سيدن جي چانئٺ جو ڪتو آهيان، پر ياد رکو مان هن سيد کي ڪڏهن نہ بخشيندس. منهنجي سورنهن

سؤ روپين جو مال هن ڦٻايو آهي يا ته مونکي ايترا پئسا ڀري ڏي، نه ته پوءِ حساب ڪتاب ٿيندو. باقي رهيو خان آفسر، هنجي زال.... هنکي ته مان علائقا غير ڪٺي ويندس.

”مارڪيٽ ٿاڻي وارن ڄامشوري ٿاڻي کي فون تي منهنجي گرفتاريءَ جو اطلاع ڏنو، ڇاڪاڻ ته منهنجي پٺيان جو ڪيس آتي درج هو، ۽ ڄامشوري واري اسپتال انهيءَ ٿاڻي جي حد ۾ هئي.

”ٻئي ڏينهن ڄامشوري ٿاڻي وارا مونکي وٺي ويا، ۽ پوءِ سينٽرل جيل وارن کي اطلاع ڏناؤن ته اسين جمع خان کي وٺي ٿا اچون. مونکي پڪ هئي جيل وارا ضرور مون سان وڙهندا (ماريندا)، تنهنڪري مون سوچي ورتو هو ته مان هنن سان وڙهندس، پاڙيو ڪونه ٿيندس.

”جڏهن مان جيل تي پهتس ته ڊپٽي (ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ) نواز (جيڪو هاڻ سپرنٽنڊنٽ آهي) ساڙيءَ ۾ بيٺو هو. مونکي ڏنائين ته چيائين، ’اچي وٺين. مونکي تنهنجو ئي انتظار هو.‘ پر هن جي آواز ۾ ڪاوڙ نه هئي. هن منهنجو ڪم ڪاري فئڪٽريءَ ۾ لکي ڇڏيو. ۽ مان آتي چرخو هلائڻ لڳس. چرخو ڇا هلائيندو هوس، ڇڙا پندرنهن منٽ هلائي، سمهي پوندو هوس. ڪيترا ڀيرا ڊپٽي آيو، مونکي ستل ڏٺائين پر ڪجهه ڪونه چيائين.

”هڪ ڏينهن سپرنٽنڊنٽ نور الاهي انهن سڀني قيدين کي، پاڻ وٽ سڏايو، جيڪي جيلن مان ڀڳا هئا. ڪل ايڪيهه ڄڻا هئا. سڀئي آفيس ۾ وياسين. مان به انهن ۾ هوس. نور الاهي

ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو، 'ٽون، ٽون، ٽون.' مونکي ڏنائين، هاڻ مان پوڙهو ٿي ويو هوس، اڇي ڏاڙهي هئي. ٻ ٻئي نواز منهنجي ساراهه به ڪئي. نور الاهي ويهن کي ڏندا ٻيڙي هٿائي، پر مونکي ڇڏي ڏنائين.

"مان وري پنهنجي جاءِ تي موٽي آيس. ۽ وري پند رنهن منٽ چرخو هلائڻ لڳس. هاڻ ڪافي وقت کان اسپتال ۾ آهيان. هاڻ جيڪر معافي ملي ته ستن مهينن کانپوءِ ڇٽي ويندس."

پڇيو مانس، "ڀلا هاڻ موقعو ملي ته ڀڄندين؟" چيائين، "نه، هاڻ نه. هاڻ اسپتال ويندو آهيان ته ڏندا ٻيڙي به نه هٽندا آهن. هٿڪڙي به ڪونه هٿن.

"جيل تي اڇي پٽو ٻيم ته خان افسر آتي ئي آهي. منهنجي پڇي وڃڻ تي هنکي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو هئائون ۽ ڪجهه مهينا ٽيپ به آئي هوس. مان جڏهن هتي آيو هوس ته سندس ٻ ڀوٽي جيل جي اندر هئي، مون جيل وارن کي چيو ته هنکي ٻاهر ڪڍو، نه ته مان هنجو خون ڪندس. تڏهن کان هو ٻاهر آهي، جيل جو در پٺي اندر نه ايندو آهي."

خط ڏاڍو وڏو ٿي ويو آهي، تنهنڪري بند ٿو ڪريان. خط چا وڏو ٿيو آهي، خط ته نه هجڻ جي برابر آهي، البت جيل جو احوال گهڻو آهي.

اڄ ملاقات تي عمر قاضي ۽ عرفان شاهه آيا هئا. عمر منهنجي

لاءِ هڪ ڀيڻ ۽ ڀيڻ آندا هئا، پر آهي جيل وارن ڦري ورتا ۽ ڦاڙي ڇڏيائون. مون مولا بخش ۽ ابوبڪر وارن کي چيو ته جيل وارن کان وٺي ڏيو، پر جيل وارا الي ويا ته اسانکي ڪنهن ڏنا ئي ڪونهن. جيتوڻيڪ منهنجي اڳيان، ٽلهي گيٽ جمعدار عمر کان ڀيڻ ۽ ڀيڻ ورتا هئا. خير، جيل ۾ ته اهڙيون ڦرون ٿينديون آهن.

ادي، مغل، پاپي، آپا، ظهير، مقصود، ظهور، دانيال ۽ ڀيڻ کي سلام.

فيغي ۽ اورنگزيب کي پيار. افراز هاڻ ڪيئن آهي.

تنهنجو

طارق

٨٢-١٢-١٣

عزيز طارق، شاد رهين، امين.

رات کان طبيعت ٺيڪ ڪانهي. زڪام جي ڪري بخار ۽ جسم ۾ سخت سور آهي. هن وقت رات جا سادا ست ٿيا آهن، آءٌ هينئر مٿي چڙهي آهيان.

اڄ شنوائيءَ تي توهان سان پنهنجي ملاقات ٿي، پرخوشي مونکي ان ڳالهه تي، جو تہ مون ملاقات ڪئي هجي. وري ٻي شنوائي ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ملي آهي. خبر نہ او هين پنهنجي گهر ڪڏهن ايندا. ٢٢- تاريخ شنوائيءَ جو ٻڌي منهنجي دل سُست ٿي پئي. انهيءَ ڏينهن زاهد جي شادي آهي. دانيال اڄ اوهان وٽ نہ اچي سگهيو، سندس طبيعت ٺيڪ ڪانهي، بخار ۾ موشن ٿي پيا آهن. ڇنڇر وڳي کان بخار اچي تيز ٿيس، ١٠٤ ٿي پيس. ڏيڍ ڪلاڪ مٿي تي ٿڌو پاڻي رکيومانس، گوريون ڏنيو نماس، بخار پاڻ زور ٿيندي ٿي ويو. پوءِ ڊاڪٽر وٽ موڪليومانس. هن ڪجهہ دوائون لکي ڏنيون، ڪجهہ پنهنجون ڏنائين، هاڻ بخار ڪجهہ گهٽيو اٿس. بسڪيٽ گهرائي ڏنامانس، زوري هڪ ٻہ کارايامانس.

توهين ڪو فڪر نہ ڪجو، اسين سڀئي ٺيڪ آهيون. موسم جو بخار آهي، انشاالله جلد لهي ويندو. آپا کي بہ بخار آهي، ادي کي بہ بخار آهي.

شادي صنا ويجهي اچي ويئي آهي. طارق سچ پچين تہ منهنجي

دل وچڻ تي صفا ڪانهي. اوهان جو اچا ڪجهه ٿيو ڪونهي. نه ڄاڻ اڃا ڪيترو وقت لڳندو. مان ڏاڍي اداس ٿي پئي آهيان. رات جو ننڊ به پوري ڪانه اچي. اوهانجي ڊائري پڙهيم ته رات ڀاڳڪي به اوهان سان گڏ جيل ۾ ڏٺم.

منهنجي دل ڪي سڪون ڪونهي، ذهن ڏاڍو پريشان آهي. اوهان گهر اچو ته آءٌ سک جو ساهه کڻان. آءٌ ته جهڙي ذهني بيمار ٿي پئي آهيان.

توهان لکيو آهي ته: توکي احساس ڪونهي ته جيل وارن لاءِ خط ڪيتري اهميت رکي ٿو. طارق آءٌ ته جيل ۾ ڪونه آهيان، پر توهانکي ڪهڙي خبر ته توهانجو خط منهنجي لاءِ ڪيتري اهميت رکي ٿو. مان پاڻ اوهانجي خط لاءِ بيچين رهندي آهيان. جڏهن اوهانجو خط ملندو اٿم، تڏهن سڪون محسوس ڪندي آهيان. جنهن وقت اوهانکي خط لکڻ ويهندي آهيان اهو محسوس ڪونه ڪريان ته توهان جيل ۾ آهيو. دل جي قريب ته هر وقت هوندا آهيو، انهيءَ وقت نظرن جي آڏو سمجهندي آهيان.

ٻن ٽن ڏينهن کان هتي سيءُ ڏاڍو آهي. اوهان وٽ ڪهڙي حالت آهي. ڀلا توهانجي طبيعت ڪيئن آهي. بک لڳي ٿي يا نه. گردي جي تڪليف ته ڪانه اٿوَ.

توهانجا خط هاڻ ننڍا ٿيندا پيا وڃن. مطلب ته موڪلانهن خط گهٽ ڊائري وڌ ڀڪ هوندي آهي.

چڱو ڀلا هاڻ اجازت.

سيني سلام چيا آهن. افراز هاڻ ٻهرين ڪان نيڪ آهي.
توهانجي
شمس

١٨-١٢-٨٣
پياري شمس
اسلام عليڪم.
تنهنجو خط مليو. تون هر خط ۾ لکندي آهين ته: مان ڏاڍي پريشان آهيان. مونکي تنهنجي پريشانيءَ جو احساس آهي. پر توکي بهادر ٿيڻ گهرجي. اميءَ جو مثال تنهنجي سامهون آهي. مان اميءَ جو اڪيلو پٽ هوس. ڪمائڻ وارو به فقط مان ئي هوس. دانيال انهن ڏينهن ۾ چئن پنجن سالن جو هو. هاڻ ته پريس اندي منڊي هلي رهي آهي، تڏهن ته پريس به ضبط ٿي ويئي هئي، پر اميءَ ڪڏهن به حوصلو نه وڃايو. اميءَ جي همت ڪري مون ۾ به وڌيڪ همت پيدا ٿي. انهيءَ جي باوجود به اميءَ هڪ دفعي مونکي لکيو هو: تنهنجي خطن ۾ مان مايوسي ڏسان، منهنجو پٽ ٿي ڪري مايوس ٿو ٿين.
تون به ته سنڌ جي ڌيءُ آهين. اندر وارا، ٻاهر وارن جي ئي همٿ تي رهندا آهن. مهرباني ڪري پريشان ٿيڻ ڇڏ.
دانيال جي بيماريءَ جو ٻڌي ڏاڍو پريشان ٿيو آهيان. خدا ڪري نيڪ ٿيو هجي.

ڪجهه ڏينهن اڳ مون توکي خط ۾ لکيو هو ته جيل ۾ جيڪو هنگامو ٿيو هو، انهيءَ جي باري ۾ توکي تفصيل

سان لکندس. مون ڪيترن سياسي قيدين کان انهيءَ بابت پڇيو آهي، مولا بخش مشوري ۽ ارشاد ساگر مونکي اهو واقعو تفصيل سان ٻڌايو آهي. هتي مان ارشاد جو ٻڌايل قصو لکي رهيو آهيان:

ٻارنهين تاريخ (سيپٽمبر يا آڪٽوبر) تي، رات جو اسين ڪاري فئڪٽريءَ ۾ بند ٿياسين، اڌ رات کان اڳ ٣ نمبر بئرڪ ۾، ڏاڍوءَ جي هڪ سياسي ورڪر دودي پنهور کي اچي رت جا دست لڳا، ۽ الٽيون ٿيون. ڏسندي ڏسندي سندس حالت خراب ٿي پئي. ٻئي ڏينهن تي جيڪو پوليس وارو موجود هو، انهيءَ کي سڏ ڪيا ويا، رڙيون ڪيائون، پر پوليس وارو ڪونه آيو. پوءِ ٻين بئرڪ وارن به رڙيون ڪيون. اڌ ڪلاڪ کانپوءِ پوليس وارو آيو. پر ٻنا ڪجهه پڇڻ ڳاڇڻ جي واپس هليو ويو. سيني بئرڪ وارن رڙيون ۽ واڪا ڪيا. پر وردو ڪجهه به ڪونه. ٣ نمبر بئرڪ جي پرسان هڪڙو اسٽور روم آهي، اتي به سياسي قيدي رهيل هئا. هنن وٽ ڪجهه دوائون هيون. هنن آهي ٻوتڙي ۾ ٻڌي ٣ نمبر بئرڪ ڏانهن اڇلايائون، جيڪي ٿوري جدوجهد کانپوءِ هنن جهپي ورتيون. پر انهن دوائن مان فائدو ڪونه ٿيو ۽ ٣ نمبر وارن رڙيون ڪيون. جڏهن ڏٺائون ته جيل وارن مان ڪوبه نٿو اچي، ۽ ماڻهوءَ جي حياتي خطري ۾ آهي، ته ٤ نمبر بئرڪ وارن فيصلو ڪيو ته بئرڪ پيچي، بئرڪ نمبر ١ مان ڊاڪٽر ارباب (جيڪو پڻ سياسي قيدي هو) کي ڪڍي ٣ نمبر بئرڪ ۾ دودي پنهور جي علاج لاءِ

موڪلجي.

۴ نمبر ٻئرڪ ۾ ڪڏهن جا وڏا وڏا ڪاٺ پيل هئا. نوجوانن ڪاٺ ڪٺي انهيءَ سان پٽ پٽيا، پٽ اڳ ئي پراڻي هئي، ڪجهه ئي ڏڪن ۾ پچي پئي. چار پنج ڇٽا آهو ساڳيو ڪاٺ کڻي وچي ٻئرڪ نمبر هڪ پڳائون. آتان ڊاڪٽر کي وٺي وچي نمبر ۳ ٻئرڪ پڳائون. ڊاڪٽر دودي کي انجيڪشن هنئي، پوءِ سيئي پنهنجي پنهنجي ٻئرڪ ۾ موٽي آيا. جيڪي ڀاما پڳا هئائون، آتي وري سرون رکي آهي ٺڪر بند ڪري ڇڏيائون ۽ پاڻ اچي پنهنجي هنڌن تي ويهي رهيا. انهيءَ پوري عرصي ۾ جيل وارن مان ڪو به نه آيو. ۽ جڏهن سڪ ساڻت تي ويو ته جيل جو سائرن وڳو، سيٽيون وڳيون. وڏو گوڙ گهمسان مچي ويو. ۽ پوءِ جيل جو سمورو اسٽاف آيو جي، ڪجهه مئجسٽريٽ ۽ ٻاهرين پوليس جو وڏو انالو اچي ويو. سياسي قيدين جي ڪاميٽي ٺها جيڪي ميمبر هئا انهن سائن ڳالهايو. هنن سچي حقيقت ٻڌائي ۽ چيائون ته: اسان جي ماڻهن کي جيڪڏهن جيل مان پڇڻو هجي ها ته اتين مان ڪري پنهنجي ٻئرڪن ۾ نه وڃي ويهن ها. ٻوڙن پلي ٽوٽل ڪري وڃو.

دودي کي اسپتال کڻائي ويا ۽ سڄو انالو موٽي ويو. صبح جو پنجين وڳي سڄو انالو وري آيو ۽ اچي چيائون ته: اوهانکي اچي چڪر ۾ رکبو، اوهين هتان نڪرو. سياسي قيدين چيو: اڳ اوهين ٻاهر جي سموري پوليس کي هٽائيو، پوءِ اسين نڪرنداسين.

ٽوري گهل ڪانپوءِ نيٺ، جيل وارن ٻاهر ين پوليس هٿائي. ۽ سياسي قيدين کي ڏهن ڏهن جي تعداد ۾ اڇي چڪر ۾ وٺي ويا. پر ڪاري فئڪٽريءَ مان فقط انهن ٻارڪن مان قيدين کي وٺي ويا، جيڪي ڀڳيون هنيون ن. ٻين ٻارڪن وارا آتي ئي رکيائون.

اڇي چڪر ۾ هڪ پوليس واري اڇي سياسي قيدين کي ٻڌايو ته: جيل وارن سازش ڪري اڌ قيدي اڇي چڪر ۾ آندا آهن، باقي اڌ ڪاري فئڪٽريءَ ۾ آهن. هاڻ آهي آتي بند رهندا. جيل وارن ٻاهرين پوليس انهيءَ ڪري گهرائي آهي ته جيئن هنن تي مار ڪٽ ڪجي. اڇي چڪر وارا سياسي قيدي جنکي انهي ڏينهن کوليو نه ويو هو، جوش ۾ اچي ويا. هڪ ٻارڪ وارن چيا ڪيو جو هڪ سپاهيءَ کي چيائون ته: اسان وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي ڪونهي، ٻاهر جيڪو مٽ پيو آهي، سو کڻي اسانکي ڏي. پوليس واري ٻارڪ کولي جيئن مٽ هنن کي ڏنو ٿي، نوجوانن پوليس واري کي گهلي اندر قابو ڪري ورتو. ۽ ڪانئس چاٻيون ڦري ٻيون ٻارڪون به کولي ڇڏيون. سڀئي سياسي قيدي اڇي چڪر جي گول ۾ اچي بيٺا. اتفاق سان هنن کي، ڪچن جو جيلر محمد حسين هٿ چڙهي ويو. هنن انهيءَ کي به قابو ڪري ورتو. پر جيلر کي اچي ڏڪڻي ورتو، هو دٻپ ۾ ڏڪڻ لڳو، ۽ ذري گهٽ بيهوش ٿي ويو. تنهنڪري هن کي ڇڏي ڏنائون ته متان مري پوي، ۽ وٺي نعرا هڻڻ لڳا.

جيل انتظاميه نه هنن سان ڳالهايو، نه ڪا وارننگ ڏني،

يڪدم وٽن ٽيئر گيس اڇلائڻ شروع ڪيائون. ڪي چونتا ته ٻه گولا اُڇلايا ويا، ڪن جو چوڻ آهي ته انهيءَ کان به وڌيڪ اڇلايا ويا. بقول انور عباسي نقويءَ جي ته: سنڌي ڇوڪرن جي بهادري مون انهيءَ ڏينهن ڏٺي. مٿ ڪٽي آيا، پاڻيءَ سان ڀريل بالٽيون کڻي، انهيءَ ۾ لوڻ وڌائون ۽ انهيءَ مان ڪمبل پسائي ورتائون. جيئن ئي ڪو گولو ايو، ڇوڪرن جهٽ کڻي ئي بالٽيءَ ۾ وڌو، يا مٿس پاڻي ٿي وڌائون. نقوي چيو: مون هنن جي چوڻ تي لوڻ واري پاڻيءَ مان ٽوال پسايو ۽ مٿي تي وجهي گهونگهٽ ڪيدي ويهي رهيس. منهنجون اکيون ٿوريون ٿوريون سڙيون. باقي ڇوڪرا ته ڄڻ ڪرڪيٽ کيڏي رهيا هئا، ٽيئر گيس جي گولن کي هنن ٻل وانگر جهٽي ٿي ورتو. شاباس آهي هنن جي همٿ کي. آهي شيل امريڪن هئا، ۽ ڏاڍا تکا هئا. ڪجهه شيل ته ڇوڪرن ڦاٽڻ کان اڳ جهٽي واپس ٻاهر اُڇلايا. جن مان هڪڙو شيل وڃي ٻڍيءَ جي اڳيان ڦاٽو، ٻڍي هارٽ پيشنٽ آهي، سو بيهوش ٿي پيو. ڪيس مالڙيءَ تي کڻي ويا.

ڏٺو ته شايد پوليس گوليون به هلائي، پر گوليون نه هلايون. (پارت ريڊيو ٻڌايو ته انهيءَ هنگامي ۾ ڏهه ماڻهو مئا. جيل ۾ اچڻ کانپوءِ خبر پئي ته اها خبر غلط هئي.) ڀنڀورن جو پير معظم (جيڪو خارجه ڪميٽيءَ جو ميمبر هو) جيئن تيئن ڪري پٽ تي چڙهيو، ۽ رڙ ڪري چيائين، "اسين امن پسند آهيون. اسان کا زياد تي به نه ڪئي آهي. اوهان ٻنا

ڪنهن ڳالهه جي، بنا ڪنهن وارننگ جي ٽيئر گيس اڇلائي آهي. توهان اسان سان ڳالهايو ۽ اسانجي باقي سائين کي به هٿي آئيو.
ٻس مس جيل وارن انهن سان ڳالهائڻ قبوليو. پير معظم، پير سليم، امام الدين ڪاڪا ڳالهائڻ لاءِ ويا. جيل انتظاميه سندن ڳالهه مڃي ۽ سندن ٻين سائين کي به اچي چڪر ۾ آندائون.
پوءِ ٻارنهن ڏينهن جيل وارن سياسي قيدين جي ملاقات بند ڪري ڇڏي. شيون ڪلڪليون به بند ڪري ڇڏيون. ماني تمام خراب ڏني ويئي. تقوي ۽ ٻڌايو ته دائود خان جنهن جو روز ٻاهران گوشت، پاڇيون، بيدا ۽ ڪير ايندو هو، سيڪجهه بند ٿي ويو. اسانوٽ بند ڏين ۾ گوشت وغيره هو، انهيءَ مان جيئن تيئن ڪري گذارو ڪيو ويو.
ٻارنهن ڏينهن ڪانپوءِ سياسي قيدين بک هڙتال جي ڌمڪي ڏني. ۽ هڪ ويلو پتو نه پرتائون، پوءِ جيل وارن سندن ڪجهه مطالبا مڃيا ۽ ملاقات کلي. ۽ سپرنٽنڊنٽ نواز جي بدلي ٿي.
پر انهن ٻارنهن ڏينهن ڪيترن سياسي قيدين کي ڀاڙيو به ڪيو، ۽ اهڙا قيدي ڪنهن نه ڪنهن طريقي پنهنجي جند ڇڏائي آزاد ٿي ويا.
سيني سياسي قيدين نواز جي ڏاڍي ساراهه ڪئي. سندس وجهه ڪانپوءِ او قاش شيخ آدو. اڳ جي مقابلي ۾ ته نمڪ آهي، پر سيمت ڏاڍي اٿس.

١٩-٦-٨٣
ڏينهن جا هيٺئر يارنهن وڳا آهن. نيرن ڪري، اخبار پڙهي، اچي پنهنجي هنڌ تي ويٺو آهيان. ڪافي ڏينهن اڳ هڪ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو اٿم، پر اڃا اڌ به نه پڙهي سگهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته مجرم لغاريءَ وٽ هر وقت ميڙو لڳو پيو آهي. ڪيس ڳالهائڻ جو ڏاڍو شوق آهي، ۽ آواز به لائوڊ اسپيڪر کان گهٽ ڪونهي. لائوڊ اسپيڪر به آهي، جيڪو قائل هجي. سو نه مان پڙهي سگهان نه لکي سگهان. پٺي ڪمري ۾ وچي محب شاهه وٽ ويهان ته دائود خان هڪ منٽ لاءِ ماٺ نه ڪندو آهي. ۽ سنڌس آواز ٠٠١ واٽ جي اسپيڪرن کان به وڌيڪ آهي، اسپيڪر به آهي جيڪي نوان هجن.
ڪجهه دير لاءِ خط بند ڪرڻو پيو. ٿوري دير اڳ تي همراهه ڪچهريءَ لاءِ آيا. آهي ويا ته ٽي ٻيا آيا. آهي ويئا ٿي هتا ته هڪ ٻيو همراهه آيو. جڏهن آهي سڀئي ويا ته ٻوه مون لکڻ جي تياري ڪئي ته مولا بخش چانڊيو آيو، سنڌس ٻي سريون مجون روز وانگر لڙڪيل هيون.
تو لکيو آهي ته خط گهٽ ڊائري وڌيڪ هوندي آهي. تنهنجي ڳالهه صحيح آهي. پر ڊائري به تنهنجي لاءِ هوندي آهي ته جيئن توکي جيل جي هر ڳالهه جي ڄاڻ پوي.
منهنجي سامهون هڪڙو همراهه اچي ويٺو آهي. مجرم ڪيس صوف ڏيئي منهنجي لاءِ عذاب ڪيو اٿس. اهڙا پيو ڇاپا ڏئي ۽ اهڙا پيو آواز ڪڍي جو منهنجي طبيعت پٺي خراب ٿئي. پاڻيان ته بس ۽ پنا اتي ڦٽا ڪري، ٻجي وڃان. پر

وڃان ٿو ڪيڏانهن. وري پريان ٿو همراهه ويٺا ڇانهن پيئن. اهڙا خوفناڪ آواز پيا ڪڍن جو خدا ڏي پناهه. توکي ته منهنجي طبيعت جي خبر آهي ئي ڪجهه. مانيءَ وقت اڪثر ڏهه پندرنهن ماڻهو هوندا آهن، پوءِ آتي جيڪا هيڇ، گچرائي ۽ وات جا چپڪا هوندا آهن، بس ئي پڏايان، وڏو عذاب هوندو آهي. مجرم لغاري ۽ علي حسن ته جيڪو شوروو بچند و آهي، آهو ته بي چڏ ينڍا آهن. شفقت شاهه، امين خٽڪ، ۽ مجرم پوڙ اينديئي ٿين لامارا هٿندا جو حرام جو ڪنهن جي لاءِ بچي. پيو ته ٿهيو، پر دائود خان، جنهن جي ماني آهي، جنهن جو سچو خرچ آهي، انهيءَ جو خيال به ڪونه ڪن، هن ويچاري لاءِ به ڪا پوٽي ڪونه بچي. ائين دائود خان ڪائڻ جو بنهه گهٽ آهي، محب شاهه جي خوراڪ به گهٽ آهي. قاضي رشيد ته پرهيزي ماني کائي. هاڻ مان ئي ڪندو آهيان جو دائود خان سان گڏ ويهان. پوڙ جو ڀونگو اچي ته بڪدم اڳ دائود خان ڏانهن سيرائيندو آهيان، انهيءَ ڪانپوءِ بين ڏانهن ڪيان.

رات جا نو ٿي چڪا آهن. مان رات جي ماني ۽ چانهن پي اڌ ۾ ڇڏيل خط/ ڊائري لکڻ ويٺو آهيان. مان گڏيل چانهن يا ٿرماس جي چانهن ڪونه پيئان. توکي پڙهي حيرت ٿيندي ته هتي (زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو) ٿرماس ۾ رکيل چانهن پيندو آهيان.مجبوري آهي. دائود جو ڪائيندا آهيون، تنهنڪري فرمائش ته ڪرڻ ڪونه جڳائي.

ڪجهه ڏينهن کان سياسي قيدي ڏاڍا خوش هئا، سيني کي آسرو هو ته ۱۸ ـ ڊسمبر تي سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ جو جنرل ضيا اعلان ڪندو، پر هن اهڙي ڳالهه نه ڪئي. سيئي منهن لٽڪائي ويٺا آهن. انور عباس نقوي جيل ۾ ڏاڍو بيزار ٿيو آهي، هنکي به وڏو آسرو هو. سندس منهن به لٽڪيو پيو آهي.
هاڻ منهنجي شنوائي ۲۲ـ ڊسمبر تي آهي. انهيءَ ڏينهن زاهد جي شادي آهي، توڻ ته شاديءَ جي تيارين ۾ هوندين.
هاڻ ڪافي دير ٿي چڪي آهي، سمهڻ ٿو وڃان. ٻ ها، اڄ چانهن جي بدران ڪافي پيتم محب شاهه ٺاهي هئي. پهريئن ته نه پيتي. پوءِ محب شاهه پيتي. مان گرفتار ٿيڻ کان اڳ ڪافي وٺي آيو هوس. اچا ته ٻلي به ڪانه هئي، گهر پئي آهي، آها موڪلي ڏي. چڱو خدا حافظ.

۸۳-۱۲-۲۰

صبح ٿي ويو آهي. شايد اٺ ڪن ٿيا هوندا. مان دريءَ وٽ وڃي ويٺس. سامهون هاءِ ـ وي نظر اچي رهيو هو. روڊ تان ڪارون، ٽرڪ ۽ ٻيون گاڏيون پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن ڊوڙنديون پئي ويون. پر مان اهڙي هنڌ آهيان، جتان ڪو به رستو نٿو لڳهي.
دريءَ مان، پري تمام پري خواجن جو جماعت خانو نظر اچي رهيو هو. ٻن ٽن ڏينهن کان، رات جو انهيءَ تي روشني هوندي آهي. ٻلب ڪڏهن ٻارها ٿيو وڃن، ڪڏهن ساوا،

۽ پوءِ وري گول گول ڦرن. ڪڏهن هڪ هنڌ بيهو رهن. اهو نظارو پاڻ، پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان به ڏسندا هئاسين. ساڳيو شهر آهي، ساڳيو نظارو آهي. تون به ڏسي سگهين ٿي، مان به ڏسي سگهان ٿو. پر تون مونکي نٿي ڏسي سگهين ۽ مان توکي نٿو ڏسي سگهان.

چڱو هاڻ اجازت.

سڀني کي سلام، فيفي، غزاله ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

۱۴-۱۲-۸۳

عزيز طارق خوش هجين، آمين.

هن وقت شام جا پنج لڳا آهن. مان واندي ٿي هيٺر مٿي پنهنجي ڪمري ۾ آئي آهيان. هڪ ٻن ڏينهن کان اوهانجو مونکي ڪو خط نہ پهتو آهي، هن وقت دانيال کي بخار ۹۹ آهي. صبح کان ايترو اٿس. باقي رات کان موشن تمام گهڻا ٿي پيا هئا، تنهنڪري ۱۲ ٽڪيون ڪارائٽيون ڏيون. هاڻ موشن بہ گهٽ اٿس. ڪائي ڪجهہ بہ کونہ ٿو، ظهور ڊاڪٽر کان ڏيون دوائون بہ وٺي آيو آهي. ڪمزور ڏاڍو ٿي ويو آهي.

منهنجي طبيعت پڻ ٺيڪ ڪانهي. اڄ سوچيان پئي تہ وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکاريان.

زاهد جي شادي اچي سر تي بيٺي آهي. اوهانجي اچڻ جو ڪو آسرو ڪونہ رهيو آهي. خبر ناهي قسمت ۾ ڇا لکيل آهي. ادا مغل بہ ٻن ڏينهن کان فون نہ ڪئي آهي جو پتو پوي تہ ڇا ٿيو.

هاڻ تہ توهان ڏاڍا ياد اچو ٿا، ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن، مان تہ جهڙي بيمار ٿي پئي آهيان. ظاهر ۾ تہ پئي هلان، پر دل ڏاڍي بي چين آهي. دل جا حال ڪنهن کي ٻڌايان. جيڪو دل تي گذري پيو، صبر ڪريو پئي هلان. جڏهن دل ڀرجي ايندي آهي تہ پنهنجي منهن روئي پوندي آهيان.

تُوهانجي ڪيئن پئي ڪذري. پنهنجي لکڻ ۾ لکيا پيا هوندا.
اڄ سيءَ به ڏاڍو آهي، توهانجي ڪمري ۾ سيءَ وڌيڪ آهي
يا ڪمرو گرم آهي.
هينئر هينئر عمر قاضيءَ جي فون آئي هئي، چيو اٿس ته سڀائي
اوهان سان ملڻ ايندو. چيو ماٿس: طارق جي ياد ڏاڍي جلدي
آئي اٿو. چيائين: ادي اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. هو اسانجو
دوست آهي، اسين ڪيئن ٿا وساري سگهون. باقي مصروف
هوس، انهيءَ ڪري دير ٿي وئي.
فيفي توهانکي خط لکيو آهي، لکيو اٿس: چاچا هاڻ پنهنجي
گهر اچو، گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن.
دانيال هينئر چيو آهي ته: پاپڙ ۽ چانور ڏيو ته کائان. سو هن
جي لاءِ چانور رڌجن پيا.
طارق هاڻ خط بند ٿي ڪريان. وري سڀائي انشا الله حاضري
ڀرينديس. توهان کي خط ننڍو لڳندو. پر ڇا ڪريان ڊاڪٽر
وٽ وڃڻو اٿم. تنهنڪري اجازت. سلام سڀني جا.
پيار ۽ سلام منهنجا قبول ڪندا.

فقط اوهانجي

شمس

٢١-١٢-٨٣

پياري شمس،

اسلام عليڪم

اج توکي خط ڪونه موڪليم، ڇو ته تون زاهد جي شاديءَ جي زبردست تيارين ۾ هوندينءَ. اج مينديءَ آهي.

مان ماني کائي اچي توکي خط لکڻ ويٺو آهيان. تون مينديءَ ۾ وڃي چڪي هوندينءَ.

رات مون موني گوبي کاڌي هئي ۽ ٻنپهرن جو واڳڻ. آهي نه تنهنجي لاءِ حيرت جي ڳالهه. واڳڻ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو کاڌا اٿم. گوبي به نه کائيندو آهيان. پر ڇا ڪجي، هيءَ جيل آهي، جيڪو ملي سو شڪر. مان انهن هزارين قيدين کان ته چڱو آهيان، جنکي روز ڏينهن ۾ ٻه دفعا دال کائڻ لاءِ ملي ٿي. سا به اهڙي جنهنجو ذڪر به نٿو ڪري سگهجي.

هينئر ٽي-ويءَ تي اشتهار نظر ڊرامو اچي رهيو آهي. باقي خط ڊرامي کان پوءِ لکبو.

ڊرامو ختم ٿي ويو. بس ٺيڪ هو. شايد وڌيڪ چڱو لڳي ها، پر مصيبت اها آهي ته جيئن ڊرامو ٿو شروع ٿئي دائود خان اهڙيون رڙيون ٿو ڪري جو هڪڙو ڊائلاگ به سمجهه ۾ نٿو اچي. آواز به لائوڊ اسپيڪر کان گهٽ ڪونهي. ٽي-ويءَ تي ڪو به پروگرام آرام سان ڪونه ڏسي ۽ نه

ڪنهن کي ڏسڻ ڏي ٻورو وقت پيو ڳالهائيندو. فقط ڳالهائي ته ٻه خير، هر فنڪار تي پيو چٿرون ڪندو ۽ فنڪار لاءِ اهو ٻه چوندو ويندو ته هيءُ فلاڻي هنڌ جو آهي. گاريون انهيءَ کان علاوه. ڪو فنڪار اهڙو ڪونهي جنهنکي گاريون نه ڏنيون هجن.

گاريون فقط فنڪارن لاءِ مخصوص ڪونهن، جنهن جو ذڪر نڪرندو، انهيءَ کي گاريون ڏيندو. صبح جو مهاجرن جون مائون ڀينرون پيون نڪرنديون، ته رات جو سنڌين کي پيو گاريون ڏيندو. منجهند جو هڪڙي سياسي ليڊر سان ناجائز رشتا پيو ڳنڍيندو ته شام جو ساڳيا رشتا وري ٻئي ليڊر سان. دائود خان کان اڳ مون شاهنواز خان جوڻيجي کي گاريار ڏنو / ٻڌو هو. پر دائود خان انهيءَ ڳالهه ۾ شاهنواز خان کان گهڻو گهڻو اڳيان آهي. ٽي-ويءَ تي جيڪو به نظر ايندو، انهيءَ جون انهيءَ وقت مائون ڀيڻون ڪڍي ٻاهر رکندو. البت هڪ ڳالهه محسوس ڪيم ته خان غفار خان ۽ ولي خان لاءِ ڪڏهن گندا لفظ نه ڳالهائيندو هو. هڪ دفعي سڀني سياسي ليڊرن کي ٻي گاريون ڏنائين. مون چيو مانس: ”خان سڀني ۾ ته سڀئي ٽا اڇيو وڃن.“ چئين، ”سڀني جي ماءُ کي....“ وري چيومانس، ”خان سڀني ۾، سڀئي اڇيو وڃن ٽا.“ چيائين، ”ها مان سڀني لاءِ ٻه چوان.“ ٻوءِ غفار خان ۽ ولي کي ٻه نه بخشيائين، پر پوري عرصي ۾ اهو پهريون ۽ آخري دفعو ٿيو.

هڪ دفعي نقويءَ ٻڌايو ته: عابد زبيري چوي ٿو ته: سياست

تي مون اڄ تائين ٻه ڪروڙ روپيا خرچ ڪري ڇڏيا آهن.
پوءِ نقوي چيو: زبيريءَ ته ڪونه چيو آهي، پر مان سمجهان
ٿو ولي خان ۽ بيگم نسيم جو ولايت جو خرچ به عابد زبيري
ڀريندو آهي.

انهيءَ رات مانيءَ تي سياسي بحث هلي رهيو هو. دائود خان
ٻڌائي رهيو هو ته مون سياست تي ڪيترو خرچ ڪيو آهي.
مونکي ڪٿي ڪٿين، مون نقويءَ واري ڳالهه ڪري ڇڏي.
دائود خان ٽپي باهه تي ويو. نقويءَ ۽ زبيري کي گاريون
ڏيندي چيائين، ”بڪواس ٿا ڪن. ولي خان ڪو غريب
ماڻهو آهي. بيگم نسيم ته ولي خان ڪان به وڌيڪ امير
آهي.

ٻئي ڏينهن دائود خان نقويءَ کي ڇنڊڙي پيو. نقويءَ مس
مس پنهنجي جند ڇڏائي. مون به پوءِ توبهه ڪئي ته دائود
خان سان سياسي ڳالهه نه ڪبي.

نقويءَ سان سياسي ڪچهريون ڪافي ٿينديون آهن. هو
مونکي ڪوليندو آهي ته جيئن ڪيس خبر پوي ته سنڌين جي
سوچ ڇا آهي، سنڌي ڇا ٿا ڪرڻ گهرن. مان وري چاهيان
ٿو مونکي مهاجرن، خاص ڪري ڪراچيءَ جي مهاجرن جي
سوچ جي ڄاڻ پوي.

انور عباسي نقوي ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي. سندس والد ۽
ٻيا پائر ۽ ٻيون پارت ۾ علي گڙهه ۾ آهن. هڪڙو ڀاءُ ڪراچيءَ
۾ آهي. اڳ انڪم ٽيڪس ۾ انڪم ٽيڪس آفيسر هو، پر
سندس چوڻ مطابق ڪيس نوڪريءَ ۾ مزو نه آيو، تنهنڪري

ڏهه پندرنهن سال اڳ نوڪري ڇڏي، هاڻ انڪم ٽيڪس جي وڪالت ڪندو آهي.
پاڻ اهو به ٻڌائين ته پارٽ ۾ پاڻ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ هو. ۽ ڪيس پارٽيءَ پاڪستان ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو.
شايد اها ڳالهه صحيح هجي، پر مونکي نه ڄاڻ ڇو يقين نٿو اچي ته نقوي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ رهي چڪو آهي يا ڪيس پارٽي پاڪستان ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو هوندو، ڇاڪاڻ ته هاڻ نقوي ڪميونزم جي سخت خلاف آهي، ۽ سرمائيداري واري نظام جو حمائتي آهي. خاص ڪري ڪيس برٽش نظام بيحد پسند آهي.
دنيا ۾ شايد ڪنهن ٻئي هنڌ ائين نه هجي، پر اسانوٽ اهو رواج آهي، اڪثر ڪو ترقي پسند پارٽيءَ جو ميمبر، پنهنجي پارٽيءَ کي ڇڏيندو آهي ته هو ڪنهن ٻي ترقي پسند پارٽيءَ ۾ وڃڻ بدران رجعت پسند پارٽيءَ ۾ هليو ويندو آهي. يا ڪو رجعت پسند پارٽيءَ جو ميمبر پنهنجي پارٽيءَ مان نڪتو ته يڪدم ترقي پسند ٿي ويندو.
سو نقوي به هاڻ پابندي پيل D.P ۾ شامل آهي. ۽ سندس چوڻ مطابق: ڪميونزم هاڻ پراڻي شيءِ ٿي ويئي آهي، دنيا هاڻ اڳتي وڌي چڪي آهي.
نقويءَ مونکي M.R.D ۾ مهاجرن جي سات نه ڏيڻ جا ڪي ڪارڻ به ٻڌايا. سندس چوڻ مطابق مهاجرن جي اڪثريت ذوالفقار علي ڀٽي جي خلاف آهي، ۽ ايم-آر-ڊي ۾ شامل سڀ کان وڏي پارٽي پيپلس پارٽي آهي. جيڪڏهن ايم-

آر- ڊي ڪامياب ٿي معنيٰ پي- پي ڪامياب ٿئي، جيڪا ڳالهه مهاجرن جي اڪثريت نٿي چاهي.
مهاجرن جو پيٽي کي ناپسند ڪرڻ جو وڏو ڪارڻ سنڌي ٻوليءَ وارا هنگاما هئا.
ٻيو سبب اهو ته: جيڪا به حڪومت آئي آهي، جيڪو به حاڪم آيو آهي، انهيءَ پاڪستان جي سمورن ماڻهن کي ته هڪ هڪ جوتو هنيو آهي، پر ڪراچي وارن کي ٻه. جنرل ضيا ٻهر ٻون حاڪم آهي، جنهن ٻين کي هڪ هڪ جوتو هنيو ته ڪراچي وارن کي به هڪ ٿي هنيائين.
ٽيون سبب: مهاجر مضبوط مرڪز جا حامي آهن. فوجي حڪومت ۾ ٿي پنهنجي ۽ پاڪستان جي سالميت سمجهن ٿا. آهي ڪڏهن به فوج جي خلاف نه نڪرندا.
انهيءَ ڪان علاوه به ڪيترا سبب آهن، جن جي ڪري مهاجرن انهيءَ تحريڪ جو ساٿ نه ڏنو. هڪ ته تحرڪ تمام تڪڙ ۾ فيصلا ڪيا. ١٤ آگسٽ کان هڪ ۾ ڏينهن اڳ تائين به اها پڪ نه هئي ته پي- پي انهيءَ تحريڪ ۾ شامل ٿيندي يا نه. ڪو مڪمل پروگرام ۽ پلاننگ ڪانه هئي. ۽ نه ٿي پئسو هو.
نقويءَ مونکي چيو، "طارق صاحب، اوهين يقين ڪندا ته تحريڪ وٽ مشڪل سان هڪ لک روپيا گڏ ٿي سگهيا هئا. غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب جهڙي وڏي ماڻهو فقط ويهه هزار روپيا ڏنا هئا. عابد زبيريءَ جهڙي وڏي ماڻهو پنج هزار ڏنا هئا، مون به پنج هزار ڏنا. معراج محمد وارن

ڪي به پنج هزار ڏنا هئا. پر انهيءَ مهيني ڪم معراج جي هٿ ۾ هو، پوءِ خبر نه هن اهي پئسا شامل ڪيا يا نه. هاڻ پڇايو ته ايترن پئسن ۾ تحريڪ ڪيئن هلي ها. جڏهن ته فقط هڪ ڏينهن رستن تي نڪرڻ کي باهيون لڳائڻ تي ٽيهه چاليهه هزار خرچ ٿي ٿيا.“

اڪثر سياسي قيدين جو خيال هو ته جيڪڏهن ايم - آر - ڊي جي تحريڪ ناڪام ٿي ته پاڪستان کي خطرو رسندو. نقويءَ به اها ڳالهه قبولي. نقويءَ چيو: ”ٿي سگهي ٿو ته پاڪستان ٽڪر ٽڪر ٿي وڃي. پر اهو ياد رکو، جيڪڏهن خدانخواسته پاڪستان ٽٽي ٿو ته سنڌ جو مهاجر سنڌو ديش ڏانهن جي بدران ڀارت جو حصو ٿيڻ قبوليندو. ڇاڪاڻ ته سنڌو ديش ۾ سندن سلامتي ڪانهي.

”ڀارت ۾ اٺ لک مسلمان آهن، جيڪي اڙدو ڳالهائين ٿا. هتي جيڪي مهاجر رهن ٿا، هنن جو ڪو نه ڪو مائٽ اڄ به ڀارت ۾ رهي ٿو، پوءِ هو چوندا ڀارت سان شامل ٿيڻ چاهيندا ته جيئن ڀارت جي اڙدو ڳالهائيندڙ مسلمانن جي ڪري، سنڌ ۾ رهندڙ اڙدو ڳالهائيندڙن جي طاقت به وڌي.

”اهو ئي خوف آهي، جنهن جي ڪري مهاجرن ايم - آر - ڊي جي تحريڪ جو ساٿ نه ڏنو، ڇاڪاڻ ته انهن جو خيال آهي ته فوج ئي پاڪستان کي بچائي سگهي ٿي.

”۽ اوهين پاڻ سوچيو، مهاجر سڀ ڪجهه ڇڏي پاڪستان آيا آهن، خدانخواسته جيڪڏهن ملڪ ٽٽي ته پوءِ هي ڪيڏانهن ويندا؟“

نقويءَ جو مطالعو سٺو آهي، انگريزيءَ ۾ ايم-اي ڪيل اٿس، وڌهند و اڙدوءَ جي خاطر آهي، پر اڪثر ڳالهائيندو انگريزي آهي. ڳالهائڻ جي گهڻي عادت اٿس، ڏينهن جو گهڻو حصو تاش ڪندي گذاري، پر ڪو به ڪتاب مليو، ته اهو پڙهندو ضرور. هر پندرنهين ڏينهن، ڇڇر جي ڏينهن جوڻس ڪراچيءَ مان ڪيس ملڻ ايندي آهي، انهيءَ ڏينهن ڏاڍو خوش هوندو آهي. صبح جو شيو ڪندو، وهنجندو، ۽ پوءِ اسپتال جي سامهون پارڪ ۾ پيو ايستائين پسار ڪندو، جيستائين ڪيس ملاقات جو سڏ ٿئي.

جڏهن ڪراچي جيل ۾ هو ته بي ڪلاس هئس. آتي عابد زبيري، پيار علي الانا، امين خٽڪ، معراج محمد، رشيدالدين طارق سيڻي گڏ رهندا هئا، پر جنهن مارشل لا جي سزا لڳي، تهن جو بي ڪلاس ختم ڪيائون، هن جو به بي ڪلاس ختم ڪري، عابد زبيري، امين ۽ رشيدالدين طارق سان حيدرآباد موڪليائون، پر ملاقات بي ڪلاس وانگر ٿيندي اٿس. هڪ دفعي جيل وارن سندس ملاقات بند ڪئي هئي، پر هن وڏي جهڙي ساڳيءَ طرح ملاقات ڪئي.

هڪ ڳالهه تي تعجب لڳندو اٿم. نقوي چڱو پئسو وارو ماڻهو آهي، سندس زال ڪراچيءَ مان ڪيس ملڻ ايندي آهي، اڪثر ٿلهي هٿين اچي. هڪ ٻه دفعا ماني ڪٺي آئي سو به واڳڻ جي ڀاڄي وغيره. ڪڏهن ڪڏهن ٻه ڏهن وارو گوشت آئي.

ها البت ڪتاب ڪٺي ايندي آهي، ۽ جيڪي نقوي پڙهيو وٺي، سو واپس ڪنيو وڃي. Promise at Dawn ڪتاب جي ڏاڍي تعريف ڪيائين، سندس چوڻ مطابق هن انهيءَ ڪان وڏيڪ سٺي آتم ڪهاڻي ڪڏهن نه پڙهي آهي.

نقويءَ هڪ ڳالهه ڏاڍي مزيدار ٻڌائي. هن پنهنجي ٻارن کي چيو آهي: ”او هين ڀلي مسجد نه وڃو، مندر نه وڃو، پر لائبريري ضرور وڃو.“

نقوي ٻڌايو ته هو اڪثر يورپ ويندو آهي. لنڊن ۾ هڪ ته ماڙ بلڊنگ به سندس هئي، جيڪا ڪجهه وقت اڳ وڪي اٿس، آمريڪا ۾ ان ايڪڙ زمين ٿي ورتائين، پر انهيءَ وچ ۾ پارٽيءَ ڪيس گرفتاري پيش ڪرڻ لاءِ چيو. ايم-آر-ڊي جي اڪثر ماڻهن کي اها خوشي فهمي هئي ته: پندرنهن ڏينهن ۾ ڇٽي ويندا سين. سو هن به گرفتاري ڏني. ٻهريون دفعو زندگيءَ ۾ جيل آيو، ۽ اڃ سان ۹ مهينا سزا ۽ ويهه هزار روپيا ڏنڊ پيس. سو آمريڪا ۾ زمين وٺڻ وارو ارادو اڌ ۾ ٿي رهجي ويو.

نقوي لنڊن جي ڳالهه ٻڌائي ته اتي سندن گهر ڀرسان لائبريري هئي، سندس ٻئي ٻار (ڇوڪري ايليا ۽ پٽ ياسر) آتان روز ڪتاب پڙهڻ لاءِ وٺي ايندا هئا. روز هننکي آتان ئي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملندا هئا.

جڏهن اسين پاڪستان موٽي آياسين ته ڪراچيءَ ۾ اسانجي گهر جي سامهون لياقت نيشنل لائبريريءَ ۾ ٻار ويا ۽ عادت موجب پنهنجي پسند جا ڪتاب ڪٺي، لائبريرين کي ڏيکاريائون

ته: 'اهي ڪتاب اسانجي نالي لکي، اسانکي ڏيو ته اسين پڙهڻ لاءِ کڻي وڃون.' لائبريرين ڇوڪري کين چيو ته: 'ڪتاب توهانکي کڻي وڃڻ لاءِ ڪونه ملندا. باقي هتي ويهي پڙهي سگهو ٿا.' هارن گهڻو ئي ضد ڪيو. ۽ ٻڌايائون ته لنڊن ۾ اسين ڪتاب گهر کڻي ويندا هئاسين. ۽ گهران جي، لنڊن جي لائبريريءَ جا ڪارڊ به آڻي ڏيکاريائون، پر لائبريرين مجبوري ڏيکاري ته: قاعدي موجب اوهين ڪتاب گهر نٿا کڻي وڃي سگهو.

هارن ڪارڻ پڇيو، ته لائبريرين کين ٻڌايو ته: 'ڪتاب ماڻهو ڦٻايو وڃن.' هارن سائين وعدو ڪيو ته هو ڪتاب نه ڦٻائيندا. پر کين ڪتاب نه مليا. ۽ پوءِ هارن اچي پيءُ کي دانهن ڏني ته: لنڊن وارا غير هئا، انهن اسان تي ڀروسو ڪيو ۽ اسانکي ڪتاب گهر کڻي وڃڻ ڏيندا هئا. ۽ هي اسانجو ملڪ آهي، هتي مسلمان رهن ٿا، پر هتي اسان تي ڀروسو نٿو ڪجي. هتي ائين ڇو ٿو ٿئي؟'

نٿو ٿئي، ”هاڻ ٻڌايو مان هارن کي ڪهڙو جواب ڏيان؟“

اڄ انور عباس نٿو ٿئي جو تمام گهڻو تعارف ۽ ذڪر ٿي ويو آهي. رات جا يارنهن ٿي ويا آهن. تو سيءَ بابت پڇيو هو. نه پڇ. توکي خبر آهي ته مونکي گرمي به گهڻي لڳي ۽ سيءُ به. ۽ هتي سي ايترو آهي جو ڪنهن فريزر ۾ بند ڪري ڇڏيو هجي. پلا ايڏو ۽ ڏو ۽ هاڻ، تمام ڪمرن دروازا ۽

در ۽ دريون اڪثر بند نہ ٿين، جيڪي بند ٿين، انهن جا شيشا ڀڳل (اسپتال جا هال آهن، انهيءَ ڪري شيشا لڳل آهن). هال آهن بہ مٿي ۽ پاسو بہ کليل.
سياٽي شنوائي آهي. سياٽي زاهد جي شادي بہ آهي. هن وقت رات جا ٻارنهن لڳي چڪا آهن. تون نہ زاهد جي مينديءَ جي رنگينن ۾ گم هونديئہ، ۽ مان تنهنجي ياد ۾.
چڱو خدا حافظ.
دانيال ۽ ڀين سيني کي سلام.
فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

٢٢-١٢-٦٣

پياري شمس،

اسلام عليڪم

هن وقت صبح جا اٺ ٿيا آهن. اڄ منهنجي شنوائي آهي. تنهنڪري صبح جو جلدي اٿي شيو ڪري، ڪپڙا مٽائي تيار ٿي ويٺو آهيان ته ڪيڏيءَ مهل ٿو سڏ ٿئي. سڀ چون ٿا ته مارشل لا جو ڪيس آهي، تنهنڪري شنوائيءَ تي ڪيندا ضرور، پر پوءِ به قيدي ٽيستائين ٻڌ تر ۾ هوندو آهي، جيستائين پوليس ڪيس مارئيءَ جي در ڪان ٻاهر نه وٺي وڃي.

هينئر هينئر هڪ قيدي اچي ٻڌائي ويو آهي ته: اڄ شنوائي اٿوَ تيار ٿي ويهو، پوليس ايندي ته اوهانکي ٻڌائيندو. مان ته اڳ ۾ تيار ويٺو هوس، ابوبڪر زرداريءَ کي ڪلهه چيو هوم ته مون سان مارئيءَ تي گڏجي هلي، سو هو به آيو آهي. تنهنڪري خط بند ٿو ڪريان. جيڪڏهن شنوائيءَ تي ڪيو ٿو ته باقي خط پوءِ اچي لکندس. نه ته ڪجهه دير ڪانپوءِ وري شروع ڪريان ٿو.

شنوائيءَ تان ٿي آيس. ماني کائي توکي خط / ڊائري لکڻ ويٺو آهيان. اڄ ڏاڍي بڇڙائي ٿي، پر ترس سمورو احوال ترتيبوار ٿو ٻڌايان، صبح جو ساڍي نوين وڳي سڳيءَ قيديءَ

اچي پهتو ته: پوليس آئي آهي.
مان ابوبڪر سان ماڙيءَ تي آيس. آتي هڪ اي-ايس-آءِ بيٺو هو، شڪل مان پٺاڻ ٿي لڳو، ابوبڪر جو سڃاتو هو. ابوبڪر ڪاڻس پڇيو، ”تيمور خان شاهه صاحب لاءِ تون آيو آهين ڇا؟“ هن چيو، ”نه، مان ته عابد زبيريءَ لاءِ آيو آهيان. ڪيس اسپتال وٺي ويٺو آهي. شاهه صاحب لاءِ اي-ايس-آءِ سليم آيو آهي، وڏو حرامي ماڻهو آهي.“
مان ۽ ابوبڪر ماڙيءَ جي در جي سامهون، هوٽل ۾ وڃي اچي ويٺاسين. اسانکي ڏسي شاهد جيلر وڏي اچي ڏاڍي عزت ۽ قرب سان مليو. عام پوليس وارن وانگر هنجي قرب ۾ بناوٽ نه هوندي آهي. مون ابوبڪر کي چيو ته وڃي اي-ايس-آءِ سان ڳالهائي ته جيئن هٿڪڙيون نه هڻي. ابوبڪر شاهد کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويو. اي-ايس-آءِ سليم سامهون ٿي بيٺو هو، چپ ۽ جهڙو هو. شاهد ۽ ابوبڪر هنکي موٽ وٺي آيا ۽ کيس چيائون: ”شاهه صاحب عزت وارو ۽ شريف ماڻهو آهي. هن جو خيال رکجانءِ ....“ انهيءَ کان اڳ جو هو وڌيڪ ڪجهه چون، هن منهن بڇڙو ڪري چيو، ”هٿڪڙي ته ضرور لڳي گي.“ هڪ ڪارو، سنهڙو سيپڪڙو، شڪل بڇڙي، مٿان جو منهن چيو ڪيائين ته ڏسي آلتي ٿي آئي. ابوبڪر کيس وري به سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو صفا مروان هو.
مون ابوبڪر کي چيو، ”ڇڏيوس، وڌيڪ نه چئوس.“ سندس فرعونيت ڏسي، مونکي ساڻس اهڙي نفرت ٿي جو

مان يڪدم ذهني طور تي هٿڪڙي هڻائڻ لاءِ تيار ٿي ويس. سوچيم، آخر ڪيستائين هٿڪڙين کان ڊڄندس. پل ته لڳي، ۽ اهو ڊپ به لهي.

مان ماڙيءَ ۾ آيس ته هن تيز لهجي ۾ پوليس واري کي چيو، ”هٿوس هٿڪڙي.“ پوليس واري هڪ هٿ ۾ هٿي ٻئي ۾ هڻئين ٿي ته مون کيس چيو، ”ٻئي ۾ نه هڻ.“ هن سليم کي چيو، ”صاحب يه بولتا ہے کہ ايک ہاتھ میں لگاؤ.“ سليم ڏاڍي ڪاوڙ ۾ چيو، ”نہیں، دونوں میں لگاؤ.“ مون سوچيو: جڏهن هڪ ۾ لڳي آهي ته پوءِ ٻئي ۾ لڳڻ سان ڪهڙو فرق پوندو. مون پيو هٿ به وڌايو ۽ ٻئي هٿ ۾ به هٿڪڙي لڳي .

مان ڪيترا دفعا گرفتار ٿيو آهيان، پر هٿڪڙي ڪڏهن نه لڳي هئم. سچ پچ مونکي هٿڪڙيءَ کان ڏاڍو ڊپ لڳندو هو. پر هٿڪڙي لڳندي ئي سارو ڊپ نڪري ويو. سوچيم ته: گرفتار ته آهيان، جيل ۾ به آهيان، سي ڪلاس به اٿم، هاڻ هٿڪڙيءَ سان ڪهڙو فرق پوندو . غفار خان جهڙي ماڻهوءَ کي نه فقط هٿڪڙي، بلڪ ڏنڊا بيڙ ون به لڳيون آهن. هن جي سامهون مان ڇا آهيان .

مان اچا آتي بيٺو ئي هوس ته ڊپٽي آيو . مونکي ڏٺائين ته اچي منهنجي پرسان بيٺو ، منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي پڇيائين، ”ڪيئن آهيو؟“ چيو مانس، ”ٺيڪ آهيان.“ ڏاڍي رازداريءَ ۾ چيائين، ”ٻڌو اٿم ته اوهان اسپتال ۾ تصويرون لهرايون آهن.“ چيم، ”اها ڳالهه غلط آهي.“ چيائين، ”پر

مونکي ڀڏايو ويو آهي ته اوهان تصويرون لهرائيون آهن." وراڻيم، "مون اوهانکي چيو نه، ته مون تصويرون نه لهرايون آهن. انهيءَ ڪري نه ته جيل ۾ تصويرون لهرائيندي ڏٺو اٿن. بلڪ سچ پچ مونکي جيل ۾ تصوير لهرائڻ هلڪڙائپ ٿي لڳي." ڪن رکي چيائين، "ڀلا ڪئميرائون ڪنهن ڪنهن وٽ آهن؟" چيومانس، "مونکي ڪهڙي خبر ته ڪنهن ڪنهن وٽ آهن."

ڏهين ڏينهن ڌاري صبح جو ڌيئين جي در جي سامهون لنگهيس ته آئي ويٺل سپرنٽنڊنٽ جي نظر مون تي پئجي ويئي. هن پوليس وارو موڪلي مونکي سڏايو. مان اندر ويس ته عابد زبيري به آئي ويٺو هو، مون ڪيس سلام ڪيو. سپرنٽنڊنٽ مونکان پڇيو، "خوش آهين نه. تون ته مونوٽ اچين ڪونه (اوقات ڪڏهن به توهان ڪري ڪونه ڳالهائي.) چيومانس، "توهان ڪڏهن سڏايو ڪونهي. منهنجو ڪو ڪم اوهان ۾ ڪونهي، انهن ڪيئن اچان." چيائين، "شموائيءَ تان ٿي اچين ته مون سان ضرور ملجان." چيومانس، "ٺيڪ آهي." مونکي هٿڪڙي لڳل ڏٺائين ته پڇيائين، "ڇو هٿڪڙي لڳل اٿئي؟" چيومانس، "بس، آءِ- ايس- آءِ واهيات آيو آهي، تنهن هيون آهن." سپرنٽنڊنٽ آءِ- ايس- آءِ کي سڏايو چيو، "بابا ده شريف آدمي ہے، عزت‌دار ہے - یہ بھاگے گا نہیں، اسے ہتھکڑی مت لگاؤ." آءِ- ايس- آءِ سيٽجي ويو، چيائين، "نہیں یہ ہماری ذمیواری ہے، میں ضرور لگائونگا." عابد زبيري چيس، "بھائی یہ ادیب ہیں، شریف

آدمی ہیں، ایسے شخص کو بھی آپ ہتھکڑی پہنا رہے ہیں۔" پر هو آڪڙيو رهيو. مون ٻنهي کي چيو، "نہ چھوٹ، ڇڏيوس. ڪهڙو ٿو فرق پوي، مڙئي خير آهي."
مان هٿڪڙين سان ڀڙيون ڀيرو جيل ڪان ٻاهر نڪتس. هميشه وين ٻري بيهندي آهي. پر هن دفعي در جي بلڪل ڀرسان بيٺي هئي. وين جا ڏاڪا مٿي هوندا آهن. ۽ ڪر نگهي ۾ تڪليف هئڻ ڪري مان در جهلي چڙهندو آهيان. پر اڄ ٻنهي هٿن ۾ هٿڪڙيون هئڻ ڪري مان در کي جهلي نہ پي سگهيس. هڪ پوليس واري مونکي سهارو ڏنو ۽ مان مٿي چڙهيس. هڪ پوليس واري آي-ايس-آءِ کي ماڻهو تي گار ڏيندي چيو، "سائين وڏو حرامي آهي. روز قشري ڪندو آهي، ڪلهہ بہ گارڊون ۽ بجا ڪاڍا ائس، پر مڙيئي ڪونہ ٿو. پر اوهين فڪر نہ ڪريو، اسين گڏ آهيون."
وين جاتل سجاتل رستن تان هلندي اچي ڪورٽ جي ميدان ۾ بيٺي، مون سان گڏ شفيع چندريگر ۽ سندس مئنيجر موٽلائي بہ هئا. پوليس واري مونکي چيو، "سائين لهو." مان هيٺ لٿس تہ سامهون عمر قاضي بيٺو هو. مونکي هٿڪڙيون ڏسي، هن روئي ڏنو، ۽ پوءِ ڳوڙها اگهي اچي منهنجي ڀرسان بيٺو. آي-ايس-آءِ سليم هنکي دڙڪو ڏنو، "کون ہو، جاتو یہاں سے کسی کی ملاقات نہیں ہوگی." مون عمر کي چيو، "توهان ١٨ نمبر ڪورٽ هلو. پيا بہ آتي هوندا، هي مونکي آڻي ڏي وڃي ايندا."
پوليس وارن مونکي چيو، "سيد، تون فڪر ئي نہ ڪر، رڳو

هي ذليل ٽري." پر هن ذليل ٽرڻ جو نالو ئي نٿي ورتو. ڪڏهن پوليس وارن سان وڙهي، ڪڏهن ٻين تي حڪم هلائي، وري ڪنهن تي رعب رکي. ڪن پوليس وارن ته سڏيون پڏايس.

شنبع چندر يگر وارا ٻه ٻيا قيدي هليا ويا، پر هي مونکي بيهاري بيهي رهيو، مونکي بيقراريءَ ته دوستن، مائٽن خاص ڪري دانيال ۽ اورنگزيب سان ملان.

مس مس منهنجو وارنٽ پوليس وارن کي ڏنائين ۽ آهي مونکي ١٨ نمبر ڪورٽ ڏانهن وٺي ويا. اڄ سيءُ ڏاڍو هو، پوليس وارن مونکي چيو ته آس پاس ويهو ۽ پوءِ هڪ پوليس وارو بينچ ڪٺي آيو، ايتري ۾ ظهير به اچي ويو، مونکي هٿڪڙي لڳل ڏٺائين ته سندس منهن لهي ويو. ڏک ۾ چيائين، "اڄ ذليلن اوهانکي هٿڪڙيون هڻيون آهن؟" چيم، "هڪڙو واهيات آءِ-ايس-آءِ آيو آهي، انهيءَ مهرباني ڪئي آهي، پر مڙيئي خير آهي. قيدي آهيان، قيدين سان اُئين ٿيندو آهي."

ايتري ۾ مقصود جو دوست ڊاڪٽر اعجاز عرساڻي به اچي ويو، ۽ عمر به پرسان اچي بيٺو. هڪ پوليس واري منهنجي هڪ هٿ مان هٿڪڙي کولي، ٻئي هٿڪڙيون، هڪ ئي ٻانهن ۾ هٿي چڙيون ته جيئن مان سولائيءَ سان هٿ ملائي سگهان. ايتري ۾ سليم پريان اچي ڏٺو، مونکي هڪ هٿ ۾ هٿڪڙي ڏٺائين ته وٺي رڙ ڪيائين، "کيون کھولی ايک ہاتھ سے ہتھکڑی۔ لگائو اسکو، اور باہر کیوں بٹھایا ہے۔ اسے کورٹ

ميں ليکر چلو."
پوليس واري هنکي گار ڏيندي، مونکي وري پنهي هٿن ۾ هٿڪڙيون هنيون ۽ ڪورٽ ڏانهن وٺي وڃڻ لڳو. ڪورٽ جو پٽيوالو سليم کي سمجهائڻ لڳو، "بابا انسان بنو، يہ عزت والا آدمی ہے- پہلے بھی کسی نہ آسے ہتھکڑی نہیں لگائی- یہ کوئی خونی تو نہیں ہے-" سليم کيس ڪاوڙ ۾ چيو، "تم کون ہو بولنے والے، میری مرضی میں کچھ بھی کروں-" وري پوليس کي واري چيائين، "اسکو قیدیوں کے کمرے میں لے جاکر بٹھائو."
پٽيوالي وڃي ڪورٽ ڪلارڪ عباسيءَ کي ٻڌايو. هن مونکي اندر سڏائي ورتو. پبلڪ پراسيڪيوٽر گدا شاهہ مونکي ڏٺو تہ عزت سان مليو. عباسي مونکي ويهڻ لاءِ ڪرسي ڏني. ايتري ۾ سليم ڪورٽ ۾ اندر آيو، مونکي ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺائين تہ ٽپي باهہ ٿي ويو، ۽ رڙ ڪري چيائين، "یہ یہاں کرسی پر کیوں بیٹھا ہے- اسے لے جاکر قیدیوں کے کمرے میں بٹھائو." مان اٿڻ لڳس تہ عباسي مونکي چيو، "سائين توهان ويهو." وري سليم کي چيائين، "انسان ٿي. هيءَ هڪ رسالي جو ايڊيٽر آهي، اديب آهي، عزت دار ماڻهو آهي. هروڀرو خراب ورتاءُ نہ ڪر." سليم، عباسيءَ کي بہ چڙ ٻ ڏني ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو. عباسيءَ کيس چيو، "گوڙ نہ ڪر، هيءَ ڪورٽ آهي." تنهنجو حڪم هتي نہ هلندو. ايتري ۾ دانيال شاهہ، الهہ بچايو، يوسف، ظاهر، مقصود، ادا خالد شاهہ، مامو اڪبر شاهہ، ادا نثار،

عرفان شاهه، اورنگزيب ۽ ياسر اچي ويا.

سليم ڪاوڙ ۾ ٻاهر نڪري ويو، پر انهن ٻئي پيرن تي موٽي آيو ۽ رڙ ڪري مونکي چيائين، ”تم اٿهو، ميں تمهيں لاڪ آپ ميں بند کرونگا.“ مون پورو وقت ڪاوڙ ضبط ٿي ڪئي ۽ جيئن هن چيو ٿي ائين پئي ڪيو. مان اٿڻ لڳس ته عباسيءَ سليم کي چيو، ”وارنٽ مون وٽ پيو آهي. ميجر صاحب اڃا آيو ڪونهي، نڪي اڃا تاريخ ملي آهي. تون هنکي ڪيئن وٺي ويندين.“ سليم اول ته مڇرجي ويو ۽ عباسيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو، ۽ پوءِ ايس-پي وٽ وڃڻ جي ڌمڪي ڏيئي ٻاهر نڪري ويو.

عباسي فون ڪري ميجر سان ڪجهه ڳالهايو ۽ مونکي ٢٦-تاريخ ڏنائين. مان اتان اٿي اچي قيدين واري ڪمري ۾ بينچ تي ويٺس، اورنگزيب ۽ ياسر منهنجي ڀر سان ويٺا. ٻيا ڪي ويٺا ڪي بيٺا. مون دانيال ۽ مقصود کي چيو ته توهان جلدي منهنجي گهرج جون شيون وٺي اچو، آءِ-ايس-آءِ ذليل ماڻهو آهي شايد جلد جيل موڪلائي. مغل جي ڊرائيور خميسي کي چيم ته: تون جلدي وڃي مغل کي سڏي اچ.

ساميءَ ٻڌايو ته آءِ-ايس-آءِ، ايس-پي وٽ ته ڪونه ويو ٻاهر چڪر هڻي پيو. ايتري ۾ هو اندر آيو ۽ مونکي چيائين، ”تم اٿهو.“ مان اٿيس ته پوليس وارن کي چيائين، ”لي چلو اسي.“ اڳيان پاڻ، پٺيان مان، مون سان گڏ پوليس وارا ۽ انهن جي پٺيان منهنجا مائٽ ۽ دوست. پوليس وارا سليم کي گاريون ڏيئي رهيا هئا ۽ چيائون، ”ڏاڍو ڪمينو ماڻهو

آهي.” هن سان گڏ هوندا آهيون ته هيءَ ڀاڱو نه خوار خراب
ٿئي ۽ اسانکي به ذليل ڪرائيندو آهي. ڪنهن ڏينهن ڪو
ڪرمنل قيدي مليو ته ڇٺيءَ جو کير ياد ڏياريندس.
مون سليم کي چيو، ”ڪجهه ته شرافت کان ڪم وٺ.
مان ڪرمنل قيدي ناهيان، پڙهيل لکيل ماڻهو آهيان. سياسي
قيدي آهيان.” هن ٺوڪ منجهان چيو، ”تو کیا ہوا. آسمان
سے تو نہیں اترے. سب قیدی بڑی شریف بنکر چلتے ہیں.
مگر میں سب کو سیدھا کر دیتا ہوں.”
هو مونکي ڪورٽ ۾ ٺاهيل لاڪپ تي وٺي آيو. آتي ٻن
ڪولين کي ٻت ڏيئي الڳ ڪيو ويو آهي. هن ڏاڍي رعب
۽ حڪم سان مونکي چيو، ”چلو اندر.” منهنجي ماڻهن، دوستن
(انهيءَ وقت زيب سنڌي به اچي ويو هو.) ويندي پوليس
وارن کي به سليم جي انهيءَ حلت تي خار لڳي رهيا هئا،
پر سڀئي خاموش هئا. مون سوچيو: ٺيڪ آهي، قيدي آهيان،
جتي ويهاري، جيڪا بڇڙائي بچيس پلي ڪري، اهي ظلم ۽
ناحق ته اسانجي ڀاڳن ۾ لکجي ويا آهن.
سليم مونکي ڌڪي لاڪ اپ ۾ ڪيو. اورنگزيب ۽ ياسر
به مون سان گڏ اندر وڃڻ لڳا. سليم وٺي ٻارن کي ٻاهر
زور سان ڌڪو ڏنو ۽ مونکي اندر ٺيلهو ڏنائين. مون،
جنهن ايستائين نهايت صبر کان بي ڪم ورتو ۽ سندس هر
فرعوني حڪم جي خاموشيءَ سان بجاآوري بي ڪئي. ٻارن
کي ڌڪو ڏيندي ڏسي، تپي باهه ٿي ويس. مون سليم کي
ڌڪو ڏيندي چيو، ”خبردار جو هنن معصوم ٻارن کي

هٿ لاتو اٿئي. مون تنهنجي هر بدتميزي برداشت ڪئي آهي، پر اهو برداشت نه ڪندس ته تون ڀارن تي هٿ ڪئي. وڃي پنهنجي ايس-پيءَ کي ٻڌاءِ. ڇا ڪندو مونکي، جيل ۾ ته اڳ ۾ ئي آهيان. ڦاسي ڏيڻ چاهي ته ڀلي ڏي.”

ايتري ۾ تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿي ويا، جن ۾ ڪيترائي وڪيل ۽ پوليس وارا هئا، آءِ-ايس-آءِ گار گند ڪئي ته سڀني آءِ-ايس-آءِ کي گاريون ڏنيون. آءِ-ايس-آءِ ڀِرڻ ته مونکي ڌمڪيون ڏنيون، پر ايترن ماڻهن جو گوڙ ڏسي ميسجي ويو، چوڻ لڳو، ”ٺيڪ ہے ٺيڪ ہے يهان آرام سے بيٺهو.“ ۽ پاڻ هليو ويو.

ايتري ۾ ظفر شاهه به اچي ويو. مونکي هٿڪڙي لڳل ڏسي ٽڪي ٽرڪ مرڪندي چيائين، ”سائين مبارڪ هجي.“ وري چيائين، ”توهان اڃا تائين پنهنجي اصولن تي بيٺا آهيو.“

ٿوري دير کانپوءِ سليم وزير آيو ۽ چيائين، ”هلو، هلي وين ۾ ويهو.“ اسين سڀئي وين ڏانهن وڃڻ لڳاسين، ظهير جو دوست آءِ-ايس آءِ غلام حيدر به اچي ويو. هو مشهور ڏاڙيل قلندر بخش ڪوسي ۽ سندس سائين کي وٺي آيو هو. شفيع چند ريگر وارا به اچي ويا هئا، اسان سڀني کي قلندر بخش واري وين ۾ چڙهڻ لاءِ چيائون. قلندر بخش سامهون ويٺو هو، سندس اکين ۾ ڏاڍي چمڪ ۽ چهري ۾ وقار هو. انهيءَ کان اڳ جو مان هن سان ڳالهايان، اسان واري ترڙي آءِ-ايس-آءِ وري انهيءَ وين مان لهرائي ٻي وين ۾ ويهاريو.

ٻوليس واري مونکي چيو، ”جيستائين وين هلي اوهين ٻاهرين پاسي (پوليس وارن لاءِ ٽهيل جاءِ) ويهو. ايتري ۾ فيروز به اچي ويو. ظفر شاهه کيس چيو، ”فيروز صاحب گهڻ ۾ گهڻ اوهان پنهنجي اداري جو نئون ڪتاب ته طارق صاحب لاءِ ڪڻي اچو ها.“ فيروز ڦڪي مرڪ مرڪي ماٺ رهيو، مون چيو، ”اوهان نئين ڪتاب جي ڳالهه ٿا ڪريو، پڙهڻ کو به ڪتاب مونکي نه ڏيندو آهي. حالانڪ ڪجهه وقت اڳ مون کيس خط ۾ به اها ڳالهه لکي هئي ته تنهنجو ادارو رڳو منهنجي ڪتابن جي ڪري، منهنجي ۽ سهڻي پبليڪيشنس جي نالي جي سهاري هليو آهي. منهنجا ۽ تنهنجا تعلقات ڀلي کڻڙا به خراب هجن، پر اخلاقي طور تي توکي پنهنجي اداري جو هر ڪتاب مونکي تحفي طور ڏيڻ گهرجي.(١)

خميسو خان جيڪو مغل کي وٺڻ ويو هو، سو مغل کي وٺي آيو. مغل مونکي هٿڪڙيون لڳل ڏسي ڏيئون ته چيئين، ”مان سپائي اوهانجو بي ڪلاس ڪرائڻ لاءِ ڪراچي وڃي رهيو آهيان. اوهان فڪر نه ڪجو.“

ڪجهه ڏينهن اڳ ياسر جي سالگره تي هئي، ته تصويرن جو آلبم کڻي آيو هو، مان سندس ۽ ٻين ٻارن جون تصويرون ڏسڻ لڳس. ولي رام ولڀ به اچي ويو هو. ۽ ٻهريون پيرو

---

(١) فيروز نيو فيلڊس پبليڪيشنس جي ٻاران منهنجا نو ڪتاب ڇپيا آهن ۽ انهن ڪتابن مان کيس چڱو خاصو منافعو ٿيو آهي.

مدد علي سنڌي ٻه آيو. مون مغل کي چيو ته: اينڊزشنوائيءَ تي ٻه اهو آءِ-ايس-آءِ آيو ته مان هن سان نه ڳالهائيندس.
۽ پوءِ وڃي هليو. مون آئي ويٽي ٿي سينئي کان موڪلايو. وين اڳيان ڪار جي جيل هلي ۽ پوءِ ڪرلائي ڀنائي آئي سينٽرل جيل تي قتو ڪيائين.

ماڙيءَ ۾ اندر گهڙياسين ته گيٽ جمعدار مونکي، شفيع ۽ موتلائيءَ کي ڏاکڻ جي هيٺان ويهڻ لاءِ چيو، موتلائيءَ جي حالت اهڙي هئي جو لڳو ٿي ته اڃا تو مري، ٻنا سهاري ويهي نٿي سگهيو. (پر اندر اچي خبر پئي ته بيماريءَ جي ائڪٽنگ وڏيڪ تي ڪيائين.) جمعدار سامان چيڪ ڪرڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ گيٽ تي ويٺل ٿلهي سپاهي (جيڪو عمر واري پڻ هضم ڪري ويو هو.) اچي چيو ته: سپرنٽنڊنٽ اوهانکي سڏيو آهي. چيو مانس، اچان ٿو. جمعدار اڳ ۾ شفيع جو سامان چيڪ ڪيو. ٻه رائٽنگ پيڊ ڏسي چيائين، ”هي ٻه ڇو کنيو وڃي؟“ مون جمعدار کي ٽوڪ هڻي چيو، ”وڪڻندو، جيل ۾ سٺي قيمت ملندي.“ جمعدار مونکي ڏٺو، پر چيائين ڪجهه نه. وري ٿيلهي مان بيدا ڪڍيائين، ڪافي ته پيچي ڇڏيائين. تاش ڏسي پڇيائين، ”هي ڇا جي لاءِ آندي اٿئي.“ وري ٻه طنز ڪندي چيم، ”جوا ڪرڻ لاءِ. (جيتوڻيڪ پيڊ، ڪاپيون، تاش جيل ۾ قيدين وٽ عام جام آهن. بلڪ قيدي P.P.C جي پئسن مان واسطيدار ڪلرڪ کان ٻه گهرائيندا آهن، ۽ جيل ۾ ٺهيل دڪان تي اهي شيون رکيون ٻه هونديون آهن.) جمعدار، شفيع جا پيڊ،

۾ بيدا رکي ڇڏيا ته اهي Allow ناهن. پر منهنجي بيدن کي Allow ڪري ڇڏيائين. ايتري ۾ پوليس وارو وري مونکي سڏڻ آيو. شفيع مونکي چيو ته: ”سپرنٽينڊنٽ کي چئي مونکي اهي شيون وٺي ڏيو.“
مان سپرنٽينڊنٽ وٽ ويس. هن اڳ ۾ ته هٿ ملائڻ چاهيو، پر ٿورو هٿ مٿي ڪئي، وري ارادو مٽائي ڇڏيائين. شايد کيس احساس ٿيو ته سي ڪلاس جي قيدي سان هٿ نه ملائڻ گهرجي. نه ئي هن مونکي ڪرسيءَ تي ويهڻ جي صلاح ڪئي، پر مان پاڻ ئي ويهي رهيس.
سپرنٽينڊنٽ پهرين حال احوال پڇيا، پوءِ چيائين، ”مون ڊپٽيءَ کي چيو آهي ته: ”طارق اشرف شريف ماڻهو آهي، رائيٽر آهي، لکڻ سندس هابي آهي. کيس لکڻ کان ڪو منع نٿو ڪري سگهي. اڳ ۾ به لکيو اٿس. کيس ڪا تڪليف نه ڏجي.“ وري چيائين، ”ڇو اٿم ته تو جيل بلڊنگس جون تصويرون لهرايون آهن؟“ چيومانس، ”اها بلڪل غلط ڳالهه آهي. مون ۾ ايتري همت آهي جو لهرايون هجن ها ته لڪايان به نه ها. ڊپٽيءَ به مونکي چيو آهي ته: تو جيل ۾ تصويرون لهرايون آهن. مون کيس به چيو آهي ته جيل ۾ تصويرون لهرائڻ مونکي هلڪڙائپ ٿي لڳي. وري مونکان اهو به پڇيائين ته: ڪنهن ڪنهن وٽ ڪئميرائون آهن. منهنجو اهو ڪم ته ڪونهي ته مان جانچ ڪيان ته ڪنهن وٽ آهن.“ سپرنٽينڊنٽ جلدي سان چيو، ”نه نه، اها ڊپٽيءَ جي غلطي آهي، چڱو تنهنجي مهرباني، تون ايندو ڪر.“

سپرنٽنڊنٽ جي انهن ڳالهين مون ايڏو خراب ڪيو جو مون شفيع جي شڪن لاءِ چوڻ مناسب نه سمجهيو. ٻاهر نڪري شفيع کي چيم: ”توکي بيدا ملي ويندا.“ (ٻوءِ پنهنجي بيدن مان درجن کيس موڪلي ڇڏيم.)

اها هئي اچوڪي شنوائيءَ جي رپورٽ. ايندڙ شنوائي تي ساڳيو آءِ-ايس-آءِ آيو ته هن سان نه نڪرندس. مغل ڇنڇر جي ڏينهن منهنجي بي ڪلاس لاءِ ڪراچي ويندو. تو ن منهنجو ايم-آءِ جو سرٽيفڪيٽ ۽ انڪم ٽيڪس جا ڪاغذ ڳولهي مغل کي ڏي ته هو کڻيو وڃي.

هن وقت رات جا نوَ لڳا آهن. تون زاهد جي شاديءَ ۾ ويل هوندينءَ. مونکي خبر آهي ته تو شاديءَ ۾ وڃڻ نٿي گهريو، پر هو توکي مجبور ڪري وٺي ويا هوندا. تو شاديءَ جو وڳو پاتو هوندو. پر مون ته اهو وڳو ڏٺو ئي ڪونهي، نه ڄاڻ تو ڪهڙا زيور پاتا هوندا. ڪهڙو ميڪاپ ڪيو هوندو.

چڱو، في الحال اجازت ڏيو ونان. سڀائي جون ڳالهيون سڀائي سان.

٢٣-١٢-٨٠

صبح جا نوَ لڳا آهن. مان نيرن ڪري اچي پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو آهيان. رات زاهد جي شادي ٿي وئي هوندي. مونکي تفصيل سان شاديءَ جو احوال ڏجان.

ڪنهنجي اچڻ ڪري خط اڌ ۾ رهجي ويو هو. هن وقت

مجرم لغاري جي هنڌ تي جيئي سنڌ پروگريسو جو نوجوان حسن علي لغاري ڪلاسيڪل راڳ ڳائي رهيو آهي. آواز ۾ ميناج گهٽ ڪونه اٿس، پر ڪلاسيڪل راڳ ڳائڻ جا ٿي-پرياتي، آسا، سنڌو وغيره ڳايو اٿس. هينئر بالُسري ۾ ڳايو اٿس. مجرم لغاري انهيءَ خوش فهميءَ ۾ مبتلا هو ته هو راڳ جو وڏو ڄاڻو آهي. پر حسن علي هر راڳ متعلق ڪاڻس پڇندو ويو ته: هيءَ ڪهڙو راڳ آهي. پر مجرم هڪ راڳ به صحيح نه ٻڌائي سگهيو.

مون کان علاوه هن ڪمري ۾ ڇهه ڄڻا ٻيا ويٺا آهن. حسن علي ڳائي رهيو آهي، ٻيا واه واه پيا ڪن ۽ مان خط نه پيو لکي سگهان.

پلا شادي ڪيئن ٿي؟ تنهنجي ماسيءَ ڇا ڏنو. زاهد وارن ڇا ڪيو. ماني ڪيئن هئي. پلا شادي ٿي ڪٿي. ڪنوار ڪيئن پي لڳي (لڳي ته پڪ سٺي هوندي). تفصيل سان لکجانءِ.

اڄوڪي اخبار ۾ ڪلهوڪي آي-ايس-آءِ سليم جي مون سان بدتميزيءَ جي خبر ڇپي آهي.

باقي خط ٿوري دير کانپوءِ لکندس. هن وقت، هڙئي گوڙ ۾ ته لکڻ ممڪن ڪونهي.

ٻن پهرن جا ٻه ڪن لڳا آهن. اڃا ماني نه کاڌي اٿم. ٻوڙ چڙهيو پيو آهي. گوشت ڳري ته ماني وڌائجي. ماني محب شاهه وٺائيندو آهي، تنهنڪري اڪثر ٻاڻ ماڻيءَ تي دير

سان اچي، ۽ نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه به نصيب ڪونه ٿئي.
اڄ ته سيءُ به ڏاڍو آهي. سج جو نالو نشان ڪونهي. اٿين به اسان واري ڪمري ۾ آس اچي ڪونه. دائود خان وارو ڪمرو / هال ڏکڻ پاسي آهي، انهيءَ ۾ وري به ڪجهه آس اچي ٿي، پر اسان وٽ ته فقط صبح جو سج جا ڪي ڪرڻا ايندا آهن. ۽ اڄ هوا به ڏاڍي آهي.

اڄ ابوبڪر زرداري، عالم شاهه ۽ عبدالله ملاح کي سپرنٽينڊنٽ چيو ته: ”طارق اشرف جيل ۾ ڪئميرا ڪٽي آيو آهي. ۽ سندس اچڻ ڪانپوءِ جيل ۾ تصويرون لهن پيون.“ تنهن چئن ڪيس چيو ته: ”طارق صاحب لاءِ مهرباني ڪري اهڙي ڳالهه نه ڪريو. هو اهڙيون حرڪتون نه ڪندو آهي. هو ته اهڙو ماڻهو آهي جو اسين اوهانکان پاڻ وٽ سندس اچڻ جي اجازت وٺي وياسين، ته به اسانوٽ نٿو اچي. نه ئي ڪنهن ٻئي وٽ وڃي. ڪئميرائون ته طارق جي اچڻ ڪان گهڻو اڳ هتي هيون. ڪيترن ڪيس ملنون ڪيون، پر هو تصوير ئي نٿو اهرائي.“
عالم شاهه ٻڌايو ته ٻه ٽي ڪئميرائون ته ٻهٽي پاڻ وٽي چوڪرن کي ڏنيون آهن. (ڪلهه منهن جي ٻڪائي ڪري مونکان ٻي پڇيائين ته ڪئميرائون ڪنهن ڪنهن وٽ آهن.)
هڪ دفعي ٻاهران ايندڙ هڪ سياسي قيدي چوڪري کان ماڙيءَ ٽي ٻهٽي زيڊ ڊو ڦري ورتو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ

ڊپٽي جيل جي اندر آيو. (سياسي قيدين جي ڊپ کان اڪثر سپرنٽنڊنٽ اوقاش ۽ ڊپٽي رحيم جيل جي اندر اچن ئي ڪونه.) چوڪرن ڪيس جهلي ورتو ۽ چيائون: ”اسان وارو ريڊيو ڪٿي آهي، آهو ريڊيو جيل رجسٽر ۾ به داخل ڪونهي.“ ڊپٽيءَ چيو، ”ريڊيو برابر مون ورتو هو، پر ياد ڪونه اٿم ته ڪيڏانهن ويو.“ چوڪرن چيو، ”ته پوءِ پئسا ڀري ڏي.“ ڊپٽيءَ يڪدم کيسي مان ٽي سؤ روپيا ڪڍي ڏنا. چوڪرن چيو، ”اها ته ٽي اسانجي خرچي. ريڊيو جي قيمت ڪڍ.“ ڊپٽي وري پيا به ٽي سؤ روپيا ڪڍي ڏنا. پر پين جي چوڻ تي ٽي سؤ رکي، پيا ٽي سؤ ڊپٽيءَ کي موٽائي ڏنائون.

ڊپٽيءَ هڪ دفعي ملاقات تي ڪوڙ ڪيو ته چوڪرن ڪيس ٺڪرون هنيون، ۽ سندس بيعزتي ڪيائون. پر معافي وري به ڊپٽي ورتي. ۽ مون، جنهن جيل ۾ هڪ به تصوير نه لهرائي آهي، ڪيترن دوستن مونکي مجبور ڪيو، پر مون سيني کي انڪار ڪيو ته مان جيل ۾ تصوير نه لهرائيندس. مونکي اها هلڪڙائپ ٿي لڳي ته مان جيل جون سيخون جهلي پوز هڻان. پر الزام ماڳهين مون تي لڳو.

هتي گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن ويهه ڪئميرائون آهن، جنهن کي ڏس تصويرون پيو لاهي، ڪٿي ڪو پوز هنيو بيٺو آهي، ڪٿي گروپس جون تصويرون لهن پيون. ڪو جيل جي پوليس واري جي ڪلهي تي هٿ رکيو تصوير لهرائي پيو، ڪٿي جمعدار ڏاڍو سيٽيو پنهنجي تصوير لهڻ جي انتظار ۾ بيٺو آهي. شايد ئي جيل جي ڪنهن دوامر

واري يا جمعدار جيل ۾ تصويرون نہ لهرايون هونديون. بلڪ جن وٽ ڪئميرائون آهن، انهن کي سڄو ڏينهن پيا منٿون ڪندا آهن. جيل جا بُرجَ، مرده ڪولي، چڪر، بئرڪون، ڦاسي گهاٽ جو در، اسپتال ـ جيل جي ڪا اهڙي جاءِ نہ آهي، جنهن جون تصويرون نہ لٿيون آهن. ڪئميرائن کان علاوه ننڍا ٽرانسسٽر ريڊيا بہ بي شمار آهن. جيلر هجي يا ڊپٽي، هر ڪو سياسي قيدي (جن وٽ ريڊيو آهن) انهن جي سامهون ريڊيو کنيو پيا هلندا آهن، ۽ اڪثر ريڊيو وڄندا رهندا آهن.
جيل جي اندر وڃڻ جو فقط هڪڙو در آهي. اندر هر قيديءَ جي تلاشي ورتي وڃي ٿي، پوءِ اندر ڇڏجي ٿو. اهو تہ ممڪن ڪونهي تہ ريڊيو يا ڪئميرا ٻاهران ڪو آڻي، ۽ اندر جهٽجي وڃي. ريڊيو، ڪئميرا، چرس، ڀنگ، افيم، ۽ ٻيون سيئي شيون جيل جي هڪ ئي در مان اندر اچن ٿيون، باوجود سخت تلاشيءَ جي، ۽ ظاهر آهي تہ جيل انتظاميہ جي مهرباني کان سواءِ تہ اهي شيون اندر نٿيون اچي سگهن. ۽ اهي سيئي شيون اهو قيدي نٿو رکي سگهي، جيڪو غريب ۽ بي پهچ آهي. جيڪڏهن ڪنهن اهڙي قيديءَ وٽان اهڙيون شيون نڪتيون تہ پوءِ هو بند وارڊ ويندو، پنهنجا هڏ گُڏ ڀڃرائيندو. قيدي بند وارڊ مان بہ يڪدم نڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن، جيل وارن کي ڪجهہ نذرانو ڏي.
البت همٿ وارو ماڻهو جيل ۾ هجي يا ٻاهر، هر هنڌ عزت سان رهي سگهي ٿو.

هت جيل ۾ ٻڌل هڪ ڏاڙيل مراد علي جت جي ڳالهه ياد ٿي اچيم، ڪڏهن ڪڏهن دفعي ڪرمنل قيدين، پوليس وارن ۽ جيلرن به اهڙا ڳالهه ٻڌائي هئي: مراد علي جت جڏهن به جهلجي ايندو هو، يا ڇڏائي ڏانهن ايندو هو، ماڙيءَ جي در وٽ پهچي چوندو هو ته: ”ڪڙڪيءَ مان ڪونه ويندس، پورو در کوليو. (جيئن سڄو ننڌن نٽ لاءِ کلندو آهي)، شروع ۾ ڏاڍي مارڪٽ ڪيائون، پر هيءُ پنهنجي ڳالهه تان نه هٽيو، نيٺ هن جي لاءِ ماڙيءَ جو ڦاٽڪ کولڻو پوندو هو.

چڱو اجازت.

مغل، آنا، پاپي، ادا ظهور، ظهير، مقصود، چاچا صالح، اياز، نثار، دانيال ۽ ٻين سڀني کي سلام ڏجان.

غزاله، فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

٢٤-١٢-٨٣

پياري شمس

اسلام عليڪم

صبح ٿي ويو آهي. نيرن ڪري، شيو ڪري، اچي تنهنجي حضور ۾ حاضر ٿيو آهيان. اڪثر رات جي (صبح جو) چئين وڳي اک کليو وڃي، پر اڄ چئين وڳي اک نه کلي، بلڪ چئين وڳي ڪانپوءِ جاڳيس. شايد انهيءَ سبب ڪري ته رات جو خواب ۾ توسان فلم ڏسڻ ويس هيس. شايد تياريءَ جي ڪري اک دير سان کلي.

ڪلهه ته سيءُ ڏاڍو هو. اڄ به سيءُ گهٽ آهي، پر ڪلهه هوا به تيز هئي، جتي مان رهان، اتي آس ڪانهي. آس لاءِ وري اسپتال کان هيٺ لهي وڃڻو ٿو پوي.

هينئر هينئر ٻاهرن جي ماني کائي سوڙ ۾ گهڙيو آهيان. مانيءَ ۾ گوشت جو ٻوڙ هو. نتويءَ جي ملاقات آئي هئي سو سندس گهران (ڪراچيءَ مان) بگهاري بينگڻ (واڱڻ)، چانور ۽ شامي ڪباب آيا هئا، مون هميشه 'بگهاري بينگڻ' جي ساراهه ٻڌي آهي، پر مونکي ته نه وڻيا. چانور بنا لوڻ جي هئا. انهن ۾ به مزو نه هو.

سيءَ جي ڪري خط لکيو ڏيئي نٿو ٿئي. سڄو جسم پيو ڏڪي، سياري ۾ تون به ڪنهن هيٽر کان گهٽ ناهين، سيءَ کان تنهنجي ڪري چڱو بچاءُ ٿئي ٿو، پر هتي ته اهو بچاءُ به

ڪونهي. شڪر ته سوڙ آهي نه ته سيء ۾ ٿي سگهي مران ها.

جيڪڏهن ساڳيو آءِ۔ ايس۔ آء سليم نه آيو ته انشا الله پرهين ء شنوائي تي ايندس. توکي هيءَ خط به تڏهن ملندو.

هيئر هيئر خبر پئي اٿم ته ملاقات آڏي آهي. تنهنڪري خط اُتي ئي ٿو بند ڪريان. شايد تنهنجو خط به آيو هجي.

چڱو خدا حافظ.

تنهنجو
طارق

١٦-١٢-٨٣

عزيز طارق، خوش هجين شال، آمين.

ڪلهه رات اوهانجو خط مليو هوم. دانيال جڏهن پريس تان رات جو موٽيو، تڏهين ڏنائين. توهانکي دانيال جي بيماري ء جو لکي ڏاڍي غلطي ڪيم. سڀئي گهر وارا مون تي ناراض ٿيا ته توکي خبر آهي ته ادا دانيال جي ٿوري بخار تي ڪيترو پريشان ٿيندو آهي، تو وري پورو تفصيل ويهي لکيو آهي. هاڻ هو جيل ۾ ڪيڏو نه پريشان ٿيو هوندو، دانيال هڪ ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويو، توهان مهرباني ڪري پريشان نه ٿيو.

ادا مغل ٻارن ٻچن سان ڪراچي ويل آهي، آچر تي ايندو. اڄ به خبر پوي ته اوهانجي بي ڪلاس جو ڇا ٿيو.

خدا ڪري اوهين جلد آزاد ٿيو، پريس ٺيڪ نه پئي هلي. ٻئي پاسي گهر به اڏ ۾ رهيو پيو آهي. خدا ڪري پنهنجو

گهر جلد نهي، منهنجي ته الله کان اها دعا آهي ته هو اسانکي پنهنجي گهر وارو ڪري. پوءِ پلي مان هڪ ڏينهن گهر وڃان ۽ پٽي ڏينهن خدا مونکي پاڻ وٽ گهرائي وٺي. هر شادي شده عورت پنهنجو گهر چاهيندي آهي، مونکي به پنهنجو گهر گهرجي. خبر نه آهي دل ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خواهشون آهن پنهنجي گهر لاءِ. ڏسجي ڪڏهن تيون اهي خواهشون پوريون ٿين. رب پاڪ توهانکي زندگي ڏي، تندرستي ڏي ۽ آزادي ڏي. توهان سان ٿي منهنجيون سموريون خوشيون وابسته آهن.

اوهانکي وٺي ايترا ڏينهن ٿي ويا آهن، پر مان اوهانکي هاڻ به گهر ۾ ٿي محسوس ڪندي آهيان. اوهان ڪمرا ٽ روم جي در تي بيهي، منهنجي نڪرڻ تي ڊ ڊچار ڀندا هئا. اجا به باٿ روم ۾ ويندي آهيان ته سمجهندي آهيان ته اوهين ٻاهر بيٺل هوندا، پر اوهين هوندا ناهيو. باٿ روم کان بيهي وارن جي ڪمري ۾ ويندي آهيان ته پنهنجي ڪمري ۾ ڏسندي ويندي آهيان، جڏهن ته خبر به هوندي اٿم ته هن ڪمري ۾ اوهان ناهيو، پر نظرون پاڻمراد اوهانکي ڳولهڻ لاءِ ڪمري ڏانهن کڄيو وڃن. نه ڄاڻ اوهين ڪڏهن ايندا، مان ته هڪ هڪ ڏينهن، هڪ هڪ گهڙي ويٺي ڳڻيان ته: طارق کي وٺي ايترو وقت ٿي ويو آهي.

اوهانکي لکيو هوم ته بيبي وارن جي ڪمري ۾ سمهندي آهيان. هڪ ته مان اڳ ٿي ڊ ڄٽي، ٻيو پنهنجي ڪمري ۾ ڪوٺو آهي. اوهين هوندا هئا ته مان به بهادر بڻيو سمهي

پئي هوندي هيس. پر مصيبت پوڻس. ڪلهه رات ڪان ڪوئو وري بيبي وارن جي ڪمري ۾ هريو آهي. بيبيءَ چيو ته: تون اسانجي ڪمري ۾ آئي آهين ته ڪوئو به هتي هليو آيو آهي، مهرباني ڪري تون پنهنجي ڪمري ۾ وڃ. ڪوئو توهان سان هريل آهي، سو توهانڪان سواءِ اڪيلو ڪمري ۾ پريشان ٿي ويو آهي.

ٻوٻن ٻن خطن ۾ اوهان ڏاڍا سٺا اکر لکيا آهن. لڳي ٿو اهي ٻئي خط اوهان دل سان لکيا آهن، باقي مٿين ٿان بوجهه لاهڻ لاءِ لکيا اٿو.

١٧-١٢-٨٣

اڄ ٻنهي ڄڻن جو توهانجو خط مليو. اڄ توهان سان دوستن ۽ مائٽن جي ملاقات به ٿي. سڀاڻي موڪل آهي، اڄ خط موڪليم ته پرهينءَ توهانکي ملندو. هاڻ ته اوهانکي خط لکڻ جي اهڙي عادت پئجي وئي اٿو، جو بنا لکڻ جي رهي ڪونه سگهان.

اوهانکي ڪوٽ موڪليم ته اوهان ’ميرو آهي‘ چئي واپس موڪلي ڇڏيو. سيءُ آهي، في الحال ته پايو ها.

عمر فون ڪري ٻڌايو ته مان طارق لاءِ سئي ٻين ڪٺي ويو هئس، پر جيل وارن موٽڪان وٺي ڇڏي. هاڻ اوهين مهرباني ڪري جيل وارن کان آها وٺو.

سيءُ ڏاڍو وڏي ويو آهي. توهان ته خبر نه ڪهڙيون ڪهڙيون شيون لکيون هيون، مون ڪجهه ته وٺي موڪليون آهن. جيڪي ڪٿال هجن، انهن لاءِ لکي موڪلجو.

ادا مغل جي گھر فون ڪئي هيم. سجاد ڪنئين. ادا وارا اڃا ڪونہ آيا آهن. شايد سڀاڻي اچن. خدا ڪري جو بي ڪلاس ٿي وڃي.
هينئر هينئر ادا ولي رام جي فون آئي هئي، اوهان جو پڇيائين پئي.
چڱو مان بہ هاڻ اجازت وٺان ٿي. ٻيو ڪو احوال بہ ڪونهي.
سڀني گهر وارن ۽ ادا ولي رام سلام چيا آهن. سلام ۽ دعائون ڏيندي هاڻ مان بہ اجازت وٺان ٿي.

توهان جي
شمس

١٩-١٢-٨٣
عزيز طارق، خوش هجو.
هن وقت رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. اوهانکي تہ سُتي بہ ڪافي دير ٿي هوندي. پر مان هن وقت بہ اوهانجي آڏو حاضر آهيان.
اڄ زاهد وارن جي گهر ميلاد شريف هو. آئان ٿي پوءِ ماسيءَ جي گهر لطيف آباد وياسين، ماسات کي ونهان ۾ و يهارڻ. آئان هينئر موٽي آهيان ۽ اوهانکي خط لکڻ ويٺي آهيان.
ميلاد ۽ ونهن جي وڊيو لٿي آهي. شايد شاديءَ ۾ شرڪت تيڻ اوهانجي قسمت ۾ ڪونهي، هاڻ اچي وڊيو ڏسجو.
ادا مغل وارا صبح سان تہ ڪونہ آيا هئا، شايد رات جو آيا هجن، صبح جو فون ڪندس. خدا ڪري اوهانجو ڪم ٿيو

هجي.

اڄ مون اوهانجي پسند وارو وڳو پاتو هو، جيڪو پاڻ پٺي گڏجي وٺي آيا هئاسين. زاهد جي پيءُ به ڪو اهڙو وڳو ورتو آهي، ڪلر به اهڙو آهي. چمائين پي ته مان به اهو پايان ها، پر رڳو ڪلر تي ڪونه آيو. چڱو ٿيو طارق ته مون پائي ڇڏيو، نه ته بوءِ ٻاهر پائڻ ڪان ٿي وڃي ها.

اڄ وڏيڪ احوال ڪونهي، رات به ڪافي گذري چڪي آهي. زندگي رهي ته سڀاڻي وري حاضر ٿيندس.

٢٠-٢ —٨٣

ادا مغل صبح جو فون ڪئي هئي. هو رات مان آيا هئا. توهان جي بي ڪلاس لاءِ ڪراچي ويو هو، پر آهو نه ٿي سگهيو. آفيس ۾ ڪن کي اوهان سان همدردي ته آهي، پر ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوبه تيار ڪونهي. اوهان تي الزام آهي ته اوهان رسول بخش پليجي جو ڪتاب ڇپيو آهي، (جيتوڻيڪ اهو ڪتاب اوهانجي پريس ۾ نوَ سال اڳ ڇپيو هو، جڏهن مارشل لا به نه هئي.) چون ٿا ته پليجي سان گڏ ڪيس آهي، سو مهرباني ڪري ٽاليو به نه وٺو. ادا چيو آهي ته مان وري به ڪوشش ڪندس. ڏسجي قسمت ۾ ڇا لکيل آهي. اوهانجو ايم-آءِ جو سرٽيفڪيٽ گهربو اٿس، پر توهان نه ڇاڻ ڪٿي رکيو آهي، مونکي ته ملي ڪونه ٿو.

طارق، اڄ وري مان ڏاڍي اداس آهيان. دل کي ڪا ڳالهه نه پئي وڻي. هر وقت توهان ياد ٿا اچو، دل چاهي ٿي اوهين يڪدم اچي وڃو. پر دل جو چاهڻ پنهنجي جاءِ تي، پر

ائين ٿي وڃي، اهو دل جي وس ۾ ڪونهي. دل هر وقت اندران ئي اندران روئي ٿي. اکين مان ٻه ٻيا ڳوڙها ڳڙندا آهن. پنهنجي منهن روئي ڳوڙها آگهي، وري ڪم ڪار ۾ لڳيو وڃان. دل سان جيڪا حالت آهي، آها پلا ڪنهن کي ٻڌايان. دل جو آواز ڪير ٿو ٻڌي. اها ته جنهن سان لڳل هوندي، انهيءَ کي خبر پوندي.

سيءَ وڌي ويو آهي. ادي نذير ناز اوهان لاءِ جيڪو سوئيٽر ناهيو هو، آهو موڪلي ٿي ڏيان. ڪجهه سيءَ کان ته بچاءُ ٿئي.

ڪمري ۾ هن وقت آپا، بيبي، گڏو ۽ ٻيا اچي ويٺا آهن. تنهنڪري خط اتي ئي پورو ٿي ڪريان، باقي احوال ٻئي خط ۾. اوهانجي سامي سليم شاهه جو خط آمريڪا مان آيو آهي، آهو به هن خط سان گڏ موڪليندس. منهنجي ماروٽ اوهانکي خط لکيو آهي، آهو به هن خط سان ئي گڏ اٿوَ. چڱو هاڻ اجازت، ادا مغل ۽ سڀني جا سلام قبول ڪجو. اوهانجون ياد ون سدائين موں سان گڏ آهن.

اوهانجي
شمس

٢٢-١٢-٨٣

عزيز طارق، خوش هجين شال، آمين.

هن وقت شام جا چار ٿيا آهن. ابتري دير هيٺ دانهال ۽ مقصود جو بي انتظار ڪيم ته اچن ته اوهانجو پچان جو اوهان شنوائيءَ تي آيا هئا. رات کان مان ڏاڍي بي چين

آھيان . مقصود ٻڌايو تہ: اڄ اداڪي ڪورٽ ۾ ھٿڪڙيون ھڻي وٺي آيا، ۽ آءِ.ايس.آءِ اوھان سان ڏاڍي بدتميزي ڪئي. اھو ٻڌي، منھنجي حالت ڏاڍي خراب ٿي پئي. اکين آڏو اونداھہ ڇانئجي ويئي. دل جي جيڪا حالت اٿم، طارق، آءٌ اھا مان لفظن ۾ لکي نٿي سگھان. خبر نہ اڄا ڇا ٻڌڻو پوي .

رات زاھد جي مينڌي ھئي. مان ڪانہ ويس. اڄ شادي آھي، پر مان نہ وينديس . مونکي توھان سان محبت آھي . اوھين جيل ۾ ھجو ۽ مان شادين ۾ وڃان، اھو مونکان نہ پڄندو. انھيءَ ڏينھن بہ ميلاد شريف جي ڪري وٺي ھيس.

جڏھن دل کي ڳالھہ ٺي نٿي وٺي تہ پوءِ شاديءَ ۾ وڃڻ مان فائدو. ڪو ناراض ٿئي تہ پلي ٿئي. مونکي ڪنھنجي پرواھہ ڪانھي . مون جيڪا تياري ڪئي ھئي، آءٌ اھا انھيءَ اميد تي تہ خدا ڪندو، اوھان گھر اچي ويندا . پر جڏھن ڏٺم تہ اوھان جو اچڻ مشڪل آھي تہ مون سڀئي ڪپڙا ڇڏيو تہ مان شاديءَ ۾ شريڪ نہ ٿيندس .

مان اوھانکان سواءِ ڪنھن بہ خوشيءَ ۾ شامل ٿيڻ نٿي چاھيان . ھيءَ خاندان ۾ شادي ھئي، توھان ھجو ھا تہ گڏ ھلون ھا .

ھن وقت گھر ۾ سڀئي شاديءَ جي تيارين ۾ لڳا پيا آھن . مون دانيال کي پئسا ڏنا آھن تہ ھار وٺي اچي ۽ اوھان جي طرفان زاھد کي نڪاح وقت پارائي .

توھان سان ڳالھائي، ڪجھہ دل جو بوجھہ ھلڪو ٿيو آھي .

هاڻ هيٺ وڃان پيو. وري سپائي حاضر ٿيندس، في الحال اجازت.

٢٣-١٢-٨٣

اڄ جمعو آهي. هن وقت شام جا سوا پنج ٿيا آهن. جيڪب آباد مان مهمان اچڻ وارا آهن، تنهنڪري گهر ۾ انهن جي تياري لڳي پئي آهي.

رات زاهد جي شادي ٿي ويئي. سيئي رات جو هڪ وڳي آيا. ڳالهين ۾ ادائي ٿي ويا. شادي ۾ آءٌ شريڪ ڪونه ٿيس. هاڻ اوهان ايندا ته پاڻ پئي وڏو ڏي شادي جو اکين ڏٺو احوال ڏسنداسين.

ادا آفتاب شادي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيل آهي. هن مقصود ۽ آپا کي چيو آهي ته مونکي ضمانت لاءِ درخواست ڏيو، منهنجا ڪي واقف آهن. مان انهن سان ڳالهايان ٿو. مون ادا مغل کي فون ڪري ٻڌايو. ادا چيو ته مان اڄي آفتاب سان ملندس.

ادا مدد علي فون ڪري ٻڌايو ته طارق سان جنهن آءِ-ايس-آءِ بدتميزي ڪئي هئي، انهيءَ جي خبر اڄ سنڌي اخبارن ۾ امن ۾ آئي آهي، مون اخبارون گهرائي رکيون آهن. مهراڻ اخبار ۽ هلال پاڪستان وارن گهر فون ڪري ٻه خبر چار ورتي. اوهان واڳن ۽ گوبي ڪاڏي. اهو پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيو. اوهان واڳن ڪاڏا ڪيئن؟ اوهانکي ته اهي ڪونه وڻن. خدا اوهانجي جان جلد ڇڏائي.

طارق، دانيال صفا پڙهي ڪونه ٿو. سچو ڏينهن ناول ڪنيو

ويٺو آهي، اسين تہ سمجھائي سمجھائي ٿڪا آهيون. ميٽرڪ جو امتحان اٿس. اسانجي تہ ٻڌي ڪونہ ٿو. سپائي اوهان سان جيل ۾ ملاقات تي ايندو، اوهان سمجھائجو.
هاڻ اجازت ٿي وٺان. سڀني سلام چيا آهن، سي قبول ڪجو. دعائون ڏيندي، خدا حافظ چوان ٿي.

توهانجي پنهنجي
شمس

٢٤-١٢-٨٣

پياري شمع

اسلام عليڪم.

سويل هڪڙو خط اڃا اڌ ۾ ئي هو ته ملاقات جي اچڻ جو پتو پيم. انهيءَ ڪري اڌورو خط ئي ڏيڻ لاءِ ڪٺي ويس. دانيال ۽ مقصود آيا هئا. شين سان گڏ تنهنجا ٽي چار خط به ڏيئي ويا. ايترا خط ڏسي ۽ پوءِ پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي.

هيءَ پهريون پيرو آهي جو تنهنجو خط پڙهي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. راڻي، ايڏي محبت نه ڪر. نه ڄاڻ مونکي جيل ۾ ڪيترو وقت رهڻو پوي. پر مون به ڪيڏي نه غلط ڳالهه ڪئي آهي. محبت تي ڀلا اختيار ڪهڙو. ڀلا تون جو مونکي لکين ته ياد نه ڪر، ته ڇا مان ائين ڪري سگهندس. تون شاديءَ ۾ نه وئينءَ، سچ پچ مونکي ڏک ٿيو. پر ساڳئي وقت اها به خوشي ٿي ته تون منهنجي خاطر اهڙي خوشيءَ ۾ به شامل نه ٿئينءَ. پر توکي وڃڻ گهربو هو. پنهنجا ڏک لڪائي، ڀين جي خوشين ۾ شامل ٿيو آهي.

مونکي احساس آهي ته مون توکي ڪجهه به ناهي ڏنو، ايستائين جو پنهنجو گهر به نه. پر تون يقين رک، مان تيستائين نه مرندس جيستائين توکي پنهنجو گهر نه ڏيندس.

تنهنجي گهر وارا سٺا آهن. تمام سٺا آهن. پيمر به، ڀائر به، ۽ جيڪو ڏکئي وقت ڪم اچي اهو سڀ کان سٺو. هو

وقت تي ڪم به اچن ٿا، عزت به، ڪن ٿا ۽ محبت به. باقي ڇا گهرجي؟ پر پوءِ به، پنهنجو گهر پنهنجو گهر آهي. خدا ڪندو پنهنجو گهر جلدي ٿيندو.

رات جا نوَ ٿيا آهن، ڪافي دير اڳ ماني ڪاڌي اٿئون. پالڪ گوشت هو. پالڪ تي حيران نه ٿيو، گرديءَ ۾ پٿريءَ ڪري نه کائيندي هئم. پر هي ته جيل آهي. هتي سي ڪلاس وارا روز ٻن پهرن جو ۽ رات جو دال کائين. هفتي ۾ هڪ ڀيرو گوشت ملندو آهي. آهو وڏو گوشت هوندو آهي ۽ قيدي هن کي ڏيڍل چوندا آهن، ۽ انهيءَ گوشت کان دال کائڻ وڌيڪ پسند ڪن. جيل جي حساب سان ته گوبي، پالڪ، واڱڻ يا ڪا ڀاڄي کائڻ وڏي عياشي آهي. ڪيترا قيدي داڻودخان وٽان ڀاڄي وٺي ايندا آهن، ۽ ڀاڄي ملڻ تي ائين خوش ٿيندا آهن، ڄڻ ڪا وڏي نعمت ملي.
اڄ ٽي - ويءَ تي سلور جبلي پروگرام ۾ سجاد عليءَ به ڳايو. ڏاڍو سٺو ڳايائين.
اڄ ڪلهه بند ٿيڻ کانپوءِ محب علي شاهه سان ڪافي ڪچهري ٿيندي آهي. پاڻ خيرپور ميرس جي پاسي جو آهي. وڪيل آهي، ٻه زالون اٿس. هڪ ڏاڏي پوٽي ۽ ٻي مهاجر. ٻنهي مان ٻار اٿس. ٻيءَ پيرسن اٿس. سڀ کان وڏو پٽ هيءَ آهي، هن تي الزام بينڪ ۾ ڌاڙي جو آهي، جنهن ۾ پنجويهه سال سزا لڳل اٿس. سائس جيڪي ٻيا جهليل آهن، آهي سکر جيل ۾ آهن. نقوي سندس ڪيس پيپر پڙهيا

آھن، آھي سکر جيل ۾ آھن. نقوي ۽ سندس ڪيس پيپر پڙھيا آھن، ھنجو چوڻ آھي ته مونکي ته سندس ڪاغذن ۾ اھڙي ڳالھ نظر نه آئي.

٢٦-١٢-٨٣

اڄ اچا نند مان جاڳيو مس ھوس ته زور شور سان صفائي ٿيندي ڏٺم. خبر پئي ته سپرنٽنڊنٽ رائونڊ تي تو اچي، دائود خان پنھنجا ھيٽر لڪائي ڇڏيا. (جيتوڻيڪ جيل وارن کي انھن ھيٽرن جي ڄاڻ ھئي)، علي حسن پنھنجو ھيٽر لڪايو نه ڪونه، پر ھنکي ھڪ دبي جي پٺيان رکي، انھي ۽ تي پنھنجي چڊي وجھي ڇڏيائين، ته جيئن ڏسڻ ۾ نه اچي. ھيٽر ڪو گرم ھو، سو چڊي سڙڻ لڳي. انھي ۽ کان اڳ جو سپرنٽنڊنٽ، دائود خان جي ڪمري مان اچي، مجرم سڙيل چڊي ڪڍي پاڻي ۽ جي بالٽي ۾ وجھي ڇڏي. پر جڏھن سپرنٽنڊنٽ ڪمري ۾ گھڙيو ته ڪپڙي سڙڻ جي ڌپ آئي پئي. سپرنٽنڊنٽ ڌپ محسوس ڪري ھڏانھن ھوڏانھن ڏٺو، پر ڪجھ ڪونه. جڏھن سپرنٽنڊنٽ ويو ته ھڪ سپاھي ۽ مجرم کي چيو: شايد اوھانجو ھنڌ پيو سڙي.

جيل جو به عجيب نظام آھي. اي ۽ بي ڪلاس وارن قيدين کي ھيٽر رکڻ جي اجازت آھي، پر سي ڪلاس جا قيدي ھيٽر نٿا رکي سگھن، (اھا ٻي ڳالھ آھي ته سياسي قيدي، جن جي وڏي اڪثريت سي ڪلاس جي ھي، انھن وٽ ھيٽر آھن.)

اڄ جيئن ته منھنجي شنوائي ھئي، تنھنڪري ان سپرنٽنڊنٽ ھميع اچڻ کان اڳ ئي ڪچھري جي آفيس ھليو ويو ھوس،

اڄ منهنجي شنوائي هئي، جيڪي مائٽ ۽ دوست (مغل
ڪان علاوه) ڪورٽ ويا هوندا، آهي منهنجي ڪورٽ نه
اچڻ تي ڏاڍا پريشان ٿيا هوندا.

مون سمجهيو هو ته آءِ-ايس-آءِ سليم، جنهن گنڊيل دفعي
مون سان سخت بدتميزي ڪئي هئي، آهو پڪ نه آيو هوندو،
ڇاڪاڻ ته آها خبر سڀني سنڌي اخبارن ۽ اڙدو اخبار 'امن'
ڇپي هئي. پر جڏهن ماڙيءَ ۾ ويس ته ڏٺم ته ساڳيو همراهه
ويٺو آهي. مون گيٽ جمعدار کي چيو ته: "مان هن سان
گڏ نه ويندس." جمعدار چيو: "اندر جيلر ويٺو آهي، هنکي
چئو." ڊپٽيءَ جي آفيس ۾ ٿلهو جيلر شيرازي ويٺو هو. مون
کيس چيو ته: "مان هن آءِ-ايس-آءِ سان نه ويندس."
هن چيو: "سپرنٽنڊنٽ موتيو وارو آهي، هنکي چئجان."
مان حتي قريشيءَ جي ڪمري ۾ وڃي ويٺس. ٿوري دير
۾ ٻه پوليس وارا آيا. هنن مونکي چيو، "هيءُ آءِ-ايس-آءِ
حرامي ماڻهو آهي، ۽ ڇريو به آهي. پر اوهان اسان سان هلو.
او هين سياسي قيدي آهيو، اسين اوهانکي هٿڪڙي نه
هڻنداسون." مان ڪمري مان ٻاهر آيس. جمعدار منهنجو نالو
گيٽ رجسٽر ۾ لکيو. اوچتو سليم ڏاڍي ڪاوڙ ۾ پوليس
وارن کي چيو، "لڳائو هٿڪڙي." مان ٽپي ٻاهه ٿي ويس.
چيم، "نه هڻائيندس هٿڪڙي." سليم چيو، "تو پهر ميں
نهيں لے جائونگا." چيومانس، "مان تو سان هلندس به
ڪونه."

گيٽ جمعدار مونکي ڪاوڙ ۾ چيو، "مون رجسٽر ۾ تنهنجو

ناڪو لکي ڇڏيو آهي، توکي وڃڻو پوندو.“ مون چيو، ”سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، مونکي هن آءِ-ايس-آءِ سان وڃڻو ئي ڪونهي. مونکي هن مان جان جو خطرو آهي.“ مان وري اچي ساڳئي ڪمري ۾ ويهي رهيس. ٿوري دير ۾ سپرنٽينڊنٽ پنهنجي پوري اٿالهي سان جلوس جي شڪل ۾ آيو، ٻه پوليس وارا اڳيان، انهيءَ جي پٺيان صوبيدار، انهيءَ جي پٺيان سپرنٽينڊنٽ، سندس پٺيان ٻه ٽي جيلر ۽ ڊپٽي، ۽ آخر ۾ پنج ڇهه پوليس وارا.

سپرنٽينڊنٽ کي منهنجي متعلق ٻڌايو ويو. هن مونکي سڏايو. سپرنٽينڊنٽ مونکان پڇيو، ”ڇا ڳالهه آهي، طارق؟“ ٻڌايومانس ته: ”ساڳيو آءِ-ايس-آءِ آيو آهي، جنهن گذريل دفعي منهنجي بيعزتي ڪئي هئي ۽ ڌمڪيون ڏنيون هيون. اهڙي ماڻهوءَ سان مان ڪيئن ٿو وڃي سگهان.“ هن چيو، ”مان هنکي سمجهايان ٿو، تون ٻاهر هلي ويهه.“ انهيءَ وقت سندس رويو مون سان ڏاڍو سٺو هو.

مان ٻاهر نڪتس ته سليم کي سڏ ٿيو. خبر نه سليم کهڙيون ڳهنتريون ٻڌايون. سپرنٽينڊنٽ مونکي وري سڏايو. هن دفعي هنجو رويو سخت هو، چيائين، ”طارق توکي هن سان وڃڻو پوندو. مان تنهنجي لاءِ ٻي پوليس ته ڪونه گهرائيندس.“ مون چيو، ”مان هن سان نه ويندس.“ چيائين، ”نه ويندين ته مارشللا جو ڪيس آهي، توکي نقصان رسندو.“ چيم، ”ڀلي ٿئي. پر هن سان نه ويندس.“ انهيءَ وچ ۾ سليم ٻه پنهنجي بڪواس جاري رکي ته: هن مونکي فحش گاريون

ڏنيون آهن، ماريو اٿس. مون چيو، ”هيءَ ڪوڙ ٿو ڳالهائي، مون سڄي زندگي ڪنهنکي گار نه ڏني آهي، هنکي ڪيئن ڏيندس. نه ئي مان هن جهڙو ماڻهو آهيان جو گار گند ڪريان، نه مون هنکي ماريو آهي.“ سپرنٽينڊنٽ مونکي ڌمڪي ڏيندي چيو، ”توکي وڌيڪ پوندو، نه ته تنهنجي لاءِ خراب ڳالهه ٿيندي.“ ورائيم، ”ڀلي ٿئي. اوهانکي جيڪا سزا وڻي سا ڏيو، پر مان هن سان نه وڙهندس.“ ڊپٽي رحيم به ڌمڪي ڏني: ”مارشل لا وارن کي فون ڪندس.“ چيم، ”ڀلي ڪريو.“ هن ٻن ٽن هنڌن تي فون ڪئي، پر ڪير ڪونه مليس. نيٺ ١٨ نمبر سمري ڪورٽ فون ڪري چيائين، ”هيءَ قيدي شنوائيءَ تي نٿو نڪري. هيءَ آءِ-ايس-آءِ تي الزام ٿو هڻي ۽ هو ڙهڻ تي.“ ٻئي پاسي ڪنهن ڳالهايو ۽ مونکي تاريخ ڏيئي ڇڏيائون، پر ڊپٽي مونکي آها ڪانه ٻڌائي ۽ ڏاڍي بدتميزيءَ سان چيائين، ”هاڻ وڃ.“

مان پنهنجي وارڊ ۾ موٽي آيس، سڀئي حيران ٿيا ته مان موٽيس ڇو، مون سڀني کي ساري حقيقت ٻڌائي، سڀني چيو: چڱو ٿيو نه وئين.

ٻنپهرن جو ٻارنهين وڳي مونکي اطلاع پهتو ته ملاقات آئي آهي. مان ويس. مغل ۽ اورنگزيب آيا هئا. مغل ٻڌايو ته: ”ڪورٽ ويو هوس، پر جڏهن ڪافي دير جي انتظار ڪانپوءِ به اوهين نه آيا ته پڇا ڪيم، تڏهن خبر پئي ته اوهين اڄ نه ايندا.“ ٻڌايائين ته مون اوقاش کي رچٽ موڪلي هئي ته

مونکي اندر ملاقات جي اجازت ڏي، مونکي طارق جي ڪيس جي باري ۾ ڳالهائڻو آهي. پر اوقاش چورائي موڪليو ته وڃي سيڪشن مان مل. مان مغل کي آتي بيهاري ٻاهر آيس ۽ عالم شاهه کي چيم ته اوقاش کي چئو ته مغل کي ماڙيءَ ۾ اسپيشل ملاقات جي اجازت ڏي. عالم شاهه انهيءَ وقت اوقاش وٽ ويو. پر اوقاش ڳالهه نه مڃي، عالم شاهه اهو به چيس ته: سي ڪلاس جي ٻين ڪيترن قيدين جي ملاقات اندر ٿئي ٿي، طارق کي به اجازت ڏي، پر هن انڪار ڪيو.

سي ڪلاس واري ملاقات جي ڪوٺيءَ ۾ ڏاڍو ڪوڙ هو. مان فقط مغل جي ايتري ڳالهه ٻڌي سگهيس ته: ”مان اوهانجي گهران ٿيو پيو اچان. فڪر نه ڪريو، مان اوهانجي بي ڪلاس لاءِ وري ڪراچي وڃي رهيو آهيان. اوهانجا سرٽيفڪيٽ ملي ويا آهن.“

اورنگزيب پنهنجي رنگين تصوير مونکي ڏني، جيڪا گرفتار ٿيڻ کان اڳ مون سان گڏ هلي سارنگ اسٽوڊيو مان لهرائي هئائين.

مان مغل کان موڪلائي اسپتال موٽي آيس. مون پنهنجي ڪيس متعلق مغل سان ڪجهه به نه ڳالهايو، جڏهن هنکي پاڻ خيال آهي ته پوءِ مان ڇو چوان. شام جو عالم شاهه ٻڌايو ته مغل صاحب جي وڃڻ کان ڪلاڪ پوءِ اوقاش مونکي چيو: ڇگو ڀلا مغل کي اندر سڏائي وٺ. تنهن تي مون چيس ته مغل تنهنجي اجازت جي انتظار ۾ اجا ويٺو آهي ڇا. توکي ائين ڪرڻ نه گهربو هو.

ا ڪلهه سياسي قيد ين مان روز ڪجهه آزاد ٿيندا رهن ٿا. اڄ جيئي سنڌ جا ٻه شاگرد مشتاق خشڪ ۽ علي اڪبر شاهه جي ڊيٽينشن پوري ٿي ۽ آهي آزاد ٿيا. مجرم سان ملڻ آيا هئا. اڄ ٿي عبدالله ورياهه ۽ عبدالرزاق سومرو (ٻئي سانگهڙ ضلعي جا آهن) پڻ آزاد ٿيا.

جنهن ڏينهن مان جيل آيو هو س، انهيءَ ڏينهن ساڍا اٺ سؤ سياسي قيدي هئا. اڄ ڏائين ٻه سؤ کان مٿي آزاد ٿيا آهن. ڪراچي، خيرپور ۽ سکر جيل ۾ ٻه زري گهٽ اٺرائي سياسي قيدي آهن. سڀ ڪان گهڻا پابندي پيل پيپلس پارٽيءَ جا آهن، انهيءَ کانپو ء پابندي پيل عوامي تحريڪ جا آهن. تنهن کان علاوه ٻين پابندي پيل جماعتن، پاڪستان نيشنل پارٽي، عوامي جمهوري پارٽي، اين-ڊي-پي جيئي سنڌ جي هڙني گروپن جا ڪارڪن آهن.

مونکي افسوس آهي ته رسول بخش پليجو لاهور ۾، جيل ۾ آهي. تنهن کان علاوه ممتاز ڀٽو، معراج محمد خان، غازي صلاح الدين، فاضل راهو، حسين شاهه بخاري ۽ جام ساقي مختلف جيلن ۾ آهن. جيڪڏهن اهي به اتي هجن ها ته انهن سان به ڪچهري ٿئي ها.

رات ٽي وي ٿي آهي. ٽي-وي ءَ جا پروگرام ڏسي، ماني کائي ڇانهن ٻي سان، علي حسن ۽ مجرم اغاري پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيا آهيون. هڪ ڪتاب ۾ تنهنجا ٻه ٽي خط پيا هئا، جنکي وري پڙهيو اٿم.

هڪ ڳالهه پوري سچائيءَ سان چوان ٿو: تنهنجا خط منهنجي خطن کان تمام گهڻا سٺا هوندا آهن، تون پنهنجي دل کي کولي اڳيان آڻيو ٿي رکيو ڇڏين. جڏهن ته مان ائين نه ڪري سگهيو آهيان. اهو نه چئجان ته: توکي وڏيڪ محبت آهي. محبت مونکي به توسان آهي. پر نه ڄاڻ ڇو مان پوريءَ طرح اظهار نه ڪري سگهندو آهيان. اميءَ کي ايڏو پيائيندو هوس، اڄ ڏاڍين ڪو به اهڙو ڏينهن نه گذريو آهي، جڏهن اميءَ کي ياد نه ڪيو هجيم. پر سندس زندگيءَ ۾ ڪڏهن به مان محبت جو کلي طرح اظهار نه ڪري سگهيس. انهيءَ ڪري اميءَ ڪيترا دفعا اهو چيو ته: منهنجي پٽ کي مون سان محبت ڪانهي.

توکي به ساڳيو وهم وينل آهي. پر پڪو پڪو پهه ڪيو اٿم ته، توکي انهيءَ وهم مان ضرور ڪڍندس.

پاڻ جيئن گهر ۾ سمهندا هئاسين، يعني اولهه ڏانهن مٿو ۽ اوير ڏانهن پير، هتي به ائين سمهندو آهيان. گهر ۾، سمهڻ وقت پهرين مان توڏانهن منهن ڪري سمهندو هوس، ۽ پوءِ جڏهن ننڊ ايندي هئي ته ٻئي پاسي منهن ڪندو هوس، هتي به مان اڳ ۾ ڏکڻ ڏانهن منهن ڪري سمهندو آهيان، ۽ پوءِ دير دير سان اتر ڏانهن پاسو ورائيندو آهيان.

اڪثر مان دريءَ مان پري پري جي انهن بلند نگن ڏانهن ڏسندو آهيان، جن جي پٺيان اهو گهر آهي، جتي تون رهين ٿي. دل ۾ هڪڙي ننڍڙي خواهش جاڳندي اٿم ته ڪاش هتان گهر ڏسي ۾. اڃا انهيءَ پاسي ڏسندي سوچيندو آهيان

ته هن وقت تون نه ڄاڻ ڇا ڪندي هوندين؟
علي حسن ۽ مجرم ايتري زور سان پيا ڳالهائين جو منهنجا خيال ٽٽيو پکڙيو پيا وڃن. ڏاڍي سٺي موڊ ۾ هوس، پر افسوس....
مان خط لکڻ ۾ اڪثر لفظ ڪائي ويندو آهيان، يا غلط لکي ويندو آهيان. سو چوندي هوندين ته ليکڪ ٿي ڪري ايڏيون غلطيون ٿو ڪري. پر ڏس نه، ڪهاڻيون يا مضمون سوچي سمجهي لکندو آهيان، ۽ لکڻ کانپوءِ فرصت ۾ انهن کي پڙهندو آهيان. پر خط جي معاملي ۾ - جيڪي به جذبا ۽ احساس هوندا آهن، يا جيڪا ڳالهه جنهن وقت ياد پوندي آهي، لکي ڇڏيندو آهيان. تنهنڪري تو کي خطن ۾ ربط اڪثر نه ملندو، ۽ غلطيون به ڏسڻ ۾ اينديون. پر مان خط گهڙي، ٺاهي توکي ڪونه لکان، نه گهڙيل خط لکڻ گهران ٿو، ڇو ته اهڙن خطن ۾ بناوت هوندي. ۽ اهو ئي مان نٿو چاهيان.

٢٧-٢- ٨٣

جيئن 'برٿ ڊي' هوندو آهي. تيئن اڄ منهنجو 'جيل ڊي' آهي. اڄ ٢٧- تاريخ آهي. اهوڪي ڏينهن مان گرفتار ٿيو هوس. اڄ مهينو پورو ٿيو.
اڄ ڏينهن جي شروعات وري خراب ٿي. صبح جو علي نواز برداشتيءَ کي پنڌرنهن ڌڪا لڳا. نواز ٻڌايو ته صبح جو مونکي ڌڪن لاءِ وٺي ويا ته ڊيٽي مونکي ڏسي چيو: ”هن

هيءَ آرام سان ڦٽڪا ڪاٽي ويندو.“

مون ٻڌو ته چيم، ”ٻيٽيءَ کي پنج ڦٽڪا لڳن ته پٽو پويس. اهڙا سزا ڪيڏي نه انسانيت تي داغ آهي.“

اڄ سيءَ ٻه ڏاڍو آهي. منهنجي ڏاڪٽي پاسي نواز اوندو ٿيو ستو پيو، ڪو ڪيس چانهن پيو پيئاري، ڪو ٽاڪور پيو ڪري. مان سيراندي کان سوڙ رکيو. انهيءَ تي چڙهيو ويٺو آهيان. بير هنڌ تي آهن، پر لڳي ائين ٿو ڄڻ پير برف جي ناديءَ تي رکيل آهن. ڪمري ۾ اُس ڪانه اچي ۽ ۽ ڪمرو آهي ٻه ڏاڍو وڏو. تون انهيءَ مان انداز و لڳائي ته ڇت ۾ تيرهن وڏا وڏا گارڊر آهن. ستت دَر، ٻه وڏيون دريون ۽ ڇهه روشندان آهن. ڇهن ئي روشندانن ۾ نه فقط يارنهن يارنهن سيخون لڳل آهن، تاڪَ به ڪونهن. ستن ئي دَرن ۾ پڻ پندرنهن پندرنهن سيخون لڳل آهن، ۽ تاڪ ڪونهن. اهڙي حالت ۾ ڪمرو برف نه ٿيندو ته ڇا ٿيندو. پر وري به خدا جو شڪر آهي، بئرڪن کان وري به نيڪ آهي.

هينئر هينئر اطلاع مليو اٿم ته ملاقات آئي آهي، ڏسان ڪير آيو آهي. ڇگو موڪلائي ڪانهي، (خط ذريعي) حاضري ڀربي.

ادي، مغل، پاپي، دانيال، آپا ۽ ٻين سيني کي سلام ڇئجان، فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

٢٤-١٢-٨٣

عزيز طارق، شل خوش رهين.

وڏي انتظار کانپوءِ توهانجا خط مليا، هن وقت شام جا پنج ٿيا آهن. اڄ سيءُ ڏاڍو آهي. پر ايڏي سيءُ ۾ به دانيال بنا سوڙ جي سمهي، مان جنهن وقت رات جو اٿان، دانيال جي مٿان سوڙ وجهان.

توهانجو اڄا ڪجهه نه ٿيو آهي. پنهنجي طرفان آءٌ خاموش ناهيان، پر منهنجي وس ۾ پيو ڪجهه ڪو نهي، سواءِ ادا مغل کي فون ڪرڻ جي، ادا آفتاب به چيو آهي ته مان ادا مغل سان ملي ڪجهه ڪندس. اڄا ادا مغل، ادا آفتاب سان مليو ڪونهي. ڊپ اٿم ته مٿان ادا آفتاب وڃي هليو ۽ اوهانجو ڪجهه به نه ٿي سگهي.

زاهد جي شاديءَ جي وڏيو مون اڄا ڏني ڪانهي. توهان ايندا ته پوءِ گڏجي ڏسنداسين. ماسيءَ وارن چاڏنو، انهيءَ جو اڄا پتو نه پيو اٿم البت زاهد وارن جو ڏاج سٺو هو.

مونکي شاديءَ ۾ هلڻ ٿي ڪنهن وڏيڪ زور نه پريو، سيني سمجهيو ٿي ته طارق جي ڪري نٿي هلي، سيني کي عقل آهي، ۽ مڙس واربون ته سمجهن ٿيون ته مڙس ڪيترا پيارا هوندا آهن.

اڄ آفتاب (پپو) فون ڪرڻ آيو ته مون اوهانجا سلام ڏنا مانس. هن به اوهانکي سلام چيا آهن. منهنجي ماروٽ اوهانکي

جيڪو خط لکيو هو، ڪيس انهيءَ جي جواب جو انتظار آهي. سيائي تہ موڪل آهي، هاڻ هي خط اوهانکي ٢٦ يا ٢٧ تي ملندو.

٢٥-١٢-٨٣

هيٺئر رات جا ساڍا ڏهہ ٿيا آهن. اڄ توهانجي خدمت ۾ حاضر آهيان. اڄ پورو ڏينهن فرصت ملي ڪانہ. هڪ تہ ڪم واريون ڇوريون آيون ڪونہ، ٻيو گهر جو ڪم ڪار. اڄان مٿي وچڻ جو ٻي سوچيم تہ ماسيءَ وارا اچي ويا. اڃا آهي ويٺا ٿي هئا تہ جيڪب آباد مان يوسف ڀائي وارا بہ اچي ويا. يوسف ڀائي پاڻ تہ ڪونہ آيو آهي، سندس ڀيڻ ۽ ٻار آيا آهن. تنهنڪري اڄ خط دير سان لکي رهي آهيان. ٻيا سڀ هيٺ آهن 'قلي' فلم هلي رهي آهي.

ادا مغل صبح جو فون ڪئي هئي. مون ڪيس چيو تہ: اوهان آيا ڪونہ. ادا آفتاب اوهانجو انتظار ڪندو رهيو. ادا چيو جنهن وقت حڪم ڪريو اچان. وري ادا آفتاب کي فون ڪيم تہ هو پنهنجي ڀيڻ جي گهر ويل هو. وري شام جو ادا آفتاب کي فون ڪري شام جو ٽائيم وٺي ادا مغل کي فون ڪيم، ادا مغل کي ٻڌايم. پر ادا آيو ڪونہ. رات جو ساڍي اٺين وڳي دانيال پريس تان آيو تہ ٻڌائين: چاچا چيو آهي، منهنجي طبيعت ٺيڪ ڪانهي، اڄ نہ اچي سگهندس.

مون وري ادا مغل کي فون ڪئي. ڀاڀي ٻڌايو تہ کيس بخار آهي. مون کيس چيو، هاڻ ڇا ٿيندو. ادا آفتاب چيو آهي تہ مان ڪم ڪرائي ڏيندس. پر مونکي ڪيس جي باري

۾ خبر ڪانهي. ھوڏانهن ادا مغل بيمار آهي، طارق جو
چا ٿيندو. مون روئي ڏنو. پاپي مونکي دلاسا ڏنا، پر دلاسن
سان ڇا ٿو ٿئي.
هاڻ ٻڌاء طارق مان ڇا ڪريان. مان ته سڄو ڏينهن رهن
هن ڪي فون ڪندي ٿي رهان، پر منهنجي ته ڪو ٻڌي ئي
ڪونه ٿو. مان ته پاڳل ٿيندي پيئي سيني ڪي سوال پڇي ڪريان.
چڱو هاڻ اهو ٻڌايو اوهانجو ڏينهن ڪيئن گذريو. منهنجو
ته سارو ڏينهن ڪم ۾ گذريو، پر توهان هر وقت ياد هئاءِ
دل هڪ لمحي لاءِ به اوهانکي ڪونه وساريو.
اوهان ته هن وقت آرام ڪري رهيا هوندا. رات مون خواب
۾ ڏٺو آهي ته اوهان آزاد ٿي آيا آهيو، ۽ خاموش ويٺا فلم
ڏسو، اڄ به پريان خاموش ويٺي آهيان. مونکي ڏاڍو ڏک
ٿيو ٿئي ته اڄ اوهين آزاد ٿي آيا آهيو، پر مون سان
پوريءَ طرح ڳالهايو به نٿا. مون اڄا اهو پي سوچيو ته خبر
پيم ته ڏي پوليس وارا اسانجي گهر جي پيا پڇا ڪن. مون
ڏريءَ ۾ ڏٺو ته هنن جي هٿ ۾ هڪ پنو آهي. مان اوهان
کي ٻڌائڻ لاءِ ٻ وڙيس ته اوهانکي ٻڌايان پر آهي سيٺي يڪدم
گهر ۾ گهڙي پيا ۽ وري توهانکي وٺي ويا. ۽ پوءِ اڄ ڏاڍي
رنيس.
طارق انهيءَ خواب ڪان اڄ ڏاڍي ڊ ڄس، ۽ پورو ڏينهن
خواب منهنجي ذهن تي سوار رهيو. خدا توهانکي پنهنجي
امان ۾ رکي.
٢٦-١٢-٨٣

خط لکي بند ڪري دانيال کي ڏنم ته اڄ تنهنجو ٻيءَ شنوائيءَ تي ايندو ڏ جانس. دانيال هتان ڪورٽ وڃڻ لاءِ نڪتو. ساڍي ٻارنهين ادا مغل آيو، جنهن اِها خبر ڏني ته توهان ڪونه آيا. ۽ اچڻ جو سبب ساڳيو آءِ.ايس.آءِ پڌ پائين. هاڻ توهانجي شنوائي ٢٩ تاريخ آهي. ڪجهه مون فون تي شڪايت ڏني هئي. تنهنڪري ادا هڪ وڳي تائين ويٺو رهيو، ۽ تسليون ڏنائين ته: فڪر نه ڪريو. مان ويٺو آهيان، خدا ڪندو طارق جلدي آزاد ٿيندو. هن ڪو ڏوهه ڪونه ڪيو آهي، ياته ڪيس ختم ٿيندس يا ضمانت ٿيندس. وري دل کي ڪجهه سڪون محسوس ٿيو. توهانکي سياڻي پورو مهينو ٿيندو گهر مان ٻاهر نڪتي. چئن سالن ۾ اها پهرين وڏي جدائي آئي آهي. خبر ڪانهي اجان ڪيترو وقت اوهان جيل ۾ رهندا. هاڻ ته گهر جلدي اچو.

اڄ ادا مغل ۽ اوهانجو ننڍڙو ڀائٽيو اورنگزيب اوهان سان ملڻ آيا هوندا، ڪورٽ ۾ عرفان شاهه به آيو هو، هتي فون به ڪئي هئائين. مقصود به آفيس مان سڌو ڪورٽ پهتو هو. هينئر هينئر اورنگزيب جي فون آئي هئي، هن ٻڌايو ته جيل تان ٿيو پيا اچون. چاچا خوش آهي. اوهانجو ايم.اي جو سرٽيفڪيٽ بيڪلاس لاءِ ادا گهريو آهي، ڪلهه سرٽيفڪيٽ مليو اٿم، سو ڏنو اٿم.

هاڻ اجازت وٺان ٿي، سيني سلام چيا آهن.

هن ناچيز جا سلام، يادون ۽ پيار قبول پوي.

توهانجي شمس.

٢٦-١٢-٨٣

پياري شمس

اسلام عليڪم.

هڪڙو خط اڄ توکي موڪلي چڪو آهيان. هاڻ تنهنجي خط پڙهڻ کانپوءِ هيءُ ٻيو خط پيو لکان. تون منهنجي لاءِ جيتري حيران ۽ پريشان آهين، اوتري ئي حيران آهيان. گهر ۾ هوس ته تون سدائين چوندي هئين ته: مونکي تنهنجي بلڪل پرواهه ڪانهي، تنهنجي گهر ۾ هجڻ يا نه هجڻ سان ڪوبه فرق نٿو پوي. پلي سڄو وقت پرڏيس ۾ ويٺو هج. اهو به چوندي هئينءَ ته: ڪنهن غلط فهميءَ ۾ نه رهجانءِ، مونکي توسان محبت ڪانهي. رهين ها نه انهيءَ ڳالهه تي قائم.

ڏس راڻي، ايترو پريشان نه ٿي. هر ڪم پنهنجي وقت تي ٿيندو آهي. مغل ڪوشش ڪري پيو. مون کي ڏوهه ڪيو ڪونهي، چاڻ اٿم ته جلد نه ته ڪجهه وقت کانپوءِ جند ڇٽي پوندي. اهڙن ڪمن ۾ دير ٿيندي آهي. تون پلي پنهنجي طرفان ڪوشش ڪر، پر ايترو پريشان نه ٿي. ڇو ته پريشان ٿيڻ مان ورندو ڪجهه به ڪونه.

تو جيڪو خواب ڏٺو آهي، اهو تو دير سان ڏٺو آهي. ٻه چار مهينا اڳ جڏهن گرفتار ٿي آزاد ٿيو هوس، تڏهن ڏسڻ گهربو هو. هاڻ ته آهيان ئي جيل ۾. تو لکيو آهي ته: خدا

تو هاڻڪي امان ۾ رکي. امان ۾ ته خدا شايد پوءِ رکندو،
في الحال ته جيل ۾ رکيو اٿس.

سڄ لهي چڪو آهي. هينئر هينئر شام جو چڪر پورو ڪري
پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيو آهيان. نقويءَ کي اڄ چڪر
جي پرسان چڏيم، جو هو آتي رهي. شام جو چڪر ۾ اڪثر
مجرم لغاري، انور عباس نقوي، امين خٽڪ گڏ هوندا آهن،
ڪڏهن ڪي دوست وڌ ندا آهن، ڪڏهن گهٽبا آهن. اڄ
مجرم جلدي موٽي ويو. مان ۽ نقوي هئاسين. نقويءَ لاءِ
لکيو هوم ته اڳ ۾ بي ڪلاس هو، پر پوءِ انهن سڀني جا
بي ڪلاس ٽوڙيا ويا، جنڪي مارشل لا جي سزا لڳل هئي.
نقويءَ جو بي ڪلاس به ختم ٿي ويو. (دائود خان، محب
شاهه، قاضي رشيد، شفقت شاهه وارن کي به بي ڪلاس هو،
۽ انهن سڀني جا به بي ڪلاس ٽٽا. پر نقويءَ ڪانسواءِ ٻين
سڀني کي بي ڪلاس جون سموريون سهولتون حاصل
آهن.)
نقويءَ چيو: "طارق اوهان يقين ڪندا ته مونکي انهيءَ بئرڪ
۾ بي ڪلاس تڪليف ڪانهي، آتي جيڪي به سنڌي ڇوڪرا
رهن ٿا، منهنجي بي انتها عزت ڪندا آهن. جنهن وٽ جيڪا
شيءِ هوندي آهي، مونکي ڪائي لاءِ ڏيندا آهن. جيڪو
چانهن ناهيندو، آهو مونکي ڏيندو آهي. منهنجي ڏاڍي خدمت
ڪندا آهن، پر مان آتي آهيان ڏاڍ و بيزار. خبر نه سنڌين
کي ڪهڙي عادت آهي، جو سڄو ڏينهن پيا رهني هتي

ٿڪندا آهن. تُوهان يقين ڪندا مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ايترين ٽڪون، ڪانگهارا ۽ گونهن (ڪاڪوس ۾) نه ڏٺو آهي. مان مڃيندي ڪانسواءِ بئرڪ جي ڪاڪوس ۾ اصل نه ويندو آهيان."

چيومانس، "نقوي صاحب، بئرڪ ۾ گندگي برابر هوندي. پر اوهانجو اهو چوڻ صحيح ناهي ته سنڌي سڄو ڏينهن ٿڪون ۽ ڪانگهارا هر هنڌ ڦٽا ڪندا آهن. اهي جاهلن ۽ بدتميز ماڻهن جا ڪم آهن. جيڪي به جاهل ۽ بدتميز هوندا آهن، اهي اهڙيون گندگيون ڪندا آهن. ضروري ڪونهي ته اهي فقط سنڌي ئي هجن."

نقوي ٻڌايو ته: "منهنجي لاءِ هي مصيبت عثمان ڪئنيڊي (١) جو ياءُ ياسين ڪئنيڊي آهي، مان مڇرن جي ڪري مڇرداني تنگي سمهندو آهيان. مڇردانيءَ کي هڪ پاسي ٻيت ۾ ڪوڪن سان ٻڌو اٿم، ٻئي پاسا سرن ۾ ٻڌل آهي. ياسين منهنجي پرسان سمهندو آهي. سو رات جو ٻه ٽي دفعا پاسا ورائيندي منهنجي مڇردانيءَ تي ٽنگ رکيو ڇڏي. ۽ مڇرداني ڏٺيو اچي منهنجي مٿان ڪري. سڄي رات مڇردانيءَ کي ٻڌڻ ڏاهڻ ۾ گذريو وڃي. جيڪڏهن هن ڪان ٻچيو وڃان ته شڪيل پٺاڻ(٢) ننڊ ڦٽايو ڇڏي، هنکي بک ڏاڍي لڳندي آهي. اڌ رات جو اُٿي منهنجي مٿان دري ۾ رکيل ٽين جي دٻن مان کائڻ جون شيون ڪڍندو آهي. هڪ ته دٻن جي

(١) پي- پيءَ جو ميمبر (٢) قومي محاذ جي آزاديءَ جو ميمبر

ڪڙڪڙ ۾ اڪ ڪليو وڃي، ۽ پوءِ ڏيڻ مان ٽريل ڊالون ۽ ٻين شين جا ذرڙا اچيو مٿان ڪرن."(١)

پارٽي فلمن جي ڳالهه نڪتي ته چيائين، "مان پنهنجي ٻارن کي اهي فلمون ڏسڻ ڪونه ڏيان. توهان ڪڏهن اِنهيءَ ڳالهه ڏانهن توجهه ڏني آهي، ته پارٽ وارا سيڪيولرازم جو نعرو هڻن ٿا، پر سندس فلمن ۾ رکيو هندو مذهب جو پرچار هوندو آهي. دراصل حڪومت پاڻ چاهي ٿي ته هندو مذهب جو پرچار ٿئي. تنهن کان علاوه پارٽي فلمون خود پارٽ لاءِ به زهر جو اثر رکن ٿيون. فلمن ذريعي پارٽ وارا پنهنجي غريب ماڻهن کي، جن جي ملڪ ۾ اڪثريت آهي، انهن کي اهو يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته: غريبي سٺي شيءِ آهي، جيڪو غريب ماڻهو آهي، اهو سٺو ماڻهو آهي. جيڪو تمام گهڻو امير آهي انهيءَ وٽ سڄي دولت ناجائز ڪمائي جي آهي. اهڙي دولت نه هئڻ گهرجي. غريب کي غريب ٿي رهڻ گهرجي. انهيءَ کان علاوه هنن فلمن ۾ فحش سين ۽

---

(١) نقوي. مونکي اهو به چيو هو ته: "مون هتي ڏٺو آهي ته سنڌين ۾ اغلام پرستي گهٽي آهي ڪونه ڪو ڪنهن نه ڪنهن کي لڳو پيو آهي."

چيومانس: "اها ڳالهه اڪثر هيٺين طبقن جي فردن ۾ هوندي آهي. تون غير سنڌين جي اهڙن طبقن کي ڏسندين ته توکي اُتي به اهي ڪم نظر ايندا. تون ڪن ماڻهن کي ڏسي سنڌين جي اڪثريت لاءِ چوءِ ٿو اهو راءِ قائم ڪريو."

اَ ڳهاڙا ناچ ڏيکاري ماڻهن کي فلمي نشي ۾ مبتلا ڪري
ڇڏيو آهي. ۽ عام ماڻهو فلمن جي نشي ڪرڻ کانسواءِ
رهي نٿا سگهن."
موٽرن جي ڳالهه نڪتي ته نقويءَ چيو: "پارٽ وارا چون ٿا
ته اسين پنهنجون ڪارون ٺاهيندا آهيون، جيڪي سستيون
آهن. حالانڪ اها ڳالهه صحيح ناهي. پارٽ ۾ ائمبيسيڊر ۽
فيات ڪارون ٺهنديون آهن. ننڍي ڪار ٦٠ هزار ۾ ۽
وڏي ٨٠ هزار ۾ ملي. جڏهن ته پارٽ ۾ ٺهندڙ اڇوڪيون
اِهي ڪارون ١٩٦٥ ماڊل جون آهن. اهڙيون فيات خود
اٽليءَ ۾ به هاڻ ڪونه ٺهن. انهيءَ ماڊل جون ڪارون هاڻ
پاڪستان ۾ اتفاق سان ڏسڻ ۾ ايون ٿيون. مون وٽ به ١٩٦٥ ۾
اهڙي ڪار هئي.
"اوهان پاڻ سوچو ته نئين جاپاني ٽويوٽا ڪار هتي پاڪستان
۾ پورٽ تي ٣٥ هزار ۾ پوندي آهي. پوءِ انهيءَ تي ڪرا
ٽيڪس پون ۽ مهانگي ٿيو پوي. هاڻ مونکي پڌايو ته جاپان
١٩٨۴ ۾ نئين ڪار پاڪستان ڏانهن ٣٥ هزار ۾ پهچائي ٿو.
جڏهن ته پارٽ ١٩٦٥ جي ڪار پنهنجي ملڪ ۾ سٺ ۽ اسي
هزار ۾ ڏي ٿو. پوءِ هنن ڪهڙي ترقي ڪئي؟"
نقويءَ سان اڄ وري ڪميونزم جي ڳالهه نڪتي. مون
چيومانس، "نقوي صاحب، اوهين چئو ٿا ته مونکي پارٽ جي
ڪميونسٽ پارٽي پاڪستان ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو هو.
پر اوهين ته ماڳهين ڪميونزم جي خلاف آهيو، انهيءَ جو
ڪارڻ؟"

نقويءَ چيو: ”هر پڙهيل لکيل ذهين نوجوان جوانيءَ ۾ ڪميونسٽ هوندو آهي، پر وڏي عمر ۾ به ڪميونسٽ رهي، اهو بيوقوفي ڪانسواءِ ڪجهه به ڪونهي. نوجواني ۾ ته اهو پتو هوندو آهي ته هڪ اڇو رنگ آهي، ٻيو ڪارو آهي. پر پوءِ جڏهن عقل اچي ٿو ته پتو پوي ٿو ته اڇي ۽ ڪاري ۾ سَتَ رنگ ٻيا به آهن.“

عابد زبيريءَ جي ڳالهه نڪتي ته چيائين: ”زبيري صاحب جي سياست جي مونکي خبر نٿي پوي، ايتري زماني کان سياست ۾ آهي. ڪروڙين روپيا به سياست تي خرچ ڪيا اٿس. پر ٻاڻ وڏو سياستدان به نه بڻجي سگهيو. رڳو اين-ڊي-پي جو انفارميشن سيڪريٽري آهي.“ ڪن رڪي وري چيائين: ”مان سمجهان ٿو اين-ڊي-پي ڪي رڳو انهيءَ ڪري ڇهتو پيو آهي، ته هنن جي حڪومت آئي ته آهي ڪراچيءَ کي الڳ صوبي جي حيثيت ڏيندا. مون ته ڪيس ايترو به چيو ته: پوءِ ايڏي وڏي سياست، ۽ ايترو وقت ڇو پيو وڃائين، تون رڳو ڪراچيءَ کي الڳ ڪرڻ جو نعرو هڻ، ته به پيو نه ته ڪراچي وارن جو ليڊر ٿي ويندين.“

هاڻ اسانکي ٻند ٿئي ڪافي وقت ٿي ويو آهي. ٽي-ويءَ تي درخشان پروگرام اچي پيو. هڪ ته، پروگرام ۾ جان ڪانهي، ٻيو داڏود خان جون رڙيون. تنهنڪري مان پروگرام ڇڏي محب شاهه جي ڪٽ تي ويٺو خط/ ڊائري لکان. اڄ ملاقات تي مقصود، عرفان شاهه يوسف ٻاڻي جا پٽ ڪوڪو

۽ ٻئي جو نالو ياد نه اٿم، آيا هئا، دانيال نه ڄاڻ ڇو نه آيو- مقصود ٻڌايو ته مغل منهنجي بي ڪلاس لاءِ وري ڪراچي ويو آهي.

هينئر ٽي- ويءَ تي پنور سلسلي جو ڊرامو 'آڪاس بيل' اچي رهيو آهي. اڄ ٻنهي پرن جو ترڪيل مڇي، چانور ۽ ترڪيل واڱڻ هئا. واڱڻ محب شاهه ترڪيا هئا، ۽ مڇي نقوي. نقوي ته آهي ئي مهاجر، محب شاهه جي ننڍي زال به مهاجر آهي. سو ٻئي رڌڻ پچائڻ ڄاڻين. محب شاهه کان هڪ دفعي پڇيم: "اوهان جي وڪالت نه هلندي هئي ڇا؟" حيران ٿي پڇيائين، "ڇو؟!" "اوهان رڌڻ پچائڻ ۾ هوشيار آهيو نه." دير سان ڳالهه سمجهه ۾ آيس، پوءِ ڪافي دير کلندو رهيو. محب شاهه جي کِل به عجيب آهي. ٻڌندڙ سمجهندو ته شايد نقلي کِل کلي رهيو آهي. هرڪو ٽهڪ ها- ها- ها، ڪري ڏيندو آهي. پر محب شاهه آه- آه- آه ڪري کلهي، بلڪل ائين ڄڻ گهگهيءَ مان پاڻي پيو اوتجي.

بهرحال ٻئي شيون سٺيون هيون. مڇيءَ کي نقوي مصالحو هڻي ائين ٿي ترڪيو هو، جيئن امي ترڪيندي هئي.

پلا ڪو ٿيءَ جو ڪهڙو حال آهي. هنجي لاءِ ته لکيو ٿي ڪونهي.

٢٨-١٢-٨٣

صبح جا سادا اٺ ڪن ٿيا آهن. چانهن، آو ٻار پل بيد و ۽ ميڪرو م ڪيڪ جا ٻه پيس کائي و پتو آهيان. سيٺي کي

هڪڙو هڪڙو پيس ملندو آهي. پر جڏهن ميڪروم ڪيڪ هوندو آهي ته دائود خان برداشتيءَ کي چوندو آهي ته: شاهه صاحب کي به پيس ڏيو. ڪڏس اهو ڪيڪ ونڊندو آهي. ٻاهر پنهنجي ماڻهن کي به چٺي چڏيو اٿس ته ميڪروم ڪيڪ آئيندا ڪر يو.

ٻن ڀهرن جي ماني ڪاٺي اچي ليٽيو آهيان. مانيءَ ۾ عيش هئا ــ مرغي ۽ چانور. ڪالهه ۽ اڄ ڏاڍي سٺي ماني هئي. دائود خان زنده باد. جيل ۾ ههڙا عيش ڪرايا اٿس. هن دفعي ته جيل، جيل لڳي ڪونه ٿو. جنهن پاسي ڏس ٻنج پنج ڏهه ڏهه، ٻلڪ ويهه ويهه ماڻهو ٽوليون ٺاهيو ويٺا آهن. اسپتال جي سامهون جيڪو پارڪ آهي، اُتي صبح سان ٺي ڪيٽريون ٽوليون اچيو ويهن، ڪي تاش کڏن، ڪي ٽرانسسٽر رکيو ويٺا گانا ٻڌن: گهڻا صبح سان ٽڏي پاڻيءَ سان اچيو وهنجن. پيا ته ٺهيو، ٺٺي جو هڪ وڪيل آهي، شمس الدين، انهيءَ کي اڌ رنگ آهي، پر اهو به روز صبح جو ٿڌي پاڻيءَ سان وهنجي. چئبو آهي ته اڌ رنگ واري کي ٿڌي پاڻيءَ هوا کان بچڻ گهرجي، پر هيءَ ته ههڙي سيءَ ۾، کلي ميدان ۾، روز صبح سان، ٿڌي، پاڻيءَ سان وهنجي. انهيءَ کان علاوه پيون ٽوليون به ويٺيون هونديون آهن، جن جو ڪم رکيو آهي- چرس پيئڻ. مون ٻاهر ڪڏهن به ايترن ماڻهن کي چرس پيئندي نه ڏٺو آهي، جيترو هن دفعي جيل ۾. پوليس وارا هجن، جمعدار، جيلر، يا ڊاڪٽر، قيدين کي انهيءَ جي پرواهه ڪانهي. اهي پنهنجي شغل ۾ مست آهن. انهن ۾

آهي ڪرمنل قيدي به هوندا آهن، جيڪي جيل وارن جي زبان ۾ ڊانبرس يعني خطرناڪ آهن. سياسي قيدي جي گهڻ ڪري، جيڪا جيل ۾ آزادي آهي، انهيءَ مان هنن به پورو پورو فائدو ڪنيو آهي، سياسي قيدين وانگر اُهي به سڄو ڏينهن پيا گهمندا ڦرندا آهن ۽ پارڪ ۽ اسپتال جي پٺيان ويٺا چرس پيئندا آهن. شروع واري خطن/ڊائريءَ ۾ مون راجا جاويد جو ذڪر ڪيو هو جيڪو ڪراچيءَ جي، طارق روڊ تي خونن جي ۽ ٻين مختلف ڏوهن ۾ گرفتار آهن. جيل ۾ (بلڪ جيلن ۾) چڱو رعب اٿس. جيل جو اسٽاف هن کان ڊ چند و آهي. انهيءَ ڪري هو ۽ چڙواڪ آهي. اڄ مان پارڪ وٽان لنگهي رهيو هوس ته ٽڪڙو ٽڪڙو وڏي اچي سنڌين وانگر پيرين پيو ۽ هٿ ٻڌي بيهي رهيو. پڇيومانس: ”راجا ڪيئن آهين.“ سنڌيءَ ۾ چيائين، ”مرشد سائين، توهان جي دعا گهرجي. اوهين هميشه مونکي سمجهائيندا رهندا هئا، پر مان نه سڌريس. پر مرشد هاڻ يقين ڪر، مون هر برائيءَ کان توبهه ڪري ڇڏي آهي.“ ”مان مرڪي لڳس ته چيائين، ”نه مرشد، هاڻ واقعي توبهه ڪئي اٿم.“ چيومانس، ”خدا ڪري انهيءَ تي قائم رهين.“ چيائين، ”مرشد ڪو ڪم ڪار، ڪو حڪم هجي ته حاضر آهيان.“

سندس تورا مجي اڳتي وڌي ويس. راجا سنڌ جي مختلف جيلن ۾ رهيو آهي، تنهنڪري نه فقط سٺي سنڌي ڳالهائي ڄاڻي. پر سنڌين جي اثر ڪري، هن ۾ مروت، سيدن جي عزت، سنڌين وانگر ملڻ جو نمائو انداز اچي ويو آهي.

سچ لهي چڪو آهي. اسين بند ٿي چڪا آهيون. ٿي-وي ۽ ٿي ٻانگ پئي اچي. رب پاڪ جي حضور ۾ هن وقت حاضر هجڻ گهرجي ها، پر مان تنهنجي حضور ۾ حاضر آهيان.

ڪجهه ڪلاڪ اڳ داؤد خان وٽ ماڻهن جو ميڙاڪو هو (روز ئي هوندو آهي) وڏا بحث مباحثا ٿيا هئا. امين خٽڪ عبدالله ملاح پيا ڪيترا دوست هئا. محب شاهه ۽ مجرم نقوي ۽ ڪي چيو: مهاجرن اسانجي هر شيء تي قبضو ڪري ورتو آهي، سنڌ ۾ رهڻ جي باوجود به اهي سنڌين جا خيرخواهه ڪونهن .

نقوي ۽ چيو: اوهان جي ڳالهه صحيح ڪانهي. ورهاڱي کان پوءِ جڏهن هندو اتان لڏي ويا ته واپار، نوڪريون سڀئي اوهانجي حوالي هيون، پر اوهان پاڻ ئي سستي ڪئي. مهاجر، جيڪي ڀارت مان لٽجي آيا هئا، پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي آيا هئا، انهن اچي هندن جون جايون ڀريون. اوهان سان مهاجرن زيادتي نه ڪئي آهي. اوهان سنڌين پنهنجو پاڻ سان زيادتي ڪئي آهي. اوهين انتظار ۾ ويٺا رهيا ته ڪو اچي، اسان کي ڪجهه ڏي. اوهين چئو ٿا انتظار ڪريو ته ڪو اچي توهانجي گهر تي ٺڪ ٺڪ ڪري، انهي کان اڳ جو ڪو اچي اوهان جو ڪڙو کڙڪائي، اوهين پاڻ وڃي هنجي در جو ڪڙو کڙڪايو ته: بابا هي ۽ منهنجو گهر آهي، هي ۽ شيء منهنجي آهي. اڄ سرحد مان پٺاڻ، پنجاب مان پنجابي اچي سنڌ ۾ مزوري ڪري ٿو. چو. سنڌي مزور سرحد ۽ پنجاب ۾ نٿو وڃي. پٺاڻ ۽ پنجابي مزور. عرب ملڪن، يورپ ۽ آمريڪا ۾ مزوري

ڪرڻ لاءِ وڃن ٿا، پر سنڌي مزور ٻاهر ملڪن ۾ ته نه ويو، ڪراچيءَ ۾ به نٿو وڃي، پوءِ ڀلا انهن جاين تي غير سنڌي مزور ويو ته انهيءَ ۾ ڏوهه ڪنهن جو؟ نقويءَ چيو: ذوالفقار علي ڀٽي جي دؤر ۾، مان هڪ دفعي داد و ويو هوس، اتي رستي تي هڪ هنڌ بورڊ لڳل ڏٺم، لکيل هو: جيڪڏهن اوهين ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ چاهيو ته هتي نالا لکرايو. هاڻ مونکي ٻڌايو، سنڌي ماڻهو ڪراچيءَ ۾، جيڪو سنڌن ئي صوبي جو شهر آهي، اتي وڃڻ لاءِ تيار ڪونهي، ته ظاهر آهي آها جاءِ ٻيا ته ڀريندا نه؟

پير معظم ڪي ڊ-سو، بي- اِي آهي، هڪ فئڪٽريءَ ۾ انجنيئر آهي. موں هنکي چيو: بابا تون ايم- ايس ڪرڻ لاءِ آمريڪا ڇو نٿو وڃي، وڃي اتان پڙهي ڊگري وٺ. اتي نوڪري ڪر، پوءِ پئسا ڪمائي پنهنجي ملڪ موڪل. انهيءَ پئسي کي پنهنجي ملڪ لاءِ پنهنجي ماڻهن لاءِ ڪم آڻ.

هيءُ زمانو اهڙو آهي ته نه او هان ڪنهن تي رحم ڪريو، نه ڪنهن جي رحم جي انتظار ۾ رهو. پنهنجي ماڻهن کي پڙهائي، ٻاهر ڪڍو. ٻين جي مقابلي ۾ آڻيو. ڏسو اسانجا ماڻهو پڙهي ٻاهر وڃن ٿا. اتي نوڪريون ڪري پئسو ملڪ ۾ آڻين ٿا، ۽ انهيءَ سان هتي ڪاروبار ڪن ٿا، بادينگون ڪڙيون ڪن ٿا. اوهان ڏسندا ته مهاجر سنڌين ڪان سگهيا آهن.

عبدالله ملاح (عوامي تحريڪ وارو) نقويءَ سان متفق نه ٿيو ۽ چيائين: اڳ ۾ سڄي معاشري کي بدلائڻ گهرجي. اڳ ۾

اقتصادي انقلاب آڻجي، معاشي انقلاب آڻجي، جيستائين ائين نہ ڪبو، تہ اسين ترقي نہ ڪري سگهنداسين. نقويءَ ڪلي، طنزيہ انداز ۾ چيو: نہ نو من تيل آئيگا نہ رادها ناچے گي.
مجرم ۽ علي حسن چيو: ٻاهريان سڀئي ماڻهو اسانجي ملڪ مان هليا وڃن، تہ اسين ترقي ڀاڻهي ڪري وٺنداسين.
نقويءَ پڇيو: ڇا اِهو ممڪن آهن؟ محب شاهہ چيو، ممڪن ٿي بہ سگهي ٿو.
نقويءَ چيو: اوهانجي اِها سوچ ئي غلط آهي. غلط نہ سوچيو، ڪاوڙجو نہ. غير سنڌين کي اوهان سنڌ مان ڪڍي نٿا سگهو. هاڻ اِهي هتي وسي چڪا آهن. محب شاهہ چيو: پر جيترا سنڌي سنڌ جا خيرخواه آهن، مهاجر ڪونهن. نقويءَ چيو: اِها ڳالهہ بہ غلط آهي، مهاجرن جي وڏي اڪثريت سنڌ ۾ رهي ٿي. اُهي اِتي نوڪريون ڪن ٿا، اِتي واپار ڪن ٿا، ڪارخانا هڻن ٿا. جيڪي مهاجر، اوهين مهاجر ٿا چئو مان انهن کي نوان سنڌي چوندس. ٻاهر آهن، اُهي جيڪو ڪمائين ٿا، اُهي پئسا هو ٻارت ڪونہ ٿا موڪلين. ڪنهن ٻئي ملڪ نٿا موڪلين. بلڪ ٻاهر مرن ٿا تہ پنهنجو لاش بہ دفن ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ موڪلين ٿا. رکو اوهانجي سوچ جو فرق آهي. اوهين پنهنجي گهر جو در جيڪڏهن بند رکندا، تہ پوءِ ترقي ڪيئن ڪندا؟ ٻاهر نڪرو، ٻين جي آڳرين ۾ آڳريون وجهي ڪم ڪريو.
امين خٽڪ (اين - ڊي - پي وارو) چيس: اوهين تہ ڪميونسٽ رهي چڪا آهيو. ڇا ڪميونسٽ بہ ٻاهر جي ملڪن ۾ وڃي

ڪندا آهن؟ نقويءَ کي انهن جو طنز نه وڻيو، چيائين، ڪميونسٽ ملڪن ۾ اقتصادي مسئلا ته حل ٿي ويا آهن، پر ڇا آزادي آهي؟ بلڪل نه. اسين ٻاهران ڪو ڪتاب به آڻي ڪميونسٽ ملڪ ۾ نٿا وڃي سگهون. هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين وڃڻ لاءِ پاسپورٽ تي ٺپو هڻائڻو پوي ٿو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻئي شهر جو ڪنهن جي گهر اچي رهي، ته انهيءَ ماڻهوءَ کي پوليس کي اطلاع ڪرڻو ٿو پوي ته: فلاڻو ماڻهو مون وٽ هفتي کان رهيل آهي. ۽ پوليس آئي جوآئي اچي ڪانئس پڇندي ته: تون هتي ڪهڙي خيال کان رهيو پيو آهين.

هن مونکانئس پڇيو: توهان جيل ۾ آهيو. هتي ڪمرو، باٿ، اسپتال ۽ ماني سڀئي مفت آهي. ڇا اوهين جيل ۾ رهڻ پسند ڪندا؟ نه. ڇاڪاڻ ته هر انسان آزادي چاهي ٿو. سوشلزم ۽ ڪميونزم هاڻ پراڻي شيءِ ٿي وئي آهي. هاڻ ته انسان کي هر بنيادي سهوليت ۽ آزاديءَ وارو معاشرو قائم ڪرڻو آهي.

چڱو هاڻ اڄوڪو احوال پورو ٿيو، رات به ڪافي ٿي چڪي آهي. منهنجي لاءِ مشڪل ڳالهه اها آهي ته سڄو ڏينهن ايترا ماڻهو ايندا آهن جو خط لکڻ ته نهيو، ڪجهه سوچي به نٿو سگهجي. بند ٿيڻ ڪانپوءِ ٽي-ويءَ تي رات جي خبرن تائين داؤد خان وٽ هوندو آهيان، اُتي به خاموشي نه هوندي آهي. داؤد خان ڏي هڪ رانجها لکان دي مٺ وارو حساب آهي. پيو ڪرنگهي ۾ سور جي ڪري پٺ تي بنائيڪ جي

وِيهي به ڪو نه سگهان. جڏهن ته گهڻو وقت پٽ تي ويهڻو پوي. رات جو اسانجي ڪمري ۾ ڪجهه خاموشي هوندي آهي. پر مصيبت اها آهي ته ايڏي وڏي ڪمري ۾ هڪ بلب آهي (باقي سڀ خراب آهن)، سو به هڪ ڪنڊ ۾، ۽ منهنجو هنڌ ڪمري جي وچ ۾ آهي. جيڪڏهن بلب جي هيٺان وڃي لڪجي ته ويهجي ٿو سگهجي. اڄ هڪ ڏنل گوڻ مليو اٿم، انهيءَ تي چڙهيو ويٺو آهيان. پر مڇرن اهڙي حالت ڪئي آهي جو توبهه. سمهندي ته مڇردانيءَ ۾ آهيان، تنهنڪري آئي بچاءُ آهي. البت ڪلهه هڪڙو مڇر، مڇردانيءَ ۾ گهڙي ويو هو، سڄي پيشاني چِلي ڇڏيائين.
توکي ته بهرحال گهر ۾ اهڙي جاءِ مليو رهي، جو تون اڪيلائيءَ ۾ خط پڙهيو به وڃين ۽ لکيو به وڃين. گهڻي ۾ گهڻو ڪنهنجي اچڻ ڪري لکڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٿوري رڪاوٽ پوندي هوندي.
چڱو هاڻ اجازت، باقي احوال سڀاڻي.

۲۹-۱۲-۸۳

نيرن ڪري اچي ويٺو آهيان. شنوائيءَ جو پتو نه پيو اٿم ته ڪندا يا نه، وري اهي خيال به ته: ساڳيو اي. ايس. آءِ نه هجي. خبر نه ٿي پوليس چڱي ايندي يا نه....
جيستائين شنوائي تي ٻاهر نه نڪرجي، عجيب آڻ تڻ هوندي آهي. بهرحال جيل ۾ اهي ذهني عذاب ته هوندا ئي آهن، ۽ خوش اسلوبيءَ سان اهڙن عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي.
هيئنر هيئنر منشي اچي ٻڌائي ويو آهي ته پوليس آئي آهي.

تنهنڪري باقي احوال ٻئي خط ۾.
ادي، مغل، آپا، پاپي، ادا نثار، مقصود، دانيال ۽ ٻين سڀني کي سلام.
غزالا، فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

۸۳-۱۲-۲۷

عزيز طارق.

هن وقت شام جا ساڍا پنج ٿيا آهن، هيءَ بندي اوهانجي خدمت ۾ حاضر آهي. مٿي ته ساڍي ڇهين وڳي ڇڏهي هيس، پر ايتري دير اوهانجو خط/ ڊائري پي پڙهيم، هاڻ ته منهن ڏوڻ به ياد نه رهندو اٿم، مٿي چڙهندي شرط اوهانکي خط لکڻ ويهو رهان.

شڪر منهنجي خطن يا مون اوهانجي دل تي اثر ته ڪيو. منهنجو خط توهان لاءِ منهنجي دل جي ترجماني ثابت ٿيو. ڇا پهرين مون ڪڏهن دل تي اثر نه ڪيو هو؟ توهان لکيو آهي ته مان خط سٺا ٿي لکان، ۽ مون پنهنجي خطن ۾ ڪلي اظهار ڪيو آهي. ’توهان لکيو آهي ته توهانکي ڪڏهن به محبت جو اظهار ڪرڻ ڪو نه آيو.‘ طارق، جڏهن محبت هوندي آهي ته تڏهن اظهار جي ضرورت ڪانه هوندي آهي. ڇو جو محبت خود هڪ اظهار آهي، انهيءَ ڪي ٻيو ڀاڱهي محسوس ڪندو آهي. منهنجي محبت آهي، توهان محسوس ڪريو ٿا ۽ ڪرڻ به کپي، ڇو جو واقعي مونکي محبت آهي. مان جيڪو ڪجهه لکان ٿي، آها طارق، منهنجي دل جي ترجماني هوندي آهي. مان ته سدائين شڪايت ڪندي هيس، پر اوهان ۾ آها ِحس ئي ڪانه هئي، جيڪا محسوس ڪري سگهي. انهيءَ لاءِ مان سدائين مجسم شڪايت

بڻي رهيس. هاڻ جڏهن منهنجي قلم لکڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن منهنجي دل جو آواز توهان تائين پهتو آهي.

خطوري بن ڪلاڪن کانپوءِ شروع ڪيو اٿم جو جيڪب آباد واري مهمان اچي ويٺي هئي. سوچيو ته گهڻو ڪجهه هوم لکڻ لاءِ، پر آهو ته هنجي اچڻ سان ذهن مان نڪري ويو.

منهنجو طويل خط ڏسي جيڪب آباد واريءَ مهمان چيو: شمس هاڻ ته تون به اديب بڻجي ويٺي آهين. چيو مانس: نمت به ته اديب جي زال آهيان. ڪجهه ته اثر مون تي به ٿيندو.

هنئر حبيب فون ڪئي هئي. پڇيو مانس: پريس ڪيئن پئي هلي. چيائين: ٺيڪ پئي هلي. مون تاڪيد ڪئي مانس ته، مهرباني ڪري ٽائيم تي ايندا ڪريو. چيائين: ٺيڪ آهي. پر مهرباني ڪري ظهير کي چئو ته ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو پريس تي چڪر هڻي ويندو ڪري. چيو مانس: خير ته آهي؟ ڪجهه دير خاموش رهي چيائين: ٻه ٽي دفعا سي - آءِ - ڊي وارا آيا هئا. چيومانس: تون فڪر نه ڪر الله سڀ چڱي ڪندو. پوءِ چيائين ته: ڪمپازيٽر چونٿا ڪمپوزنگ جو اگهه وڌائي ڏيو. چيومانس: طارق کي اچڻ ڏي، هو پاڻهي منهن ڏيندو.

ايترا ڏينهن مقصود ۽ زيب سنڌيءَ پريس پئي سنڀالي، زيب هينئر ڪراچي ويل آهي. چڱو في الحال اجازت وٺان ٿي. وڌيڪ احوال سڀاڻي.

٨٣-١٠-٢٨

هن وقت شام جا ساڍا پنج ٿيا آهن. مان مٿي چڙهي

آهيان، ۽ اڄ سان ويٺي آهيان اوهانکي خط لکڻ. ڪم ۾ ڏاڍي دير ٿيو وڃي. ٻارهين وڳي ٿائين ناشتو ملي، انهيءَ ڪانپوءِ ٻيو ڪم ٿئي. ٻنپهرن جا جڏهن ٻه ٿيندا آهن، تڏهن آءٌ ٻوڙ رڌڻ ويهندي آهيان. هڪ ته اسڪول کي موڪلون ٻيو گهر ۾ مهمان، تنهنڪري دير ٿيو وڃي. ٽانوڻ ڏوڻ واري مائي ٽانوڻ ڏوڻ ۾ ئي هڪ ڪريو ڇڏي.

خير ڇڏيو انهن ڳالهين کي. توهانجي طبيعت ڪيئن آهي. خبر پيم ته اوهانکي گلي ۾ سور آهي. ڪٿي سور ڪري بخار نه ٿي پوي، (الله نه ڪندو). مان چوسڻ واريون ٽڪيون موڪلي ڏيندس.

ادا مغل سپائي شايد سانگهڙ وڃي، ادا آفتاب سان به ادا مغل اڃان ملي نه سگهيو آهي. طارق مون ته ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي، پر آءٌ ڪري به ڇا ٿي سگهان، آءٌ هڪ هڪ ڏينهن ويٺي ڳڻيان. پر انهن ڏينهن ۾ ٿيو ڪجهه به ڪونهي. خبر ناهي اڃا اوهانکي ڪيترو وقت اندر رهڻو پوي.

ادا مدد سان اڄ فون تي اي-ايس-آءِ سليم جي باري ۾ ڳالهايو مانس. ادا چيو ته اِها خبر سڀني اخبارن ۾ آئي هئي، ايس-پيءَ کي ضرور انجي خبر پئي هوندي، مون اُها خبر انفارميشن وارن کي ڏني هئي. انهيءَ ڪري هن جي خلاف ضرور ائڪشن ڪندو.

ادا وليرام کي به فون ڪئي هوم، ڊائريءَ لاءِ، چيائين: هفتي کن ۾ ڊائري ايندي، آءٌ طارق صاحب کي ڏيندس، ڀلا ڪيئن وساريندس. انهيءَ جي ڪري شايد اسين طارق

صاحب کي ياد رهون. مون چيو : نه ادا ، انهن شين جي ڪري ياد ڪانه رهندي. ياد رهندي آهي خلوص جي ڪري، سچائيءَ جي ڪري. چيائين: ها آهي ته اها ڳالهه صحيح. وري ٻڌائين ته: ذوالفقار راشدي خميس تي اچي رهيو آهي، اسان هڪ ادبي ميٽنگ رکي آهي ، جنهن ۾ طارق صاحب لاءِ هڪ اخباري بيان تيار ڪيو. ظفر حسن ڪيس فون تي ٻڌايو ته آهي ليڪ جيڪي سرڪاري نوڪرين ۾ آهن ، آهي انهيءَ بيان تي صحيحون ڏيڻ کان هاڻ لهراين پيا. ادي نذير ناز اڪثر فون ڪري اوهانجو پڇندي آهي .
هينئر ماروت ۽ نندي پيڻ اچي ويئيون آهن ، تنهنڪري وڏي خط ڪو نه اڪي سگهيو ، خدا ڪندو سيائي اوهين شنوائيءَ تي ايندا .
ڇگو هاڻ اجازت، نالا ڪونه تي لکان . سڀني جا سلام قبول ڪجو .

اوهانجو
شمس

۹-۱۲-۸۳

پياري شمس

اسلام عليڪم.

صبح جو هڪ خط موڪلي چڪو آهيان. پيو لکي رهيو آهيان. شنوائيءَ تان موٽي، ماني کائي اڃي هنڌ تي ويٺس، اک ۾ تنهنجو خط پڙهيم، ۽ پوءِ لکڻ ويٺس، هتي جا سائي تنهنجا خط ڏسندا آهن تہ چوندا آهن: مار، ايڏا جلدي جلدي خط ٿا اچن. وڏا خوش قسمت آهيو. ۽ اڄ انور عباس نقوي تنهنجو خط ڏسي پڇيو، ”آپکی بیگم کا ہے؟“ چيم، ”ها.“ چيائين، ”اتنا بڑا خط. ميری بیگم تو پوسٹ کارڈ پر خط لکھتی ہیں.“ هاڻ سوچيان پيو تہ ماڳهين خطن کي نظر نہ لڳي.

صبح جو شنوائيءَ تي نڪرڻ جو آسرو ڪونہ هوم. ڏهين وڳي ڏاري پتو پيو تہ پوليس آئي آهي. جلدي جلدي تو وارو وڳو پاتم، جيڪو تو پريزنٽ ڪيو هو. ٻڌهن بہ اهو وڳو پاتمند و آهيان، سڀئي سائي چوندا آهن. مَس مَس ڪو سٺو وڳو پاتو اٿؤ.

اڄ شنوائيءَ تي وٺي وڃڻ لاءِ سنڌي جمعدار آيو هو. شاهد جيلر کيس چيو، ”اهڙي شاندار ماڻهوءَ کي تہ هٿڪڙي نہ هڻ، سياسي ماڻهو آهي، چور ڪونهي.“ هن چيو، ”هينئر هٽان ٿو، پوءِ ڪولي چڙهندس.“ هڪ هٿ ۾ هٿڪڙي هنيائين.

مون به ضد نه ڪيو. هڪ دفعي هٿڪڙي لڳي چڪي، هاڻ پيلي پٽي لڳي.
ڪورٽ ۾ پهتس، اتي ڪو به ڪونه هو. ٿوري دير ڪانپوءِ مقصود آيو، پوءِ عرفان شاهه، دانيال شاهه، عمر، اورنگزيب، آصف (مغل جو پاٽيجو)، حبيب ۽ پريس جو ٻيو عملو آيو. ٿوري دير ڪانپوءِ خميسو به آيو، هڪ وڳي کن مونٽي جيل پهتس. دستور موجب، دائود خان، نقوي، مجرم، علي حسن ۽ محب شاهه شنوائيءَ جو احوال پڇيو. ٻڌايومان ته: هتان وٺي ڪورٽ جي ميدان ۾ ويهاريندا آهن. ڪنهن ميجر جي بدران دوستن، عزيزن ۽ پوليس وارن جي اڳيان پيش ڪندا آهن.
تنهنجي مامات جا خط آيل آهن، پر مونکي خط/ڊائري لکڻ مان فرصت ئي نٿي ملي، جيڪڏهن ڪجهه وقت ملي ٿو ته مان 'جيل گهاريم جن سان' ۽ 'ميرو ڊاڙيل' اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لڳان ٿو. نقويءَ مونکي چيو آهي ته: ”هتي جنهن سان مليو آهيان، اهو ٿي چوي ٿو ته: طارق اشرف سنڌيءَ جو تمام وڏو ليڪ آهي. پر جيئن ته مان سنڌي نه ڄاڻان، تنهنڪري اهو پتو نه پيو ائم ته اوهان ڇا لکيو آهي، ڪيئن لکيو آهي. سچ پڇيو ته حيدرآباد جيل ۾ اچڻ کان اڳ مون اوهانجو ڪڏهن نالو نه ٻڌو هو. اوهان پنهنجن ڪتابن کي اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪريو. جيل تي اڙدوءَ ۾ تمام گهڻا ڪتاب لکيا ويا آهن، خاص طور تي ويجهڙائيءَ ۾ ته اڙدوءَ ۾ جيل تي ڪو به ڪتاب نه آيو آهي. اوهان جيل

تي ايترا ڪتاب لکيا آھن، اھي اڙدوءَ ۾ اچڻ گهرجن.
اوھان ترجمو ڪيو، مان ڇپرايان.
سو تنھنڪري مان اچڪلھ ٻن ڪتابن جو اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪيان پيو ۽ نقويءَ کان اصلاح به ڪرائيندو اچان.

٣٠-٠٢-٨٣

صبح ٿيو آھي. مان تنھنجي حضور ۾ اچي حاضر ٿيو آھيان. صبح جو ٻه آوپاريل سنڌي بيدا، ڪافي ڪيڪ جو پيس ۽ چانھن سان نيرن ڪئي اٿم. ڇا ٿي پائيين، آھي نه عيش؟ بيدن جو شوق مونکي ڪونھي، منھنجي ڪمري جي ساٿي مجرم لغاريءَ کي آھي. ھو پاڻ به بيدا گهرائيندو آھي، مونکي به آڻي لاءِ چوندو آھي. جنھن وقت ڏس، بيدا آپاري ويٺو آھي. مان ۽ پيو ساٿي علي حسن گهٽو ئي نه نه ڪريون، پر ڪيس جو بيدا کائڻ جو شوق آھي، سو پنھنجي شوق لاءِ پيو اسانکي زوري کارائيندو. آھي مز يدار ماڻھو، مان ھن تي خاڪو لکان پيو. ھتي سنڌي ادبي سنگت جون ڪچهريون شروع ڪيون اٿون، ھڪ ٿي چڪي آھي، جنھن جي صدارت مولا بخش لغاري ڪئي، انھيءَ ۾ علي حسن چانڊئي ڪھاڻي، مجرم، ارشاد ساگر، محب شاھ، مولا بخش ۽ عطا شعر پڙھيا ھئا، ايندڙ ڪچهريءَ ۾ مان مجرم تي لکيل خاڪو پڙھندس.

٠١-٠١-٨٤

نئون سال مبارڪ ھجئي. ھي خط ١٩٨٣ع ۾ لکڻ شروع ڪيم، ھاڻي ٨٤ اچي ويو آھي، تڏھن به لکي رھيو آھيان-

پورو سال تنهنجي حضور ۾ حاضر رهيو آهيان.
رات ٽي وي ٿي آهي. ٽي-وي تي 'محفل شب' پروگرام اچي رهيو آهي. شايد صابري قوالن مان ڪو آهي، ماٺيي ۾ آهي، نيم ڪلاسيڪل انداز ۾ غزل پيو ڳائي. خبر نه تون هن وقت ٻڌي پئي يا نه. ڪاش ٻڌندي هجين. غضب جو پيو ڳائي. اڄ سلور جبلي ۾ لنبلي نه ٿيو، حميرا چنا ۽ ٻئنجمن سسٽر به سٺا گانا ڳايا. باقي پروگرام اوين هو.

۸۴-۱-۲

صبح جا اٺ ٿيا آهن. صبح جو اچا نند ۾ هوس جو گوڙ تي اک کلي پئي، چوڪ پري آئيس. ڪي ڇوڪرا اسانجي برداشتي يوسف سان وڙهيا پئي. ڪلهه به ساڳيا ۽ سندن ڪجهه دوست يوسف سان وڙهيا هئا. هتي جيڪي سياسي قيدي آهن، انهن مان اڪثريت اهڙن ماڻهن جي آهي، جيڪي سياسي ذهن رکن ٿي ڪونه، بس ڪي جذبي ۾، ڪي هلا گلا ۾ هليا آيا آهن، هاڻ اچي جيل لڳو اٿن، انهيءَ ڪري روز جهيڙا جهڳڙا ۽ غنڊا گردي ڪيو وٺا آهن. ڪي ته اهڙا آهن، جن جو ڪم آهي رڳو وڻ ڏڻ ٽوڙڻ. اسانجي اسپتال جي ورانڊي ۾ جافري لڳل آهي، آها به چڱي خاصي پڇي چڏي اٿن. هڪڙو شاهه صاحب آهي، سنهڙو سيپڪڙو، طاقت منجهس ڪونه اٿس، پر آٺ سو سياسي قيدين جي پٺ آهي. انهيءَ ڏينهن ماڙيءَ ۾ هڪ فوجي سپاهي پنهنجي هڪ پگوڙي سپاهيءَ لاءِ ويٺل هو، وچي انهيءَ کي لپاٽ هنئين. هو حيران ٿي ويو، ته هنکي ٿيو ڇا آهي. هن شاهه

صاحب جا ته لاءِ پنهنجي وڃن ها، پر پلو ٿئي پير معظم جو جنهن بچائي ورتس.
ڏينهن جا ٻارنهن ٿيا آهن. سوچيو هوم ته جلدي خط لکندس، پر خط لکڻ کان اڳ مولا بخش چانڊيو اچي ويو، چيائين: هڪڙو مضمون لکيو اٿم، پڙهه. پر هڪ جي بدران ٻه مضمون پڙهايائين ۽ انهيءَ تي رايو به ورتائين. ڪافي وقت انهيءَ ۾ گذري ويو. دراصل ڪيس مضمون لکڻ لاءِ به مون ئي زور پريو هو. مضمون سٺا لکيا اٿس. هو ايڏو مخلص ۽ سٺو ماڻهو آهي جو پوري توجه ڪيس ڏيڻي پئي، هنجي وڃڻ کانپوءِ شيو ڪري اچي خط لکڻ ويٺو آهيان. پر مصيبت اها آهي ته منهنجي پرسان پنج ماڻهو ويٺا سياسي بحث ڪن، تنهنڪري منهنجا خيال گهڙي گهڙي منتشر ٿيو پيا وڃن. منهنجي ساٿي مجرم لغاري کي ڳالهائڻ جي ڏاڍي پٽ آهي، سڄو ڏينهن چانهن جا ديڳڙا چاڙهيو، ماڻهن کي ڪٺو ڪيو، پيو بحث ڪندو. ويچاري جي جان پوري ساري آهي. سو نه جان ڇا مان ڇا پيو ڳالهائيندو آهي.
بحث انهيءَ تي پيو هلي ته: سائين جي ايم سيد کي ايم-آر-ڊي جو موومينٽ جي مخالفت نه ڪرڻ گهرجي ها، ڇاڪاڻ ته هن وقت سنڌ جي اڪثريت آئي ڪڙ ي تي آهي ۽ اها هاڻ فقط سنڌي تحريڪ بنجي ريئي آهي. هڪ چيو: سائين ڪڏهن صحيح فيصلو ڪيو به آهي؟ جڏهن نه ڪرڻ جو وقت هوندو، سائين چوندو: مان ڪيو ويٺا هجو، ۽ جنهن وقت مان ڪري ويهڻ جو وقت هوندو ته چوندو: نه ڪريو. غلط وقت

تي جذباتي نعرا ڏيئي سنڌي تحريڪ کي سائين وڏو نقصان رسايو آهي.

مجرم پاڻ کي سائين جو خاص ماڻهو چوندو آهي، سو ڪيس اها ڳالهه نه پئي وڻي، پر هو سائين جي فائدي ۾ آئيتا سبتا مثال ڏيئي، ماڳهين سائين جي پوزيشن وڌيڪ خراب ڪري رهيو آهي. مان هنن جي بحث ۾ حصو نه پيو وٺان. ماڻ ڪيو سندن بحث ٻڌان پيو ۽ خط لکان پيو.

ڪيئن به صحيح، مجرم آهي مخلص ماڻهو. هاڻ ته هنجي آزاد ٿيڻ ۾ به باقي ڏهه ڏينهن بچيا آهن. مان هن تي تيزيءَ سان خاڪو لکان پيو، جيڪو سنگت جي اينڊرڪچهريءَ ۾ پڙهندس.

تو کي لکڻ وسري ويو. ڪجهه ڏينهن اڳ سپرنٽنڊنٽ اوقاش ڪراچيءَ جي هڪ غندي پوا (جهنکي مارشل لا وارن ڪافي عرصي کان بند ڪري رکيو آهي) کي اسان واري ڪمري ۾ رکيو آهي. آهي آهو به سي ڪلاس جو، پر سپرنٽنڊنٽ هن کي کٽ ڏني آهي. هاڻ ساڳئي ڪمري ۾ مان، مجرم علي حسن پٽ تي سمهون، ۽ هو کٽ تي سمهي. ڪيس ننڍو ڪپٽ به ملڻ آهي، جڏهن ته اسانجا ٽيئي پٽ تي پيا آهن. هن کي مون تي ۽ دائود خان تي جيل جي پاران سي-آءِ-ڊي ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو آهي. اسين ٽنهين ته انهيءَ ڳالهه کي ڪا اهميت ڪانه ڏني، پر اسانوٽ اينڊڙ سنڌي نوجوانن کي اها ڳالهه نه وڻي. هنن جو چوڻ آهي ته اسانجا ليڪ ته پٽ تي پيا هجن، ۽ ڪراچيءَ جو هڪڙو ذليل

ڪنڊ ۽ پلنگ تي چڙهيو ستو پيو هجي، اسين ڪيس ماريندا سين. پر اسان کين ائين ڪرڻ کان روڪيو آهي.
نقوي مونکي ٻڌايو ته: پوءِ چوي ٿو، اهي مونکان سڄن ٿا ۽ نفرت ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته مان مهاجر آهيان. هي جيڪڏهن چون ته مان انهن کي به لوهي ڪٿون وٺي ڏيان.
مون نقويءَ کي چيو: ڏاڍي غلط ڳالهه ڪئي اٿس. تون به ته مهاجر آهين. زبيري ۽ رشيد الدين طارق به ته مهاجر آهن. پر سڀئي اسانجا دوست آهن. ۽ اسانکي اوهان سڀني لاءِ عزت آهي. رهي ڪٽ، ته جيڪڏهن مان چاهيان ته هيٺئر جو هيٺئر ڪٽ ملي سگهي ٿي، پر ڪٽ منهنجي ڪمزوري ڪانهي. شفقت شاهه جي وڃڻ ڪانپوءِ ڪٽ خالي هئي، محب شاهه مونکي چيو، پر مون انڪار ڪيو. انهيءَ کان اڳ محب شاهه چيو ته: اوهين پٽ تي سمهو ۽ مان ڪٽ تي سمهان، مونکي شرم ٿو اچي، اوهين منهنجي ڪٽ ڪٺي وڃو. پر مون ڪانئس ڪٽ نه ورتي.
خير اسان ٽنهين پوءِ سان ڳالهايو ڪونه. سنڌي نوجوانن کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي ته ڏاڍا ناراض ٿيا. اسين منع نه ڪريون ها ته اُٿي مارينس ها. نيٺ ڪن، جيلرن ۽ ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ کي چئي، پوي کي هتان ڪڍرايو. سنڌس وڃڻ ڪانپوءِ به ٽي چار ڏينهن ڪٽ آتي پئي هئي، پر اسان مان ڪنهن به آها ڪٽ استعمال نه ڪئي.
هن وقت ٽپهريءَ جا چار لڳا آهن، اچ مانيءَ کي دير ٿي وئي، مانيءَ ۾ مڇيءَ جو پلاءُ هو. محب شاهه کي احساس

هو ته مونکي جلدي بک لڳندي آهي، تنهنکري يارنهين ڏاري ڪيڪ جو هڪڙو پيس مونکي ڏياري موڪليائين.
ائين داءُود خان مونکي چيو آهي ته جنهن شيءِ جي ضرورت پوي، ڪٿو. پر منهنجي لاءِ اها ڳالهه ممڪن ڪانهي. هن برداشتين کي به چٺي چڏيو آهي ته شاهه صاحب پاڻ نٿو ڪٿي ته اوهين ياد سان ڪيڪ ۽ ميوو ڏيندا ڪريو.
جيستائين شفقت شاهه هوندو هو، آهو رڌيندو هو. سندس آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ محب شاهه رڌيندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ته ڏاڍو سٺو رڌيندو آهي.
يارنهين جنوريءَ دانيال جو جنم ڏينهن آهي. اهو ڏينهن سان سدائين ملهائيندو آهيان. ڏهه ڪان ٧٧ تائين جڏهن جيل ۾ هوس، ته به اميءَ کي چيو هوم ته جنم ڏينهن ضرور ملهائجو، ۽ ملهايو ويو. هن دفعي امي ته ڪانهي، اهو ڏينهن هاڻ ٿون ملهائجان، ڪٿي وڏي پئماني نه ملهائجان، پين کي يلي نه سڏائجان، رڳو گهر وارا ئي هجن. البت اورنگزيب کي ضرور سڏائجان. هڪڙو رول گهرائي تصويرون به لهرائجو.
سيءَ ڏاڍو آهي، لکڻ ئي نٿو پڄي. البت رات جو سوڙ ڪري سيءَ کان بچاءُ ٿيو وڃي.
دانيال ۽ پين سيني کي سلام.
فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

۸۴-۱-۴

پياري شمس،

اسلام عليڪم.

هن وقت شام جا ڇهه لڳي چڪا آهن، اڄ شنوائي هئي. جيل مان ته جلد ڪڍيائون، پر ڏيڍ ڪلاڪ ٻاهر وين ۾ ويهاري ڇڏيائون، ڇاڪاڻ ته ٻيا قيدي نه نڪتا هئا. ڏاڍي بور ٿي. مٺان اِهو ڏيپ ته مٺان مائٽ ۽ دوست اِهو سمجهي موٽي نه وڃن ته طارق نه ايندو.

اڄ ڪلهه، سياسي قيدين ۾ جيڪي نوجوان آهن، آهي روز ٻاهر اسپتال وڃڻ (بلڪل گهمڻ) لاءِ جهيڙا ڪندا آهن، هر هڪ جي خواهش هوندي آهي ته هو نڪري، پر ايتري پوليس نه هوندي آهي جو سڀڪو نڪري. سو ڪير وڃي، ڪير نه وڃي. انهيءَ چڪر ۾ روز ڏير ٿيو وڃي. عطاالرحمان ۽ ۽ عالم شاهه لاءِ مصيبت هوندي آهي ته ڪنهنکي موڪلجي ڪنهنکي نه. جنهنکي به موڪلجي ٿو ٻيو چوي ٿو ته: اهو سندن مائٽو هو. بهرحال روز صبح جو وڏي ڦشري ٿيندي آهي.

اڄ ٻهريون پيرو فيڪي ڪورٽ ۾ آئي. پوليس جي اڌالي ڪي ڏسي اهڙي ڏني جو ڪافي ڏير تائين منهنجي پرسان ٿي نٿي ويئي. پوءِ مس مس مون وٽ آئي، ۽ مون سان ڳالهايائين. اڄ شنوائيءَ تي ظهير، مقصود، ولي رام ولڀ، عرفان شاهه،

منهنجو مامو، منهنجو مامات نديم شاهه ۽ دانيال آيا هئا.
اورنگزيب به آيو هو. کيس ڪافي بخار هو، پر ضد ڪري خميسي سان آيو.
دانيال کي سڄي جسم تي خارش ٿي پئي آهي. حبيب آيو هو. کيس چيو اٿم ته دانيال کي ڪراچي وٺي، اسڪن هاسپيٽل ۾ ڏيکاري دوا وٺي ڏي. تون به سندس خيال رکجانءِ ها، فيروز به آيو.
دانيال ٻڌايو ته توکي بخار ٿي پيو آهي. جلدي ڊاڪٽر کي ڏيکار، متان بخار وڌي وڃي. اڄ ڪورٽ ۾ ناز سهتو (آفتاب اخبار جو سب ايڊيٽر) آيو هو. ٻڌايائين ته شيخ علي محمد منهنجي لاءِ آفتاب ۾ هڪ زبردست ايڊيٽوريل لکيو آهي. تون اِها اخبار گهرائي پاڻ وٽ رک.
مون حبيب کي چئي ڇڏيو آهي ته يارنهين جنوري تي دانيال جي جنم ڏينهن تي ڪيڪ، رول ۽ هار وٺي گهر پهچائي ڇڏي، باقي شيون تون گهرائي وٺجان.
چڱو هاڻ اجازت، تنهنجو خط سامان سان گڏ هو. سو هاڻ تو پڙهان.

سيفي کي سلام.
فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

٢٩-١٢-٨٣

عزيز طارق، شل خوش هجو.

هن وقت شام جا ٻو را ڇهه وڳا آهن. ڪجهه دير اڳ ادا وليرام ۽ ادا ذوالفقار راشدي ءَ جو ن فونون آيو ن هيون. ٻنهي توهانجي خبر چار ورتي. ادا راشدي چيو ته: مان شڪار جا ڳڪي ڪٺي آيو آهيان، ڪنهنڪي موڪلي گهرائي وٺو. ٻر ڪنهنکي موڪليان. دانيال اوهان وٽان ڪو رٽ مان ٿي ڪوڪو ۽ سيمي (يو سف ڀائيءَ جا ٻٽ) سان گڏ راڻي باغ ويو آهي، سو اڃا تائين موٽيو ڪونهي.

اڄ اوهانجي اپيل جي ڀڪ ڪانه هئي. ٻوءِ به مون دانيال کي موڪلي ڏنو ۽ مقصود به آفيس مان سڌو ڪورٽ ويو. خدا جو شڪر ته اوهانکي وٺي آيا. خبر پئي ته اڄ به هڪ هٿ ۾ هٿڪڙي لڳل هئي.

اڄ ڀاڀي فون ڪري چيو ته: شمس، ادا اشرف اڇي ويو آهي. طارق يقين ڪر، منهنجي دل ٻيهي رهي خوشيءَ وچان. مون سمجهيو ته اوهان آزاد ٿي سندن گهر آيا آهيو. (ڇاڪاڻ ته گڏ ريل دفعي اوهين آزاد ٿي سڌو ادا مغل جي گهر ويا هئا.) پر جنهن وقت هن ٻڌايو ته شنوائيءَ تي ڪورٽ آيا آهيو، ته سڄي خوشي خاڪ ۾ ملي ويئي. خير اهو به شڪر ته ٻاهر ڪڏ ياڏون ته سهي. مان نه سهي، ڀين سان ته ملين.

توهنهنجي خطن جي تعريف ڪئي آهي. انهيءَ لاءِ مهرباني.

طارق مون کڏهن به سوچي نه لکيو آهي. نه ئي آءٌ اديب آهيان. نه اهو پتو پوندو اٿم ته لکان ڇا پيئي. سچ ته مان پنهنجي دل جي ترجماني به پوريءَ ريت نه پيئي ڪري سگهان. بس فقط ايتري چاڻ اٿم ته پنهنجي مڙس کي خط پيئي لکان. خط جهڙا منهنجا آهن، اهڙا ئي اوهانجا. اوهانجي خطن ۾ جيل جو احوال گهٽ هوندو آهي، خير توهان وٽ جيڪو ماحول آهي، انهيءَ مطابق اوهان لکو ٿا. اوهانجو خط ملندو آهي ته پنهنجي ڪمري ۾ اچي، مٿان ڪمبل وجهي، ليٽي پڙهندي آهيان، هاڻ ته نه منهن ڏوڻي ياد رهندو اٿم، نه ڪپڙا مٽائڻ ياد رهندو آهي. اهو سڀ ڪجهه ڪريان به ڪنهنجي لاءِ، هاڻ ته اوهين آهيو ڪونه جو سڄو ڏينهن مونکي سونگهندا رهو.

٣١-١٢-٨٣

هن وقت شام جا پنج ٿيا آهن. مان هاڻي مٿي چڙهي آهيان. منهنجو اهو وقت مقرر ٿي ويو آهي. مٿي چڙهي سان پيو ڪوبه ڪم ڪونه ڪريان، يڪدم پنو ۽ پين کڻان. ڏس ڪيتري دير ٿو ڪي ۽ پاڻکي مصروف رکندي آهيان. نه تون اهو چوندو آهين ته مونکي ڪم آهي. نه مان چئي سگهندي آهيان ته مونکي ننڊ پئي اچي. ڪو بهانو ڪا رڪاوٽ ڪانهي. تون آهين ۽ مان. وچ ۾ ڪا ديوار ڪانهي. تون منهنجي اکين کان پري ضرور آهين، پر منهنجي دل ۾ تصور کان پري ناهين.

ظهر اڄ ٻه بس تي ويو هو. چيائين پي ته حبيب جو ٻين ورڪرن سان ڏاڍو خراب رويو آهي. پر وقت جي نزاڪت جي ڪري حبيب کي ته ڪجهه ڪونه چيائين؛ البت ٻين ورڪرن کي هٿ ٻڌي، سمجهائي آيو آهي ته: ”سائين جي منهن کي ڏسو، جيستائين هو اچي، مڙئي برداشت ڪريو.“
دانيال لاءِ اڳ ۾ لکيو اٿم، وري به لکڻو پيو پوي، شايد اوهانکي منهنجي اِها ڳالهه نه وڻي. پر مونکي ته اوهانکي ٻڌائڻو آهي. دانيال پڙهڻ ڏانهن بلڪل توجه ڪونه ٿو ڏي، سڄو ڏينهن ويٺو ناول پڙهي. دراصل انهيءَ ۾ ڏوهه منهنجو نه، بلڪ اوهانجو آهي. اوهين هُنَ سان پٽَ وانگر نه، بلڪ دوستن وانگر ٿا هلو، تنهنڪري هنکي اوهانجو ڊپ ڪونهي. اولاد کي پيار ضرور ڏجي، پر اهڙو رويو ته اختيار نه ڪرڻ گهرجي جو اولاد جي دل مان مائٽ جو ڊپ يا احترام ئي نڪري وڃي. هاڻ شنوائيءَ تي اچو ته سمجهائجو. ميٽرڪ جو امتحان سر تي اچي ويٺو آهي.

٢-١-٨٤

هن وقت صبح جا اٺ ٿي رهيا آهن. توهانکي حيرت ٿيندي ته هن وقت خط لکڻ جي ضرورت ڪهڙي پئي. هيئنر هيئنر جيڪب آباد وارا مهمان ويا آهن، تنهنڪري جلدي آٿي هيس. سوچيم ته اکر توسان ڏي ڳالهائي وٺان.
ڏاڍو سيءُ آهي. مونکي ته اوهانجو فڪر لڳو پيو آهي. اوهانکي سيءُ گهڻو پوي، مون ته سمجهيو پي ته پهرين

وانگر هن دفعي به اوهين جلد آزاد ٿي ويندا، پر ڏينهن وڃن ٿا گذرندا، پر اڃا ته ڇٽڻ جو ڪو آسرو ئي نٿو ڏسجي. هاڻ سادا نوَ پيا لڳن، هيٺ وڃان ٿي. باقي خبرون شام جو.

ادا ذوالفقار راشدي ءَ جي فون آئي هئي. اوهانجو پڇيائين پي. اوهانجو بي ڪلاس به نه ٿي سگهيو. ادا مغل ڇيو آهي ته ڪجهه ڏينهن ۾ وري ڪراچي ويندس، وري ڪوشش ڪندس. ڏسجي ڇا ٿو ٿئي. ادا ويچارو پاڻ به نوڪري ءَ وارو ماڻهو آهي، ڪري ته ڪري ڇا.
خبر ناهي طارق، توهانجي قسمت ۾ ڪيترا ڏينهن اڃا جيل لکيل آهي. سچ منهنجي دل چوي ٿي ته آءٌ ڪيئن به ڪري تو هانکي ڏسي وڃان. پيا ته ڪورٽ ۾ يا جيل ۾ اچيو ڏسيو ۽ مليو وڃن. پر آءٌ رڳو ويٺي ڏينهن ڳڻيان. طارق، تو ڀاڃيون ڪاٽڻ شروع ڪيون آهن. ڀلا ڪهڙيون ڪهڙيون ڀاڃيون وڌيئي؟ مجرم ڇگو ٿو ڪري جو بيدا ٿو ڪارائي. سيءَ ۾ بيدا ڇگا اٿؤ.
مهرباني ڪري پنهنجي ڪاڏي پيتي جو خيال رکندا ڪريو. جيل ۾ بيمار ٿي پيا ته آتي ڪو خدمت ڪرڻ وارو به ڪونه هوندو.
ڇگو هاڻ اجازت.
سيني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي
شمس

٥-١-٨٣

پياري شمس

اسلام عليڪم.

اڄ هتي ڏاڍي ماٺ لڳي پئي آهي. اڄ ڀٽي صاحب جي سالگره جو ڏينهن آهي، پيپلس پارٽيءَ وارا اهو ڏينهن ملهائي رهيا آهن، تنهنڪري سمورا سياسي قيدي اڄي چڪر ۾ وجي ڪٺا ٿيا آهن. مون واري ڪمري ۾ ڪير به ڪونهي. پر اڄا ڏيڊ سڄ ٿي مس لکي هئم جو نقويءَ اچي ٻڌايو ته: ماني تيار آهي. (نقوي ڪونه ويو آهي.)

پالڪ گوشت هو. پر گوشت جهڙو اٺ جو. برداشتي گوشت تان ڇيڇڙا لاهين ڪونه، سو مان ته هٿ وجهان ئي ڪونه. پر ٻين جا هٿ پهرين ٻوٽين ۾ پون.

ياڇين لاءِ تو پڇيو آهي ته ڪهڙي وٺي. ته ٻڌي ڇڏ، منهنجو سڌرڻ ممڪن ڪونهي، اڳ ۾ جيل ۾ ٢٢ مهينا رهيو هوس. ۾ انهيءَ ڪان اڳ هڪ مهينو ارڙهن ڏينهن، نه ڄاڻ انهيءَ عرصي ۾ ڇا ڇا ڪانٽو پيو، ۾ ڪاڏ م. پر گهر اچي وري ساڳيا نخرا.

حبيب لاءِ مونکي الهه ٻڇائي به ٻڌايو ته ڏاڍو تنگ ڪيو اٿس. پر مان هن وقت ڪري به ڇا ٿو سگهان. حبيب ايماندار آهي، ڪم جو ڪاريگر آهي. پر سخت بدمزاج آهي ڪنهن سان پوڄس ڪونه. تون مقصود کي چئو ته هو ورڪرن کي سمجهائي ته منهنجي اچڻ تائين سانس نڀاهين.

دانيال لاءِ مقصود ٻه ٻڌايو هو ته پڙهي ڪونه ٿو، مون ڪيس خط لکيو هو، ۽ هن شنوائيءَ تي سمجهايو ٻه ڪافي اٿم، خدا هدايت ڏيندس، هن وقت مان جيل ۾ آهيان، وڌيڪ ڪجهه ٻه ڪري ڪونه ٿو سگهان. البت توُن نرميءَ سان سمجهائينس.

مون ته ڪوشش ڪئي آهي ته دانيال کي سٺي تربيت ڏيان. ۽ ظالم پيءُ جي بدران مون سائس دوستيءَ وارو رويو اختيار ڪيو. هاڻ دانيال ننڍو ڪونهي، هنکي ٻه سمجهه کان ڪم وٺڻ گهرجي.

ڪجهه ڏينهن کان ٻڌ جي پيو ته ٺٽي جي سمورن سياسي قيدين کي، ٺٽي وٺي آتي آزاد ڪندا، پر انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪنهنکي ٻه ڪونه پيو اچي. ڇاڪاڻته انهيءَ کان اڳ ڪراچي وارن سياسي قيدين لاءِ ٻه ساڳي ڳالهه ٻڌي هئيسين. ۽ انهيءَ آسري تي نقوي ۽ امين خٽڪ هفتا سامان ٻڌيو ويٺا رهيا، نقوي ته روز موڪلائي ويندو هو ته: شايد اڄ رات اسين ڪراچي وڃون، - پر وڃي نه سگهيا.

٦-١-٨٤

صبح سان ارشاد ساگر آيو، کيس ڏسي چيومانس، ”خير ته آهي، ايترو سويرو آيا آهيو، سو ٻه ٻنا جهونگارڻ جي؟“ مرڪندي چيائين، ”موڪلائڻ آيو آهيان. ٺٽي جي سمورن سياسي قيدين کي، ٺٽي وٺيو پيا وڃن.“

ارشاد ساگر موڪلائي وڃڻ لڳو، مون سائس وڃڻ گهريو، پر ارشاد زوري آڏان موڪلايو. علي حسن ڪيس ڇڏڻ ويو. البت مجرم آتي ويٺو رهيو. ساگر جي وڃڻ ڪانپوءِ مون چيو، ”مجرم، مونکي ته خبر ئي نه پئي، هاڻ مونکي خبر پئي آهي ته ارشاد منهنجي دل ۾ جڳهه ناهي ورتي آهي. سندس وڃڻ تي ڏاڍو ڏک پيو ٿئي.“ مجرم چيو، ”ٺيڪ ته سچ ٿا،“ ۽ پوءِ مجرم به ارشاد کي ڇڏڻ ويو. سندس وڃڻ ڪانپوءِ غلام رسول زنگيجو به ملڻ آيو. زنگيجو به ڏاڍو پيارو ماڻهو هو. اسانوٽ زنگيجو، گل بيگ چلگري، ارشاد ساگر روز ايندا هئا، بلڪ سڄو ڏينهن ويٺا هوندا هئا، (چلگري ته اتي ئي آهي.)

ڪجهه دير ڪانپوءِ مجرم موٽي آيو. محسوس ڪيم ته ٿڪو آهي؟ مجرم کان پڇيم، ”ويو؟“ ڏڪاري آواز ۾ چيائين، ”ها سائين، نياڳو ڏيو. ويندي وقت چيائين: تون پارنهين تاريخ ڇٽي ٿي وئين. تو سمجهيو ٿي ته تون اسان کي ڇڏيو ٿو وڃين. ڏس آءُ ڪيئن نه توکي روئيندو ڇڏيو پيو وڃان.“
۽ پوءِ اسين سڄو ڏينهن ارشاد ساگر ۽ زنگيجي جون ڳالهيون ڪندا رهياسين.

قيدين جي آزاد ٿيڻ جي، ٻين قيدين کي جتي خوشي ٿيندي آهي، اتي سندن وڇوڙي جو ڏک به ٿيندو آهي.

اڄ سنگت جي ڪچهري آهي. مجرم تي خاڪو مان مڪمل ته ڪري ڪونه سگهيس، پر دوستن جي اصرار آهي ته ضرور پڙهان. سڀني کان وڌيڪ اصرار ته ساگر جو هو، پر هو ته ٻيا

خاڪي ہڏن جي هليو ويو.
مجرم وارن ڪمري ۾ ڪمبل وڇايا، ڇانهن بسڪٽن جو بند وبست ڪيو، ٻنهي‌ ڀرن جو يوسف ٽالپر، عاشق جتوئي ۽ نبي بخش پرڳڙي وارا آيا، ڪافي دير سائن ڪچهري ٿي. پر جيئن ته سنگت جي ڪچهريءَ ۾ اچا دير هئي، تنهنڪري هو موڪلائي ويا. ويندي وقت يوسف ٽالپر پاڻ وٽ اچڻ لاءِ مون تي گهڻو زور رکيو.
سادي چئين ڪانپوءِ دوست گڏ ٿيڻ شروع ٿيا، اجوڪي ڪچهريءَ ۾ ڪافي دوست هئا، مجرم، محب شاهه ۽ عطاالرحمان پنهنجا شعر پڙهيا. ڪچهريءَ جي ڪارروائي مون هلائي. ابوبڪر، عبدالله ملاح، مولا بخش چانڊيو، امين خٽڪ، علي محمد سومرو، عالم شاهه، گل بيگ چلگري ۽ ٻين دوستن تنقيد ڪئي. مون مجرم تي لکيل اڌورو ۽ رف خاڪو پڙهيو. سڀني ڏاڍو پسند ڪيو. مجرم شرمائجي، منهن تي اجرڪ وجهي ڇڏي، توکي اهو خاڪو موڪلي رهيو آهيان، پڙهي راءِ ڏجانءِ.
مغل، دانيال ۽ ٻين سڀني کي سلام،
فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

مجرم لغاري

٢- ڊسمبر تي مولا بخش چانڊيو مونکي اسپتال جي مٿين حصي ۾ وهنجڻ لاءِ وٺي هليو هو، آتي پهتاسين، ته آتي رهندڙن سان تعارف ڪرايائين - دائود پٺاڻ، محب شاهه، شفقت شاهه، علي حسن چانڊيو ۽ هيءَ آهي مجرم لغاري.

مجرم لغاري منهنجي تصور جي بلڪل ابتڙ هو. مون سمجهيو هو ته ڪو سيڪڙاٽ (شاعر) ڇوڪرو هوندو. پر هيءَ ته پڪيءَ عمر جو، پنجونجاهه جي پيٽي ۾ هو. پهرين نظر ۾ اهڙو لڳو، جهڙو انٿوني ڪوئن 'هنچ بيڪ آف ناٽرڊيم' فلم ۾.

ڏاڍي قرب ۽ خلوص سان مليو، چيائين، "مونکي اوهان سان ملڻ جي ڏاڍي خواهش هئي. اخبار ۾ اوهانجي گرفتاريءَ جو پڙهيم ته خواهش ٿي ته اوهان هتي اچو. هاڻي مهرباني ڪري اسان وٽ اچي رهو."

مون چيو، "اوهانجي مهرباني، پر مان اسپتال ۾ رهڻ نٿو چاهيان. اچي چڪر ۾ ٺيڪ آهيان."

۽ جڏهن مان باٿ روم مان وهنجي نڪتس ته مجرم منهنجي انتظار ۾ بيٺو هو. وڏي مون وٽ آيو ۽ آهستگيءَ سان چيائين، "هي پنجاهه روپيا رکو. ٻي به جنهن شيءِ جي ضرورت هجي، مهرباني ڪري ٻڌائجو." مون سندس ٿورا مڃيا، پر پئسا ڪونه ورتامانس. ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ مولا بخش سان

ڳڌ اچي ڇڪر موٽي آيس.

انهيءَ ڏينهن آءٌ جي نور الاهي مونکي اسپتال جي ساڳئي حصي ۾ رهڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو. شام جو مان پنهنجا ٽپڙ کڻائي آئي پهتس، مجرم کي چيم، ”اوهانجي سڌ ۾ ڏاڍي چڱَ هئي، نيٺ اسپتال اچڻو ئي پيو.“

مجرم کلي چيو، ”مون ته صبح جو ئي اوهانکي چيو هو، پر اوهان منهنجي ڳالهه کو نه مڃي، بهرحال اهو به چڱو ٿيو.“

مجرم منهنجا ٽپڙ کڻي پاسيرا ڪيا ۽ پنهنجي پرسان منهنجو هنڌ وڇايائين.

مجرم ۽ علي حسن (ساڳئي ڪيس ۾ آهن) سان ملي مونکي ائين محسوس ٿيو ته اهي منهنجي لاءِ اڻڄاڻ ڪونهن، بلڪ ورهين کان سائن دوستي آهي. مان، جيڪو نئين ماڻهن سان دير سان بي تڪلف ٿيندو آهيان، هنن سان جلدي بي تڪلف ٿي ويس. وڌيڪ بي تڪلفيءَ جو سبب علي حسن به هو، جيڪو تڪلف جاڻي ئي ڪونه. ۽ مجرم سان ته ايترو فري آهي، جهڙو سندس ننڍي هوندي جو دوست، جيتو ٽيڪ آهي مجرم جي پٽ جيڏو. ڪڏهن ڪيس ڪتڪتايون پيو ڪندو، ڪڏهن چڪَ پيو هڻندو، ۽ مجرم سائس منٿن ۾ چڙندو، منٿن ۾ پرچندو.

چڪن جي ڳالهه نڪتي آهي ته ڪجهه ذڪر چڪن جو به ٿي وڃي، چڪن جو ذڪر مجرم ئي ڪيو، چيائين، ”سائين،

علي حسن چـَڪُ هٿي هٿي ساڙ ي رکيو آهي." پر چڪن
جو اهو ذ ڪر نہ فقط مو ن سان ڪيترا د فعا ڪيو ائس ،
بلڪ ايند ي ويند ي هر سائيءَ کي ڏاڍ و خوش ٿي ٻڌائيندو
آهي تہ: علي حسن مونکي چـَڪ هنيا آهن.
مونکي آئي ٿي - چار ڏينهن ٿي ويا هئا، پر هر ر و ز مجرم
علي حسن جي چڪن جو ذ ڪر ڪند و هو. هڪ ڏينهن
علي حسن چيو: "مجرم خوار تہ ڪيو ائٿي. مون بہ طارق
صاحب جي حجاب ڪان چـَڪَ نہ ٻي هنيا، پر اڄ ڪان وري
شروع." ائين چئي وٺي مجرم جي ٻانهن ۾ زورائتو چڪ
هنيائين. مجرم وٺي رڙيون ڪيون. "اڙي گهوڙا ڙي مري
ويس. اڙي ڇڏ علي حسن. قرآن جو سَون ٿئي، اڙي ٻڙو
ٻڏ ئي ڇڏ. طارق صاحب، توهان ڇڏايو، مري ويس. ۽ انهيءَ
سا ن گڏ وگڏ ٻارن وانگر پـَٽ تي ڇڙيون بہ هڻڻ لڳو. مون
پريان ويٺي تماشو ڏٺو.
جڏ هن علي حسن، مجر م جي ماس سان ڀر يل ٻانهن مان
پنهنجا تکا ڏ ند ڪڍيا، تہ مجرم پنهنجو جوتو علي حسن کي
هڻڻ لاءِ کنيو. پر علي حسن ڀڄي و يو، ۽ مجرم ڪيتري
د ير روئڻ جهڙي شڪل بڻايو پنهنجي هنڌ تي و يٺو رهيو.
۽ پوءِ هر ايند ي ويند ي کي خمس لاهي پي ڏيکاريائين.
مونکي بہ ڏسڻ جي د عوت ڏ نئين، پر مو ن کيس چيو ،
"معاف ڪجو سائين، اوهانجي بيد ولي جسم کي ڏسڻ جي
مونکي خواهش ڪونهي."
چڪن وارو قصو دلچسپيءَ کان خالي ڪونهي. مجرم ٻڌائيندو

آهي: "سائين علي حسن ڏاڍا چڪا هنيا آهن. اصل ساڙي رکيو اٿس، او هان ڏسڻ نٿا پسند ڪريو، نه ته او هانکي ڏيکاريان سڄا نيل پئجي ويا آهن. پيٺسان ڪيڪا مار پوي، انسان جو ته ڪو پٽ ٿي ڪونه ٿو لڳي، پٺس ته ڏاڍو پلو ماڻهو آهي، هي ته پيٺسان جهڙو ڪتو."

پر انهن چڪن جو ذڪر مجرم ايترا پيرا ۽ اهڙي نموني ۾ ڪندو رهيو آهي، جو مونکي ائين ٿو محسوس ٿئي ته علي حسن جي چڪ هڻڻ سان مجرم کي مزو ٿو اچي.

علي حسن ٻڌايو ته: "جڏهن اسين ميرپور ۾، جيل ۾ هئاسين ته مان آتي به مجرم کي چڪ هڻندو هوس. هڪ دفعي مجرم مونکي چيو: 'اچي پٺهين ته مان ڪيس چڪن جا داغ ڏيکاريندس ته هي ڏسي پٺهين جا ڪرتوت.' مون ڪيس گهٽوئي جهليو ته: 'بابا کي نه ڏيکارجانء.' پر مڙس مڃي ٿي نه. مونکي لڳي ڪاوڙ، مون ڪيس پنڊ ڻي ۾ زوراٿو چڪ هنيو. هن گهڻيون ڏي رڙيون ڪيون، پر مون تيستائين ڏند نه ڪڍيا، جيستائين اِها پڪ نه ٿي ويئي ته هاڻ چڱو نشان ٿي ويو هوندو. پوء چيو مانس: هاڻ بابا کي پنڊ ڻ ڏيکارجانء ته هتي به چڪ هنيو اٿس."

مجرم ڳالهه ٻڌندو رهيو، جڏهن ڳالهه پوري ٿي ته ٿورو مرڪي، ٿورو شرمائي چيائين: "ڏسو پيٺسان جا ڪم. اِها به ڳالهه ڪا ٻڌائڻ جي هئي."

مجرم ۽ علي حسن جڏهن گڏ هوندا آهن ته ڇڻ هڪ ٻئي

جا ويري، خاص ڪري علي حسن ته مجرم جي هر ڳالهه جي مخالفت ڪندو آهي، ۽ مجرم به علي حسن جي هوندي اهڙو رويو اختيار ڪندو آهي، ڇو ته هُن مان سخت بيزار آهي. پر جنهن وقت علي حسن نه هوندو آهي ته مجرم چوندو: ”سائين، پلي ماڻون علي حسن جهڙا پٽ ڄڻين. وڏي دل جو ڇوڪرو آهي، منهنجي بيوقوفيءَ جي ڪري گرفتار ٿيو آهي. سال سزا، پنج ڇٽڪا لڳس، نوڪري ويس، پر ڪڏهن اها شڪايت نه ڪيائين. وڏي ڳالهه ته مون جيل ۾ هنکي ڪڏهن پريشان يا مايوس نه ڏٺو. مان سدائين گهر جو ذڪر ڪريان، پر هن ڪڏهن گهروارن جو ذڪر نه ڪيو. مقصد اهو ڪونهي، ته هنکي گهر جي ياد نه ايندي هوندي، نه نه، ايندي هوندي، پر هن ڪڏهن اظهار نه ڪيو. هر وقت پيو کلندو. هن منهنجيون اهڙيون اهڙيون ڳالهيون برداشت ڪيون آهن، جو سڳو پٽ به برداشت نه ڪندو، شاباس آهي هنکي. مان پاڻ شرمسار آهيان ته مون هي ڪيو ڇا، سوچيندو آهيان ته مان پنهنجي پٽ سان ائين ڪريان ها ته ڇا هو اهو برداشت ڪري ها. پڌو پڌو، نه نه (سندس تکيہ ڪلام) سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ته هو برداشت ڪري ها. اڪثر سوچيندو آهيان ته مون هي ڇا ڪيو، مونکي ائين نه ڪرڻ گهربو هو.“

مجرم مون سان اها ڳالهه ڪيئن پيرا ڪئي، مان حيران پريشان هوس ته آخر مجرم علي حسن سان اهڙي کهڙي حرڪت ڪئي آهي، جو ايڏو پشيمان آهي. نمٽ هڪ

دفعي پڇيومانس، ”مجرم اوهان علي حسن سان آخر ڪيو
ڇا آهي جو اوهان ايترا پشيمان آهيو؟“
انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيائين، ”سائين نہ پڇو.“
منهنجو شوق اچا بہ وڌي ويو، ”پر مجرم....“
مجرم عادت موجب منهنجي ڳالھہ اڌ ۾ ڪٽيندي، ٽڪڙ ۾
چيو، ”ٻڌو ٻڌو....“ چيومانس، ”ٻڌان تہ پيو، توهان ڳالھہ
ڪريو.“
منهنجي ويجھو اچي، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين تہ ڪو ٻڌي
تہ ڪونہ ٿو، پوءِ ڏاڍي رازداريءَ سان چيائين، ”سائين،
ڇا ٻڌايان، ڪيترا دفعا مون ڪاوڙ ۾ علي حسن جي منهن
تي ٻچا رکيا، پر هيءَ ڪن لاءِ بہ ڪاوڙيو ڪونہ، پاڻ منهنجا
هٿ چمي ورتائين تہ: توهان سنڌي زبان جا شاعر آهيو، آءٌ
تنهنجا هٿ ٿو چمان.“ سائين اوهين ئي ٻڌايو، ”اڄڪلھہ جا
پٽ اهو برداشت ڪندا؟ سچ پچ مونکي پنهنجي پٽ وانگر
پيارو آهي.“
انهيءَ ڳالھہ ۾ وڌاءُ بہ ڪونهي. علي حسن مانيءَ مهل نہ
هوندو تہ مجرم بيقرار ٿيندو تہ: ’علي حسن ڪيڏانهن ويو.‘
پوءِ پيو رهن هَن ڪان پڇندو ۽ برداشتيءَ ڪي تاڪيد ڪندو
تہ: ’علي حسن لاءِ ماني ڪڍي رکجانءِ.‘ ڪا سٺي شيءِ
هوندي تہ پاڻ پيل وڌيڪ ڪانئي چڏي، پر علي حسن لاءِ
بچاءِ ضرور رکندو، ۽ پيو هنجي اکيان پٺيان ڦرندو: ”علي
حسن، هي تہ ڪانئي ڇڏ.“ ۽ هو پيو بيزار ٿيندو ۽ دڙڪا
ڏيندو: ”نٿو کان، وڃي تون کاءُ. سڄو ڏينهن انئي کائي

جو فڪر، هڪڙي شيءِ ڪانهي اڃا بس ٿي نٿو ڪرين ته وري ٿو اچي پيءُ کي لڳين، تون مرندين به ڪاڏي وڃي. جڏهن تو کي ڊاڪٽر چوندو: بيدا، مرغي، جانور نه کاءُ ته اهو ٻڌي مٿان ٿي ڪيرندين ۽ مري ويندين. بلڊ پريشر وڌندو ٿو وڃيئي، پر کائي نٿو ڇڏين. اڙي ميان، ابترا دوست ٿا اچن. ڪجهه هنن کي کارائي، رکو پاڻ ٿو کائين.“

مجرم مونکي چيو، ”ڏسو ڏسو، سائين، ڏسو.“

”سائين به ڪجهه ڏسي پيو. پلا ڪلا ڏبن ۾ چو بند ڪري رکيا اٿئي. ڏيئي نٿي ڇڏيئي دوستن کي، هاڻ اهي ڪنا ڪونه ٿيندا. آڇلائيندين پر ڪنهن کي ڏيندين ڪونه.“

هڪ دفعي مجرم ٿين جا دٻا کولي ويٺو هو، مٿان علي حسن اچي ويو. مجرم علي حسن جي هوندي، اهي دٻا کوليندو ٿي ڪونهي ته جئين هو ڏسي نه وٺي ته دٻن جي اندر ڇا آهي، پر اوچتو جو علي حسن مٿان اچي بيٺس ته مجرم دٻا بند نه ڪري سگهيو. علي حسن هٿ وڌائي دٻن مان شيون ٻاهر ڪڍڻ لڳو. مجرم گهٽو ٿي ’ٻڌ ٻڌ، ڇڏ ڇڏ، نه نه‘ ڪئي، پر علي حسن سندس هڪ نه ٻڌي ۽ هڙ ٿي ٽپڙ ڪڍي ٻاهر ڪيا، ۽ مونکي چيائين، ”سائين پيڏانهن ڏسو، دائود خان بليدن جي هيءُ خالي دٻي ٻاهر ڦٽي ڪئي هئي، هن ڪٽي اچي، دٻي ۾ رکي آهي، ڇچوس پلا، اهو گند گبوٽ ڪٽي ويندين ڇا ٻارن لاءِ.“

مجرم مونکي چيو، ”سائين ڏسو ڏسو.“

علي حسن چيو، ”سائين ڏسي پيو. ميان صحبه، تون به ڏس.

هاڻ اهي صوف ڏين ۾ نه رکين ها ته چڱو ٿئي ها. اڙي گهوڙا، هفتو اڳ جيڪي نارگيون آيون هيون، آهي به اڃا ڏبي ۾ رکيو ويٺو آهين. اهي ته ڪنيون ٿي ويون ائين." وري مونکي چيائين، "سائين، هو ڪلهه ويچارا غريب ٽري آيا هئا نه، بابو وارا، انهن کي اهي نارگيون ڏنيون هئين. انهن ويچارن جي زماني کان ملاقات بند آهي، پر انهن به اهي نه کاڌيون، پاسيرون رکي هليا ويا."

مجرم مونکي مخاطب ٿيندي چيو، "ڀڄو ڀڄو."

مون کلندي چيو، "ڀڄان ته پيو. پر مجرم ڳالهه صحيح آهي. هفتو اڳ اوهانجي ملاقات تي ڊبل روٽي آئي هئي، اوهان پاڻ به نه کاڌي ۽ ڪنهن کي ڏنو به ڪانه. ايترا ڏينهن ڏبي ۾ بند پئي هئي، هاڻ ته خراب ٿي ويئي هوندي."

مجرم کان پهرين علي حسن چيو، "اڙي سائين هي سمجهي ٿو ته بس اڃهو ٿا چئون. ته‌هنڪري رکيو ويٺو آهي ته ٻارن لاءِ ڪپوٿ ڪٺي ويندس."

پر جنهن وقت مجرم نه هوندو ته علي حسن چوندو، "سائين، مجرم ڪي شناس آهي، ايترو ته پڻايانس. مذاق ۾ نه چاڻ ڇا جو ڇا چيو ڇڏيانس. ڪاوڙبو، پر سندس ڪاوڙ ڪجهه منٽن جي هوندي آهي. آهي لاجواب ماڻهو، آهي به بهادر، مون آزمايو انس."

ٿي سگهي ٿو مجرم بهادر هجي، پر جڏهن به مان يا علي حسن کيس چيڙائڻ لاءِ چوندا سينس، "مجرم، توهان ڇٽندا ڪونه، هي سزا پوري ٿيندي ته اوهانکي ڊاڪٽن ۾ ويهاري ڇڏيندا."

ته يڪدم چوندو، "سائين اٿين نه ڇڏو، خبر نه ڇو، شايد ننڍي هوندي ڪان دماغ ۾ اِها ڳالهه ويٺل آهي ته: ڪانءُ مهل ڪنهن جهڙ ي. سائين، اٿين نه ڇڏو، مٿان اٿين ٿي پوي." چيومانس، "مجرم، چوڻ سان ڇا ٿو ٿئي. پڙهيو ڪونه اٿوَ، شاهه محمد شاهه جيل ۾ منهنجي لاءِ چوندو هو ته: مولبي، ڏيار طارق صاحب کي جوڏ عن سال ٽيپ."
"ها سائين، اها ڳالهه صحيح آهي، مچيم، پر پوءِ به نه ڄاڻ ڇو دل ۾ وهم ويٺل آهي."
جيستائين مچڻ جي ڳالهه آهي، اِها ڳالهه مچبي ته مجرم ۾ هڪ وڏي خوبي آهي. آهي اِها ته سندس ڪا غلطي هوندي، ۽ ڪيس چڱي نموني سمجهائبي ته يڪدم پنهنجي غلطي مڃيندو، پر بحث ڪرڻ وقت اصل ڪونه مڃيندو. حقيقت اِها آهي ته مجرم بحث ڪرڻ ڄاڻي ڪونه ٿوري ٿوري ڳالهه تي ڪاوڙجي پوندو. ۽ بي تُڪيون ڳالهيون ڪندو، جيئن هڪ دفعي چيائين: آءٌ ثريا کي ڏاڍو مشهور آهيان، خاص ڪري شاگرد طبقو ته مون تي عاشق آهي. يا جيئي سنڌ محاذ جو ميمبر به ڪونه آهيان. پر منهنجي چوڻ تي مرڪزي ڪاميٽيءَ جو فيصلو به بدلجي ويندو آهي. يا ـ آءٌ راڳ جو وڏو ڄاڻو آهيان ۽ ڄاڻي راڳ جي 'ر' مان به ڪونه. سچو ڏينهن غلط ڳالهين تي سندرو پڌي بيهندو، پر جڏهن رات جو فقط اسين ٿي هوندا سين، تڏهن مان ۽ علي حسن کيس چوندا هئاسين ته: تو فلاڻي ڳالهه غلط ڪئي، ته پنهنجي غلطي فراغ دليءَ سان مڃيندو، ۽ چوندو: "سائين،

اڪثر بحث ۾ مان غلط ڳالهہ ڪريو ڇڏيان . ٻن ٽن ڪلاڪن کانپوءِ پاڻ ..اد و احساس ٿيندو اٿم. ھڏ و ھڏو، ۾ يڪدم خبر ڪو نہ پوي. آءيان بَلڊ ٻرېشر جو مريض (مجرم Blood کي هميشہ Buld چوي)، سو ڪاوڙ جهٽ ۾ اچيو وڃي."

مجرم کي ڪاوڙ جيتري جلد ايندي، ايتروڻي جلد لهيو بہ وڃي. علي حسن سچو ڏيئهن پڻائيندو اٿس، پر سندس ڪاوڙ هوندي گهڙين جي، دل جو بہ امير آهي. جيڪو بہ ايندو، انهيءَ کي ٺلهو وڃڻ نہ ڏيندو. ڪائي جي شيءِ شڪل هوندي تہ آها آئي اڳيان رکندو. چانهن تہ ضرور پيئاريندو ، جنهنکي پئسن جي ضرورت هوندي تہ آهي ڏيندو. ڪنهنکي صابڻ، ڪنهنکي اڦافا، ڪنهنکي سگريٽ، خاص ڪري جيئي سنڌ فيڊريشن وارن تي و ڏ يڪ مهربان آهي. پر گهٽ ٻيز تي بہ نہ. جيتوڻيڪ علي حسن جو چوڻ آهي تہ سيڪجهہ مشهوري لاءِ ڪري ٿو ، پر ائين آهي ڪونہ .

البت ارشاد ساگر (١) ڪان ڪو ڏاڍو ڪڙايل آهي. ڪيس سڏي ٿي —'هڙ پالي جهڙ پالي'. سندس چوڻ آهي تہ: دېن کي اهي ٽالا ڏ نا ٿي انهيءَ مردود ڪري اٿم. جيڪا شيءِ هٿ چڙهيس ٿي هضم ڪيو وڃي، جيتوڻيڪ علي حسن جو چوڻ آهي تہ: اهي ٽالا منهنجي ڪري لڳايا اٿس تہ متان ٠ان سيئي شيون ورهائي نہ ڇڏيان .

---

(١) پي - پي - پي ڏڪي جو ميمبر ۽ سنڌو شاعر

مجرم ارشاد ساگر کي ايندي ڏسندو هو، يا ٻڌندو هو (ساگر جڏهن به ايندو هو، جهونگاريندو ايندو هو، تنهنڪري سندس اچڻ جي خبر پريان ئي پئجي ويندي هئي)، ته مجرم چوندو هو: ”اڇها، اچي وئي مصيبت.“ پر حالت اها هئي ته ارشاد اچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ به دير ڪئي ته چوندو: ”اڄ پيٽسان اهو نياڳو اڃا ڪونه آيو.“ ۽ پوءِ پيو هڪ هڪ ڪان وڙ وڙ ڪري پڇندو ته: ارشاد ڪٿي آهي. اڃا آيو ڇو ڪونهي؟

اهو ارشاد به وڏي شيءِ آهي، جيڪڏهن ڪجهه وقت گڏ جيل ۾ رهڻ جو موقعو مليو ته هن تي به خاڪو لکبو.

ارشاد ٿٽي جي پين سياسي قيدين سان گڏ حيدرآباد جيل مان ويو ٿي ته مجرم روئڻ وٺي رهيو. روئڻ مجرم جي عادت آهي، ٿي - وي تي ڪو ڏکارو ڊرامو ڏسندو ته ويهندو روئڻ. علي حسن کي ڦٽڪا لڳا ته ويٺو روئڻ. منٽ ۾ ٿو روئڻ اچيس، دائود خان چوندو آهي ته: مجرم عظيم انسان آهي. پين جي ڏک کي پنهنجو ڏک ٿو سمجهي.

مجرم کي کائڻ جو ڏاڍو شوق آهي. سچو ڏينهن پيو وات هلندو اٿس. پر بيدا سندس ڪمزوري آهن. پاڻ به بيدا گهرائيندو آهي، ۽ مونکي به چوندو آهي ته: ٻي شيءِ اچي نه اچي، بيدا ضرور گهرائجو. اڃا هڪڙا بيدا پيا ئي هوندا ته ڪڏهن گل بيگ چلگري کي، ڪڏهن ارشاد ساگر کي چوندو: P. P. C مان بيدا ته گهرائي ڏيو. هڪ دفعي ته منير رنڌاوا به گهرائي ڏنا. جيستائين بيدا نه ايندا، آنڌ ماند هوندي اٿس.

بيدا آيا ته جنهن وقت ڏس ته ويٺو بيدا آڻاري. مان ۽ علي حسن گهٻرائي نه نه ڪريون، پر ڪيس جو بيدن کائڻ جو شوق، سو پنهنجي شوق خاطر اسانکي به زوري کارائيندو. چاڪاڻ نه اسانجي هوندي، اڪيلو کائيندي ڦڪو ٿو ٿئي. اها ئي ڳالهه آهي ته بند ٿيڻ کانپوءِ جڏهن اسين ڪجهه ڪلاڪ دائود خان وٽ ويٺا ٽي-وي ڏسندا آهيون، ته مجرم اڪثر غائب ٿيو وڃي. هڪ ڏينهن ڪو سٺو پروگرام هو، مجرم غائب هو، مان ڪيس ڳولهڻ لاءِ پاڻ واري ڪمري ۾ ويس. ڏٺم ته مجرم ويٺي بيدو کاڌو. مونکي ڏٺائين ته ڦڪو ٿيندي چيائين، "معاف ڪجو سائين، بک لڳي هئم، ٻي ڪا شيءِ هئي ڪانه، تنهنڪري بيدو آڻاري ورتم. انهيءَ کان اڳ جو مان ڪجهه چوان، چيائين، "بيدو هو هڪڙو، سو اوهان ۽ علي حسن لاءِ ..." مون سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو، "اسانکي بيدن جو شوق ڪونهي، بيدن جي ڪري سٺو پروگرام ته وڃايو."

ڪجهه ڏينهن اڳ ڊاڪٽر رزاق ڀاٽوليءَ مجرم کي چيو هو، "اوهانجو بلڊ پريشر ڪافي وڌيل آهي. بيدا گهٽ کائجو." مجرم جو منهن لهي ويو. انهيءَ رات مونکي چيائين، "سائين، هاڻ آءٌ بيدا ڪونه کائيندس." پر صبح جو اسانکي بيدا ڏيڻ وقت پاڻ به کائڻ ويٺي رهيو، چيائين، "خير اڄ کان ٿو، سڀاڻي ڪونه کائيندس."

علي حسن ٻڌايو ته: ڪلهه اسانجي ملاقات تي جيڪي بيدا آيا هئا، انهن مان به انهيءَ وقت آڻاري کاڌا هئين. پر مجرم

اِها ڳالهہ ڪانہ ٻاسي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڊاڪٽر جي منع ڪرڻ جي باوجود باقاعدگيءَ سان بيدا ڪائيندو اچي. ۽ اهو بہ چوندو اچي تہ: بس اج ڪاڏواٿس، سپاڻي ڪونہ ڪائيندس.
جواب ۾ علي حسن چوندو آهي، ”ميان، تون ڦاٽي مرندين، پر ڪاڻي ڪونہ ڇڏيندين.“ وري مونکي چوندو، ”سائين، ڪاڻي جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي. جنهن وقت ڏس ويٺو ڪائي.“
خير علي حسن بہ وڏاهَ ڪري ٿو. ڳالهہ ايتري بہ ڪانهي، حقيقت فقط ايتري آهي، مجرم صبح جو ٻانگن ڪان اڳ اٿندو آهي. منهنجي اک سندس هلڻ تي کلندي آهي. حقيقت اِها آهي جو رات جو مجرم جي کونگرن جيڪري پوريءَ طرح ننڊ اچي ڪانہ. فجر جو جڏهن مس مس ننڊ اچي، تہ هيءَ ڌم ڌم ڪري، زور زور سان زمين تي پير هڻندو هلندو. ڪمري جو سمورو فرش پيو لڏندو آهي. علي حسن چوندو اٿس، ”اڙي ڪجهہ تہ هيٺ مريضن جو خيال ڪندو ڪر. آهي حيران پريشان هوندا تہ متي ڪهڙو هاٿي پيو هلي. هلي ڇا بلڪ ٿاهڙجي.“
سو مجرم جي خوفناڪ آواز تي اک کليو وڃي. شروع ۾ جڏهن مان نئون آيو هوس، مون سمجهيو هو تہ شايد نماز لاءِ ٿو اٿي، پر صبح جي نماز ڪڏهن پڙهندي ڪونہ ڏٺو مانس. البت سانجهيءَ جي نماز پڙهندو آهي. پر اڪثر علي حسن جي ڳالهين تي کلي، نماز ٽوڙيو ڇڏي.
سو مجرم ٻانگن ڪان اڳ اٿي مختلف شين کي پيو اٿلائيندو

ٻڌل ٿيندو آهي، ۽ ٻُڌڻ ۾ نه رهندو آهي: مار پئي، خبر نه ڪيڏانهن وئي. اهي علي حسن جا ڪم هوندا، خبر نه ڪيڏانهن وڃايائين. علي حسن، او علي حسن. پيٽ سان هن ٻوڙي مان ته اچي ڦاٿو آهيان. هڪ ته ٻوڙو، وري اجرڪ سان ڪَنَ بند ڪري ڇڏي. (١) اچا رات ته هئي. خبر نه ڪيڏانهن وئي.

مان پنهنجي هنڌ ۾ حيران پريشان، ته خبر نه ڪير هئي، ڪيڏانهن وئي. پوءِ مَس مَس خوشيءَ ۾ رڙ ڪندو: شڪر ته ملي. مان پنهنجي هنڌ مان، مجرداڻيءَ مان ڪنڌ مٿي ڪڍي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. پر خبر نه پئجي سگهي ته ڪير ملي اٿس. ۽ اها ڪار روز هوندي هئس. نيٺ هڪ ڏينهن مونکي پتو پيو ته اها چابي هئي، جنهن جي روز ٻانگن ڪان اڳ گهولها ٿيندي هئي. مجرم روز رات جو چابي سنڀالي رکندو هو، بلڪ لڪائي رکندو هو ته علي حسن جي وَرَ نه چڙهي، پر فجر جو ڪيس ڳالهه وسري ويندي هئي، ته چابي ڪٿي رکي اٿس.

اٺين ڏينهن ۾ ڏهه دفعا رهتي هتي چابي ڪيرائيندو هو، ۽ ڪيس پتو به نه پوندو هو. مان ۽ علي حسن گهڙي گهڙي ڪٿي پيا ڏيندا هئاسين.

ڳالهه پئي ڪيم ته علي حسن چوي ٿو ته: 'مجرم سڄو ڏينهن

---

(١) علي حسن هڪ ڪن کان اڳ ۾ ئي گهٽ ٻڌندو هو، ڦٽڪن لڳڻ ڪانپوءِ ٻئي ڪن کان به ٻوڙو ٿي پيو.

تو ڪاٺي." علي حسن جي انهيءَ ڳالهه ۾ وڏاءُ آهي، مون ته ائين ڪونه ڏٺو آهي. البت مجرم ٻانگن ڪان اڳ آٿي، ڪلاڪ ڪن چاڀي ڳولهي، تين جو ڏ ڀو ڪواڀي، منجهانس صوف ڪڍي ڪانيندو. ڪڏهن هڪ، ڪڏهن وڌيڪ. ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ اڌ نارنگي. انهيءَ ڪانپوءِ رات جا پسايل بادام ۽ ڪشمش (سندس چوائي: مڙدن لاءِ فائد يمند آهن). انهيءَ ڪانپوءِ هڪ اڌ بيڙو، بسڪٽ وڌيڪ ڪونه ڪائي، ٻه ٽي ڪٽي ۽ پوءِ پڙو علي حسن جي سيراندي رکي ڇڏيندو. نيزا هوندا ته ٻه ٽي ٻَڪَ انهيءَ جا ٻه ڪٽي وٺندو. ۽ انهيءَ وچ ۾ دائودخان جي ڪمري مان وڃي چانهن جو هڪ ڪوپ، ۽ ڪيڪ جو پيس ٻه ڪاٺي ايندو. ۽ پوءِ اسان واري ڪمري ۾ پيو پسار ڪندو ۽ علي حسن کي اٿاريندو. هڪ دفعي اٿاريندي چيائين، "علي حسن، اڙي اٿين نٿو، سج چڙهي آيو آهي. پيٺسان نياڳو آهين ڪو." علي حسن ڪمبل مان منهن ڪڍي چيو، "نياڳو تون آهين يا مان، شعر پڙهڻ لاءِ مڙس کي گهرايم ته ماڳهين ٻاڻ سان گڏ مونکي به ٽيپ ڪارائين. توکي ته رڳو سزا لڳي، مونکي ته ڦٽڪا به لڳا، هاڻ سڀهڻ به نٿو ڏين." مجرم هلندي هلندي بيهي رهيو ۽ چيائين، "هاڻ ٻڪ (ٻَتَڪَ [۱]) نه ڪر. سڀهڻ ۾ ڏس پڇيون پيون اٿئي." مون ڪلي چيو، "سنڌي شاعر آهيو، اهو به پتو

---

[۱] مجرم، ڳالهائڻ ۾ لفظن تي اعراب ڪونه ڏي. ٻَتَڪَ تي ٻڪ وارن لفظن کي سنڌي ٻولي ۾ ڪي معنيٰ ڪونهي آهي.

ڪونه اٿؤ ته پڇون. منهن ۾ نه، اکين ۾ پوندڙيون آهن.“ علي حسن چيو، ”منهن ۾ ڏوڙ پوندي آهي.“ مجرم چيو، ”پوءِ اِها ڏوڙ پئي اٿئي، اُٿي منهن ڌو.“

علي حسن ۽ مجرم ڄڻ ته هڪ ٻئي جو ضد آهن. جيڪا ڳالهه مجرم چوندو، علي حسن تي ڄڻ فرض آهي، هنجي مخالفت ڪرڻ. ۽ مخالفت به نِلهي نه، مجرم کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ لاءِ، علي حسن وڏي ۾ وڏو ڪوڙو قسم کڻي وٺندو، ۽ هروڀرو به سڀني جي سامهون مجرم کي ڏٺو ڪندو. ۽ سچو ڏينهن سندس نقل به ڪندو. مجرم کي عادت آهي ته جڏهن به ڪا ڳالهه ڪندو، پل سڀئي سندس ڳالهه غور سان ويٺا ٻڌن، ته به گهڙي گهڙي اِهو ضرور چوندو: ٻڌو ٻڌو. جڏهن به مجرم اهو چوندو ته پيا ته سڀئي ماٺ ڪيو ويٺا هوندا، پر علي‌حسن يڪدم چوندو: ٻڌون ته پيا. ٻيو ڪيئن ٻڌون. مجرم جو ٻيو تڪيه ڪلام آهي: نه نه، هر ڳالهه ۾ نه نه پئي پوندس. ۽ علي‌حسن يڪدم چوندس: نه نه وري ڇا جي.

منهن تي مجرم ۽ علي حسن جهڙا هڪ ٻئي جا دشمن. علي حسن رکيو ويٺو مجرم جون گلائون ڪندو، ”اڙي سائين، اوهين هنکي نٿا سڃاڻو، هيءُ شهرت جو بکيو اٿوَ. ڪنهن بيمار سائيءَ کي اسپتال ۾ ٿي بسڪٽ ڏيڻ ويندو، ته پل سندس بيڊ جي ڪيس چڱيءَ طرح چاڙهجي، ته به هرهڪ مريض کان پڇندو ته: فلاڻي جو بيڊ ڪٿي آهي، هن لاءِ بسڪٽ آندا اٿم. مقصد هوندو اٿس ته هرهڪ خبر پوي.“

مجرم جيءَ نه نه، ڏسو ڏسو، ٻڌو ٻڌو پئي پوندي، پر

علي حسن ٻڌندو ئي ڪونه، ”اڙي سائين، مجرم وڏو ٺڳ اٿوَ، سچو ڏينهن پيو ڏاڙون هڻندو ته: آءٌ صحافي آهيان. مونکي ڪير ڇوي ته منٽ ۾ سوڙهو ڪري ڇڏيان. ۽ مڙس جي حالت اها آهي ته جهڙو پريس ڪلب ۾ هڪڙو.... آفيسر اچي دٻائي ويو، ۽ ايترو به چيائين ته: هيءُ ڏنڊي ڏني اٿوَ، پٺيان گهيڙائي ڇڏيندو سانوَ. تڏهن صحافي صاحب چپ ٿيو رهيو. جڏهن هو ويو هليو ته پوءِ وڃي هڪ، واسطو نه رکندڙ سپاهيءَ کي دٻائين. مجرم ويچارو وري به ٻڌو ٻڌو ڪري رهجي ويو، علي حسن رڙ ڪري چيو، ”چا ٻڌون، سڀ خبر آهي تنهنجي، مان ڪر نه ته هٿين نه ڇڏڪ.“

۽ انهيءَ کان اڳ جو مجرم پاڻکي سنڀالي، علي حسن ڪيس ڪلهي ۾ چڪ هنيو. ۽ مجرم جون رڙيون هيون ـ ’اڙي گهوڙاڙي. مري ويندس. اڙي علي حسن ڇڏ. اڙي تنهنجو ٻيڙو غرق ٿئي، ڇڏ.‘

بهرحال علي حسن سچو ڏينهن پيو مجرم کي پٽائيندو آهي. ڪڏهن مجرم ڪجهه دير ڪانپوه ايندو هو ته علي حسن چوندس، ”اچي وئين، بسم الله. مون ته سمجهو هو ته مري وئين.“

مجرم ڪڏهن ڪا ڳالهه نه سمجهي ته علي حسن چوندس: ”تو کي ته ڳالهه سمجهڻ لاءِ ڪهاڙيون هڻجن، ائين سمجهه ۾ ڪونه ايندئي.“

مجرم ۾ صفائي به گهٽ آهي. هنڌ تي سگريٽ جي رک، سگريٽن جا ٽوٽا، نيزن جا ڇلڪا ۽ پيو گند پيو هوندو آهي. پني جو پرزو به ڏسندو ته آهو و ديهاڻي يا هنڌ جي هيٺان

ڪٿي رکندو. ۽ علي حسن تي اهو فرض هوندو هو ته جڏهن به ٽي چار ماڻهو وڏا هوندا ته سندس هٿ ٽپڙ ڪٿي ويٺلن کي ڏيکاريندو ته: ڏسو هي مجرم جا ڪم. رلهيون به سدائين، جيئن صبح جو جسم تان لاهيندو، تيئن رات جو مٿان وجهي سمهي رهندو. چنبڻ ۽ ويڙهڻ جو ته سوال پيدا نٿو ٿئي.

اهي رلهيون علي حسن جي هڪ دوست علي حسن کي تڏهن ڏنيون هيون، جڏهن اهي ميرپور خاص ۾ لاڪ اپ ۾ هئا. هڪ ڏينهن مجرم علي حسن کي چيو، ”آزاد ٿيڻ وقت اهي رلهيون ڪنهنکي ڏجانءِ نه. جن جون آهن، انهن کي موٽائي ڏيندا سين.“

مون چيومانس، ”شاباس آهي توهانکي. سچو سال انهن کي استعمال ڪيو اٿو، هاڻ اهي پرائيون رلهيون وري مالڪن کي ڏيندا. گهران پيون رلهيون ڏجو، ونندا ته اهين به ڪونه پر اهي موٽائڻ ته مناسب ڪونهن.“ ٻاهر وٺيس ته ڪونه، پر ڪٿي ماٺ ڪيائين.

علي حسن سچو ڏينهن پيو مجرم کي چيڙائڻ جا وجهه ڳولهيندو آهي. هڪ ڏينهن مجرم ڏاڙهي ئي ڪوڙي. علي حسن رڙ ڪنديچيو، ”گهوڙا ڙي، اڙي سائين ڏسوس، ڪيڏي گهٽي ڪردم هنئين اٿس.“ مون کلندي چيو، ”ڇا ڪري ويچارو. ڳوٺ پرڻ لائف بواءِ عمان هٿي شيو ڪندو هوندو.“ علي حسن چيو، ”نه سائين، مان ڳوٺان سڃاڻان. آتي پاڪيءَ سان ڏاڙهي لاهيندو هو، پاڻ ياڻ رت هڪ هڪ پاسي ڪان وهندو هوس.“ مون چيو، ”تنهنڪري ئي منهن مان زيب

نڪري ويو اٿس."
"گڊ." علي حسن چيو. گڊ علي حسن جو تڪيہ ڪلام آهي. ڳالهہ خراب هجي يا سٺي هميشه چوندو گڊ.
منهنجي ڳالهہ تي مجرم ٻہ ڪليوءِ چيائين، "پاڻيان ٿوتہ اوهانکي جيل مارشل لا وارن ڪونہ موڪليو آهي، مون موڪليو آهي جو مون تي ايترا ڪاوڙيل آهيو."
بهر حال مجرم آهي مزيدار ماڻهو. مان ۽ علي حسن سڄو ڏينهن پيا ڪڪ ڪندا آهيون. ٿوري دير لاءِ ڪاوڙبو، پوءِ پاڻهي پرچي پوندو. البت هڪ دفعي ڪجهہ وڌيڪ دير لاءِ ڪاوڙبو. ٿيو ائين تہ ڪي دوسٽ ڪئمرا کڻي آيا. مجرم ۽ علي حسن کي چيائون تہ اسان سان تصوير لهرايو. علي حسن ۽ مجرم يڪدم تيار ٿي ويا. هنن مونکي بہ چيو، پر مون انڪار ڪيو. مجرم آيو ۽ اچي چيائين تہ، "هلو، هلي مون سان تصوير لهرايو." مون چيومانس تہ، "مون نقوي، محب شاهہ ۽ پين سڀني کي بہ انڪار ڪيو آهي. مان جيل ۾ تصوير نہ لهرائيندس." مجرم چيو، "مون سان گڏ بہ ڪونہ لهرائيندو؟" مون چرچي ۾ چيومانس، "ڏاڍا سهڻا آهيو جو توهان سان گڏ تصوير لهرايان."
مجرم پٺ تي زور زور سان پير هڻندو هليو ويو. ڪافي دير ڪانپوءِ مون محسوس ڪيو تہ مجرم مون سان ڳالهائي نہ پيو. منهنجي ذهن ۾ تہ اِها ڳالهہ ئي نہ هئي تہ مجرم کو انهيءَ ڳالهہ تي ناراض ٿيندو. رات جو جڏهن ماني کائي پنهنجي ڪمري ۾ موٽياسين تہ مون چرچي طور، پر ڏاڍي

سنجدگيءَ سان علي حسن کي چيو ته: داڏود خان، محب شاهه ۽ قاضي رشيد (جيڪو شفقت شاهه جي وچڻ ڪانپوءِ متي اچي رهيو هو) مون تي زور رکيو آهي ته مان سندس ڪمري ۾ اچي رهان، سو مان وچان ٿو. ۽ ڪيس پٽائڻ لاءِ پنهنجو هنڌ ويڙهڻ لڳس. علي حسن وٺي منٿون ڪرڻ شروع ڪيون ته ائين نه ڪريو. پر مون چيومانس ته، مجرم مون سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو آهي. اها منهنجي بيغرتي آهي، ايتري ۾ مجرم اچي ويو. علي حسن کيس چيو ته: "سائين طارق وڃي ٿو. لالي وارن جي ڪمري ۾." پڇيائين، "ڇو." علي حسن چيو: "چوي ٿو مجرم مون سان ڳالهائي ڪو نه ٿو، باقي مان ڇو هتي رهان." مجرم يڪدم منهنجي پيرن تي ڪٺي، هٿ رکيا، مون حيران ٿيندي چيو، "مجرم هي ڇا ٿا ڪريو." مجرم چيو، "سائين مونکي معاف ڪريو." چيومانس، "مون ته ڇرچو پي ڪيو." مجرم هٿ ٻڌي بيهي رهيو.

پوري عرصي ۾ مجرم بس اهو هڪ دفعو ئي مونکان ڪاوڙيو. نه ته مان پلي ڪيترو به سخت ڳالهائي ڇڏيان، مجرم جي پيشانيءَ تي ڪڏهن ور نه پيو. منهنجو نه فقط حد کان وڌيڪ لحاظ ڪيائين، بلڪ حد کان وڌيڪ خيال به رکندو هو. ڪرنگهي ۾ تڪليف جي ڪري مان ڪري شيءِ ڪو نه کڻي سگهان. تنهنڪري پاڻ منهنجي لاءِ گرم پاڻي ڪندو ۽ وهنجڻ جاءِ تائين به پاڻ رکي ايندو. منهنجا ڪپڙا،چادرون هوندءون ته منهنجي جهلڻ جي باوجود به ڌوئي ڏيندو. جيتوڻيڪ سيءَ ڪيس به گهڻو لڳندو آهي. هڪ دفعي سيءَ

ڏاڍو هو، ڪيترا ڏينهن وهنتو ڪونه. چيائين، ”هٿ منهن ڌوئڻ کان به موسم چڙهي ويو آهي.“ ”علي حسن پڌو ته چيائين، ”اڳيان هلي مجرم ڪاسوس ڪري ڌوئيندو به ڪونه، ته موسم چڙهي ويو آهي.“

هڪ دفعي مولا بخش چانڊيو آيو. هن دفعي سندس مڇون ڪڙيون هيون، مجرم ساڻس اهڙيون مائٽيون ڳنڍيون جو ٿوري دير ۾ ئي مولا بخش جون مڇون وري لڙڪي پيون ۽ ڏاڍو پريشان ٿيو. مجرم چيس: ”منهنجي زال جي پيءُ جي ڏاڏي فلاڻي چانڊئي جي گهر ۾ آهي. (جيڪو مولابخش جو چاچو هو) مولا بخش رشتن جو حساب ڪتاب لڳايو ۽ پوءِ چيائين، ”سڏيءَ طرح چو ته تنهنجي زال جي ڀاڻيجي آهي.“ مجرم وري چيو، ”منهنجي ماءُ جي ناني چانڊين مان هئي. ۽ زال پڻائي اٿم.“ مولا بخش کلي چيو، ”آءٌ به چوان ته اوهانجو ڏڙ ريڍو ۽ سسي ٻاڪري چو آهي.“ مجرم هر رشتو ٻڌائڻ وقت اهڙو سوچ ۽ فڪر ۾ غرق ٿي ٿي ويو جو مولا بخش چيو، ”نالو اٿئي رب جو جلدي ٻڌاءِ ته ڪهڙي مائٽي آهي. ماڳهين ٿو هيانءُ ڪڍين.“

دائود خان چوندو آهي، ”شاهه صاحب، توهانجي اچڻ کان پهرين مجرم جي وڏي لئي هئي. سيني تي وڏو رعب هوس ته وڏو اديب شاعر آهي. پر اوهانجي اچڻ کان پوءِ سندس زور ٽٽي پيو آهي.“

جيتوڻيڪ مان سمجهان ٿو ته مجرم جو زور ٽٽو ڪونهي. مجرم سچو ڏينهن چانهن جا ديڳڙا چاڙهيو، هر ڪنهن

ڪي پنهنجا شعر ٻڌايو، ڄڻ ٿي پنهنجو رعب وجهيو ويٺو آهي. سنڌس ڪوٽ ننڍڙو آهي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته آئي سنڌس شعر ڪو ٻڌندو به نه هجي، پر هتي ته ٻڌڻ وارن جي ڪوٽ ڪانهي. بقول سنڌس گهرواريءَ جي (جيڪا هڪ دفعي ڪيس لاڪ آپ تي ملڻ آئي هئي): ”تون ته وچين جيل ۾ سکيو ٿين، ڦاٿي اچي مان آهيان.“

مائيءَ کي ڪير اها خبر ٻڌائي ته: امان مڙسين واقعي جيل ۾ سکيو ويٺو آهي. پر منجهانس اصل ۾ ڦاٿا اسين آهيون.

٨٤ – ١ – ٤

پياري شمس

اسلام عليڪم.

ڏينهن گذري ويو، رات ٿي ويئي آهي. اسان کي بند ٿئي به ڪافي وقت ٿي چڪو آهي، جنهن وقت ٽي-وي تي ڊرامو ٿي آيو، اچي چڪر مان زور زور سان نعرن جا آواز اچڻ لڳا. اسان سمجهيو سين يا ته ڪي سياسي قيدي ڇٽا هوندا، يا ٻيا سياسي قيدي جهلجي آيا هوندا. ڇاڪاڻ ته ٻنهي صورتن ۾ نعرا لڳندا آهن. ٿوري دير کان پوءِ پوليس وارو آيو، (روز جڏهن چڪر تي ايندو آهي ته چانهن به وٺي ويندو آهي.) ته هن ٻڌايو: ڪلهه جيڪي ٨ سياسي قيدي ڇٽي ويا هئا، آهي سيئي موٽي آيا آهن، سڀني کي ڇهه ڇهه مهينا ٽيپ لڳي آهي.

مجرم چيو: ٺهيو ارشاد ته آيو. انهيءَ ڏينهن ر و ٿاڙي ويو هو. چندو هاڻي صبح جو سوير ايندو.

ٻه ٽي ڏينهن لاڪيتا چانور کاڌم، تنهنڪري قبض ٿي پئي اٿم، انهيءَ ڪري ڪير ٻيهتو اٿم، ته جيئن قبضي ٽٽي. داؤد خان جو روز چار پنج سير ڪير ايندو آهي، سيئي پيا پيئندا آهن. مون کي ڪيترا دفعا محب شاهه ڪير پيئڻ لاءِ چيو، پر مون انڪار ڪيو، جو عادت نه اٿم.

چڱو باقي سڀائي،

٨-١-٨٤

صبح جو نيرن ڪانئي اچي پنھنجي ڪمري ۾ ويٺس، مجرم کي چيم، ”اڄ ارشاد ڪونہ پھتو آھي.“ چيائين، ”بس اچڻ وارو ھوندو.“ ۽ ايتري ۾ ارشاد جي جھونگارڻ جو مخصوص آواز ۽ ڏاڪڻ تي سندس ڳرن قدمن جو آواز اچڻ لڳو. مجرم در جي چاريءَ مان ڏسندي چيو، ”سائين اچي ويو.“

۽ ارشاد ڪلندي اچي ياڪر پائي مليو. مون ڪيس ياڪر پاتو تہ ائين لڳو تہ ڄڻ ورھين کان وڇڙيل دوست مليو اٿم، حالانڪ ٤٨ ڪلاڪن کانپوءِ مليو ھو.

پوءِ ارشاد ٻڌايو تہ ٺٽي جي ٨٧ سياسي قيدين کي، وين ۾ پوليس ٺٽي وٺي ويئي. سڄي واٽ اھين نعرا ھڻندا ۽ ڳائيندا وياسين، ٺٽي جو جيل ننڍڙو، سو آني جو ھڪڙي وقت ۾ ٨٧ قيدي وڃي پھتا تہ جيل ۾ پير رکڻ جي جاءِ نہ ھجي. ٺٽي جي سڄي شھر کي منٽن ۾ خبر پئجي ويئي تہ سياسي قيدي آيا آھن، سو ھر ڪنھن جا مائٽ ملڻ آيا. مائٽن جي اڪثريت انھيءَ ڳالھہ جي حامي ھئي تہ جيڪڏھن معافي لاھ چون تہ معافي گھري آزاد ٿي وڃو. ايم - آر - ڊي جي تحريڪ فيل ٿي ويئي، ھاڻ ڇا لاءِ جيل ۾ ويٺا آھيو.

بھر حال جيل ۾ سڄي رات نعرا لڳندا رھياسين. اسان بابو غلام حسين کي چيو تہ: ھتي جو چڱو مڙس تون آھين، سو ھاڻ سڀني جي مانيءَ تون اھين. بابو غلام حسين سکيو ماڻھو آھي، ۽ جيڏو ۽ نہ ٺٽي وڃي، وڃيو ھتن جو مزمان ٿيو -

هنن جي گهر جي رتل مچي، مشهور آهي، سو ٻئي ڏينهن هڪ وقت بابوءَ جي گهران ماني آئي. ۽ هڪ وقت مختيارڪار ڪٺي.

پوءِ اسان کي ٻن ٻن جي ٽولين ۾ پيش ڪيو ويو. چار ميجر هئا. انهن اسان جا نالا پڇيا، پارٽين جا نالا پڇيا، پوءِ چيائون ته: جيڪڏهن اوهان معافي لکي ڏيو ته اوهان کي آزاد ڪريون. پر اسان معافي ڪونه لکي ڏني. پوءِ چيائون ته: ڀلا فقط اهو لکي ڏيو ته اوهان وري تحريڪ ۾ حصو نه وٺندا. پر اسان اِها ڳالهه به ڪانه قبولي. پوءِ چيائون ڀلا فقط زباني طرح چئو ته جيڪڏهن وري تحريڪ هلي ته اوهان سات ڪو نه ڏيندا. پر اوهين يقين ڪندا ته ٨٧ڇٽن مان ڪنهن هڪ به، زباني طرح به اِها ڳالهه چوڻ نه قبولي. پاڻ سڀني اهو چيو ته جيڪڏهن اسان کي پارٽي حڪم ڪيو ته اسين وري به تحريڪ ۾ حصو وٺنداسين. پنهون عقيليءَ کي چيائون ته: تون ايڏو ننڍو تي سياست ۾ حصو وٺين ٿو. هن جواب ڏنو مان عمر ۾ ڪٺي ننڍو آهيان. ذهني سجاڳي طور نه. هن مڙس ته پنهنجي پارٽيءَ (پروگروسيو جيئي سنڌ) جو سمورو پروگرام به هنن کي ٻڌايو ته هو ڇا ٿا چاهين. سزا واري ڳالهه جيڪا ڪالهه سپاهي ٻڌائي هئي، سا غلط هئي. واقعي اها وڏي ڳالهه آهي ته ايترا ڇٽا ويا پر ڪنهن هڪ به معافي نه گهري. لکت ۾ ته خير پر زباني به نه.

هينئر عالم شاهه اچي ٻڌايو آهي ته ملاقات آئي آهي. اِهو خط اتي ئي ٿو پورو ڪريان، اڳيون خط موڪلي ڏيان

ڏو .

ادي، مغل، پاپي، آپا، ادا نثار، ظهير ، مقصود ۽ دانيال کي سلام.
غزالہ، فيضي ۽ اورنگزيب کي پيار .

تنهنجو
طارق

٦-١-٨٤

پيارا طارق، سدائين خوش رهين.

خبر اٿم تہ هيءَ خط اج توهانکي ڪونہ ملندو. سڀاڻي ھنيھرڻ جو مقصود اوهان سان جيل تي ملڻ وبندو تہ اوهانکي ڏيندو. پر مونکي تہ اوهانجي حاضري پرڻي آهي.

آفتاب اخبار گهرايم. شيخ علي محمد صاحب اوهان جي لاءِ ڏاڍو سٺو ايڊيٽوريل لکيو آهي. مون فون ڪري سندن شڪريو ادا ڪيومان. چيائون، بابا اهو تہ مون تي فرض آهي. طارق منهنجو دوست بہ تہ آهي. ڪين چيو،ان تہ طارق مفت ۾ ڦاٿو آهي، اوهين هن لاءِ ڪوشش ڪريو. پاڻ وعدو ڪيو اٿؤن تہ مان طارق ڪي ڇڏائڻ لاءِ ضرور ڪوشش ڪندس. ادا مغل ۽ ادا آفتاب بہ شيخ‌صاحب سان الڳ‌الڳ مليا هئا. شيخ صاحب سائن بہ اوهانکي ڇڏائڻ جو وعدو ڪيو آهي.

ظفرحسن، وليرام ولڀ ۽ ذوالفقار راشدي صاحب اوهانجي آزاديءَ لاءِ جيڪو بيان تيار ڪيو آهي، انهيءَ تي ٣٥ اديبن صحيحون ڪيون آهن. اوهانجي ويجهي دوست مدد علي سنڌيءَ صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پهرين تہ چيائين تہ: بيان تمام سخت آهي، فلاڻا فلاڻا لفظ ڪٽيو تہ پوءِ صحيح ڪندس، ظفرحسن ۽ وليرام ائين بہ ڪيو. پر مدد علي سنڌي صحيح نہ ڪئي. اوهان تہ چوندا هئا تہ

منهنجو گهرو دوست آهي. پر طارق اشرف، جيڪو نه فقط سندس دوست، بلڪ هڪ سنڌي ليکڪ به آهي، تنهنکي آزاد ڪرڻ لاءِ به صحيح نه ڪيائين. ڇا ڪڏهن منش اهڙو وقت نٿو اچي سگهي. طارق، ڇڏيو اهڙي ادب کي، جو اوهان تي ڪا مشڪل اچي ته اوهانجا گهرا دوست به ساٿ نه ڏين، پاڻ ته ڪجهه ڪونه ڪن. وڪاميا ويٺا آهن، پر کو ڏاڍ جي اڳيان نه جهڪي ته انهيءَ جو ساٿ به نه ڏين. مهرباني ڪري، هن دفعي آزاد ٿيو ته وري اهڙن دوستن سان نه ملو. اهي اوهانجا دوست آهن ٿي ڪٿي. هروڀرو اوهان خوش فهميءَ ۾ گرفتار آهيو. ها ادا مغل آهي، جيڪو هڪ پاءُ وانگر ڪم اچي رهيو آهي. خير اهو اوهانجو ذاتي مسئلو آهي، مونکي ڪجهه چوڻ نه گهرجي.

طارق، اوهان دانيال جي سالگره لاءِ لکيو آهي. اوهين سدائين ڪندا آهيو، سو مان به ڪندس. جيتوڻيڪ مون عهد ڪيو هو ته جيستائين او هين آزاد نه ٿيندا مان ڪنهن به خوشيءَ ۾ شريڪ نه ٿيندس. پر هيءَ اوهانجو حڪم آهي، سو سالگره بلڪل ڪبي.

چڱو مان هاڻ اجازت ٿي وٺان. سيني جا سلام قبول ڪجو.

او هانجي

شمسه

٨-١-٨٤

پياري شمس،

اسلام عليڪم

اميد ته خوش هوندين، ڪلهه مونکي تنهنجو خط مليو، ۽ توکي منهنجو خط ۽ مجرم لغاريءَ تي لکيل خاڪو مليو هوندو.

توکي انهيءَ ڳالهه تي افسوس ٿيو آهي ته مدد علي سنڌي منهنجي آزاديءَ واري قرار داد تي صحيح نه ڏني. پر مونکي انهيءَ ڳالهه جو نه ڏک ٿيو، نه حيرت. ڇاڪاڻ ته جڏهن ١٩٧٤ع ۾ پهريون ڀيرو مان جيل ويو هوس، ته انهيءَ وقت جي منهنجي پياري دوست آمر جليل به انهي ڪري صحيح نه ڏني، جو ڪيس ڊپ هو ته متان صحيح ڪرڻ سان سنڌس نوڪري هلي وڃي. جڏهن ته عام پڙهندڙ جو چوڻ آهي ته جليل کي 'آمر جليل' بڻايو ٿي 'سهڻي'. شايد ساڳيو ڊپ اڄ مدد کي ٿيو آهي.

خير، مونکي انهيءَ ڳالهه جي پرواهه ڪانهي، مان اهڙين ڳالهين تي هريو پيو آهيان. اڪثر دوست (دوست ته نه چوڻ گهرجي) مون سان انهيءَ ڪري ملندا ڪونهن، ته متان هن جي ڪري اسين ڦاسجي وڃون. شاباس ته مغل، ظفر حسن ۽ ٻين انهن دوستن کي آهي، جيڪي سرڪاري نوڪريءَ منجهه آهن، پر بنا ڊپ ڊاءَ جي مون سان ملڻ ايندا

آهن.
هن وقت رات جا نوَ لڳڻ وارا آهن. ٽي-ويءَ تي سلورجبلي پروگرام ۾ لبنيٰ نديم ڳائي رهي آهي: ميں تم کو ڈھونڈتی ہوں تم بھی مجھے پکارو. منھنجو ساٿي محب علي شاهه ڏاڍو آداس آداس پيو لڳي، ويچاري جا ننڍا ننڍا ٻار آهن، ۽ پنجويهه سال سزا لڳي ائس، اڃا ته ٽي کن سال مَس گذريا آهن، خدا هن تي رحم ڪري.

٨٤-١-٩
صبح جا سوا نوَ ٿيا آهن. اڄ سيءُ ڏاڍو آهي. رات ته سوڙ جي مٿان ڪيس ٻه وجهي سُتس. هن وقت مجرم جي هنڌ تي هڪڙو بيسرو ويٺو ڳائي ۽ پيو هن ڪي زور پيو وڙائي. ۽ ٻه چٽا ويٺا زور زور سان ڳالهائين، اهڙي حالت ۾ خط لکجي ته ڪيئن لکجي.
ٻين ڪي خط گهٽ اچن، تنهنڪري لکن به گهٽ. نقويءَ جو هفتي ۾ هڪڙو خط مس اچي، سو به پوسٽ ڪارڊ تي، تنهنڪري هنکي مون تي رشڪ ايندو آهي.
صبح گوڙ شور ڪري خط لکي نه سگهيس، هاڻ بند تي چُڪا آهيون، تنهنڪري ٽي-ويءَ جو پروگرام به ڏسان ويٺو ۽ خط به پيو لکان. جيل ۾ ٽي-وي نه فقط وڏي سهولت، بلڪ وڏي عياشي آهي. ٻاهر ته ٽي-وي ڏسڻ جي فرصت ئي ڪانه ملي.
هر ڪنهن د بواريں ڊرامي جي ساراهه ڪئي، پر مون فقط انهيءَ ڊرامي جي هڪ قسط ڏٺي. هتي ته هر پروگرام ڏسٺو

ٻڌي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ٻيو ڪو ڪم ٿي ڪونہ ٿو سگهجي. البت دائود خان جي ڪري ڪوبہ پروگرام سُک ساٽ سان ڏسي نٿو سگهجي. دائود خان جون رڙيون، واڪا. گاريون (اداڪار يا جيڪا بہ شڪل ٽي - وي تي نظر اچي). وري ڪا سٺي چيز ڪري اچي تہ آواز ڪسي، مٿو ۽ ڇاتي پٽي. گهڙيءَ گهڙي محب شاھ، مجرم لغاري ۽ علي حسن چانڊيو چوندا اٿس: ”اڙي! مات ڪر، ڪجھہ تہ ٻڌڻ ڏي.“ پر حرام جو دائود ٻڌڻ مات ڪري. البت مان ڪجھ نہ چوندو آھيان. ڪلھہ سلور جبليءَ جي آخري پروگرام ۾ سجاد علي ۽ بنجمن سسٽر نيم ڪلاسيڪل انداز ۾ تمام سٺو ڳايو، پر دائود خان ڇيو، انهن گند ڪري ڇڏيو.

٦-١-٨٤

ٻڌجي پيو تہ اڄ جيل ۾ ڊي. ايم. ايل. آءِ اچي رهيو آھي، انهيءَ ڪري جيل ۾ ڏاڍي ون وڻان لڳي پئي آھي. صبح کان صفائي پئي ٿئي. اسان وٽان غير ضروري شيون، ۽ ٽي - وي ڪٿي اسٽور روم ۾ وڃي لڪايو اٿن. هيٽر بہ وڃي هيٺ لڪائي رکيا اٿن. اڄ دائود خان جو سيڊو سامان بہ نہ آيو ۽ نہ ٿي ڪجھہ رڌو پڪو آھي. ۽ اها بہ پڪ ڪانھي تہ واقعي ڊي - ايم - ايل - آءِ ايندو بہ يا جيل وارن کي هروڀرو اچي ڦڦڙي لڳي آھي.

اڄ تہ ڏيٺ بہ لهي نہ پيا ڏين. ۽ سڀڪو بہ ڏاڍو آھي.

ملاقات تي مقصود ٻڌايو تہ اڄڪلھہ پريس تي الھ بچايو پيو اچي. يوسفا ڪم ڇڏي ويو آھي، الھہ رکيو ۽ ستار لڳ پيا

اچن. مقصود کي چٿو ته ستار ۽ الهرکئي وٽ وڃي، ۽ انهن کي چوي ته: مهرباني ڪري ڪم تي اچو. هرو ڀرو ڏچو نه، اوهانکي ڪجهه به نه ٿيندو.

ٻنپهرن ڌاڌين ڊي.ايم.ايل.آءِ جو انتظار ڪيوسين. ٻوءِ خبر پئي ته آيو هو. فقط سترهن سياسي قيدين کي آزاد ڪري ويو هليو. اڄ چاڪاڻ ته اسانوٽ ماني تيار نه ٿي هئي، تنهنڪري اڄ سڀ ڪلاس جي دال کائڻي پئي، جيڪا عام قيدين جي دال کان ڪجهه چڱي هئي. ٽپهريءَ جو دائود خان جو سيڌو سامان آيو. اٽو ڏنيرو هو، پر گهٽ ۾ گهٽ چار سير کن ته ضرور هوندو. هاڻ اها مچي رات جو ترپي. دائود خان جي روز ايتري پاڇي ايندي آهي جو پنهنجي گهر جي هفتي جي ٿئي. هتي بصر، ثوم، ٻين پاڇين ۽ مصالحي جا ڍڳ لڳا پيا آهن. ٻيدن ۽ ميوي جي به کوٽ ڪانهي.

سانجهيءَ جو وقت آهي. اڃا اسين بند ڪونه ٿيا آهيون. ٽي-ويءَ تي ڪو مذهبي پروگرام هلي رهيو آهي. دائود خان ريڊيو تي پنهنجي پسند جو پروگرام ٻڌو ڪونهي. مان محب شاهه جي پلنگ تي ويٺو آهيان. محب شاهه هيٺ ويل آهي.

هڪ ماڻهوءَ جي متعلق توکي ڪونه لکيو اٿم، آهو هو — قاضي رشيد. لاڙڪاڻي جو آهي، (بلڪ هو، چاڪاڻ ته هاڻ ڪراچي ويو هليو آهي)، بينڪ جي غبن ۾ جهليل آهي، ڏسڻ ۾ ته اهڙو ڪونه ٿي لڳو. ڏاڍو فضيلت وارو، مهذب ۽ با اخلاق هو. منکي ته بي ڪلاس هو، ته بوءِ ٻين سان

ڳڏ منهنجو به ٿئو. محب شاه سان ڳڏ هيءُ به سکر سينٽرل جيل مان آيو هو. ڪجهه وقت هيٺ اسپتال ۾ هو، شفقت شاه جي آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ مٿي اچي رهيو هو. سچو ڏينهن پنهنجي اپيل پيو لکندو هو (١)، منهنجي لاءِ چوندو هو ته: اها منهنجي خوشنصيبي آهي ته جيل ۾ اوهان سان رهڻ جو موقعو مليو اٿم. حالانڪ مان سمجهان ٿو ته اها منهنجي خوشنصيبي هئي جو اهڙو سٺو ساٿي جيل ۾ مليو. پر منهنجي بدقسمتي اها جو جلدي ڪراچي جيل (سندس خواهش مطابق) ويو هليو. هٺ ڏسڻ جو ماهر هو (٢) منهنجو هٿ ڏسي چيو اٿس ته اوهانجي هٿ ۾ به ٻار لکيل آهن. ۽ هڪ دفعو اوهين وري به جيل ايندا، ۽ اهو عرصو هن دفعي کان وڌيڪ هوندو.

مونکي ڪراچيءَ مان خط لکيو اٿس، پر مون اڃا جواب نه ڏنو آهي.

اڄ بي-بي-سي رات وارين خبرن ۾ ٻڌايو ته بينظير پنهنجو ملڪ مان هلي وئي. نه ڄاڻ ڇو منهنجي دل تي ايترو اثر ٿيو آهي جو ڪجهه لکيو ٿي نه پيو ٿئي.

---

(١) انهيءَ اپيل تي ڏهن سالن مان سزا گهٽجي پنج سال ٿي اٿس.

(٢) منهنجي اچڻ جي هفتي کن ڪانپوءِ چيو هئائين ته: اوهان گهٽ ۾ گهٽ ٿي مهينا جيل ۾ رهندا، وڌيڪ نه. ۽ مان پورا ٽي مهينا جيل ۾ هوس.

١١—١—٨٤

اڄ شنوائي آهي. وهنجڻ لاءِ پاڻي گرم ٿيو ٿي. صبح جو نيرن لاءِ دائود خان جي ڪمري ۾ ويندو آهيان. دائود خان مونکي ڏاڍي قرب سان پنهنجي پٽ ۾ ويهاريندو آهي، مان ٿوري دير ويهندو آهيان. پر اڄ ٿوري دير منهنجي صبر جو امتحان هوندي آهي، ڇو ته دائود خان سياست تي بحث ڪندو آهي. هڪ ته ائين ٿي سندس آواز جهڙا اسي وات جا ڏهه اسپيڪر. ٻيو هر سياسي پارٽي ۽ هر ليڊر (سواءِ ولي خان وارن جي)، کي اهڙيون فحش گاريون ڏيندو آهي، جو خدا ڏي پناهه. وري سندس تجزيه اهڙا هوندا آهن جو ڪڏهن زبردست کِلَ اچي، ۽ ڪڏهن زبردست ڪاوڙ، پر هتي ضبط ڪرڻا پون. صبح جي B.B C رکو پاڻ ٻڌي، سو اتان جيڪڏهن پنج منٽ خبرون ايندين، ته هيءَ آهي خبرون مرچ مصالحا هڻي پنجن ڪلاڪن ۾ ٻڌائيندو. ۽ هر ايندڙ کي پريان ڏسي وٺي رڙ ڪندو؛ آئيے، سنيئے، بي-بي-سي نے کيا کها.

رات بينظير جي خبر ٻڌي انهيءَ تي اڏنگي نموني ۾ راڙو ڏيڻ لڳو. مون ۽ محب شاهه، ڇهانبس ته: اسان سان انهيءَ باري ۾ نه ڳالهائي، هو ڪاوڙجي وڃي ٿو. صبح جو وري بي-بي-سي جي خبرن تي تبصرو ڪرڻ لڳو ته مان اٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس. نقوي به ٿوري دير ڪانپوءِ آئي مون وٽ اچي ويٺو ۽ چيائين: ماڻهو جيڪي پڙهيل لکيل ناهي، آهو وڏو آزار آهي، خاص ڪري آهو، جيڪو

وري سياست ۾ نه هجي.
دائود خان جي سامهون ڪاٻه ڳالهه نه ڪرندي، چوندو:
مونکان پڇيو، انهيءَ ڳالهه جي مونکي خبر آهي. هڪ ڏينهن
ضد ڪيائين ته: پيٽي صاحب کي ٻهرين ڙال مان به ڪافي
ڏيون ائين، جن جي شاديون ٿيل آهن.
اڄ دانيال جي سالگره آهي. ١٩٧٥ع ۾ به اهڙي سالگره آئي
هئي، تڏهن به مان ساڳي جيل ۾ هوس. امي‌ءَ خط ۾ لکيو
هو ته جنهن وقت دانيال کي هار پارايائون ته مون روئي ڏنو.
جڏهن ته امي ايڏي بهادر هئي، اڄ به سالگره آهي. ۽ مان
جيل ۾ آهيان. اڄ امي ڪانهي، وارو تنهنجو آهي.
چڱو خدا حافظ. مغل، دانيال ۽ سيني کي سلام چئجان.
فيمي ۽ اورنگزيب کي پيار. افراز ڪيئن آهي؟

تنهنجو

طارق

١٠ — ٨٤

ٻيارا طارق سدا خوش هجين.

ڏينهن وڃن ٿا گذرندا، پر اوهان جي آزاديءَ لاءِ اڃا تہ ڪجهہ بہ ٿي نہ سگهيو آهي. ادا مغل D.M.L.A کي اوهان جي ضمانت جي درخواست ڏني آهي. چوَ تہ ڪيس تہ اوهان جو هلندو ڪونہ. ڇاڪاڻ تہ ڪتاب رسول بخش پليجي جو آهي، ۽ هو ڇهن سالن کان گرفتار آهي، هاڻ تہ ڪافي سالن کان لاهور جي جيل ۾ آهي. سو هن جي بنا تہ اوهان تي بہ ڪيس نہ هلندو. تنهنڪري ٿي ادا ضمانت لاءِ درخواست ڏني آهي. علي محمد شيخ صاحب چيو آهي تہ مان ڪوشش ڪري جلد ضمانت ڪرائيندس. رات مون شيخ صاحب کي فون ڪئي هئي، پر خبر پئي تہ شيخ صاحب اسلام آباد ويل آهي. ادا مغل بہ رات وٽن ويو هو.

هاڻ ڏاڍي پريشان ٿي وئي آهيان. خبر ناهي قسمت کي ڇاهي منظور. اڃا ڪيترا ڏينهن اوهان کي جيل ۾ رهڻو پوندو. اوهان جي طبيعت اڳ ۾ خراب آهي، ٻيو اتي تہ ڪٿي وڌيڪ خراب نہ ٿي پوي.

ادا ولي رام اڪثر فون ڪري اوهان جو پڇندو آهي، ٻڌائيندو آهي تہ ادا مغل ويچارو ڊوڙ ڊڪ ڪري پيو. شيخ صاحب بہ وعدو ڪيو آهي، پيو تہ ڪو اهڙو دوست آهي ڪونہ جو ڪيس ڇوائس. ادا ولي رام چيو تہ اهڙي وقت ۾ دوست بہ

ڪم ڪونه ٿا اچن، مغل صاحب کي شاباس آهي. پوءِ ٻڌائين ته شنوائي واري ڏينهن تي مون وٽ طارق ۽ منهنجو هڪ دوست ويٺو هو. مون هن کي چيو ته اڄ طارق جي شنوائي آهي، هلو ته ملي اچون. ٻهرين ته نتائج لڳو، پوءِ وٺي ائين پڳو، جڏهن ته هن جي پٺيان پوليس پئي هجي.
اوهان جي مامي سليم شاهه جو سالو لوڏي هٽي ڪمشنر ٿي آيو آهي، سوچيان پئي ته هن کي فون ڪري ڪيس ٻڌايان ته اوهان سان ذيادتي ٿي آهي. ڇو ته اوهان کي گرفتار ٿئي به هاڻ ڏيڍ مهينو ٿي ويو آهي. اڃا ته ڳالهه آتي جو آتي بيٺي آهي.
روز خواب ۾ توهان کي ڏسندي آهيان، ذهن تي جو اوهان سوار آهيو.
چڱو هاڻ اجازت وٺان ٿي. رات جو خواب ۾ ضرور اچجو.
سڀني سلام چيا آهن، اورنگزيب ۽ پاپي خوش آهن.
اوهانجي
شمسه

٢٠-١-٨٤
پياري شمسه
صبح جا سلام قبول ڪر.
ڪالهه شنوائيءَ تي تنهنجو خط دانيال ڏنو هو. شنوائيءَ تي مقصود، ادا ظهير، ولي رام ولڀ، ادا نثار، عرفان شاهه،

خميسو، نازسهتو، نيل ڪنٺ، ۽ اورنگزيب آيا هئا. منهنجو وڪيل دوست رسول بخش انڙ به آيو هو، چيائين پئي ته مقصود کي ڪاغذ ڏيئي مون ڏي موڪليو ته مان ضمانت جي درخواست ڏاهي D.M.L.A کي ڏيان ٿو. پر تنهنجي خط مان خبر پئي ته مغل درخواست ڏني آهي.

شمس، اهڙن ڪمن ۾ دير ٿيندي آهي. اهڙن ڪمن ۾ پريشان ٿيڻ جي نه، صبر جي ضرورت آهي. مغل ڪوشش ڪري پيو. شيخ صاحب وعدو ڪيو آهي. ڪم ٿيندو، پنهنجي وقت تي ٿيندو. تون گهٽي ۾ گهڻو هئن کي ياد ڏياريندي رهه ۽ انتظار ڪر.

اڄ ته مون واري ڪمري/هال جا ٻه ساٿي علي حسن چانڊيو ۽ مجرم لغاري آزاد ٿيڻ وارا آهن. صبح، ڏينهن کان محرم لغاري ڏاڍو پريشان هو. بلڊ پريشر روز پئي وڌيو گهٽيو ته نه ڇاڻ ڇڏيندا يا نه. رات مجرم، محب شاهه وارن جي ڪمري ۾ ستو ۽ علي حسن پنهنجي دوست گل بيگ چلگري؛ کي وٺي آيو هو، اهو اسان واري ڪمري ۾ ستو. صبح سان مختلف قيدي مجرم وارن وٽ آيا، ڪي ملڻ لاءِ ڪي سندن ٽيڙ وٺڻ لاءِ. نقوي به اڄ سڏو هتي آيو. امين خٽڪ، ارشاد، آماڻڪ (بڪو قيدي آهي. جيل ۾ علي حسن جو دوست ٿي ويو هو. اسان تنهن جا ڪپڙا هي ڌوٻاري ڏيندو آهي. تمام پلو ماڻهو آهي. علي حسن منهنجي پارٽ ڪئي اٿس.) ۽ پيا ڪيترائي سياسي قيدي ۽ ڪرمنل قيدي آيا هئا. مجرم کي آخري وقت تائين سيني ۾ پريشاني ڪيو. ارشاد مجرم

جي سيٺتي ۽ برش ڪٽي، ورتا ته اهي آءُ ٿو رکان. پر مجرم ڦري ورتس ته اهي ڪونه ڏيندس. مون ۽ علي حسن گهڻوئي سمجهايو ته ٻاهر پيا ڪٽي ونجاڻه. پر مجرم راضي نه ٿيو. علي حسن کيس چيو ته: هڪڙو وکو برداشتيءَ کي ڏئي ڇڏ. پر مجرم وکي جي بدران علي حسن کي اکيون ڏيکاريون. علي حسن پنهنجيون سمورو بون شيون ورهائي ڇڏيون. رکيو ڪمبل جيڪو هڪ دوست جو هو، اهو ڪمائون.

جڏهن هي وچڙ لڳا ته اسين سيٺي کين ڇڏڻ لاءِ وياسين. دائود خان ۽ محب شاهه دورچي خاني وٽان موٽي ويا، اسين سائن هئاسين. اچي چڪر وٽ پهتا ته علي حسن چيو: مجرم هل تي هلي مولا بخش چانڊئي وارن ـ ان موڪلائي اچون. پر مجرم نه هليو. علي حسن زور رکيو ته ماڳهين چڙي پيو چوائين ته: "مان پنهنجي بيعزتي ٿو سمجهان، اهي ملڻ چو ڪونه آيا." مون چيو، "مجرم، صبح جو اوهان پڪن قيدين سان ملڻ ويا هئا. آهي به اوهان سان ملڻ ڪونه آيا هئا." چيائين، "ها، هتي ويو هوس. هتي ڪونه ويندس." (جيڻي سنڌ وارا به ملڻ ڪونه آيا هئس، پر هتي ويو.) مولا بخش کي خبر پئي ته مجرم وارا وڃن پيا ته هو موڪلائڻ لاءِ پهچي ويو. مان، نقوي، مولا بخش آفيسن تائين کين ڇڏڻ آياسين. مجرم مون سان ٽي دفعا موڪلايو، آخري ڀيرتي سندس اکين ۾ ڳوڙها ڏٺي آءُ. مون علي حسن سان به موڪلايو، ۽ پوءِ موٽي آيس.

جڏهن مان ڪمري تي موٽي آيس ته مون کي ڪمرو اڪيلو اڪيلو محسوس ٿيو. مجرم وارن جون پڳل تتل شيون پکڙيون پيئون هيون. مون کي هر هڪ مجرم ۾ علي حسن هلندي، گهمندي نظر پئي آيا.

علي حسن شاندار طبيعت جو نوجوان هو. هڪ مهينو پارنهن ڏينهن مون سان گڏ رهيو. پر هڪ ڏينهن به کيس غمگين يا مايوس نه ڏٺم. هر وقت پيو کلندو هو. مون کيس ڪاوڙجندي نه ڏٺو ئي ڪونه. ملاقات ڪري موٽندو هو ته جيڪا به شيءِ شڪل ملندي هئس، سو وات تي ئي ورهائي ڇڏيندو هو.

شام جو خبر پئي ته مجرم وارن کي ايذائي وٺي ڇڏيائون. (اسان وٽان ته ڏهين ڏينهن وٺي ئي هليا ويا هئا) ايتري دير جيل وارن مارشل لا وارن کان پڇا پئي ڪئي ته هنن کي ڇڏيون يا نه. علي حسن ۾ ارشاد وري مجرم کي وڃي ٻڌايو ته ڏهي مهينا ڏنڊين ڪيو اٿن. مجرم جو بلڊ پريشر وڌي ويو. هو جيڪي سنڌ وارن وٽ (ڪورٽ ۾) چادر وجهي پئجي رهيو. مس مس ايذائي وٺي خبر پئي ته آزاد ڪن ٿا. (١)

---

(١) مجرم آزاد ٿيڻ کان هفتا اڳ سڀني دنيا کي خط لکيا هئا ته وٽن ضرور اچجو. ڪافي ڏينهن کان پوءِ علي حسن ڳوٺان مون کي خط لکيو ته ۾ جيل مان ٻاهر نڪتاسين ته مجرم ٻنا ٻڌائي جي پنهنجي ماڻهن سان گڏ هليو ويو. (جيڪو ٺيڪ پنهنجي ۾ ڳوٺ وڃڻا آهن

چار ڏينهن اڳ هتي هڪ شخص محمد کي ڦاسي ڏني ويئي هئي. ٻارنهن سالن کان هن جي اپيل هلي رهي هئي، اهي سال هو ڦاسي گهاٽ جي ڪوٺيءَ ۾، انهيءَ انتظار ۾ ويٺو رهيو ته شايد ڇٽي وڃي، پر ڇٽي نه سگهيو، ۽ ڦاسي چاڙهي ويو. هن ٻه خون ڪيا هئا. جيڪڏهن ٻارنهن سال اڳ ڦاسي اچي وڃي ها ته اهي ٻارنهن سال موت ۽ زندگيءَ جي انتظار ۾ گذارڻا نه پون ها.

اڄ کان (في الحال) مان پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو هوندس، داڻود خان ۽ محب شاهه جو اصرار آهي ته مان ڪمري ۾ علي رهان، پر مان هنن جي ڪمري ۾ رهڻ تي تيار ناهيان، ڇو ته رات جو جيستائين ٽي-وي تي جهنڊو نه ڏيکارين، ٽي-وي هلندو رهي ٿو. پوءِ ڀلي مذهبي پروگرام هجي، حڪومت جي ساراهه هجي يا قواليون. ۽ آواز به فُل رکيل هوندو آهي. جيتوڻيڪ داڻود خان چوندو آهي ته آواز گهٽ رکو ته جيئن اچي ڇڪر تائين آواز نه پهچي. ڇو ته هتي رهندڙ اڪثر سياسي قيدين کي ڪاوڙ ايندي آهي ته داڻود خان وٽ ٽي-وي ڇو آهي، جڏهن ته اسان وٽ ڪونهي. ۽ ڪيترن ته جيل وارن کي چيو به آهي ته داڻود خان کان ٽي-وي واپس وٺو، نه ته اسان کي به ڏيو.

انهيءَ کان علاوه هنن جي ڪمري ۾ رات جو ٽي ٽيوب لائيٽس ۽ ٻه بلب ٻرن، جڏهن ته مان روشنيءَ ۾ سمهي ڪونه سگهان، ۽ پنهنجي ڪمري ۾ بتي وسائي سمهان.

اڄ ڪمري ۾ اڪيلو هوس ته ساٿ ڏيڻ لاءِ اڳ ۾ نٽري

آيو، سائس ٻاسين ڪينيڊي هو. انهن جي هوندي ئي دائود خان ۽ مولا بخش چانڊيو به آيا.
هڪ خاص ڳالهه لکڻ وسري ويم. ڪجهه ڏينهن اڳ مشهور سنڌي سياسي اڳواڻ جام ساقي به سکر مان آيو آهي. شايد ڪو امتحان ڏيڻو اٿس. جام کي اسپيشل وارڊ ۾ رکيو اٿن. اهو وارڊ اڪيلهه 'بند وارڊ' آهي. جام کان اڳ انهيءَ وارڊ ۾ انور شاهه (محب شاهه جو سائي)، مولانا جاويد (پي - پي جو ڪارڪن) ۽ رفيق صفي رهيل آهي. انهي وارڊ کي هر وقت تالو لڳل هوندو آهي، ۽ ڪنهن به قيدي کي اندر وڃڻ ۽ اندر وارن کي ٻاهر نڪرڻ نه ڏيندا آهن. تنهنڪري جام سان، جيڪو منهنجو پراڻو دوست آهي، ملاقات نه ٿي سگهي. پر ڪالهه جڏهن شنوائيءَ تان موٽيس ته جام ساقي اسان واري وارڊ ۾ آيل هو. دائود خان سندس دعوت ڪئي هئي.
مان ڪمري ۾ گهڙيس ته پٽ تي ڪمبل وڇائي جام ساقيءَ سان گڏ ٽيهه ڪن همراهه ويٺل هئا، مولا بخش، ابوبڪر، حسن علي انصاري، اعجاز خواجه، عالم شاهه، نقوي، امين خٽڪ، محب شاهه ۽ ٻيا. سياسي بحث هلي رهيو هو، موضوع هو جماعتي يا غير جماعتي اليڪشن. امين خٽڪ ڏاڍي چڱي ڳالهه ڪئي. هن چيو: جماعتون عوام کي متحد ڪنديون آهن، ۽ ملڪ متحد رهندو آهي. جيڪڏهن غير جماعتي بنيادن تي اليڪشن ٿي ۽ پارٽيون ختم ڪيون ويون ته عوام جو اتحاد ٽٽي پوندو. ۽ جيڪڏهن عوام جو اتحاد

تنهن ته ملڪ به تنهنجي هوندو.
چام مونکي ڏنو ته آئي بيٺو ۽ 'يا سيدي' چئي، قرب سان
ياڪر پائي مليو. چام سان سندس گرفتاريءَ کان ڪجهه
وقت اڳ ملاقات ٿي هئي. چام، زماني کان جيل ۾ ويندو
رهيو آهي. ۽ مان به ٻه سال کن سنڌ جي مختلف جيلن ۾
رهيو آهيان، پر ڪڏهن به ٻئي گڏ جيل ۾ نه رهيا آهيون.
ڪلهه جيل ۾ پهريون ڀيرو ملاقات ٿي.
چام دير کان آيل هو، سنهنجي اچڻ ڪانپوءِ جلد موڪلائڻ
۽ مون سان وري ملڻ جو وعدو ڪندو ويو.
دانيال جي سالگره ڪيئن ٿي. تصويرون ڏو پڇي اچن ته
مونکي موڪلجانءِ.
هينئر شام جا ساڍا ڇهه ٿيا آهن. ڪجهه دير ۾ اسين بند
ٿي وينداسين. ٻن ٽيهن جو ستو پيو هوس ته جيل جي صوبيدار
اچي ننڊ مان جاڳايو. اڪيلو هئڻ ڪري ڏاڍي سٺي ننڊ
آئي هئي. مان جاڳيس ته هن چيو: سپرنٽنڊنٽ چيو آهي
ته اوهين دائود خان واري ڪمري ۾ هلي رهو. هي ڪمرو
اسانکي بند ڪرڻو آهي. دائود خان به گڏ هو. محب شاهه
به پهچي ويو، ٻئي ڏاڍا خوش هئا. لاچار مونکي دائود خان
جي ڪمري ۾ اچڻو پيو.
٣ - ١ - ٨٤
جنهن ڳالهه جو فڪر هو، اهوئي ٿيو. رات جو ٻارنهين
ڪانپوءِ سُتس ۽ رات جو ٽين وڳي جاڳڻو پيو، ڇو ته دائود
خان تهجد لاءِ اٿيو، پوءِ چانهن ڏاهين ۽ پوءِ ڪمري ۾

ڇڪر ڏيڻ لڳو، ۽ پوءِ ريڊيو کولي ڇڏيائين. انهيءَ کان علاوه محب شاهه کي سخت زڪام آهي، هو سڄي رات کنجهندو رهيو ۽ ننڊ ۾ رڙيون ڪندو رهيو. سندس ۽ منهنجي لوهي پلنگ جي ’چون چون‘ ڌار. مقصد ته تين وڳي ڪانپوءِ سمهي نه سگهيس.

۽ جنهن حالت ۾ ستو هوس سا به ڪل جهڙي هئي. ڏنڊا ته آهن ڪونه، سو بيڊنگ‌هي نموني سان مجردانه وجهڻي پيم، مٿان هڪڙي پاسي اجرڪ (علي حسن ويندي وقت زوري نئون اجرڪ تحفي طور ڏيئي ويو هو) ۽ ٻي هڪ چادر وڌم ته جيئن روشني منهن تي نه پويم.

شام جو چڪر تي نقويءَ سان نڪتس. نقوي تاريخ معصومي (اُردو جو پيش لفظ پڙهيو هو، سو طنز جي انداز ۾ چيائين: هن شخص (مصنف) پنهنجي پٽ جي اصلاح لاءِ اها تاريخ لکي آهي.

٠ون سندس طنز محسوس ڪندي چيو: اها ڪا خراب ڳالهه ته ڪانهي. پنڊت جواهر لعل نهرو به جيل مان پنهنجي ڌيءَ لاءِ تاريخ لکي هئي.

سنڌين جو آٿي هٿ ڏيڻ، پاڪر پاڏي ملڻ به نقويءَ کي عجيب لڳي، چو ته سنڌن تهذيب ۾ ته اهو آهي ڪونه، ويٺي ئي هٿ ڊگهيري ڇڏيندا آهن.

رات جا ست لڳي چڪا آهن. هن وقت ڪمري ۾ رڳو محب شاهه، دائود خان، مان ۽ هڪ برداشتي آهي. اڄڪلهه هن جيل مان روز سياسي قيدي آزاد ٿي رهيا آهن. جڏهن

مان آيو هوس تہ جيل ۾ ٥٢٥٨ سياسي قيدي هئا. اڄ ٦١٠ آهن. سياسي قيدين کي ڄڻ آسرو آهي تہ آچر تائين آزاد ٿي ويندا سين.

غلام مصطفيٰ جتوئي جيڪو جيل مان بيان ڏنو هو. انهيءَ تي جيل ۾ چڱو رد عمل ٿيو آهي. عالم شاهہ، مولا بخش، عطا، يوسف ٽالپر، امين خٽڪ ۽ ٻين انهيءَ بيان جي مخالفت ڪئي آهي. جڏهن تہ عابد زبيري، نقوي ۽ عاشق حسين جتوئي (غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جو پيٽيرو) حمايت ۾ آهن. هنن کي اها خوش فهمي آهي تہ جتوئي جو حڪومت سان ناهہ ٿي ويو آهي، هاڻ اڄ تہ جتوئي ٻاهر نڪري ۽ وزير اعظم ٿئي.

عابد زبيري ۽ انور عباس نقوي جيل مان ٿي، جتوئي جي بيان جي حمايت ۾، اخباري بيان جاري ڪري ڇڏيا. امين خٽڪ ۽ ڪن ٻين جهليو بہ تہ تڪڙ نہ ڪريو، پر هو نہ مڙيا. بقول دائود خان جي: هنن سمجهيو، اڄ تہ جتوئي ٻاهر نڪري، ۽ پوءِ اسان جون وزارتون پڪيون. (نقويءَ کي تہ جنرل ضيا هڪ دفعي سڏايو هو، وزير بڻائين ٿي، پر جماعت اسلامي وارن جي مخالفت سبب وزير ٿي نہ سگهيو ۽ نقوي، جيڪو چوي ٿو تہ آءٌ مارشلا جي خلاف آهيان، سو مارشل لا منجهہ وزير بڻجڻ لاءِ بلڪل تيار هو. بلڪ وزير نہ ٿيڻ جو ڪيس ڏک بہ هو.)

ٻئي ڏينهن جڏهن اخبار ۾ بيان آيو تہ فقط عابد زبيريءَ جو ڇاپو هو. نقويءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي تہ سندس ڇاپو ڇو

ڪونه آيو بقول دائود خان جي ته زبيري وڏو استاد ماڻهو آهي، بيان موڪلڻ وقت نقوي‌ءَ جو نالو ڪٽي ڇڏيو هوندئين ته نقوي‌ءَ کي وزارت ڇو ملي.

اڄ ٽي-وي تي ڊرامو: 'گمشده' ڏٺم. مون کي ته ڏاڍو وڻيو.

٨٤-١-١٤

ٽپهريءَ جو وقت آهي. ڪجهه دير اڳ ماني کاڌي اٿئون. اڄ اوچتو دائود خان چيو: شاهه صاحب مان سمجهان ٿو ته اوهين اڄ سيان ۾ آزاد ٿي ويندا. پڇيومانس: ڇو ڀلا؟ چيائين: جيل ۾ جنهن سان مون کي محبت ٿيندي آهي، اهو آزاد ٿي ويندو آهي. مون کي ٽن‌هان سان به محبت ٿي وئي آهي. اوهان سڀئي شريف ماڻهو آهيو. اهڙن ماڻهن جو مان قدر ڪندو آهيان.

رات ٽي ڇڪي آهي. ٽي-وي‌ءَ تي آپ کي خدمت ۾ عابده پروين ڳائي رهي آهي.

اڄوڪو ڊرامو ڦول هي ڦول مزيدار هو.

٨٤-١-١٥

اڄ صبح جو پنجين وڳي اک کلي. ڇو ته دائود خان جي اک به پنجين وڳي کلي. صبح جي چانهن دائود خان ٺاهيندو آهي. اڄڪلهه هڪ فرمانبردار فوجي جاويد برداشتي طور ملڻ آهي، آهي ڀڳوڙو. دائود خان جو خيال آهي ته اهو اسان تي جاسوسي‌ءَ لاءِ رکيو اٿن. خدا کي خبر، بهرحال

ڪم جو بہ تمام سٺو ۽ نڪو آهي.

داؤد خان ڪافي ڏينهن کان بيمار آهي. اڄ ڪَنَّ جي پٺيان ڪا ڳوڙهي نڪتي اٿس، انهيءَ جو بہ فڪر اٿس، صبح جو گهٽو ڪري روز مونکان پڇندو آهي: ’شاهہ صاحب آپ تو پڑھے لکھے ھین، بتائو میرا کیا ھوگا.‘ ڀلا مان ڇا ٿو ٻڌائي سگهان. مونکي پنهنجي ئي خبر ڪانهي.

منهنجي لاءِ جسارت ۽ مسلم اخبار (اسلام آباد) لکيو آهي. پر اخبارن جي لکڻ سان ڇا ٿو ٿئي. رڳو دل کي تسلي ٿئي ٿي تہ نالو ڇپيو.

صبح جو اڪثر ڊاڪٽر عبدالرزاق ڀانوايءَ وٽ ويندو آهيان. ڏاڍي عزت ۽ قرب سان ملندو آهي. ہ ٽي ڏينهن جيڪڏهن مان نہ ويس تہ پاڻ مٽي ملڻ لاءِ ايندو آهي. اڄ ويس، ڊاڪٽر امداد تواجہ بہ ويٺو هو. هيءُ بہ سٺو ڊاڪٽر آهي. ٿوري دير ۾ راجا جاويد آيو (هن هاڻ ڏاڙهي ڪوڙي ڇڏي آهي. بقول نقوي: ڏاڙهي کي اندر سهي ڪافي اچي شڪل نڪلي هئي.)، پنهنجي هڪ دوست کي وٺي آيو هو، جيڪو تازو بند وارڊ مان نڪتو هو ۽ اڃا ڏندا ٻيڙي لڳل هئس. جاويد ڏاڍي بدتميزيءَ سان ڊاڪٽر رزاق کي چيو تہ هنجي ڏندا ٻيڙي لهرايو. ڊاڪٽر رزاق ڏاڍي سهڻي نموني ڪيس چيو: ادا، اهو منهنجي هٿ ۾ ڪونهي، ڊاڪٽر عنايت شيخ ماڙيءَ ۾ ويٺو آهي، انهيءَ کي چئو ڏندا ٻيڙي لهرايو. پر راجا نہ مڙيو، ڏاڍي بدتميزي ڪيائين. مونکي نہ ڊپ لڳو تہ ڪٿي ڊاڪٽر کي ڌڪ نہ هڻي. ڊاڪٽر بہ اهو محسوس

ڪيو، ۽ چٽ لکي ڏناٿين. جيتوڻيڪ ڏندا ٻيڙي لهرائڻ سندس وس ۾ نه هو، ڇاڪاڻ ته ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر عنايت آهي، جيڪو سياسي قيدين جي ڊپ کان ماڙيءَ ۾ لڪو ويٺو هو. ڊاڪٽر عنايت ڏاڍو گندو ۽ سخت مغرور ماڻهو آهي. سڀئي قيدي ڪائنس بيزار آهن، ڪن ته چيو آهي ته: ڪيس ڏسنداسين ته ماريندا سين.

سياسي قيدين ۾ هڪ ته باقاعده ليڊر آهن، ٻيا نام نهاد ليڊر آهن، جيڪي پنهنجو پاڻکي ليڊر سمجهندا آهن. سيد پورل شاهه، جيڪو عذائون ڀريو آهي، ۽ هرو ڀرو فوجيءَ کي چماٽ هڻي پنهنجو پاڻکي هيرو سمجهڻ لڳو آهي، سو به انهيءَ وقت آتي موجود هو. هن ڊاڪٽر امداد کي هڪ ڪرمنل پڪي قيديءَ کي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ لاءِ چيو. ڊاڪٽر امداد ٻن ڏينهن لاءِ لکي ڏنو. چيائين ته: ٻه ڏينهن پورا ٿيندا ته وڌيڪ ٻه ڏينهن لکي ڏيندس. پر پورل شاهه به بدتميزيءَ تي لهي آيو، ۽ چيائين: ڪير پيو روز روز ايندو. زور رکيائين ته: مهيني لاءِ لکي ڏيو. پر وڏي مشڪل سان پنجن ڏينهن لاءِ تيار ٿيو.

جيل جي اسپتال ۾ عام طور اصلي بيمار گهٽ آهن، هترادو گهڻا. سي ڪلاس جا اڪثر قيدي ڊاڪٽرن کي پئسا ڪارائي، يا سفارشون ڪرائي اسپتال داخل ٿيندا آهن، جو ته ڪم به ڪرڻو ڪونه پوين، ماني به چڱي ملي، ۽ سمهڻ لاءِ لوهي پلنگ به ملي. جڏهن کان سياسي قيدين جو زور وڌيو آهي، آهي زوري پنهنجي پسند جي قيدين کي اسپتال ۾ رهائيندا وتن،

انهيءَ وقت ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ مصطفيٰ ڪورائي به ويٺل هو. هنکي به ڪجهه وقت ڪان ليڊر ٿيڻ جو شوق جاڳيو آهي. هن به هڪ بندوارڊ واري جي ڏنڊا ڀيڙي ڪولائڻ لاءِ چيو. ڊاڪٽر پاتوليءَ هنکي به سمجهايو ته: اهو ڪم ڊاڪٽر عنايت جو آهي، ڪيس چئو. هن اڄ ئي اسان پنهين ڊاڪٽرن کي د ب ناما موڪليا آهن ته: توهان هرو ڀرو قيد ين جو پاسو ڪئو ٿا. هاڻ چو ٿا اسانکي مصيبت ۾ وجهو. پر ڪورائي نه نه مڙيو، ۽ زوري چٽ لکرائي ويو.

سچ پچ مونکي اهڙن سياسي ورڪرن تي شرم ٿو اچي، جيڪي پاڻکي دادگير ٿا سمجهن، ۽ غلط حرڪتون ٿا ڪن. مون ڊاڪٽر رزاق ۽ ڊاڪٽر اِمداد کي چيو ته: مهرباني ڪري او هين پنهنجون بدليون ڪرائي هتان وڃو، هتي اوهانجي عزت جو ڪنهن کي به خيال ڪونهي.

ٻه ٽي ڏينهن اڳ هڪ سياسي ترڙي ڊاڪٽر اِمداد کي گاريون ڏنيون هيون.

مصطفيٰ ڪورائي محب شاهه جو دوست آهي. مون ڪيس، عالم شاهه ۽ عطا کي ٻڌايو ته: هي آهن اوهانجي همراهن جا ڪم.

عالم شاهه چيو، سائين چا ڪريون. ڪورٽ تان رهڻ تي اڄ اسانجي دوست صفدر جميل پتي، عطاءُ الرحمان جي ڏاڍي بيعزتي ڪئي، پر عطا وڏي دل وارو آهي، ڪلهي ڳالهه لنوائي ويو. وري چيائين: سائين آءٌ انهيءَ ڪري سڄو ڏينهن ملاقات تي ويهندو آهيان ته متان آئي نه ڪو ڏڪو

ڪن. پر هُئي پاسي ورِي پيا پيا ڦڏا ڪن.

حقيقت ته اِها آهي ته ڪي ته ڏاڍي شان مان سان جيل ڪاٽين پيا. پر ڪيترن کي جيل لڳو آهي. اِهي حرڪتون اُهي ٿي ڪندا آهن، جن کي جيل لڳندو آهي.

شاعر ارشاد مستگر جي طبيعت ڏاڍي خراب ٿي پئي آهي. ڏندن ۾ سور، ڇپ ۽ منهن تي سوڄ. ڇين پٽ ڦرڙيون نڪري آيون آهن. ڪلهه مَس مَس ٻاهر اسپتال اسٽيائون ٿي، پر عين وقت تي هڪ همراهه چيس ته: مان بيمار آهيان، مونکي اسپتال نٿا موڪلين، ته پنهنجي بدران هنکي اسپتال موڪلي ڇڏ يائين. جيتوڻيڪ سندس طبيعت وڌيڪ خراب آهي. ڪلهه سڄو ڏينهن ڪونه آيو. اڄ شام جو آيو هو. اڄ گل بيگ چلگري به آيو، مون چيو: توهان اڇو ڪونه ٿا، رڳو مجرم سان دوستي هئي چاه چيائين: شام جو ملندس. پر شام جو مليو ڪونه. مان، غلام رسول زنگيجو ۽ ارشاد چڪر تي نڪتاسين.

ارشاد ٻڌايو ته: ياسين ڪٽنيڊي به اڄ آزاد ٿيو، جنهن ڏينهن جيل آيو هو، انهيءَ جي پئي ڏينهن کان معافي گهرڻ شروع ڪئي هئائين. ماٺس به معافي گهري، مَس مَس مهينن ڪانپوءِ ڇٽو آهي (١).

---

(١) آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ، هڪ دفعو مونکي ياسين مليو هو. مون مذاق ۾ پڇيومانس: ورِي جيل وينديـن. سينو ٺوڪي چيائين: پارٽي حڪم ڪيو ته ضرور ويندس. مان سندس منهن جي ڪائي ڏسي حيران ٿي ويس.

ارشاد چيو، ”اوهانجي والده ته ڏاڍي همٿ واري هئي.“ چيم، ”هوءَ پڙهيل عورت هئي. سندس ئي ڪانگريس ۾ هو. شروع کان ئي سندس سياسي تربيت ٿيل هئي. انقلابي ڪتاب پڙهيل هيس. تنهنڪري همٿ واري هئي، اهي (ڪمنيڊي وارا) پهرين تعصبي نواب مظفر سان گڏ هئا. پوءِ مير رسول بخش جي اڳيان پئيان. وري ايوب جي دؤر ۾ هنجا پوئلڳ. وري پيٽي صاحب سان گڏ، تنهن ڪانپوءِ جمعيت علماءِ پاڪستان (جنهن جي ٽڪيٽ تي صوبائي اليڪشن کٽيو)، تنهن ڪانپوءِ وري پي - پي ۾. پهرين غريب ماڻهو هئا، هاڻ ته وڏا پئسي وارا ٿي ويا آهن.

اجان چڪر ئي ڏنوسين ته نقويءَ اچي ٻڌايو ته: دائود خان جي طبيعت خراب ٿي پئي آهي، مان ڊاڪٽر فضل کي گهرائڻ پيو وڃان.

مان ارشاد ۽ زنگيجي کان موڪلائي موٽيس، اسپتال جي در تي حسن علي لغاري مليو، چيائين: مان اوهان سان ناراض آهيان. اوهان منهنجي دعوت ۾ نه آيا. ٻڌايومانس ته: انهيءَ ڏينهن منهنجي شنوائي هئي. توهانکي مجرم نه ٻڌايو ڇا. چيائين: مجرم کي آزاد ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ شايد ياد نه رهيو هوندو.

مان مٿي چڙهيس ته ڏٺم ورانڊي ۾ دائود خان نماز پئي پڙهي رهيو هو. امين ۽ نقوي ڊاڪٽر فضل کي گهرائڻ ويا هئا. ۽ مان آئي ئي ويهي رهيس. جڏهن دائود خان سلام ورايو ته پڇيومانس. چيائين: ڇاتيءَ ۾ ڪاٻي لوڏنڙيءَ ۾ سور اٿم.

ايتري ۾ رشيد الدين طارق به مٿي آيو. هو پاڻ دل جو مريض آهي، جيل ۾ ٽي ڀيرا دفعا هارٽ اٽيڪ ٿي چڪا اٿس، ٻه دفعا ٻاهر اسپتال موڪليو اٿن. بقول سندس، ٻاهر اسپتال وارا داخل ڪرڻ جا ٻه هزار روپيا ٿا گهرن. ايترا پئسا مان غريب ڪٿان آڻيان.

ڊاڪٽر فضل آيو، دائود خان کي ڏٺائين، چيائين: ٽينشن اٿس، ٻيو ڪجهه ڪونهي.

اسان کي بند ٿئي ڪافي وقت ٿي چڪو آهي. ٽي-وي تي سنگر مشين جو اشتهار آيو ته مشين قسطن تي ملي سگهي ٿي. مون محب شاهه کي چيو. اڄڪلهه هر شيءِ آسان قسطن تي ملي ٿي. ڪاش هن ملڪ ۾ جمهوريت به آسان قسطن ۾ اچي وڃي. دائود خان چيو: اقتدار جي ڪرسيءَ کي چڳيءَ طرح جاچجي، انهيءَ ۾ ضرور سؤر جون هڏيون لڳل آهن، جيڪو ٿو اچي، وڃڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. ٽيڻ ته اهو گهرجي ته جيڪو اچي، سو چوي: بابا، هيءَ توهان جو گهر آهي، جيڪو رنگ چاهيو پنهنجي گهر کي ڪرايو. پر هتي هر ڳالهه ۾ سربراهه پنهنجي ٽنگ ڦاسايو ويٺا آهن.

مون کان پڇيو' دائود خان جو تڪيه ڪلام آهي. ڪالهه نقوي لبنان جو ذڪر ڪرڻ لڳو ته دائود خان ــ لس ڳالهه ۾ ڪٽيندي چيو: توهان کي لبنان جي ڪهڙي خبر. مون کان پڇو. مان ٽي ڏينهن لبنان ۾ رهي آيو آهيان. ويچاري نقويءَ جي ڳالهه اڌ ۾ رهجي ويئي. انهيءَ ڏينهن

مفتي محمود جي ڳالهه نڪتي ته چيائين: مون کان پڇيو مون کي خبر آهي. هنکي زهر جي انجيڪشن هڻي ماريو هئائون. آءُ پاڻ انهن ڏينهن ۾ آتي هوس.

١٦-١-٨٤

صبح جو اچا ننڊ مان اٿيو هوس ته ڄام پهچي ويو. چيائين انهيءَ ڏينهن چيو هوم ته تو سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ چاهيان ٿو، سو اڄ فقط تنهنجي لاءِ آيو آهيان. مون کان سنڌي ليکڪن لاءِ پڇيائين، بڊايومانس: ٻاهر وارن ۾ حال ڪونهي. سنڌي ادب جو نعري باز مشهور ليکڪ ڏاڙهي رکيو، ڪانفرنسن ۾ خاص ماڻهن جون تصويرون پيو لاهي. گهڻا ليکڪ انعامن لاءِ ڊوڙن پيا. ٻيا سرڪاري سڏ جي انتظار ۾ آهن، ڄام چيو: مون شيخ اياز کي نياپو موڪليو هو ته هاڻ ته نوڪري ڇڏ. اياز جواب موڪليو: ڄام زوراور آهين. جيڪڏهن مون ۾ ايتري همت هجي ها ته ڊجولاءِ (١٩٧٧) ۾ ته ڇڏي ڏيان ها.

اڄا اسان پوريءَ طرح ڳالهيون ٿي نه ڪيون هيون، ته اڪ ۾ نقوي، پوءِ امين، موسيٰ، رشيدالدين طارق، چاچا سيف ۽ ٻيا ڪيترا اچي ويا. ڄام، نقويءَ کي مينگل جو لطيفو ٻڌايو، جنهن تان نقوي صفا چڙي پيو ۽ چيائين، پوءِ ڪراچي اسان کي (مهاجرن) کي ڏار ڪري ڏيو. مون چيو: اوهان ته ائين پيا چئو ڄڻ ته ڪراچي اوهان فتح ڪئي آهي.

ابوبڪر زرداري، جنهن کي دائود خان سردار صاحب سڏي، سنڌي استاد چوڻ، مون کي، ڄام ، ڏاڪٽر خان، محب ...

ڪي ٻنهن جي ماني جي دعوت ڏني ھئي. ٻارھين لڳي امين
اچي چڪر جي ٣ نمبر ڊويزن جي ١٤ نمبر بئرڪ ۾ وياسين.
ابوبڪر وڏي اچي مليو. امين ۽ زنڪيجو به آتي رهن، آهي به
اچي مليا. چار به دعوت ۾ موجود هو.
ماني ۾ ڪڪڙ جو پلاءُ، ڪڪڙ جو ٻوڙ ۽ منجهس ٻيهه
پيل هئا، جيڪي مونکي ڏاڍا وڻن. شڪور عباسي ۽ پير معظم
به آتي رهن، سي به اچي مليا. ارشاد به آتي رهي، هنجي
طبيعت خراب هئي، ڪمبل وجهو ستو پيو هو. مون وٽ
سندس منهن تان ڪمبل لاٿو. سڄي منهن تي سوڄ هئس ۽
ڦرڙيون به وڏي ويٺيون هيون. ٿوري دير ساڻس ڪچهري
ڪري، ابوبڪر وارن وٽ موٽي آيس، ۽ پوءِ اسان سڀني
ساڻن موڪلايو.
دائود خان اچي سمهي رهيو، مان امين، نقوي ۽ بابا ٻئيهه
خير تاش ڪرڻ لڳاسين. ٿوري دير ڪانپوءِ دائود خان کي
ماڙيءَ تي سڏ ٿيو. آتان ٿي موٽيو ته مونکي لڳ سڏي
ٻڌايائين ته منهنجي ضمانت ٿي ويئي آهي. شام تائين آءٌ هليو
ويندس.
ڪجهه دير ڪانپوءِ دائود خان محب شاهه کي به ٻڌايو ۽
پڇيائين ته تو کي منهنجي سامان مان ڇا گهرجي، محب شاهه
ڪانئس ڪمبل گهريو. دائود خان آهو ڪيس ڏنو، ڪجهه
ٿانو، ٻنهنجو هند ۽ سورا ڪپڙا امين خٽڪ کي ڏنائين،
باقي سڀ سامان اسانوٽ ڇڏيائين. پاڻ رکيو بريف ڪيس
ڪنهالئيون، جنهن ۾ ضروري ڪاغذ ۽ دوائون هئيون.

شام جو اسين سيئي ڪيس آفيس تائين ڇڏڻ وياسين. موڪلائڻ وقت بابا ٻتيھه خور روئي ڏنو. اسين سڀئي خوش ٿي، هئاسين ۽ دائود خان کان جدا ٿيڻ جو ڏک به هو. (وڌيڪ فڪر مانيءَ جو به هو.)

ڪمري تي موٽي آياسين ته ڪمرو جهڙو خالي خالي لڳو. ڄا ته دائود خان جي گوڙ گھمسان کان تنگ ٿيندو هوس. پر اڄ خاموشي ڇڻ ته کائڻ ٿي آئي. ائين ٻي لڳو ته حشر کان پوءِ واري رات (١١ محرم) هجي.

ٻاهر دائود خان ڇا هو يا آهي. انهيءَ سان منهنجو واسطو ڪونهي. باقي جيل ۾ دائود خان لاجواب ماڻهو هو. دل جو وڏو سخي، مانيءَ تي جيستائين ڏهه پندرنهن ماڻهو نه هجن، ڪيس ماني نه وڻي. ملڻ ۽ ڳالهائڻ جو تمام سٺو، جيڪو اچي، پلي ڪو ننڍو هجي يا وڏو، سنڌس وانگر آئي ملندو. ۽ بنا ڇانهن جي اصل وجهه ڪونه ڏيندو. غريب قيدين کي دوائون گهرائي ڏيندو، انهن جا ڏنڊ ڀري آزاد ڪرائيندو. شڪل شبيھه جو به سهڻو ۽ ڏسڻ ۾ معتبر. سنڌس مرڪ ۾ ٻارن جهڙي معصوميت.

ڪڏهن ڪڏهن ڳالهيون به مزيدار ڪندو هو. هڪ ڀيري سنڌس دوا آئي. محب شاهه کي چيائين ته: ڇاجي دوا آهي؟ محب شاهه پڙهي ٻڌائيس ته: دماغ جي طاقت لاءِ آهي. حيران ٿي چيائين: پون ته ڪونه گهرائي آهي. ڪافي دير ته منجهيو ويٺو رهيو، پوءِ چيائين: ٺهي ڳالهه سمجھه ۾ آئي، هر ملاقات تي مان پنهنجي سالي ساٿ وڙهندو آهيان.

هن پيءُ سان ڳالهه ڪئي هوندي. تنهنڪري منهنجي زال سمجهيو هوندو ته مان چريو ٿي پيو آهيان، تنهنڪري ئي دماغ لاءِ دوا موڪلي اٿس.
خدا ڪري هميشه خوش رهي. جيل ۾ ساڻس ڏاڍو سٺو وقت گذريو.
ٻن ڀيرن جو هڪ ٻيو همراهه به اسان وٽ رهڻ لاءِ آيو. ٻيو ڪو هجي ها ته مان مخالفت ڪريان ها. پر تعارف تي پتو پيو ته هيءُ پاڻ واري سائين فيض محمد شاهه جو پاءُ آهي - مير محمد شاهه.
هنجي ايندي ئي دائود خان آزاد ٿيو. نقوي ڪلي مونکي چيو: سپاٽي جيڪڏهن تون آزاد ٿي وئين ته مان هنکي پنهنجي ٻئرڪ ۾ وٺي ويندس، ته جيئن مان به آزاد ٿيان. امين چيو: نه اڳ ۾ مان وٺي ويندس. نقويءَ چيو: ائين نه ٿئي ته حصا ڪري، سيڪو پنهنجي پنهنجي ٻئرڪ ۾ کڻي وڃي.
ڇڱو باقي احوال سپاٽي. سپاٽي ٿمنوائي به آهي.
سڀني کي سلام چمچان. فيفي، افراز ۽ اورنگزيب کي پيار.
تنهنجو
طارق

۸۴-۱-۱۶

عزيز طارق، خدا توکي جلد آزاد ڪري. (آمين)

دانيال جي سالگره ٻارنهين تاريخ ٿي ويئي، فقط گهر وارا ئي هئا، رکيو اورنگزيب کي سڏايو هوسين.

امي لاءِ توهان لکيو آهي ته جڏهن دانيال جي سالگره ٿي هئي، ته تڏهن هوءَ بهادر عورت به روئي پئي. ظاهر آهي طارق، مڪمل خوشي تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن سڀ خوش هجن. فقط ڪيڪ ڪٽڻ سان ڪهڙي خوشي پوري ٿئي ٿي. مڙيئي رسم کي پورو ڪرڻو آهي. مان ڪنهن خوشيءَ ۾ شريڪ انهيءَ ڪري نٿي ٿيان، جو مونکي انهيءَ مان خوشي نٿي ملي. بهرحال اوهان ڇيو هو، تنهنڪري ڳالهه مڃئي هئي. منهنجي ته خوشي به اوهان سان آهي، غم به اوهان سان آهي.

ادي نذير ناز جي فون آئي هئي، پڇيو سانس: ايترا ڏينهن فون ڪونه ڪيو؟ چيائين: اسانجي فون ڪٽجي ويئي هئي، پوءِ ڪيتري دير اوهانجي متعلق پڇيائين، اوهانجي لاءِ ڊائري رکي اٿس. دانيال کي موڪلي گهرائيندس.

دانيال حبيب سان گڏ ڪراچي ويو آهي، خارش جو علاج ڪرائڻ. مونکي ٻڌائي ڪونه ويو آهي ته ڪڏهن ايندو. شيخ علي محمد اسلام آباد مان موٽي آيو آهي. مون ڪلهه فون ڪئي سانس. اڄ لاءِ چيائين ته مان D.M.L.A سان

ملندس. سڀاڻي وري فون ڪري پڇنديس ته ضمانت جو ڇا ٿيو. خدا ڪري ٿي وڃي. هر شنوائيءَ تي اهو آسرو هوندو آهي ته من هن شنوائيءَ تي ضمانت ٿي وڃي، پر اڃا ته اهڙي شنوائي آئي ڪانهي، جنهن تي اوهين آزاد ٿيو. هر دفعي اهو ٿي ٻڌندي آهيان ته اوهانکي فلاڻي تاريخ ملي، اوهين واپس جيل ويا. تڏهن دل ٻڏيو وڃي.

ڇا ڪريان طارق، منهنجي وَسَ ۾ به ته ڪجهه ڪونهي، ڪمشنر لوڌيءَ کي به ٽي دفعا فون ڪئي اٿم، پر هو فون تي ملي ئي ڪونه ٿو.

ڇڱو هاڻ اجازت ٿي وٺان. سڀاڻي اوهانجي شنوائي آهي. اوهين ڪورٽ ايندا ۽ مون وٽ اوهانجو خط ايندو.

آپا، ڀين ياءُ ٻيئن ۽ مائٽن سلام چيا آهن. افراز اڃا ٺيڪ نٿو رهي. توهانکي ته شايد هنجي شڪل به پوري طرح ياد نه رهي هوندي.

سلام سڀني جا قبول ڪجو.

اوهانجي

شمس

٨٤-١-١ء

پياري شمس

اسلام عليڪم

اهو ته تو ڪي لکي چڪو آهيان ته دائود خان آزاد ٿي ويو. مونکي اِها شڪايت هئي ته هو سڄو ڏينهن ٽو ڳالهائي، پر هنجي وڃڻ ڪانپوءِ ته اسانجي ڪمري ۾ چڻ سيلاب اچي ويو آهي. ڪيترا ماڻهو دائود خان جي ڪري نه ايندا هئا. هاڻ ته ايترا ماڻهو ٿا اچن جو سيٺي ڪتون پرچيو وڃن. ليڪن ٻه ٽي سمهڻ جي ڳالهه ته پري رهي، اسانکي ته ويهڻ جي جاءِ به نصيب نٿي ٿئي.

خير، احوال صبح کان شروع ڪريان ٿو. صبح جو جمعدار نورالدين آيو ۽ اچي چيائين: سپرنٽنڊنٽ صاحب چيو آهي ٽي-وي ڪڍائي اچ. مون ڪيس چيو: وڃي چئو ته ٽي-وي ڪونه ڏبي. ڪلهه ٽائين ٽي-وي ۾ مان خطرو ڪونه هو، اڄ ٽي-وي ۾ مان خطرو ٿي پيو آهي ڇا. دائود خان اسپتال لاءِ به ٽي-وي ٿون ڏني ويو هو، جن مان هڪ اوهان اسپتال مان ڪڍائي ويا آهيو. آها به يڪدم هيٺ اسپتال ۾ آڻي رکو.

شنوائيءَ تي ويندي وقت مون محب شاهه کي چيو ته: منهنجي واپس اچڻ ٽائين ٽي-ويءَ کي ڪڍڻ نه ڏجو، پوءِ مان پاڻهي منهن ڏيندس.

شنوائيءَ لاءِ ماڙيءَ تي وڃڻ لڳس ته رستي ۾ عبدالله ملاح ۽ مظهر پرگڙي مليا، مون هنن کي ٻڌايو. هنن چيو: توهان پرواهه نه ڪريو. اسين ٽي-وي ڪٽڻ نه ڏينداسين. ماڙيءَ وٽ ارشاد بيٺو هو اسپتال وڃي رهيو هو. اڳيان ابوبڪر مليو. مون ڪيس به ٻڌايو. ابوبڪر مون سان گڏ ماڙيءَ ۾ اندر هليو، پر سپرنٽنڊنٽ ۽ ڊپٽي هٽا ڪونه. ٿلهو جيلر شيرازي بيٺو هو (ٽيو ڏينهن شيرازيءَ کي ڏسي نقوي چيو: ايڏو هلن ٿا، ته به ايڏا وڏا پيٽ اٿن)، ابوبڪر کيس چيو ته سپرنٽنڊنٽ کي ٻڌائي ڇڏي ته ٽي-وي آنان ڪونه ويندو.

مونکي وٺڻ هڪ پٺاڻ جمعدار آيو هو، ابوبڪر هنکي منهنجي پارٽ ڪئي. هن چيو: هڪ هٿ ۾ هٿڪڙي هئون ٿا، اڳيان هلي آها به کولي ڇڏينداسون (پر کوليائين ڪانه.)

اڄ به وين پراڻي هئي. سيٽون ته پڳل هئس. البت هيٺ ڏائين چاري هنڻ ڪري ويٺي ٿي ٻاهر جو نظارو ڏسڻ ۾ آيو پي.

صدر مان جڏهن وين لنگهي ته مون ظفر شاهه جي پريس ڏانهن ڏٺو. پر پريس بند هئي. وين بسنت هال وٽان لنگهي. آهو بسنت هال، جتان منهنجي ۽ مغل جي ادبي اوسر ٿي آهي. سنگت جو اهو ميڙ ياد آيو، جنهن ۾ زندگي ۾ پهريون ڀيرو، اسٽيج تي پربل هال ۾، ’ڪرشن چندر جي ڪهاڻي ’پريتو‘ جو سنڌي ترجمو پڙهيو هوم. ڏڪيس ايترو پئي جو پڙهي به نه پي سگهيس، شيشن کي شڪ هن پڙهي ويس، پهو

به نه ڇاڻ ڇا جو ڇا پڙهيم، پر ڪنهن توجهه ئي نه ڏنو. شايد هنن پڌو ئي ڪونه پئي. سنڌي ادبي سنگت جون ڪجهه يادون ياد آيون، جتي حميد سنڌي هميشه منهنجي ڪهاڻين تي چوريءَ جو الزام هڻندو هو. غلام نبي مغل سدائين آغا سليم جي ڪهاڻين کي ڪهاڻيءَ ئي نه مڃيندو هو. ساڳي حالت غلام رباني مغل جي ڪهاڻين سان ڪندو هو. پر مون انهن سنگتن مان گهڻو ڪجهه پرايو. وڃي جڏهن ڪوآپريٽو بينڪ جي سامهون پهتي ته ياد آيو، آتي بابا انسپيڪٽر هو. ننڍي هوندي هڪ دفعي بابا مون کي پاڻ سان آتي وٺي ويو هو. ۽ هڪ دفعي منهنجو استاد مريد علي جتوئي پاڻ سان ساڳي بينڪ ۾ وٺي آيو هو. پئسا ڳڻڻ جي غلطيءَ تي مونکي چيو هئائين تون پئسي وارو ڪڏهن به نه ٿيندين. (سندن چيل ڳالهه بلڪل صحيح ثابت ٿي.) وري ياد آيم ته ڊاڪٽر انئميري شميل سان به آتي پهريون دفعو ملاقات ٿي هئي. (بينڪ جي هال ۾) تڏهن اسان جو پهريون ڪتاب 'پهريون قدم' (١٩٦٠) ۾ نڪتو هو. آهو اسان کيس ڏنو هو. ۽ شايد ڊاڪٽر صاحبه پهريون پيرو سنڌ آئي هئي، ۽ اڄ وانگر ايتري مشهور به نه هئي.

پوءِ وڃي ڪورٽ پهتي. آتي شفقت شاهه به ويٺل هو. توکي لکڻ وسري ويو. شفقت شاهه ويچارو آزاد ٿيڻ کان پوءِ سترهين ڏينهن وري هڪ ڪيس ۾ گرفتار ٿي پيو. ۽ هاڻ ناري جيل ۾ آهي. ڪيس به هڪ هٿ ۾ هٿڪڙي لڳل هئي. سائس گڏ ڏاڙهيءَ سان سليم احمد وانگر هڪ ننڍڙو سنڌي پوليس وارو

هو. شاهه کي ڏاڍو بيزار ڪيو هئائين، شايد توکي اڳ ۾ ڪونه لکيو هوم. دائود خان سان گڏ سنڌس ٻي هڪ ٻيو همراهه تازه گل به جهليل هو، پر هو ناري جيل ۾ هو. اڪثر سنڌس ۽ منهنجيون شنوايون گڏ ٿينديون هيون. دائود خان سان گڏ هو به آزاد ٿي ويو. اڄ ملڻ آيو هو. اڄ تنهنجو ماسات زاهد به آيو. کيس ڏاڍو افسوس هو جو مان سندس شاديءَ ۾ شريڪ نه ٿي سگهيس. مقصود ٻڌايو ته ارشاد جي شادي به هن مهيني ٿيڻ واري آهي.

اڄ ڪورٽ ۾ ادا ظهير، غلام حيدر، هدايت منگي (هلال پاڪستان جو نمائندو) ناز سهتو، A.P.P جو نمائندو (نالي جي چاڻ نه اٿم) ظفر حسن، مير محمد لانگاهه (ميرو ڏاڙيل) سنڌس هڪ دوست، اورنگزيب، عمران، دانيال، حبيب، يوسف، الهه بچايو، ۽ رشيد آيا هئا. ڪاهي روڊ جا ٻه مهاجر دوڪاندار جيڪي شڪل مان سچائيندا هئا، آهي آئان لنگهيا. مونکي هٿڪڙي لڳل ڏسي سمجهايون ته مون شايد ڪا چوري ڪئي آهي. ڪجهه دير پريان بيٺي ڏٺائون، پوءِ اچي گرفتاريءَ جو ڪارڻ پڇيائون. مون ٻڌايو ته حيران ٿي موٽي ويا.

پوليس وارن خرچيون به ورتيون، چانهيون به پيتائون، سگريٽ به ورتائون، ۽ پڇاڙيءَ ۾ اهو به چيائون ته خرچي گهٽ ملي. جڻ ته گرفتاريءَ سان گڏ خرچي به لازمي آهي.

ظفر حسن چار لاءِ آرسيءَ جو نئون پرچو ڏنو. اورنگزيب، عمران ۽ خميسو سانڊن گاڏيءَ ۾ جيل تائين آيا. اڄ ڪورٽ

۾ خميسو، باد شاهه(١) ڪي به ڪٿي آيو هو. اڳ ۾ پٽس ڪان وڏ يڪ مونکي ڏسي خوش ٿيندو هو، پر اڄ ڪنيوماڻس ته روئڻ لڳو. ننڍو ٻار آهي، ايتري وقت ڪانهوء ڏنائين ته سڄاڻيئين ڪونه.

گيٽ تي گذريل دفعي وانگر نواء وقت اخبار روڪيائون. مون ٻڌايو ته ڪي ڇيو، هن ڪٿي وڃڻ جي اجازت ڏني. اندر گهڙيس ته ارشاد ڪي ڳوليم، پر هو شايد بيمار هجڻ ڪري نه آيو ته هر دفعي منهنجي انتظار ۾ بيٺو هوندو آهي.

پنهنجي ڪمري ۾ گهڙيس ته نقويء چيو: ”چڱي وقت تي آيا. اسان اوهانجي انتظار ۾ ماني نه کاڌي آهي. محب شاهه ڏٺو ته پريان ئي رڙ ڪيائين: چا ٿيو؟ چيم: ٿيندو ڇا. جيڪو اڳ ۾ ٿيندو آهي، آهو ئي. يعني دوستن ۽ مائٽن سان مليس. نقوي ويجهو اچي پڇيو، ”بهلا ڪبهي بيگم بهي آپ سے ملنے كورٹ آتى ہيں.“ چيومانس: ”توهانکي ٻڌاءِ چڪو آهيان ته اسانوٽ ڙالن جو ڪورٽن ۽ جيلن ۾ اچڻ عيب سمجهبو آهي.“

نقويء چيو، ”نہ جانے بيوى كو ديكهنے کے سوائے كيسے رہتے ہيں. بيوى کے بغير ميرے لئے تو ايک ايک منٹ بهارى ہے.“

پير معظم به ويٺو هو، ڪرڪٽ پئي ڏٺائين. آئي ڏاڍي عزت سان مليو. پوء اسانجي زور پرڻ تي پهريون دفعو

---

(١) مغل جو ننڍڙو پٽ.

اسان سان مانيءَ ۾ شريڪ ٿيو. نئون ڏينهن واري نهاري تيار ڪئي هئي. مان ته اهي ڪان ڪون، البت جڏهن ماني کائي بس ڪئيسين ته مولابخش چانڊيو آيو. نهاري جي ختم ٿيڻ جو ڪيس ڏاڍو افسوس ٿيو. پر نئون ٻيءَ ڇيو ته تنهنجي لاءِ سيائي تيار ڪندس.

محب شاهه کان پڇيم: وري ته ڊي. وي. جي گهر ڪاڻ ٿي آهي. محب شاهه ٻڌايو ته جمعدار، صوبيدار ۽ ڊپٽيءَ کي رپورٽ ڏئي ڇڏي آهي، وري گهرڻ ڪونه آيا آهن.

اڄ سائين جي. ايم. سيد جي سالگره هئي. جيئي سنڌ وارن مون تي اچڻ لاءِ ڏاڍو زور رکيو هو، ڊپٽيءَ کان اجازت به وٺي آيا هئا. جيتوڻيڪ مان سخت ڏکل هوس ۽ ڪرنگهي ۾ ڏاڍي تڪليف هئي، پر جڏهن گل بيگ چلگري وٺڻ آيو ته انڪار نه ڪيم. اتي غلام علي ۽ ابراهيم لغاري چڱيون تقريرون ڪيون ۽ عبدالقادر بيت ٻڌايا. تقريب جي پڄاڻي چانهن، بسڪٽن ۽ ميوي تي ٿي. فنڪشن، سالگره جو ڪيڪ ڪٽي شروع ڪيو ويو هو.

اڄڪلهه سياسي قيدين وٽ چانهن پارٽين جي وبا ڦهليل آهي. جنهنڪي ڏس ڪنهن نه ڪنهن جي مانَ ۾ پارٽيون پيو ڏي. پر مان اڄ پهريون دفعو شريڪ ٿيو هوس.

پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس، سيني ڪتن تي همراهه چڙهيو ويٺا ها. منهنجي کٽ تي به ٽي چار همراهه ڪِنن پيرن سان چادر ۽ سوڙ تي چڙهيو ويٺا هئا، مون چاهيو ٿي ليٽي پوان، پر هتي ته ويهڻ جي به جاءِ نه هئي.

اسانکي بند ٿيڻ ٿوري دير ٿي آهي. ٽي - وي تي ڏاڍو سٺو ڊرامو 'باز گشت' آيو. ڊرامي جي هيروئن هما نواب کي پهريون دفعو ڏٺو اٿم، ڏاڍي سهڻي ڇوڪري آهي. سندس سائيڊ پوز ته ڏاڍو شاندار هو ــــ واهه واهه.

تو هڪ خط ۾ لکيو هو: مغل ڪانسواءِ توهانجا پيا دوست ته ڪجهه به نٿا ڪن. تو واري اها ڳالهه. اڄ مون ظفرحسن سان ڪئي. ظفر معافي گهري، چيائين ته: واقعي مان ڏوهاري آهيان. هاڻ مان به پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪندس. محب شاهه ۽ مير محمد شاهه ايڏي زور سان پيا ڳالهائين جو مان خط نه پورو لکي سگهان. تنهنڪري في الحال اجازت.

۱۸-۱-۸۴

صبح جا سلام قبول ڪر. مان نيرن ڪري ويٺو آهيان. ميرمحمد شاهه پرسان ٿي ويٺو وات وڄائي ڪاڏي. هاڻ وري 'شُرڙڪ شُرڙڪ' ڪري چانهن ويٺو پيئي. منهنجي طبيعت خراب ٿي ٿئي. مائٽ به انسان جي شخصيت تي وڏو اثر ڪن ٿا. جن جا مائٽ پنهنجن ٻارن جي تربيت تي ڌيان نٿا ڏين، آهي ڪيترو به پڙهي پون، پر ننڍي هوندي جون عادتون هنن مان نه وينديون. امي انهيءَ ڳالهه تي ايڏو ڌيان ڏيندي هئي جو ماني کائڻ وقت منهنجي وات مان چاٻي جو آواز نڪتو، ته مانيءَ تان اٿاري ڇڏيندي هئي. مصطفيٰ ڪورائي، جنهن ڊاڪٽرن سان بدتميزي ڪئي هئي، اڄ هو آيو ته ڪيس محب شاهه سمجهايو. مصطفيٰ

ڪورائيءَ ڪي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو، هن مونکان معافي گهري. مون چيومانس: ادا مونکان ڇوٿا معافي گهرو، معافي ته ٻاڪترن کان گهرڻ گهرجي. اوهين سياسي ماڻهو آهيو، اهي حرڪتون اوهان کي زيب نٿيون ڏين. هن وعدو ڪيو ته مان ڊاڪٽرن کان معافي گهرندس.

شام جو ڄام ساقيءَ جي هڪ دوست (نالو ياد نه اٿم) اچي ٻڌايو ته ڄام، يوسف ٽالپر وٽ ويٺل آهي، توهانکي سڏيو اٿس، يوسف ٽالپر ۽ عاشق جتوئي، خاص ڪري يوسف ٽالپر، مونکي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ ڪيترا دفعا چيو هو، پر ڪيڏانهن وڃڻ جي عادت نه هئڻ ڪري، نه ويو هوس. اڄ ڄام جو نياپو مليو ته، يڪدم نقويءَ کي ساڻ ڪري آءِ ڪلاس ۾ ويس. يوسف ٽالپر، عاشق جتوئي، نبي بخش پرڱڙي ۽ ٻيا همراه اچي مليا. يوسف چيو: مس مس آيا آهيو. اهو به اسانجي ڪري نه، ڄام جي ڪري، مون مرڪي ڏنو.

اهو آءِ ڪلاس آهوني آهي، جيڪو اڳ ۾ بي ڪلاس هو، ۴۸ ۾ مان، شاهنواز شاهه، ڪنهيو لال ۽ سردار علي شاهه ساڻ اتي رهيو هوس، پوءِ يوسف جکرائي ۽ اسرار سرڪي به آيا هئا.

۵۷ ۾ جڏهن گرفتار ٿي ساکي جيل ۾ آيو هوس، ته انهيءَ کي آءِ ڪلاس بڻايو ويو هو، ۽ اتي غوث بخش بزنجو ۽ سردار خير بخش مري رهيل هئا. پوءِ ولي خان کي به اتي رهايو ويو.

منهنجي ڏينهن ۾ ڇهه ڪوليون هيون پر جڏهن نعپ جي

ليڊرن لاءِ انهيءَ ڪي آءِ ڪلاس بڻايو ويو ته ڇهن ڪولين کي ڦيرائي اتيجڊ باٿ روم سان ٽي ڪوليون بڻايون ويون. ايئر ڪنڊيشن ۽ ڪارپيٽ وڌا ويا. (سنڌ وچ ڪانپوءِ جيل وارن نه چاڻ آهي ڪڏنهن ڪيا.) هاڻ اتي ڪو به آءِ ڪلاس جو قيدي ڪو نهي. نبي بخش پير ڳڙ ي ءَ کي بي ڪلاس آهي، يوسف ٽالپر ۽ عاشق جتوئيءَ کي سي ڪلاس آهي. يوسف ۽ عاشق هڪڙي ڪوليءَ ۾ رهن. هنن وٽ ڪتاب ڪونهن، ڪوليءَ ۾ پٽ تي فوم جا ٻه ڏايا سڌا ڳاد پلا پيل هئا، جن تي سمهن. هڪڙو ننڍو ريڊيو ۽ ڪئسٽون پيل هيون، جن مان ڪافي انگريزي ڪئسٽون هيون. يوسف پڇڻ تي ٻڌايو ته اهي عاشق جتوئيءَ جون آهن.
انهيءَ ڪوليءَ ۾ منهنجي هوندي سردار علي شاهه رهندو هو (کيس آءِ ڪلاس هو). ۽ خبر پيم ته انهيءَ ڪوليءَ ۾، ڪنهن وقت ۾ خان عبدالغفار خان، جي. ايم سيد ۽ اڪبر بگٽي (مختلف وقتن ۾) به رهيو هو. ورانڊي ۾ ڪرسيون پيل هيون. اسان سڀئي آني اچي ويٺاسين. ڪافي دير تائين ڳالهيون ٻولهيون رهيون. يوسف جو چوڻ هو ته: ايم. آر. ڊي جي تحريڪ ضرور ڪامياب ويندي. چار کي ڏٺم ته هُن بينظير ڀٽو جي ڏاڍي تعريف پئي ڪئي. ۽ هو به ايم. آر. ڊي جي تحريڪ جو حمائتي هو. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ مون موڪلايو، يوسف ۽ عاشق وارڊ جي دروازي تائين ڇڏڻ آيا. چار به مون سان گڏ نڪتو. ڪاڻ موڪلائي موٽڻ لڳاسين ته واٽ تي خبر پئي ته نارا جيل مان پائيٽ اليهه سياسي

قيدي ـهن جيل ۾ آيا آهن. شاهنواز جوڻيجو به آيو آهي، اسپيشل وارڊ ۾ (چام ۽ رفيق صفي سان گڏ) رهيو آهي. مون چام کي چيو ته جوڻيجي صاحب کي منهنجا سلام ڏجانءِ ۽ ڪيس پڇجانءِ ته: طارق چيو آهي ته مون سان اچي رهو.

اتي اها ڳالهه به ٻڌيسين ته احمد علي سومرو ۽ امين پنجن ڇهن ڪن مهينن کان جيل موڪلين ٿا. نقويءَ سان ڳالهه ڪيم ته ڏاڍو پريشان ٿيو. نقويءَ چيو ته: مان ۽ امين خٽڪ به احمدعلي سومري سان گڏ ڪراچيءَ مان آيا هئاسين، پڪ اسانکي به ساڻس گڏ اماڻيندا. امين کي پرواهه نه هئي. پر نقوي ڏاڍو پريشان هو. زال کي به انهيءَ وقت خط لکيائين ته تون هن دفعي نه اچجان، مونکي شايد گڏ اماڻين.

۹-۱-۸۴

صبح جو اڃا ننڊ مان اٿيو هوس ته شاهنواز خان جوڻيجو اچي ويو. ڏاڍي قرب سان ڀاڪر پائي مليو. محب شاهه کي چيائين ٻاهر اسين (چئي) هڪ ٻئي کي سڃاڻون ڪونه. جيل ۾ ملندا آهيون. ٻڌائين ته اوڪاش شيخ ۽ ٻيا ڪن پوليس وارن سان گڏ نارا جيل تي آيو هو. چيائين، هلو اسان وٽ هلو، مون هٿ ملائڻ لاءِ هٿ وڌايو ته: چيائين، دوست آهيون، گلي نه ملون. چيومانس: تون چوين ٿو ته ملان ٿو. پوءِ چيائين: منهنجو دوست طارق اشرف آتي آهي، تون به هلي ساڻس اسپتال جي مٿين حصي ۾ رهه. مون ٻئي لاءِ پڇيو. جڏهن خبر پئي ته رفيق هتي اسپيشل وارڊ ۾ ’بند‘ آهي، ۽ ساڻس

چام ساقي به رهيل آهي ته آءٌ به اسپيشل وارڊ ۾ رهندس.
مونکي ٻڌائين: اوهين ته جيل ۾ آزاد آهيو. رفيق بند آهي.
رفيق ڪراچي جي جيل ۾ مون سان ساڍا ڏهه مهينا گڏ هو.
ڪجهه ڏينهن هن سان رهندس، پوءِ توهان وٽ ايندس.
سپرنٽنڊنٽ مون کان پڇيو: طارق آتي به ضرور لکندو هوندو؟
چيم: ضرور لکندو هوندو. هو ڪنهنکي ڇڏيندو آهي؟
رفيق صفيءَ سان منهنجي پراڻي ڄاڻ سڃاڻ آهي. جڏهن مان يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس، رفيق انهن ڏينهن ۾ اوڀر پاڪستان (بنگلاديش) جي مشهور اخبار 'هالي ڊي' جو نمائندو هو، ۽ ڏاڍو سٺو مقرر پڻ هو. جيل ۾ هن ايل-ايل-بي ۽ اديب (سنڌي) جو امتحان پاس ڪيو آهي. اديب جي امتحان ۾ ته گولڊ ميڊل به کنيو اٿس. انجنير آهي، ٻاهران جي ڊگري اٿس. اڳ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو، ڪراچيءَ ۾ K.E.S.C ۾ انجنيئر ٿيو ۽ آفيسرس ايسوسيئشن جو جنرل سيڪريٽري پڻ هو. ڪيس ۱۴ سال جي سزا لڳل آهي. هاڻ جيل مان پولٽيڪل سائنس جو ايم-آءِ فائينل جو امتحان ڏي ٿو.
اسانجو پراڻو ساٿي شفقت شاهه به ناري جيل مان آيو آهي. في الحال هيٺ اسپتال ۾ رهيو آهي، شايد هڪ ٻن ڏينهن ۾ مٿي اچي.

۲۰-۱-۸۴

صبح جو ڇهين لاءِ ٻي سو چيم ته شاهنواز خان ۽ چام اچي ويا. چام چيو ته، هفتي ۾ هڪڙي ڏينهن وارڊ مان ٻاهر

نڪرڻ جي اجازت ملي آهي. پر مان ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان نڪرندو اچان. شاهنواز خان ڪجهه دير ويهي موڪلايو. مان ڪيس هيٺ ڇڏي ڄام وٽ موٽي آيس.

ڄام سان اڄ ڪافي دير ڪچهري ٿي. ڄام ٻڌايو ته ۴- مارچ ۱۹۶۹ (سال صحيح ياد نه اٿم) وارو جلوس تلڪ چاڙهي وٽان مُڙي اسٽيشن روڊ تي اچڻو هو، پر هڪ سازش تحت جلوس جو رستو مٽائي سٽي ڪاليج ڏانهن رخ ڪيو ويو. ۽ آتي وڏو سنڌي مهاجر فساد ٿيو. انهيءَ جهيڙي جي نتيجي ۾ نواب مظفر حسن مهاجرن جو مقبول ليڊر بڻجي سامهون آيو ۽ پوءِ سيٽ به کٽيو. جلوس جو رستو مٽائڻ جو اهو ئي مقصد هو.

ٻوليءَ وارا هنگاما به اسڪيم جي تحت ڪرايا ويا هئا. چاڪاڻ ته اڳيان هلي پي-اين-آءِ کي وجود ۾ اچڻو هو ۽ سنڌ ۾ هلچل کي ڪامياب ڪرائڻو هو. ڄام سنڌ جي هڪ ممتاز علمي شخصيت جي لاءِ ٻڌايو ته: انهيءَ لاءِ مون وٽ پورو ثبوت آهي ته اها شخصيت آمريڪي سي-آءِ-جي ايجنٽ آهي.

سن جي هڪ سيد، شاهجان شاهه اڄ پرسان واري ڪمري ۾ هڪ وڏي پارٽي ڪئي آهي. گهڻن همراهن کي دعوت آهي (مونکي نه). شاهنواز خان، يوسف ٽالپر ۽ عاشق حسين جتوئي به آيا هئا. نقوي ۽ پين سان ويٺي تاش ڪيم جو شاهنواز خان آيو، مونکي چيائين: سائين اوهانجا مهمان آيا آهن، مون ڪنڌ ڪڍي ڏٺو ته يوسف ٽالپر ۽ عاشق جتوئي

هئا. يوسف ٽالپر موکي چيو: سائين، جيڪڏهن اوهان وٽ مهمان نہ هجن تہ هلو اسان سان.

مان سائس گڏ يوسف وارن جي وارڊ ۾ ويس. رستي ۾ شاهنواز خان فدا ڏيري سان تعارف ڪرايو. فدا ڪان موڪلائي اڳتي وڌياسين تہ شاهنواز خان پڇيو: اوهانجي دوستي فيروز سان اڄا آهي؟ چيم: نہ هاڻ ڪانهي. چيائين: جيڪي گهٽو پاڻيو آهي، آهي بي قدرا نڪرندا آهن. مون بہ فدا کي گهٽو پاڻيو، پڻ ڪان بہ وڌيڪ، پر هو اکيون ڦيري ويو.

يوسف وارن جي وارڊ ۾ جام اڳ ۾ ئي ويٺو هو. عادت مطابق ڪنڌ تي چمي ڏنائين. موکي مغل جي ڳالهہ ياد آئي تہ: 'جام کي ڪنهن خاص مالهوءَ کي چمي ڏيڻي هوندي، تنهنڪري سيني کي تو ڏي تہ جيئن ڀڪڙ جي نہ.' پر هاڻ تہ ورهين ڪان جام اِها عادت بڻائي ورتي آهي.

يوسف وٽ ڳالهہ نڪتي تہ جتوئي جي بيان جي هڪ حصي جي تعريف ۾ عطاالرحمان، عالم شاهہ ۽ الاهي بخش وارن صحيحيون ڪيون آهن. يوسف ٽالپر صحيح ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو آهي جوڻيجي صاحب چيو: اِها ڳالهہ چڱي نہ ٿي آهي. هاڻ تہ انهيءَ ڳالهہ کي ختم ڪرڻ گهرجي.

چڱو، خط ڪافي ڏکوٽي ويو آهي. باقي ڳالهيون پڻ خط ۾. تو لکيو هو تہ توکي افراز جي شڪل بہ ياد نہ رهي هوندي. افراز جي شڪل پڻ ۽ فيفي جهڙي آهي، انهيءَ ڪري ياد اٿم. باد شاهہ پنهنجي عمر ڪان وڏو ٿو لڳي. رنگ جو بہ اڇو آهي، نڪ ۽ چپ ٿلها اٿس، پوءِ بہ سلو

لڳي ٿو، بلڪل ائين جيئن ڪير جي ذهن تي ٿلهن ۽ سهڻن ٻارن جون تصويرون هونديون آهن.
دائود خان ڪونهي، تنهنڪري هاڻ ڪنهنجي هٿان گوشت ۽ پاچيون موڪلئيون پونديون، ڇاڪاڻ ته هن جو روز گوشت، ڪير ۽ پاچيون وغيره ايندڙيون هيون. هاڻ ته گهران گهرائڻيون پونديون. مونکان سواءِ رکو شفقت شاهه حيدرآباد جو آهي، نه ته ٻيا هڙ ئي ٻاهر جا آهن.
ادي، مغل، پاپي، آپا، ادا ظهير، ظهور، مقصود، ادا نثار، ادا آفتاب، چاچا صالو ۽ دانيال کي سلام.
فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

۸۴-۱-۲

عزيز طارق

اسلام عليڪم.

صبح جو هڪڙو خط روانو ڪري چڪي آهيان. هن وقت چار ٿيا آهن. اوهانجي شنوائيءَ تي جيڪي ويا هئا، سي اچا آيا ڪونه، جو پتو پوي. ٻارهين ڌاري گڏو فون ڪري ٻڌايو ته ادا ڪونه آيو آهي انهيءَ وقت کان پريشان آهيان، ته نه ڄاڻ اوهان ڇو نه آيا. چئين وڳي کان پوءِ فوزيه کي فون ڪري پڇيم، هن ٻڌايو ته زاهد ويو هو. ادا آيو هو، زاهد ٻڌايو ته ادا ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهي، بس، اهو ٻڌندي ئي اڇي روئڻ شروع ٿيو. رات فوزيه ٻڌايو هو دائود خان آزاد ٿي ويو آهي. رات کان اهو فڪر اٿم ته هاڻ ماني ٽڪيءَ جو ڇا ٿيندو. اوهانکي ته هاڻ ڏاڍي تڪليف ٿيندي هوندي. دائود خان پنهنجي ٿي ـ وي ته کڻي ويو هوندو.

اڄ انور عباس نقويءَ جي گهر ڪراچي فون ڪئي هئم. سندس زال سان ڳالهه ٿي. هن اوهانجي به خبر چار پڇي ۽ پوءِ پڇيائين ته: اوهين پنهنجي مڙس سان ملڻ نه ويندا آهيو ڇا؟ چيم: اسان وٽ اهڙو رواج ڪونهي. وڌيڪ ڳالهه نه ٿي سگهي جو فون اڌ ۾ ڪٽجي ويئي.

ڪمشنر لوڌيءَ کي ٻه ٽي دفعا فون ڪيم، پر لڳي ٿو هو پاڻ ڳالهائڻ ڪونه ٿو چاهي. ادا مغل کي ڪجهه

ڏينهن کان فون ڏڪانڻ ڪٿي اٿم. شيخ علي محمد کي فون ڪئي هئم، پر هو ڪونه هو. سڀاڻي وري ڪندس.

في الحال اجازت.

سڀني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي

شمس

٢٣-١-٨٤

پياري شمس

اسلام عليڪم.

اميد ته خوش هوندين. اهو چڱو ٿيو جو ضمانت جي درخواست مغل ڏني. لوڏيءَ کي هاڻ ڇڏي ڏي. خدا ڪندو ڪم ٿي ويندو. دائود خان جي وڃڻ ڪري اسانکي ڪا خاص تڪليف نه ٿي آهي.

صبح سان جوڻيجو صاحب آيو. روز وانگر چيومانس ته: اچي اسان سان رهو. چيائين ته: جيڪو ماڻهو مصيبت ۾ هجي، اڳ ۾ هنجو ساٿ ڏجي. ائين به مان ڪوشش ڪريان پيو ته ڪراچي بدلي ڪرائي وڃان. اوهين به ڪراچي هلو مون سان. چيم: مجبوري آهي. گهر هتي اٿم، ڪيس به اتي اٿم. ڪراچي وڃڻ سان خرچ به وڌي ويندو. ۽ بي ڪلاس به ڪونه اٿم، شنوائيءَ تي ڪراچيءَ مان آڻيندا ته ڏاڍي تڪليف ٿيندي. جوڻيجي صاحب چيو: پوءِ هلي هتي اسان سان رهو. چيم: ڏسندا سين.

جوڻيجو صاحب آيو ته مان کين ڇڏڻ لاءِ هيٺ لٿس. ارشاد به گڏ هو. جوڻيجي صاحب چيو: هلو ته توهان کي گهمائي اچان. ارشاد آفيسن ڏانهن موڪلايو، جوڻيجو صاحب مونکي پانهن کان وٺي سڌو اسپيشل وارڊ وٺي هليو. سڀڪنهن کي نٿي وڃڻ ڏنائون، پر جوڻيجي صاحب جي ڪري مونکي ڪجهه.

نہ ڇپائون. اندر رفيق کي سڏ ڪري ڇپائين : ڏس اڄ ڪنهنکي وٺي آيو آهيان. رفيق سان آخري ملاقات ٻيرهن چوڏهن سال اڳ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾ ٿي هئي. رفيق ۾ ڪهڙو فرق ڪو نہ آيو آهي ، البت گنجو ٿي ويو آهي .

اتي محب شاهہ جي جانچ وارو انور شاهہ بہ مليو ۽ وري مولانا جاويد نعمانيءَ سان ملاقات ٿي. خبر پئي تہ پي-پي جو ڪارڪن آهي. ڪيس فرنڪفورٽ مان انٽرپول گرفتار ڪري پاڪستان موڪليو آهي. پهرين ڪراچي ۾ هو، پوءِ سکر جيل ۽ هاڻ حيدرآباد ۾. ڪيس مار يو ڪٽيو بہ ڏاڍو اٿن. البت رفيق کي مار ڪٽ نہ ڪئي اٿن.

رفيق بہ سکر جيل ۾ هو، پر مختلف الزام هيٺ ڪيس ڏ-نومبر ١٩٨٣ع تي (مولانا سان گڏ) حيدرآباد بند ڪري (١) موڪليائون. پر جڏهن جيل ۾ سياسي قيدي وڌيا تہ هنن جي دباءَ تحت هنن ٻنهين کي بند وارڊ مان ڪڍي ڪورٽ وارڊ اماليائون. پر جڏهن جيل ۾ ٽيٽر ڪيس وارو واقعو ٿيو تہ، انهيءَ واقعي جي آڙ وٺي جيل وارن وري ٻنهين کي بند ڪري ڇڏيو. آءِ-جي جي حڪم تي ڏندا بيڙيون بہ هٽي ڇڏ يائون .

رفيق ٻڌايو تہ : جڏهن اهي بند وارڊ جي ڪولين ۾ ويا تہ ڪوٺين ۾ رکيل (ٺڪر جي) پائين ۾ اڳ ئي گونهہ پيل

---

(١) معني تہ بند وارڊ ۾ رهندو .

هو. ڀنگي ٿي ڏينهن کان اڳ اڇوتڪو نه هو. ياد، انهيءَ ڏيپ ۾ رهجي، يا پائيون پاڻ صاف ڪجن، هن پائيون صاف ڪرڻ لاءِ ڪنيون. رفيق ته پنهنجي پاٽ جلدي صاف ڪري آيو، پر مولانا نعماني ڏاڍا پيڙيءَ سبب هلي نه پئي سگهيو، بند وارڊ جي هڪ قيدي ماڪوڙي کي ڪيس ڏنو ته. چيائين: مولانا اِها بات سني ناهين هي، تم ڀنگيون ڪا ڪام مت ڪرو. مولانا چيس: ڀنگي ڀي انسان هين. ماڪوڙي چيو: پر يه آنڪا ڪام هي. مولانا چيس: ڀئي، ڪام سي ڪيا فرق پڙتا هي. ماڪوڙي چيو: يه ڪام انڪا هي، تم مت ڪرو. ماڪوڙي کي شايد اهو ڊپ هو ته اڄ مولانا پاٽ صاف ڪئي آهي. سڀاڻي متان ڪيس به صاف ڪرڻا پوي. مولانا گهڻو ئي سمجهايس، پر ماڪوڙو مطمئن نه ٿيو.

بند وارڊ ۾ رکيو به ڪمبل ملول هئا (سياري ۾) وڇائڻ لاءِ به آهي، اوڍڻ لاءِ بس آهي. روز رکيو دال ملندي هئي. هڪ ته هر شيءِ ۾، جيل ۾ پهچڻ کان اڳ ئي بدمعاشي ٿيو وڃي. وري ماڙيءَ جي در کان بورچي خاني تائين ڦُرلُٽ. رفيق چيو: مونکي دال بلڪل نه وڻي، پر دل کي تسلي ڏنم ته هن ۾ پروٽين آهي. دال نه هئي، دال جو سوپ هئي. هن ۾ ڪا خرابي ڪانه هئي. دل ۽ دماغ کي گهڻوئي سمجهايم، پر پيٽ ڪاٿي قبول ڪانه ڪئي، ۽ خراب ٿي پيو. دراصل دال کي گهاٽو ڪرڻ لاءِ جيل وارا اٽو ملائيندا آهن. وڏي مصيبت ته اِها آهي جو ايتري ڦُرمار ڪرڻ پر به جيڪا دال بند وارڊ جي اندر پهچندي هئي، ڊيوڊيءَ

تي موجود پوليس وارا انهيءَ جي مٿان گيهه لاهي وٺندا هئا. مٿيون پاڻي بند وارڊ وارن کي ڏيندا هئا، چڻن جي دال، جيڪا هميشه ٿري ۾ رهجي ويندي هئي، اٽا به پاڻ کائي ويندا هئا.

انور شاهه ٻڌايو ته ڪڏهن اتفاق سان ڪوليءَ ۾ ڪنهن ماڪوڙيءَ کي کنڊ جو داڻو کڻي ويندو ڏسبو هو ته اهو انهيءَ کان ڦري کائي ڇڏبو هو. ۽ بند وارڊ ۾ انهيءَ کنڊ جي داڻي مان جيڪو مزو ملندو هو، انهيءَ جو ڪو جواب ڪونهي.

رفيق ٻڌايو ته بند وارڊ ۾ سڄو ڏينهن ڳالهائڻ جي اجازت نه هوندي هئي. رات جو ڪو پوليس وارو جيڪڏهن چڱو هوندو هو ته هڪ ٻئي سان رڙيون ڪري حال احوال وٺبو هو. هن اهو به ٻڌايو ته ڪجهه مهينا اڳ بند وارڊ ۾ هڪڙو قيدي آيو، هن رات جو زور سان سڏ ڪري ٻڌايو ته: طارق اشرف توکي سلام چيا آهن. ڏاڍو حيران ٿيس ته طارق هنکي ڪٿي مليو. پوءِ هن ٻڌايو ته طارق گرفتار ٿيل آهي، سٺي ٽائي جي لاڪ اپ ۾ مليو هو.

رفيق هڪ هندو کيمچند لاءِ ٻڌايو ته: جيل وارن کي خبر پئي هو پئسي وارو آهي، کانئس پئسا ڇڏائڻ لاءِ، ڦاسائڻ جو چڪر هلايون. هن کي سپاهيءَ چيو ته: سپرنٽينڊنٽ اچي ته کيس چئجان ته: مونکي ڪلرڪ ڪري رکو، مان پڙهيل لکيل ماڻهو آهيان. جڏهن سپرنٽينڊنٽ اوڪاڻ آيو، ۽ هن وٽان مٿي اڳيان وڌيو ته هن چيو: مهرباني ڪري مونکي

ڪلرڪ ڪري رکو، (چوڻ منشي گهربو هوس) مان پڙهيل آهيان. سپر نٽنڊنٽ ڪيس ڏنو ۽ چيائين: توکي ڪلرڪ ڪري رکان. هن چيو: ها. پنهنجي اسٽاف کي چيائين: هنکي بند ڪريو.

هنکي يڪدم بند وارڊ موڪليائون. ڪانس سڄي بند وارڊ جي صفائي ڪرائيندا هئا. هو اهڙو مڙس ماڻهو هو (لڱندو به پروچ هو) جو چيائين ته: جيڪو وٺي سو ڪريو، ٽڪو به نه ڏيندس. جيل وارن جڏهن ڏٺو ته اها به پئسا نٿو ڏي ته ڏنڊا پيڙي هنيائونس، ۽ وڏيڪ سخت ڪم وٺڻ لڳا. پر هو اهڙو مڙس ماڻهو هوجو وري به ڪم ڪندو رهيو، پر پئسن کان انڪار. ۽ پوءِ پير پاڳاري جي سفارش تي بند وارڊ مان جند ڇٽس.

رفيق ٻڌايو ته نه فقط بي ڪلاس، بلڪ سي ڪلاس وارن قيدين کي به وهنجڻ ۽ ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ جيل وارن کي صابڻ ڏيڻو آهي. پر جيل وارا ڪونه ڏين. اهڙيءَ ريت به رو پيا روز هڪ قيديءَ تان جيل وارن کي بچن. مون جيل ۾ جيڪا ڪرپشن ڏٺي آهي، انهيءَ جي ڳالهه ئي نه پڇو، پر ڪير هنن کان حساب وٺي.

ابتري ۾ آتي عالم شاهه، موسيٰ، علي محمد سومرو به اچي ويا. مولانا نعمانيءَ ٻڌايو ته هتي ته اسين پوليس واري سان سڌي منهن ڳالهايون ڪونه. بند وارڊ ۾ 'محترم پوليس وارا' ۽ 'صاحب' ڪري مخاطب ٿيڻو پوندو هو.

ڪجهه دير ڪانپوڙ مان موٽي آيس. واٽ تي مشتاق مگريي

ٻڌايو ته اوهانجي ملاقات آئي آهي. عبدالله ملاح، پير معظم ۽ ارشاد به ملي ويا، انهن کي وٺي ملاقاتي ڪمري ۾ آيس. دانيال ۽ مقصود آيا هئا. ارشاد پير معظم کي دانيال ڏيکاري ٻڌايو ته: هي طارق جو پٽ آهي. ٻاڄيون ۽ گوشت ڪٺي آيا هئا. پير معظم وچي ماڙيءَ تان وٺي آيو. سامان مون اسپتال موڪليو ۽ مان پير معظم ۽ عبدالله سان گڏ پنهنجي پراڻي ساٿي هاشم سان ملڻ ڪاري فئڪٽريءَ ويس. هاشم ڏنو ته ڏاڍو خوش ٿيو، سڀني کي چانهن پياريائين.

٨٤-١-٢٤

صبح جي حاضري پرڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان. دائود خان هاڻ ڪونهي، تنهنڪري هاڻ امانوت ڪيڪ ختم ٿي ويا آهن، هاڻ ناشتو ڊبل روٽي ۽ بيدن سان ڪريون. نقوي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي ته امان سان اچي رهي. پر جيل وارا امانجي ڪري هتي نٿا موڪلين، پر مون چيو آهي ته مونکي نقويءَ جي اچڻ تي ڪوبه اعتراض ڪونهي. هن وقت شفقت شاهه شڙڪ شڙڪ ڪري ويٺو چانهن پئي. ميرمحمد شاهه شيو پيو ڪري. هنکي هر روز اهو آسرو هوندو آهي ته اڄ ضرور ڇٽي ويندس. ميرمحمد شاهه اهڙو پريشان آهي جو ڪو وڏي سزا وارو به ايترو پريشان نه ٿيندو هوندو. شاهنواز خان اڃا آيو ڪونهي، بس اچڻ وارو هوندو.

شاهنواز خان اڄ دير سان آيو، ۽ ٿوري دير ويهي موڪلائي ويو. سپرنٽنڊنٽ اڄ محب شاهه کي سڏائي ڌمڪي ڏني ته: ڇهن ڏينهن جي اندر سڌري وڃ، ڊاڪٽر عنايت تنهنجي

شڪايت ڪئي آهي. محب شاهه اُنان موٽي ڊاڪٽر عنايت وٽ ويو. ڊاڪٽر عنايت دراصل چمچي قسم جو ماڻهو آهي. پَرَ پُٺ ڪلائون ڪري، ۽ منهن تي سياسي قيدين جي چمچاگيري ڪري. مونکي ڏٺو ڪونه وٽي، ڊاڪٽر پاٽولي يا ڊاڪٽر امداد هوندا آهن ته مان وٽن ويندو آهيان، هيءَ هوندو آهي ته مان ڪونه وڃان. هڪ ڏينهن مونکي سندس آفيس جي سامهون لنگهندي ڏٺائون ته سڏيائين. مان ويس ته شڪايت ڪيائين ته: مون وٽ ڪڏهن اچو به ڪونه ٿا. وري مونکي چيائين: هتي اسپتال ۾ به مون سپرنٽنڊنٽ کي چئي اوهانکي رکرايو آهي. مون چيومانس ته: معاف ڪجو، مونکي آءِ جي موڪليو آهي. اوهان نه.

سو محب شاهه جي به ڏاڍي چمچاگيري ڪيائين ۽ چيائين ته: مون وٽ اسٽور ۾ ڪم ڪر، سکيو رهندين. محب شاهه چيس ته: سوچيندس. ٻنپهرن جو محب شاهه ڊاڪٽر فضل جي چنبپتي ته: تون رڳو پاڻ وڏائي لاءِ ڊاڪٽر عنايت جي چمچاگيري ڪرين ٿو، ۽ منهنجي خلاف ڀڙڪايائين ٿو.

اڄ ٻنپهرن جي ماني کائي محب شاهه ٿاليءَ ۾ ڏيئي هٿ ڌوئڻ لڳو. مون چيومانس: ڊپ انهيءَ ڏينهن کان ٿو لڳي، جڏهن تون ديڳڙي ۾ پير ڌوئيندين. امين خٽڪ ڳالهه سمجهيو ڪونه هو، ٻر کلڻ لڳو. مون چيومانس ته: ڳالهه سمجهي ته ڪانهي، کلين ڇو ٿو؟ نقويءَ چيو: هيءَ سدائين اهڙين ڳالهين تي کلندو آهي، جيڪي سمجهندو ڪونهي.

اڄ نقوي ٽپهريءَ جو اسپتال جو پوئون حصو گهمائڻ وٺي هليو.

پوئين پاسي ٿي ڪوليون هيون، جنهن جي چئني پاسي ورانڊو آهي.
نقوي چيو: ڏسو هي جهڙو بنگلو، هتي رهڻ ڏين ته ڏاڍو
مزو اچي.

اڳيان هڪ بيرڪ هئي، جنهن جي چئني پاسي ورانڊو هو.
بر پوري ورانڊي کي چئني پاسي لوهي سيخون لڳل هيون.
انهيءَ ۾ ڇهن پيڙي (١) وارا رهندا آهن. انهيءَ جي اڳيان
ڪجهه ڪوٺڙيون هيون، جن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻي وارا رهندا
هئا. انهيءَ کان اڳيان لوهي پڃري وانگر ڪوليون هيون،
جن ۾ تالا لڳل هئا. انهيءَ ۾ ڪنهن وقت ۾ ڪوڙهي رهندا هئا.
انهيءَ ڪانپوره اسين پيٽ جو پاسو ورتي، اچي فئڪٽريءَ
جي پليان پهچي وياسين.

رستي ۾ نقويءَ ٻڌايو ته سند س هڪ برداشتيءَ کي ٢٥ سال
سزا لڳي. برداشتيءَ چيو ته: سوال ٿي پيدا نٿو ٿئي جو مان
١٠ سال (باقي سال معافي ملندي) جيل ۾ رهان. هن لوهارخاني
۾ پنهنجو ڪم لڳرايو. ۽ جڏهن آتي ڪافي وقت ٿي ويس،
۽ چاڻ سڃاڻ پيدا ڪري ويو ته هن هڪ لوهي بار (Bar) ٺاهي.
هن اهو پروگرام ٺاهيو ته ڪنهن ڏينهن پنجين ساڍي پنجين
جمڪڏ هن زبردست مينهن پئجي ويو ته انهيءَ وقت جيل

(١) جنکي ننڍي سزا لڳل هوندي آهي، انهن کي پيرن ۾
زنجير وجهي ڇڏيندا آهن، آهي جيل جي ٻاهرين حصي ۾
ڪم ڪندا آهن. ۽ ڇهن پيڙي هنن کي هر وقت لڳل
هوندي آهي. انهن زنجيرن جي ڪڙن جي ڪري قيدين جا
پير ڦٽجي پوندا آهن.

مان بچڻ جي ڪوشش ڪئي.
هن آڻا بار، جيل جي ٻاهرين پٽ پرسان اهڙي هنڌ زمين ۾ ٻوري ڇڏي، جتان پٽ ڪجهه ڪمزور هئي. هنجو چوڻ هو ته پنجين وڳي ڪن سيڻي قيدي ڪم تان موٽندا آهن، انهيءَ وقت هرڪو پنهنجي پٺي ۾ هنڌ ٽپڙ جي پٺيان هوندو آهي. ڪنهن کي به ڪنهنجو خيال نه رهندو آهي، انهيءَ وقت جيڪڏهن زور سان مينهن پيو ته سپاهي به مينهن کان بچڻ لاءِ اندر ڀڄندا. ۽ مينهن جي ڪري ٻُر جن تي بيٺل سپاهين کي ٻري جي ڪاشيءِ چٽي ڏسڻ ۾ نه ايندي ۽ جيڪڏهن هو ڏسي گولي هڻندا، ته به گولي مينهن جي ڪري سڌي نه ايندي. ۽ اڻين به ٻُرجن وارا خود مينهن کان بچڻ لاءِ هيٺين حصي ۾ هليا ويندا آهن.
پر ٿيو اهو جو سچو سال، اهڙي وقت تي مينهن پيو ئي ڪونه. ۽ سندس اپيل ۾ سزا به گهٽجي اڌ رهجي ويئي، تهنڪري هن اراده مٿائي ڇڏيو.
اسين وري ڦري ڪاري چڪر ڏانهن وياسين. وات تي هڪ اڪيلي ڪولي هئي. انهيءَ کي مردا ڪولي چون. جيڪڏهن ڪنهن ڦاسي واري جا مائٽ لاش ڪڻڻ نه اچن، يا دير ڪيو ڇڏين ته لاش کي انهيءَ ڪوليءَ ۾ رکن، يا ڪو بي وارث لاش هوندو آهي ته آهو به دفن ڪرڻ تائين آتي پيو هوندو آهي. عجيب وحشت هئي انهيءَ ڪوليءَ ۾.
ڪاري چڪر جي پٺيان ئي، ڪاري فئڪٽري جي پٺيان وياسين، ۽ پوءِ وٽ ڪاڏ يسين. اتر اوير ڪنڊ واري

ٻرجيءَ وٽان لنگهياسين ته مون آواز ڏئي مٿي بيٺل سپاهيءَ کي چيو: ٻرجي ته صفا پڇي پئي آهي، مٿان ڪيري نه پوين. چيائين: اڃا چار پنج سال هلي ويندي. نقوي رڙ ڪري پڇيس: پلا اتي وهڻ جي به ڪا جاءِ آهي. چيائين: نه، پورو وقت بيهڻو ٿو پوي. ويهون ته چيڪنگ ڪرڻ وارا اعتراض ڪن ٿا. وڏي مصيبت ۾ آهيون. مون چيو: رڳو انهيءَ خوشفهميءَ ۾ آهيو ته آزاد آهيون. کلڻ لڳو. نقويءَ چيو: ٻاهر ڪا رونق آهي؟ خواجه ڪالونيءَ ڏانهن ڏسندي چيائين: واهه جي رونق آهي.

وات تي ارشاد مليو، چيائين: اڄ اوهان جالدي لهي آيا. سان ته مٿي اوهان وٽ ويو هوس. پوءِ اسين آفيسن وٽ پهتاسين. فيض محمد ابڙو، زانغي ۽ ٻيا آزاد ٿي رهيا هئي، انهيءَ ڪري رش هئي. فيض محمد ابڙي سان اسانجو پراڻو رستو آهي. هيءُ به ناراڻي جيل مان بدلي ٿي آيو هو، مون سان هڪ دفعي مانڻ آيو هو، پر وري نه ڏٺو.

پير معظم وارن کي شنوائيءَ تي دادو سڏايو هو، آهي سڀئي دادو وڃي رهيا هئا.

نقوي ڪيترا دفعا سپرنٽنڊنٽ ۽ ڊپٽيءَ کي چيو هو، اسانوٽ رهڻ لاءِ، ڊپٽي اڄ ملڻ لاءِ چيو هوس. نقوي ڊپٽي وٽ ويو، مان ارشاد سان گڏ بيهي رهيس. شڪور عباسي، جيڪو سچو ڏينهن ڪيچن جا پيو چڪر ڪٽيندو آهي، سو به ڪچن کي ڇڏي آئي بيٺو هو. عالم شاهه، مولا بخش چانڊيو ۽ ابوبڪر به آئي هئا.

ٿوري دير ۾ نقوي خوش ٿي اچي ٻڌايو ته ڪيس اسانوٽ رهڻ جي اجازت ملي ويئي آهي.
نقوي اچي چڪر مان سامان ڪڍي ويو. مان اسپتال مان موٽي سڀ واٽ، ٿي ڊاڪٽر فضل مليو. چيائين ته: محب شاهه مون سان هرو ڀرو زياد تي ڪئي آهي. چيومانس ته: ٿون به هر ڳالهه ڊاڪٽر عنايت کي چو ٿو ٻڌائين.
اڄ نقوي اسانوٽ اچي ويو. دائودخان جي خالي ڪٽ (جيڪا اصل ۾ قاضي رشيد جي پٺسن سان ورتل هئي) محب شاهه ڪنئين، ۽ پنهنجي نقوي ء کي ڏنائين. نقوي اڄ ڇهن مهينن کانپوءِ ڪٽ تي ستو. نقوي چيو: ٻئرڪ ۾ ڇوڪرا منهنجو ڏاڍو خيال رکندا هئا. پر پوءِ به مان ڏاڍي عذاب منجهه هوس. آهي پاڻ ۾ وڙهندا ڏاڍو هئا. ۽ اڪثر اڌ رات تائين هڪ ڪنڌ وارو ٻئي ڪنڌ واري سان رڙيون ڪري ڳالهائيندو هو، تنهنڪري سمهي نه سگهيو هو. اڄ هتي آيو آهيان ته لڳي ٿو، اڌ سزا گهٽجي ويئي اٿم.
ڇگو پلا اجازت. اڄ ته تنهنجو خط ڪونه آيو. ڏسجي ڪڏهن ٿو اچي.
دانيال ۽ بين سيني کي سلام،
فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

٢٥-١-٨٤

پياري شمس،

اسلام عليڪم.

اڄ هڪڙو طويل خط موڪليو اٿم. تنهنجو خط اڄا نه پهتو آهي، بهرحال مان ته خط لکي رهيو آهيان.

ڪلهه مرغي گهرائي هئيسين. هتي جيل ۾ جيڪو دُڪان آهي، آتي ڪلهه پئسا ڏنا هئاسين، اڄ مرغي ملي. جيل نه ٿيو چڻ هوٽل ٿي.

ٻه ڏينهن اڳ، آفيسن وٽ بابو غلام حسين گڏجي ويو. مون ارشاد واري ڳالهه مذاق ۾ ڇڻي ماڻس ته: ٻڌو اٿم، اوهانجي گهر جي رڪل، مڇي ڏاڍي سٺي هوندي آهي. ڪلي چيائين: آزاد ٿيو ته کارائيندي. آزاد ٿيڻ کان اڳ ئي، اڄ ٻنپهرن جو ارشاد مڇي ۽ چانورن جي ماني کڻي آيو ته بابو غلام حسين ٿتي چٺي لکي موڪلي هئي، آتان آئي آهي، اوهانجي لاءِ موڪلي اٿس.

عالم شاهه پيٽ جي تڪليف ڪري هيٺ اسپتال ۾ رهيو هو. صبح جو اسانوٽ آيو. ٻڌايائين ته، سندس سوٽ، جيڪو سندس پيٽيو به آهي، سخت بيمار آهي. عالم شاهه کي ٻاهر اسپتال وڃڻو آهي. تنهنڪري هتان نيرن ڪري ماڙيءَ تي ويو، ٻر ٻارنهين وڳي ڪن شاهنواز خان آيو ته هن ٻڌايو ته گورنر جي اڊرڪ ڪري پوليس ڪانه آئي، تنهنڪري عالم

شاهه وٽي نه سگهيو. اهو به چيائين ته: ٻڌو اٿم ته ڊاڪٽر عالم شاهه جي ڀاءُ جي نالي چيو آهي ته ڪيس ڪنهن وقت ڇتي ڪتي ڪاٽو آهي. هنجو بروقت علاج نه ٿيو، هاڻ بچندو ڪونه. عالم شاهه وري آيو. هن ٻڌايو ته سندس سوٽ کي ته ياد ئي ڪونهي ته ڪو ڪتي ڪاٽو هوس، ٿي سگهي ٿو ننڍي هوندي ڪاٽو هجيس.

ٻنپهرن جو عطا آيو، گڏ ماني کاڌي سين. مان ستل هوس ته گوڙ تي اک کلي. خبر پئي ته هيٺ اسپتال ۾ سياسي قيدين کو جهيڙو ڪيو آهي. امين خٽڪ اتي موجود هو، جنهن وچي ڇڏايو. امين جا ڪپڙا به رت ۾ رنگجي پيا. پوءِ خبر پئي ته ٺٽي جا ڪي سياسي قيدي هئا، هڪ سيد شيدو شاهه ۽ ٻه ٻيا. هنن ڊاڪٽر فضل کي لونشا هڻي رت ۾ ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر فضل ڊپٽيءَ کي وڃي ٻڌايو. ۽ ڊپٽي خارجه ڪميٽيءَ کي گهرايو. عطاالرحمان پنهنجي طرفان ڊاڪٽر فضل کان معافي گهري، هن چيو ته هنن ڊاڪٽر فضل کي نه ماريو آهي، منهنجي وڏي ڀاءُ، پيءُ کي ماريو اٿن. وڏي نالائقي ڪئي اٿن.

شام جو عطا آيو، ٻڌايائين ته عالم شاهه جو ڀاءُ گذاري ويو آهي. مان، نقوي، مير محمد شاهه، شفقت شاهه ۽ محب شاهه عالم شاهه وٽ عذرخواهي لاءِ وياسين.

اڇي چڪر جي ساڳئي ٻئرڪ هئي، جتي اڳ ۾ هڪ رات رهيو هوس. عالم شاهه سان عذرخواهي ڪئيسين. مولا بخش چانڊيو، الاهي بخش قائم خاني ۽ ابوبڪر زرداري ويٺا هئا. پوءِ

يوسف ٽالپر ۽ عاشق جتوئي آيا، پوءِ زنگيجو آيو، ۽ پوءِ ماڻهو ايندا ۽ ويندا رهيا. عالم شاهه کي ڪوبمبئي بيڪريءَ جو ميڪرون ڪيڪ ڏئي ويو هو، هن آهو سامهون رکيو، پر ڪنهن به ڪونه کاڌو.

يوسف وارا اُٿيا ته امان به موڪلايو. البت محب شاهه اُتي ويٺو رهيو. ٻاهر نڪتاسين ته عوامي تحريڪ جا سمورا ماڻهو گڏجي عذرخواهي لاءِ آيا پئي. عبدالله ملاح ساڳي مرڪ ۽ قرب سان مليو.

ڇڪر جي وچ پهتس ته يوسف ٽالپر منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. مان وڏي وڇي مليس. ابو بڪر ۽ مولا بخش به هئا، سيئي سپرنٽنڊنٽ وٽ ويا ته جيئن ڪيس چئجي، ته هوم سيڪريٽريءَ کي چئي عالم شاهه کي پئرول تي هڪ ٻن ڏينهن لاءِ ڪيائجي.

اچي ڇڪر واري مين در وٽ پهتاسين ته بابو غلام حسين، اعجاز خواجه، ارشاد ۽ ٻئي جا ٻيا همراهه گڏيا. اهي سيئي انهيءَ سيد سڳوري وٽ ويا پئي، جنهن ڊاڪٽر فضل کي ماريو هو. مون بابو غلام حسين جو مڃيءَ لاءِ شڪريو ادا ڪيو.

ڇڪر مان نڪري مون يوسف وارن کان موڪلايو، ۽ مير محمد شاهه ۽ شفقت شاهه سان گڏ ڊاڪٽر فضل کي پڇڻ وياسين. ڊاڪٽر فضل جي ڪپڙن تي رت جا چٽا لڳل هئا، ۽ نڪ تي رت هائي پٽي ٻڌي پئي هئي. ٻڌايائين ته: هڪ دوا جي گهوڙي تي ماريو اٿن، جيڪا هئي ڪانه.

بئنڪ جو مئنيجر موتلائي به آئي هو، هن سان به مليس، ۽ ۽ پوءِ موٽي آياسين. ٿوري دير کانپوءِ نقوي به آيو، جيڪو عالم شاهه وٽان آئندي وقت پنهنجي پراڻن سائين سان ملي ويو هو. نقويءَ چيو ته علو هيٺ چڪربون ڏيون.

چڪر ڏيندي، هڪ عورت ڪلو جو ذڪر ڪيائين. جنهنجو هڪ واڻئي سان تعلق هو. نقويءَ جي پيءُ سندس مڙس کي چيو: توکي شرم نٿو اچي، تنهنجي زال جو لالا ڪشوري لال سان تعلق آهي. هوءَ سمورو وقت هن سان ٿي رهي. هن کلي چيو: زال ته لالا جي آهي، منهنجي ته معشوقه آهي. مونکي پاڻ تحفا آئي ڏي ٿي.

نقوي پي به هڪ مزيدار ڳالهه ٻڌائي ته عليگڙهه ۾، منهنجو پيءُ شراب پي رهيو هو، ۽ مڇي کائي رهيو هو. مڇي کائيندي اوچتو پڇيائين: هيءَ مڇي ڪٿي ٻنا چارن جي ته ڪانهي، (نقوي وارا شيعا آهن).

چڪر ڏيندي ارشاد به اچي ويو. هن ٻڌايو ته جنهن سيد صاحب ڊاڪٽر فضل کي ماريو هو، هن کي ٽتي جي سيني معزز ماڻهن، جيڪي رهتي آهن، سمجهايو. پر شاهه صاحب معافي گهرڻ ۾ پنهنجي بيعزتي سمجهي. (غلط ڪم ڪرڻ ۾ بيعزتي ڪونه سمجهائين، صحيح ڪم ۾ بيعزتي محسوس ٿيس.)

هاڻ رات جا سادا نو ٿي چڪا آهن. نقوي پٽ تي وڇيل جمل جي ڪمبل تي ليٽيو، مٿان سوڙ وجهيو ٿي سوي ڏسي

رهيو آهي. مير محمد شاهه ستو پيو آهي، افسوس ويچارو اڄ به نه چٽو. محب شاهه ڪٽ تي ليٽيو ٿي- وي پيو ڏسي. ۽ مان تنهنجي حضور ۾ حاضر آهيان.

٢٩-١-٨٤

صبح جي حاضري قبول ڪر. نيرن ڪائي تيار ٿي ويٺو آهيان. هاڻ انتظار ۾ آهيان ته سڏ ٿئي ته وڃان. اهو به فڪر اٿم ته نه ڄاڻ ڪهڙي پوليس ايندي، وري هٿڪڙيون هٿي خوار ڪندا.

مان انتظار ۾ ويٺو هوس ته هڪڙي پڪي قيدي اچي ٻڌايو، ته اوهين تيار هجو ته ڪچهري جي آفيس اچو. ارشاد به صبح مان اچي ويٺو آهي. سو هاڻ خط کي اتي ئي بند ڪريان ٿو. باقي احوال شنوائيءَ تان موٽي اچي ڏيندس. شنوائيءَ تي دوست ۽ مائٽ به ملندا ۽ تنهنجو خط به.

چڱو، ادي، مغل، آپا، ادا نثار، چاچا صالو، ظهير، ظهور، مقصود، آفتاب (پپو) زاهد ۽ دانيال کي سلام.
فيمي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

۸۴-۱-۲۵

عزيز طارق

اسلام عليڪم. هن وقت شام جا چار ٿيا آهن. آءٌ توهانجي خدمت ۾ حاضر ٿي آهيان، دانيال جي سالگره جا فوٽو مقصود کڻي آيو آهي، سڀاڻي اوهانجي شنوائي ٿي، تي موڪليندس.

اوهان لکيو آهي ته گهڻن ماڻهن جي اچڻ ڪري هاڻ اوهان آرام به ڪري نٿا سگهو. اها ته خراب ڳالهه ٿي، اوهانجي ڪرنگهي ۾ تڪليف آهي اوهانجي لاءِ ليٽڻ ضروري آهي. مهرباني ڪري پنهنجو هرو پرو جو اخلاق ڇڏيو، ڪجهه منهن جي پڪائي به سکو. تڪليف وڌي ويئي ته جيل ۾ علاج به نه ٿي سگهندو. شيخ صاحب جي طبيعت خراب آهي، مون گهر فون ڪري چيو ماڻس. چيائين: بابا مونکي ياڻ خيال آهي، اوهين فڪر نه ڪريو. توهان لاءِ سلام چيا آهن، ۽ اهو به چيائين ته ۽ مان ماڻس ملڻ جيل تي ويندس.

توهانکي گرفتار ٿئي اچي به مهينا ٿيا آهن مونکي اوهانجي وارن جو به ڏاڍو فڪر آهي، ڏايا وڌا ٿي ويا هوندا. پلا جيل ۾ حجام ڪونه ٿين ڇا. آخر پين جا وار به وڌا ٿين ٿا، آهي ڪنهن کان ٿا ڪٽائين.

توهانکي بصر، پٽاٽا ۽ دالين جي گهرج هجي ته لکجو.

رات چاچا وارن جي گهران آيس پي ته يڪدم پنهنجي ڪمري جي دريءَ تي نظر پئي. اوهين هوندا هئا ته لائيٽ

پئي برندي هئي. آئي ته اونداهه هئي، پوءِ ياد پيم ته اوهين ته جيل ۾ آهيو، سواءِ مايوسين جي ٻيو ڪجهه به ڪين مليو. اداس ته اڳئي هيس، خاموشي سان مٿي چڙهي آيس. ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ ليٽي پيس. خبر ناهي ڪيئن ٻيا ڏينهن ۽ راتيون گذرن. هن وقت منهنجي دل تي جيڪا گذري پئي، انهيءَ جي خبر مونکي ئي آهي. هاڻي ته دل ڏاڍي اداس آهي. ڪجهه به برداشت ڪرڻ جي طاقت ڪانهي، خبر ناهي ڪارا ڪڪر، جيڪي قسمت تي ڇانيل آهن، ڪڏهن هٽندا.
سچ طارق، آءٌ هاڻي ڏاڍي وياڪل ٿي پئي آهيان.
اڄ ادا فيروز فون ڪري مقصود کان اوهانجي خبرچار ورتي هئي. رات ادا ولي رام ولڀ جي گهر فون ڪئي هيم سندن والده جي طبيعت پڇڻ لاءِ. اوهانجي پاران به پڇيو مانءِ. ٻڌايائين ته ڏهه ڏينهن اسپتال ۾ هئاسين، انهيءَ ڪري طارق صاحب سان به ملاقات نه ٿي سگهي. ڊاڪٽر ته ابتدا ڏينهن ڪينسر ٿي چيو، پر هاڻ خبر پئي آهي ته ڦڦڙ ۽ جيرو خراب آهي (١).
او هانجي به خبر چار ورتائين ۽ گڏوگڏ منهنجي به تعريف ڪيائين. چيائين: توهان ڏاڍا همٿ وارا آهيو. مان توهانکي سلام ڪريان ٿو. مون چيو. ادا مون ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. مان بهادر بلڪل ڪانه آهيان. پر ويچاري منهنجي ڏاڍي تعريف ڪئي، جنهنجي مان بلڪل لائق ناهيان.

---

(١) پر پوءِ خبر پئي ته واقعي ڪينسر هو، ۽ پاڻ انهيءَ ۾ وفات ڪيائون.

ادي نذير ناز جي فون به آئي هئي. هن اوهانجي لاءِ پڇيو ته پلا ڇا ٿيو. پڏايو مانس ته: اڃا ڪجهه ڪونه ٿيو آهي. مونکي چيائين: ياچاڻي، ائين ڪجهه به ڪونه ٿيندو. تون سندس زال آهين، تون پاڻ ڇو نٿي ڪجهه ڪرين. چيومانس: آءٌ ڇا ٿي ڪري سگهان. ڪمشنر کي ڪيترا دفعا فون ڪيم، پر هو فون تي ملي ڪونه ٿو. چيائين: هن کي ڪيترائي ڪم آهن، هنکي ڪهڙي پئي آهي جو توسان فون تي ويهي ڳالهائي. تون پاڻ وڃي هن سان ڳالهائي. چيومانس: آءٌ ڪيئن ويندس، طارق اهڙي اجازت ڏيندو ڪونه. چيائين: انهيءَ ۾ ڇا آهي. جيتري تنهنجي ڪو پڌندو، پئي جي نه. تون پنهنجي پاڻ سان وڃي سچي ڳالهه ڪيس پڌاءِ ته منهنجي مڙس کي ناحق پڌو ائن. تون پاڻ .D.M.L.A سان مل. اخبارن جي ايڊيٽرن سان فون تي ڳالهائي. اخبارن ۾ پنهنجا بيان ڏي. اسانجي ڀيڻن سڳورين به پنهنجي پاڻ ۽ مڙسن لاءِ تقريرون ڪيون، جنگ جي ميدان ۾ به آيون. انهيءَ ۾ ڪا بُرائي ڪانهي، تون پاڻ پاهر نڪرندينءَ ته پاڻ انهيءَ سان سٺو اثر پوندو.

طارق، ڏسجي ته ادي ڳالهه واقعي صحيح ڪئي آهي. هاڻ جيڪڏهن تون اجازت ڏين ته مان ائين ڪريان. توکي آزاد ڪرائي تنهنجي اديب دوستن کي ڏيکاريندس ته ڏسو، جيڪو ڪم توهان مڙس نه ڪري سگهيا، سو مون ڪري ورتو.

مونکي سڀئي گهر وارا نا چون ته تون بزدل آهين، پر مان

انهن کي ڏ ٻڪارڻ ٿي گهران تہ مان ٻزدل نہ، بهادر آهيان.
ادا راشدي ٻہ فون ڪري اوهانجي خبرچار پڇي آهي.
چڱو هاڻ اجازت وٺان ٿي.
سڀني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي
شمس

٢٧-١-٨۴

پياري شمس،

اسلام عليڪم.

آميد ته ٺيڪ هوندين. ڪلهه شنوائيءَ تي آيو هوس ته توکي دانيال جي هٿان خط به موڪليو هوم. ادي نذير جي صلاح خراب ته ڪانهي. عورتون هرو ڀرو گهر ۾ ئي ڇو ويٺيون رهن، ۽ ٻين ڏانهن مدد لاءِ واجهائين. نقويءَ ٻڌايو ته: سندس زال هر ڪم ڪندي آهي. آفيسرن سان به آها ملي. پر اسانجي سوسائٽي اڃا ايتري آزاد نه ٿي آهي. ۽ اڃا اهڙو وقت به نه آيو آهي، تنهنڪري ڊرس. مونکي گرفتار ٿئي ايترو وقت ڪونه ٿيو آهي، جو توکي ٻاهر نڪرڻو پوي. اهڙو وقت آيو ته تون بلڪل نڪرجان.

تو لکيو هو ته: ٽي-وي دائود خان ڪڻي ويو هوندو. مون اڳ ۾ به لکيو هو ته: ٽي-وي دائود خان جيل جي اسپتال لاءِ ڏني ويو هو. اڳ ۾ سپرنٽينڊنٽ گهرايو، پر مون نه ڏنو. ٿيو ڏينهن اسانجي بند ٿيڻ کان ڪافي دير پوءِ صوبيدار آيو، ۽ اچي اسانجي در جو تالو کوليائين. اسين حيران ٿياسين ته بند ٿيڻ کانپوءِ ڇو کوليو اٿن، ڇو ته ائين ٿيندو ناهي. صوبيدار مونکي ٻاهر سڏيو، مان ورانڊي ۾ نڪتس ته ٽي چار پوليس وارا به بيٺا هئا. صوبيدار تمام سٺي نموني ۽ آهستگيءَ سان مونکي چيو ته: ڊپٽي صاحب مونکي چيو

آھي ته پوليس وارا وٺي وڃ ۽ طارق وٽان زوري ٽي - وي کڻي اچ. سو ھاڻ مھرباني ڪري ٽي - وي ڏيو. مون چيو: ٽي - وي جيل وارن جو ڪونھي، دائود خان اسپتال لاءِ ڏنو آھي. جتي اڳ ۾ رڪيل ھو. اتي ئي رڪيل آھي. اھو ڪونہ ڏيو. جڏھن اڳ ۾ ٽي - وي ۾ مان خطرو ڪونہ ھو، ته ھاڻ ڇو ٿي پيو آھي. باقي جيڪڏھن اوھان ٽي - وي زوري کڻڻ چاھيو ته مان سر ھٿي پيچي ڇڏيندس، پوءِ ڀڳل ٽي - وي ڀلي کڻي وڃجو.

صوبيدار ڪجھ سوچيو. پوءِ مونکي چيائين: ڀلا ھلو ڊپٽيءَ وٽ. مان ڪمري ۾ پنھنجي سائين کي ھدائت ڏيس. سڀئي پريشان ھئا. چيو مان ته ڊپٽيءَ کان ٿي اچان ٿو. مان صوبيدار سان گڏ ھيٺ آيس. اسپتال کان ٻاھر نڪتس ته ھر طرف خاموشي لڳي پئي ھئي. سڀئي قيدي بند ٿي چڪا ھئا. جيل جا رستا، جن تي سڄو ڏينھن سياسي قيدي ۽ ٻيا قيدي گھمندا ڦرندا رھندا آھن، بالڪل سنسان لڳا پيا ھئا. ٿنڀن ۾ لڳل بلبن روشنيءَ جي بدران ھيڪاري اونداھ پئي ڦھلائي. مان اھڙي وقت ڪڏھن به جيل جي انھن رستن تان نہ لنگھيو ھوس. ڏاڍو ڊڄاڻو ماحول پئي لڳو.

صوبيدار مونکي ماڙيءَ ۾ وٺي ھليو، پر ڊپٽي ٻاھر نڪري چڪو ھو. اتي جمعدار علي شير ويٺو ھو. مون کيس وڏي واکي چيو ته: پنھنجي ڊپٽيءَ کي ھدائت ڇڏ ته منھنجو نالو طارق اشرف آھي، مان خاموش طبيعت جو ماڻھو آھيان، مون سان ڪائونس نہ ڪري، ٽي - وي سندس ملڪيت

ڪانهي، دائود خان به ٿي- ويئون جيل لاء ڊيٽي ويو هو، ۽ آهي هو مرسيڪٽري ۽ کان جيل لاء منظور ٿيل آهن ۽ ۱۲ نمبر(۱) ۾ به چڙهيل آهي، جيل وارا هڪ ٿي- وي اڳ ۾ ٿي کٽي ويا آهن. يڪدم آها ٿي- وي به واپس ڪريو نه ته مان سپائي ٿي ٿو اخبارن ۾ اها خبر ڏيان.

بٽي ڏينهن علي شير مليو ته هن ٻڌايو ته: مون لفظ به لفظ ڊپٽيءَ کي چيو ۽ اهو به چيومانس ته طارق اشرف نهايت شريف ماڻهو آهي، هروڀرو هنکي تنگ نه ڪريو. هنکي ڪاوڙ آئي ته هو اوهانکي ڏکيو پوندو.

سو هاڻ ٽي- وي اسان وٽ محفوظ آهي. هاڻ ڪلهوڪو احوال به ٻڌ: ڪلهه شنوائيءَ لاء ماڙيءَ ڏانهن وڃڻ لڳس ته ارشاد به گڏ هو. رستي ۾ چيائين: اڙي سائين، اڄ آئان ٿي آزاد ٿي وڃو. چيومانس: آئان ته آزاد ڪونه ڪندا، وري به هتي آڻيندا. چيائين: پوء به اڄ آزاد ٿي وڃو، پلا مونکو ته ڪتاب ضرور آڻجو.

ڪچهري جي آفيس ويس ته احمد حسين جيلر چيو: هلو پوليس اچي ويٺي آهي. دل ۾ دعائون گهرڻ لڳس ته: شل پوليس چڱي آئي هجي. ماڙيءَ ۾ گهڙيس ته تيمور خان A. S. I. بيٺو هو. هو وڏي اچي مليو. پويان اشرف پوليس وارو به بيٺو هو. (گذريل دفعي به اشرف مون سان هو) اشرف کان پڇيم ته: گڏ ڪير هلندو؟ پڇيائين: توهان ڇا ٿا چاهيو؟

---

(۱) جيل جو رجسٽر آهي جنهن ۾ هر اهم ڳالهه لکبي آهي.

ڇيم: تون هل. چيائين: مان ٿي هلندس. عبدالله ملاح به ماڙيءَ ۾ ڪم سان آيو هو، سندس چپن تي سدائين مرڪ هوندي آهي، ۽ قرب سان ملندو آهي.
اشرف منهنجو ۽ پنهنجو نالو لکرايو، ۽ اسين ماڙيءَ جي ڪڙ ڪيءَ مان نڪري اچي پڳل وين جي پرسان آس ۾ ويٺاسين. مون سان پيو سپاهي ايوب هو. پريان ترڙو .A. I. S سليم احمد به ويٺو هو. گذريل دفعي غلام حيدر .A. S. I کي چيائين ته: مونکي ته ڪو چانهن به نٿو پياري، پوءِ هن پياريس. اڄ ٿي گاڏ يون بيٺل هيون. جن ۾، هڪ ۾ مشهور ڌاڙيل قلندر بخش کوسو ۽ سندس ساٿي ويٺا هئا. اشرف ٻڌايو ته هن گرفتاري انهيءَ شرط تي ڏني هئي ته ڪيس مارشل لا ۾ نه ڏيو، ۽ هنن ساڻس قرآن تي قسم کڻي اهڙو وعدو ڪيو هو. مان به آئي انهيءَ وقت موجود هوس. پر پوءِ ڪيس مارشل لا ۾ ڏنو ويو.
ٻاهر چين پارٽيءَ سان گڏ جوابدار مهتاب به بيٺل هو. ڪارو ڪٽ آهي پر شايد مائٽن چٽر طور نالو ماهتاب رکيو اٿس. تنهنڪري مان کيس چوان ٿي چنڊ، ماهتاب هو وڏي اچي مليو.
جڏهن سيئي قيدي اچي ويا ته اسان به وڃي وين ۾ ويٺاسين. وين جاڏل سجاول رستن تان هلندي اچي سيشن ڪورٽ پهتي. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم، منهنجي همراهن مان اڃا ڪوبه ڪونه آيو هو. اشرف مونکي چيو ته: هلي في الحال ڪورٽ جي ڪينٽين ۾ ويهو. ٻري اهو به چيائين: اڄ انچارج سجاول

جمعدار آھي، چيو اٿس تہ سختي آھي، طارق کي ھٿڪڙي ھڻجو. (پر جڏھن سجاول مليو تہ چيائين: مون اشرف کي چيو ھو تہ طارق شريف ماڻھو آھي ھٿڪڙي نہ ھڻجانءِ. نہ چاڻ سچو ڪير ھو). ٿوري دير ڪانپرہ اشرف کي چيم تہ: ٻاھر ھلي و يھجي، مٿان ڪو دوست يا مائٽ اچي موڪلي وڃي.

اسين اچي ٻاھر ويٺاسين. ٿوري دير ۾ مولا بخش ڪوسو ايڊووڪيٽ آيو. مون ڪيس پنھنجو ۽ مغل جو فون نمبر ڏيئي چيو تہ اطلاع ڪري ڇڏيو تہ مان آيو آھيان. ڪجھہ ئي دير ۾ حبيب ۽ يوسف ڪمپازيٽر آيا. انھيءَ ڪانپوءِ مقصود ۽ دانيال پھتا. ڪجھہ دير ۾ خميسو اورنگزيب کي وٺي پھتو، پوءِ نور گھلو ۽ اڪبر آيا. انھيءَ ڪانپوءِ ظفرحسن، اعجاز قريشي، لعل جسڪاڻي، ولي رام ولڀ، ۽ فيروز بہ پھتا. فيروز پنھنجي اداري جو نئون ڪتاب 'سفر يورپ جي ڊائري' کڻي آيو ھو. پوءِ رسول بخش انڙ وڪيل، لطيف انصاري وڪيل ۽ نياز قريشي وڪيل بہ اچي مليا. رسول بخش انڙ چيو مان تہ چئي چئي ٿڪو آھيان تہ مونکي پيپر ڏيو تہ مان ڪيس کي اڳيان وڌايان. مون ظفر کي چيو تہ ٻاھر توھان آھيو، اوھان ڊوڙ ڊڪ ڪريو. نہ تہ ھروڀرو جيل ۾ پيو ھوندس. چيائين: ڊي- ايم- ايل- آءِ- وٽ تہ ڪونہ ويندس. پر ڪمشنر وٽ ضرور ويندس. چيم: تو اڳ ۾ بہ چيو ھو، پر وڃي ڪونہ. چيائين: نہ، ھاڻ ضرور ويندس.

ظفر سيني آيلن ۽ پوليس وارن لاءِ چانهن گهرائي. پوليس وارن ڪمڪ پيسٽريءَ جي فرمائش ڪئي. سجاول گولڊليف سگريٽ جي پيڪٽ جي گهر ڪئي. چانهن آئيندڙ ٻاهرواري چيو، اهي سادا سگريٽ پيئندا آهن، هينئر گولڊليف گهرايو اٿس. جڏهن اوهان ويندا ته ڪئنٽين واري کي اهو پيڪٽ ڏئي پئسا وٺي ڇڏيندو.

پوءِ الهه بچايو، اقبال مشين مين ۽ رشيد (ڪنهن وقت ۾ پريس جو هيلپر) به آيا. گذريل دفعي به آيو هو.

سوا ٻين وڳي جيل تي واپس پهتس. اورنگزيب خميسي سان گڏ پنهنجي گاڏيءَ ۾ جيل تائين آيو

ماڙيءَ جو اندريون در پٽي اندر پهتس ته مولا بخش چانڊيو بيٺو هو. ٻڌايائين ته رات ڌائين عالم شاهه کي ٻئرول تي ڇڏيندا. آفيسن وٽ ابوبڪر زرداري مليو، چيائين: ٻڌاءِ به نه ويا، چيومانس ته: توکي اڳ ۾ ئي ٻڌايو هوم. آئي ڏي خبر پئي ته ارشاد ساگر جي ضمانت منظور ٿي ويئي آهي. هاڻ وچن وارو آهي.

مان هڪ جوابدار ڪان سامان ڪٽائي اسپتال پهتس. سيني سان اچي مليس. اجا خبرچار پئي ڪيم ته ارشاد موڪلائڻ آيو. ڪيس هيٺ تائين ڇڏڻ تي ويس، پر هن ڏاکڻ ڪان هيٺ لهڻ نه ڏنو. ۽ زبردستي آئان ڏي موڪلايائين. موڪلائڻ وقت منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ڏاڍو دلچسپ ماڻهو هو.

ٿوري دير اڳ اسپيشل وارڊ مان موٽيو آهيان، صبح جو

چام، امداد چانڊيو ۽ گهنشام آيا هئا. ڀنڀرن جو جوڻيجو صاحب به آيو. مون تاش ٻئي ڪئي، سا چڏي ساڻن مليس. جوڻيجي صاحب مونکي چيو: هلو مون سان، هلي اسانوٽ ماني کائو. سان هلڻ لڳس ته چيائين: هتي ڪو سٺو طعام هجي ته نه هلو. اسانوٽ اٽؤ دال. ڪلي چيم ته: اسانوٽ گوبي آهي.

ٻوء اسپيشل وارو ويس. آتي مولانا جاويد نعماني، انورشاهه، رفيق صفي ۽ ٻين ساٿين سان مانيءَ تي ويٺس. عوامي تحريڪ جو هڪ ڪارڪن (ميڊيڪل جو شاگرد هو، نالو ياد نه اٿم) به هو. مانيءَ ۾ ترِيل واڱڻ، دال ۽ ڀاڄي هئي. عوامي تحريڪ جي همراهه سان رسول بخش پليجي جي نئين ڪتاب 'سنڌي ذات هڃن' تي به ڪجهه بحث ٿيو. پليجي عجيب منجهائيندڙ انداز سان ڪتاب لکيو آهي. آها ڳالهه جيڪا ويهه ٽيهن صفحن ۾ ڪري سگهجي ها، هرو ڀرو به اڍائي سؤ صفحن ۾ ڪئي اٿس. انهيءَ ڪان ته محمد ابراهيم جوئي ڪتاب جي پيش لفظ ۾ آسانيءَ سان حاصل مطلب سمجهايو آهي.
شام جو نقويءَ سان چڪر ڀي ڏنم ته سنڌين جي، مهاجرن سان نفرت جي ڳالهه نڪتي. نقويءَ ٻڌايو ته: عوامي تحريڪ وارا پنهنجي پارٽيءَ ۾ ڪنهن به غير سنڌيءَ کي شامل نه ڪندا آهن. ڪجهه دير ڪانپوء الاهي بخش قائم خاني به مليو، ۽ اسان سان گڏ ٿي چڪر هڻڻ لڳو. الاهي بخش چيو ته: سنڌين جي مهاجرن سان نفرت ۾ ڪجهه هٿ خود مهاجرن جو به آهي، هن چيو: ون يونٽ نهڻ سان مهاجرن کي ڪوبه

فائدو نٿي پهتو، تڏهن به مهاجرن هرو ڀرو ون يونٽ ٺهڻ ۾ نه فقط ساٿ ڏنو بلڪل خوش ٿيا. جڏهن ته سنڌي عوام ون يونٽ جي سخت خلاف هو. پهريون دفعو سنڌين کي مهاجرن سان نهيءَ ڪري نفرت ٿي. جيائين: اسانجي قائمخاني برادري تمام وڏي آهي، ون يونٽ ٺهڻ کان اڳ، هڪ قائم خاني C.S.S ۾ چونڊبو، پر ون يونٽ واري پوري عرصي ۾ ڪو به قائم خاني انهيءَ امتحان ۾ نه ڪڇيو. جيڪڏهن ون يونٽ نه ٺهي ها ته نه ڄاڻ ڪيترا قائم خاني چونڊ جي وڃن ها. سنڌين سان گڏو گڏ مهاجرن کي به ون يونٽ ٺهڻ سان هر قسم جو نقصان ٿيو، پر پوءِ به مهاجر ون يونٽ جي فائدي ۾ رهيا.

ون پڏايو مان ته: جڏهن اسين ون يونٽ جي خلاف جلسا جلوس ڪڍندا هئاسين، ته مهاجر ليڊر، مهاجرن کان ون يونٽ جي فائدي ۾ جلوس ڪيرائيندا هئا. هو سنڌ جي خلاف نعرا هڻندا هئا، جڏهن ته خود رهندا به سنڌ ۾ هئا.

الاهي بخش خان چيو ته: مهاجر هرو ڀرو جيئي سنڌ جي نعري تي ڪاوڙجن ٿا، سنڌ پاڪستان جو هڪ حصو آهي، جنهن ۾ اهي رهن ٿا، پوءِ اهو نعرو هنن کي خراب ڇو ٿو لڳي!

ايم - آر - ڊي جي تحريڪ جي ڳالهه نڪتي ته نقويءَ چيو: مهاجرن جي اڪثريت پٽي جي خلاف هئي، انهيءَ ڪري آهي نه نڪتا. قائم خاني صاحب چيو: ڳالهه هرو ڀرو اها به ڪانهي، ايم - آر - ڊي وٽ پئسو ڪو نه هو. رستا بلاڪ ڪرڻ، رستن تي لٽر رکي باهيون ڏيڻ، هڙتالون ڪرائڻ لاءِ پئسو

گهرجي. ۽ پئسا هئا ڪونه. انهيءَ جي مقابلي ۾ جڏهن پي-اين-آءِ تحريڪ هلائي ته هن وٽ تمام گهڻو پئسو هو. ۽ تمام گهڻو پئسو ٻاهران آيو، جنهن جو مون وٽ ثبوت آهي. هنن ٽيلهن وارن جي ائسوسيئشن، ڏانگن وارن جي ائسوسيئشن، پاڇين وارن جي ائسوسيئشن، مزدورن جي ائسوسيئشن کي چار پئسا ڏنا هئا، هڙتالن وقت، هڙتالن ۾ حصو وٺندڙن کي گهر ويٺي پئسا ۽ سيڌو سامان ملندو هو. پر ايم-آر-ڊي جي تحريڪ ۾ ائين نه ٿيو. جيڪو گرفتار ٿيو، آهو چئو، نه پنهنجن کي خبر وٺڻ وارو، نه جيل ۾ ڪو پرگهور لهڻ وارو. ۽ اهي بنا پئسي جي نه ٽڪنا، تنهنڪري ئي تحريڪ ڪامياب نه ٿي.

مون ٻڌايو ته تحريڪ جي هلڻ ڪانپوءِ لياقت آباد ڪراچيءَ جا ڪجهه ماڻهو هتي جي ايم-آر-ڊي جي ليڊرن سان ملڻ آيا هئا. هنن چيو ته: اسانکي ٽي لک روپيا ڏيو ته اسين سڄو لياقت آباد ٻاهر ڪري ڏيکاريون. اسانجو ڪم ئي اهو آهي. پر هنين کي پئسا نه مليا، ۽ لياقت آباد ۾ ٻاهيون نه ٻري سگهيون.

قائم خاني صاحب چيو ته: هينئر، هن وقت جيڪي ڪارڪن جيلن ۾ آهن، رڳو انهن کي گهرج جون شيون ملنديون رهن، ته به ماڻهو سالن جا سال جيلن ۾ رهيا رهندا. پر ائين ٿئي ڪونه ٿو.

رات جا نوَ ٿي ويا آهن. ٽي-ويءَ تي خبرون هلي رهيون

آهن. مير محمد شاهه ڪمبل وجهيو ستو پيو آهي، ڏاڍو پريشان آهي. نقوي خط لکي رهيو آهي. مونکي ڪرنگهي ۾ سخت سور آهي.

ڪلهه شنوائيءَ تي خميسي کي چيو هوم ته پاڇيون ۽ گوشت جيل تي پهچائي وڃي، پر اڄ آيو ڪونه. سڀاڻي لاءِ نه آهي پاڇي نه گوشت، خدا ڪري سڀاڻي خميسو اچي.

چڱو، هاڻ اجازت، سڀاڻي جون ڳالهيون، سڀاڻي.

۸۴-۱-۲۸

پورو ڏينهن جيل جي عام ڏينهن وانگر گذري ويو. جوڻيجو صاحب ۽ عالم شاهه آيا هئا.

اڄ ملاقات به آئي هئي. دانيال، حبيب ۽ خميسو خان آيا هئا. خميسي چيو: مان ڪالهه به آيو هوس، گوشت ۽ پاڇيون کڻي آيو هوس. پر جيل وارن ورتيون ڪونه. مون کيس چيو ته: هاڻ جڏهن به اچين ته ملاقاتي ڪمري ۾ هليو ايندو ڪر، ۽ آئي ڪنهنکي به چئي مونکي سڏائي وٺندو ڪر. مان پاڻهي وٺندس. مون عبدالله ملاح کي چيو، جيڪو ماڙيءَ مان وڃي شيون کڻي آيو. پاپي تمام گهڻيون پاڇيون، گوشت، ميوو ۽ ڪيڪ موڪليو هو. کيس چيئنس ته ميوو وغيره نه موڪلي. ميوو مان هاشم کي ڏئي آيس.

شام جو ڊيتيءَ وٽان سلپ آئي ته: طارق اشرف، محب شاهه، ابوبڪر، نقوي، شفقت شاهه، جمال بابا ۽ امين خٽڪ ماڙيءَ تي پهچن. پهرين ته امين حيران ٿيا هئين ته اهو سڏ ڇو ٿيو آهي، پوءِ نقوي بروابي سلي ته پڪ داٿود خان ملاقات تي

آيو آهي.
اسين مڙئيءَ تي وياسين، واقعي دائود خان آيو هو. ابوبڪر اڳ ۾ ئي ويٺل هو. دائود خان ڏاڍي قرب منجهان سيني سان مليو. چار ڪڙيون، گيهه ۽ ڪير جا دٻا ۽ تمام گهڻو ميوو کڻي آيو هو. چيائين ته: جنهن شيءِ جي ضرورت هجي، بنا حجاب مونکي لکي موڪليو. مونکي چيائين ته: سيائي ڊي - ايم - ايل - آءِ سان مليو اٿم، سان توهانجي لاءِ سائس ڳالهائيندس. اُئين مون انٽيليجنس واري کي چيو هو ته: توهان طارق اشرف سان زيادتي ڪئي آهي.
جڏهن هو ويو ته اسين پنهنجي ڪوٺي تي موٽي آياسين. شام جو گل بيگ چلگري مليو. چيائين: ڇو ڪرن جا، ڪورٽ وارڊ ۾ رهڻ تي جهڳڙا لڳا پيا آهن، جن جا امتحان ختم ٿي ويا آهن، ۽ جنکي فقط امتحان جي تياريءَ لاءِ اتي رکيو هئائون، سي به هاڻ نٿا وڃن.
انهيءَ ڏينهن جتوئي جي بيان تي جن همراهن بيان لکت ۾ ڪيو هو، انهيءَ لاءِ چيو اهو ويو هو ته اهو رکيو غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کي موڪليو. پر شاهنواز خان مونکي چيو هو ته: سائين ڏسجو ويٺا، اهي ترڙا اهو بيان اخبار ۾ ضرور ڇپرائيندا. هن کي نالن ڇپرائڻ جو ڏاڍو شوق آهي. ۽ ٿيو به ائين.
ٽيو ڏينهن هڪ پڪي قيدي، شاهنواز جوڻيجي جي مانَ ۾ ڪاري چڪر ۾ دعوت ڪئي هئي. چار سؤماڻهن جي مانيءَ جو بندوبست ڪيو هئائين. ڪيترين ئي ڏيگون لٿيون

هيون. ڇا ٿي ڀانئين؟ اڄ ڪلهه جيل جهڙي او طاق. ڀر انهيءَ دعوت ۾ شاهنواز خان رڳو هڪڙو گراهه ڪنيو. رفيق صفي، ڄام ساقي ۽ شاهنواز خان اهو فيصلو ڪيو آهي ته ڪنهن به پارٽيءَ ۾ حصو نه وٺبو. ماني به فقط آهي ڪائبي، جيڪا روز واري هوندي. انتظام واري دعوت ۾ شريڪ نه ٿبو، ڏاڍو سٺو فيصلو آهي. اڄڪلهه روز ڪنهن نه ڪنهنجي دعوت ٿئي، ۽ سوين رپيا خرچ ڪجن ٿا، ساڳئي وقت ڪيترا اهڙا ڪارڪن آهن، جن وٽ گهر ج جون شيون به ڪونهن.

سياسي قيدي آهي نهائي ٻاهر اسپتال پيا آهن، انهيءَ لاءِ جيل وارن اهڙو بند وبست ڪيو آهي، جو وڏا ڊاڪٽر واري واري تي جيل ۾ اچي، بيمار قيدين کي ڏسي وڃن. اڄ ڊاڪٽر شفيع آيو، يورين اسپيشلسٽ آهي. مون کي ڀرات گردي ۾ تڪليف ٿي هئي، مان ڊاڪٽرسان مليس. مون سان ڏاڍي سٺي نموني مليو، ۽ دوائون لکي ڏنائين، ڪرنگهي جي تڪليف لاءِ صلاح پڇي مانس. چيائين: ايندڙ دفعي ڊاڪٽر اسلم کهلو کي وٺي ايندس. پوءِ جيڪڏهن هن مناسب سمجهيو ته ڪرنگهي ۾ انجيڪشن هڻبي. آئي عوامي تحريڪ جو ڪارڪن منير پير ڳڙي به ويٺو هو. ڪنهن مريض کي ڏيکارڻ آيو هو. ڊاڪٽر شفيع کي چيائين ته: لکي ڏيو ته هي ٻاهر اسپتال ۾ داخل ٿئي. ڊاڪٽر چيو: پهرين ٻاهر چيڪ اَپ ڪرائي، جيڪڏهن ضروري هوندو ته مان ضرور داخل ڪندس. پر منير سندس ڳالهه ڪون مڃي ۽ ڪافي بدتميزيءَ سان

ڊاڪٽر سان ڳالهائين، مون سمجهايومانس، پر هو مڙدو ڪونه. مونکي اها ڳالهه نه وڻي، مان آئي، مٿي هليو آيس، ٿوري دير ۾ جوابدار مونکي سڏڻ آيو ته ڊاڪٽر شفيع توهانکي سڏايو آهي. مان ڊاڪٽر شفيع وٽ ويس ته چيائين: اوهانکي چانهن لاءِ سڏايو اٿم. مان پنهنجي چانهن جو پيسو ڏيڻ ڪونه پيئان، پر ڊاڪٽر جو ساٿ ڏنم.

شام جي مهل اسانجي برداشتي جاويد کي صوبيدار گهرايو. ڪافي دير ڪانپوءِ به جڏهن هو موٽي نه آيو ته: اسانکي فڪر ٿيو. مون عبدالله ملاح کي، جيڪو اسانوٽ ويٺو هو، چيم ته هل ته ڏسي اچون. پر صوبيدار هو ڪونه، ۽ پوءِ خبر پئي ته جاويد کي ڇهن پهڙي هٿي مارڙيءَ ۾ وٺي ويا آهن. ۽ هاڻ ٻاهر ڪم تي وٺي ويندا. مون ملاح کي مارڙيءَ ۾ موڪليو، پر ڪم نه ٿيو. مون ٻاڻ وچڻ جو ارادو ڪيو، پر ابتري ۾ ابوبڪر، عالم شاهه ۽ مولا بخش جي پڇڻ تي حقيقت ٻڌايم. مولا بخش چيو، اوهين تڪليف نه ڪريو مان ٿو وڃان.

ٿوري دير ڪانپوءِ هو مرڪندو آيو. چيائين: تسبيح ڪم ڪري ورتو. حيران ٿيس ته چيائين، جڏهن به تسبيح هوندي اٿم، ڪم ٿي ويندو آهي. ٻڌايائين ته: اڳ ۾ سپرنٽنڊنٽ ڳالهه نٿي مڃي، مون چيومانس: هو حساس ماڻهو آهي، ڇو ٿا هڪلي تنگ ڪريو. هو جيڪو ويٺو لکي، اها سنڌ جي تاريخ آهي. ڇو ٿا پنهنجو خانو خراب ڪرايو. سپرنٽنڊنٽ چيو، خانوخراب ته ڪري ڇڏيو هونداڻين.

پر پوءِ اوهانجو برداشتي موٽائي ڏنائين.

۳۰-۱-۸۴

صبح جا سلام قبول ڪر. رات گردي جي تڪليف ٿي پئي هئي. دوائن ڪانپوءِ سور لٿو، محب شاهه حد کان وڌيڪ خيال رکي ٿو، اج شفقت شاهه جي شنوائي آهي.

صبح جو ڪاڪو سيف آيو. پوءِ عطا، عالم شاهه ۽ ڊاڪٽر ڊومڪي به آيا هئا. شاهنواز خان پن ٽن ڏينهن کان ڪوٽ آيو هو، سو نقويءَ کي ساڻ ڪري ڪين پڇڻ ويس، هن نه اچڻ تي معذرت گهري، ۽ ٻهرڪ جي اندر نهيل ڪوٺيءَ ۾ هلي ويهاريائين. شاهنواز خان ۽ رفيق انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ رهن. باقي چام، انور شاهه ۽ مولانا ٻهرڪ ۾. اهي ٽيئي به اچي مليا. مولا بخش به آئي ويٺل هو. جڏهن اسين موٽياسين ته رستي ۾ يوسف ٽالپر ۽ عاشق جتوئي مليا. روز شام جو پنهنجي وارڊ کان ڦاسي گهاٽ تائين ورزش جي خيال کان ڊوڙندا آهن. مونکي ڏٺائون ته بيهي مون سان مليا، ۽ پوءِ وري ڊوڙڻ لڳا. رستي ۾ غلام علي (سپاف وارو) به مليو. اڳيان هلي لال ۽ گل بيگ چلگري به مليا.

نقوي بنگالين کان ڪپڙا ڌوئاريندو آهي. منهنجا ڪپڙا به اماڻڪ هنن کان ڌوئاري، ساڻ نقويءَ سان گڏ ڪاري چڪر ۾ ويس. ۹ سال اڳ ۾ هن وارڊ جي ڊبل (ماڙي) ۾ ٽي ڏينهن رهيو هوس. ڊبل جي هيٺين حصي وارين ڪولين وٽان لنگهيس ته هڪ ڪولي ۾ ٽري بابو هو. پڇايائين ته سندس پيا ساٿي ڪچا هئا، ڌنهنڪري انهن کي مونکان الڳ ڪيو

ڏيو آهي. ۽ پوءِ ڇڪڻ شروع ٿيون ڪوليون هيون، انهن ۾ بينگالي قيدي هئا. هڪ ڪوليءَ ۾ پنج هئا، ٻين ۾ ڪٿي وڌيڪ ڪٿي گهٽ. ڪل ۱۸ قيدي هئا، ۽ اهي اٽڪل ۱۸ مهينن ڪان هتي قيد آهن. انهن جو ڏوهه اهو آهي ته اهي بنگلاديش ڪان بنا پاسپورٽ ۽ ويزا جي آيا هئا. اڪثر بنگالي ايندا آهن، ۽ هتان پئسا ڪارائي شناختي ڪارڊ ۽ پاسپورٽ ٺهرائي، ٻاهرين ملڪن ۾ هليا ويندا آهن. پر اهي ۱۸ بنگالي اٺين نه ڪري سگهيا ۽ هاڻي بي دريافته پيا آهن. خير هي ته وري به ڏوهاري آهن. پر اڪثر ڏٺو ويو آهي ته چور بدمعاش آزاد پيا هلندا آهن، ۽ شريف ويچارا جيلن ۾ پيا هوندا آهن. رشوت جو زور آهي. جن وٽ پئسو آهي، پوءِ جيڪڏهن هو بدمعاش آهن، تڏهن به شريف ليکبا، ۽ کين وڏي عزت ملندي. حقيقت اها آهي ته هتي گناهگار ۽ بي گناهه جي ڳالهه ڪانهي، بس جنهن جي کيسي ۾ رسو پورو پوي.

ڪمري ۾ موٽي آيس ته عطا، مولا بخش ۽ بشير ويٺا هئا. ويچارو مير محمد شاهه اڄ به آزاد نه ٿيو، ڇگو هاڻ اجازت، باقي احوال سڀاڻي.

۸۴-۱-۳۱

اڄوڪي ڏينهن جي شروعات سٺي نه ٿي. ٿوري وقت ۾ خبر ڇپي آهي ته راجا جاويد کي ڦاسيءَ جي سزا لڳي آهي. ۽ ٻي خبر اها به پڌم ته شاهنواز خان ۽ لال بدلي ٿي ڪراچي جيل هليا ويا. پر ٻن ڏينهن جو شاهنواز خان آيو، کيس ڪونه

وٺي ويا هئا. پوءِ مان ۽ نقوي اسپيشل وارڊ ۾ وياسين. آتي شاهنواز خان، چام، رفيق، انور شاهه ۽ مولانا نعمانيءَ سان ملاقات ٿي. چام مونکي چيو ته S.D.M جي ڪورٽ ۾ مون تي هڪڙو ڪيس آهي، تون ڪوشش ڪري انهيءَ ڪورٽ مان تاريخ ڪڍرائي ته جيئن هتي رهي سگهان، نه ته امتحان پورا ٿيا ته وري سکر وٺي ويندا. اسانکي ويٺي ڪجهه ٿي دير ٿي هئي جو راجا جاويد به اچي ويو. مون پهريون پيرو راجا جو منهن لٿل ڏٺو. راجا ٽيليگرام لکرائڻ لاءِ آيو هو. پر نقوي ۽ رفيق جهليس ته اڃا جيل تي آرڊر پهتو نه آهي، تنهنڪري تار ڪرڻ ۾ تڪڙ نه ڪر. رفيق ڪا قانوني ڳالهه ڪئي ته شاهنواز کلي چيو: هيءَ رکو قانون ڳوالهي ۽ هلائي. قانون قانون ڪري ڪڏهن ڦاسي چڙهندو.

هنن کان موڪلائي ٻاهر نڪتاسين ته چلگري ۽ لال مليا. معنيٰ لال به ڪراچي ڪونه ويو. جيل ۾ سچو ڏينهن افواهه ڦهليا آهن، اهو به افواهه هو.

اتان وري بي ڪلاس ۾ بابو غلام حسين وٽ وياسين. مان جيل ۾ رهڻ پنڻ جي سخت خلاف آهيان. پر هن دفعي ته جيل، جيل هوئي ڪونه، ٻيا مون وٽ ايترا دفعا آيا آهن، جو نه چاهڻ جي باوجود به مون ٿورو گهڻو نڪرڻ شروع ڪيو آهي.

بي ڪلاس ۾ عبدالهادي سهتي (لواري واري ڪيس ۾ آهي)، سان به ملاقات ٿي. بابو چڱي خاطر تواز ڪئي. بابو

وٽ امين خٽڪ ۽ زنگيجو به ويٺا هئا. بابو سان گڏ الهجڙيو پنافي رهندو آهي، آهو به ڏاڍي قرب سان مليو. هن پنهنجو ناڙو ۽ گرفتاريءَ جي تاريخ پيت تي لکي ڇڏي آهي.

جڏهن ٥٧ع ۾ هن جيل ۾ آيو هوس ته هي ڪرنٽين هو، هتي ٻارهن ڪن ڪوليون هيون. نعپ وارن جي اچڻ ڪانپوءِ ٻن ٻن ڪوليون کي پيجي هڪ ڪولي ائجڊ ٻاٿ سان ٺاهيون اٿن. چاريءَ جا در به آهن، اندر لوهي پلنگ، ڪرسيون ۽ ميزون پيل آهن.

آتان موٽياسين ته واٽ تي ماسٽر مشتاق مليو، چيائين: مان اوهان وٽ ڪتاب وٺي ايندس. ٿورو اڳيان خالد پيرزادو ۽ شفيع چندريگر مليا. محب شاهه به گڏ هو. شفيع مونکان شنوائيءَ جي تاريخ پڇي. هڏاهوماڻس ته ٣- فيبروري آهي. چيائين: انهيءَ ڏينهن ته جمعو آهي. مونکي انهيءَ ڳالهه منجهائي وڌو ته هاڻ شنوائيءَ جو ڇا ٿيندو.

رستي ۾ ٿي مولا بخش چانڊيو، بشير ٻگهيو (اڳ ۾ ڏاڙهي هئس، هاڻ ڪوڙي اٿس) ۽ علي محمد سومرو مليا. مولابخش کي ٦ؤ روپيا ڏيندي چيم ته: اڄ پنهڙن جو منهنجي ڪمٽ وٽ ڪمرائي ويا هئا، آهي مونکي شهباز ڪٽي ڏنا هئا. شهباز گل فوجي آهي، سال جي سزا لڳل اٿس: سانگهڙ جو آهي.

رستي ۾ عطا به مليو. اسانجي لاءِ مشڪل اها ٿي پئي آهي ته پاڻيءَ جي موٽر خراب ٿي پئي آهي. هاڻ پاڻي مٿي نٿو چڙهي. اڳ ۾ خراب ٿي هئي ته داڻود خان ٺهرائي هئي.

هاڻ اسانکي (مونکي، نقوي، محب شاهه، مير محمد شاهه ۽ شفقت شاهه) نهرائڻي پوندي. داڻو د خان ته مٿي لاءِ W.C. ۽ بيسن به جيل وارن کي وٺي ڏنا هئا، پر آهي لڳا ڪونه، نه هاڻ جيل وارن ڪيڏانهن غائب ڪيا.

۱-۲-۸۴

صبح جا سلام قبول ڪر. ۳- تاريخ واري شنوائي ته وئي. هاڻ نه ڄاڻ ڪڏهن شنوائي ٿيندي. شفقت شاهه جي اڄ به شنوائي آهي. (شاهنواز خان چيو پي ته: شاهه صاحب جو روز ڪيس پيو هلي، مٿان سزا نه لڳيس.) ڪيس چيو اٿم ته ڪورٽ مان منهنجي شنوائيءَ جي تاريخ وٺيو اچي.

امين ختڪ صبح جو آيو هو، نيرن ڪائي اسٽڊي سرڪل هليو ويو. اڄڪلهه هتي ٻي اسٽڊي سرڪل آهن، جتي روز ترقي پسند ادب پڙهجي ٿو، ۽ انهيءَ تي بحث مباحثو ٿئي ٿو. هڪڙو اسٽڊي سرڪل عوامي تحريڪ وارن جو آهي. ٻيو ايس-اين-ايس-ايف جو، ۽ ٽيون به ڪو آهي.

ٻن ڀيرن جو ماني ڪائي ويٺا هئاسين ته احمد علي عباسي ۽ عبدالهادي ملڻ آيا. احمد علي، غلام مجتبيٰ جتوئي سان گڏ گرفتاري ڏني هئي. هنن چيو، اڄو ته تاش ڪريون. هيٺ هڪ قيدي اڇي هڏايو آهي ته اوهانجي ملاقات آئي آهي، تنهنڪري خط اتي ئي بند ڪريان ٿو.

دانيال ۽ سيني کي سلام. فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

۲۸-۱-۸۴

عزيز طارق. خدا ڪري خوش هجين.

هن وقت رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. اڄڪلهه خط اچڻ ۾ هتان وڃڻ ۾ ڏاڍا ڏينهن لڳي ٿا پون. اوهانجو هڪ پراڻو خط ڪلهه مليو اٿم. خير مجبوري آهي، ڪري به ڇا ٿو سگهجي.

ڪجهه ڏينهن اڳ ادا مغل کي فون ڪئي هئم. چيائين ته: سپاٽي ڪراچي وڃي رهيو آهيان. اڳاري جي ڏينهن مو ٽندس. پاڻ شيخ صاحب سان ڳالهايو هئائين، هو به ڪراچي وڃي رهيو آهي. ادا چيو ته ٻي ڪلاس لاءِ ڪراچيءَ ۾ ڪوشش ڪندس. شيخ صاحب به اتي هوندو، هو به ڪوشش ڪندو. شيخ صاحب D.M.L.A سان مليو آهي، چيائين: انشا الله ضمانت ٿي ويندي. مون ادا کي چيو ته: جيترو جلد ٿي سگهي، طارق کي انهيءَ عذاب کان ڇڏايو. چيائين: اوهين فڪر نه ڪريو.

ٻاپيءَ جو موڪليل گوشت ۽ پاڇيون جيل تان موٽي آيون. اهڙي هنڌ ڦاٿا آهيو، جتي اسانجو ته وس ئي ڪونه ٿو هلي. مونکي احساس آهي ته اوهان وٽ گوشت، پاڇيون وغيره ڪونه هوندو هون. سپاٽي، انشا الله وري شيون موڪلبيون خدا ڪري اوهانکي ملن.

چڱو هاڻ اجازت ٿي وٺان.

سڀني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي
شمس

۲۹-۱-۸۴
عزيز طارق
اسلام عليڪم. اميد اٿم ته اوهانکي هاڻ خميسي جي هٿان موڪليل شيون ملي ويئون هونديون. ادا مغل اڄ ڪراچي ڪونه وڃي سگهيو، شايد سڀاڻي وڃي. چيائين ته طارق جي ڪم سان ڪمشنر وٽ وڃان ٿو، ۽ پوءِ جيل تي ملڻ ويندس.
هينئر ادا جي فون آئي هئي. ادا ۽ اوهانجي دوست اشفاق قاضي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ڪمشنر سان ملاقات نه ٿي سگهي، دير ٿي وڃڻ ڪري ادا، اوهان وٽ به نه اچي سگهيو.
توهان لکيو آهي ته ماڻهو گندن بيرن سان چادر ۽ سوڙ تي ويهي ٿا رهن. اها ته ڏاڍي خراب ڳالهه آهي، اهڙي سوڙ اوهان مٿان ڪيئن وجهندا. پلا صبح جو هنڌ ويڙهي، ٻئي هنڌ جو ٿنٿا رکو.
اڄ ننڍي پيءُ چوڻ لڳي ته: تون جيڪي ادا کي خط لکندي آهين، ادا آهي ڇپرائيندو؟ مون چيو: طارق کي کهڙو لاچار پيو آهي جو اهي خطَ ڇپرائيندو. ٻيبي چوڻ لڳي ته: ٻهرين به ته ادا، ماڳ، دانيال ۽ سندس محبوبه جا خط ڇپرايا هئا.

چيم: آهيا ته سنڌس محبو به هئي. مان ته زال آهيان. مون وٽ ڪي عشق جون ڳالهيون ته آهن ڪونه، ڪي گهرو، ۽ ڪي سائنس واسطو رکندڙ ڳالهيون آهن. اهي بيڪار خط ڪيئن ڇپرائيندو.

خبر پئي آهي ته دائود پٽاڻ لاءِ جنرل ضيا پاڻ فون ڪئي هئي، تنهن تي آزاد ٿيو آهي.

پلا اوهانجي طبيعت ڪيئن آهي. مونکي اوهانجي صحت جو ڏاڍو فڪر آهي. نه چاڻ وري ڇو گردي جي تڪليف ٿي آهي. اجا هاڻ ته آپريشن ڪرائي هئي، پالڪ ۽ ٽماٽا ته نه کائجو.

رات لاڙڪاڻي مان ادا ذوالفقار راشديءَ جي فون آئي هئي. زيب سنڌيءَ جي هٿان ڪجهه بيهه، ماڻو ۽ پکي موڪليا اٿن. تو هان ته انهن کي ڪجهه ن سڏيو، پر ڏينڌ جا اهي پکي اسانکي ته ڏاڍا وڻندا آهن.

مقصود ڇيو پي ته: ادا شنوائيءَ تي ايندو آهي ته هر ڪنهن کي پيو چوندو آهي، ته جيل ۾ آءٌ بلڪل خوش آهيان. مونکي ڪجهه به ڪونه ٿيو ٿئي. زڪام تائين به جيل ۾ ڪونه ٿيو اٿم. مهرباني ڪري هر ڪنهنکي ته اهو نه چوندا ڪريو، ماڳهين نظر نه لڳيوَ. بلڪ لڳي ته اٿوَ. ڪانُو ٻارن ڪان به گهٽ. السر اٿوَ، گردي ۾ تڪليف اٿوَ. ڪرنگهي ۾ تڪليف اٿوَ. اجا به چئو ٿا ته مان بلڪل ٺيڪ آهيان. ڇريا ته ڪونه آهيو.

ڪلهه ڪان ته مونکي به بخار آهي.

پلا طارق، اوهان وٽ جيڪو سامان آهي، اهو رکو ڪٿي؟
چڱو هاڻ اجازت.

سڀني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي

شمس

٨٤-١-٣١

عزيز طارق. خدا توهانکي جلد آزاد ڪري.
اسلام عليڪم. پنهنجي وقت تي، وري حاضري پرڻ آئي آهيان. يعني شام جا پنج ٿيا آهن. ڇا ڪريان، آءٌ ته روز توهانکي خط لکندي آهيان، پر اهي مون وٽ ئي پيا آهن. هاڻ توهانجي شنوائيءَ تي سڀئي موڪليندس.
هاڻ ته اوهانکي گوشت، پاڇيون ۽ گهرج جون ٻيون شيون هر ٻئي ڏينهن خميسو پهچائي ويندو هوندو. شاباس آهي ادا مغل کي. اوهانجي بي ڪلاس، ۽ ضمانت لاءِ جدا ڊوڙ ڊُڪ ڪري، ۽ هرٻئي ڏينهن ڇهاپري شيون جيل تي موڪلي. فون ڪري مونکي چوائين ته: هڪ نه ٻئي ڏينهن شيون موڪلڻ سان طارق کي شين جي تڪليف ٿيندي، روز خميسو گوشت پاڇيون ڏئي ايندو. پر مون چيو ته: طارق چيو آهي ته هڪ نه ٻئي ڏينهن موڪليو.
ذوالفقار سيال جي فون آئي هئي، اوهانجو پڇيو ٿس. مقصود چيو هو ته مان آفيس مان سڌو ادا وٽ ويندس. مان آسرو رکيو ويٺي هيس ته اوهانجو خط ايندو. پر دير تي وڃڻ

ڪري، مقصود اوهان وٽ ڪونه آيو. هاڻ سڀائي اينڊو. نيستائين انتظار ڪرڻو پوندو. خدا ڄاڻي اوهين ڪڏهين آزاد ٿيندا. خبر ناهي هر دفعي اوهانجي ئي قسمت ۾ جيل ڇو لکيل آهي. ڇوٽا اهڙا بيڪار ڪتاب لکو ۽ ڇپيو. هڙ حاصل به ڪجهه ڪونه ٿئي، ۽ جيل جون تڪليفون به برداشت ڪرڻيون پون. آخر ٻيا به ته اديب آهن، ڪهڙا نه مزي سان پنهنجن گهرن ۾ ويٺا آهن. نه ڄاڻ اوهان جي دماغ ۾ ڪهڙي جذبي ۽ اصول جي ڳالهه ويٺي آهي. هيءَ عمر ته آرام ڪرڻ جي آهي. جيل جي سختي برداشت ڪرڻ جي ڪانهي. مون ته سمجهيو هو ته اهي ڳالهيون شروع جون هيون، هاڻ ختم ٿيون، هاڻ اوهانجو جذبو ٿڌو ٿي ويو هوندو. پر قسمت ۾ ڇا هو، انهيءَ جي خبر ڪانه هئي. اڄ آءٌ ساڳيءَ انهيءَ حالت ۾ آهيان، جنهن ۾ ويچاري منهنجي سَس رهي هئي. هاڻ هوءَ ته هر ڳالهه کان، هر طرح آزاد ٿي ويئي. آءٌ ساڳين فڪرن ۾ مبتلا ٿي ويس.

بس، گهڻو جيل ڪاٽيو اوهان. قرباني ٻين اديبن کي به ڏيڻ گهرجي، يا رڳو قربانيءَ جا ٺڪرا اوهين ئي رهيا آهيو. ڇريا ته ڪونه آهيو.

مهرباني ڪري منهنجي ڳالهين تي ناراض نه ٿجو، سوچجو. چڱو في الحال اجازت.

سڀني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي

شمسه

۱-۲-۸۴

پياري شمس،

اسلام عليڪم.

ملاقات تي مقصود آيو هو. هنجي هٿان هڪ طويل خط موڪليو اٿم. تنهنجا ٻئي خط به مليا اٿم، اڳ ۾ تنهنجي ڳالهين جا جواب توکي ڏيان ٿو، پوءِ هتي جو احوال لکبو.

تون بي فڪر رهه، تنهنجا خط ڪونه ڇپرائبا. دائود خان لاءِ خبر پئي اٿم ته هنکي سرحد جي گورنر جي چونڊ تي چڙهيو اٿن. دائود خان غفار خان کي خط لکيو هو، غفار خان گورنر کي ڏنو هو. وڌيڪ خدا کي خبر.

هتي اسانوٽ نئيدا نئيدا چاريءَ وارا ڪپٽ آهن، انهن ۾ سامان رکيل آهي. تون فڪر نه ڪر. باقي هنڌ ويڙهي نٿا رکي سگهجن، ڇو ته اسپرنگن واريون لوهي کٽون آهن.

رهي قرباني جي ڳالهه، ته شمس، قرباني هرڪو ته نه ڏيندو آهي. ۱۹۷۳ع جي ڳالهه آهي، مان سنڌي اديبن مان ڏاڍو مايوس ٿيو هوس. تڏهن موٽلکي آمر جاڳيل ڇپيو هو ته: هرقوم مان ڪنهن هڪ کي ته قرباني ڏيڻي پوندي آهي. امام حسين جي ڏينهن ۾ به مسلمانن جي کوٽ ڪانه هئي، پر اصولن تي قرباني فقط امام حسين ڏني. تنهنڪري سنڌي ادب جي خاطر توکي ئي قرباني ڏيڻي پوندي. مان هر قدم تي تنهنجو

سلڪ ڏ بند س. خير هن ته فقط انهيءَ وقت تائين سات ڏنو، جيستائين سهڻيءَ جي پاران سندس نمبر نه نڪتو. جيئن ئي سندس نمبر نڪتو، سند تي سر ڏيڻ وارو اهو اديب، پنهنجو سر بچائي، ۽ منهنجو ڦاسائي، اڻين پڳو، جو وري ڏسڻ ۾ نه آيو.

خبر مونکي جيڪو صحيح لڳو آهي، مون اهو ڪيو آهي. هڪ ليکڪ جو ڪم آهي ته هو سچ لکي. مون سدائين سچ لکيو آهي، ۽ سچ ڇپيو آهي. سچ جي راه، اڻانگي ته ٿيندي آهي.

هر هڪ ملڪ ۾ اهڙو آهي، جتي سچ لکڻ ڏوهه آهي. پيا مڙي ۾ انهيءَ ڪري آهن، جو گهڻن ۾ سچ لکڻ جي همٿ ڪانهي. جيل ۾ مهاتما گانڌي، مولانا محمد علي، شوڪت علي، پنڊت نهرو ۽ ٻيئي جهڙا ليڊر به هئا. ڇا اهي سڀئي چريا هئا. مان ته جيل وڃڻ نه چاهيندو آهيان، ڇو ته خبر اٿم ته منهنجي جيل وڃڻ سان مسئلا حل ڪونه ٿا ٿين. پر جڏهن منهن جيل ڏانهن ڪن ٿا ته پٽ ته ڪونه ڪبي.

طبيعت بلڪل ٺيڪ اٿم. ٿوري سور جي ڪير ٿو پرواهه ڪري. تون فڪر نه ڪر، ڪونه ٿي نظر لڳي. دوائن جي مونکي ته يادگيري پوي ڪانه، ويچارو . حب شاهه منهنجو ڏاڍو خيال رکندو آهي. اهو ئي وقت تي دوائون ڏيندو آهي.

رات جو مشتاق سنگردو آيو هو. ٻڌايائين ته: اڄ راجا جاويد کي ڦاسيءَ گهاٽ وٺي ويا. جيل تي ليڊر پهچي ويو آهي.

اڄ ٻهريون ڀيرو سندس پيءُ ملڻ آيو هو. راجا کي چار ڏينهن آهن، آهي به آيون هيون. راجا کي چوڻ لڳيو: اٿو آپ چاو نه گهر. ڏيڊي (ڏاڏو) تو آپ کو گهر لاتي نهيں ديں.

مشتاق چيو: مان آئي بيٺل هوس، منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. راجا جي پيءُ چيو: اڄ تائين سون تنهنجي لاءِ ڪجهه نه ڪيو آهي. پر هاڻ ڪوشش ڪندس.

پوءِ راجا دوستن سان موڪلائي ڦاسي گهاٽ هليو ويو. سندس منهن لٿل هو.

اڄڪلهه روز سياسي قيدي آزاد پيا ٿين. جڏهن مان آيو هوس ته سادا اٺ سؤ ڪن سياسي قيدي هئا، اڄ عطا جي چوڻ مطابق سادا چار سؤ رهيا آهن.

صبح جو شاهنواز خان آيو هو. چيائين ته: اوهان وانگر مونکي به چيلهه ۾ سور پوڻ لڳو آهي. ڊاڪٽر جوکئي مونکي ڏسي پڌايو هو ته، ڪرنگهي وٽ ڪجهه نسون مارجي ويون آهن، هاڻ پوڙهو ٿي ويو آهين. سنڀال ڪر. انهيءَ ڪري اوهان وانگر سنڀال ڪندو آهيان. گهوڙي سواري جو ڏاڍو شوق اٿم، پر ڪري ڪونه سگهان.

صبح جو ڪچهري جي آفيس، شنوائيءَ جي تاريخ پڇڻ لاءِ ويس. ماسٽر مشتاق ويٺو هو، پر سڃاڻو مانس ڪونه. چو ته ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏي اٿس (آزاد ٿيڻ وارو آهي). پاڻ ٻڌايائين ته بابو غلام حسين ۽ الاهي بخش قائم خانيءَ سان ملاقات ٿي. ڇلگري به آئي ٿي ساڻو. چيومانس: ڏسي اڄ ته منهنجي ملاقات

ته ڪانه آئي آهي. ڪو ڪرنل اچڻ وارو هو، سو دروازو نه پي کوليائون. چالڪري ڪجهه دير ڪانپوءِ ڏيو ۽ اچي ٻڌايائين ته ڪوبه نه آيو آهي. پر اسپتال موٽي ويس ته پتو پيو، ملاقات آئي آهي. مان، امين خٽڪ ۽ چنڊي مهتاب کي ساڻ ڪري ملاقاتي ڪمري ۾ آيس. خميسو، دانيال ۽ اورنگزيب آيل هئا. گوڙ جي ڪري ڳالهائي ڪجهه به ڪونه سگهيس، البت اورنگزيب رڙيون واڪا ڪري ڪجهه ڳالهائي ورتو. امين چيو: سامان آڻي ڪٿي ٿو اچان. پر جيل وارن ڪيس گوشت ڪونه ڏنو. مان ڊپٽي رحيم شيخ وٽ ويس. پر هن انڪار ڪيو ته گوشت ٻاهران ڪونه ايندو، باقي مان پنهنجي گهران توکي روز ٻوڙ موڪليندس. چيومانس: مونکي تنهنجي ٻوڙ جي ضرورت ڪانهي. جيل ۾ چرس، ڀنگ ۽ آفيم عام جام اچي سگهن ٿيون، باقي گوشت نه. چيائين: اهي شيون ته سدائين جيل ۾ اينديون رهنديون آهن. چيم: جائز شين کي روڪيندا ته ناجائز طريقي سان ته اينديون. نيٺ گوشت ڏيئو پيس.

اڄ عطا جي ملاقات به آئي هئي. عطا کي جيڪا شيءِ ملي، انهيءَ مان اسانکي به حصو ضرور ڏيو وڃي. اڳي دفعي آچار ۽ ڪيڪ ڏئي ويو هو. اڄ به سندس پيءُ جي ناهيل هڪ ڏاڍي سٺي شيءِ هئي. هئي ته خبر نه پئي، پر تمام سٺي هئي. اڄ ماستر مشتاق آزاد ٿي ويو. هنپهرن جو غلام علي ۽ حسن علي لغاري موڪلڻ آيا، سندن ڪيس ڊي ـ ايم ـ ايل ـ آءِ واپس ورتي ڇڏيو آهي. آهي به آزاد ٿي ويا. سائين گڏ لال ۽

چلگري به هئا.

سانجهي ڌاري عالم شاهه، مولا بخش، علي محمد سومرو ۽ شفيع اُباڻو آهي اچي ويٺا ٿي مس هئا ته جيل جو سائرن وڄيو، سڀئي پريشان ٿيا ته نه ڄاڻ ڇا ٿيو آهي. عالم شاهه چيو ته: اسان هلون ٿا، متان ڇوڪرن ڪو ڦڏو ڪيو هجي.

هنن جي وڃڻ کانپوءِ مان ۽ نقوي به خبر چار وٺڻ لاءِ هيٺ لٿاسين، پتو پيو ته سائرن آزمائش لاءِ وڄايو ويو هو.

مان ۽ نقوي اسپتال جي ٻاهران چڪر ڏيڻ لڳاسين. نقوي مونکي ٻڌايو ته هيءَ سندس ٻئين شادي آهي. پهرين مان هڪ پٽ اٿس. پر پهرين ۽ ٻين زال کي هن طلاق ڏئي ڇڏي. پٽ جوان ٿي ويو اٿس. نقوي پهرين زال سان ٻيهر نڪاح ڪرڻ گهريو. هن پٽ جي معرفت سندس ماءُ کي چوائي به موڪليو. پر هوءَ تيار نه ٿي. چيائين: هڪ وقت ۾ ٻن زالن سان نباهه ڏکيو آهي.

پوءِ اسين شاهنواز خان وارن وٽ وياسين، شاهنواز خان ٻڌايو ته: رفيق ۽ مولانا جاويد اچي ڄام کي لڳا ته: تون ته ڪامريڊ ماڻهو آهين، تو کي پنهنجي گهرجي زالن کي ٻاهر ڪڍڻ گهرجي. وري شاهنواز خان کان پڇيائون: اوهانجو ڪهڙو خيال آهي؟ شاهنواز خان چيو: مونکي اهڙي صلاح ڏيندا ته مان موچڙا هڻندوسانوَ. نقوي پڇيو: اوهانجا پٽ ڪونه چاهيندا هوندا ته اسين پنهنجون زالون ٻاهر ڪڍون. شاهنواز خان چيو: چاهيندا هوندا. نقوي پڇيو: ڪو اوهانکي چوي ڪونه ٿو؟ شاهنواز خان چيو: ڪنهنکي ايڏي همٿ ٿي

ڪانهي، جو مونکي چوي.

رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. هاڻ سمهان ٿو. ڪجهه دير اڳ ٽ.ي روم ۾ ويو هوس. ورانڊي جي دريءَ مان ٻاهر جو نظارو ڏسجي ٿو، ٻاهر هڪ گهر تي بلبن جون جهالرون لڳل هيون، شايد ڪنهنجي شادي هوندي. ٻاهر ماڻهو ڪيترا خوش هوندا. اسين ته هتي جيل ۾ آهيون. جتي خوشي فقط آزاد ٿيڻ تي ملندي آهي.

هن وقت محب شاهه نماز پيو پڙهي. مير محمد شاهه ستو پيو آهي. نقوي پنهنجو ناول پيو لکي، ۽ مان هاڻ خط بند پيو ڪريان. چڱو شب خير.

٨٤-٢-٣

صبح جا سلام قبول ڪر. اڄ اڃا هٿ منهن ڌئي ڪونه ڏوڌو هوم جو چانهه اچي ويو. سائين ڪچهري ڪرڻ ويٺس، پڇيو سائين: پهرين هيءَ حڪومت اليڪشن جماعتي بنياد تي ڪرائيندي يا غير جماعتي؟ چيائين: جيڪڏهن ساڄي ڌر جي جماعتن جي ڪامياب ٿيڻ جو امڪان هوندو ته جماعتي بنياد تي ڪرائيندي، نه ته غير جماعتي. پنهنجو هادي بخش سهتو، احمد علي عباسي، عالم شاهه، مشتاق منگريو، خالد پيرزادو، عبدالله ملاح ۽ مولا بخش چانڊيو آيا. شاهنواز خان اڄ ڪونه آيو، نقويءَ مونکان ڪارڻ پڇيو. مون چيو: هنکي به مون وانگر ڪرنگهي ۽ گوڏن ۾ سور آهي. شايد انهيءَ ڪري نه اچي سگهيو. ڪلهه چيائين: خير پاڻ سان ته

نه ملايو. هنکي ٿي زالون آهن. اوهانکي فقط هڪ.
شام جو نقويءَ سان چڪر ٿي نڪتس ته صوبيدار رستي ۾ مليو. راجا جاويد لاءِ ٻڌايائين ته: هن ۽ سندس دوستن ملڪ الله يار جاماڻهو ماريا هئا، ۽ هڪواٽ ويندڙ کي به گولي هڻي هئي. ٻوءِ ٻنهين کي وارن کان گهلي آڻي گاڏيءَ ۾ وڌائون، ٻنهين کي وارن کان جهليائون ته هو جيئرو هو. هن وٺي رڙيون ڪيون. انهيءَ وقت راجا جي سنگتياڻي پنو به ساڻس گڏ هئي. هن زخمي واڻهڙو کي آڻي ڏي چڏيو. ۽ چيائين ته: اسانجو ڏالو کنيو اٿئي ته گولي هڻنداسين. هو ٻه چي ويو، ۽ شاهدي به نه ڏنائين. پر ملڪ الله يار همٿ ڪري شاهدي ڏني. ٻه ساڻس جيڪي مٺا هئا، انهن جي ننڍڙن ٻارن به شاهدي ڏني ته قاتل اهي ٿي آهن.
صوبيدار چيو: اهڙن کي ته سزا ملڻ گهرجي. (١)

چام ساقيءَ کي اهو فڪر آهي ته سندس امتحان ختم ٿيا ته کيس سکر جيل موڪلي ويندا. جهڙي آزادي اٽڪلهه حيدرآباد جيل ۾ آهي، سکر جيل ۾ ڪانهي.
اٽڪلهه واقعي هيءَ جيل ڏاڍو ٿڌو آهي. ٿڌي سان مقصد آهي ته جيل ۾ سختي ٻنهه ڪانهي. مان ايترا دفعا جيل آيو آهيان، ڪڏهن به جيل ۾ ايڏي نرمي نه ٿي آهي. اهو فقط سياسي قيدين جي ڪري آهي. سياسي قيدي فقط پنجاهه هوندا تڏهن به سڄي جيل کي کنيو بيٺا هوندا آهن. هتي ته آزاد ٿيڻ

---

(١) ڪجهه مهينا اڳ راجا ۽ سندس دوستن کي ڦاسي اچي وئي.

ڪانپور ۾ اڄ ساڍا چار سؤ قيدي آهن. تنهنڪري اسانکي جتي وٺي ٿو وڃون ٿا. ملاقات ۾ جڏهن وٺي ڪيو ونجي. حالانڪ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ رحيم شيخ ۽ سپرنٽينڊنٽ اوڪاش شيخ ٻئي ڏاڍا ماڻهو آهن. خاص ڪري رحيم شيخ ته صفا ويل آهي، پر سياسي ماڻهن کان ڊڄن ٿا. ڊڄڻ جو فقط هڪڙو ڪارڻ آهي ته هنن جا هٿ صاف ڪو نهن، پنهنجن ڪرتن ڪمن جي کين خبر آهي. عام ڏوهارين لاءِ اهي ڏاڍا سخت هوندا آهن، پر سياسي قيدين کان ڏاڍو لهرائيندا آهن. تنهنڪري ڏوهاري قيدي به سياسي قيدين جي اچڻ ڪري خوش ٿيندا آهن، ڇاڪاڻ ته هنن تان به سختي گهٽبي آهي، ۽ ماني به ڪجهه چڱي ملندي آهي. ڇاڪاڻ ته سياسي قيدي هر ڳالهه ۾ پنهنجي ٽنگ اڙائيندا آهن. ۽ جيئن ته سياسي قيدي اڪثر سٺي مقصد ڪارڻ ايندا آهن، تنهنڪر ڊڄن ڪونه.

چڱو هينئر اجازت ٿو وٺان. ڊپٽي ۽ خالد پيرزادي چيو آهي ته اوهانکي سڀاڻي شنوائي تي ڪيندا، تنهنڪري شنوائي تان موٽي پوءِ خط لکندس.

ادي، مغل، آپا، پاپي، ادا نثار، چاچا صالو، ادا ظهور، ظهير، مقصود ۽ دانيال کي سلام.

فيضي، غزالہ، افراز ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

۳-۲-۸۴

عزيز طارق،

اسلام عليڪم. هن وقت رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. اڄ ارشاد وارن وٽ قرآن خواني هئي، آتان نوين وڳي موٽي آهيان، پوءِ واندي ٿي مٿي چڙهي آهيان.

اڄ ماما جو ڏينهن هو. پهلي جو پلاهه هو. پلو به اسي روپي مليو. ڏاڍي دل ٿي پئي ته ڪنهن طريقي سان اوهانکي به موڪليان. پر افسوس اهڙو موقعو ڪونه مليو.

اڄ مامي وارا آيا هئا. ماما ڙتن زور ڪيو ته ٻه ٽي ڏينهن هلي اسانوٽ رهه، پر مون انڪار ڪيو، ڇو ته نه ڄاڻ ڪيڏي مهل اوهه نجو خط اچي، يا ڪو نياپو ملي. سائين فيض محمد شاهه آيو هو، چيائين: طارق صاحب کي خط لکجو ته مير محمد شاهه کي چوي ته فکر نه ڪري، اسين ڪم ڪريون پيا. ڪجهه ڏينهن گذريا آهن، باقي ڪجهه ڏينهن به گذري ويندا، دل نه لاهي.

ڏسجي سپاڻي اوهانکي شنوائيءَ تي ڪڍن ٿا يا نه. مقصود کي چيو هوم ته ڪورٽ مان پڇا ڪري.

هاڻ توهان کان اجازت وٺندس. خط نندو آهي. پر ڪو احوال به ڪونهي جو لکان. تنهنڪري في الحال اجازت.

سڀني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي

شمم

۶-۲-۸۴

پياري شمس،

اسلام عليڪم.

تنهنجو خط مليو. تو کي افسوس آهي ته تون پنهنجي پلان نه موڪلي سگهين. شڪر ڪر، مان انهن هزارين قيدين جي ڀيٽ ۾ خوش قسمت آهيان، جنکي ڪاغذ لاءِ سولي ماني به نٿي ملي. مان ته خدا جي مهرباني سان تمام سٺو پيو کاان. تو وانگر مونکي به فڪر هو ته نه ڄاڻ شنوائي تي ڪڏندا يا نه. پر مان انهيءَ ڳالهه ۾ به ٻين قيدين جي ڀيٽ ۾ خوش نصيب آهيان، جو مونکي هر شنوائيءَ تي ڪڍيو اٿن. اڄ صبح جو شنوائيءَ جو آسرو لاهي، محب شاهه، نقوي ۽ شفقت شاهه سان ٽاش راند پئي ڪيم جو منشي جمال اچي ٻڌايو ته پوليس آئي آهي، هلو. مان سائنس گڏ ڪچهري جي آفيس پهتس، احمد حسين جيلر منهنجي ئي انتظار ۾ ويٺو هو، مونکي وٺي، ماڙي پهتو. اتي عالم شاهه ۽ عبدالله ملاح به پنهنجي ڪم سان آيل هئا. ٻئي قرب سان مليا. ملاح جي چپن تي آها ئي مُرڪ هئي، جيڪا سدائين هوندي آهي. مونکي اشرف پوليس وارو وٺڻ آيو هو. ڏاڍي عزت سان مليو، ۽ پوءِ ٻاهر وٺي نڪتو. سائنس گڏ ايوب پوليس وارو به هو. جيڪو پڻ چڱو ماڻهو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪيس رائيفل هئي يا بندوق (مونکي رائفل ۽ بندوق جي فرق جي ڄاڻ ڪانهي.) تنهنڪري هو جيل ۾ اندر نٿي اچي سگهيو.

مون اڪثر پاڪستاني يا ڀارتي فلمن ۾ ڏٺو آهي ته جيل اندر پوليس وارا رائفلون کنيو پيا هلندا آهن. جيلرن کي روائتي لڳل هوندا آهن. جيتوڻيڪ جيل جي قانون مطابق جيل انتظاميه جو ڪوبه فرد، جيل جي اندر هٿيار نٿو کڻي وڃي سگهي. اڪثر فلمن ۾ جيلر کي، جيل جو وڏو حاڪم ڏيکاريو ويندو آهي. حقيقت ۾ جيل جو حاڪم بلڪ مالڪ سپرنٽينڊنٽ هوندو آهي. انهيءَ کانپوءِ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ. جيلر ته جيل ۾ ڪيئي هوندا آهن، ۽ هر ڪنهن جو ڪم ورهايل هوندو آهي. جيڪي ڊائريڪٽر قيد ٻن تي فلمون ٺاهين ٿا، انهن کي گهٽ ۾ گهٽ چار پنج مهينا جيل ضرور اچڻ گهرجي.

ڏس، ڪٿي جو ڪٿي وڃي پهتس.

اڄ مونکي دير سان ڪيڏيو هئائون، انهيءَ ڪري اهو فڪر هوم ته متان اورنگزيب ۽ دانيال موٽي نه ويا هجن. جڏهن ڪورٽ پهتس ته منهنجي ملڻ وارن مان اڃا ڪير به نه پهتو هو. سجاول جمعدار بينچ ڪٽائي ڏني، مونکي ويٺي ٿوري دير ٿي هوندي ته اخبار وارو آيو. مونکي سڃاڻي ويو آهي، تنهنڪري اخبارون ڏئي ويندو آهي. جڏهن مقصود ايندو آهي ته ڪيس پئسا ڏيندو آهي.

اخبارون منهنجي هٿن ۾ هيون، پر مان ٻي چپنيءَ سان ملڻ وارن جو انتظار ڪري رهيو هوس. نيٺ مقصود ۽ آفتاب (پپو) آيا، ۽ اچڻ سان خوشخبري ٻڌايائون ته: ڊي.ايم.ايل.اي اوهانجي ضمانت منظور ڪئي آهي. تسليم (۱) اچڻ وارو

---

(۱) ناز سنائي واري ڪيس ۾ ته تسليم احمد ميمڻ منهنجو ضامن پيو هو.

هوندو. آهو اچي ته جاء جا انڪسٽر يڪٽ ڪيرائي، ضمانت ڏي.

ايتري ۾ تسليم به اچي ويو، ايترا ڏينهن نه اچڻ جي معذرت گهريائين. مون چيومانس: ڪنهنجي نه اچڻ تي مان ڪاوڙبو ناهيان. چاڪاڻ ته مونکي احساس آهي ته ٻاهر وارا ڪيترا مصروف هوندا آهن.

تسليم ڪاغذ ڪيائڻ ويو ته دانيال آيو. اڄ دانيال ڏاڍو خوش هو. منهنجي لاء اسٽار اخبار به وٺي آيو هو. مون کيس اورنگزيب کي وٺڻ لاء موڪليو. اقبال (مشينمين) ۽ بونس (ڪمپازيٽر) به اچي ويا. پوء عرفان شاهه به آيو، ڏاڍي قرب سان مليو. عرفان جهڙو مخلص، قربائتو، سلڇڻو، فرمانبردار ۽ فضليت وارو ڇوڪرو، هن وقت ۾ مون ٻيو ڪو به نه ڏٺو آهي. حقيقت ۾ عرفان شاهه ۾ انهيء ڪان به وڌيڪ خوبيون آهن، جيترو مون مٿي لکيون اٿم. پوء اورنگزيب، آصف، ظفر شاهه ۽ ظهير به پهچي ويا، اسين سڀئي وچي ڪورٽ جي ڪينٽين ۾ ويٺاسين. ٿوري دير ڪانپوء اڳ ۾ خميسو خان، ۽ پوء ذوالفقار سيال، هدايت منگي، تاج جويو، ولي رام ولڀ ۽ اعجاز قريشي به آيا.

اعجاز اچڻ سان پڇيو ته: اختر بچائي ڪونه آيو آهي؟ ٻڌايومانس ته: هو ڪڏهن به ڪونه آيو آهي. اعجاز آڻي ويو، ۽ ٿوري دير ۾ اختر بچاڻيء کي وٺي آيو. سڀني مونکي ضمانت جون مبارڪون ڏنيون.

اورنگزيب ۽ آصف گهڙيء گهڙيء انهيء وڪيل کي ڏسڻ پئي ويا، جيڪو روز، پنهنجي خيالي محبوبه سان، ڪورٽ

جي چاري وٽ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ، پاڻمراد و انگريزيءَ ۾ پيو ڳالهائيندو آهي.
ڪافي دير ڪانپوءِ آفتاب اچي ٻڌايو ته: ليٽر ايس.ايم.ايل.آءِ لاءِ نڪتو آهي، آتان هن ڪورٽ ۾ نه پهتو آهي. تنهنڪري اسين آتان پڇا ڪرڻ وڃون ٿا. ۽ ڪافي دير ڪانپوءِ موٽي اچي ٻڌائين ته: ايس. ايم. ايل. آءِ جي آفيس ۾ اجا ليٽر ٽائيپ نه ٿيو آهي. ٽائيپ ٿيڻ ڪانپوءِ ايس. ايل. ايم. آءِ صحيح ڪندو پوءِ ليٽر هن ڪورٽ ۾ ايندو.
مون سرڪي چيو: اهو ڪم اوهانجو آهي. مان ته جيل وڃان پيو. مان سڀني کان موڪلائي وين ۾ چڙهيس. مان اڄ خوش هوس ته ضمانت منظور ٿي، پر ساڳي وقت اها به بي چيني هئي ته: نه چاڻ جيل مان آزاد ڪڏهن ٿيندس. واٽ تي اشرف پوليس واري ٻڌايو ته شفقت شاهه کي هڪ سال سزا، ۾ لک ڏنڊ ۽ ١٥ ڦٽڪن جي سزا ملي آهي.
مونکي اهو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. اجا ويچارو مس هڪ سزا پوري ڪري نڪتو هو، جو وري ٻي لڳس.
مڙيءَ تي اچڪلهه ايندي ويندي منهنجي تلاشي نه وٺندا آهن. سو مان پنهنجو سامان کڻي اسپتال پهتس. هيٺ لان ۾، محب شاهه، نادر خواجو ۽ احمد علي عباسي ويٺا هئا. مونکي ڏٺائون ته اُٿي اچي مليا. مون محب شاهه کي پنهنجي ضمانت وارو آرڊر ڏيکاريو. هو ڏاڍو خوش ٿيو. ۽ پوءِ اسين مٿي چڙهياسين. مون نقويءَ کي آرڊر ڏيندي چيو: ڪورٽ مونکي چار شيٽ ڏني آهي. نقويءَ زور سان ليٽر پڙهڻ لڳو، پر هڪ سٽ مٿان پڙهي، يڪدم هيٺيون پڙهڻ لڳو.

ضمانت جو پڙهي مبارڪ ڏنائين. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ امين
خٽڪ ۽ هادي بخش ڀٽو آيا، ۽ انهن به مبارڪ ڏني.
ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ امين سان گڏ چام وارن وٽ ويس. چام
ابوبڪر سان گڏ، سندس وارڊ جي ٻاهران ڇپر ڪنيو بيٺو
هو. مون کلي پڇومانس: ياچي وٺي ٿو وڃي چا؟ کلي چيائين:
هائو. ۽ پوءِ ڪنڌ تي چمي ڏنائين. ڪنڌ تي چمي ڏيڻ
جو سبب پڇيومانس ته چيائين: ڪنڌ ڪپيا آهن نه، انهيءَ
ڪري ڪنڌ تي چمي ڏيندو آهيان. مون کلي پڇومانس:
معني تو سان جيڪو مليو، تنهن جو ڪنڌ ڪپيو.
اچو ڪي جنگ ۾ عبدالقادر حسن واري ڪالم ۾، عابد
زبيريءَ جو هڪڙو خط ڇپيو آهي. جنهن ۾ جيل وارن جي
خلاف لکيل آهي، ۽ اهو به ته ڪن قيدين کي جيل وارن
هروڀرو سهولتون ڏنيون آهن. عابد زبيريءَ جي انهيءَ حرڪت
تي ڪافي ساٿي ناراض هئا.(١) خاص ڪري شاهنواز خان،
عاشق جتوئي ۽ يوسف ٽالپر. جيڪي بي ڪلاس ۾ هئا،
پر ملاقات بي ڪلاس وانگر اندر ماڙيءَ ۾ ٿيندي هئي.
عابد زبيريءَ جي خط کانپوءِ جيل وارن سندن ماڙيءَ تي
ملاقات تي پابندي وجهي ڇڏي.
مان اتي ئي بيٺو هوس ته يوسف ٽالپر ۽ عاشق به چڪر ڏيندا
آئان لنگهيا. اسانکي بيٺل ڏٺائون ته ٿوري دير بيهي اسان

(١) پوءِ خبر پئي ته خط عابد زبيري نه، بلڪ رفيق صفي لکيو
هو، پر نالو عابد زبيريءَ جو استعمال ڪيائين عابد زبيريءَ
خبر هئڻ جي باوجود به رفيق جو نالو نه ڪنيو. پاڻ سيني
کي چيائين: اِس لکڻ ويو موڪان.

سان مليا. مونکي مبارڪون ڏنائون ۽ ٻڌايائون ته عابد زبيري ٻه ٻاهرين اسپتال مان، جيل موٽي آيو آهي. مان جام وارن جي وارڊ ۾ اندر ويس آتي شاهنواز خان، مولانا جاويد ۽ انور شاهه سان مليس. رفيق لاءِ خبر پئي ته ملاقات تي ويو آهي. سندس پيءُ ۽ ڀاڄائي ملڻ آيا ائس، جن جي شادي ويجهڙائيءَ ۾ ٿي آهي. رفيق منهنجي هوندي ٿي موٽي آيو. مونکي گفٽ ۾ هڪڙو ڪمبلينڊر ڏنائين. رفيق جي بي ڪلاس منظور ٿي وئي آهي. ٻڌايائين ته: سپرنٽينڊنٽ چيو آهي ته تون بي ڪلاس ۾ شفٽ ٿي وڃ. پر مون چيو ته: مان اتي ٿي رهندس. شاهنواز خان منهنجي ڪري اڃا تائين ۾ رهيو، ۽ هاڻ مان ڪيس ڇڏي وڃي ٻئي وارڊ ۾ رهان. سپرنٽينڊنٽ چيو ته: لکي ڏي. مون چيو: لکي ڪونه ڏيندس. تنهن تي سپرنٽينڊنٽ چيو ته: چڱو ٻه ڏينهن ڪن پلي آتي ٿي رهه. پوءِ اهي سياسي قيدي آزاد ٿي ويندا، تون اڃا بي ڪلاس ۾ رهجانءِ.

پوءِ رفيق ٻڌايو ته آهه ـ جي نور الاهي هوم ڊپارٽمينٽ کي لکيو آهي ته: رفيق صفي چريو ٿي پيو آهي، هنکي معائني لاءِ چرين جي اسپتال موڪليو. شاهنواز خان کلي چيس: تون چريو ناهين ته پيو ڇا آهين. هن ملڪ ۾ رهي سچو ڏينهن قانون جي ڳالهه ٿو ڪرين. اهي چرين جا ڪم ناهن ته ڪي سونَ جا ڪمَ آهن.

ٻاهر نڪتاسين، سپاهي ٻاهر تائين موڪلائڻ آيا. شاهنوازخان چيو: سائين، بس هائي اوهين جلد ڇٽي ويندا. وارڊ تي يوسف ٽالپر وارا وري مليا. يوسف ٻئي ڏينهن ۱ وڳي ڀاڻ

وٺ اچڻ لاءِ چيو. مان موٽي پنهنجي وارڊ آيس، آنان علي حسن حي ڏنل اجرڪ ڪٺي، نقويءَ سان گڏ هيٺ چڪر ڏيڻ لڳس. وات تي ئي الاهي بخش قائم خاني به ملي ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ ڊاڪٽر فضل ۽ نادر خواجو جلدي جلدي ماڙيءَ ڏانهن ويندي نظر آيا. ۽ پوءِ تڪڙو تڪڙو امين آيو. مونکي ٻڌايائين ته: جوڻيجي صاحب جي طبيعت خراب ٿي پئي آهي. مان امين سان گڏ کين ڏسڻ ويس.

سنڌ ن وارڊ جو در بند هو. مون زور سان ڪڙو کڙڪايو. پوليس وارو اندر هو، هن کڙڪيءَ مان اسان کي ڏٺو ۽ پوءِ در کوليائين. مان تڪڙو تڪڙو اندر ويس. شاهنواز خان مونکي ڏٺو ته ڪلهڻ لڳو، چيائين: سائين، هاڻ ته ثبوت مليو ته رفيق چريو آهي. مون خالي چيومانس ته: مٿي ۾ سور اٿم، شايد بلڊ پريشر وڌيو آهي. پر هن ماڻهو ڊوڙائي ڊاڪٽر گهرائي ورتو. نادر ۽ ڊاڪٽر فضل چيو: اسان به ائمرجينسي جو سامان کڻي پيا آهيون.

ايتري ۾ اعجاز خواجو ۽ مصطفيٰ ڪورائي به طبيعت پڇڻ لاءِ آيا. شاهنواز خان کلي کين چيو: ڪجهه ٿي ڪونه ٿيو اٿم. هن (صفي) چرئي کڻي خوار ڪيو آهي.

مان موڪلائي ٻاهر آيس ته عادت موجب شاهنوازخان ٻاهر ڇڏڻ آيو، مون گهڻوئي منع ڪئي، پر ڪونه مڙيو. رستي ۾ گل بيگ چلگري به مليو. ڪچن جي آفيسن وٽان لنگهس ته خالد پيرزادي سڏ ڪيو. اندر ويس ته احمد حسين جيلر به ويٺو هو. خالد چيو: اوهانجي ضمانت جو ليٽر آيو آهي. چيم: مهرباني، مونکي خبر آهي. جيلر چيو: پوءِ ڇيوڙتي؟

چيم: اهو ٻاهر وارن جو ڪم آهي. پڇيائين: سياڻي ٿي ويندي؟
چيم: شايد. ويندي وقت، عادت مطابق خالد پيرزادي کي
چيم: چڱو، سدائين ڳنڍ. احمد حسين ڪلي چيو: ٻاهر نڪرڻ
جو ارادو ڪونهي ڇا؟ حيران ٿي پڇيم: ڇو!؟ جيلر چيو:
هينئر جو خالد کي چيو ته، سدائين ڳنڍ.
مونکي ياد ڪونه رهيو هو ته خالد پيرزادي کي ۲۵ سال
سزا لڳل آهي.

ٻاهر نڪتس ته مشتاق ڳڙيو مليو. ڪنهن ڪيس تماڪ وارو
ٻانڌ ڪارايو هو، تنهنڪري ٽڙيو ٿاڦڙيو پيو. الاهي بخش
قائم خاني ۽ نقوي اڳيا چڪر ڏئي رهيا هئا. مان به انهن
سان گڏ چڪر ڏيڻ لڳس. الاهي بخش صاحب هڪ چڪر
ڪانپور موڪلائي ويو. مون نقوي کي چيو ته: هاڻ ضمانت
تي وڃي اٿم، نه ڄاڻ ڪنهن وقت آزاد ٿي وڃان، منهنجي
ٻاران توکي ڪا به تڪليف رسي هجي ته مونکي معاف
ڪجان. چيائين: ارے نهيں - مجهے تو ايک بہت اچها
دوست ملا ہے. چيومانس: سٺو ته تون ٻاڻ آهين، نه ته پنهنجي
دوستي نه ٿئي ها. چيائين: مجهے آپ نے ناول لکهنے پر
اکسايا، اب ميں ايک ناول لکه رہا ہوں. يہ صرف آپکی
صحبت کی وجہ سے. چيم: ها، اهو ڪريڌٽ شوق سان
ڪٺندس، تو منهنجي چوڻ تي لکڻ شروع ڪيو. منهنجي لاءِ
اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

هن وقت رات جا ٻارنهن لڳا آهن. تون ته شايد سمهي رهي
هوندينءَ: پر مان اڃا تائين ويٺو توکي خط ۾ احوال لکان،

ٿي سگهي ٿو، جيل مان توکي اهو آخري خط هجي. ۽ اٿين به ٿي سگهي ٿو ته خط کان اڳ مان ئي تو سان اچي ملان. توکي انتظار هوندو ته شايد اج مان آزاد ٿي اچان، پر اٿين نه ٿيو. اج دانيال، اورنگزيب، ظهير، مقصود ۽ آفتاب سيئي ڏاڍا خوش هئا. مقصود ته ڪمال ڪري ڇڏيو. اج سندس پيپر هو. پر نه ڏنائين. چيائين: امتحان ته پوء به ڏئي سگهجي ٿو. اڳ ۾ توهان کي ته آزاد ڪرائجي.

ضمانت منظور ٿيڻ کان پوء قيدي ۽ جو جيل ۾ رهڻ مشڪل ٿيو پوي هن کي جيل ڪاٽڻ پيو ايندو. هو چاهيندو آهي ته مان اج، بلڪ هينئر جو هينئر آزاد ٿي وڃان. پر مون کي اهو سڪون آهي ته اج آزاد نه ٿيس ته سڀاڻي ڏا ڪلاڪ، پر آزاد ٿي ويندس.

چڱو، ڏسجي سڀاڻي ڇا ٿو ٿئي.

۵-۲-۸۴

صبح جا سلام قبول ڪر. اڄا نيرن نه ڪاڌي اٿم. سوچيم پهرين تنهنجي حاضري ڀري وٺان، پوء نيرن. ٿي سگهي ٿو اها جيل ۾ آخري نيرن هجي.

هينئر رات ٿي چڪي آهي. صبح جو لکيو هوم ته: ٿي سگهي ٿو جيل ۾ آخري نيرن هجي. پر هتي ته پنهنجي جي ۽ رات جي ماني به ڪاڌي پئي. ۽ اڄا اها به خبر ڪانهي ته جيل جي گهڻي وقت تائين ماني ڪاڌي پوندي. خميسو اڄ گرفتار ۽ پاڇيون ڏينهن آيو هو. ٻڌائين ته: ضمانت طور پنجاهه هزار روپيا روڪ جمع ڪرائڻا هئا. پر مغل صاحب ۽ شيخ صاحب جي ڪوشش سان ڪم ٿي ويو آهي. اوهين پنهنجي تائين

آزاد ٿي ويندا. ڪلهه ڏاڍو خوش هوس، ۽ ڏاڍو سڪون هو. پر هاڻ ٻڌ تہ واري حالت ۾ آهيان ۽ سچ تہ اهو آهي تہ جيئن جيئن ڏينهن گذرندو ويو. منهنجي بي چيني بہ وڌندي ويئي. ۽ شام جو تہ هر ايندڙ ماڻهوءَ لاءِ اهو سمجهندو رهيس تہ شايد هيءُ آزاديءَ جي خبر ٻڌائڻ لاءِ پيو اچي. پر اهڙي خبر ٻڌائڻ لاءِ ڪير بہ ڪونہ آيو.

سچائي هيءَ خط توکي موڪليندس خدا ڪري سچائي تنهنجو خط اچي تہ پتو پوي تہ آخر ضمانت ٿيڻ ۾ ويتر ڪهڙي آهي.

چگو في الحال اجازت، ادي، مغل، آپا، پاپي، آفتاب، تسليم، ادا نثار، چاچا صالو، ظهير، ظهور، مقصود ۽ دانيال کي سلام چئجان.

فيضي، افراز ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

۸۴-۲-۴

پيارا طارق.

ڪجهہ ڏينهن سخت پريشاني ۽ بي چيني ۾ گذريا اٿم. تهين تاريخ تي ظهور پريس مان هڪڙو ليٽر ڪٽي آيو. آپا کي چيم تہ ڪولي ڏسو تہ ڇا آهي. خدا ڪري طارق جي آزادي جي خبر هجي. آپا زور سان ليٽر پڙهيو. پتو پيو تہ اوهانجي ضمانت منظور ٿي آهي. ادا مغل تہ حيدرآباد هو ڪو نہ. آفتاب کي سڏايو سين، جنهن جي صلاح تي تسليم ضمانت

لاءِ ڪاغذ تيار ڪرايا. سڄو ڏينهن مون کي مبارڪون ملنديون رهيون ته سڀائي تنهنجو طارق اچي ويندو. خوشيءَ ۾ سڄي رات ننڊ نه آئي. خط به ڪو نه لکيم ته سڀائي اوهين اچي ويندا. ٻئي ڏينهن مقصود کي چيم ته طارق آزاد ٿئي ته فون ڪري مون کي ٻڌائجان. ٽين وڳي تائين ته ڇڪ ڇڪ ٽائڻ ۾ وقت گذريو ۽ پوءِ مقصود وارا ٺلها موٽي آيا، ٻڌايائون ته ضمانت اڄ نه ٿي، سڄي خوشي ڪافور ٿي وئي.

پاپي ٻه دفعا فون ڪئي، چيائين ته مغل جي فون ڪراچيءَ مان آئي هئي. هو هتي هجي ها ته ادا اڄ ٿي آزاد ٿي وڃي ها. اڄ سڄو ڏينهن فون ايندا رهيا. هر ڪنهن ٿي چيو: طارق آزاد ٿي اچي ته اسان کي اطلاع ڏجو. پر اوهان کي آزادي نصيب ٿي نه ٿي.

ادا مغل به رات جو پهچي ويو. فون ڪري چيائين ته مقصود کي چئو ته ڪاغذ ڪٺي اچي. مان سڀاڻي اتي آهيان طارق جو ڪم ڪرائي وٺون.

خدا ڪندو اوهين سڀائي آزاد ٿي ويندا.

سڀني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي
شمس

۸۴-۲-٦
پياري شمس
اسلام عليڪم. رات جي حاضري قبول ڪر، هن وقت رات جا ساڍا ستت لڳا آهن. اڄ سڄو ڏينهن ڪهڙي چڪتاڻ ۾

رهيو آهيان، انهيءَ جي ڄاڻ مونکي آهي. ڪالهه مونکان غلطي ٿي جو مون تڪڙ ۾ خميسي کي خط ڏيڻ جي بدران ٻِلَ ۾ ضمانت جو ليٽر ڏيئي ويٺس، رات جو جڏهن ٽيسي ۾ هٿ وڌم ته ڏٺم ته خط اُتي ئي پيو هو، ۽ خميسي کان غلطي ٿي، هو تنهنجو خط گهر وساري آيو. تنهنجي خط ۾ ضرور انهيءَ جو ڪارڻ هوندو ته ضمانت جو ڇا ٿيو. ٿئي ها ته سٺو ٿئي ها، پر ڪجهه نٿو ٿئي ته پتو ته پوي ٿيو ڇا. هتي ته ڪو اهڙو ذريعو به ڪونهي جو ڪو پتو پوي. خط معلومات ۽ تسليءَ جو وڏو ذريعو ۽ سهارو آهي، جيڪو اڄ پهتو ڪونه. تون خود به ٻن طرفان کان پريشان هوندينءَ. هڪ ته ضمانت جو ڪجهه نه ٿيو. ٻيو خط به نه پهتو، تون به حيران هوندينءَ ته آخر مون خط ڇو نه موڪليو. ۽ ضمانت نه ٿيڻ ڪري تنهنجي سڄي خوشي به ڪافور ٿي ويئي هوندي. ۽ هاڻ ته پاڻ وڌيڪ تڪليف ٿي هوندي.

اڄ به سڄو ڏينهن مونکي انتظار رهيو ته اڄهو تو پيغام ملي ته ضمانت ٿي ويئي. جنهن ماڻهوءَ کي به پاڻ ڏانهن ايندي ڏسان ته اهوئي خيال ته شايد ٻڌائڻ پيو اچي ته ضمانت ٿي ويئي آهي.

اڄ سڄو ڏينهن ماڻهو ايندا رهيا ۽ آهي حيران هئا ته مان اڃا ڇو ويٺو آهيان. پر مون وٽ ته ڪو جواب ئي ڪونهي مان ڇا جواب ڏيان.

هينئر لا زوال ڊرامي جي ٻي قسط هلي رهي آهي، ڏسجي ڪيئن آهي. قسط ڏٺم، نگهت ٻٽ ۽ خالده جي اڪٽنگ سٺي هئي ڪهاڻي ته اڃا به پوري طرح شروع نه ٿي آهي.

مونکي ٧- فيبروري جي تاريخ شنوائيءَ لاءِ ملي هئي، ۽ مون سوچيو هو ته شنوائيءَ کان اڳ آزاد ٿي ويندس. پر سپاهي وري قيديءَ جي حيثيت سان وٺيو پوندو. وري اهوئي فڪر اٿم ته نه ڄاڻ ڪهڙي پوليس ايندي. بهرحال ڪهڙي به پوليس اچي اهو ته ڏسجي ضمانت جو ٿيو ڇا.
هاڻ تون ٻڌاءِ تنهنجا ڪهڙا حال آهن. تو اهي ڏينهن ڪيئن گذاريا؟ ٻڪ اٿم ته تون به ڏاڍي بيچين ۽ بيقرار هوندينءَ. تنهنجي وس ۾ رکيو فون ڪرڻ آهي، ۽ تو شيخ صاحب ۽ مغل کي به فون ڪيا هوندا. هنن به پنهنجي وس آهر ڪين گهٽايو هوندو. اها به پڪ اٿم ته هي ٻئي اچا به ڪوشش ۾ هوندا پر پنجاهه هزار روپيا روڪ ڪٿان ايندا. اهو عجيب شرط آهي، ڪنهن ٻئي سان ته اهڙو شرط ڪونه هنيو اٿن. خبر نه ڇو مونکي ايڏو خطرناڪ سمجهيو ويو آهي. ڪيڏي نه ٻاراڻي ڳالهه آهي ته ڏهه سال اڳ ڇپيل ڪتاب تي مونکي هاڻ ايڏو خطرناڪ سمجهيو پيو وڃي.
هينئر محفلِ شب پروگرام هلي رهيو آهي. مهناز ڳائي رهي آهي. مونکي ته مائيءَ جو آواز بنهه ڪو نه وڻي. هاڻ منّي بيگم پئي اچي، منّي بيگم وٽ طرز ته هڪڙي ئي آهي، مهناز کان وري به انهيءَ مزو ڏنو. هاڻ منّي بيگم جو آواز اهڙو ڪونهي، جهڙو پنج ڇهه سال اڳ هو، ڪٿي ڪٿي لٿيو وڃي، ڪٿي ڪٿي پرجيو وڃي، هاڻ وري اسد ۽ حامد آيا آهن، ڏسجي ڪيئن ٿا ڳائن. اسد واهه جو پيو ڳائي واهه واهه، مزو ڏئي ڇڏيائين، روح لفظ کي ڏاڍي سهڻي نموني چڪايائين، واهه واهه. هاڻ بهنجمن سسٽرز آيون آهن خبر

نه چو اهي سلور جبليءَ ۾ وڏ ڦڪ وٺند بون هئيون. ۾ هاڻ آئي آهي عابده پروين. ڏاڍو سٺو غزل ڳائي پئي. هيو ڪلام سرائيڪيءَ ۾ شروع ڪيو اٿس. اهو به سٺو پئي ڳائي، هاڻ خواجه فريد جي ڪافي ڳائي پئي. اِها انهيءَ ڏينهن آپکي خدمت ۾ به ڳائي هئائين. اڄ به ڏاڍو سٺو پيئي ڳائي. چوٿون دفعو ڳائي پئي. اڄا تائين سيئي غزل ڪافيون ۾ وائي - سئيو ن ڳايو ن اٿس. پوري پروگرام ۾ عابده واحد فنڪار آهي، جنهن ڪان پنج دفعا ڳاريائون. پروگرام ختم ٿيو، واهه جو ڳائين.

ڏس مون ڪيئن نه رواں تبصرو ڪيو آهي. ۾ هر ڳاني تي پنهنجي تاثرات کان توکي واقف ڪيو اٿم.

هاڻ خط بند ڪري رهيو آهيان. ڇڱو خدا حافظ.

دانيال ۾ سيئي وڏن کي سلام، فيفي ۾ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

۵-۲-۸۴

پيارا طارق.

اسلام عليڪم. صبح دانيال جي هٿان خميسي کي خط موڪليم. پر خميسو اڳ ۾ نڪري ويو هو، سو خط نه وڃي سگهيو.

ادا مغل صبح سان فون ڪري ٻڌايو ته: انهيءَ ليٽر ۾ لکيل آهي ته پنجاهه هزار رو پيا روڪ جمع ڪرايو. پوءِ آزاد ڪبو. ادا چيو آهي ته مان شيخ علي محمد وٽ وڃي ساڻس صلاح

ڪر ڀان ٿو. ادا مغل هڪ ڏاري فون ڪري ٻڌايو ته ڊي. ايم. ايل. اي کي درخواست ڏني اٿون ته پنجاهه هزار روپيا اسان کو نه ڏئي سگهنداسين. باقي مروجه طريقي تي ضمانت قبول ڪيو. ادا ٻڌايو ته شيخ علي محمد، اڄ ڪراچي وڃي ٿو هاڻ اهو ڪم ستين تاريخ کان اڳ نه ٿي سگهندو. ستين تاريخ اوهان جي شنوائيءَ تي ادا مغل به اوهان سان ملڻ ايندو. الله مالڪ آهي قيد جا ڏينهن انشاء الله هاڻ جلد ختم ٿيندا.

توهان جي ضمانت جي خبر اخبارن ۾ آئي آهي، ذوالفقار راشدي فون ڪري مبارڪ ڏني. هن سمجهيو هو ته اوهين آزاد ٿي ويا آهيو. ٻئي پاسي اوهين حيران هوندا ته آخر اڃا تائين اوهين آزاد ڇو نه ٿيا آهيو. خط نه ملڻ ڪري اوهان کي ته ڪا ڄاڻ به نه پئي هوندي.

طارق، مون کان ته هاڻ خط به نٿو لکيو ٿئي. پهرين اها خوشي هئي ته اڄهو ٿا اوهين آزاد ٿي گهر اچو. اها خوشي ته پوري نه ٿي، هاڻ وري اها ڳڻتي ته پنجاهه هزار روپيا ڪٿان ايندا جو ضمانت ڪرائجي، ڪجهه سمجهه ۾ ئي نٿو اچي. يوسف ڀائيءَ کي خبر پئي ته هن فون ڪري چيو ته مون وٽ ڪجهه پئسا آهن، پيا به ٿي ويندا، مان پنجاهه هزار ڏيان ٿو. پر مون سندس ٿورا مڃي، ٻڌايو سانس ته اسين روڪ پئسا نٿا ڏيڻ گهرون.

خدا پنهنجو رحم ڪري.

اوهانجي

شمسه

٨٤ - ٢ - ٧

پياري شمس

اسلام عليڪم.

اَج جيڪي تنهنجا ٻه خط مليا آهن. انهن خطن مان ظاهر آهي ته تون ذهني طرح ڪيتري پريشان آهين، پر شمس، پريشان نه ٿي. ائين ٿيندو آهي. اڳ جي ڳالهه آهي، هڪ دفعي منهنجي ضمانت ٿي، مان آزاد ٿيس، پر جيل جي در تي ئي مونکي گرفتار ڪيو ويو، ۽ ارڙهن مهينا وري ٻه جيل ۾ ويٺو رهيس. ٻئي ڀيري ڪراچي جيل ۾ هوس، مون ٻڌو ريڊيو تي ته: طارق اشرف لاءِ رات سنڌ جي وڏي وزير (غلام مصطفيٰ جتوئي) آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، ۽ ٻئي ڏينهن جنگ، ڊان، حريت ۽ ٻين اخبارن وڏيون هيڊنگون ڏنيون ته طارق اشرف تان ڪيس واپس ورتو ويو. انهن ڏينهن ۾ مرحوم ظهور الاهي چوڌري به ساڳي جيل ۾ هو، آهو ۽ امجد غوري (جيل جو اڳوڻو سپرنٽينڊنٽ هو، پر انهن ڏينهن ۾ پاڻ به قيدي هو) ۽ ٻيا صبح سان آزاديءَ جي مبارڪ ڏيڻ پهچي ويا. پر انهيءَ ڪانپوءِ به، مان سادا ٽي مهينا جيل ۾ هوس. سو اهڙن اتفاقن لاءِ مان ذهني طور تيار رهندو آهيان. تون پنهنجي ذهن کي به اهڙين حالتن لاءِ تيار رک، خدا کي جيڪو منظور هوندو، سو ضرور ٿيندو.

اڄ شنوائي به اهڙي نموني ٿي، جهڙي ٿيندي آهي. اڄ مغل، مقصود، ظهير، ادا نثار، ناز سهتو، دانيال، عرفان شاهه، خميسو، اورنگزيب، حبيب ۽ مغل جا ٻه ننڍا پٽ ذاڪي ۽ حسنين به آيا هئا.

مغل جي اچڻ جي ڏاڍي خوشي ٿي. هن ڏي به ڏنو، ۽ هر طرح جي مدد ڏيڻ جو ذمو به کيو. ۽ اهو يقين به ڏيارئين ته منهنجي لاءِ هر اهو ڪم ڪندو، جيڪو وس ۾ هوندس.

هن وقت رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. محب شاهه ۽ نقوي شطرنج پيا ڪن. مير محمد شاهه ڪٽ تي ليٽيو پيو آهي. مان به هڻ خط اتي پورو ڪري سمهندس. ٻه ڏينهن ڪجهه بيچين هئس، جو پتو نٿي پيو، ته ڳالهه ڇا آهي. پر اڄ سڪون اچي ويو اٿم. چڱو، باقي احوال سڀاڻي.

۸ - ۲ - ۸۴

صبح جا سلام ۽ حاضري قبول ڪر. نيرن ڪري هاڻ خط لکڻ ويٺو آهيان. ضمانت وارو قصو ويو وڌي. مان به اهو آسرو لاهي، هاڻ بيٺ ڪمن ڏانهن ڌيان ڏيان پيو. انهيءَ ڏينهن جام ساقي چيو ته: مون آرسيءَ ۾ تنهنجي آٽو باءِ گرافيءَ جون ٻه قسطون پڙهيون آهن. سندس چوڻ مطابق ڪيس آٽو باءِ گرافي ڏيڏي وٺي آهي. هن تاڪيد ڪئي آهي، بلڪ مونکان وعدو ورتو اٿس ته مان هنکي جلدي مڪمل ڪندس. سو گهر ۾ آها ڪاپي پئي آهي، جنهن تي مون سوانح حيات لکي آهي. آها ايندڙ شنوائي تي مونکي موڪلي ڏجانءِ، ته مان ڳالهه کي اڳيان وڌايان ۽ جيل وارو وقت اجايو نه وڃي. مان چاهيان ٿو ته انهيءَ عرصي ۾ جيترو گهڻو لکي سگهان، لکي وٺان، نه ته پوءِ افسوس ٿيندو ته وقت وڃائيم.

ڳالهه لکڻ وسري ويو هو، ڪلهه عابد زبيريءَ وٽ ويو هوس،

هو ڪيترائي دفعا اسان وٽ آيو آهي. اخلاقي فرض هو ته مان به وٽس وڃان. ويس، ڏاڍي عزت ۽ قرب سان مليو. ڪي پرڪار سنڌين وارا اٿس. جيڪو ايندو آهي، ان جي ڏاڍي خاطر تواضع ڪندو. روز ڪڏهن گوشت، ڪڏهن جيرا ٻڪري گهرائيندو آهي، ڏاڍو سٺو رڌڻ ڄاڻي، هو ڪانه ڪا شيءِ تيار ڪيو ويٺو هوندو. جيڪو به وٽس ويندو، تنهن کي ڪا نه ڪا خوش ٿيندو. (خاطر تواضع ۾ يوسف ٽالپر ۽ عاشق به ٻئي ڪرڻهن) سنڌين وانگر ٿي، هر ايندڙ سان اٿي ملندو ۽ ٻاهر تائين ڇڏڻ ويندو.

هڪ دفعي مون وٽ ذڪر نڪتو هو ته: ارل گرڍي چانهه مونکي وڻندي آهي. پاڻ چيو هئائين ته: مان اوهانجي لاءِ گهرائي رکندس. سا واقعي گهرائي رکي هئائين.

ڳالهيون ڪندي مون پڇيو مانس: اوهان غلام مصطفيٰ جتوئي جي بيان تي، جنهن ۾ بيان ڏنو ۾ اينٽري ٽيڪس تي ڪهڙي خيال سان ڪئي؟ چيائين: اهڙي ڪشيدگي واري ماحول ۾ جتوئي صاحب جو بيان ڏاڍو اعتدال پسندي وارو هو. مونکي ڊپ هو ته متان انهيءَ جي مخالفت ٿئي، ۽ جتوئي صاحب اڪيلو رهجي وڃي، انهيءَ به مان جتوئي صاحب کي سياسي ۽ شخصي لحاظ کان پسند ڪندو آهيان. پڇيو مانس: پي-پي-پي جيڪڏهن اوهانکي پنهنجي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏي ته قبول ڪندا؟ ٿوري دير سوچي جواب ڏنائين: جيڪڏهن جتوئي صاحب پاڻ چيو ته شايد قبول ڪيان.

انور عباس نقوي به اچي ويو هو. هن ٻڌايو ته: تحريڪ جي ماهر ڪان هيڪ ڏينهن اڳ خان غفار جو تحريڪ جي خلاف بيان ڏنو ۽ باور وارن جي تحريڪ ۽ اين-ڊي-پي مان

ٽڪري وچڻ ڪري وڏو بحران پيدا ٿي ويو هو. ولي خان ۽ بيگم نسيم ولي ملڪ ۾ نه ڪونه. پر عين وقت تي زبيري صاحب اين - ڊي - پي جي ليڊر جي حيثيت سان، تحريڪ ۾ شامل رهڻ ۽ تحريڪ هلائڻ جو ذمو کڻي، تحريڪ کي بچائي ورتو. نه ته، نه ڄاڻ ڇا ٿئي ها.

هيئنر شام ٿي چڪي آهي. انورعباس نقوي؛ اڄ مونکي چيو ته: مان ڪافي مهينن کان جيل ۾ آهيان، تنهنڪري خبر نه اٿم بينڪ ۾ ڪيترا پئسا اٿم. مان پڪو لڳرايان ٿو، جيڪڏهن ايترا هوندا ته مان پنجاهه هزار ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مون سندس ٿورا مڃيا، ۽ چيومانس: ضمانت جو اهو طريقو غلط آهي. اڄ جيڪڏهن اهو طريقو مڃيو ته کهڙي خبر هميشه لاءِ اهو طريقو مقرر ٿي وڃي. پاڻ ڪيترو به وقت جيل ۾ رهڻو پوي، پر روڪ پئسا ڪونه ڏبا. آخر مون سان ئي اهو طريقو ڇو اختيار ڪيو ويو آهي. تعجب جي ڳالهه آهي ته ڏهه سال اڳ جيڪو ڪتاب مون وٽ ڇپيو، تنهن لاءِ ڏهن سالن کانپوءِ مونکي هاڻ اهڙو خطرناڪ سمجهيو پيو وڃي جو مونکان پنجاهه هزار روپيا روڪ ضمانت ورتي ٿي وڃي.

عابد زبيري صاحب اڄ هڪ مزيدار صلاح ڏني. هن چيو: ايترا پئسا ته ٻه ٽي ماڻهو ملي آسانيءَ سان ڀري سگهن ٿا. پر ڪجهه اسين ته اخبارن ۾ اپيل ڇپرائجي ته طارق اشرف جي ضمانت لاءِ پنجاهه هزار روپين جي ضرورت آهي، عوام چندو ڪٺو ڪري، ته جيئن طارق کي ڇڏرائي سگهجي. اسين سياسي ليڊرن کان ۽ اوهان اديبن کان حمائت ۾ بيان اخبارن ۾

ڇپرايو.
مون اڳيا انهيءَ صلاح تي ڪو فيصلو نہ ڪيو آهي. مغل ۽ ٻين دوستن کان صلاح وٺندس.
٩-٠٠-٨٤
خبر پئي آهي تہ مير محمد شاهہ اڄ آزاد ٿيڻ وارو آهي. تنهنڪري اهو خط سندس هٿان موڪليان ٿو.
دانيال ۽ سيفي کي سلام ڇئجان.
فيفي، غزالہ ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

٩-٢-٨٤
پياري شمس
اسلام عليڪم، هيڪڙو خط اڄ مير محمد شاهہ جي هٿان موڪليو اٿم. مَس مَس ويچارو آزاد ٿيو آهي. رهيو تہ فقط ٥٢ ڏينهن، پر پريشان ايترو هو ڄڻ خدانخواستہ ٢٥ سالن جي سزا لڳل هجيس.
اڄ صبح شاهنواز خان وٽ ويو هوس. شاهنواز خان کان عابد زبيري واري صلاح جي باري ۾ پڇيم، هن چيو: مان تہ اوهانکي اهڙي صلاح نہ ڏيندس. مونکي اها صلاح مناسب نہ ٿي لڳي.
حقيقت اها آهي تہ مان پاڻ بہ اهو نٿو چاهيان.
اتان آئي يوسف ڏاهر وٽ ويس. آئي ويٺي ٿوري دير ٿي هئي جو يوسف جي ملاقات آئي، تنهنڪري موٽي آيس.

يوسف به زبيري واري «شوري جي مخالفت ڪئي. ٻنهي جو بابو غلام حسين وارن ماني ڪئي هئي. پهرين ته مون انڪار ڪيو ته مان دعوت ۾ نه ايندس. پر جڏهن مونکي اهو يقين ڏيارايائون ته روزمره جي ماني هوندي، ڪو به تڪلف نه هوندو، تو به اچڻ جي حامي وارم. ٻنهي جو مان، محب شاهه ۽ اسين خشڪ هنن وٽ وياسين. مانيءَ تي بابو غلام حسين کان علاوه نورمحمد ٿيٻو (خيرپور ناٿن شاهه جو وڪيل آهي)، احمد علي عباسي ۽ الهه جڙيو ٻنافي به هئا.
مانيءَ کانپوءِ نورمحمد ٿيٻو پنهنجي ڪواليءَ ۾ وٺي هليو. هن ڪافي پيئاري. مون ڪلي چيو: ٻڌو ائم ته جنهنڪي اوهان چانهن پيئاريندا آهيو، اهو جلد ڇُٽي ويندو آهي. اڄ سون اوهانجي ڪافي پيتي آهي، ڏسجي، ڪڏهن ٿو آزاد ٿيان.
نورمحمد ۽ ٻيا کلڻ لڳا. بابو غلام حسين چيو، ”سائين اوهين ته آزاد آهيو. پنهنجي مرضيءَ سان ويئا آهيو. پنجاهه هزار پريو نه اڄ آزاد ٿي وڃو. چيم: پنجاهه هزار ته ائم ڪونه. پر جيڪڏهن هجن ها ته به نه ڀريان ها.
ڇڱو، باقي احوال سڀائي شنوائيءَ تان موٽي اچي ڏيو.
ادي، مغل، پاپي، ادا نثار، چاچا صالو، آفتاب، تسليم، ظهور، ظهير، مقصود، دانيال ۽ ٻين کي سلام ڇئجان.
فيئي ۽ اورنگزيب کي سلام.

تنهنجو
طارق

١١-٢-٨٥
پياري شمع،
اسلام عليڪم: اڄ شنوائيءَ تي تنهنجو خط نه مليو. دانيال چيو ته: ممي ته ڏنو هو، پر مونکان آڻڻ وسري ويو.
اڄ به مون سان اشرف ۽ ايوب پوليس وارا هليا هئا. مان ماڙيءَ جي ٻاهران وين وٽ بيٺو هوس ته آءِ-جي نورالاهيءَ کي سامهون ايندي ڏٺم، نورالاهي مونکي ڏٺو ڪون، يا ڪجهه پري دهج ڪري سڃاڻڻ ڪون، (پنڌو اٿم ته نظر گهٽجي ويئي اٿس) يا ڇاڻي واڻي نٿائي ويو. اڻن به پوليس وارن تي ڪوڙو اعتبار. سپرنٽينڊنٽ اوڪاش به ساڻس هو. جڏهن آءِ-جي ويو ته اوڪاش جيل ڏانهن وڃڻ لڳو، پهرين ته مونکي ڏسي اڳيان وڌي ويو، پر ڪجهه سوچي بيهي رهيو ۽ مونکان پڇيائين: طارق، تنهنجي ته ضمانت ٿي وئي آهي. پوءِ اڃان وڃي نه پيو. ٻڌايومانس: پنجاهه هزار روپيا جمع ڪرائڻا اٿم، جيڪي جمع ڪرائڻا ڪونهن.
جڏهن ڪورٽ ۾ پهتس، آتي ڪير به ڪونه هو. ٿوري دير کانپوءِ اڪبر ۾ دانيال، پوءِ حبيب ۽ مقصود آيا. ٿوري دير کانپوءِ، مغل، ولي رام، فيروز ۽ اڪبر سيال آيا. مغل ٻڌايو ته: مان ڊي. ايم. ايل. اي وٽ ويو هوس، پر هن وٽ ميٽنگ هلي رهي هئي. توهانجو ڪم اميد اٿم ته ٻن ٽن ڏينهن ۾ ٿي ويندو.
زبيري واري مشوري جي مغل، مقصود ۽ دانيال به مخالفت ڪئي. دانيال ته ايترو به چيو ته: هاڻ جيل کان اهڙا ڏچڻ لڳا آهيو ڇا، جو چندا ڪري، جلدي نڪرڻ ٿا چاهيو. چيم:

اها ڳالهه ڪانهي. هڪ ساٿي مشورو ڏنو هو، مون رکيو اُنهيءَ تي راه ورتي ٿي. مون کي پاڻ به اهو مشورو نه وڻيو آهي.

مغل چيو ته: منهنجي ٻارن کي تو سان ايڏي محبت آهي جو جنهن به وقت گهر ويندو آهيان، چوندا آهن: اسان جي چاچا کي يڪدم آزاد ڪرايو. سو اوهان فڪر نه ڪريو، مان اوهان کي ضرور آزاد ڪرائيندس.

پوءِ وڪيل ڊاري جيل تي واپس پهتس. اورنگزيب ۽ خميسو جيل تائين ڇڏڻ آيا.

۰۳-۲-۸۴

ڪالهوڪو ڏينهن انئين ئي گذري ويو، جيئن عام طور تي جيل ۾ گذرندو آهي. فقط هڪ ڳالهه ٿي هئي. رشيد الدين طارق ڇالمهن کان ساٿين جي ماني ڪئي هئي. مون ته سخت مخالفت ڪئي، ته تون غريب ماڻهو آهين، ههڙو خرچ نه ڪر. پر هو مڙيو ڪونه. اها به خبر پئي ته گهڻو خرچ عابد زبيري ڪيو هو.

شاهه نواز خان ۽ جام ساقي به ملڻ آيا هئا.

منهنجي ضمانت جو فڪر مون کي ايترو ڪونهي. جيترو جيل انتظاميه کي آهي. چو ته مون وٽ دائود خان وارو ٽي-وي آهي ۽ منهنجي وڃڻ کان پوءِ هي ٽي-وي ڪٽي وڃڻ ٿا چاهين. منهنجي وڃڻ کان پوءِ اهو وارڊ به بند ڪري، نقوي ۽ محب شاهه کي اتان ڪيندا. (۱) تنهنڪري

(۱) منهنجي آزاد ٿيڻ جي ٽئين ڏينهن جيل وارا ٽي وي کڻي ويا ۽ پوءِ هو وارڊ به بند ڪرائون.

اينڊڙ ويندڙ ڪان نا ڇڏين ته: طارق ضمانت جا پئسا ڪڏهن
تو جمع ڪرائي. شفقت شاهه کان به ٻئي اج اهو ئي پڇيو.
مون شفقت شاهه کي کلي چيو: ٻئي کي ڇڏيو ته پنجويهه
هزار تون ڏي، پنجويهه هزار سپرنٽنڊنٽ ڏي. مان اج ئي
پئسا جمع ڪرائي نڪران ٿو.

٤-٢-٨٠

ڪجهه ڏينهن کان تنهنجا خط مون کي نه پيا ملن. پر مان
توکي برابر خط لکندو رهان ٿو، ۽ گهڻو ڪري موڪلي به
ڏيان ٿو.

اڄڪلهه چام ساقي هيٺ اسپتال ۾ داخل آهي. منهنجي زور
پرڻ تي نيرن ۽ منجهرن جي ماني اسان سان گاڏه لڳي آهي.
اج اچا هنڌ ۾ ئي هوس ته چام اچي ويو. اٿي لڳس ته شاهه
نواز خان به اچي ويو.

محب شاهه کي ڏاٺ ۾ سخت سور آهي، پر ڪيترا دفعا
چرڻ جي باوجود به کيس باهر اسپتال، ڏاٺ ڪيڊائڻ لاءِ
نٿا موڪلين. در اصل سپرنٽنڊنٽ جي سائس پوي کان،
تنهنڪري ويئو عذاب سهي. نيٺ لاچار ٿي، ڪالهه جيل
جي قيدي ڊاڪٽر فضل کان ڏاٺ ڪيڊرائي اٿس. هن وٽ
اوزار ته هئا ڪونه، سو ٻئي سٽي ڪيڊي اٿس. هاڻ پيو سور
۾ ڦٿڪي.

ٿوري دير اڳ عبدالله ملاح آيو هو. ٻڌائين ته: سپرنٽنڊنٽ
اوڪاش ۽ ٻئي رحيم شيخ ڏاڏو بيزار ڪيو آهي. جيڪي
بيمار آهن يا جن جون ڪورٽن ۾ شنوايون آهن. انهن لاءِ
پوليس گهرائين ڪونه ٿا. هينئر چيو مان ته انڪار ڪري

ڇڏيائو ڙ. هاڻ اسان جو خيال آهي ته پتو واپس ڪري بڪ هڙتال ڪريون، تو ڪان صلاح وٺي آيو آهيان. مون چيو: بهتر آهي ته پنهنجي ليڊرن سان صلاح ڪريو، ڪو به ڪم ڳنڍيل صلاح کان سواءِ نه ڪريو. باقي جيل وارا ڪا نادر ڳالهه ڪن ٿا ته انهي جي خلاف احتجاج ڪرڻ غلط ڳالهه ناهي.

ڪالهه چار جي ملاقات آئي هئي. ڪجهه پاڇيون ۽ گوشت آيو هوس، اڄ اهو گوشت پيو رڌجي. پر لڳي ٿو ته اهو گوشت بڪر جو نه، چار جو آهي، ڪڙي ٿي لڳو.

ڪجهه ڏينهن اڳ فدا ڏيرو، منظورعالم رند، احمد علي عباسي، انور شاه ۽ الاهي بخش قائمخاني آيا هئا، جيل ۾ اڄڪلهه پابندي ته ڪا آهي ڪانه، تنهنڪري صبح سان هرڪو ڳڻڻ ڦرڻ لاءِ نڪرندو رهي.

هينئر اطلاع مليو اٿم ته ملاقات آئي آهي. تنهنڪري خط موڪلي ٿو ڏيان، ٿي سگهي ٿو ته تنهنجو خط به آيو هجي.
دانيال ۽ سيني کي سلام.
فيضي، غزالہ، افراز ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

٨-٢-٨٠
عزيز طارق
السلام عليڪم. دماغ ابتر ۽ ڏکل ڏکل آهي جو ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي ته توهان کي لکان ڇا. آخري ضمانت

منظور ڪرڻ ملاءِ ڪهڙو فائدو. ايتري تڪليف ڪانپوءِ جيڪا خوشي ملي، اها سڄي خاڪ ۾ ملي ويئي. هر خط لکڻ وقت اهو خيال هوندو هيم ته شايد هي آخري خط هجي. هر ايندڙ مانجهيءَ لاءِ اها آس ته شايد خوشخبري ٻڌائي. فون جي گهنٽيءَ تي ٻڌندو وجهي فون کڻان ته شايد اوهانجي آزاد ٿيڻ جو اطلاع هجي. پر اهڙي ڪابه ڳالهه نه ٿي.

لکڻ جون سڀ صلاحيتون ختم ٿي ويون. ڇڻ ته لکڻ اچي ئي ڪونه ٿو. دماغ مان هر ڳالهه نڪري ويئي. بقول اوهان جي: اڳي منجهيل آهين. پر لڳي ٿو دماغ اوهانجو به جاءِ ڪونهي، ضمانت وارو ليٽر اوهان مون کي موڪلي ڇڏيو ۽ خط پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. ليٽر ڏسي مان پاڻ منجهي پيس ته اوهان ڇو واپس موڪليو آهي.

توهان ته گهڻيون ئي تسليون ڏيو ٿا، پر جيڪا ڳالهه منهنجي وس ۾ هوندي ڪانه، انهيءَ کي مان ڪيئن برداشت ڪندس. اوهان ته ٻڌڻ کان اهڙين ڳالهين جا عادي آهيو. مون لاءِ اها نئين نئين آهي.

۹-۲-۸۴

آهي ته اهم ڪونه، ۽ نه ئي ڪو ضروري پر هڪ رسم ئي سمجهي، اڄ نائين تاريخ آهي، هيءَ بندي اڄوڪي ڏينهن اوهان جي حوالي ٿي هئي. ها، اڄ پنهنجي شاديءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي. شاديءَ جي سالگره مبارڪ. يقين اٿم ته توهان کي ياد نه رهيو آهي. ياد هجي ها ته ضرور لکو ها. ڇو ته اوهان جو لکيل خط، اڄ ئي مير محمد شاهه پهچايو آهي. ٿي سگهي ٿو اوهان جي لاءِ اڄوڪو ڏينهن اهم

نه هجي پر منهنجي لاءِ ته آهي.

اوهان جي چوڻ مطابق مان دل تي قابو رکان، همت کان ڪم وٺان پريشان نه ٿيان. مان چاهيان ٿي ته پريشان ٿيڻ مان ڪجهه به ڪونه ورندو پر هاڻ مان پنهنجي پريشاني جو ذڪر به اوهان سان ڪريان ٿي، ڪنهن ٻئي سان نه. ڪوشش ڪندس ته اوهان وانگر مان به سڪون سان رهي سگهان.

۱۰-۲-۸۴

اڄ ادا اختر ٻچاڻي فون ڪئي هئي. ٻڌائين ٿي ته پريس تي ڌاڙي ڏيڻ ويو هوس، پر پريس بند هئي. چيائين ته: منهنجي زال بيمار آهي، ۵-۶ ڏينهن کان اسپتال داخل آهي، تنهنڪري طارق سان به ملي نه پيو سگهان.

توهان کي خيال هو ته ضمانت منظور ٿي آهي، هاڻ آزاد ٿي ويندا، سو اوهان ڪجهه سامان موڪلي ڇڏيو آهي. هاڻ ته اوهان کي تڪليف ٿيندي. تنهنڪري ڪجهه ڪپڙا ۽ ٻيو ضرورت جو سامان وري موڪلي ٿي ڏيان. ادا ولي رام کي فون ڪئي هئم. سندن ماءُ جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿي پئي آهي. ادا مغل کي فون ڪري خبر چار پڇيم ته چيائين: اوهان جي مڙس جو جيل مان نڪرڻ جو پروگرام ڪونه ٿو ڏسجي ڏاڍي سڪون سان ويٺو آهي. هاڻ جيل ۾ رهڻ جو عادي ٿي ويو آهي.

چيومانس: ڀلا سڄو جيل خالي ڪرائي پوءِ جهنڊو کڻي ٻاهر نڪرندو ڇا؟ ادا کلي چيو: لڳي ته ائين ٿو.

ٻه ڇاڻ اوهان ادا کي ڇا چيو آهي. شايد عابد زبيري وارو

مشهور هوندو، تڏهين ادا ڇيو ٻي ته نڪرڻ جو ارادو ڪونه اٿس.

طارق، مونکي ته سڪون ڪنهن به طرح نٿو ملي. اک دل کي تسليون ڏيئي ٿي، پر دل جي عجيب حالت آهي. سا پنهنجي جاءِ تي ساڳي آهي.

رات ٿي چڪي آهي. اوهان ته پڪ ٿي ويا هوندا. پيو اٿي ڪم به ڪجهه آهي.

سڀني جا سلام ڏيندي هاڻ اجازت ٿي وٺان.

اوهانجي

شميم

٢ — ٢ — ٨٤

پياري شميم

اسلام عليڪم. اڄوڪو ڏينهن ڀلارو هو. توهانجا خط به مليا ۽ ٻه ملاقاتون به ٿيون. آڻ جو مقصود ۽ عرفان شاهه آيا، تنهن جي وچ ڪنهن جا دانيال ۽ هاشم شاهه آيا. اڄ مونکي پڪ هئي ته توهان ڪنهن نه ڪنهن کي ضرور موڪليندوءِ ته جيئن حال احوال جو پتو پوي. شاديءَ جي سالگره وارو ڏينهن هميشه ته ياد هوندو اٿم. هر ڀيري دفعي ياد نه رهيم. اهو ڏينهن فقط شاديءَ جي سالگره جو ڏينهن ڪونهي. منهنجو جنم ڏينهن به اهو آهي، پر مونکي پنهنجو جنم ڏينهن به وسري ويو. بهرحال انهيءَ لاءِ معافي.

اڄ هتي مونکان علاوه رگو جاويد بردي ۽ چنڊ ڪي صاحب

آهن. محب شاهه بي ڪلاس ۾ ويو آهي، نقوي زيريءَ وٽ ويل آهي.

سو ڳالهه خط بند ڪري ٿو پيو هوم، جو ڪي ساٿي آيا هئا، محب شاهه ۽ نقويءَ کان علاوه رفيق صفي ۽ احمد علي عباسي به هئا. ٻئي ڳالهين ۾ تان ٿيندا اچي ٻليءَ تي بيٺا. رفيق چوڻ لڳو ته ٻلي جيڪڏهن ڪير ۾ منهن وجهي ٿي ته ڪير خراب ڪونه ٿو ٿئي. انهيءَ ڪير مان چانهن ٺاهي سگهجي ٿي. محب شاهه ٻڌايو ته سکر جيل ۾ هئاسين ته ٻلي اسانجي ٺهرايل مرغي ڪڍي ويئي، ۽ گوڏن واري ناليءَ مان ٿيندي، ٻئي پاسي نڪري ويئي. مون ۽ رفيق ڊوڙي ڊڪي ٻليءَ کان مرغي ڇڏائي ۽ ڌوئاري رڌائيسين. ٻين ته نه کاڌي پر مون ۽ رفيق کاڌي.

اڄڪلهه محب شاهه وٽ پي. پي جا ڪافي ڇوڪرا هروقت ويٺا هوندا آهن. ۽ هو سمجهي ٿو ته مان ليبر تي ويو آهيان. مان ته گهڻو ئي سمجهائيندو آهيان، پر مڙني ڪونه ٿو. تو لکيو آهي ته تون جيل ۾ سکون سان آهين. واقعي، جيل ۾ جيتري سڪون سان رهي سگهجي ٿو، تهڙي سڪون سان مان رهان پيو. توکي منهنجي همٿ افزائي ڪرڻ گهرجي، ۽ تون ته انهيءَ جي ابتڙ پئي ڪرين. جيل ۾ مان اڪيلو نه آهيان. هزارين قيدي آهن. ڪن جا پٽ، ڪن جا پيءُ، ڪن جا ڀائر. ايم. آر. ڊي جي تحريڪ ۾ ڪيترا ڀيرا به جهلجي آيا آهن. هنن جي حوصلي کي شاباس آهي، جو هو ڇهن مهينن کان جيل ۾ ويٺا آهن، پر معافي گهري نڪرڻ تي تيار ڪونهن. توکي، خراب کان خراب حالتن

لاءِ هميشه پاڻکي تيار رکڻ گهرجي.
ڪجهه دير اڳ نقويءَ سان ڳالهين ڪندي سنڌ سان ٿيل زيادتين جو ذڪر نڪتو. شروع ڪان سنڌ سان ڪهڙا ناحق ٿيندا رهيا آهن، تفصيل سان ٻڌايامانس. نقوي حيران ٿيندي چيو: ڪراچيءَ جي مهاجرن کي ته انهيءَ جي ڄاڻ ئي ڪانهي ته سنڌي قوم سان اهڙيون زيادتيون ٿيون آهن. چيومانس: اهو تنهنجو ڏوهه آهي، توهان سياست ۾ آهيو. توکي اِها ڄاڻ هئڻ گهرجي ها ته ملڪ ۾ ڇا پيو وهي واپري.
هيٺئين بانٿ روم ۾ ويو هوس. دريءَ مان ٻاهر ڏٺم ـ ٽرڪ ۽ ڪارون منهنجي شهر جي رستن تي ڊوڙي رهيون هيون. پر انهن رستن تي هلڻ جو حق مونکان کسيو ويو آهي. اِها ڪيڏي نه زيادتي آهي ته پنهنجي شهر جي رستن کي به مان فقط هڪ قيديءَ جي حيثيت سان ڏسي سگهان ٿو. پر اهو به شڪر، نه ته جيل مان ڪٿي ٿي آزاد دنيا ڏسجي.

٦ ـ ٤ ـ ٨٤

ڪلهوڪو سڄو ڏينهن مختلف ساٿين جي ايندي ويندي گذري ويو. عوامي تحريڪ جو هڪ ڪارڪن وفا ٻهراڻي ۽ سندس دوست (نالو ياد نه اٿم) ته آيا هئا. وفا کي ادب سان ڏاڍو چاهه آهي، سو اڪثر ڪتاب وٺي يا ڏيڻ ايندو آهي.
هيٺئين پتو پيو اٿم ته ملاقات آئي آهي، تنهنڪري اجازت.
دانيال کي سلام ڏيئي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

١٦-٢-٨٤

پياري شمس،

اسلام عليڪم،

خميسو ۽ دانيال آيا هئا. ياچيون ۽ گوشت ڏئي ويا. دانيال آمريڪا مان آيل پيءُ جو، ۽ ڪراچيءَ مان آيل نسيم ڪرل جي پٽ جو خط ڏئي ويو. سي ڪلاس جي ملاقاتي ڪمري ۾ ايڏو گوڙ هو جو خميسي ۽ دانيال سان ڳالهائي نه سگهيس. ملاقاتي ڪمري ۾ ٻنهي پاسي سيخون لڳل آهن، ۽ وچ ۾ ٽن ڪن فوٽن جي وڇوٽي ڇڏيل آهي، تنهنڪري ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي. مون سان گڏ عبدالله ملاح هو. جيڪو جيل ۾ ٺاهيل خارجه ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي. مون کين چيو ته: هن وقت سياسي قيدين جو زور آهي. اوهان سپرنٽنڊنٽ تي زور رکي، هڪڙي پاسي جون سيخون هٽرائي ڇڏيو. عبدالله چيو ته: ڪالهوڪي ميٽنگ ۾ مون ته سپرنٽنڊنٽ کي چيو هو، پر عطا الرحمان ۽ يوسف ٽالپر انهيءَ جي مخالفت ڪئي هئي.

مونکي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، مون عطا کي به ساڳي ڳالهه چئي هئي. ۽ هو مون سان متفق به ٿيو هو. پوءِ مخالفت ڇو ڪيائين. جڏهن ته عطا ۽ يوسف ٽالپر ڏاڍا معقول ماڻهو آهن.

مون عبدالله کان موڪلائي موٽيس، ته آفيس وٽ عطا مليو. مان ساڻس اها ڳالهه ڪئي. هو ڏاڍو حيران ٿيو ۽ چيائين: مون يا يوسف صاحب مخالفت ڪا نه ڪئي، خود سپرنٽنڊنٽ ئي اها ڳالهه قبول ڪا نه ڪئي.

مون عطا کي چيو ته: خير اها ڳالهه عبدالله وٽ نه ڪجو، هروڀرو رنجش پيدا ٿيندي.

مان پنهنجي وارڊ موٽي آيس. مونکي آئي اڃا ڪلاڪ مس ٿيو هو ته جيل جو سائرن وڳو ۽ مسلسل وڄڻ لڳو، سڀئي ڏاڍا پريشان ٿيا ته نه ڄاڻ ڇا ٿيو آهي. اڳ ۾ امين ختڪ هيٺ ڀڳو، پوءِ مان، نقوي ۽ چار ٻه خبرچار لهڻ لاءِ هيٺ وياسين. امين موٽي اچي ٻڌايو ته عوامي تحريڪ ۽ پيپلس پارٽي ۽ وارن ۾ جهيڳڙو ٿيو آهي. يڪدم آفيسن، اسٽورن ۽ ٻورچي خاني کي تالا هڻي ڇڏيا اٿن.

مان ۽ نقوي آفيسن تائين وياسين. رستي جا وڻ ٽڻ پٽجي ڏنڊا ٺاهيا ويا هئا. ڪونديون پڳهون پيون هيون. ڪي چوڪرا به ڦٽيا هئا. جهيڙو ختم ٿي چڪو هو، پر ماڻهن جو وڏو ميڙ هو. نقوي ۽ کي ڊپ لڳو ته متان وري جهيڳڙو ٿئي. تنهنڪري چيائين: موٽي هلو. پر مون چيومانس: ترس شايد اختلاف ختم ڪرائڻ ۾ پاڻ ڪجهه مدد ڪري سگهون. پر پوليس وارن اسانکي وچ واري در تان موٽائي ڇڏيو. اسين موٽي پنهنجي وارڊ ۾ آياسين. چار ٻه موٽي آيو. جڏهن ماني کائي ويٺاسين ته پوليس واري اسانجي در کي تالو هڻي ڇڏيو. ۽ چيائين: مونکي حڪم مليو آهي ته بند ڪري ڇڏيو. اسان ته سمجهيوسين ته هاڻي سڀاڻي صبح جو کوليندا، پر شام جو کولي ڇڏيائون. مان ۽ نقوي ٻاهر نڪري چڪر ڏيڻ لڳاسين. رستي ۾ پورل شاهه، مظهر ۽ ٻيا همراهه مليا. عثمان ٻڌايو ته: اهو جهيڳڙو اٿي ۽ تان شروع ٿيو ته عطا، عبدالله کي چيو ته: تو [illegible] صاحب [illegible]

چو ڪٿي. هو منهنجي لاءِ ڇا سوچيندو. تلخ ڪلامي ٿي. عبدالله ملاح روئي ڏنو ته عطا هليو ويو. ٻنهين جي ڏي وٺ ٿيندي ۽ عبدالله ملاح کي روئندو ڏسي، ڪنهن عوامي تحريڪ وارن کي ٻڌايو ته جهيڙو ٿي پيو آهي. آهي ڏنڊا ڪٿي نڪتا. عوامي تحريڪ جي قربان ملاح ۽ بي-ٻي جي روشن شاهه جي ملاقاتي ڪمري ۾ مارڪٽ ٿي. ۽ ڳالهه وڌي وڃي هڪ وڏي جهيڙي تي پهتي. پر هيون پٽي ڏريون ميباسي، ڏنائون ته انهيءَ جهيڙي سان ڪنهن کي نقصان رسندو. سو يوسف ٽالپر ۽ ٻين سائين جي چوڻ تي يڪدم ڏاهه ٿي ويو. مزي جي ڳالهه اها ٿي ته روشن شاهه ۽ قربان ملاح هڪ ٻئي کي ڏک هنيا، ۽ اتفاق سان انهيءَ شام ٻنهين جي ضمانت ٿي وئي، ۽ ٻئي هٿ ۾ هٿ ڏئي ڪلندا ويا.
انهيءَ جهيڙي سان مونکي اهو نقصان ٿيو ته جهڪب آباد سان يوسف پائي ۽ مير صاحب ملاقات تي آيا هئا، پر اوچتو جهيڙي ڪري جيل بند ٿي ويو، ۽ ملاقات ٿي نه سگهي.
انهيءَ ڳالهه جي مونکي شام جو خبر پئي.

۱۷-۲-۸۴

رات جي حاضري پڙڻ آيو آهيان. اڄ سڄو ڏينهن ڪونه ڪو ايندو رهيو، تنهنڪري لکي پڙهي ٿي نه سگهيو. ڪلهه مولا بخش مشوري مليو هو. اڄ ڏينهن جو يار نهين وڃي اچڻ لاءِ چيائين. مون سمجهيو ته ڪچهريءَ لاءِ سڏيو اٿس. نقويءَ سان گڏ ڪورٽ وارڊ ۾ سندس ڪمري تي ويس. آتي ٿيهه ڪن سائي — زبيري، يوسف ٽالپر، عاشق جتوئي، شاهنواز خان، ابوبڪر، انور شاهه، رفيق صفحي ۽ ٻيا دوست

موجود هئا. ڪيڪ، پيسٽريون ۽ ميوي جون پليٽون سڀني جي سامهون رکيل هيون. پڇاڙيءَ ۾ امداد چانڊيو، شيخ اياز جا شعر ۽ هڪ اردو ڪلام ٻڌايو.
وارڊ ۾ موٽي آيس ته هاشم خاصخيلي آيل هو. اهو اهو ماڻهو آهي، جيڪو جيل ۾ پهرين ڏينهن ڏاڍو ڪم آيو هو. مون ڪيس ٻن پهرن جي ماني تائين روڪي ورتو هاس.
ٻن پهرن جو رفيق صفي، شام جو ابوبڪر زرداري آيو. ۽ جنهن وقت ٽي - وي ءَ تي ڇهچڙو ٻي آيو، انهيءَ وقت ته اسان وارو سمورو ڪمرو ماڻهن سان ڀرجي ويو.
پروگرام ڏسي، شفقت شاهه ۽ امين خٽڪ سان مان هيٺ چڪر ڏيڻ ويس، رستي ۾ مولا بخش چانڊيو مليو، جيڪو ڪافي ڏينهن باهر اسپتال ۾ داخل هو، اڄ ٽي وايس موٽيو هو.
جڏهن موٽي وارڊ ۾ آيس ته آئي عطاالرحمان، عالم شاهه، بشير ٻگهيو ۽ ٻيا ڪافي ساٿي ويٺا هئا. عالم شاهه به ٻارنهن ڏينهن ڪانپوءِ باهر جي اسپتال مان موٽيو هو. ٻڌايائين ته ۽ سائين، جهيڙي جي خبر ٻڌي پڪو ۾ موٽيو آهيان ته متان ڳالهه وڌي نه، پر شڪر ته اڪ ۾ ٿي ناهه ٿي چڱو هو.
جيڪو تو ساٿي مليو، اهو ٿي تو پڇي ته: هاڻ ڪڏهن تنهنجي جيل جو ڏيو. مان چيو ٻڌايان، مونکي ته پاڻ خبر ڪانهي.
چڱو، في الحال اجازت. سپاٽي دانيال ۽ خميسو اينداه هيءَ خط ته شايد هو ڪٿي اچن. ٽي سگهي ته تنهنجو خط به اچي.
سڀني کي سلام. فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو

طارق

٨٤--٢-١٤

عزيز طارق

اسلام عليڪم،

شام جا پنج، ۽ اوهانجي حاضري، پر پهرين هڪ ڳالهه، جيڪا لکڻ سدائين وسري وڃي. اگر تہ ڪجهہ وڏا لکندا ڪريو، پڙهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿئي ٿي.

ڪجهہ ڏينهن بيمار رهي آهيان. انهيءَ ڪري خط نہ لکي سگهيس. اڃا بہ طبيعت ٺيڪ ڪانهي. سڀئي پيا چون تہ چهرو پيلو ٿي ويو اٿئي.

چيمبر: ڳاڙهو ٿي ويندو، رڳو طارق کي اچڻ ڏيو.

شيخ علي محمد کي فون ڪيم تہ پتو پيم ـ ڪراچي ويل آهي. ادا مغل سانگهڙ ويل آهي. اوهانجو اڃا ڪجهہ پتو ڪونهي. دماغ صحيح ڪونہ اٿم، ڪجهہ سجهي ئي ڪونہ ٿو. بهرحال، حالتن کي تہ منهن ڏيڻو آهي.

ڪلهہ نقويءَ جي گهر، ڪراچيءَ فون ڪئي هئم. نقويءَ جي زال ٻڌايو تہ سندس پٽيوو جنهن جو ڏيٺي ۾ ائڪسيڊنٽ ٿيو هو. اڃا بيهوش آهي. پر پهرين کان حالت بهتر اٿس.

اختر بچائي ڊائري موڪلي آهي. جيڪڏهن چئو تہ اوهانکي جيل تي موڪلي ڏيان. ادي نذير ناز جي ڏنل ڊائري تہ موڪلي هئم. اختر بچائيءَ کي پٽ ڄائو آهي. مونکي فون تي اطلاع ڏنائين. مون مبارڪ ڏني مانس. ادا يوسف ۽ ادا مير ڪلهہ اوهان سان ملڻ جيل تي آيا هئا. پر جيل ۾ ڪو جهيڙو ٿي پيو، تنهنڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪري موٽي آيا. ادا وارن ڳالهہ ڪئي تہ جيل جي ٻاهرين

حصي ۾ ڏاڍي پوليس هئي. خدا خير ڪري نہ ڄاڻ ڇا ٿيو هو. خدا ڪري اوهين خيرن سان هجو، ادا وارن جي ڳالهہ ٻڌي منهنجو تہ ساهہ سڪي ويو. پر ادا وارن ڳالهہ ڪئي تہ ٻن سياسي پارٽين جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿي پيو هو. ادا وارن کي اوهان سان نہ ملڻ جو ڏاڍو افسوس هو.

ڪلهہ ٽيهرن جو آمريڪا مان عائشہ جي گهر وارن، اعجاز جي فون آئي هئي. هن اوهانجي خبر چار ورتي. ٻڌايائين تہ عائشہ ٻہ ٽي دفعا فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر لائين ئي نہ ملي. مان ٻئي شهر مان ڳالهائي رهيو آهيان. عائشہ ڏاڍي پريشان آهي. مون سڄي خبر چار ڪيس ڏني.

ڪلهہ پاڙي ۾ هڪ سورنهن سالن جي ڇوڪري ويم ۾ گذاري وئي. طارق، نہ ڄاڻ ڇو منهنجي دل ۾ اها ڳالهہ ويهي رهي آهي تہ مان جلدي مري ويندس. پوءِ الله کان دعائون گهرندي آهيان تہ يا الله، جيستائين طارق نہ اچي، تيستائين مونکي نہ مارجانءِ. خدا ڪري تون جلدي آزاد ٿي، اچين. پر هينئر اوهانجي شنوائي آهي. خدا ڪري انهيءَ ڏينهن اوهانجو ڪم ٿي وڃي، جيئن ڏينهن گذرندا ٿا وڃن، تيئن پريشاني وڌندي پئي وڃي. ذري گهٽ اڃا ٽي مهينا ٿيا آهي. خدا ڪندو پر هينئر اوهانجو ڪم ٿي ويندو، ۽ اوهين آزاد ٿي ويندا.

آپا، افراز ۽ فيفيءَ جو عقيقو ڪرڻ گهري ٿي. اوهانجي انتظار ۾ آهي، اچو تہ ڪري. اتفاق جي ڳالهہ آهي تہ رات سڄي خواب ۾ ڏٺو آهي تہ اوهين گهر آيا آهيو. مان تہ هر رات ٿي اوهانکي ڏسان. روبرو خدا ڪڏهن ٿو ڏيکاري، انهيءَ

جي چاڻ خدا ڪي.
هاڻ اجازت ئي و ٺان.
سڀني جا سلام قبول ڪجو.

اوهانجي
شمس

۸۴-۲-۱۸
پياري شمس
اسلام عليڪم،
دانيال ۽ خميسو آيا هئا. ضرورت جون شيون ۽ تنهنجو خط ڏئي ويا آهن. دانيال ٻڌايو ته چاچا مغل سان ملڻ ويو هوس. چيائين ته: مان هينئر سندس ڪم سان وڃان پيو، پوء اتان سانگهڙ هليو ويندس. خدا ڪندو تنهنجو پيءُ جلد گهر اچي ويندو.
عاشق جتوئيء جو چاچو گذاري ويو آهي. سو ٻنپهرن جو مان ۽ محب شاهه هن وٽ عذرخواهيءَ لاء وياسين. سندن مانيءَ جو وقت هو، مان ته ماني کائي آيو هوس. يوسف زوري قراء مڇي کارائي.
اڄ ان اٺي فدا ڏيري وٽ وياسين، ساڻس گڏ ظهور عالم رند به رهندو آهي. ڪجهه دير آتي ويٺاسين، فدا ڏاڍي سٺي ڪافي پيئاري. انهن کان موڪلائي ٻاهر نڪتاسين ته بابو غلام حسين بيٺو هو. هو زوري پاڻ وٽ وٺي هليو. الهه جڙيو پتافي ۽ سليم گاڪڙ به آتي ويٺل هئا. ٿوري دير آتي ويهي، پوء پرسان ئي پي ڪوليءَ ۾ احمد علي عباسي ۽ هادي بخش سهتي سان ملڻ وياسين. عابد زبيري به آتي اچي ويو. مونکان

پڇيائين: ڇا آزاد نه ٿيا هيو؟ چيم: پنجاهه هزار ڪٿان اچن؟ چيائين: هيٺين ٿا ڪريون، هٿي ڪن دوستن کان مدد وٺون ٿا. جيترا پڪڙ، مان ڏيندس. ۽ پوءِ زبيري مونکي پاڻ سان وٺي پنهنجي ڪوليءَ ۾ آيو.

زبيري صاحب جيل جي ڪمپلن مان قائمين جو ڪم ورتو هو. سندس ڪمپليٽ ۾ ڏبا ميٺا ٽانو، ڪيترن قسمن جون چانهيون ۽ کير جا ڏبا پيل هئا. مونکي چانهن لاءِ صلاح ڪيائين، پر مون انڪار ڪيو جو ڪجهه دير اڳ فدا ڏيري وٽ ڪافي پيتي هئم. زبيري پڻ راهه فروٽ منهنجي سامهون رکيو. پڇيومانس: زبيري صاحب، ڀٽي جي خلاف پي- اين- اي ايڏي زور شور سان تحريڪ هلائي. پر جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ اڳتي نه وڌيا؟

زبيري صاحب ڪجهه گهڙيون سوچيو، پوءِ چيائين: انهيءَ جا ڪيترائي ڪارڻ آهن. پي- اين- اي جيڪا تحريڪ هلائي، اها هڪ سول حڪومت جي خلاف هئي، ۽ جمهوريت جي بحاليءَ خلاف جيڪا تحريڪ هئي، سا مارشل لا حڪومت جي خلاف هئي. مارشل لا حڪومت جي ڀيٽ ۾، سيون حڪومت جي خلاف تحريڪ هلائڻ سولي آهي. ٻيو سبب اهو به هو ته مارشل لا حڪومت جي اچڻ تي جماعت اسلامي ۽ پير پڳاري جي مسلم ليگ مارشل لا حڪومت جو ساٿ ڏنو هو، بلڪ اڄ تائين به هو انهن سان ٺڪي گڏ آهن. تنهنڪري عوام، جنهن پي- اين- اي جي هلائيل تحريڪ ۾ وڏيون قربانيون ڏنيون هيون، اهو بددل ٿي پيو، ۽ پوري طرح ساٿ ڏيڻ تي آماده نه ٿيو. ۽ نه ٿي اسانجي پارٽيءَ ڪانسواءِ، پي-

اين۔ اي جي ڪنهن بہ پارٽي ايتري سگهہ نہ ٿي ساري جو وري عوام جي اکين اچي.

پي۔ اين۔ اي سان، مارشل لا کانپوءِ ڪيترين ئي پارٽيون الڳ ٿي ويون، انهن ۾ استقلال پڻ ٿي وئي. پي۔ اين۔ اي جي تحريڪ دوران، لاهور جي واپارين تمام گهڻو چندو ڏنو هو، جيڪو تحريڪ استقلال پاڻ رکي ڇڏيو، ۽ اصغرخان چيو تہ اهو چندو، پي۔ اين، اي کي نہ، بلڪ فقط تحريڪ استقلال کي مليو آهي.

اسانجي پارٽي تہ پي۔ اين۔ اي کان انهيءَ وقت ڌار ٿي وئي هئي، جنهن وقت اسان محسوس ڪيو تہ ڪجهہ پارٽيون، عوام سان دغا ڪرڻ واريون آهن.

ايم۔ آر۔ ڊي جو ذڪر ڪندي زبيري چيو: جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ خواجہ خيرالدين منهنجي خيال ۾ مناسب ماڻهو نہ هو. خواجہ خيرالدين جي پارٽي، بس سندس ذات تائين ئي محدود آهي، اسان اهو ئي سمجهي رهيا هئاسين تہ ملڪ قاسم کي اهو عهدو ڏنو ويندو، ڇو تہ هو هنجي مسلم ليگ جي طاقت بہ وڌيڪ آهي، ۽ هنجو تعلق پنجاب سان آهي. ٻي ڳالهہ تہ هو هوشيار سياستدان آهي. پر خواجہ خيرالدين بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ جي اکيان پويان پيو ڦرندو هو. تنهنڪري بيگم صاحبہ اهو عهدو کيس ڏياريو. اسان بيگم صاحبہ جي مخالفت نٿي ڪري سگهياسين، ڇاڪاڻ تہ ايم۔ آر۔ ڊي ۾ پيپلس پارٽي سڀني کان وڏي جماعت آهي، پوءِ بہ اسان دبيل لفظن ۾ انهيءَ ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو. پر معراج محمد بہ خواجہ صاحب جو پاسو ڪنيو.

زبيري ڪجهہ دير ماٺ رهي وري چيو: جيڪڏهن ملڪ قاسم کي ايم- آر- ڊي جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪجي ها تہ شايد پنجاب ۾ تحريڪ ڪجهہ وڌيڪ زور وٺي ها.

ڪجهہ دير ويهي، مون زبيري صاحب کان موڪلايو. زبيري صاحب اين- ڊي- پي متعلق بہ گهٽيون ڳالهيون ٻڌايون، پر مان انهيءَ تفصيل ۾ نٿو وڃان، ڇاڪاڻ تہ پاڻ انهيءَ موضوع تي ڪتاب لکيو اٿس. البت ايترو لکندس تہ زبيري صاحب اين- ڊي- پي جو سخت خلاف پيو ڏسڻ ۾ آيو.

پنهنجي وارڊ ۾ موٽي آيس تہ آتي عطاالرحمان ۽ انور شاهہ ويٺل هئا. ڪجهہ دير هنن سان ڪچهري ڪري هيٺ اسپتال ۾ شفقت شاهہ وٽ ويس. شفقت شاهہ بيمار ڪونهي، پر جيل ۾ ٻين هنڌن کان اسپتال وري بہ چڱي جاءِ آهي، تنهنڪري اُتي رهيو پيو آهي. نقوي زبيريءَ وٽ ويهي رهيو هو، تنهنڪري مان ۽ شفقت شاهہ شام جو چڪر ڏيڻ نڪتاسين. مشتاق منگريي ۽ خالد پيرزادي ڪيترا دفعا پاڻ وٽ اچڻ لاءِ چيو هو، سو سانجهيءَ جي وقت، ڪاري چڪر، سندن ڪولين واري حصي ۾ وياسين. انهيءَ پاسي جا سڀئي قيدي بند ٿي چڪا هئا، پر مشتاق وارا ڪو نہ هئا، اهي ٽيئي (ٽيون شفيع چندريگر)، آفيسن ۾ منشي آهن، سو ڪم جي ڪري اڪثر دير تائين کليل رهندا آهن. سندن بند ڪوليءَ ۾، سيخن مان مون اخبار جهان جو پرچو اندر آڇيو، ۽ موٽي آياسون.

هن وقت ٿي- ويءَ تي آپکي خدمت ۾ عابدہ پروين ڳائي رهي آهي. تنهنڪري وڌيڪ احوال سڀاڻي.

٩ -٢- ٨٤

اڄ شنوائي آهي. تنهنڪري جلدي آئي، نيرن ڪري، ڪپڙا مٽائي، تيار ٿي ويٺو آهيان ته سڏ ٿئي ته وڃان. هر شنوائيءَ تي نڪتو آهيان، پر پوءِ به دل ۾ اهو ڪتڪو ته ته. چاڻ هن دفعي ڪيڏندا يا نه.
ماڻهو ٻڌائڻ آيو آهي ته پوليس آئي آهي، هلو. تنهنڪري خدا حافظ.

ادي، مغل، پاپي، آپا، ادا نثار، تسليم، ظهور، ظهير، مقصود، آفتاب ۽ دانيال کي سلام ڏجان.
فيفي ۽ اورنگزيب کي پيار.

تنهنجو
طارق

مان جڏهن ڪورٽ پهتس ته مقصود ۽ ظهير اڳ ۾ ئي موجود هئا. ٿوري دير ڪانپوءِ ظفر شاهه، دانيال، عرفان شاهه، ولي رام ولڀ، ادا نثار، خميسو خان، اورنگزيب، ناز سهتو، هدايت منگي ۽ ماهتاب شاهه به پهچي ويا. خميسي ٻڌايو ته: صاحب (مغل) چئي ويو آهي ته ڪم سڄو ٿي ويو آهي، مان اڄ سانگهڙ مان اچي ڪم ڪرائي ڏيندس.
مغل جو ڪافي دير انتظار ڪيوسين پر مغل نه پهتو ته مون ظفرشاهه کي چيو ته: مغل سڄو ڪم ڪرائي ڇڏيو آهي. اوهين S. M. L. A جي آفيس مان وڃي پتو ڪيرايو ته ڇا ٿيو. ظفر شاهه مقصود کي وٺي ايس-ايم-ايل-اي جي آفيس ويو. مونکي آئٿڻ ۾ ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي. ڪافي دير ڪانپوءِ ظفر شاهه وارا موٽيا ۽ خوشخبري ٻڌايائون ته مروج طريقي واري ضمانت قبول ڪري ورتي اٿن. ١٨ نمبر ڪورٽ لاءِ ليٽر وٺي آيا آهيون، هاڻ هتان ڪم ٿي وڃي ته اوهان آزاد آهيو.
ٻه لڳي چڪا هئا، تنهنڪري مان سيني ڏان موڪلائي جيل تي موٽي آيس، جيل تي پهچي مون ڪنهن کي ڪجهه به نه ٻڌايو. ڇاڪاڻ ته پهرين جا تجربا هئا. ڪٿڪو هو ته متان اڄ به ڪم نه ٿئي.
مان محب شاهه، تقويءَ سان ملي، ماني کائي ان آئٿڻ ۾ ليٽي پيس ته ڏسجي ڇا ٿو ٿئي. ساڍي ٽين وڳي ڊاري به ٽي ساٿي ڊوڙندا آيا، ۽ اچي ٻڌايون ته اوهان جي ملاقات آئي آهي اوهان جي ضمانت ٿي وئي آهي. سيني مون کي مبارڪ ڏني، محب شاهه منهنجو سامان ٻڌڻ لڳو. تقويءَ چيو: اب

چلو. ڇيومانس: ترس، اڳئين ۾ چڱيءَ طرح بچا ڪري اچان.
ملتان پوءِ ڦڪائي ٿئي. مان ملاقاتي ڪمري ڏانهن ويس.
رستي ۾ ڪيترن ئي سائين مبارڪ ڏني. ابو بڪر زرداري،
عالم شاهه ۽ مولا بخش چانڊيي کي خبر پئي ته اهي به پهچي
ويا. مان ملاقاتي ڪمري ۾ ويس ته مقصود، عرفان شاهه،
اورنگزيب ۽ خميسو ويٺا هئا. مونکي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽
مبارڪ ڏنائون.

مقصود ٻڌايو ته اسين ٻاهر گاڏيءَ وٽ ويٺا هئاسين ته
سپرنٽنڊنٽ آتان اچي لنگهيو، اسان کان پڇيائين: اتي ڇو
ويٺا آهيو. ٻڌايوسين ته طارق اشرف لاءِ ويٺا آهيون. پڇيائين:
ڇا ٿيو آهي طارق کي. ٻڌايوسين ته: طارق جي ضمانت ٿي وئي
آهي. چيائين: خدا جي واسطي هن کي جلدي وٺي وڃو ۽
هن نه چاڻ اسان جو ڪهڙو خانو خراب ڪيو هوندو.
مون مقصود وارن کي چيو: چڱو، اوهان هاڻ ڪجهه انتظار
ڪيو، مان سائين کان موڪلائي اچان ٿو.
محب شاهه، نقوي، شفقت شاهه منهنجو سامان کڻائي ماڙيءَ
وٽ پهچي ويا هئا، مان احمد علي عباسيءَ سان گڏ اسپتال
آيس، آتي نادر خواجي، ڊاڪٽر فضل، رشيدالدين طارق، بابا
ٻٽيهه خور ۽ ٻين سائين کان موڪلائي اچي چڪر ۾ ويس.
مان تڪڙو تڪڙو ٻي هليس، احمد علي عباسي ڪر و مڙس،
سو سهڪندو ڊڙي ڳهٽ ڊڙندو ٻي هليو.
جڏهن به ضمانت منظور ٿيندي آهي يا قيديءَ جي سزا پوري
ٿيندي آهي ته ڪاغذ پٽ ڏاهي ۾ جيل وارا ڪافي دير
ڪندا آهن، پر مون کان جيل وارا اهڙا ڪي بيزار ويٺا هئا،

جو يڪدم ڪاغذ تيار ڪري ورتائون ۽ ابوبڪر چيو: سائين هاڻ وڃو. پر مون چيو: ترس، مان سڀني دوستن کان موڪلائي پوءِ ويندس. ڀيرين مان انهيءَ ٻئرڪ ۾ ويس. جتي هڪ رات رهيو هوس. اتي عطاالرحمان ۽ ڪاڪو سيف ويٺا هئا، منهنجي آزادي جو ٻڌي مبارڪ ڏنائون، مان کائن موڪلائڻ لڳس ته چيائون: نه سائين، اٿين نه. ماڙيءَ تائين هلبو. پوءِ پرسان واري ٻئرڪ ۾ ويس. اتي غلام رسول زنگيجو ۽ عبدالشڪور سان مليس. پر اهي به ساڻ آيا. پير معظم وارن سان ملڻ ويس، پر اهي پنهنجي ٻئرڪ ۾ ڪونه هئا، ڪو جلسو پيو هلبو، تنهنڪري تمام گهڻا سائي اتي هئا، مون کي افسوس پي ٿيو ته مان پير معظم ۽ الاهي بخش قائم خانيءَ سان ملي نه سگهيس. البت عبدالله ملاح کي جلسي مان سڏائي ورتو هوم. عبدالله چيو ته: ٻين دوستن کي ٻڌايان ٿو. پر مون کيس چيو ته: هر ويرو جلسو خراب ٿيندو، منهنجا سلام سڀني کي ڏئي ڇڏجو. جڏهن مان ”بي“ ڪلاس ۾ يوسف وارن سان ملڻ ويس، تيستائين تمام گهڻا دوست ڪٺا ٿي ويا هئا. جاڪاڻ ته جنهن سان ملڻ ٿي ويس، اهو مون سان گڏ هليو ٿي آيو. يوسف ٽالپر ۽ عاشق جتوئي سان مليس ته اهي به گڏ آيا. ڪورٽ وارڊ ۾ ويس ته چلگري ۽ ٻيا دوست گڏ آيا، ڊرگ زيمري صاحب سان ملڻ ويس نه هو به ساڻ ٿي ويو. بابو غلام حسين، نور محمد ٿيٻو، عبدالهادي سهتو، الهجڙيو پٺاڻي، ٻيا ڪيترائي سائي گڏيا آيا. پڇاڙيءَ ۾ مان شاهنواز خان سان ملڻ ويس. ڏاڍي قرب سان مليو ۽ مبارڪ ڏنائين شاهنواز خان ۽ مولانا جاويد وارڊ جي در

Soorih Mirani

تائين ڇڏڻ آيا. پر رفيق صفي، ۽ انور شاهه جلسي ۾ ويل هئا، تنهنڪري هنن سان ملاقات نه ٿي سگهي.

ماڙيءَ جي در تي چڱو خاصو مجمعو گڏجي چڪو هو. سچ پچ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ته دوستن مونکي ايڏي عزت ڏني ۽ ايڏي وڏي تعداد ۾ مون کي ڇڏڻ آيا هئا. ساڳي وقت دوستن کان موڪلائيندي ڏک به ٿيو پئي، خاص ڪري محب شاهه سان، جنهن جيل ۾ منهنجو بيحد خيال رکيو هو ۽ ڪيس ٢٥ سالن جي سزا لڳل هئي. سائس ملڻ وقت ڏاڍي مشڪل سان ڳوڙهن کي نڪرڻ کان روڪيم.

مون هڪ هڪ دوست کان موڪلايو ۽ ماڙيءَ ۾ گهڙيس. عطاالرحمان ميمڻ، ابوبڪر زرداري، عالم شاهه ۽ مولابخش چانڊيو ماڙيءَ جي اندر تائين مونکي ڇڏڻ آيا.

ماڙيءَ جي در جي هڪ سوراخ مان اورنگزيب جهاتي پائي رهيو هو، مون کي ڏسي رڙ ڪري چيائين: چاچا، ٻاهر نڪرو ته نعرو هڻجو، مر ويسون پر سنڌ نه ڏيسون. مولا بخش چانڊيي کلي چيو: اڙي پٽ، اهڙا نعرا هڻائي وري ٿا چاچي کي اندر اماڻيو ڇا. ڪجهه وقت ساهي ته کڻڻ ڏيوس.

ماڙيءَ جي جمعدار منهنجو نالو لکيو، منهنجا جمع ٿيل پئسا مون کي ڏنائين ۽ مان عطا، ابوبڪر، مولابخش ۽ عالم شاهه کان موڪلائي ڪڙڪيءَ مان ٻاهر نڪتس.

اورنگزيب ٻوڙندو اچي ڀاڪر پائي مليو. عرفان شاهه، مقصود ۽ خميسي مونکي آزاديءَ جي مبارڪ ڏني ۽ ڀاڪر پائي مليا.

مان گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺس ۽ جڏهن گاڏي جيل جي مين گيٽ

مان ٻاهر نڪتي تہ ذهن احساس ٿيو تہ مان آزاد دنيا ۾ پهچي ويو آهيان. پر يڪدم قاضي رشيد جا لفظ ياد آيا:
”اوهان جي هٿ ۾ هڪ ايڪ آير ي رهي آهي، هڪ دفعي اوهين جيل و ر ي ايندا ۽ هن د فعي شايد ۱۵ مهينن جو عرصو اوهان کي جيل ۾ رهڻو پوندو.“

ناري پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

قيمت

١ - هيل نه ڪو سنگ ڪاڏهن (پهريون ڪتاب) ٥/-

٢ - ڪل - جا ڪستوري (ٻيو ڪتاب) ختم ٿيل ٥/-

٣ - منهنجيون اکيون آليون (ٽيون ڪتاب) ٥/-

٤ - ڏاهيون ڏک ڏکن (چوٿون ڪتاب) ٥/-

٥ - مان اڪ جو پن (پنجون ڪتاب) ٦/-

٦ - آچايل ناري (ڇهون ڪتاب) ٦/-

٧ - هڪ ڇوڪري هڪ عجيب ملڪ ۾ (ٻارن لاءِ) ٢/-

٨ - سوني زنجير - ترجمو: حميد سنڌي (ٻارن لاءِ) ٣/-

٩ - راڻا جي رجپوت (ڪهاڻيون) حميد سنڌي ١٢/-

١٠ - هيلو ڪو وري آ (ڪهاڻيون) نذير ناز ١٥/-

گهرائڻ لاءِ لکو:

پوسٽ باڪس نمبر ١٥

حيدرآباد سنڌ

پيار ۽ سپنا ۽ درد جي خوشبو

ڪانپوءِ

ناري پبليڪيشنس طرفان شايع ٿيندڙ

قاضي خادم جو نئون ناول

ڪپر ڏو ڪوڪاري

سنڌ جي ڳوٺاڻي ماحول جي من موهيندڙ ڪهاڻي جنهن ۾ سنڌوءَ جي رنگ به آهي ته سنڌ جي نهڙن ۽ نمائن واسين جي پيار ۽ پيڙا جو داستان به آهي.

– هڪ دور جي ڪهاڻي جيڪا صدين کان جاري آهي ۽ شايد ان جو انت ڪڏهن به نه اچي.

”ناري“ پبليڪيشنس جو جلد ايندڙ

ڪتاب هڪ خوبصورت ناوليٽ

هوا جو وجود

هئَن رهن ڪي ڏئو ڪونهي

هوءَ هن ڪي ڏسندي رهي

ڪيڏي نه سوٽ جهڙي

وڇوڙي هئي.

ليکڪ شرجيل

ناري پبليڪيشنس پوسٽ باڪس ١٥

حيدرآباد سنڌ

مشهور ليکڪا
نذير ناز جا
ٽي ڪتاب

هيلو ڪووري آ

ڪهاڻين جو مجموعو
آهي ڪهاڻيون، جنکي هر ڪنهن پسند ڪيو
سهڻو ٽائيٽل؛ ڊيمي سائيز صفحا   قيمت: ١٦-٠٠

جهرڻا

ڪالمن جو مجموعو
آهي ڪالم جيڪي اسانجي معاشري جي اهم مسئلن
تي لکيا ويا آهن.
سهڻو ٽائيٽل، صفحا الڪل ١٥٠ (ڇاپي هيٺ)
انسان جي جذبات ۽ احساسات سان ڀرپور
فکر جي عميق گهراين جي حامل شاعري
پريم ۽ آچ سوز ۽ گداز
هڪ سڪ هڪ ڇڪ
دل جي آهُن ۽ دانهن جي مؤثر پڪار

ڳوليان ڳوليان م لهان

(شعرن جو ڀريون مجموعو)
(ڇاپي هيٺ)

"ناري" پبليڪيشنس پوسٽ باڪس ١٥
حيدرآباد سنڌ.

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488